جنگنامہ



لوڪ ادب سلسلي جو اٺون ڪتاب

جنگنامـا

مرتب:
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
۱۹۸۴ع/۱۴۰۴هـ

سڀئي ڪتاب ڌهر لاڙڪاڻو

پهريون چاپو سال ۱۹۸۴ع تعداد ۲۰۰۰ ڪ

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت:

[اوچو ڪاغذ - ست روپيا ۽ سادو ڪاغذ - پنجاهه روپيا]

هيءُ ڪتاب ميان الله بچايي يوسف زئي، مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ لاءِ چاپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي شايع ڪيو.

عنوانن جي فهرست

مهاڳ 10-7

مقدمو 76-11

باب پهريون: آڳاٽو دؤر ۱-۱۶

سنڌ جو تاريخي شعر

لس بيلي جو تاريخي احوال

باب ٻيو: سومرن ۽ سمن جو دؤر ۱۷-۲۴

جام هالي ۽ همير سومري جي جنگ

باب ٽيون: ارغونن-ترخانن جو دؤر ۲۵-۲۸

مريد خان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي ماريڻ ۲۵

باب چوٿون: مغلن جو دؤر ۲۹-۴۶

انڙ ۽ور واري جنگ ۲۹

مغان ۽ چنن جي جنگ ۳۳ الف

لنبي ٻاڏي واري جنگ ۳۳ ب

ٽٻوٽ واري جنگ ۳۵

ٻڏي-ٻاٽي گهٽ واري جنگ ۳۶

لاشارين جي ڏڙجن سان جنگ ۳۸

برفتن جو گاڏيچن ۽ چڙن کان ويرو ڻڻ ۴۱

جهوڪ واري جنگ ۽ شاهه عنايت الله صوفي جي شهادت ۴۲

باب پنجون: کلهوڙن جو دؤر ۴۷-۱۵۶

ميان نور محمد کلهوڙي ۽ ميرعبدالله خان جي جنگ ۴۷

جنگو خان جمالي ۽ بلي بداڻي جي جنگ ۶۶

ميان نور محمد جو کوسن کي هڪالي ڪيڻ ۷۵

گنڊ ۽ منداڻي ۽ نومڑين جا مقابلا ۷۷

جنگي خان ۽ جمالين جي جنگ ۸۲

آڇڻي واري جنگ ۸۳

ڪرين واري جنگ ۸۷

ٽڏي واري ۽ جنگ ۸۸

مڪلي جي ٻارين جنگ ۸۹

سيري يا اوڏنگر واري جنگ ۹۱

جوڪين ۽ لاشارين جي جنگ ۱۰۴

پنيوروٽ مقابلو ۽ مڑسن جون ماهيون ۱۰۶

ڪلهوڙن جي لشڪر جي ڪرمتين تي چڙهائي ۱۰۴

الله ڏني واري جنگ يا جهل واري جنگ ۱۱۹

ٽاڙا ٽر جي جنگ ۱۲۱

بجار جوڪيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ ۱۲۸

ڀيڻجي جي ميان غلام شاهه سان جنگ ۱۳۹

ڪڪراڻي جي ڪيهرن سان جنگيون ۱۴۱

ميين عبدالرحيم گرهوڙي جي سامي سان جنگ ۱۴۵

باب ڇهون: سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علاقن ۾ جنگيون ۱۵۷-۲۱۵

رندن جو مگسين تي حملو: وڏيري عمر ۽ قنبر خان ٻنهور جو واهر ٽين ۽ مارجن ۱۵۷

رندن ۽ مگسين جو ٻيگاهه (جنگ) ۱۶۰

مگسين، جمالين ۽ چانڊين جي جنگ ۲۰۳

چانڊين ۽ مگسين جي جنگ ۲۰۶

جتوين ۽ مرين جي جنگ ۲۰۹

پٺان ۽ پرڙن جي جنگ ۲۱۲

باب ستون : ٽالپورن جي دؤر ۾ سنڌ جي لشکر
جون ٻاهرين حملي ڪندڙن سان جنگيون ۲۱۶-۲۳۶
مير فتح علي خان جي تيمور شاهه جي ڪابلي
لشکر تي چڙهائي ۲۱۶
اٺين واريون جنگيون ۲۱۸
ڪرڙي واري جنگ ۲۳۶
باب اڻون : ٽالپورن جي دؤر جون جنگيون ۲۳۷-۳۵۱
گهگهي واري جنگ ۲۳۷
قدمن واري جنگ ۲۴۱
راهيجي واري جنگ ۲۴۴
ڪلي واري ٻي جنگ ۲۵۹
چورڙي واري جنگ ۲۷۷
مينهين ٻنهور جو مقابلو ۲۷۸
وسائي مهر جو مقابلو ۲۸۱
لنجن جي ڪريڙ جي ٽڪرن تي چڙهائي ۲۸۲
جتن ۽ چانگن جي چاڻي واري جنگ ۲۸۵
ٻتاري واري جنگ ۳۰۹
مير ٽاري خان جي جنگ ۳۱۵
نوحاڻين جو جهان خان ٻرڙي تي حملو ۳۳۱
لغارين ۽ رندن جي جنگ ۳۴۳
احمد پور لما واري جنگ ۳۵۰
باب ڏاڻون : سنڌ جي سورهين جون
انگريزن سان جنگيون ۳۵۲-۴۳۷
انگريزن طرفان ملڪ فتح ڪرڻ جي سازش ۽
قندار جي افغانن، بلوچستان جي خانن ۽ سنڌ جي
ميرن جون انگريزن سان لڙايون ۳۵۲

سنڌ جي لشڪر جي انگريزن جي ڪامپ ۾ ڪاهه ۳۶۵
ميائي جي جنگ ۳۶۹
مير شير محمد خان (شير سنڌ) جون انگريزن سان جنگيون ۳۹۰
راڻپور جي سوڍن جون انگريز تروٽ سان جنگيون ۴۰۱
شادي خان ڪوسي جون انگريزن سان جنگيون ۴۰۸
حرن جون انگريزن خلاف بغاوتون ۽ جنگيون ۴۱۲

باب ڏهون : انگريزن جي دؤر جا جهبڙا ۽ مقابلا ۴۳۸-۴۶۱

اومڙين ۽ جوڪين جي جنگ ۴۳۸
گبولن ۽ پٺرن جو مقابلو ۴۴۱
گبولن ۽ ڪڙن جو مقابلو ۴۴۴
سڪ نٽن وٽ لٽين واري لڙائي ۴۴۶
رندن ۽ هديه قبيلي وارن جي لٽين سان لڙائي ۴۵۲
علي بخش نظاماڻي جا مير علي مراد جي پهلوانن سان مقابلا ۴۵۴

ضميمو

اوڏاپٺر جي جنگ ۴۶۲
جنگو خان جمالي ۽ بٽلي ٻڌاڻي جي جنگ ۴۶۶

ماڻهن ، قومن ۽ قبيلن جي نالن جي فهرست ۴۷۲
ماڳن جي نالن جي فهرست ۵۰۹

مهاڳ

سنڌ جي "لوڪ ادب" کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ۱۹۵۵ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي سامهون رکي ويئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب، پهراڙي مان مواد ڳڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان ڳڏ "لوڪ ادب" جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ مقامي طور ڳڏ ڪيل ٽوڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڪالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري، سڃاڻ سگهڻ سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلو کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي تلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد ڳڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڳي بابت، نمولي طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ۱۹۵۹ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻہ ڪالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي پولي جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين پهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي "لوڪ ادب" جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهي ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مذاحون، مولود، ڏيهه، اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين پهراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهي ڪري انهن کي پڻ "لوڪ ادب" جي ذاڻي ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ ڪڏ ڪيل "لوڪ ادب" کي بعينه "فوڪ لور" (*Folklore*) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها عام ملڪي تمدن جو يا "معياري ادب" جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگي جو مرڪزي دائرو اڄا تائين ڳوٺ آهي، ۽ سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جيڪو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي پولي جي "لوڪ ادب" ۽ "معياري ادب" جي وچ ۾ جهڙ فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

پيو ته هن تجويز ذريعي "لوڪ ادب" جو سمورو مواد ڪڏ ئي نٿي سگهيو آهي؛ ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي ڪشالي ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو ڪڏ ڪڙڻ جڻ اڃاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ مائڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ٿوري وقت اندر ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه ڪڏ ئي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئنده ڪوششن لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

"لوڪ ادب" تجويز جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن کي جس جڳائي،

جن هن تجويز کي سنہ ۱۹۵۶ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد مواد گولي هٿ ڪرڻ، سهيڙيل مواد کي صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن ۾ ويلي ٿي ويٺا. هن تجويز کي ڪاميابيءَ بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڑن، ۽ خاص طور الهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڑن کي گولي هٿ ڪرڻ ۽ ساٿن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

هيءُ ڪتاب "لوڪ ادب" سلسلي جو اڻون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو مواد راقم سنڌ بابت تاريخي تحقيق جي ذوق سان ۱۹۵۰ع کان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن کي پوءِ لوڪ ادب تجويز هيٺ مرتب ڪري ڪتابي صورت ڏني وئي، ۽ ان بعد وڌيڪ مواد جو اضافو ڪري، پريس ڪاپي تيار ڪئي وئي آهي.

هيءُ ڪتاب هن کان گهڻو اڳ تيار ٿي ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب جي تجويز جي تڪميل ۾ وقت بوقت کي نه کي رندڪون ٿيون ٿيون آهن، جن جو ذڪر هتن کان اڳ ڇپيل مهاڳن ۾ اڇي چڪو آهي. هن ڪتاب اڳيون ڪتاب "رسمون رواج ۽ سوڻ سات" پنج سال اڳ سنہ ۱۹۷۸ع ۾ ڇپيو، ۽ اهڙيءَطرح باقي رهيل پنجن ڪتابن مان به جيڪڏهن هر هڪ ڪتاب ايترو وقفو بعد ڇپيو ته راقم جي حياتي ۾ اهو ڪم پورو ٿيڻ نه سگهندو. جڏهن محترم غلام رباني آگري ٻهر بورڊ جي سيڪريٽري جو عهدو سنياليو تڏهن ڪيس يادگيري ڏياريم ته بنده باوجود تڪليف جي، لوڪ ادب تجويز جي تڪميل جو گهرو بار پنهنجي ڏمي ڪيو هو، انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي، جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي، ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي مڪمل ڪجي. اهو ڪم رات

ڏينهن محنت سان پورو ڪيو ويو، پر جيڪڏهن ڇپائي ۾ دير ٿي ته حياتي پوري ٿي وينديءَ ڪري رهجي ويندو.

هن وقت تائين لسوڪ ادب تجويز هيٺ رٽيل ڪتابن سان جملي ڇٽيهه جلد ڇپجي چڪا آهن ۽ هي ستٽيهون جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته باقي رهيل ڪتابن جي ڇپائي مڪمل ڪرائي ڪري از ڪري چاليهن جلدن جي هن تحقيقي ڪارنامي کي توڙ تائين پهچايو ويندو.

هن ڪتاب جي مواد کي سهيڙڻ ۾ ڪيترن ئي دوستن پنهنجي هڏ وڏان مدد ڪئي ۽ ڪيترن ئي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي سيني ۾ سانڍيل روايتن جو ذخيرو مهيا ڪيو. انهن سان گهٽا هن وقت تائين ڏيءَ کي پيارا ٿي چڪا آهن. سندن نالا هر واقعي جي بيان هيٺ آندا ويا آهن. ته جئن سندن مدد جو حق ادا ٿي سگهي. ان سلسلي ۾ گهڻي ۾ گهڻيون خبرون ساڪري جي سڄاڻ سگهڙ حاجي محمد سوڍي بگهياڙ کان ملیون، جنهن سان اسان جون گذريل پنجٽيهن سالن کان ويٺي قرب پريون ڪچهريون پئي ٿيون آهن.

مرڪزي آفيس جي پين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد اسماعيل شيخ ۽ محترم ممتاز سرزا هن ڪتاب جي مواد کي آتاري يڪجا ڪرڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. محترم محمد اسماعيل شيخ پروفن جي نگراني ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ جريس جي مئنيجر محترم الله ڇائي يوسف زئي هن ڪتاب جي ڇپائي جي پوري نگراني ڪئي. ڪتاب جي رٽا ۽ آخري سٽاءَ توڙي ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

اسلام آباد
۸- ڊسمبر ۱۹۸۳ع

خادم العلم
نبي بخش

آمر ليلانسان ماتمنّي ٥ فلسلة الآخرة والاولي

مقدمه

هن ڪتاب جو موضوع 'جنگناما' آهي - يعني جنگين، معرڪن ۽ مقابلن جا اهڙا بيان جن ۾ ڳاهون بيت، نظم ۽ شعر هجن. ڪنهن جنگ جو خالي احوال 'جنگنامو' ناهي: پر جي اهو احوال سڄو منظوم آهي يا ان ۾ بيان جي سهڻائي لاءِ ڪي ٿورا ڳهٽا شعر آهن تہ اهو هن ڪتاب جي موضوع مطابق 'جنگنامو' آهي. ٻيو تہ 'جنگنامي' جي اصطلاح ۾ 'جنگ' جي معنيٰ فقط حاڪمن ۽ حڪمرانن واري 'جنگ' ناهي، پر ان جو مفهوم وڌيڪ وسيع آهي: يعني ڪن به ٻن ڌرين، قبيلن، راڄن، راڄڌارن، سردارن، حاڪمن ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ جيڪي ٻرٽ، مارڻ واري جهيڙا جهڳڙا، معرڪا مقابلا، حملا ۽ لڙايون ٽيون سڀ سڀ عام اصطلاح ۾ 'جنگيون' آهن. انهيءَ وسيع معنيٰ ۾ 'جنگ' جي برابر ٻيو لفظ 'ڪيڏارو' آهي، پر ڪيڏاري ۾ ٻيون معنائون ٻڌ سمايل آهن. جنگين ۾ جن سورهڻن سرسي ڪئي يا سر ڏنا تن جي ساراهڻ ۽ نازائڻ خاطر ڳاهون ۽ بيت چيا ويا ۽ ٻوءِ انهن جي سُر سان آلاپيو يا ڳايو ويو: انهيءَ ڪري 'جنگ جو سُر' يا 'ڪيڏارو' ڏيو ويو. وقت گذرڻ سان انهيءَ 'ڪيڏاري سُر' مان 'ستڏي راڳ ڪيڏارو' آسريو. اهڙيءَ طرح 'ڪيڏارو' ٽن معنائن ۾ استعمال ٿيندو: يعني 'جنگ'، 'جنگ جو سر' ۽ 'راڳ ڪيڏارو'. 'جنگ نامو' معنيٰ جنگ جو سڄو منظوم بيان، يا اهڙو بيان جنهن ۾ ڪي ڳاهون، بيت ۽ شعر هجن. 'جنگنامو' ڪنهن بہ راڳ ۾ ڳائي سگهجي ٿو: يعني تہ فقط 'جنگ جي سُر' ۾ يا 'ڪيڏاري' راڳ ۾، پر ٻئي ڪنهن راڳ ۾ بہ ڳائي سگهجي ٿو.

سنڌي 'جنگنامن' جي روايت ۾ دودي-چنيسر جي ڳالهه سڀ کان پهريون ۽ وڏو 'جنگنامو' يا 'جُنگ- ڪيڏارو' آهي، جنهن کي هن کان اڳ ٻن وڏن جلدن ۾ تفصيل سان شايع ڪيو ويو آهي(۱). هن ڪتاب ۾ سومرن جي دور کان وٺي، ويندي انگريزن جي دور تائين 'جنگناما' شامل آهن، ۽ انهن جي اشاعت سان سنڌي 'جنگنامن' جي موضوع بابت بنيادي تحقيق جيڪا هن حد تائين تڪميل ٿئي ٿي. لس بيلي جي جنگين جي بيان کي جيڪي ساڳئي وقت 'جنگناما' ۾ آهن، ڪتاب 'بيلاين جا بول' ۾ تحقيق سان شايع ڪيو ويو آهي(۲)، ۽ اتي اسان ڇڻي آيا آهيون ته بيلي جي شاعريءَ جو جوهر 'جنگنامو' آهي. 'بيلاين جا بول' جي اشاعت کان پوءِ اسان کي "بَدي-ٻاڻي گهٽ واري جنگ" (۳) جا ڪي وڏيڪ بيت مليا، جن کي اسان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي (۴). انهن بيتن کي 'بيلاين جا بول' جي باب ستين هيٺ ڏنل تفصيل سان ملائي پڙهڻ گهرجي. لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "واقعاتي بيت" (۵) ۾ حرن جون انگريزن سان جنگيون ۽ ٻڌ ڪن ٻين مقابلن وارا بيان 'جنگنامن' جي دفعي ۾ شامل آهن. حرن جي مقابلي جا ڪي وڏيڪ بيت باب نائين هيٺ شامل ڪيا ويا آهن.

موضوع توڙي مواد جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب 'جنگناما' هڪ مثالي ڪتاب آهي، جنهن جي مطالعي سان سنڌ جا تاريخي ادوار،

---

(۱) 'دودو-چنيسر' جلد-۱، سنه ۱۹۷۶ع ۾، ۽ جلد-۲ سنه ۱۹۷۷ع ۾ شايع ٿيو.

(۲) ڪتاب 'بيلاين جا بول' (پير چاڦو، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ ۱۹۷۰ع) 'باب ستين' هيٺ ڏهن جنگين بابت بيتن سان شامل بيان شايع ڪيا ويا آهن.

(۳) ڏسو 'بيلاين جا بول' صفحا ۱۶۶-۱۷۰. (۴) ڏسو صفحو ۳۶.

(۵) 'واقعاتي بيت' لوڪ ادب سلسلي جو نائون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۱ع.

سماجي اقدار ۽ جنگ جا جنسار سامهون اچن ٿا. جنگنامن وارو مواد سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي، بلڪ کنهن حد تائين وسريل باب، جيڪو لکيت ۾ محفوظ ناهي، پر جنهن جا ڪي ٽاڪا ۽ اڇاڻ سنڌ جي سڃاڻ سگهڙن جي سيني ۾ سيني روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آهن. جنگ جي سببن اسبابن، صلح جي شرطن شروطن، مخالف ڌرين جي وعدن انجامن، مڙسن جي قولن ڪلامن، سورهين جي ساراهن، ڪائرن جي ڪُوارن، ويرن ۽ ويڙن، مهڻن ۽ ميارن ۾ سنڌ جي سماجي قدرن جو عڪس نمايان طور نظر اچي ٿو. مقابلي لاءِ ڌرين جي تيارين ۽ هٿيارن، ميدان ۾ صفن ۽ حملن، سورهين جي سٽن ۽ جُلهن مان جنگ جا سمان چٽا پڌرا ٿين ٿا. 'جنگناما' سنڌي ادب ۾ ڀڻ خاص اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ جو اهي جنگناميِ جي رزميہ شاعري توڙي لغت جو ڀڻ قيمتي سرمايو آهن. هيٺ اسان هن ڪتاب ۾ شامل مواد جي تاريخي آثارن، جنگنامن ۾ سمايل سماجي قدرن، ۽ جنگنامي جي جنسارن تي مختصر طور روشني وجهنداسون.

جنگنامن ۾ تاريخي مواد

هن ڪتاب ۾ شامل مواد تاريخي لحاظ سان نهايت قيمتي آهي، ڇاڪاڻ جو اهو سنڌ جي تاريخ جي ڪن وسريل ورقن کي وڌيڪ روشن ڪري ٿو. سومرن سمن جي دؤر ڪان وٺي انگريزن جي دؤر تائين، ذري گهٽ ڇهن صدين واري مدت جا ڪي اهڙا تاريخي ٽاڪا ۽ اڇاڻ هنن جنگنامن جي روايتن ۾ ملن ٿا، جيڪي يا ته تاريخ جي ڪتابن ۾ ڏنل ناهن، ۽ جي آهن ته بہ ايترو تفصيل سان بيان ٿيل ناهن. هن مواد جي مطالعي مان، سومرن جي دؤر ڪان وٺي هر دور جي ڪن تاريخي واقعن سان گڏ، سنڌ جي ڪن مقامي رياستن، ڪن خاص قومن قبيلن ۽ سندن بود باش ۽ باهمي تعلقات تي روشني پوي ٿي.

پهريان ۾ تاريخي شعر.

جنگنامن جي تاريخي موضوع جي اهميت محسوس ڪندي، اسان شروع ۾ مهاڳ طور سنڌ جي سگهڙ حسين چاڻ ۽ ان ٻيلي جي ناميارين نير فقير لنگهي جا 'تاريخي شعر' ڏنا آهن. نير جو شعر صاف ۽ سمجهڻ ۾ سولو آهي، جنهن ۾ هن ان ٻيلي جي حاڪمن جي مختلف گهراڻن جو سلسليوار ذڪر ڪيو آهي، جن تي اسان ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي. سگهڙ حسين چاڻ جو تاريخي شعر ڪن نون حوالن جي لحاظ سان جيترو اهم آهي، اوترو ئي پيچيدو آهي، ۽ جيتوڻيڪ اسان ان شعر کي چاڻن فقيرن جي ٻن قلمي نسخن تان ٻيٽيو آهي، تنهن هوندي ۽ متن ۾ آيل ڪن ماڳن ۽ ماڻهن جي نالن کي صحيح طور پڙهڻ مشڪل آهي. ٻيو ته حسين فقير چاڻ سنڌ جي مڪيه حڪمران گهراڻن توڙي نندين رياستن يا سردارين جي حڪمرانن کي گڏي بيان ڪيو آهي. ٽيون ته ڪي بيت ۽ ستون هيٺ مٽي ٽيل آهن (۱) ۽ انهيءَ ڪري دور-وار سلسلو ثابت نه رهيو آهي. بهرحال شعر جي موجوده متن مطابق، مڪيه حڪمران گهراڻن توڙي نندين رياستن ۽ سردارين جو سلسلو هيٺين ريت ٻيهي ٿو. سندس پنهنجي

---

(۱) بيت نمبر (۸) کان نمبر (۱۲) تائين بيتن جو سلسلو هيٺ مٽي ٽيل آهي ۽ ٻن وچ ۾ گاڏي جي بيت ڪٽل آهن. بيت نمبر (۹) هيٺ "ڏل ملهايا درهه خان" واري ست ۽ بيٽ نمبر (۱۱) هيٺ به ستون جيڪي "درهه دودو" ۽ "هن هن" سان شروع ٿين ٿيون، مٽي مٽي سڀ واري دور بابت ڪنهن بيت جون آهن، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ 'دريا خان' (درهه خان) جو نالو اچي ٿو. بيت نمبر (۱۱) ۽ بيت نمبر (۱۲) جون ستون هڪٻئي سان گڏجي ويون آهن؛ انهن مان هڪ بيت غيبي خان بابت آهي، ۽ ٻيو سيراين (ڪلهوڙن) جي زور ۽ غيبي خان کي مارڻ بابت.

بيان موجب اهو احوال کو ان-ٻڌو کونهي پر ٻڌل روايتن مطابق آهي:

- ناريجن جي حکومت: آمري کان قندار تائين
- سومرن جي حکومت: روپاڻ لاڙ پنگار ۾
- سمن جي حکومت: سمن، سومرن کي مارايو
- چنن جي حکومت: کڈهن ته سڄي سنڌ چنن جي هئي. کاهي جي پنهي کنڈين سان سنڌن کوت هئا. زالن جي چور تي پاڻ ۾ وڙهيا ۽ مزار مارجي ويو. سڀڙ آن کي مارائي ويچار ۾ پيو. هن 'هنڌ' سان وڃي 'فوجون آلديون هيون' ۽ پاڻ بادشاهه ٿي وينو(۱).
- ڪوڙيجن جي سرداري: چنا ۽ ڪوڙيجا چار پاڙيسري هئا. سڪ تان تکرار ٿيو ۽ چڱي نالي چني سردار، ڪوڙيجي چار کي مارايو. ڪوڙيجا ٻوءِ ماڇي سردار جيسر راڻ وٽ دانهين ويا.
- ماڇي جي سرداري: ڪوڙيجن پاران جيسر راڻ چنن تي کاهه کئي ۽ چنا گهڻا سپ مارجي ويا ۽ باقي کي تورڙا وڃي ٻچيا ۽ سندن ملڪ تي ماڇي جي سرداري قائم ٿي.
- ارغونن جي حکومت: حسين ارغون (شاهه حسن ارغون) کاهه کري سمن کان حکومت هٿ ڪئي.
- ترخانن جي حکومت: سما ۽ ترخانن جا سلامي هئا.

---

(۱) بيان صاف ناهي. ٿي سگهي ٿو ٽئه جيڪو حڪمران ماريو، تنهن کي صفاتي طور 'مزار' (=شينهن) سڏيو ويو هجي، ۽ اڳين نالي واري سٽ ضايع ٿي وئي هجي. اهو پڻ ممڪن آهي ته 'مزار' صفت آهي 'سڀڙ' جي، ۽ سڀڙ کي مارائي ويچار ۾ پيا. انهيءَ حالت ۾ سڀڙ واري سٽ کان پوءِ بي سٽ ڪٽل آهي- جنهن ۾ شايد ان شخص جو نالو هجي جنهن وڃي 'هنڌ' مان فوجون آنديون.

- ڪوراين جي چڙهائي: چنن ۽ ڪوئريجن جي سرداري هئي جو ڪورائن (بلوچن)، چنن تي چڙهائي ڪئي. شريف خان وچان پيو ۽ 'اعظم' ۽ ان سان گڏ آيو ۽ فتح خان اچڙي سردار کي ماريائون.

[هن بيان ۾ مٽي ڪوئريجن جي سرداري جي بيان واريون ستون هڪ جاءِ هجڻ بدران هيٺ مٽي ٽيون آهن]

- اچڙا چار: انهن جي به جاماڻي هئي ۽ سندن نوبت نغارا وڳا.
- درياخان ۽ چار ندو: درياخان، چار ندي جو ناماچار وڏايو.

[هن بيان واريون ستون، مٽي 'سمن جي دور' واري ڪنهن بيت جون آهن، ۽ هيٺ مٽي ٽيون آهن.]

- چانڊين جي ڪاڇي ۾ سرداري: ميان جا مريد ٿيا، وار وڏا چڙهائون، ۽ 'سيرايڻ' (ڪلهوڙن) پاران چڙهايون ڪيائون. سندن سردار غيبي خان وڏا ڪارناما ڪيا.
- 'سيراين' (ڪلهوڙن) جو زور ۽ حڪومت: سيراين اوچتو حملو ڪري، چانڊيي سردار غيبي خان کي ان وقت ماريو، جڏهن هو سٽل هو. سراين مان ميان نصير محمد 'پير' هو.
- سير پنهوار جي سرداري: سندس رياست سيوهڻ سان دنگئي هئي. بکر ڪوٽ سندس گادي جو هنڌ هو. هن ميان نصير محمد جي آڻ نه مڃي.
- محمد وئي پٽيار جي سرداري: هن سيراين خلاف اورنگزيب وٽ دانهيو، پر 'پير' (ميان نصير محمد) پنهنجي پاران قاسم کي وڪيل ڪري موڪليو، جنهن لک روپيا ڏيڻا ڪري صلح جو معاهدو ڪيو.
- اورنگزيب جي سپهه سالار شيخ جهان جي چڙهائي: اورنگزيب دکن مان 'شيخ جهان' کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. اهو آيو ته ڪيس مرزا خان جو پٽ مليو. فتح خان اچڙو فوجدار بڻ آيو.

'الهيار' آيو. 'قنبر' به اتي هو (جنهن کي الهيار چيو ته تون مغلن جي لشکر کي سامهون ٿي؟). مرزا خان جي پٽ دڪا کري 'محمد جان' کي مارايو.

متين ٽائن مان محمد وٽي پٺهيار(؟) ۽ شيخ جهان جي چڙهائي وارا بيان پورا صاف ناهن. پيو ته تاريخن جي قومي سرداري معلوم آهي، پر تاريخن جي حڪومت جو ذڪر ڪنهن به تاريخ يا روايت ۾ ڪونهي. بهرحال باوجود ڪوتاهين جي، هن شعر ۾ ڏنل اهڃاڻ نهايت اهم آهن ۽ انهن کي تاريخي حوالن جي روشنيءَ ۾ توري تکي سگهجي ٿو.

انهن ۾ 'تاريخي شعرن' کان پوءِ اسان اندر متن ۾ جملي مواد کي 'تاريخي دورن' مطابق ورڇي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ پر جيئن ته اڪثر جنگنامن ۾ کي به تاريخون موجود ناهن، انهيءَ ڪري انهن جي ورچ گماني اندازن تي ڪئي ويئي آهي. متن ۾ هر جنگنامي جي مهاڀ ۾ ان جي تاريخي پس منظر کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هيٺ اسان (الف) پهريائين ڪن جنگنامن جي تاريخي پس منظر جي دور-وار وضاحت ڪنداسون، (ب) پوءِ ڪن قومن قبيلن جي تاريخي رياستن تي روشني وجهنداسون، ۽ (ج) ان بعد سنڌ جي ڏکڻ-الهندين پاڳي ۾ ڪوهستان، حب، ملير ۽ ساڪري جي ڪن مکيه قبيلن ۽ سندن قبائلي راڄدارين جو ذڪر ڪنداسون.

(الف) دور-وار وضاحت

سومرن جو دؤر

حسين فقير چاڻ جي شعر ۾ سومرن جي حڪومت لاڙ طرف روپاه ۽ ٻنگار ۾ ڄاڻايل آهي. اهو سومرن جي حڪومت جو مرڪزي پرڳڻو هو. دودي-چنيسر جي ڳالهه ۽ پين روايتن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته غالباً سيوهڻ کان هيٺ سمنڊ تائين سڄو لاڙ ۽ ٿٽي آتر

ڏانهن سنڌ وندي جي اوير وارو پاسو ويندي بهاولپور تائين- يعني پراڻ ناري ۽ هاڪڙي جي آبادين وارا پرڳڻا سڌو سنئون سومرن جي حڪمراني هيٺ هٿا. سيوهڻ کان مٿي سڄي ڪاڇي تي اتر ۾ ويندي ڪڇي ۽ ميرڻ جي پاڻي تائين اتان جي قبائلي برادري جي حڪمراني هئي جنهن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ايندو.

سمن جو دور

سومرن جو خاتمو ۽ سمن جي حڪومت. 'جام هالي ۽ هميرسومري جي جنگ' وارين روايتن مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سومرن جو آخري حاڪم 'همير' هو، جيڪو جام هالي ۽ سندس پٽن جي اڳواڻي هيٺ ڪيل حملي ۾ مارجي ويو. تاريخي ماخذن مان اها تصديق ٿئي ٿي ته همير پٽ ڏوڏي جو سومرن جو آخري حڪمران هو ۽ سندس مارجڻ تي سلطان فيروز شاهه سمن ٿي چڙهائي ڪئي، ۽ غالباً ملتان جي بزرگن جي وچان پوءِ سيبان صلح ٿيو، جنهن موجب سمن جي حڪومت قائم ٿي ۽ هميرجي ٻن ڀائرن کي سلطان فيروز شاهه خاندیش طرف جاگيرون ڏيئون ۽ هو سنڌ ڇڏي ويا(۱). تاريخن ۾ البت اهو ذڪر کوٽهي ته جام هالي ۽ سندس پٽن جن جنگ ڪئي هئي ۽ جيڪي حڪومت جا حقدار هئا، تن جي بدران ڪيئن جام انڙ ۽ جام جوٽي حڪومت تي قبضو ڪيو! 'سمن جي نسبنامي'(۲) مان تصديق ٿئي ٿي ته هالو سانڌائي (يعني هالو پٽ ساند جو) سمن جو 'جمار' (پگڏار) هو، ۽ هن پنهنجي پٽ هوٽي کي پگ پڏائي، 'پاڪ' جو ڏٽي هوٽي هو ۽

---

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو سماهي رسالي مهراڻ (سنڌي ادبي بورڊ، نمبر ۳، سال ۱۹۸۱ع) ۾ هن موضوع تي راقم جو مضمون.

(۲) 'نسبنامه' هڪ اهم تاريخي ماخذ آهي. راقم ڪجهه عرصي کان وٽي سنڌ جي 'نسبنامن' جو مطالعو ڪيو آهي، ۽ جيڪي حياتي وفا ڪئي ته ان بابت ڪيل تحقيق کي پورو ڪري شايع ڪيو ويندو.

هن 'واڳ' ڏني سؤٽاڻي انڙ کي، جيڪو پوءِ بادشاهه ٿيو. اڳ 'جاماڻي' قوم جي پڳ سان هئي پر انڙ کان وٺي 'جاماڻي' حاڪم جي حوالي ٿي. نسبنامي جي هن روايت مان ظاهر آهي ته هالي ۽ سندس پٽن جي پيٺ ۾ انڙ ۽ جوٽو طاقت ۾ زور ٿي ويا. اهو سندن همت ۽ حڪمت عملي جو نتيجو هو جو ملتان جا بزرگ جيڪي وڃان پيا تن عالباً سندن ئي فائدي ۾ راءِ ڏني. ان بعد جام هالي جي اولاد (هالپوٽن) جو اثر رسوخ گهٽيو، ۽ کين پاسي تي (تر يا ڪڇ ڏانهن) رکيو ويو. اتان پهاڪو مشهور ٿيو ته "ڪتي هڪڙن، ڪاڏي پين".

ارغونن ـ ترخانن جو دؤر

مريدخان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي مارڻ وارو واقعو تاريخي آهي، ۽ مهيني شعبان سنه ۹۷۰ھ (۱۵۶۳ع) ۾ ٿيو. مريدخان جا ڪيل قول اڄا تائين مشهور آهن: هڪ قول ائين ڪيائين ته

"پيتيان پير پٽو ڪائيان ننگر ٺٽو"

مرزا صالح کي ماڻس چيو ته: 'پُڏان پٽي ته ڪکو ڪيهر شينهن جڙهيو اچي. ڏيان ڪجاڻ.' تڏهن مغرور مرزا صالح چيو ته:

"آءٌ زميني، آءٌ ظلمي، مون کي ماري ڪيرا"

مريدخان جي ڪيل قولن ۽ سنڌ جي حڪمران کي مارڻ واري قصد ۽ ڪاميابي مان ظاهر آهي ته هو وڏي حوصلي وارو قومي سربراه هو. هو 'رَجيرا' قبيلي جي 'پاروائي' ڀاڙي مان هو. 'رجيرا' قبيلو هوت بلوچن جي نسل مان هو. ساڳئي نسل جي ڪن ٻين قبيلن والڳر هي قبيلو به اصل مڪران ۾ هوتن جي 'ڪلمت رياست' جو رهندڙ هو، ۽ انهيءَ ڪري 'رجيرا' به 'ڪلمتي' (=ڪلمت جا) هٿ ۽ سنڌ ۾ اهي 'ڪرمتي' سڏجڻ لڳا. 'ڪرمتين' مان 'رجيرا' غالباً سڀ کان اول سنڌ ۾ آيا. 'پاروائي' وڏو

'پاڙو' هو ۽ ان جو اهو نالو 'بلوچي' بدران 'سندي' پولي جو آهي، جنهن سان ظاهر آهي ته 'رجيرا' سنڌ ۾ آڪاڙو آيا. غالباً اهي سلطان چام نظام الدين جي وقت ۾ لاشارين سان پيڙا ۽ مڳيٽا ٿيا، جيڪي ان وقت حب ۽ ملير جا سربراهه هئا. ان جي تصديق نسبناميءَ جي روايتن سان ٿئي ٿي، جنهن موجب لاشاري سردار رامين خان جو پٽ اسحاق رجيرن سان پرڻيو، جنهن جو اولاد ٿهراڻي لاشاري آهن. اسحاق حب ۽ ملير جو والي هو ۽ ڪيس سلطان چام نظام الدين جي طرفان 'ملڪ' جو خطاب مليل هو ۽ ان خطاب سان ئي هو "ملڪ اسحاق" جي نالي سان مشهور آهي. جب ۽ ملير وارا لاشاري ۽ رجيرا ٿڻي ڪي ويجهو هئا ۽ طاقتور قبيلا هئا. سمن سلطانن جي دور کان وٺي لاشاري ۽ پيا ساٿي پيڙا قبيلا، ارغونن ۽ ترخانن خلاف وڙهيا هئا. انهيءَ ڪري ترخانن جي دور ۾ مرزا محمد صالح ترخان طرفان انهن قبيلن تي سختي ٿي. ان دور جي معاصراڻ روايت جيڪا مرزا محمد صالح جي پائٽي مرزا مظفر جي زباني 'تاريخ طاهري' ۾ بيان ٿيل آهي، ان سان صاف ظاهر آهي ته مرزا محمد صالح رجيرا قبيلي وارن کي ماريو هو ۽ مريد خان به پنهنجن قبيلي وارن عزيزن جي بدلي ۾ ئي مرزا محمد صالح کي ماريو.

مغلن جو ذڪر

هن دور وارن جنگنامن جي مهاڳن ۾ اسان مختلف واقعن تي روشني وڌي آهي. ڪن واقعن بابت ڪجهه وڌيڪ وضاحت جي ضرورت آهي.

مغلن ۽ چنن جي جنگ. ڪاڇيءَ ۽ ڪڇيءَ (سيوهڻ کان وٺي گنداوا) ۾ چنن ۽ بين هرنسل قبيلن جي آڪاڻي حڪومت ۽ رياست هئي. 'مغلن' سان مراد شايد ارغون هجي. هي جنگنامو تاريخي لحاظ سان توڙي ڳاهن جي پولي ۽ قدامت جي لحاظ سان اهم آهي. هيءَ اڳتي هلي، اسان هن جنگنامي جي روشني ۾، 'چنن ۽ بين شريڪ

قبيلن جي 'پُڌ يا ۾ حڪومت ۽ رياست' جو وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون.

لاشارين، ڪرمتين ۽ پڙجن جي جنگ. لاشاري ملير ۽ حب جي اتر-اوپر پاڳي ۽ ڳڌاپ واري اراضي ۾ آباد هئا، ۽ پڙج حب ۽ ملير جي هيٺين ڏڪڻ الهندين اراضي ۾. مغلن جي دور ۾ ڪرمتين جي طاقت وڌڻ لڳي، ۽ ڪرمتين ۽ پڙجن جو ٽڪر شروع ٿيو، جنهن ۾ لاشارين، ڪرمتين جي مدد ڪئي. هيٺ اسان انهن ٻنهي قومن بابت وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون.

برفتن، گائيچن ۽ ڇڇرن جو ويڑ. هي اهو وقت هو جڏهن حب-ملير ۾ ڪرمتي طاقتور ٿي چڪا هئا، ۽ برفت به ڪوهستان سان اتر-اوپر طرف وڌي رهيا هئا. هن موقعي تي ڪرمتين ۽ برفتن جو پاڻ ۾ اتفاق هو، ۽ ڪرمتين جي مدد سان برفتن جي سردار 'دائيد' جي مدد ڪئي، جنهنڪري بارڻ جي اتر-اولهه طرف گائيچن ۽ ڇڇرن جو زور ٽٽي ويو، ۽ بارڻ سڄي برفتن جي قبضي ۾ اچي وئي.

جهوڪ ۾ صوفي شاهه عنايت الله جي شهادت. هي مشهور تاريخي واقعو آهي جنهن جا ڪي ٻاٽا صوفي آسورام جي چيل بيتن ۾ وڌيڪ روشن ٿين ٿا.

ڪلهوڙن جو دؤر

مغلن جي زوال ۽ ڪلهوڙن جي دور وارن جنگنامن ۾ جيڪي 'باب چوٿين' ۽ 'باب پنجين هيٺ ڏنل آهن، ڪافي تاريخي مواد موجود آهي، جنهن ۾ان خاص طور تي سنڌ جي اتر-الهندين ۽ ڪڇن (موجوده ضلعي دادو ڪان وڻي جيڪب آباد ۽ ڪڇي ضلعن تائين) توڙي ڏڪڻ الهندين علائقن (داد و ضلعي جو ڏڪڻ ڪوهستان ۽ بارڻ ڪان وڻي حب، ملير ۽ ڪراچي تائين) ۾ رهندڙ قومن، قبيلن، راڄن ۽ راڄدارن جي طاقت ۽ باهمي تعلقات توڙي سنڌ ۽ قلات جي حاڪمن ۽ لس بيلي جي خانن طرفان انهن قومن ۽ قبيلن جي حاڪمن ڏانهن اختيار ڪيل رخ تي روشني پوي ٿي.

کلهوڑن جي قوت ۽ طاقت جو بنياد ميان نصير محمد وڏو. سندن طاقت جو مرڪز موجوده دادو ضلعي جي آترائين پاڳي ۾ هو، ۽ بالآخر سندن پهريون گادي جو شهر خداآباد به انهيءَ علائقي جي ڏاکڻي پاڳي (موجوده دادو تعلقي) ۾ قائم ٿيو. انهيءَ ڪري اتي جي پاڙيسري قومن قبيلن تي سندن دٻاءُ پيو، خاص طرح پنهورن تي، جن جي مقامي طور رياست ۽ سرداري هئي.

انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنہ ۱۱۰۵ھ ۾ برفتن جي سردار ڪاهڙخان لس بيلي تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي، ۽ مٽي دادو جي اتر ڪان هيٺ ويندي ٽاڻي بولاخان ڪان اڳتي ڏاريجي تائين، سڄي ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي سرحد لس بيلي سان ملندڙ هئي؛ پوءِ انهيءَ سڄي ايراضي ۾ برفتن ۽ ساڻن بين شريڪ قبيلن جو زور وڌڻ لڳو. ميان يارمحمد ڪلهوڙي سنہ ۱۱۱۷ھ ۾ ڪاهڙخان کي شڪست ڏني. ان ڪان پوءِ غالباً ڪو معاهدو ٿيو، جنهن موجب ڪلهوڙا حڪمران ۽ ڪاهڙخان مٽي حب ۽ ملير طرف ڪرمتي ملڪن جي خلاف هڪ صلاح رهيا.

ڪاهڙخان جي وفات ڪان پوءِ سنہ ۱۱۵۵ھ ۾ لس بيلي جي حڪومت ڪوئريجن جامن جي هٿ ۾ آئي، جن برفتن جي مخالف قبيلن سان جوڪين جي پٺيراڻي ڪئي. ڪلهوڙن به ائين ڪيو، جنهنڪري ڪوهستان، حب ۽ ملير طرف جوڪين جي طاقت وڌي، ۽ برفتن ۽ ڪرمتين جي طاقت گهٽي، جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪنداسون.

هن دؤر ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ ميرعبدالله خان جي جنگ، سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪمرانن جي وچ ۾ هڪ وڏي طاقت آزمائي هئي. فتح سنڌ جي لشڪر جي ٽي، پر قلات جو خان ميرعبدالله خان جيڪو هن جنگ ۾ پاڻ سپهه سالار هو ۽ وڏو سورهيه ۽ بهادر هو، تنهن جو جنگ جي ميدان ۾ لاش نه ملڻ ۽ پوءِ به ڪو پتو نه پوڻ هڪ معمو بنجي ويو. ايتريقدر جو ان دور ۾ سنڌ جي پن نامياڻن شاعرن جلال ڪٽي ۽ جمن چارڻ انهيءَ باري ۾ هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪئي. هن جنگ بابت جمن چارڻ جو چيل 'جنگنامو' هڪ تاريخي ۽ ادبي شاهڪار آهي.

مير علي شير قانع 'تحفة الكرام' ۾ ميان يارمحمد کلهوڑي جي وفات جي تاريخ ذرا شڪ شبهي سان هن طرح لکي آهي:

"روز دو شنبه يا سه شنبه پانزدهم
ذي قعده سال هزار و صد و سي و يک"

(يعني ته "آچر يا سومر ڏينهن تاريخ پندرهين ذوالقعده سنه ۱۱۳۱ هـ")

مگر پندرهين تاريخ جمعي جو ڏينهن هو ۽ نه آچر يا سومر. آچر تاريخ ڏهين هو ۽ سومر تاريخ يارهين. انهن ٻن سان ئي کا صحيح تاريخ ٿي سگهي ٿي. متن ۾ ڏنل جمن چارڻ جي بيت سان اهو تصديق سان معلوم ٿئي ٿو ته ميان يارمحمد ۱۲- تاريخ ذوالقعده سنه ۱۱۳۱ هـ تي وفات ڪئي:

"تان کارهين سا ذوالقعد سنه کارهن سؤ ايکتيهه ورهيه
تنهن راڻي رحلت ڪئي جو هو بانڍو بخت بنياد"

(ص ۵۰)

ٻن تاريخي ڪتابن 'دولت عباسيه' ۽ 'جواهر عباسيه' ۾ به صحيح تاريخ 'يارهين ذيقعده' ڏنل آهي.

ٽالپورن جو دور

هن دور جون جنگيون ۽ جنگناما 'باب ستين' ۽ 'باب اڻين' هيٺ بيان ٿيل آهن ۽ هرهڪ جي ٽاڻن ۽ اهچاڻن تي آڏو مهاڳ ۾ روشني وڌي وئي آهي. ڪي وڌيڪ وضاحتون هيٺ ڏجن ٿيون.

آتمين واريون جنگيون. 'آتمين' يا 'آتومين' بابت هڪ عام روايت اها آهي ته اهي سامونڊي قوم يا ڏاڙيل هئا، جيڪي اوچتو حملو ڪري 'آٿون' يا مٽان' اچي پوندا هئا، ۽ انهيءَ ڪري 'اتومي' سڏيا ويا. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب 'يادگيرون' (ص ۸۱) ۾ لکيو آهي ته: 'عطوفي' يا 'عطوبي' عربن جو هڪ قبيلو هو جن ۱۷۷۹ع يا ۱۷۸۱ع ۾ بحرين جا بيٽ يا موتين جون ڪاريون فتح

ڪيون ڏيون: هو مسقط ۽ ايران جا خراج بردار هئا. نائون مل جي ڏاڏاڻ (ڊائري) ۾ ۱۸۲۸ع ۾ 'عطوفي' نالي ساموندي ڏاڙيلن جو نالو اچي ٿو. غالباً اهي ساڳيا ئي 'عطوفي' يا 'عطوبي' هئا، جن کي سنڌ وارين روايتن ۾ 'آتومي' (=عطومي) سڏيو ويو. سنڌ ۾ بهرحال 'اتومي' نالو مشهور ٿيو جو حمل خان پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو آهي ته:

مڙڪيان ڏي مُرچي مارئ آون،
جيو ين آلٽن آڏ آتوميان دي"

ٽي سگهي ٿو ته اصل صحيح نالو 'عطومي' هجي. لس بيلي جي چار مير خان اول جي دور (۱۷۷۶-۱۷۸۴ع) ۾ مسقط جي 'راسل چشمه' جي رهندڙ ساموندي ڏاڙيلن سونميائي تي حملو ڪيو هو. پين حوالن مطابق ۱۸۰۸ع ۾ 'جواسمي' عرب قورن سونميائي بندر تي حملو ڪيو ۽ ان کي ساڙي ڇڏيو. ٽي سگهي ٿو ته 'جواسمي' اصل ۾ 'چواشمي' ('چشمه وارن' جو جمع) هجي، پر سنڌ جي روايت ۾ انهن کي 'جيشمي' يا 'جاشمي' سڏيو ويو آهي:

"جَر ۾ جيشمين جا ڏونڊ ڪيائين ڏيڙ،
مر سُٹي جيسر مير، ته ڪرمتين ڪيڏي ڪيڙ"

ڪن سگهڙن پهرين سٽ ائين پڌائي ته "جر ۾ جاشمين جا". البت بيءَ سٽ ۾ 'جيسر مير' وارو لفظ صحيح ناهي. ٽي سگهي ٿو ته 'چشمه' يا 'جواسمي' جي لحاظ سان، اهو نالو اصل ۾ 'جواسمير' يا 'چاشمير' هجي.

ڪرڙي جي جنگ، هن جنگ بابت ضروري معلومات جنگ جي مهاڳ وارن صفحن (۲۲۶-۲۲۹) ۾ ڏنا ويا آهن. وڌيڪ تفصيل خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي ۾ (صفحن ۲۷۴-۲۸۰ تي) آندل آهي. ۷-مارچ ۱۹۶۹ع تي ميرپور ماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اسان کي سگهڙ محمد خان ڪڏائي سنڌس پڙ نائي مرزي خان ڪڏائي

جو ڪرڙي واري جنگ بابت بلوچڪي ۾ چيل شعر ٻڌايو. مرزو خان وڏو شاعر هو ۽ ان جنگ واري دؤر ۾ ٻه وڏو هو. هن شعر ۾ مير سهراب خان، مير رستم خان ۽ مير نصير خان جا نالا آندل آهن. پين اڳواڻن مان مير مبارڪ خان، گولي شاهه، نور شاهه ۽ بهادر خان ڪوڪر جا نالا آيل آهن. جنگ جي سپه سالارن ۽ پين سپاهين ۽ بهادرن جن ميدان ملهايو ۽ سر ڏنا، تن مان هي نالا اچن ٿا: غلام علي (جنهن چيو تہ جيڪو سوت قبول ڪري سو نڪري اچي)، سيد قاسم شاهه، دوس محمد، لقمان ۽ ٻيا. لاشارين ۽ مرين جا لشڪر تن وڏا مقابلا ڪيا. بارهن پهلوان لاشاري پڙ جهلي بيٺا ۽ مري ويا پوئتي نہ هٽيا. ٽيو ويهون پهلوان مرين مان مٺا، جن مان عيسڻائي ۽ ڏاهياڻي پاڙن جا گهٽا جوان هئا. مرين جي لشڪر جو سپه سالار جهان خان هو. سندس پٽ احمد ۽ محمد حسن، ۽ براهم، سوپو، گل حسن ۽ ٻيا ميدان جهلي بيٺا ۽ ميدان ۾ مٺا. مرزي خان گڏائي جو چيل هي تاريخي شعر ڪافي ڏکهو آهي ۽ سگهڙ محمد خان کي ياد آهي. شروع واريون ستون هن طرح آهن:

هر صواحان ياد کاران ستوي پيغمبرا
دلدلے رازے زواران چهار ياران جختگان

آخوند محمد عالم خيرپوري پڻ پنهنجي مختصر مثنوي شاهنامه (فارسي) ۾ ڪرڙي جي جنگ بابت کي شعر ڏنا آهن، جيڪي هيٺين طرح آهن:

سپاس است مر حضرت ذوالجلال
کريم الرحيم است قادر کمال (۱)

---

(۱) هن ڪان پوء ۵۳ بيت ٿنا ۽ تعريف جا آهن، ۽ ان بعد ٻيا هيٺيان بيت.

عجب بين كـه ان بادشاهِ شجاع
كـه از ملک آواره بـود از نزاع
بـيـامـد (۱) فقري شـده بادشاهه
رسـيـده تـهـي دسـت بادستگاهه
قـشـون فرستاد آنکـه آتش فشان
سمندر صـفـت بـا سمندر نـشـان
تفنگ افگنان لشکر قـوج قـوج
بلکه روي دريا شده مـوج مـوج
چـو روئين تـنـان قـوم روهيلها
فـرود آمـدنـد از جـبـل خـلـيـها
كمين گاه كردند از پـشـت كـوه
ز تـوب افگنان هم شدند آن ستوه

جتن ۽ چانگن جي چاڻيءَ واري جنگ. جتن مان واڌن جو سردار شيرخان هو ۽ ٽئيارن (۲) جو سردار ان وقت لاکو هو. شيرخان چانگ جو گوٺ 'وڏا چانگ' ۽ پيروزشاهه پوڙي جو گوٺ 'مزاواڻي چانگ' (تعلقو بدين) هو. هن جنگ ۾ جيڪي چانگ مٺا تن کي 'رحمان پارهي' (رام پاراهي) جي مقام ۾ دفن ڪيائون. اهو مقام اسان وڃي ڏٺو. شيرخان چانگ جي قبر ڏکڻ طرف ۽ پيروزخان پوڙي جي قبر اتر طرف آهي. وچين اراضي ۾ پکين سرن جو چورس ٽل آهي، جنهن ۾ باقي سڀ چانگ ۽ پيا سندن طرفدار جيڪي مٺا تن کي گڏي دفن ڪيائون. هن مقام ۾ هڪ پٽرائين قبر آهي، جنهن تي هيٺين عبارت لکيل آهي:

لشکرخان ولد شير
خان بن شهک قوم

---

(۱) بيامد، يعني شاهه شجاع آيو.
(۲) يعني ٽئيي وارا (ڳائي مال وارا).

چانگ تولد شد در سنه ۱۱۰۳ رحلت
کرده در تاریخ پنجم ماه جمادي‌الاول سنه ۱۱۸۷ در
ایام حاکم ملک شد امیر صاحب فتح علي تالپر ۔

شیر خان چانگ جیکو جتن ۽ چانگن واري جنگ ۾ ماريو سو غالباً هن لشکر خان جو پٽ هو ۽ مٽس سندس ڏاڏي شیرخان جو نالو هو.

سنڌ جي سورهين جون انگريزن سان جنگيون

آزادي جي جدوجهد وارا اهي جنگناما 'باب ٽائين' هيٺ بيان ٿيل آهن. سنڌ جي سورهين پنهنجي ملکي آزادي برقرار رکڻ خاطر انگريزن سان جيکي مقابلا کيا تن جو مثال ملڻ مشکل آهي. انگريزن پنهنجا کيل عهدنامه ٽوڙيا ۽ سرچارلس نيپئر فريب ۽ ڏوکي سان ميائي جي ميدان ۾ کامياب ٿيو، پر سنڌ جي سرويچ سورهين انگريزن جي غلامي نه قبولي. سال ۱۸۴۳ع کان وٺي ايندڙ هڪ سؤ سالن تائين انگريزن سان وري وري مقابلا ٿيندا رهيا ۽ آخري مقابلو پي حُر تحريڪ دوران ۱۹۴۲-۱۹۴۳ع ٿيو ۽ پيرپاڳاري صبغت الله شاهه جي اڳواڻي هيٺ سوين سورهيه سر ڏيئي سرها ڪيا، پر انگريزن خلاف جنگ جاري رکيائون؛ تان جو ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن پنهنجا ٽپڙ پٽا ۽ ملڪ خالي کيائون. آزادي جي جدوجهد وارن انهن جنگنامن مان هرهڪ جي مهاڳ ۾ وضاحتون ڪيل آهن.

(ب) سنڌ اندر ڪن قومن قبيلن جون تاريخي رياستون

سنڌ ۾ ڪن قومن ۽ قبيلن پنهنجن سربراهن جي اڳواڻي هيٺ پنهنجن پنهنجن علاقن ۾ ٿوريٰ يا گهڻي عرصي لاءِ پنهنجيون حڪومتون، رياستون، سرداريون يا واڌاريون قائم ڪيون ۽ سنڌ جي تاريخ جي لاهن چاڑهن ۾ ڪافي اهم ڪردار ادا ڪيو. هنن 'جنگنامن' ۾ انهن قومن قبيلن جي رياستن ۽ سردارين بابت ڪي اهڙا تفصيل ملن ٿا جيکي تاريخي ڪتابن ۾ ناهن، ۽ جي آهن

ته به رڳو ڪن نالن ۾ جملي تائين محدود آهن. انهن قومن قبيلن جي پنهنجن پنهنجن ماڳن تي طاقت ۽ توانائي، سنڌ جي مجموعي طاقت جو سرچشمو هئي. جڏهن سنڌ جي ڪن مدبر ۽ دور انديش حڪمرانن، باوجود پنهنجي وڏي طاقت جي، انهن قومن قبيلن ۽ سندن رياستن ۽ راڄدارين کي سنڌ جو ۽ پنهنجو ڪري سمجهيو ته سنڌ جي سياسي ۽ فوجي طاقت به اوج کي پهتي، پر جڏهن حڪمرانن پنهنجي طاقت جي نشي ۾ اڳرائي ڪري يا پنهنجي هيٺائي سبان خوفزده ٿي انهن تي حملا ڪيا ۽ انهن کي هيسائي ختم ڪيو، ته سندن پنهنجي حڪومت ۽ طاقت جا بنياد به ڪمزور ٿي ويا. ڪن تاريخي حوالن، هن ڪتاب جي مواد ۾ سمايل تاريخي اهڃاڻن ۽ لوڪ ادب جي روايتن جي روشني ۾ چئي سگهجي ٿو ته اڳئين دور ۾ سلطان جام نظام الدين ۽ پوئين دور ۾ مير فتح علي خان، اهڙا عالي دماغ، وڏي دل وارا دوراندیش ۽ عادل حڪمران هئا، جن سنڌ جي قومن ۽ قبيلن کي ملائي ڪ ڪيو. هنن باوجود پنهنجي وڏي طاقت جي ڪنهن به قوم ۽ قبيلي کي ڪوڙ هيسايو؛ هنن پنهنجي ملڪ جي لائق سربراهن، راڄن ۽ راڄدارن کي عزت ڏني ۽ سندن همت افزائي ڪئي جنهنڪري سنڌ جي طاقت اوج کي پهتي.

جنگنامن جي اهڃاڻن، تاريخي حوالن ۽ پين روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي هيٺين قومن قبيلن جون پنهنجون ننڍيون مقامي رياستون يا سرداريون قائم هيون: ٻڌڻ، ڪاڪڻ، چنن ۽ پين هر-شريڪ قبيلن جي رياست؛ سومڙن جي رياست؛ نگامڙن جي رياست؛ ڦهيازن جي سرداري؛ پنهورن جي رياست؛ ڪيهرن جي رياست؛ ڍڙجن جي سرداري؛ لاشارين جي سرداري؛ ڪرمتين جي سرداري؛ برفتن جي سرداري ۽ آخر ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ جوڪين جي جاماڻي. انهن مقامي رياستن ۽ سردارين کان سواء سنڌ اندر مختلف تاريخي دورن ۾ پيون به ڪي اهڙيون رياستون يا سرداريون هيون- جيئن ته ڳڄرن جي رياست، آگرن جي رياست، سهتن جي رياست،

پٹھيارن جي سرداري- ۽ جيئن ته جنگنامن جي موجوده مواد ۾ انهن جو کو خاص ذکر نه آيو آهي، انهيءَ کري في الحال فقط مٿي جاڻايل قبائلي رياستن ۽ سردارين جو مختصر طور روايتي انداز ۾ ذکر ڪنداسون ۽ وڌيڪ مواد ملڻ بعد انهن تي آينده تحقيقي بحث ڪنداسون.

پٽڻ، ڪاڪن، چنن جي رياست

اسلام ڪان اڳ واري دور ۾ سيوهڻ ڪان ونڊي گنداوا تائين پٽڻيا جو مُلڪ هو. غالباً ڪنهن وقت "پٽڻ" قوم اتي گهٽائي ۾ هئي ۽ ان طاقتور هئي، انهيءَ کري ان ملڪ تي 'پٽڻيا' نالو ٿيو، جيئن کي پيا پرڳڻا به قومن قبيلن پويان لوهاڻا، لاکا، سما يا سهتا سڏبا هئا. اهي سڀ قومون ۽ قبيلا ڪن صدين ڪان ونڊي پٽ مٽ جا پوئلڳ هئا، ۽ انهيءَ کري ملڪ تي چچ برهمڻ جي قبضي جي خلاف هئا. ٻوءِ چچ حملا ڪري طاقت جي زور سان انهن سڀني کي مڃايو. 'پٽڻيا' طرف هن پهريائين ملڪ جي ڏاکڻي پاڳي 'سيوستان-ڪاڪا راج' (ڪڇ) تي حملو ڪيو ۽ بعد ۾ اترئين 'ڪچي- گنداوا' واري پاڳي تي ڪاهيو. برهمڻ حڪومت جي خاتمي خاطر سنڌ جي مڪيم قومن قبيلن محمد بن قاسم جي آڇيان ڪئي ۽ مدد ڪئي. ان وقت 'پٽڻيا' جي ڏاکڻي پاڳي (سيوستان ۽ ڪاڪا راج) ۾ ڪاڪا ۽ چنا مڪيم قبيلا هئا، جن محمد بن قاسم سان صلح ۽ معاهدا ڪيا ۽ پوءِ اسلام قبوليو(۱). نسل جي اعتبار سان، ڪاڪا ۽ چنا ساڳي برادري جا قبيلا هئا. اڄ ڪان ٻه سؤ سال اڳ نسبنامي جي اهڙي ڪا

---

(۱) فتحنامي (چچنامي) ۾ اهو ذڪر آهي، پر اڳيئن لفظ 'چنان' کي 'جتان' پڙهيو ويندو هو. قلمي نسخن جيئن ٻيٽ مان 'چنان' نالو صحيح ثابت ٿيو آهي (ڏسو راقم جي تحقيق سان 'فتحنامي' جو ٽئون متن، ص ۹۱ (تاريخي تحقيقي ادارو، اسلامآباد، ۱۹۸۳ع).

روايت موجود هئي، جو مير علي شير قانع 'تحفةالڪرام' ۾ چاڻايو ته محمد بن قاسم جي وقت جو سربراه جنهن جو نالو 'ڪاڪو' هو، سو به چنو هو. محمد بن قاسم پوءِ 'ٻڌيا' جي آترئين پاڳي تائين ويو، جتي ڪنداوا (قندابيل) ۾ سندس دؤر ڪان اڳ، عرب فوج پهچي چڪي هئي. جڏهن 'ٻڌيا' جو سچو ملڪ، سنڌ جي نئين عرب-اسلامي حڪومت ۾ اچي ويو ۽ سڀ قبيلا پڻ اسلام ۾ داخل ٿيا، ته به انتظامي لحاظ سان 'ٻڌيا' جي سڄي ٻلهندين پاڳي تي، جيڪو جبلن سان لاڳو هو، 'ٻڌيا' جي قبيلن جي رياست قائم رهي. عرب-اسلامي حڪومت جي زوال ۽ پوءِ سومرن واري دؤر ۾ اها رياست غالباً هڪ جدا حڪومت بنجي وئي. سمن جي دؤر ۾، خاص طرح جام نظام‌الدين جي وقت ۾، سنڌ حڪومت جي مرڪزي طاقت 'ٻڌيا' طرف وڌي ۽ پڻ بلوچ قبيلن جو انڪ طرف غلبو ٿيو، جنهن ڪري ٻڌيا جي قبيلن واري 'حڪومت' گهٽجي، هڪ ماتحت رياست بنجي وئي. سمن جي دؤر ڪان پوءِ اهي قبيلا ويتر وڌيڪ ڪمزور ٿيا.

تاريخي اعتبار سان، انهن قبيلن ۾ 'ٻڌ' قبيلو وڌيڪ آڳاٽو ۽ وڌيڪ طاقتور هو. ڪڇي ضلعي (بلوچستان) جي ناڑي واري ملڪ تي، سنڌن سرداري قائم رهي. هن وقت پڻ آتي 'مٽ' ٻڌن جو مرڪزي شهر آهي. ڪجهه اڳ هيٺ 'هاشم ٻڌ جي ڪوٽ' تائين ٻڌن جي زمين هئي، پر ٻڌن ۽ ٻرڙن واري جنگ ۾، جڏهن هاشم ٻڌ ماريو ته ٻرڙن اتي قبضو ڪيو. محمد بن قاسم جي وقت ۾ ڪاڪا ۽ چنا قبيلا، هيٺ سنڌ ۾، سيوستان ۽ ڪاڪا راج طرف مڪيه قبيلا هئا. ان ساڳئي دؤر ۾ ۽ پڻ پوءِ، سومرن جي دؤر تائين، مٽي ڪڇي جي ناڑي وري پرڳڻي ۾ ڪنداوا ۽ مُولهه (موره) جي پاٽيءَ وارو علاڪو چنا برادريءَ جي چنن، وَڏن ۽ ماڻڪن قبيلن جي حڪمراني ۾ هو. آڳاٽي هڪ ڪٻاه آهي ته:

"چنا، وَڏا ماڻڪا، مُوره سڳ ڏٽي(۱).

---

(۱) هڪ روايت موجب چنن جو 'ماڻڪا' قبيلو سردار گهر هو ۽ پين سيني ڪان وڏو هو.

سمن بعد، انهن جي حڪمراني ختم ٿي، پر سردارين غالباً قائم رهيون. سمن کان پوءِ ارغونن ـ ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت ٿي. ارغون بولان مان لنگهي، سبي ۽ ڪچي وارن پرڳڻن مان ۽ پوءِ سنڌ جي ڪاچي (جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جو الهندي‌ون پاڻ، جيڪو جبل مان لاڳو آهي) مان ٿيندا، هيٺ سيوهڻ ڏانهن آيا، جنهن ڪري ارغونن ۽ چنا برادريءَ وارن قبيلن جَو هڪٻئي سان منهن مقابل ٿيڻ، قرين قياس نظر اچي ٿو. 'بداماڻي پنري واري ڳالهه'(۱) توڙي "چنن ۽ مغلن جي جنگ"(۲) ۾ 'مغلن' جو ذڪر اچي ٿو، جن مان مراد 'ارغون' ٿي سگهن ٿا. چنا ۽ پيا جيڪي قديم 'پُڌيا' جا قبيلا هئا، سي سنڌ جي سمن کان الڳ هئا. سمن جي حڪومت ۾ سندن زور پڳو هو. ارغونن سنڌ جي سمن جي حڪومت تي ڪاهيو، انهيءَ ڪري ڪچي ۽ ڪاچي جي قبيلن ۽ ارغونن جي وچ ۾ صلح ۽ عهدناما ٿيڻ ممڪن هو. ان وقت جا مڪيه برادر قبيلا پنج هئا: چنا، موڙا، بدوا، ليبا ۽ بدام(۳). سورهيه پُنري جي پيءُ جو نالو 'بدام' هو ۽ سندس نڪاح ۾ هڪ 'مغلياڻي' به هئي، جيڪا پنري جي مائيجي ماءُ هئي؛ يعني تہ مغلن سان هتان جي سردار گهر جو رشتو هو. اهو سردار گهر 'راءِ ڪنوچ' جو هو ۽ ارجن ان وقت گاديءَ تي هو. پئي گهراڻي جو وڏو حيدر هو. اهو وقت شاه حسن ارغون جي دؤر وارو ٿو پائجي، جڏهن ارغونن جي سنڌ ۾ حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ۽ هو هتي وسي رسي چڪا هئا. ڳاهن ۾ البت دهليءَ جي بادشاهه جي چڙهائيءَ جو ڏاڙو ڏڪل آهي، جيڪو پڻ

---

(۱) هيءَ ڳالهه اسان لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "ڳاهن سان ڳالهيون" (سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـ ۷، مطبوعه ۱۹۶۴ع، صفحا ۱۲۲-۱۲۸) ۾ قلمبند ڪئي آهي.

(۲) ڏسو اندر صفحا (۳۴) الف ـ ۳۴ (ل).

(۳) 'بدوا' ساڳيو لفظ 'وڏوا' آهي، ۽ موجوده 'وڏا' قبيلو اصل ۾ 'وڏوا' يا 'بدوا' آهي.

غور طلب آهي. سنڌ جي روايتن ۾ مغلن کان اڳ، دهليءَ جي ترڪ سلطانن کي پڻ 'مغل' سڏيو ويو آهي. راءِ ڪنوج واري وقت ۾ يا ان کان پوءِ چنا برادريءَ وارن قبيلن جا پاڻ ۾ وڏا نفاق ٿيا. ڪاڇي ۾ سندن ڪوٽ، ڳڙهه ۽ ڳڙهيون هيون، پر جڏهن پاڻ ۾ قيتا، تڏهن مغلن جي ترارين جو ڪاڇ ٿيا(۱):

چنڻ چوواسي ورهئين ڪيو اوچل راڄ
جڏهن پيين پاڻ ۾، تڏهن ٿيا تهارين ڪاڇ

ٻيءَ روايت موجب:

چنا چوواسي راڄ، هٿا ڪاڇهي ڪنڌين
جڏهن پيين پاڻ ۾، تڏهن ٿيا تراڙين ڪاڇ.

هتين پنهي ڳاهن مان 'چوواسي راڄ' واري روايت وڌيڪ وزندار آهي ۽ اسان ڪڇهرين ۾ سگهڙن کان اڪثر ائين ئي ٻڌو آهي. قبيلن جي گهٽائي وارو اهڃاڻ، شروع وارين ڳاهن ۾ به موجود آهي، جتي چئن قبيلن جا ٽالا ڪٽيل آهن. ٽي سگهي ٿو ته انهيءَ پوئين دؤر جي قبائلي برادري واري رياست، جنهن جو سربراه 'راءِ ڪنوج' جو گهراڻو هو، چوواسي سال هلي هجي ۽ 'چوواسي'، وارو اشارو ان ڏانهن هجي، پر مجموعي طور سان اڳوڻي 'ٻڌيا' ملڪ جي قبيلن يعني ٻڌن، ڪاکن، چنن جي حڪومت ۽ رياست اسلام واري دؤر کان اڳ شروع ٿي ۽ عرب اسلامي دور ۾، اها رياست طور قائم رهي. سومرن جو ان طرف تسلط قائم ڪونہ ٿيو ۽ اها رياست خود مختار رهي. البت سمن جي دور ۾، جام نظام‌الدين جي وقت، سنڌ جي حڪومت نهايت مضبوط ٿي، جنهن ڪري ڪچي-ڪاڇي واري قبائلي رياست جو

---

(۱) 'چنن ۽ مغلن جي جنگ' واريون ڳاهون ڪافي آڳاتيون آهن، پر الهن جي اٿوري روايت سيبان، انهن ۾ ڏنل ٽائما ۽ اهڃاڻ سمجهڻ ۾ ڏکيا آهن. هي مختصر بيان انهن ٽائن مطابق آهي، پر گهٽي حد تائين گماني آهي.

اڳوڻو اوج ختم ٿيو. ان بعد چنا برادري وارن قبيلن (چنن، بدون، لبين، ماڻڪن ۽ بدامن) جي زميندارين ۽ سرداريءَ وارو دور شروع ٿيو، جيڪو ارغونن - ترخانن - مغلن وارو دور هو.

چنن ۽ ڪونريجن سردارن جو نزاع، جنهن جو ذڪر حسين چاولڙ واري تاريخي بيت ۾ آهي، سو غالباً انهيءَ پوئين دور ۾ ٿيو، جنهن ۾ ڪونريجن، جيسر راؤ ماچي سردار کان مدد گهري، جنهن اچي چنن جي ملڪ تي قبضو ڪيو. انهن واقعن جو تاريخي توڙي جغرافيائي پس منظر ڏيچيدو آهي، پر غالباً حسين فقير سنڌ جي سيري واري اراضي جو ذڪر ڪيو آهي. جيسر راؤ ماچي جي سرداري تعلقي ڪشمور ۽ تعلقي صادق آباد واري پاڳي ۾ هئي، جتي (تعلقي صادق آباد ۾) هن پوئين دور تائين، ماچي جي سرداريءَ جو مرڪز رهيو آهي. ڪونريجا موجوده جيڪب آباد تعلقي ۽ ان سان لاڳو پاڳي ۾ آباد هئا، جتي ويندي هن وقت تائين ڪونريجن جو راج ۽ شهر موجود آهي. چنا اتر طرف، ناڑي ۽ ان سان لاڳو پاڳن ۾ آباد هئا. انهيءَ پاڳي کان اتر، مٽيون گنداوا وارو ملڪ توڙي ڪچي جو مولهه وارو پاڳو اڳ ٽي لاشاري قبيلن جي قبضي هيٺ اچي چڪو هو، پر هيٺ ڪچي ۽ ناڑي وارو ملڪ اڄ ڏن چنا قبيلن جي هٿ ۾ هو، جيڪو پوءِ اچي ماچي سردار جيسر راؤ هٿ ڪيو ۽ اتي پوءِ ماچي قبيلا آباد ٿيا. ان جا آثار اهي آهن، جو موجوده نصيرآباد ضلعي جي تالتال ۽ ديري مراد جمالي ۽ کان ڏکڻ - اولهه طرف 'مير پور بي بي واري' تائين، ماچين جا چار- پنج شهر (مروڙ، لانڊي وغيره) آباد آهن. اڄان به اڳتي مولوي سعدالله ماچي ڏڻن شهر ٻڌايو، جيڪو اڄ تائين 'مولوي' سڏجي ۽ آباد آهي. شهر 'مولوي' کان اتران 'پنج وهڻ' واري اراضي آهي، جنهن تي اهو ڳالو 'پنجن برساتي واهن' (مولوي سعدالله واهه، صابري واهه، رونگها واهه، خان واهه ۽ راج واهه) تان ٿيو، جن سان هڪ مولوي سعدالله ڪٽايو. اسان هن سلسلي ۾ تحقيق ڪندي شهر 'مولوي' ۾ قلات جي خان نصير خان جي سنه ۱۷۴۰ع ۾ محرر

۱۱۰۴ھ تي ڏنل هڪ سنڊ ڏٺي، جنهن ۾ 'مولوي' شهر واري مڃي ديهه ماڃين سربراهن مان ملا آدم، طاهر، خضر، طيب، قبول، ڪرم ۽ صالح کي ڪي ڪري ڏنل هئي(۱). جنهن جي معني ته ۱۱۰۴ھ (۱۶۹۲ع) کان گهٽو اڳ جيسر راؤ ماڃي اهو ملڪ چڻ قبيلن کان هٿ ڪيو.

سوڍن راڻن جي رياست

سنڌ جي ڏکڻ-اپرندين تر واري پاڳي ۾ ڪنهن آڪاڻي دور کان وٺي سوڍن جي حڪمراني ۽ رياست قائم هئي. اصل نسل جي لحاظ سان هي 'پرمار' هئا، پر سنڌ ۾ هي سوڍا سڏجڻ ۾ آيا، ۽ سندن مڪ اڳواڻ 'ڪر' ۽ راڻا ٿيا. 'فتحنامي' ۾ ڪرن اڳواڻن جو ذڪر آهي. عرب اسلامي دور کان وٺي سوڍا سنڌ جي مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ جي حڪمرانن سان پيڙا ۽ شامل رهيا، ۽ مقامي طور سندن رياست قائم رهي. سومرن جي دور ۾، سوڍو راڻو مينڌرو، همير سومري جو وزير هو. هوين تاريخي دورن ۾ سوڍن جو ذڪر مسلسل طور اچي ٿو، پر ارغونن-ترخانن-مغلن واري دور ۾ هنن ۾ قبائلي نفاق وڌيو، 'ويسي ۽ ويرسين' وارو ويڑ ٻيو(۲). سنڌ جي حڪمرانن ۾ طرفداري ڪري سندن اختلافن کي وڌايو، جنهن جي ڪري آخرڪار هنن جي جدا جدا لڪن جون جدا جدا 'راڻون' قائم ٿيون. تالپورن جي دور ۾ مقامي نظام ۽ انتظام جي مضبوطي جو

---

(۱) جناب مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي (محراب پور جمالي) جي محبت ۽ مدد سان اسان 'ناڙي' ملڪ جي آثارن جو مطالعو ڪيو ۽ اتي جو لوڪ ادب سهيڙيو. ۶- جنوري ۱۹۷۷ع تي اسان شهر 'مولوي' ۾ منزل ڪئي ۽ اتي فارسي ۾ لکيل اها اصل سنڊ ڏٺي، جيڪا ان وقت اوباب غلام قادر جويي وٽ هئي. اها زمين ۾ ماڃين کان جوين ۽ پين مقامي ماڻهن خريد ڪئي.

(۲) ڪتاب 'بيگلار-نامي' مان ڏهين صدي هجري (سورهين عيسوي) ۾ سنڌ جي سوڍن جي اندروني اختلافن تي روشني پوي ٿي.

مدار راڄن جي رضا ۽ راڄن سان اتفاق تي رکيل هو. حڪومت طرفان هر مکيه قوم ۽ قبيلي کي سنڊون، زمينون ۽ مقامي اختيار مليا. خاص طرح سرحدن تي ويڙل قومن ۽ قبيلن کي اندروني طور مڪمل آزادي ڏيڻي سرحدن جو محافظ بنايو ويو. ڏاکڻي سرحد تي راڻپور جي راڻن کي ۽ اندروني طور هڪ رياست وارا اختيار ڏنا ويا. ڪين سنڊ ڏني وئي جنهن موجب هو راڻپور ۽ سوراڇند جي ڳوٺن، اڏ شهر جي واپاري محصول ۽ سنڌ مان ڪڇ ۽ گجرات طرف ويندڙ مال ۽ واپار جي چونگي ۾ پاڳي پائيوار ٿيا. اهڙيءَ طرح ويرا واه جي راڻي کي مقامي اراضي معافي ۾ ڏني وئي ۽ هو ويرا واه جي اڏ شهري محصول جو حقدار ٿيو، سڄي علائقي جي ڏل جو چوٿون حصو ۽ ڪيس مليو، ۽ موڪڻي ڏيڻ جي سڄي پيدايش سندس حوالي ٿي. انهيءَ رواداري ۽ فياضي جي ڪري هو سرحد جي حفاظت ۾ سنڌ جي حڪومت سان پاڻهن ۾ ملي ٿي ويڻا.

سنڌ تي انگريزن جي غاصبانه قبضي بعد، سنڌ جي خيرخواهه قومن قبيلن، سردارن ۽ سربراهن تي سختيون شروع ٿيون. انگريزن، ۽ سردارن وانگر راڻن کي ملهل رعايتن کي ڇڻ ڪتيو. ۽ ۱۸۵۹ع ۾ پارڪر جي راڻي ۽ مک اڳواڻ توڙي ويرا واه جي ٺڪر جا حق ضبط ڪيا. جاڪاڻ جو انگريزن جي ڌاري حڪومت سان هنن تعاون نه ڪيو. اڻ سال انگريزن ڏيئومل کي ٺڪرپارڪر جو ڪاردار (مختيارڪار) مقرر ڪيو هو تہ اتي جي راڻن ۽ ٺڪرن جو زور ڇڪي. ڏيئومل جي زبردستين سببان راڻن جا انگريزن سان مقابلا شروع ٿيا، جن جو ذڪر باب ٽائين هيٺ "راڻپور ۽ ويرا واه جي سوڍن جون انگريزن سان جنگيون" واري 'جنگنامي' ۾ بيان ٿيل آهي.

۱۵- اپريل ۱۸۵۹ع تي راڻپور جي راڻي ڪرڻجي ۽ سندس ڀاءُ پوءِ سنگ ويرا واه جي راڻي لاڌي سنگ، پهراڻي جي ٺڪر ۽ پين راجدارن ڪڇ جي انگريزن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو.

انگريزن جو پوليس ٽاڻو پٽي آچلايائون ۽ ڪاردار جي آفيس کي ساڙي ڇڏيائون. پوءِ انگريزن جون فوجون حيدرآباد توڙي ڪڇ مان چڙهي آيون. ۳- مئي تي مقابلو ٿيو. انگريزن جي فوجي طاقت گهڻي هئي، انهيءَ ڪري راڻو ڪرڻجي ۽ لاڏو سنگ ۽ ٻيا گرفتار ٿيا. اهڙي طرح انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ سوڍن جي انهن سرحدي رياستن ۽ راڻن جو خاتمو ٿيو(۱).

نگامڑن جي رياست

نگامڑن يا نگامرن جي قوم سامونڊي ڪناري لڳ آباد هئي، ۽ هو اڪثر ٻيڙياتا ۽ سامونڊي ناڪا هڻا. ماهيگيري ۽ ساحلي واپار سندن خاص پيشو هو ۽ انهيءَ ڪري هو سڪيا سڏايا ٿيا. ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) ۾ هو ڪاري لڳ ڪناري وارن علائقن ۾ طاقتور هئا. جو فتحنامي (چچنامي) جي فارسي ترجمي ۾ علي ڪوفي سندن ٽالو ڪنيو آهي ۽ پنهنجي گمان موجب ائين پاليو آهي ته جن 'ميدن' (سامونڊي سرڪشن) مسلمانن جي ٻيڙين کي قٽيو هو سي نگامرا هئا. سومرن جي آخري دور جي "آدو ۽ هوٿل ٻري" واري مشهور عاشقاڻا داستان جي 'هوٿل ٻري' حقيقت ۾ نگامري شهزادي هئي ۽ آدو ڪڪراليِ جو ڪير چاڙ هو(۲). اسلام جي اچڻ کان پوءِ نگامرا اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ اهي سامونڊي ناڪا ۽ واپاري جن جو ذڪر شاهه جي رسالي جي 'سر سامونڊي' ۾ آهي، تن مان غالباً گهڻا نگامرن مان ئي هئا. مُغلن جي دور ۾ 'نگامرن جي رياستن' جو حڪمران راڻو عُبيد هو. مغلن جي آخري

---

(۱) ويرا واهه جي پونجاڻي نگرن بابت وڌيڪ احوال آنجهاني رائچند جي "تاريخ ريگستان" ۾ ڏسڻ گهرجي.

(۲) لوڪ ادب جي ڪتاب "مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان -۱" ۾ اسان هن افساني جي روايتن کي سهيڙي مرتب ڪيو آهي، ۽ پڻ مقدمي ۾ نگامرن جي راڻن ۽ سنڌن رياست تي روشني وڌي آهي، جنهن جو تفصيل آڻي ڏسڻ گهرجي.

دور ۾ راڻو اِجمال ٿيو ۽ ان بعد ويندي کلهوڙن جي دور ڏانئين هن رياست جي حڪمراني. راڻي اجمال جي پوين يعني 'اِجمالين' جي هٿ ۾ رهي. اجمالي گهراڻي جي راڻن جي گادي پهريائين 'ڪنڊي ڪوٽ' ۾ هئي، پوء 'ڪنڊي' واري ڪاري تي (رتي ڪوٽ ۾؟) ٿي، ۽ آخر ۾ سندن گادي ڏاراجا ۾ ٿي:

اول هٿا 'ڪنڊي ڪوٽ' تي، پوء وٺا 'ڪنڊيء' پاس ڪئي
الله اجمالين جي اوچي ڪيچ آئي
ڏاراجي ڏئي، ڏسي سچ نه سوٽيا.

ميان نورمحمد ۽ ميان غلام شاهه جي دور ۾ 'نگامرن جي رياست' ايڏي وڏي ڪانه هئي، تہ بہ هڪ مضبوط لنڊي رياست هئي ۽ راڻو ارجن ان جو حڪمران هو. ميان نورمحمد محض پنهنجي طاقت جمائڻ ۽ پنهنجي حڪومت جي حدن وڌائڻ خاطر راڻي ارجن کي حملن ذريعي هيسائڻ شروع ڪيو. ميان غلام شاهه پوء بجار جوکيي کي بچي راڻي ارجن کي بيدردي سان مارايو. اهڙيء طرح نگامڑن جي هي آڪاڻي تاريخي رياست کلهوڙن جي دور ۾ ختم ٿي. اهو واقعو باب پنجين هيٺ "بجار جوکيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ" بابت جنگنامي ۾ بيان ٿيل آهي، جنهن جو تاريخي پس منظر هيٺين ريت آهي.

بجار جوکيو اڃان جوکين جو جام ڪونہ هو، پر وڏو ڏاڍو مڙس هو. ميان غلام شاهه جي اشاري تي بجار ۽ سندس ساٿين راڻي ارجن تي اوچتو حملو ڪيو، جنهن ۾ راڻو ارجن مارجي ويو. ان وقت ڪي ٿورا مڙس آتي راڻي وٽ هٿا، جن سامهون بجار تي حملو ڪيو. انهن مان ٿن جا نالا بيتن ۾ اچن ٿا. پيا جيڪي وڙهيا ۽ جن جو ذڪر ٻين بيتن ۾ آهي، سي غالباً تڏهن جڏهن ان کان اڳ ڪلهوڙن جي لشکر راڻي جي ڪوٽ تي حملو ڪيو هو.

تحفة الڪرام جي هڪ بيان موجب ۱۱۵۶ھ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ ٿتي جو انتظام مغلن جي شاهي وڪيل، ڏاراجہ جي راڻي ۽ 'ارباب

ساجن رانيه جي حوالي ڪيو ويو هو(۱). انهيءَ ڪري راڻي جي ماڻهن جو ڌڻي طرف اڇڻ کا ڏين ڳالهه ڪانه هئي، مگر تحفة الڪرام ۾ اڳتي ڇاڻايل آهي ته سنه ۱۱۶۰هـ ۾ ڏاراڄ جي راڻي جي چور تي جبل جي جنگجو ماڻهن مان ڪي ۽ چار سؤ شهر ڌڻي جي پسگردائي تي چڙهي آيا. ان وقت مَسُو فقير، ميان نورمحمد جي پاران ڌڻي جو حاڪم هو. سندس لشڪر مڪلي جي قبرستان جون قبرون لتاڙي حملي ڪندڙن کي سامهون ٿيو پر باوجود گهٽائي جي شڪست کاڌائون. ٻوءِ ميان نورمحمد جو پٽ محمد خداداد خان وڏي لشڪر سان چڙهي آيو ۽ مسو فقير کي معزول ڪري بلاول فقير لائچ کي ڌڻي تي مقرر ڪيائين. راڻو پنهنجو لشڪر قلعي جي ٻڌاءِ لاءِ ڇڏي پاڻ درياءَ (بڪهاڙ) ٽپي ٻئي طرف هليو ويو. راڻي جي انهيءَ ٿوري لشڪر اهڙو ته مقابلو ڪيو جو لاچار ٿي خداداد خان هڪ ڪوڙو جعلي دستاويز ڏيکاري قلعي تي قبضو ڪيو. شاعر محسن ڌڻوي ان واقعي جي تاريخ هن طرح ڪڍي:

دلم از بهر سالش فکر مي کرد
خرد گفتا "بحق فتح مبين" است

۱۱۶۱

ان واقعي کان ڪجهه پوءِ ڌڻي جي نائب شيخ شڪرالله، بجار جوڪيي کي سڏائي راڻي کي مارڻ جو تاڪيد ڪيو. منصوبو رڦيل هو ته راڻي ڪي صلح جي بهاني سان گهرائي، پوءِ حملو ڪري مارجي. پر ان بعد سنه ۱۱۶۵هـ ۾ شيخ شڪرالله سندس ذريعي مسقط ڏانهن محمد مرادياب خان کي وڻي اڇڻ لاءِ روانو ٿيو، جو وات تي پيڙي ۾ ئي وفات ڪيائين. انهيءَ ڪري اهو منصوبو رهجي ويو، جيڪو

(۱) ميرعلي شير قانع: تحفة الڪرام، فارسي متن، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۷۱ء، صفحا ۴۵۶-۴۵۸.

ٻوءِ ميان غلام شاهہ جي دور (١١٧٠-١١٨٦ھ) ۾ پورو ٿيو (١).
بهرحال هن حملي ۽ راڻي جي مارجڻ جو جيترو تفصيلي بيان هن واقعي
بابت جنگنامي جي روايتن ۾ آهي، اوترو ڪنهن به تاريخي ڪتاب
۾ ڪونهي.

پنهوارن جي رياست

سنڌ جي نسبنامن جي عام روايت مطابق 'پنهوارن' جا ونڊا
اصل ۾ هڪ عرب قبيلي مان هئا ۽ محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا.
'فتحنامي' جي بيانن تي ٻڌل معتبر تاريخن مان اهو ثابت
آهي ته محمد بن قاسم پنهنجي فوج مان، جدا جدا قبيلن جي ڪن
چونڊ ماڻهن کي جدا جدا جاين تي رهايو، ۽ بعد ۾ خليفي سليمان
هڪ عام حڪمنامو ڪيو ته جيڪي به سپاهي سنڌ ۾ آهن، سي
اتي ئي رهن، محنت ڪن ۽ زمينون آباد ڪري پنهنجو گذران ڪن.
پنهورن جا ونڊا، پنهنجي اصلي بدوي زندگيءَ کي ترجيح ڏيندي،
شهرن کان باهر وڃي رهيا ۽ ريڍ ڪرين جا ڏڻ ڏاري گذران
ڪيائون، جنهن ڪري وقت گذرڻ سان هو "پنهوار" (پهون =
ڪريون. پهون + وار = ڪرين وارا) يا 'پنهور' سڏجڻ لڳا.
سنڌ جو وڏو عالم ۽ محقق مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 'پنهور' هو، پر
وٽس کي اهڙيون لکيتون يا ڪيون روايتون هيون، جو پاڻ کي
پنهنجي نسبنامي جي اصليت جي لحاظ سان 'اسدي قريشي' ڪري
لکيو اٿس (٢). انهيءَ عرب قبيلي وارا (جيڪي پوءِ 'پنهوار' سڏيا ويا)

---

(١) سنہ ١٨٨٨ع ۾ انگريزن جي وقت جي جاگيردارن، ڪاتيدارن، پٽي-
دارن جي ياد داشت ۾ پڻ بجار جو حملو ۽ راڻي ارجن جو مارجڻ
ميان غلام شاهہ جي دور ۾ ڄاڻايل آهي.

(٢) راقم، مخدوم صاحب جي ڪنهن ڪتاب ۾ سندس پنهنجن هٿ
اکرين لکيل آهڙي عبارت ڏٺي آهي، پر هي ستون لکندي چٽيءَ طرح
ياد نٿو اچي ته اها عبارت ڪهڙي ڪتاب ۾ هئي.

غالباً محمد بن قاسم جي دؤر ۾ 'سيوهڻ' يا 'ڪاڪا راج' (ڪڪڙ) طرف رهايا ويا ۽ انهيءَ علائقي ۾ سندن پوين (پنهوارن) جي مکيه مرڪزي آبادي قائم رهي. اندازاً سمن جي پوئين دؤر ۾، جڏهن ڪان ڪاڪن-چنن واري قبائلي برادريءَ جو زوال شروع ٿيو تہ دادو ۽ چني جي ڏکڻ-الهندين پاڳي تي پنهوارن جو ۽ دادو-سيوهڻ جي ايرنڊين علائقي تي ڪوڙيجن جو قبضو ٿيو. ميرزا قليچ بيگ جي گمان موجب "۱۷۲۵ع ڌاري يا ان ڪان اڳ ڪاهري واري پاڳي ۾ پنهورن ۽ چنن جي حڪومت هئي. ڪاهري، سامتائي پرڳڻي جو صدر مقام هو" (يادگيريون، ص ۵۰). مگر غالباً اها گالهه ۱۷۲۵ع ڪان گهڻو اڳ جي آهي.

حسين چارڻ جي تاريخي شعر ۾ مير پنهوار جي سرداري ۽ سنڌ سر رياست جو ذڪر آهي، جيڪا سيوهڻ واري علائقي سان ڏيڪٽي هئي. اهو مغلن جو آخري دؤر هو، جو دادو طرف ميان نصير محمد جي طاقت وڌي رهي هئي ۽ ڪلهوڙن طرفان پين مقامي قومن قبيلن جي رياستن تي دٻاءُ پوڻ شروع ٿيو، ۽ حسين چارڻ جي شعر جي شاهديءَ موجب، مير پنهوار، ميان نصير محمد جي آڻ نہ مڃي. غالباً اهوئي سبب هو، جو ميان نصير محمد پنهوارن جي طاقت کي توڙڻ جو پڪو ڇهہ ڪيو. سنہ ۱۱۰۳ھ ۾ ميان دين محمد پنهورن تي حملو ڪيو ۽ مير پنهوار شڪست کاڌي، ۽ وري لشڪر گڏ ڪري لڙائيءَ جي تياري ڪيائين. مرڪپور وٽ جنگ لڳي، جنهن ۾ پنهورن هارايو ۽ ميان جي حڪم سان، پنهورن جي زمين تي قبضو ڪري ڪين پوريءَ طرح آڻ مڃائي وئي.

ميان نصير محمد جي فقيري ۽ فيض سان، گهڻا بلوچ قبيلا 'ميانوالي طريقي' ۾ داخل ٿي چڪا هئا. دادو ۽ جوهي وارن علائقن ۾ رهندڙ جمالي، شاهائي، رند ۽ ڪوسا سنڌس سڳپي ۾ هئا، جن سان ڪوسا، جيڪي اردا ۽ ڏاڏا هئا، سي چني سان لاڳو ڏکڻ طرف رهندڙ هئا. ڪوسن، پنهوارن جي حد ۾ لوڙهيون هڻڻ شروع ڪيون.

مير پنهوار کان پوء پنهوارن ۾ ٻئو شايد ٻڌو سرداريون ڪئي ويون هيون. اصل مرڪز سامتائي ۾ قيصر پنهوار سردار هو، ۽ مٽي اتر طرف اراڙي ۾ حيدر پنهوار سردار هو. باوجود انهيءَ جي مقابلي ۾ پنهوارن ڪوسن جي سربراه گولي ڪوسي ڪي ماريو، پر هن جا ٻه ڳهٽا ماٺهو مٺا ۽ پنهوار وڏيڪ هيٺا ٿي ويا. جئن ته منجهن وڏيڪ مقابلي جي طاقت نه رهي، انهيءَ ڪري هنن لاچار ميان نصير محمد جو فيصلو قبول ڪيو، جنهن موجب اولهه طرف جبل ڪان وٽي اوپر طرف ناري تائين، پنهوارن جو سڄو علائقو سردار گولي ڪوسي جي قتل جي عيوض ڪوسن کي ڏنو ويو(۱). انهيءَ فيصلي کان پوء پنهوارن جو زور ٽٽي ويو ۽ هو ميان جا مڪمل طور مطيع ٿي ويا. باوجود انهيءَ جي پنهورن کي بالڪل ٿي بي دخل ڪرڻ ۽ تڙي ڪيڻ خاطر ميان يار محمد متن حملو ڪيو. پنهورن پيغام موڪليو ته اسين کين وڙهنداسون ۽ سامهون تبرار کائ ڪٽنداسون. تڏهن ميان يار محمد چيو ته: متن ڏنبڏن ۽ لڻين سان حملو ڪريو. ائين ڏنبڏن ۽ لڻين سان پنهورن کي ماري ڪيي، کاهڙي تي قبضو ڪيائون(۲). انهيءَ تان ميان يار محمد

---

(۱) ڏسو باب پنجون، "ميان نور محمد جو ڪوسن کي هڪالي ڪيڻ". ڪوسا اڳئي زبردست هئا ۽ ساڻ ڪري ويهڻ وارا کين هئا. جڏهن پاڙيسري قبيلن شاهاڻين ۽ جمالين سان وڙهيا، تڏهن ميان نور محمد خرد ڪوسن تي لشڪر چاڙهي، کين چني ۽ ڪنيڙاڻ واري علائقي مان بي دخل ڪيو.

(۲) پنهورن جا سربراه پوء سامتائي ڇڏي ويا. ڪي درياء جي ڪچي ۾ وڃي ويٺا، ڪي درياء ٽپي، اوپر طرف ويا ۽ ڪي دادو ۽ لاڙڪاڻي جون حدون ٽپي، جيڪب آباد طرف هليا ويا. وڏيرو عمر پنهور ۽ وڏيرو قنبر پنهور پوء تالپورن جي دؤر ۾ ساڻاڻا، جن جو ذڪر "باب چهين" هيٺ "رندن جو مڪسين تي حملو" واري جنگنامي ۾ آيل آهي.

عام طرح "ياروَ ڏلبڏي" مشهور ٿيو. ۽ اهو ڏنبڏو جيڪو ڪاهري تي ڪيل حملي ۾ سندس هٿ ۾ هو، سو پوءِ سندس قبي ۾ سنياليِ رکيو ويو، جنهن جو ٻچيل ٽڪرو اسان ڀاڻ وڃي ڏٺو. ميان يار محمد ڪاهري لڳ پنهنجو گاديءَ جو نئون شهر 'خدا آباد' ٻڌايو. 'پنهوارن جي سامراڻي رياست' اڻين ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ختم ٿي.

ڪڪرالي جي ڪيهرن جي رياست

سنڌ ۾ سمن جي حڪومت کان اڳ سنڌ جي سمن جي ڪچ ۾ پنهنجي حڪومت قائم هئي، جنهن جو مرڪزي علائقو 'ابڙاسيو' هو. اتان پوءِ جام مهڙ سنڌ جي ڪڪرالي ورڳي ۾ پنهنجي رياست قائم ڪئي، جيڪا سمن جي دور ۾ قائم رهي(۱). هيءَ رياست 'اوچتي' درياءَ جي ڏکڻ ڪيٽي بندر کان اوپر سجي ساموندي ڪناري لاڳو علائقي ۾ ويندي 'بستا بندر' تائين پکڙيل هئي. شاهه بندر تعلقي (موجوده "لاڙيون") واري اراضي هن رياست جو مرڪز هئي ۽ جاتي تعلقي جو اولهندين ڀاڱو به هن ۾ شامل هو. سمن جي حڪومت کان پوءِ ڏهين صدي ۾ ڪڪرالي جو حڪمران جام جراڙ هو ۽ پوءِ جام ڏيسر ٿيو جنهن کان پوءِ جام هالو ٿيو. ترخانن جي دور کان وٺي هن رياست تي سنڌ جي حاڪمن جا حملا شروع ٿيا، جو اها نهايت آباد هئي، پر ڪيهرن به آڏو مقابلا ڪيا. مرزا عيسيٰ جي وقت ۾ 'هالو' ڪڪرالي جو جام هو. ۹۷۹ھ/۱۵۷۱ع ۾ مرزا محمد باقي ڪڪرالي تي حملو ڪري خان ڀٽ ڏيسر کي--جيڪو ان وقت جام هو--شڪست ڏني ۽ هو مارجي ويو. پر اتان جي

---

(۱) جام مهڙ ۽ ڪڪرالي جي جامن بابت اسان کجهه تفصيل لوڪ ادب سلسلي جي اوٽيهين ڪتاب (مشهور سنڌي قصا ۽ سنڌ جا عشيه داستان-۱، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۴ع، مقدمو صفحا ۵-۶) ۾ ڏيو آهي جتي ڏسڻ گهرجي.

راڄدارن جن ۾ 'ڪوڙ' قبيلي وارا طاقت ۾ هئا، مقابلا جاري رکيا. ۹۸۰ھ ۾ وري مرزا محمد باقي پنهنجو لشکر چاڙهي موڪليو، جيکو ڪڪرالي جي قبيلن جي گڏيل طاقت سان پڄي نه سگهيو ۽ حڪومت وري جام ڏيسر جي حوالي ٿي. مغلن جي دؤر ۾ شهزادو خرم (شاه جهان) جڏهن دهلي سان پيءُ سان ڪاوڙجي سنڌ ۾ آيو. تہ ٿي جي مغل صوبه دار ۽ ڪڪرالي جي جام سندس مخالفت ڪانہ ڪئي، جنهن جي معنيٰ تہ مغلن جي حڪومت سان ڪڪرالي جي جام جا صلح وارا معاهدا ٿيل هئا. ڪڪرالي جي گادي جو هنڌ 'ديرو' هو جيکو ڏهين صدي هجري ۾ اوج تي هو. ٻيو مکيہ شهر 'ميليو' (ابن شاهہ جا ٽکر) هو. غالباً يارهين صدي ۾ 'ڪڙهہ آباد' پڌايائون ۽ اتي پنهنجي گادي ڪيائون.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪڪرالي جي جامن خلاف وڌيڪ ڪارروايون شروع ٿيون، پر ميان نورمحمد جي حڪومت جي آخري دؤر ۾ ڪڪرالي جي جام ڏيسر (نندي) سان صلح جا معاهدا ٿيا. جام ڏيسر جو نالائق پٽ، پيءُ جي خلاف ميان محمد مرادياب وٽ پهتو تہ جي مون کي 'جام' بنايو تہ ٿيون حصو ملک يا آمدني جو ڏيندس. ميان محمد مرادياب پٺسي جي لالچ واري هوَس ۾ حڪم ڏنو تہ جام ڏيسر تي لشکر چڙهائي ڪري. وڏن امينن ۽ صلاحڪارن سان مير بهرام خان ۽ مراد خان ڪليري ميان کي سمجهايو پر هن مال ملڪيت جي لالچ ۾ جام ڏيسر تي حملي جو حڪم بحال رکيو. ميان جي انهيءَ روش ۽ پٺسي جي هوَس جو بيان ميرزا محمد علي 'ڪڪرالي' جي جنگ بابت پنهنجي مثنوي ۾ ڪيو آهي. محمد مرادياب جي ڪم ظرفي بابت لکي ٿو تہ:

نه از ملک و از لشکرش آگهي
چنين باشد آن روزگار تهي
شدي گر بسويش کسي داد خواه

اٰمودي ز بيداد كارش تباه
نبودش بجز شغل كين پيشه
نه جز فكر بيداد انديشه

۱۱۶۷ھ کان حملا شروع ڪري جام ڊيسر کي پنهنجي گاڏي (گڙھ آباد؟) چڏائي 'ديره' ۾ وهاريائون، مگر محمد مراد ياب پوء جلدئي معزول ٿيو ۽ جام ڊيسر پنهنجي رياست بدستور سنڀالي. ۱۱۷۳ھ ۾ وري ميان غلام شاھ، جام خلاف لشڪر چاڙهيو، چاڪاڻ جو ميان غلام شاھ جڏهن حڪومت حاصل ڪرڻ لاء ڪوشش پئي ڪئي، تڏهن جام ڊيسر سندس پوزي مدد ڪانه ڪئي هئي. بالآخر ۷- صفر سنه ۱۱۷۴ھ/۱۷۶۰ع ۾ جام ڊيسر جي گاڏي جي شهر "آباد" تي ميان جي لشڪر قبضو ڪيو ۽ جام پڇي وڃي ڪڇ ۾ پناھ ورتي. جام جو پٽ بدستور پنهنجي پيءُ جي خلاف ميان صاحب جي نوڪري ۾ رهيو. اهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جي دور ۾ ميان غلام شاھ هٿان ڪيهر سمن جي قديم رياست ڪڪرالي جو خاتمو ٿيو.

(ج) ڪوهستان، حب، ملير ۽ ساڪري جا مڪيم قبيلا

سنڌ جي ڏکڻ- الهندين پاڻن ۾، ٽئن بارڻ ڪان اولهه- ڏکڻ واري ڪوهستاني علائقي، ٽئن حب ۽ ٽئن ملير جي وادين، ڏکڻ- اوپر طرف لئن ڪهڪهر جي وادي، وٽيجي، ڏاڀيجي ۽ اڳتي سچي ساڪري تائين برفت- ٽومڙيا، لاشاري، ڪرمتي (بلوچ) ۽ جوڪيا مڪيم ۽ طاقتور قبيلا رهيا آهن، جن جو ذڪر ڪيترن ئي جنگنامن ۾ اچي ٿو. مختلف وقتن تي، ڪڏهن ڪن قبيلن جو پاڻ ۾ ضلح ۽ دوستي وارو ناتو، ته ڪڏهن مخالفت ۽ جنگ وارو سلسلو رهيو. آثارن ۽ روايتن کي مدنظر رکندي ائين معلوم ٿئي ٿو ته سمن جي دور کان وٺي مغلن جي اوائلي دور تائين، لکي کان وٺي حب ندي جي ڪوهستان تائين برفت- ٽومڙيا قبيلا طاقتور رهيا. حب، ملير ۽ ساڪري واري

پاڳي ۾ لاشاري ۽ ڪرمتي قبيلا طاقتور رهيا. ۽ آخر ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ جوڪيا طاقت ۾ آيا. پين ننڍن قبيلن مان ڀڙج، جاکرا، سورا، ٻالاري، ڇچر ۽ ڪائيچا پنهنجن پنهنجن ماڳن تي ٿوري گهڻي عرصي لاءِ مضبوط رهيا. هيٺ اسان ڪن مکيه قبيلن جي طاقت ۽ اچڻ جي تاريخوار سلسلي ۽ سندن هڪٻئي سان تعلقات تي مختصر طور روشني وجهنداسون.

لاشاري قبيلا

نائين صدي هجري (پندرهين عيسوي) ۾ بلوچن جي رند ۽ لاشاري قبيلن جي وڏي جنگ سالن جا سال هلي. رندن جو سردار مير چاکر هو، جنهن جي حڪومت سبي ۽ ڏاڏهر ۾ هئي ۽ لاشارين جو سردار مير گهرام هو جنهن جي حڪومت ڪنداوا ۾ هئي. دريا خان لاشاري قبيلي جو هڪ ذهين ۽ بهادر نوجوان هو، جنهن ننڍي ۾ اچي نوڪري ڪئي هئي، جتي هو بالاخر سلطان چاڪر نظام‌الدين جو وڏو وزير ۽ سپه سالار ٿيو ۽ 'مبارڪ خان' جي لقب سان مشهور ٿيو(۱). دريا خان جي صلاح مشوري سان ئي سنڌ جي حڪومت لاشارين ۽ ساڻن شامل قبيلن جي پٺپرائي ڪئي؛ ٻئي طرف رندن ۽ ساڻن شامل قبيلن ارغونن ڪان مدد ورتي. سنه ۸۹۸ھ (۱۴۹۲ع) ۾ دريا خان جي اڳواڻي هيٺ سنڌ جي لشڪر، جنهن ۾ لاشاري، چانڊيا، مگسي ۽ ٻيا قبيلا شامل هئا، ارغونن جي لشڪر کي شڪست ڏني، جنهن ۾ شاه بيگ ارغون جو ڀاءُ محمد بيگ سارجي ويو. ان ڪان پوءِ سلطان چاڪر نظام‌الدين جي باقي دور (۸۹۸-۹۱۴ھ) ۾ لاشارين، چانڊين، مگسين ۽ ٻين قبيلن کي، جن ارغونن کي شڪست ڏني هئي ۽ جيڪي پوءِ به سنڌ جي فوجي طاقت جا مکيه سرواڻ رهيا، سلطان چاڪر نظام‌الدين طرفان جاگيرون ۽ انعام اڪرام مليا. لاشاري قبيلي

---

(۱) دريا خان جي حسب نسب بابت تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو مضمون ص ۹۹، سماهي مهراڻ، نمبر ۱-۲، ۱۹۸۰ع، سنڌي ادبي بورڊ.

جي سربراهن کي گادي جي شهر ٺٽي جي آسپاس وارن علائقن ۾ جاگيرون مليون. نسبناميءَ جي روايتن، تاريخي اهڃاڻن، آثارن (قبرستانن) ۽ جنگنامن جي ڪن روايتن مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته لاشاري سردار سونڌا، حب-ملير ۽ پير پٹي وارن ماڳن تي آباد ٿيا. سردار مير گهرام لاشاري جو پوٽو مير اسحاق (وڏو) غالباً دريا خان جي لشڪر سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ سلطان جام نظام الدين طرفان ڪپس 'ملڪ' جو خطاب مليو. هن رڄيرن ڪرمتين مان شادي ڪئي ۽ حب-ملير ۾ رهيو. جام نظام الدين جي وفات بعد، جام فيروز جي دور ۾ سمن جي حڪومت جو زوال شروع ٿيو ۽ ۹۲۷ هـ (۱۵۲۰ع) ۾ دريا خان جي شهادت بعد ارغونن جو سنڌ تي غلبو ٿيو ۽ ان سان گڏ لاشارين ۽ ساڻن پين شامل قبيلن تي ارغونن جي لشڪر چڙهايون ڪيون. ان وقت مير گهرام جو پٽ مير راميڻ سنڌ ۾ هو. هو پير پٹي وٽ ارغونن جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو ۽ پير پٹي تي دفن ٿيو (۱). ٻيءَ روايت موجب انهن حملن کان اڳ هو گجرات طرف هليو ويو هو ۽ لاشارين سندس پٽ ملڪ اسحاق جي اڳواڻي هيٺ سونڌن وٽ ارغونن جي لشڪر جو مقابلو ڪيو جنهن ۾ ملڪ اسحاق ۽ ٻيا وڏا سربراه شهيد ٿيا، جن جون چٽسالي ۽ تصويرن سان آڪريل وڏيون شاهي قبرون سونڌن جي مقام ۾ موجود آهن. حب ۽ ملير ۾ لاشاري قبيلن مان ڪي ٻچي ويا، جن مان مغلن جي اولهلي دور ۾ مير عالي سردار هو، جنهن جو اولاد موجوده 'عالياڻي' لاشاري آهن. ٻئي ڪيترا قبيلي 'سلطاناڻي' بابت هڪ روايت ائين آهي ته سندن وڏا دريا خان جي دور ۾ 'سلطان' جام نظام الدين جي محافظ دستي جا خاص ماڻهو هئا ۽ انهيءَ ڪري 'سلطاناڻي' سڏيا ويا. مير عالي جي وقت ۾ ڪرمتي قبيلا هينئن ملير واري اراضي ۾ ٻهتل

---

(۱) هڪ ٻي روايت موجب هو ڪلان ڪوٽ تي ماريو، پر اها روايت صحيح نٿي لڳي.

۽ مير عالي سندن مدد ڪئي. 'سلطاناڻي' ۽ 'عالياڻي' لاشارين جا رئيس پاڙا ٿيا. اهي توڙي ٻيا لاشاري پاڙا جن جو سلسلو متان سمن جي دور کان شروع ٿيو، سي ٻوءِ مقامي عرف عام ۾ 'مُنڊِيرَ' سڏجڻ لڳا. جڏهن پڙجن جي ڪرمتين ۽ لاشارين سان جنگ ٿي، تڏهن لاشاري آتر طرف ملير، حب ۽ ڪڏاپ ۾ سؤنگل واري علاقي ۾ آباد هئا ۽ عمرخان سندن سردار هو. مغلن جي زوال واري دور ۾ لاشارين جو سردار 'عالياڻي' پاڙي مان بِنگي خان هو، جنهن سان بجار جي سربراهيءَ هيٺ جوڪين جو راج پيڙو ٿيو، ۽ بنگي خان انهن جي حب واري علاقي ۾ آباد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي.

پڙَجَ قبيلا

پڙَجن جي هڪ ننڍي قوم غالباً سومرن جي دؤر کان وٺي حب-ملير کان هيٺ گهاري تائين ۽ گهاري کان ڏکڻ-اولهه ڪيراڻي واري علاقي ۾ آباد هئي. ان وقت سندو نديءَ جو هڪ هيٺيون چوڙ ڦٽو درياءَ هو، جيڪو گهاري کان ڏکڻ-اولهه طرف وهندو هو. موجوده 'ڪيراڻي ديهه' پڙجن جو ٻيلو هو. 'ماڙي مورڙو' جنهن جا کنڊر ڪيراڻي ديهه ۾ آهن ۽ ٻيو 'ٽنين واري مسجد' جي شهر جا کنڊر پڙجن جي وقت جا يادگار آهن. متان درياءَ جي رخ بدلڻ ۽ ٻاڦيءَ جي ڪوٽ سبب پڙجن وارو اهو علاقو ويران ٿيو، انهيءَ ڪري ڪي قبيلا هيٺ ساڪري ۽ گهوڙا ٻاري طرف ويا ۽ ٻيا سندن متئين حب ۽ ملير واري ساڳ ڏانهن ويا، جتي هو پنهنجي لاءِ وڌيڪ علاقو هٿ ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڪري پڙجن جو، اتي جي لاشارين ۽ ڪرمتين قبيلن سان ٽڪر ٿيو، جنهن ۾ سندن زور ٽٽو ۽ کين حب ۽ ملير واري علاقي مان بي دخل ٿيڻو پيو. اهو مغلن وارو اوائلي دؤر هو. ان وقت ڪرمتين جو سردار مَلڪ حاجي هو، جنهن پڙجن کان ملير وارو علاقو هٿ ڪيو. ڪي هڪ ٻ راج پڙجن جا حب واري پاسي رهيا، ۽ جڏهن جوڪيا راج 'ڪنگوري' واري پاسي کان سندن سربراه بجار جي اڳواڻيءَ هيٺ حب واري علاقي ۾ آيا تہ

پڑجن جي راجدارن ۾ ايان ايتري همت هئي، جو جوکين کي پنهنجي اراضي طرف وڌڻ نہ ڏنائون ۽ پٽر (روهي) کوڙي دنگ ڪيائون تہ جئن جوکيا اڳتي نہ وڌن. هڪ روايت موجب تڏهن بنگي خان جوکين جي مدد ڪئي.

ڪرمتي قبيلا

'ڪرمتي' هوت بلوچ آهن، جيڪي ڪنهن آڳاٽي وقت کان مڪران ۾ سامونڊي ڪناري لڳ 'ڪلمت' واري علائقي ۾ آباد ٿيا ۽ 'ڪلماتي' يا 'ڪلمتي' سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ آيا تہ (سنڌي آچار موجب) 'ڪرمتي' مشهور ٿيا. نائين-ڏهين صدي هجري (۱۵-۱۶ عيسوي) ۾ هوت قبيلن جي ڪلمت ۾ پنهنجي خود مختار رياست قائم هئي. ڏهين صدي هجري (۱۶- صدي عيسوي) ۾ هن رياست جو حڪمران حمل خان پٽ جيئند خان هو، جنهن پورچوگيزن جي سامونڊي حملن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو. ان کان اڳ غالباً ۹- صدي هجري ۾ ڪي ڪرمتي قبيلا هنگلاج ۽ هڳور ندي‌ءَ واري وات سان سنڌ ڏانهن آيا ۽ پهريائين هو لس بيلي جي ڪارڙي-۽ پٽواڻي وارن علائقن ۾ رهيا، جتي سندن قديم قبرستان موجود آهن. پوءِ حب ندي‌ءَ ڏانهن وڌيا. سندن سردار تڏهن 'راڏا' گهراٽي مان هئا. راڏي سردار حاجي (ابن نوتڪ بن عالي بن عمر بن بجار بن هوت بن جلال خان) پهريائين حب وارو علائقو پُرن کان هٿ ڪيو ۽ پوءِ ملير پڑجن کان هٿ ڪيو. پنهنجن کان وڌيڪ وڏي اراضي مال لاءِ مقاطعي تي ورتائين، جنهن ۾ ڪارڙي جو لڪ، پوٽي، لوهار جو لنگهہ، سوڙينگ، بولاڙي (ڪوئڪر وٽ)، جرندو ۽ گوربان شامل هئا. حاجي غالباً مغلن جي اوائلي دور ۾ ٿيو. ملڪ حاجي کان پوءِ ملڪ براهم، ملڪ اسحاق، ملڪ طوطا، ملڪ حسن ۽ ملڪ زردار سردار ٿيا. راڏن جو اثر رسوخ حب ۽ ملير کان اڳتي ڪهڪهر ٽئن تائين وڌيو. سندن آخري پاڻ وڏيجي کان چار ميل ڪن اولهہ طرف هو، جو سندن سرداري ختم ٿي. ان بعد پڳ راڏن مان

قبري ٻئي قبيلي ۾ آئي، جن مان ملک براهم (بن شيهک بن ڏگار بن براهم بن ٻير بن نوت) ٿيو. ملک حاجي جا ٻ ٻيا ٻاڻ لوزبندغ ۽ بلوچ هٿا. نوزبندغ کي ٻ پٽ ٿيا، هک نوت ۽ ٻيو گياندار. نوت جا پٽ هديه ۽ ٻير، جيکي سردار ٿيا. گياندار جو اولاد 'ٻوا' ٿيا(۱).

سنڌ جي ساکري واري علائقي ۾ سمن جن دؤر کان وٺي 'لنگاڻن جي رياست' قائم هئي. لنگامڑا ٻڙياتا يا ناکٹا هٿا ۽ متي مکران تائين ايندڙ ويندڙ هٿا. کلمتي ٻ. سامونڊي ٻڙن وارا هٿا ۽ غالباً الهيءَ. وقت کان وٺي کي کلمتي ساکري ۾ لنگاڻن جي راڻي جي رياست ۾ آباد ٿيا. بعد ۾ جڏهن کي کرمتي قبيلا حب ۽ ملير کان ٻڏا ساکري ۾ آيا تہ انهن جو ٻ راڻي سان رس رهيو، بلڪ هو راڻي جي لشکر جا سهه سالار ٿيا، ۽ رياست سان لاڳيتو بگهياڙ جي پاڻيءَ تي پنهنجون آباد يون وڌايائون ۽ بستيون قائم کيائون جنهن کري 'بگهياڙ' سڏجڻ لڳا.

اورنگزيب بادشاهه جي دؤر ۾ کرمتي قبيلا ميرپورساکري ۽ بگهياڙ وارن علائقن ۾ طاقتور هٿا، ۽ سنڌ سردارن ٻسر (ٻير) ۽ بجار کي، جيکي ٻئي سوٽ هٿا، اورنگزيب بادشاهه کان ۱۴ رجب ۱۱۰۳ھ (۱۶۹۱ع) تي شاهي سنڌ ۽ ساکري واري اراضي انعام ۽ معاوضي طور ملي، جنهن جي عيوض هنن ساکري کان ٻوڏ ٻسر ڏالهن ويندڙ قافلن جي سلامتي جي ذميداري پاڻ تي کئي. ملير ۽ حب وارن کرمتين جو سردار ان وقت يا ان کان اڳ ملک طوطا (وڏو) هو، جنهن جي نالي سان داڻيجي کان ٻ ميل اتر طرف "ملک طوطا

---

(۱) هي نسبنامو راقم کي ۱۹۵۰ع ۾ ملير جي 'لٽينگ' (بلوچن جي) پاڙي جي ٻير مرد (ان وقت عمر ۷۲ سال) حاجي شاهه علي وڏان مليو. راڏا کرمتي ملک، تن جون قبرون ملير ۾ ٽڏي جي ڏڻ لڳ ملک طوطا واري مقام ۾ هک چٽي هيٺ هيون، جيکا اڄا بيڻل هٿي جڏهن اسان ڏٺي ۽ قبرن ٽي آکريل ڏالا قلمبند کيا.

جو تلاءُ آهي. ملڪ طوطا جو شاهي قبرستان، جنهن ۾ وڏي چقسالي سان قبرون آهن، سو ٽڏي جي ڏڻ لڳ آهي(۱).

ارغونن ۽ ترخانن واري دؤر ۾ لاشارين سان گڏ ڪرمتين تي به چڙهايون ٿيون، خاص طرح رڄيرن جي قبيلي تي، جنهن مان ملڪ اسحاق لاشاري شادي ڪئي هئي. مرزا محمد صالح، رجيرن کي ئي مارايو هو جيڪي مريد خان جا عزيز هئا، جنهن پوءِ مرزا محمد صالح کي مارايو. هڪ روايت موجب مرزا محمد صالح، مائي ڪيوڙي جو سڱ گهريو هو، جيڪا ڪرمتي ملڪ طوطا جي ڏيءُ هئي. ملڪ طوطا رجيرو (ڪرمتي) هو ۽ هُو ان وقت فوت ٿي ويو هو. ارغون-ترخان ۽ مغل هڪٻئي جا مخالف هئا ۽ انهيءَ ڪري سنه ۱۰۰۰ھ / ۱۵۹۱ع ڪان پوءِ مغلن واري دؤر ۾ ڪرمتي قبيلا ملير ۽ حب ڪان وٺي ساڪري تائين طاقتور ٿيا. ان وقت برفت-نومڑين قبيلن جي گائيچن-ڇڇرن خلاف مدد ڪيائون(۲). مغلن جي زوال واري دؤر ۾ برفت-نومڑيا قبيلا ڏڻ ڀارڻ ڪان اولهه طرف سڄي ڪوهستان ۾ طاقتور ٿيا. سنه ۱۱۱۵ھ ۾ هنن قبيلن جي سرواڻ پاهڙ خان لس بيلي جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ نومڑيا محال ڪوهستان مان حب تائين وڏي اڇي ڪرمتين سان منهن مقابل ٿيا.

پوءِ ڪرمتين جوابي حملا ڪيا ۽ سورهيه گندبي مٿاڻي وڃي لس بيلي جي حد ۾ نومڑين جون لوڙهيون هنيون(۳). مغلن جي زوال وقت سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي طاقت اڀري رهي هئي. ميان يارمحمد ڪلهوڙي ۱۱۷۱ھ ۾ پاهڙ خان کي شڪست ڏني ۽ ان بعد سندن صلح ٿيو. نومڑيا جڏهن ڪرمتين سان پڄي نه سگهيا تہ پاهڙ خان

---

(۱) اسان ۱۹۶۲ع ڌاري ان شاهي قبرستان جو معائنو ڪيو. ان وقت ملڪ طوطا ۽ ٻين ملڪن جي مٿان وڏي شاهي ڇٽي (ڇٻي) هئي، جيڪا هاڻي ڊهي وئي آهي.

(۲) باب چوٿون: برفتن جو گائيچن ۽ ڇڇرن کان ويڙ وڙ.

(۳) باب پنجون: گندبي مٿاڻي ۽ نومڑين جا مقابلا.

ميان نورمحمد کي ڪرمتين خلاف لشکر چاڙهڻ جي صلاح ڏني.
پر ميان نورمحمد پهريائين ڏاراجه جي راڻي تي حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجي
پٽ خداداد خان کي چاڙهي موڪليو، جنهن حرفت سان ان علاقي
تي قبضو ڪيو. جيتوڻيڪ سامهون لشکر ۾ ڪرمتين وڏو مقابلو
ڪيو. ڪرمتين کي راڻي کان چيني ڏار ڪرڻ خاطر، ميان نورمحمد
جي حڪم موجب ميرمحمد عرف الهيار خان ڪلهوڙي ۲۷- ربيع الاول
۱۱۶۲ھ ۾ ملڪ مريد پٽ ملڪ ابراهم کي جاگير ڏيکي ڪري ڏني.
انهيءَ ڪري جڏهن ميان غلام شاهه، جوڪين جي سربراهه بجار کي
راڻي جبي مارڻ لاءِ موڪليو تہ ملڪ مريد، راڻي جي ڪابہ مدد
ڪانہ ڪئي. راڻي ۽ سندس رياست جي خاتمي کان پوءِ ميان غلام شاهه
ڪرمتين خلاف خدا آباد مان وڏو لشکر چاڙهي موڪليو، جنهنڪري
ڪرمتين کي وڏو نقصان پهتو(۱). ميان غلام شاهه پوءِ جوڪين جي
سربراهه بجار کي زور وٺارايو، جنهن ڪرمتين خلاف جنگيون جوٽيون،
جنهن ۾ ملير ۽ حسب واري پاسي کان ڪرمتين توڙي لاشارين کي
بي دخل ڪيائين ۽ ساڪري وارن ڪرمتين تي بہ سوڙهہ ڪيائين.

باوچڪي ۾ هڪ شعر جبي روايت موجب ملير وارا ڪرمتي
قبيلا جڏهن اتان نڪتا تہ اچي پيتاڻي واري پٽ تي ويٺا. پيتاڻو،
وٽيجي کان ڏکڻ، گهاري واري درياءَ کان آتر، ۽ شاهه حسن اولياءَ
جي لڳ ڏکڻ طرف آهي. ان وقت سندن سربراهه ملڪ عثمان هو،
طوطا ۽ اسحاق بہ سندس ويجها عزيز هئا.

هن ڪتاب ۾ شامل ستن جنگنامن(۲) ۾ جوڪين ۽ ڪرمتين
جي مقابلن ۽ جنگين بابت ڪافي تفصيلي ٽاڪا ۽ اهڃاڻ ڏنل آهن.

---

(۱) باب پنجون: ڪلهوڙن جي لشکر جي ڪرمتين تي چڙهائي.
(۲) باب پنجون: ڪرين واري جنگ، ٽڏي واري جنگ، ڪلي
بي پهرين جنگ، بجار ۽ راڻي ارجن جي جنگ، ڪهڪهي واري جنگ،
قدمن واري جنگ ۽ ڪلي واري بي جنگ.

مکلي واري ٻي جنگ سنہ ۱۲۰۳ھ ۾ تالپورن جي اوائلي دور ۾ لڳي، جنهن ۾ ڪرمتين جي هار ٿي ۽ سندن سورهيہ سپہ سالار مير مزار ميدان ۾ ماريو. مير فتح علي خان جي وقت ۾ ساڪري جي ڪرمتين جو سردار ملک مريد هو ۽ سندس پائر الله ڏنڊو، فتح خان ۽ مزار هنا، جن مان مزار مکلي تي ماريو. جڏهن مير فتح علي خان جو ملک تي پورو قبضو ٿي ويو تہ جوڪين ۽ ڪرمتين ۽ برفتن جي سردارن سان هڪ ڪي وڏي عزت ۽ آبرو ڏنائين، ۽ سندن وچ ۾ ڪو صلح ڪرائي ڪين هڪٻي سان وڙهڻ کان هميشه لاءِ روڪي ڇڏيائين.

برفت ـ نومڑيا

برفت ۽ نومڑيا قبيلا آڪاڻي وقت کان وٺي سنڌ جي ڪوهستان ۾ طاقتور رهيا. اوائلي دور ۾ هنن جو بلوچستان ـ لس ٻيلي وارن قومن قبيلن سان وڏيڪ تعلق رهيو ۽ منجهن بلوچي رسم رواج رائج رهيو. انهيءَ ڪري ڪن آڪاڻين تاريخن ۾ انهن کي 'بلوچي قبائل' ڪري ڄاڻايو ويو آهي. نسبنامي جي روايتن موجب، آڪاڻي (سومرن يا سمن واري) دور ۾ سندن قبائلي سردار ابوالفتح بلوچ هو(۱) جنهن جي نالي پويان پوءِ انهي قبيلي واڳ ۽ پڇا جيڪي سائڻ راهہ رواج ۽ لٽ ۾ شريڪ ٿيا سي 'بلفتت' (=ابوالفتح) يا (سنڌي آچار جي لحاظ سان) 'برفت' سڏجڻ لڳا. ڪن روايتن موجب برفت مڪران ۽ بلوچستان کان آيا. بهرحال ڪوهستان ۾ منڊ کان ٿي 'برفتن' ۽ 'نومڑين' قبيلن جو واڌاري ۽ شراڪت وارو ناتو ٿيو، جنهن ڪري برفت ـ نومڑيا قبيلا ڪوهستان جي هڪ يڪمشت قبائلي طاقت بنجي ويا. مغل جي دور ۾ هي الهندين ڪوهستان کان هيٺ لٽا ۽ آدم ۾ لکي کان وٺي ڏکڻ ۾ ٺٽن بارڻ تائين سڄي ڪاڇي ۾ هنن پنهنجو

(۱) ملک بولاخان نومڑي جي اوائلي شجره ۾ بلوچڪا نالا 'حمل' ۽ 'آري' اچن ٿا.

ڏاکو جمايو، ۽ مغلن جي پوئين ۾ زوال واري دور ۾ انهيءَ اراضي ۾ کوسن، گائيچن ۽ ڇچرن جي زور وٺڻ سان هي قبيلا بارڻ تائين هٿي ويا. گائيچن، ڇچرن ۽ سورن گڏجي احمان بر کين پوئتي هٽايو ۽ بارڻ ٽپي ڪڇ ڏاکڻي علائقي تي بہ قبضو ڪيو. برفت قبيلن ٻوءِ حب ۽ ملير جي ڪرمتين کان مدد ونڻي، گائيچن ۽ ڇچرن کي بارڻ وارن علائقن مان بي دخل ڪيو(۱).

بارهين صدي هجري جي شروع ۾ برفتن بارڻ وارن علائقن ۾ گڏجي زور ورتو، ۽ سردار ياهڙ خان جي اڳواڻي هيٺ هنن قبيلن سنہ ۱۱۱۵ھ ۾ سڄي ڪوهستان ۽ اڀتي لس ٻيلي واري ملڪ تي قبضو ڪري ٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ياهڙ خان ٻوءِ غالباً سڄي ڪاڇي ۾ پنهنجي قبائلي طاقت کي قائم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ اس ٻيلي مان شايد سيوهڻ ـ دادو ـ جوهي واري پاسي کان چڙهائي ڪئي، پر ميان يارمحمد ڪلهوڙي کيس ۱۱۱۷ھ ۾ شڪست ڏني. ان بعد هن قبائلي طاقت جو رخ ڦري هيٺ ڏکڻ ـ اولهہ طرف بارڻ کان وٺي حب واري علائقي طرف ٿيو ۽ انهيءَ سڄي ملڪ ۾ هنن پنهنجا قدم جمايا. گڏاپ ۽ حب واري مٿين علاقي ۾ هنن لاشارين تي دٻاءُ وڌو، جنهنڪري لاشارين پاڻ سان جوڪين کي پيڙو ڪيو. ٻيلي واري طرف کان ٻُرن جو ملير جي ڪرمتين تي دٻاءُ ٻيو، ۽ ڪرمتين جوابي حملا ڪيا جن ۾ ٻُرا ڪرمتين سان ڇڪي نہ سگهيا.

ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾، ياهڙ خان سنڌ جي ڪاڇي جو سانگو پٽليو، خاص طرح جڏهن ميان نورمحمد قلات جي خان عبدالله خان کي شڪست ڏني. شايد، ياهڙ خان جو ميان نورمحمد سان ڪو عهدنامو ٿيو، ۽ ياهڙ خان، ميان نورمحمد کي ڪرمتين خلاف چڙهائي جي صلاح ڏني. اها صلاح اڳتي هلي برفتن ـ نومڙين قبيلن کي مهانگي پئي. ڪرمتين سان سندن ڪُلي مخالفت سبب،

(۱) ڏسو باب چوٿون: "برفتن جو گائيچن ۽ ڇچرن کان ويڙ وٺڻ".

برفتن - نومڑين ۽ ڪرمتين جي وچ ۾ آڳاٽي وقت کان وڙي جيڪو اتفاق هو سو ختر ٿي ويو ۽ هاڻي هو اڪيلا رهجي ويا. مگر جيئن ته سندن قبائلي طاقت قائم هئي، انهيءَ ڪري ميان نورمحمد پنهنجي سياسي دوراندیشي سان ساڻن صلح جا ناتا قائم رکيا ۽ ڪوشش ڪئي ته سنڌ جي ڪوهستاني علاقن وارن برفت - نومڑين قبيلن جي سردارن کي پنهنجي طرفان جاگيرن جا پروانا ڏيئي، کين لس ٻيلي وارن قبيلن کان جدا ڪري. اهڙي طرح سنہ ۱۱۵۴ھ/۱۷۴۱ع ۾ ميان نورمحمد محال ڪوهستان وارن سردارن کي جاگير ڏني، ۽ ان بعد محمد مراد ياب کين ۱۱۶۷/۱۷۵۳ھ ۾ پي جاگير ڏني ته جيئن هو ميان غلام شاهہ جي خلاف سندس مدد ڪن.

ملڪ پاهڙ خان جي وفات کان پوءِ برفتن - نومڑين جي طاقت گهٽجڻ لڳي. ڪجهہ وقت لاءِ پاهڙ خان جي ٻيدار مغز ۽ باهمت ٻيگم مائي چاڪلي حڪومت سنياليءِ پر ڪوڙيجن جامن جي گهراٽي مان جام عالي ڪٽوريي سنہ ۱۱۵۵ھ/۱۷۴۲ع ۾ ملڪہ چاڪلي (۱) کي ٻيدخل ڪري لس ٻيلي جي حڪومت تي قبضو ڪيو. لس ٻيلي ۽ سنڌ جي حڪمرانن جي وچ ۾ اڳ عهدنامو ٿي چڪو هو جيڪو لس ٻيلي جي جامن به قبوليو. پوءِ ٻنهي حڪومتن ۾ صلح ٿي هڪ طرف برفتن - نومڑين قبيلن جي ته ٻئي طرف ڪرمتين قبيلن جي زور ٻيڙن جو ارادو ڪيو. ان جي تصديق 'سيري يا اوڏنگر واري جنگ' (باب پنجون) مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ جڏهن جام بجار جوکيي برفتن تي چڙهائي ڪئي ته لس ٻيلي مان جام عالي ڪٽوريو به سندس مدد ۾ لشڪر وڏي چڙهي آيو. هيءَ جنگ جيتوڻيڪ سنڌ جي حد اندر جهرڪن جي ويجهو اوڏنگر ۾ لڳي، ته به ڪلهوڙن طرفان برفتن مٿاڪن جي کاڻ مدد ڪائ ٿي؛ ملڪ ميان غلام شاهہ طرفان مخالفن کي اهڙي مار ملي هئي ته پل برفتن تي حملو ڪن:

---

(۱) پوءِ مائي چاڪلي پنهنجي صغير پٽ عزت خان کي وڙي ڪوڙيءِ ۾ آئي ۽ اتي سنہ ۱۲۱۴ھ/۱۷۹۹ع ۾ وفات ڪيائين.

هڪڙو نوازيا نصير خان ٽي، پيو ميان ڏنن سامر

تڏ 'ميان' کي مشاهدو ٽيو، ٻئين ٻڙ ٻاڻارن

جام بجار ان کان اڳ برفتن-نومڑين کي مٽين حب واري علائقي مان بيدخل ڪيو هو. انهيءَ جنگ کان پوءِ برفتن-نومڑين قبيلن جي اڳين طاقت ٽٽي ويئي.

جوکيا

ڪن ٻين قومن وانگر جوکين کي ٻ انگريزن جي دور وارين سرڪاري لکيتن ۾ بنا ڪنهن ٻ سبب ۽ ثبوت جي 'راجپوت' ڪري ڄاڻايو ويو، مگر جوکيا خالص سنڌ جو هڪ قبيلو هو جيڪو ڪنهن آکاڻي وقت کان وٽي، سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد تي، شاه بلاول واري لڪ کان مٿي اتر طرف 'ڪنگوري' واري ڪوهستان ۾ رهندڙ هو. جڏهن کان وٽي سندن وڏل ٿتي جي ولي ۽ بزرگ سيد مين علي شيرازي (وفات ۹۸۱ هـ) جا مريد ٿيا تہ هيٺ سنڌ طرف سندن اچڻ وڃڻ ٿيو، ۽ ان حب ۽ ملير جي لاشارين سربراهن ۽ ڪرمتي ملڪن سان سندن لاڳاپو ٿيو. شاهجهان بادشاه جي دور ۾ جڏهن شهزادو اورنگزيب سنڌ جو صوبه دار هو (۱۰۵۹-۱۰۶۲ هـ) تڏهن وڏيرو مريد جوکين جو جام ٿيو. جام مريد همت وارو ۽ راڄائتو هو. لاشارين ۽ ڪرمتين سردارن سان سندس دوستي جو ناتو هو، جنهن ڪري اتر طرف حب واري علائقي ۾ به رهيو. ڪانئس پوءِ سڙ ڪن سالن تائين ٻڙهي به ٻڙهي جام مريد جي اولاد مان 'مريداڻي جام' ٿيندا آيا. هن گهراڻي مان جام ڪريمداد (ٻئو جام مريد) آخري جام ٿيو، جنهن سنہ ۱۱۸۸ هـ ۾ وفات ڪئي. سندس قبر مڪليءَ تي مين سيد علي شيرازي جي قبي ويجهو اتر طرفان آهي.

سنڌ جي هيٺين حب-ملير واري آباد علائقي ۾ جوکين جي طاقت تڏهن وڏي جڏهن جوکين جي نڪ ٽيڙن مان بجار (ميرڻ پوٽو)

ساماڻو جنهن جي حرفت ۾ همت سان پوءِ جوڪين جا راڄ طاقت ۾ آيا.
جئن ته هو ڪيترن ئي جنگنامن جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ جوڪين
جي تاريخ ۽ جڻ جام ٻجار جي سوانح جو هڪ باب آهي، انهيءَ ڪري
ان جو تفصيلي بيان ضروري آهي.

جام ٻجار جو ڪٽنب ڪنگوري طرف رهندڙ هو، جتي هو
۱۱۲۵ھ ڌاري جائو ۽ ويهن پنجويهن ورهين جي عمر ۾ وڏو ڏاڏو
مڙس ۽ هاڻو ٿيو. حب ۽ ڪڏاپ ۾ ان وقت بنگي خان لاشاري سردار هو
۽ جئن ته جوڪين جو جام مريد واري وقت ڪان وٺي لاشارين ۽ ڪرمتين
سان لاڳاپو هو، بنگي خان پٽ نوجوان ٻجار تي هٿ رکيو ۽ هو
ڪنگوري مان حب واري علاقي ۾ آيو. ان وقت جوڪين جو جام
مريد (ننڍو) هو. لس ٻيلي جي ملڪ ڀاڙو خان جي وفات بعد سندس
لس ٻيلي واري علاقي ۾ ڪنهن جو به حڪم ڪونه ٿي هليو، ۽
راڄن ۽ راڄدارن ۾ نهنجون نهنجون حدون جهليون. ٻجار ٻنهنجن ڏاڏن
مڙسن واري ٽولي سان گڏ ٻين کي به سان ڪري ڀهريائين پڙجن
سان مقابلا ڪري کين ٻي دخل ڪيو ۽ پوءِ برفتن سان هٿ ڪنديا.
انهن لاهن چاڙهن ۾ بنگي خان ٻجار جو طرف ڪنيو ۽ سندس ٻڌيرائي
ڪئي. بنگي خان جي وفات بعد ڪجهه عرصو ٻجار تي ڏکيو گذريو؛
برفت راڄدارن کيس سوڙهو ڪيو، جو هو ٻنهنجن ماڻهن سان ڪجهه
وقت لس ٻيلي واري طرف ۽ ڪجهه وقت ٻئي ۽ حب جي وچ واري
علاقي ۾ رهيو، جتي جهل جي ٻج ۽ ٻئي ڏٺ تي گذران ڪيائون.
پر پوءِ 'الله ٻني واري جنگ' ۾ حرفت جيلي سان گهٽ جهلي،
برفتن نومڙين کي ماريائين ۽ انهن کي ٻي دخل ڪري، حب ڪان وٺي
ڪاري جبل تائين سندن علاقي تي قبضو ڪيائين.

هاڻي ٻجار قبائلي طاقت جو ڏڻي ٿيو. 'پاڪ' مريدائين جامن
وٽ هئي پر 'واڪ' ٻجار جي هٿ ۾ اچي وئي. سندس نالو نروار
ٿيو، ۽ سندس جي ڪلهوڙن توڙي لس ٻيلي جي جامن کيس برفتن-نومڙين
توڙي ڏاراجه جي راڻي ۽ ڪرمتين جي زور پڇڻ لاءِ ميدان ۾ آڻڻ

جو ارادو کيو، ڄجار ۽ ٻنهنجي طاقت وڌائڻ واري حرص ۾ وقت جي حاڪمن جو رخ صحيح ڪري، ان مان پوري فائدي حاصل ڪرڻ جي سيٽ سيڻي. ميان نور محمد جي وقت ۾ ڏاراجه جي راڻي خلاف حملا شروع ڪيا ويا هئا، انهيءَ ڪري ڪرمتي قبيلا ڪلهوڙن جي برخلاف ٿيا. ميان محمد مرادياب برفتن-نومڑين جي ملڪن کي جاگير ڏيئي ٻنهنجي پاسي مائل ڪيو هو، انهيءَ ڪري جيئن ئي ميان غلام شاهه حڪومت هٿ ڪئي ته هن برفتن-نومڑين توڙي ڪرمتين جي طاقت ٽوڙڻ جو پڪو ڀهه ڪيو. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن سوچي سمجهي ڄجار کي ٻنهنجي هٿ جو ٻاز ٻنايو. ڀهريائين ڏاراجه جي راڻي کي ماڙڻ جي ذميداري کيس سونپي وئي، ۽ جڏهن حيلي حرفت سان ڄجار، رتني ڪوٽ ۾ راڻي کي قتل ڪيو ته ميان غلام شاهه کيس جوکين جو ڄام مقرر ڪيو، ڇاڪاڻ جو ڄام ڪريمداد مريداڻي، واڌاري ۽ دوستي جو لحاظ ڪندي، ڪرمتين سربراهن توڙي راڻي ڏانهن پيغام موڪليا هئا ته ڄجار اوچتو حملو ڪندو. راڻي جي قتل کان پوءِ ڪرمتي ٻڍ 'ڄام ڄجار' جا مخالف ٿي ويا. برفت-نومڑيا اڳ ۾ ئي سندس خلاف هئا. ڄام ڄجار ڀاڻ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ کي قدم کنيا، جيڪي سندس سياٽ ۽ سياسي شعور تي شاهد آهن. ڀهريائين سيني جوکين قبيلن کي ٻنهنجو ڪيائين. هنن ۾ حڪومت ۾ سندس زور ڏسي ڄام ڪريمداد مريداڻي هوندي، ڄجار کي ڄاماڻي جي پڪ ڏياري. ان بعد ڄام ڄجار، لس ٻيلي جي ڄام عالي ڪٽوريي سان سڱابندي جو رشتو گنڍي ڪيس ٻنهنجو ڪري ڇڏيو. ميان غلام شاهه جي اڳڻي ڪيس پوري ٻيراڻي حاصل هئي. هاڻي انهن ڏنهي طاقتن جي زور تي ڄام ڄجار هڪ طرف برفتن-نومڑين سان ته ٻئي طرف ڪرمتين سان ڪاڏي وڃي جنگيون جوڙيون.

ڀهريائين کاري جبل کان آتر طرف ويندي بارڻ تائين سڄي علاقي سان برفتن-نومڑين کي بيدخل ڪرڻ جي سيٽ سيڻيائين. اتي جي جاکرن، سورن ۽ ٻين ننڍن قبيلن کي به برفتن-نومڑين

خلاف پڙکايائين. بالآخر ميان غلام شاهه جي اشاري تي وڏي اچي برفتن ملڪن جي 'گهڪهي واري سيهري' تي قبضو ڪيائين، جنهن تان 'سيري يا اوڏنگر واري جنگ' لڳي(۱)، جنهن ۾ ان ٻيلي جو چار عالي پاڻ پنهنجي سر لشڪر سوڏو چار ٻجار جي مدد ۾ چڙهي آيو. انهيءَ جنگ ۾ برفتن-نومڙين قبيلن جبا گهٽا ماڻهو مارجي ويا ۽ سندن طاقت کي وڏو ڏڪ لڳو. ملڪن ٻوءِ به همت ڪئي ۽ ڪجهه عرصي کان ٻوءِ ۱۱۸۲ھ/۱۸۶۸ع ۾ ڏهن هزارن جو وڏو لشڪر وٽي بارڻ کان ڪاري جبل تائين جوڪين کي بي دخل ڪري قبضا چڏايا. ۽ ٻوءِ سڏو سئون چار ٻجار جي مقابلي لاءِ اوڏاهين جو رخ ڪيائون. چار ٻجار وڏي سياڻپ سان ميان غلام شاهه کي ذهن نشين ڪرايو ته جي منهنجي هار ٿي ته ٻوءِ نومڙيا ڏٽي تي قبضو ڪندا. انهيءَ تي ميان غلام شاهه ٻه هزار لشڪر ڏٽي جي حفاظت لاءِ موڪليو ۽ ڇهه هزار لشڪر چار ٻجار جي مدد لاءِ روانو ڪيو. ساڳئي وقت ملڪن ڏاڻهن صلح جو پيغام موڪليائين ته جيئڏهن هو مڙندا ته اڳتي لاءِ چار ٻجار مٿن حملو نه ڪندو ۽ ٻئي سندن جاگيرون بحال رهنديون. انهيءَ حڪمت عملي سان اها خوفناڪ جنگ ٽري ويئي..

برفتن-نومڙين کان مطمئن ٿي چار ٻجار لاشارين ۽ ڪرمتين خلاف جنگيون جوڙيون. سردار بنگي خان لاشاري فوت ٿي چڪو هو ۽ باقي جيڪي لاشاري حب ۽ ڪڏاپ واري علاقي ۾ هئا تن مان گهٽن سيني کي بي دخل ڪري انهن جي علاقي تي قبضو ڪيائين. ساڳيءَ طرح ڪرمتين کي ملير مان بي دخل ڪيائين ۽ ملير کان وٽي کهاري تائين سڄي علاقي تي قبضو ڪيائين. البت کهاري کان هيٺ ساڪري طرف ڪرمتي قبيلا طاقتور هئا ۽ انهن کي مهٽ مچائڻ مشڪل هو. چار ٻجار جي عمر جا ست سال پورا ٿيڻ وارا هئا ۽

(۱) ڏسو باب پنجون، ص ۹۱

سندس طبيعت ۾ جو تُندي ۽ ارهه زورائي هئي، سو گهاري کان اڳتي ڏکڻ اولهه طرف ڪچ آباد علائقي تي قبضو ڪيائين. پوءِ ميان غلام شاهه سکهوئي سنه ۱۱۸۶ هه ۾ وفات ڪئي ۽ ان بعد جام بجار ڪرمتين سان وڙهڻ لڳي چاهيو جو هو بہ وڏي طاقت رکندڙ هٿ ۽ هاڻي هو بيوس ٿي ٻيو جو سندس پٽ چاکر اچي جوان ٿيو هو ۽ هو جيترو بهادر هو اوترو ئي ڏنگو ۽ اوڏو هو. هن اگهائي ڪري ٻئي جهيڙا ڪنديا ۽ جام بجار بہ ڪيس روڪي نٿي سگهيو. هاڻي قدمن واري مقام ۾ چاکر ڪرمتين ۽ لاشارين جا ڪانڈي ماري ويسر وڏو تہ متان سندس والد ۽ ڪرمتي ملڪن جي وچ ۾ صلح ٿي وڃي. جوڪين ۽ ڪرمتين جون جنگيون هليون پئي جو ميرفتح علي خان سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ هن فوري طور سنڌ اندر مخالف قبيلن ۾ دشمنيون ختم ڪرائڻ ۽ صلح ۽ دوستي جا ناتا قائم ڪرڻ طرف توجهه ڏنو. ارڦتن - نومڙين ملڪن ڪرمتي ملڪن ۽ جام بجار ڏاڏهن هدايتون ويڙهن تہ پاڻ ۾ گڏجي ويهي فيصلا ڪن، چاکر کي گهرائي حيدرآباد ۾ ويهاري چڏيائون تہ جن کو وڌيڪ فتنو نہ جاڳائي. پوءِ چاکر جي امڙ ميڙ ٿي آئي ۽ چاکر کي شادي لاءِ ولي ٿي وئي جو لهاڙائي قبيلن جي ارڦتن واٽ جهلي چاکر کي کي ماڙيون جو ان کان اڳ الله ٻني ۽ جهل واري جنگ ۾ جوڪين لڪ جهلي لهاڙائين جا گهڻا ماڻهو ماريا هٿ. سيرن جي جڪتماني ڇهڻ کان اڳ ڪرمتين ۽ جوڪين مڪلي ٿي جنگ ڪرڻ جا پول پڌي چڏيا هٿ. الهيءَ ڪري باوجود ميرمزار ڪرمتي جي ڪوشش جي تہ جنگ نہ ٿئي (جو ميرصاحب طرفان اهڙو حڪم هو)، اها جنگ ٽري نہ سگهي ۽ سنه ۱۲۰۳ هه ۾ مڪلي تي لڳي. جام بجار جي عمر ان وقت پنجهتر سال ڪن هئي. ڪيس چاکر جي مارجڻ جو غم هو ۽ پڻ پنهنجين ڪيل ارهه زورائين تي افسوس هو. مڪلي جي جنگ لاءِ لشڪر تيار ٿيو ۽ جام بجار کي چيائون تہ: جام! اڄي تہ وڙهون! تڏهن

ڏهين ڏينهين آڏيو پونبا ڏيئي ڀُون ؛
ساءُ مرادون پنيون ، مٽان آئي مون .

يعني ته چاڪر جي ماءُ جون مرادون پنيون ، هاڻي منهنجي وار آهي .
انهيءَ لڙائيءَ ۾ چام بجار هيٺ جنگ جي ميدان ۾ ڪونہ لٽو ، باقي
سيه سيين عالي جي درگاه نجي پير وڻيو بينو هو ۽ دعائون ڀئي گهريائين .
اها سندس آخريُ جنگ هئي جيڪا چام بجار ڪئي ۽ آڏو ڪرسڻين
جي لشکر جو سڀه سالار سير مزار مارجي ويو . پنهي طرفن جي لشکر
جا گهڻا ماڻهو هن جنگ ۾ مٺا .

ان جنگ کان پوءِ چام بجار ٻنا ڪنهن يار مددگار جي اکيلو
رهجي ويو جو سيني پاڙيسري قبيلن سان ڦٽايو هٿائين . سير فتح علي خان
بہ ڪيس پاڻ وٽ ڪوٽ مڏيو ، ۽ سندس فرزند مراد علي کي گهرائي
جاماڻي واري عزت ڏنائين . ٻين قبيلن جي سربراهن کي گهرائي صلح
ڪرايائين ۽ کين پاڻ ۾ صلح سان رهڻ جو حڪم ڪيائين . چام بجار
پنجاسي - ڇهاسي ڪن سالن جي عمر ۾ سنہ ۱۲۱۱ هـ ۾ وفات ڪئي ۽
ڪيس ڇوڪنديي واري مقام (داڀيجي کان ويندڙ شاهي رستي جي سڄي
طرف ، ٽئين جي ويجهو) جي ويجهو اوپر طرف دفن ڪيائون . ٽئي
جي مشهور شاعر سير غلام علي مائل فارسيءَ ۾ سندس وفات جي
تاريخ ڪيي تہ :

" دادله چام رضوان با چام" هاتفِ گفت

۱۲۱۱

چام بجار سنڌ جي اولهہ - ڏکڻ پاڳي وارن قبيلن ۽ راجدارن
جي تعلقات تي اڌ صدي کن چانيل رهيو . انهي دور جو هو هڪ
وڏو واڇوڙو هو جنهن وڏا وڻ لوڏي ڇڏيا . هو جڏهن ويو تڏهن
وچي ملڪ ٺريو . جيڪڏهن راجن سان رس رهائڻ وارو رخ اختيار
ڪري ها تہ سندس وڏي نيڪي ۽ ناموس ٽئي ها ، چاڪاڻ جو

منجهس خامين سان گڏ وڏيون خوبيون ۽ هيون: هو وڏو منتظم ۽ موقعي شناس، سياڻو، سچ سمجهندڙ ۽ سچ چوندڙ هو. ان سان گڏ هو وڏو سگهڙ شاعر هو.

سماجي اقدار، سورهين جا ڪردار ۽ جنگ جا جنسار

'جنگناما' سنڌ جي سورهين جي قولن ڪلامن ۽ مردانه وار مقابلن جا داستان آهن. جنگ بابت اهي سنڌ جي سماجي قدرن قانونن ۽ ريتن رسمن جنا دستاويز آهن، ۽ پٺ جنگ جي تيارين، هٿيارن، جنگ جي جنسارن جا باب بيان آهن.

جنگين بابت نظريو

انساني سماج ۾ جنگين جهيڑن بابت سنڌ جي دانائن جو نظريو آفاقي آهي؛ يعني ته انسان جهڳڑالو پيدا ٿيو آهي، ۽ جهيڑا جنگيون آدمزاد جي سرشت ۾ سمايل آهن. اهو اصل قدرتي فيصلو آهي:

"جنگيون جهيڑا جهڳڑا آهن الاهي اختيار"

—

"جنگيون جهيڑا جهڳڑا اصل الله جي آچار"

(شاعر نامعلوم).

انهيءَ ڪري ستان کو ائين چئي ته جنگيون جهيڑا رڳو سنڌ جي سربراهن يا راجدارن ۾ هئا. اهي جتي ڪتي ٿيا آهن: پر انهيءَ ۾ کو شڪ ڪونهي ته اهي وڏا هاڃيڪار آهن:

"جنگيون جهيڑا جهڳڑا آهن درخت ۽ دوفان"

جنگ هڪ وڏو طوفان آهي، جيڪو وڏا وڻ پاڙئون ٿي ڇڏي؛ جنگ هڪ وڏي باهه ۽ ڏڻءُ آهي، جيڪو جهر جهنگ ساڙي ڇڏي؛ آڙاهه آهي، جيڪو وڏا ڪاٺ پاري ڇڏي؛ ڦهلوان بہ پورا ڪري ڇڏي ته ٻيا ننڍا وڏا بہ ماري ڇڏي. انهيءَ ڪري جنگ جو ڪم آهي ته پاڻ ۾ نہ جهيڙين ۽ يڪراءِ ٿي جهيڙو ٽارين؛ پر جي وڙهيا ته ٻوءِ چڱا نہ ڇٻا:

پر چڱا چڱا نہ ٿيا، جو پاڻ ۾ جھڙپيا
جي هجن هيڪي گالهه تي تہ سرهي ٿئي سيکا

گھڙو ڪري ھر جاءِ جھيڙو جنگ، مڙيئي ڪنهن نہ ڪنهن لالچ ۽ طمع تان آهي. شاعر نہ جي ويچار موجب:

"ڪوٺس مڙيئي ڪاج تي، جان ڪيم نرت لڳاهم"

پر جنگ بي پروسي آهي ۽ ڏاڍن جو به ان تي بالورُ اڇايو آهي؛ ائين ڪو مَرَ چئي تہ سوپ ضرور منهنجي ٿيندي:

ڪو مَرَ مَرڪي مست ٿي، آهن اللّٰهَ جا آچار
سيڪو لوچي سوپ ڪي، آهن سوپون هٿ ستار.

پر جي سيرَ تي اچي تہ ٻوءِ سُورهين جو ڪم آهي ست ٻڌڻ:

ست ٻڌڻ آسُورهيان، آهن سوپان هٿ اللّٰهَ

آهن سوپون وس ستار جي، جنهن ڪي ڏاتر ڏياري.

اهڙا به ڪيئن مثال ٿيا، جو هيٺي مڙس ڏاڍي جوان کي ماريو، ۽ جڏ 'چڙيو' ۽ 'موزو' سَٽ ٿيا. حماتي قبيلي جي هڪ هيٺي مڙس، همت واري جوان 'حمر' کي ماريو؛ 'آدم ڏڪي' جنهن جو جنگ ڏانهن منهن ئي ڪونہ هوءِ اکن جو ڪير ڏڪي هر گڏ ڪري چمڙن کي وڪڻندو هو، تنهن نوزڪ خان احمداڻي جھڙي مڙس کي ماريو؛ اهڙيءَ طرح راهيجي واري مڪان تي چاکر جھڙي پهلوان کي 'چڱي' ماريو:

جڏهن جنگ جڙي، تڏهن ڇڙو موجو سَٽ ٿئي
نہ تہ 'حماتي' 'حمر' جي تو ري ڪيئن ٽري
جينءَ اڳي 'آدم' ماريو هو 'نوزڪ' لاڏ ڪري
تينءَ 'چڱي' جي 'چاکر' تان اڇيو ٽڪ ڏري
قضا ايئن ڪري، جيئن 'چڱي' چاکر ماريو. (۱)

---

(۱) ڏسو صفحا ۲۵۷ - ۲۵۹.

سُورهيتن تي به بعضي کا اهڙي سوڙهه اچي ٿي ٿئي، جو نه کا
ڀهر نه کا واهر ۽ ائين ٿي ويرين جي ور چڙهي وڃن ٿا:

'اکهين آسا جهليا، ٿي قضا ايئن ڪري'

جنگيون ۽ سماجي قدر

سنڌ جي راڄن ۽ راڄدارن، آگاڻي وقت کان وٺي سندن سماجي
قدرن جي روشني ۾ جهيڙن جنگين ۽ مرڻ مارڻ لاءِ به ڪي ڳالهيون
ڪٻيون، ۽ 'ريت' 'ڪُريت' جو سنڌو ڪيو. چيائون ته نه وڙهجي،
پر جي وڙهجي ته ڪنهن ڳالهه تان وڙهجي، ۽ مرجي ته به ڪنهن
ڳالهه لاءِ مرجي. وڙهجي ته سولائي وڙهجي ۽ سامهون ڏُر کي
جنگ جو ڄاڻ ڏجي، جنگ جي ڏاهي ڏجي. ويري ٿجي ته سُرهو ويري ٿجي، ساڃاه ڪجي، ڪُريت نه ڪجي. ساڪري ۾
ملير طرف "ڪرمتي ۽ جوڪيا سُرها ويري هٿا" جو ڀاڻ ۾ وڙهيا
ته به شانائتا وڙهيا. رڳو هڪڙي ڪچهري جام بجار جي پٺ ڇاڪر
ڪان ٿي، جو مخالف ڏُر جا ڪانڌي ماري ويو وڃائين. پر اهو به
الهيءَ ڪري، جو پٺ ڀاڙي جي هڪ جوڪيي کيس پٺلائي الهيءَ
ڳالهه تي آندو. باوجود الهيءَ جي، راڄن ۽ چڱن ڇاڪر تي ميار
رکي ۽ چيائون ته:

"جنڪ ماري جوڪيي، ته به چونه و سيکو ڇاڪر کي"

اهو ميار وارو اکر پوءِ پهاڪو بنجي ويو. بدين ۽ جاڻي طرف
جتن ۽ چانڳن واري جنگ ۾ چانڳن تي ميار آئي، جو هنن لڃن جي
ساڃاه نه ڪئي. سُرها ويري اهي جي لوءِ نه لڃين ۽ گهربار نه
ڦرين. الهيءَ جنگ ۾ جڏهن چانڳن جا چڱا ۽ اڳواڻ مارجي پيا، ته
پين کي پوءِ اها ساڃاه نه رهي جو جتن جي مارجڻ کان پوءِ
لڃون نه لٽين!

"ڪُپر ڪيائون، جو نيائون پڇ پنڌا ڀاڻ سان"

ہ سورهيہ ۽ جڏهن هڪ ٻئي کي سامهان ٽين تہ هڪ ٻئي سان وارو هولائين تہ ڪهڙو اڳ ۾ وارو وٺندو ۽ ڏڪ هٿندو: ڏاڪ سان مڙس ڪري تہ وري ٻيو وار نہ ڪجي. ڪن سورهين اها ساڃاه رکي جو اڳين دوستي ۽ ناتي جو ننگ سڃاتائون، نند وڏائي جو لحاظ رکيائون. هاڙهي احمداڻي (ڪرمتي) ۽ ميراڻ جاکري هر ڀيٽ هڪ ٻئي جي ياري ميڙي هئي. مقابلي ۾ جڏهن مڙس هڪ ٻئي کي سامهون ٽيا ۽ هاڙهي ميراڻ تي تراڙ واري تہ قنبر ڳبڙي، ميراڻ کي سڃاتو ۽ هاڙهي کي هڪل ڪيائين تہ: متان هٿين جو سامهون ميراڻ اٿئي. اهو ٻڌي هاڙهي ڪٽي تراڙ جهلي، ۽ آڏو ميراڻ جو تڙار واري سو هاڙهي جو نالو ٻڌائين تہ ہ جهليائين ڪانہ. ميراڻ ڪاوهو نہ ٿيو ۽ سلامي ٿيو:

"متان هاڙها هٿين، مهندان ميراڻ اٿئي" اِي قنبر هاڪ هٿئي
تنهن واسينگ واري جهلي، اکر اِيءَ لهي
۽ سلامي ميراڻ ٿيو، جنهن هاڙهي کي هٿئي (۲)

سنڌ جيءَ سماجي قدرن موجب هيٺ ۽ ٻيواهن جي حمايت ۾ ڏاڍائي ڪندڙن سان جنگ ڪرڻ لائق ٻرين بهادرن جو ڪر آهي، جيڪي راڄدار هيٺ راڄن ۽ ڀاران وڙهي سر ڏين ۽ 'راج-ڪٿوڙ' ٿين، سي وڏا لائق آهن. سامر، سرڻ، اول يا ٻائٽ کي مان ڏيڻ لازمي آهي. جيڪي ٻائٽ ٿي اڇن، سرڻ ٿين ۽ سامر پون ٿن کي پناهه ڏيڻ فرض آهي. سامڻون ۽ سرڻيون جهلڻ ۽ سير ڏيڻ سورهين جو شان آهي، ۽ ڏاڍي طرفان سوڀ ۾ الهن کي ملندي؛

"سارا هيان سچو ڏاڍي جو سرڻين جو سوپار"

'سامر جهلڻ' وارو نيڪ ارادو سماج ۾ ايترو تہ عام ۽ آئل هو، جو وڏا تہ ڇڏيو پر ٻارڻ جي ڏينهن ۾ ہ ان جو ڪو يقين هو. کي جنگيون الهيءَ تان ٿيون جو هڪ ڏر جي ٻارن سانڍو يا ڪيرڻون

(۱) ڏسو صفحا ۲۵۳-۲۵۴.
(۲) ص ۱۰۷-۱۰۸.

ڊوڙايو جيڪو وڃي ٻيءَ ڏر جي پاسي ڪنهن ڪنڊي ڪيڙي يا لوڙهي ۾ پيو. اتان جي پارن چيو ته ساندو مارڻ نه ڏيندا سون جو 'بائسڪ' ٽي آيو آهي ۽ اچي سامر ٻيو آهي. انهيءَ پناهه واري جڏبي تان ٻه جنگيون لڳيون (۱)، ۽ اهو ڦاڪو مشهور ٿيو ته "ڪيرئيين' خان' وڙهيا"، يعني ساندي تان مڙس وڙهيا. ظاهري طرح اها معمولي ڳالهه هئي پر سماجي قدرن جي لحاظ سان اها هڪ وڏي ڳالهه هئي.

جنگ ۾ پڇڻ مڙسن لاءِ عيب هو.

"الله اوءِ مَ پڇن، هوءِ ٻيڙ ۾ پچار جن جي"

جنگ هلندي، پنهنجي پاسي وارن کي ميدان ۾ ڇڏي، پڇڻ وڏو عيب هو. جتن ۽ چالڪن جي 'چاٽي واري جنگ' ۾ شيرخان ۽ ٻين راڏن جتن جي راڄ کي وڌهندو ڇڏي، لاکاٽي جتن جو اڳواڻ لاکو پڳو هو:

"اهو لائق نه هو لاکي جو، ويو چاٽيءَ ويڙ ڇڏي
راڏا راڄ اڏي، جوان گهڙيا آهن جنگ ۾".

جنگ ۾ جنهن ڏاڙ سان واسطو هجي ۽ جنهن سان مدد جو واعدو ڪيل هجي تنهن سان پچاڙي تائين ٻيهجي. 'مڪلي واري ٻهرين جنگ' ۾ جيڪا ڪرمتين ۽ جوڪين جي وچ ۾ لڳي، تنهن ۾ برفتن سان آري جو گهر، ڪرمتين سان لاڳاپيل هو ۽ جنگ ۾ ميرمڙار سان گڏ جي وڙهڻ جا واعدا ڪيا هئائون، پر اهي ڪين پاڙيائون:

---

(۱) هڪ جنگ ملير جي ڏڻ کان ڪراچي-ڏڻي واري شاهي رستي لڳ ڏڻين جبل ڪان ڏورو ڏکڻ-اولهه تي لڳي جيڪا 'باغار واري جنگ' جي نالي سان سڏي وئي. 'باغار' بلوچڪي ۾ ساندي کي چون. ٻي جنگ آتر طرف ڏي ملير جي ڏڻ لڳ ڪوهستان ۾ لڳي، جنهن جو ذڪر ڏن (ص ۸۷) ۾ موجود آهي. اها 'ڪرئين واري جنگ' جي نالي سان سڏي وئي. ڪوهستان ۾ 'ڪرئون' ساندي کي چون.

هُيَن ڳالهيون پاڻ ۾ ڏنائون ڏاڙهيون کي مڙار
سي پُرسن پاڙيون ڪينکي، نہ آيون منجهه نيسار

پر حماتين مان قيصر خان حماتي قول پاڙيو ۽ جنگ ۾ ڪرمتين جي طرفان وڙهندي ماريو:

ڏيئسي پول پروچ کي پَڏا هٿا حماتي هٿيار
چئي: موڙان لڳي ميهڙو، ٻنا سير مڙار
ٻڏون ڏت پچار، هئي ڪڪهي قيصر خان جي.

جنگ ۾ سامهون جي ڪنهن کو وين ڪيو ۽ مهڙو ڏنو ته اهو مڙسن لاءِ تير ۽ ترار کان به وڌيڪ تکو ۽ ڏکيو هوندو هو، ۽ هوءَ 'وين ورائي' (وين جو زباني جواب ڏيڻي) اچي مرڻ مارڻ لاءِ سامهان ٽيندا هٿا. 'ناڙا ٽر' واري جنگ ۾، عاقبل کي ڪنهن وين ڏنو:

آني منجهان عاقبل کي ڪنهن ڏنو وين وڏو وانڍار
ته ڪار ورائي گهڙي ٻيو، هوتيي ڪئي هاڪار

جمن چارڻ جي چيل 'جنگناسي' مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪلهوڙن جي سپهه سالارن پنهنجن ماڻهن کي مخالف لشڪر تي ٻڌن ۽ وڏي زور سان ويڙهائڻ خاطر 'وين' ڪان ڪم ورتو هو. جمن چارڻ ٿو چوي (ان مراد ڪليري جي زباني) ته:

وين، وڻس، وِنداه ۽ وڳا وين سان ويڙهايون
سي هڻن هٿيار تڪار تٽي ٽي هلڪا هٿين هلايون(۲)
چوڻي هئي ته "جڻ وين وڙاهه ٽڻن ويو وڏ".

جنگ جون رٽائون ۽ ستائون

'جنگنامن' جي بيتن ۾ بيان مان، جنگ جي تيارين ۽ تجويزن، رٽائن ۽ ستائن بابت ڪي اهڃاڻ ملن ٿا، جن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته جنگ جي تياري، ميدان جهلڻ ۽ وڙهڻ، فتح ۽ شڪست يا

---

(۱) اصل روايت ائين.

صلح واري فيصلي بابت کي رواج ۽ اصول مقرر ٿيل ۽ مڃيل هئا. مثلاً:

- جڏهن صلح ۽ فيصلي کان ڳالهه مٿي چڙهي ويندي هئي يا هڪ ويڑ پڄي ويندو هو تہ جنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪندا هئا. پوء هڪ پئي کي جتائيندا هئا ۽ جنگ جي ڏاه يا ڏاهي ڏيندا هئا، يعني پيغام سوڪلي خبردار ڪندا هئا. اڳواڻ هڪ پئي کي ٻولائي جنگ جي جاء ۽ تاريخ مقرر ڪندا هئا.
- هر ڏرپنهنجن راجن ۽ طرفدارن کي جاڻ ڏيئي مدد لاء سڏيندي هئي.
- تياري وقت پيرون پيڪنديون هيون. چڙهي هلندا هئا تہ دهل دماما، نفيلون نغارا وڄندا هئا.
- بعضي جنگ جي ڏينهن ۽ وقت لاء يا ميدان جي رخ ۽ طرف جهلڻ لاء سوڻ ڪيندا هئا.
- وڏا لشڪر 'جنگ نماز' پڙهي چڙهندا هئا (ص ۵۵).
- شروع واري تياري کان وٺي جنگ ٿيڻ تائين لشڪر کي ستو ڪاڏو ڪارائيندا هئا.
- کي جنگ جا جهونجهار جن کي لشي جي هير هئي، سي جنگ ۾ گهڙڻ کان اڳ لشو پي پُرڻيندا هئا. اڪثر آفيم جو ڪسولبو ڪاريندا يا کائيندا هئا؛ يا آفيم جو ڪورو ڪشيندا هئا. پنهنجي ڏر وارا کيڏ ڪير ۽ امل جو ڪاڙ پياريندا هئا (۲۹۷). کي ديسي دارون پيئندا هئا (ص ۲۵۵)، قرڦل ۽ پان سوپاريون ڪائيندا هئا.
- جيڪي فتح ڪان پوء مخالف ڏر جي مال جي ورهاڱي ۾ وڏيون پٽيون ڪٽندا هئا، سي سورهيائي سان جوڙهه ۽ ميدان ملهاڻ جا ذميوار هوندا هئا.
- لشڪر هڪ پئي کي اڇي ويجها ٿيندا هئا تہ دهل نغارا وڄائي جاڻ ڏيندا هئا (ص ۲۵۰).
- مقرر ميدان ٻدران ڪٿي ڪا هڪ ڏر حملو ڪري ڪاهي ايندي هئي تہ پي ڏر وارا آڏو 'آڙ' ڪري وهندا هئا، يعني مورچا ٺاهي وهندا هئا.

- دشمن ڏر جي جنگ جي تياري يا لشڪر جي چڙهائي جي جانچ واسطي اڳواٽ 'چاري' يا 'واسو' يعني جاسوس اماڻيندا هئا، جيڪي پنهنجي فن ۾ نهايت هوشيار هوندا هئا.
- جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ هر ڏر طرفان کو جوان اچي سامهون پنهنجي طرف جو 'جنگ جو جهنڊو' کوڙيندو هو. اهو ڇڻ آخري جاڻ ۽ اعلان هو ته هاڻي هن ڏر جو لشڪر جنگ لاءِ تيار آهي. اهو جهنڊو پوءِ ڪٽي وڃي لشڪر جي مهندار يا اڳواڻ وٽ لشڪر جو نشان ڪري جهليندا هئا.
- جنگ جي ميدان ۾ ڪاميابي لاءِ ڪن خاص سياڻن، حيلن ۽ حرڪتن ڪي وڏي اهميت هئي، مثلاً وڃ لشڪر ۾ آڏو ڇهرين صف وارا دوبدو هڪ ٻئي تي حملو ڪن ۽ پوئين صف وارا درجي بدرجي ڇهرين صف جون وٿيون پريندا اچن. آڻي يا آڄ يعني لشڪر جي ڪنڊ ۽ آڻين وارا اهي جيڪي آڙا ڪري ٻهن ۽ آڻين (ڪنڊن) تان آسري زوردار حملا ڪن؛ ٽيا آڻين تان حملن ڪي منهن ڏيڻ وارا 'آڻي پوش' جيڪي انهن حملن ڪي هٿائين يا پاڻ هلان ڪري وڃي 'آڙن' تي ڪڙڪن. وڃ لشڪر وارا ٽولا ٻڌي، سڃ ڏي 'جنبهه' ڪري حملا ڪن؛ ميدان کان ٻاهر آمهون سامهون چڙهاين وقت هڪڙا 'سامهان' يا 'سمهلا' جيڪي آڏو منهن ڏين، ٻيا 'آڏ' يا پاسي وارا جيڪي آڏ جهلي حملا ڪن. جنگ جي سوڙهه وقت، اڳواڻ جي حفاظت وارا پهلوان جيڪي. آڏو وڙهن ۽ اڙ- جهل ڪن.
- جنگ جا خاص نعرا اڳواٽ مقرر ٿيندا هئا. ميائي جي جنگ جو نعرو مير شهداد خان ڪيو ته:

"جنگ ڪريسون، سنڌ نه ڏيسون"

ڏو-آبي واري جنگ جو نعرو مير شير محمد خان ڪيو ته:

"مر ويسون، پر سنڌ نه ڏيسون"

- راڄن جي لڙين نفاقن کي راڄدار کوشش ڪري جنگ کان اڳ نبيرڻ جي کوشش ڪندا هئا ۽ پنهي ٽولن کي وهاري 'ڳڙڙو سُکُ' ڪندا هئا، يعني گڏجي ويهي کسونبا ڪاريندا هئا ۽ پياله پيئندا هئا.

جنگنامي جا جنسار

جنگنامن ۾ جنگ جي مختلف اسمن ۽ رسمن، لشکر جي وصفن، هٿيارن جي قسمن، جنگ جي گهمسان ۽ سمان، سورهين جي صفتن، سندن قولن ڪلامن، ۽ سندن 'چلتن' ۽ 'چالين' جا جنسار سمايل آهن.

- 'ويڙ'، 'ميدان' ۽ 'ڪيلو' (قلعو) جنگ جي ماڳ جا نالا آهن.
- جهيڙو ۽ جهڙڙو جنگ جي بنيادي سرحلن وارا نالا آهن؛ ۽ 'جهونجهارڪو جهڙڙو' معنيٰ جنگ جي وڏن پهلوانن جو مقابلو يا وڏي شاهي جنگ:

"ڳائيندا ڳاڙو، جهونجهارڪو جهڙڙو"

(ص ۹۴)

- 'لڙائي'، 'ڪيڏارو' ۽ 'جنگ' ٽيئي ساڳي ڳالهه آهن. 'جنگنامن' ۾ 'ڪيڏاري' جو نالو ڪنهيل آهي:

جئن ڪيهر شينهن ڪيڏارا ڪري، تئن ڪيا مالجي مير مزار

(ص ۲۷۵)

ته ڪو سرد چڙهي وڃي قابل ڪيڏاري

(ص ۲۷۹)

ڪهڙل ڪوچ ٿيو ڪيڏارو، دارون ڏنڊ ڪيو ڏاڏڪارو

(ص ۳۲۸)

- 'ويڙ' غالباً جنگ جي ويڙ ۽ سختي؛ 'رهاڻ' اصطلاحي طور سورهين جي ترارين جي وارو وار واري ڏي وٺ.

- 'رڏسو' ۽ 'مارو' ٻئي 'مارڻ' واري مفهوم ۾ ورتل آهن. 'رڏسڻ' يعني ماري وجهڻ:

راوت رڏنسي وڏائون، جنهن جي لڙي ناڏ ڪيا
(ض، ۲۸۴)

- 'ماهو'، 'مرڻ' ۽ 'مارڻ' جي انتها وارو نالو آهي: مري ماهو ٿيڻ، يعني مرندي گهڙيءَ تائين وڙهڻ ۽ مارڻ ۾ جنگ مان جئرو نه ڇڏڻ.
- 'دوداڻي' (دودن واري) ۽ 'جاڙيجي' (جاڙيجن واري)، معنيٰ وڏي جنگ اهڙي جهڙي دودن (سومرن سورهين) ڪئي يا جهڙي جاڙيجن ڪئي.
- 'رڻ' ۽ 'آرڻ' ٻئي نالا جنگ جي ڀيانڪ منظر جا آهن. 'آرڻ' معنيٰ واڙي جنهن ۾ گيدڙا ميها هجن؛ جنگ ڪان پوءِ مڙسن جا متا ۽ ميدان ۾ ائين پکڙيا پيا هوندا آهن جئن 'آرڻ' ۾ گيدڙا ميها. 'رڻ' معنيٰ صفا سچ، ڪوبه نه بچي ۽ سڀ قتل ٿي وڃن.
- جنگ جي لشکر جا به گهٽي يا ٽوري، پيادي ۽ سوار جي لحاظ سان جدا جدا نالا، جيئن ته: گهلڻون، چلاڻن، چليون، چٽلنگيون، ديميڙون، ٽٽينگون.
- جنگ جي هٿيارن ۾ ليڙا ۽ پالا، هاسا ۽ سکيلا، ڪيڙي ۽ چکر، تررون ۽ بندوقون (جامڪيون، شش ڪاليون) اچي ٿي ويون. پر جيئن ته سنڌ ۾ صدين کان وٺي جنگ ترار جي هئي، الهيءَ ڪري ترارين جو ذڪر وڌيڪ آهي، ۽ ان سان گڏ ترار جي ميان ۽ ٿهنار (ترار جو قبضو، مٺيو يا ڪڙيو)، ترار جون 'طرفون' (چوٽيون)، توڙي جن لوهارن تواريون ٺاهيون، تن سان ڪن جا نالا:

"واه والينا لهار، جو تو گهڙيو شڪيلو شير خان جو"

باقي تررن جا جدا جدا ڪيئي نالا، جيئن ته ڪٽار، ڪڙڪ، سيفون، تيغون،

سالگيون، ڪرساڻيون، اصفهانيون، ڪوميون، سرواهيون، هميلون (؟)، اواريون، چگاريون، رڳپريون ۽ سونهريون.

● جنگجو جوانن ۽ سورهين جا جدا جدا معنائن وارا ڪيئي صفاتي نالا جيڪي جنگ جي جنسار سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ انن ۾ بيان جي وسعت تي شاهد آهن:

اردا ۽ اٿوت، ڪونڊ ۽ ڪونڊر، وڻڪا ۽ بانڪا، طرڙيل طرار، چگير چگيرا، انگيرا ۽ اٽيارا، اٽي پوش ۽ اٽي جهلن، ڪوڙها ۽ ڪنڌار، مانجهي ۽ نيهي، آيڌ ۽ سانهه، سيگر ۽ مٽير، ڏڳ ۽ رڌ، جهونجهار ۽ رؤنسيدار، ميلهي ڪار ۽ پردڙ، جوڌا ۽ ڏهيسر، ايڏائي ونگ ورنهه ۽ چوڙي-پٽ، ٻاوڙنگ ۽ اڻگيل، ڪڙها ۽ سارڏو، سائو ۽ ساهو، پنجاهيا ۽ احدي، ميراڻي ۽ مهائين.

جوان بهادر جنگ جا اردا ڪونڊ اسوت
(ص ۹۳)

ڪوپا وڙهن ڪاهه تي، ويري ويڙ وريام
(ص ۱۵۸)

انگيرا اهي، جيڪي تلوار جا انگ يا تلوار جي ڪيڏ چاڻن؛ اٽيارا آهي جيڪي اٽين (ڪنڊين)، ٽان آسري حملا ڪن؛ آيڌ (زوراور گهوڙي جي صفت) ۽ رڌ يعني وڏا پهلوان؛ رؤنسيدار يعني جنگ جا جهونجهار؛ پردڙ ۽ ميلهيڪار يعني وڏا بهادر؛ ايڏائي ونگ ورنهه يعني اهي سڀا طاقتور جوان جيڪي پنهنجن متي جي وڏن واڙن کي هٿ ۾ ونگي نپوڙي تيل ڏين؛ چوڙي پٽ آهي زوراور جيڪي ڪنڊل پٿرو جي ٽنگ چڪي پٽي ڏين؛ ٻاوڙنگ اهي جي پيرن ۾ ونگ وجهي ماڳائتا ٿي مقابلو ڪن؛ انگيل يعني جنگ جا ڪوڙيا؛ ڪڙها ۽ سارڏو يعني شينهن؛ سائو آهي جيڪي وڏي صبر سان بيهي وڙهن ۽ موت قبول ڪن پر نه مڙن ۽ نه موڙن؛ ساهو يعني وڏا ڏوپار؛ پنجاهيا جيڪي پنجاهه مڙسن جو اڪيلي سر مقابلو ڪن؛

احدي آهي جي هزار جو ست: ميراثي (ميراث وارا) يعني جنگ جا وارث: سڀاڻين آهي جيڪي مري ماهو ٿيڻ وارن ۾ بہ گوءِ ڪٽن ۽ رڙ ملهائين.

● جنگ جا جهونجهار، جن کي موت جو ڊپ ئي ڪونہ هوندو هو سي پنهنجن پالن، تراورين ۽ بندوقن تي 'ويڙ' يا 'طلاق' لکائي چڏيندا هئا. هڪ اردي اڻموٽ جي ترار تي هيءُ ويڙ لکيل هو تہ:

"لعنت انهيءَ تي، جو مون کي نہ هٽي
لعنت مون تي جي آءٌ نہ وهان".

فتح خان گبول جي بندوق تي طلاق لکيل هئي تہ: 'هڪ نشان ڪٽس تہ پيو نہ هٽندس، پيو هٽان تہ طلاق لازم'. مڪليءَ واري جنگ ۾ پهريون ڪانءُ هنيائين، جيڪو جام بجار جو 'ڪئينسريو' (دوشالي جي گهيري سان ڪيمخوابي ٿوپي) ڪٽي ويو، ۽ جام بچي ويو. وري پيو ڪانءُ فتح خان نہ هنيو، جو طلاق لکيل هئي. بندوق ڪٽي ڦٽي ڪيائين ۽ ترار ڪٽي وڙهيو، تان جو مارجي ويو.

● سورهيہ مڙس جنگ جي ميدان ۾ پوشاڪون پائي، طرن جا چڱا چڏي، ڪرّ ۽ فرّ سان ڪڏي، ايندا هئا، جو ڇڻ ڪين موت جي سيج ماڻڻي آهي. دشمنن تي دهشت وجهڻ لاءِ. چيلهه تي 'شماري' (شينهن جي کل) پڌلدا هئا.

● مير فتح علي خان جي دؤر کان جڏهن کابلي افغانن سان سنڌ جي سورهين جا مقابلا ٿيا ۽ پريان کن کي ڪڏندي ۽ پلٽو ڪندي ڏٺائون تہ سنڌ جا سورهيہ بہ ڏمڪن ڏماکن واري ٽور ۽ ترار جي کيڏ ۾ اڳيئين کان اڳرا ٿيا. جنگي جوان پهلوان، جنگ جي ٽور جا تماشا ڪندا هئا، قدم قدم پريندا هئا ۽ ٽپلندا ۽ ٽپلو ڪندا هئا؛ ڏهلن ڏمامن ۽ شرنائين قرنائين جو هڪ خاص تار وڄندو هو، جنهن تي 'چٽلتو' ۽ 'چالي' ڪندا هئا، يعني قدم قدم ڏماکي واري ٽور ۽ لوڏ، توڙي تار تي ترار جي پلٽي بازي ڪندا هئا.

ميرفتح علي خان جي دؤر کان وٺي سنڌ جي جنگي جوانن جي 'چالي' ۽ 'چلتي' (پهلوانن جي پريڊ) جا سلسلا شروع ٿيا. ميرصاحب پاڻ پهلوان هو ۽ پهلوانن کي 'نازائڻ' (ناز کرائڻ ۽ جس شابس ڏيڻ) لاءِ 'چالي' ۽ 'چلتي' جي ميدان ۾ اڇي بيهندو هو ۽ انعام اڪرام ڏيندو هو. سگهڙن ۽ شاعرن پوءِ 'چلتي' ۽ 'چالي' لاءِ ٽکي تڪڙي وزن وارا بول منظوم کيا جن جا کي مثال متن ۾ ڀيڙي فقير چارڻ واري نظم (ص ۳۲۲) ۾ موجود آهن (۱). مثلاً:

واگهه ته بيٺا پاڻ ته ونگي.
آيا سر آرڻ جي انگي
مارن چوٽيان وجهن چنبي
ڪن ٻتنگن وانگهي پيل
(ڀيڙو چارڻ)

"واگهه ته بيٺا" واري فقري تي تڪڙي "پاڻ ته ونگي" واري فقري جي لئي ۾ ڇڻ وجت وارا بول سمايل آهن.

دانهن دُرس هڻن دودستي
ڪُوپو ڪپي ڪيهر ڪستي
هُوڪ هنئي تنهن هاڙهي هستي
ماري مَٽ مٽاون بستي
تائُو تيز وڙهيو هو تايون

ڪهڳل ڪوچ ٽيو ڪيڏارو
دارون ڏنڊ ڪيو ڏنڊڪارو
رڻ ۾ رڌ وڙهي ڪن وارو
سورهيه سيفن سان سٽڪارو
ڇڪا ڇڪ وجهن ڇڪايون
(سهراب چارڻ)

---

(۱) صفحا ۱۵۹، ۳۲۲ - ۳۳۰.

تالپورن جي دور ۾ اندروني طور راڄن ۾ راڄدارن جي خود اعتمادي ۽ سنڌ جي لشکر جي ڪامياڀي پٺيان ڪامياڀي سبب سنڌ جي جوانن پهلوانن جا حوصلا وڌيا ۽ 'چلتي' ۽ 'چالي' جا ميدان ٺتا. ان دور جي سڳهڙ شاعرن جنگي نظمن ۾ 'چالي' ۽ 'چلتي' جي پولن سان سنڌ جي سورهين کي سارايو ۽ نازايو. انهيءَ فن ۾ سهراب چارڻ پنهنجو مٽ پاڻ هو، پر عالم خان لنڊ ۽ ٻين به سهڻا ٻول ٻڌا. سهراب جا چيل 'چلتا' ۽ 'چاليون' جن ۾ پيرن جي ٻيڪن، دهلن دامن جي دهڪن ڦهڪن، ۽ جنگي جوانن جي قدمن جي ڏمڪن واري لوڏ ۽ لئي سمايل آهي، سي سنڌي رزميه شاعري جا نادر نمونا آهن- جيئن ته:

"چلتو جوان مردن جو"

جنگ وچ جوان، ڪرن جت جلوا، دل دلاور، سير دولهه-
ميصريان مار، مناون مٽ ڪوڻ، چپ چپاتي، ڇهڪن ڇهه...
آنهڪن ڇڪن، سٽڪن سيفان، هفت هزاري، دهڪن دهه
ڇهڪن ڦهڪن، ڇوٽ ڇلاون، زهمان مارن، زور زدهه.....

"چالي" جوان مردن جي

جنگي جوان ڪرن جت جلوا، ڪوڙها ڪپن ڪپ ڪرپ
ارڙا آت وڄن سي انڪي، جوڌا جوان ڪرن جهڙپ
ڦهڪن ڦهڪن سيفان سٽڪن لڙن پڙن سي لال لڙپ
شرطئون سي شمشيرون شاهي، شير هٿي ڪن شپ شڙپ...

(سهراب چارڻ)

عالم خان لنڊ جو هڪ وڏو ڪٿي شاعر هو(۱)، تنهن 'چلتي' جي لئي سان گڏ سنڌ جي سورهين کي عجب انداز ۾ نازايو:

---

(۱) عالم خان ولد گهنور خان گهنوراڻي، لنڊ بلوچ، ويڙل ڳوٺ ٻڌي لڳ جوهي، تالپورن جي دور ۾ ڪاڇي جو مشهور شاعر هو. اندازاً ۱۸۵۰ع ڌاري وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين.

مَل مَتَ سَتَن، سِر سَتَ گھتَن، تیل گھت نہ گھوت گھتاون
ھر ڈات سَکیلے، وات قتوڑے، ذات کُذات کنبساون
مرد نہ ٹیندي زرد آھي، کر کَرد کیدار کماوَن
چیلکن کیلکن تیلکن تُکیان، تیغ تکیان کڑلاوَن
وِچ وانگ وَتیان، آت تجل تتیان، پل ہلک ہتیان چا ہاوَن
جُڑ کن، گُڑ کر، گوڑ گوڑ، گروڑ گجوڑ گنواوَن
فیل کَفیل سفیلان دے آٹ، دوڑ دَھوڑ اھوڑ ٹھوڑ ٹھاوَن
پیل شکیل طویل، تَوَنگر، مَر کر پَرَ نَر نام رھاوَن
اڑکن کڑکن سڑکن سیفان، توڑ وِلوڑ وِچوڑ وِچاوَن
ھستي مستي، دست دَ دستي، کَستي کر کڑکاوَن
اوت نہ گھنن گھوت کَڑوَ رُک روت چَکَن چکاوَن
لَتَن چُتَن چَمکن ذَمکن مار مَڑار مَناوَن
عالم خان جوان ایمالي، لیکي نام رَھاوَن، بَخرا پاوَن.

ان عالم خان سورھین کي نازائن سان گڏ، کین جَسون ڈیئي جنگ لاء همتایو ۽ حرصایو، جیئن تہ:

دیک بہ دیک مُھاندے مَتَن
چوتا چاڑھ وڑھن کاڻ وَڻن
سورھیہ کڑ سَرواھیان سَتَن
رت مست مچان سِر چَتَن
سِر کون سَتَن، سوپان کتن
بازوَ بازین وانگون جھتَن
ٹھکي نال قڑ ٻئي ٹھکن
کڑکي نال کَرایان لڑکن

آکے عالم خان جوان سي سورھیہ مست نہ ٹیوَن

آکي: سي وت کتان؟

آکي: جتان ھوَن تتان.

آزادي، واري دور ۾ 'جنگ' جوان مردن جو ناز هو، جنگ مانجهي مڙسن جو ڏاج هو، ۽ 'جنگ' بانڪن بهادرن جي راهي پوکي هئي، ۽ ڪيتي هئي؛

ڪتو ڪيت سندون، آرڻ آپت ان جي
جهين مُنهن مصريين ڪيا، فصل تهير پڪون
اهڙو ئي ڪيتون، جنهن جي راه وراهن رُڪ ٻين.

يعني تلوار سندن ڪيتي آهي، جنهن جي آپت جنگ جي ميدان واري واڙي آهي (جنهن ۾ مڙسن جا مٿا گدرن ۽ هنداڻن وانگر پڪڙيل آهن)؛ جيئن ڪي تلوارون جنگ جي ميدان ۾ ٿيون آپيون ٿين، تيئن سُورهين جو فصل پچي، لُڻڻ جي لائق ٿو ٿئي. پهلوان پنهنجي اهڙي ڪيتيءَ جي راهه ۾ رڪ (ترار ين) سان ئي ٿا وراهين.

ن. ب

متن

جنگنامه

باب پهريون

سنڌ جو تاريخي شعر

(چيل ميان حسين چارڻ جو)

شاعر ميان حسين چارڻ، سنڌ جي قومن، سنڌ جي حڪمرانن ۽ سردارن بابت جيڪي ڪجهه ٻڌو، سو هن شعر ۾ بيان ڪيو آهي. سندس بيان موجب: اتر سنڌ تي آمري تائين پهريائين "ناريجن" جي سرداري هئي، جيڪا پوڙهين تائين هلي. انهن کان پوءِ "سوسرا" سنڌ جا حاڪم ٿيا ۽ ويهه پيڙهيون سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيون. آخر ۾ جڏهن دودو سومرو سنڌ جو حاڪم ٿيو تہ چنيسر ڪاوڙجي علاالدين کي چاڙهي آيو، جنهن سان دودي سومري ۽ ابڙي سمي مقابلو ڪيو. ڪنهن وقت ڪاڇي واري علاقي ۾ "چنا" قوم جي حڪومت هئي. ڪاڇي جي ٻئي واري علاقي تي وري "ڪوريجن" چامن جي حڪومت هئي. جنن ۽ ڪوريجي چام جو سڳ تان تڪرار ٿيو ۽ ڪوريجو چام مارجي ويو، جنهن تي ڪوريجن وڃي "ڪانهري ڪوٽ" جي سردار جيسرراوَ کي دانهن ڏني، جيڪو ماڇين جو لشڪر وٺي ڪاهي آيو. جنن جيسرراءَ سان مقابلو ڪيو، پر ماڇي زور ٿي ويا. اهڙيءَ ريت جنن واري علاقي تي ماڇين جي زمينداري قائم ٿي.

جڏهن سنڌ تي سما حاڪم هئا، تڏهن ارغونن جا ڪي ماڻهو سنڌ ۾ اچي رهيا ۽ هتي جون حالتون ڏسي ولايت ۾ وڃي ارغونن کي احوال ڪيائون. ارغون ۽ ترخان، حسين ارغون جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ تي ڪاهي آيا. سمن سنڌ جي

سرحد وٽ ارغونن جو مقابلو ڪيو، پر هارايائون ۽ سنڌ ۾ ترخانن جي حڪومت قائم ٿي.

چنن ۽ ڪوريجن جي سرداري وقت ڪوراين چڙهائي ڪئي. هڪ طرفان شريف خان لشڪر جي مهنداري ڪئي، سائس اعظم پڻ پنهنجي لشڪر سميت شامل هو. هنن دوکي ۽ فريب سان پنهنجي مقابل فتح خان کي مارايو.

سنڌ ۾ چامن خانن ابڙن (سمن) جي حڪومت ٿي گذري. سمن جي حڪومت ۾ دريا خان وڏا ڪارناما ڪيا ۽ چام نيدي کي ملهايو.

پوءِ سيرائي (ڪلهوڙا) ساماٽا. سندن سريدن ۾ بلوچ، مير ۽ چانڊيا شامل هئا. چانڊين جو وڏو غيبي خان هو. هو پنهنجي وقت جو وڏي همت وارو 'هرڪل' هو ۽ پيرن ۾ عقيدت تمام گهڻي هيس، ايتريقدر جو جنگ ۾ سندس طرف جو جيڪو ماڻهو ماريو ٿي تہ ان کي پيرَ جي پار ۾ ٿي ليکيائين. جنگ ۾ غيبي خان چانڊيي ڪاچي واري علائقي تي قبضو ڪيو، پر سراين حملو ڪري غيبي خان کي ماريو.

سيوهڻ جي پر واري علائقي ۾ 'ساهان' جي هلندي پچندي هئي. سندس گادي بکر ڪوٽ ۾ هئي.

ان وقت سيني قومن گڏجي شيخ نصير کي اڳواڻ بنايو. هن پنهوار تي ڪاهيو، پر مير پنهوار وڏو مقابلو ڪيو ۽ سندس آڻ کاني سڄي.

مير پنهوار قلعا ڪوٽ اڏايا. ماڃي مخالف هو. محمدو ٿو پٺيار ديڳن دامن جو ڏٺي ٿيو. محمدوئي، اورنگزيب جي دربار ۾ وڃي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي، تڏهن الهيار کي اڳواڻ بنائي، سيراين تي لشڪر چاڙهيائون. تڏهن 'پير' (ميين نصير محمد يا دين محمد) قاسم نالي پنهنجو ڪمدار موڪليو تہ وڃي معافي وٺي. پوءِ اورنگزيب پنهنجي طرفان دڪن ساڻ

شيخ جهان کي بکرکوٽ تي مقرر ڪيو. مرزا خان جو پٽ شيخ جهان سان وڃي ملیو. ابڙو فتح خان فوجدار هو. مغلن جي لشکر کاهيو. الهيار اڳواڻي ڪئي. مغلن جي لشکر سان قنبر مقابلو ڪيو. مرزا خان جي پٽ دغا ڪري محمد جان کي مارائي ڇڏيو.

۱. آيان يونهان جو ڏٺي، الله اپرم پار
خالق خلقت پانهنجي ڏنهه آ خاوند خبردار
مولاي پنهنجي ملڪ ڏنه واحد ناهم وسار
سهس آڌارهم عالمان رزق رسائڻهار
جيڪي عالم عام خاص، سڀني ساڻ ستار
تنهن کي چاڻي کونه ڪو جيڪي ڪري جبار
سو سيڪو صفاتيون ڏٺي ڪري آڻي هي اقرار
جو بيچون بيشڪ بي نمون، هرجائي هم کار
ڪوڏ محمد مصطفيٰ سيٽيائين سڻڻسار
تنهن کي باري بالا بزرگي بخشي بيشمار
فهم، فراست، علم، حلم، گل ڪيو گلزار
نيکي بدي نوم شد، حرص ڪنون هوشيار(۱)
ڪلن ۽ ڪرهن جو آ خاکين منجهه خمار(۲)
چئو چارڻ ڏي شاهدي، سنڌ سندو سڻڻچار!
اڻ پڌي آڻ نه کريان، پڌ ڪيو بولاچار:
پسو پهريون ٿي هئيو، هت ناريجو نامدار(۳)
تنهن ڪئي باد شاهي سنڌ جي، ٽيه پيڙهيون پرکار(۴)
پهريون لڳا ڏنبرين، ٽيا گل ۽ گار
د نگ کيائون آمري، هوڏنهن ڪهنگ قندار.

---

(۱) چارڻن جي گهراڻي جي بن ذخيرن (ميان د ين محمد ۽ ميان ڪمڻ) تان ورتل ۽ پيتيل.

(۱) ڪمڻ فقير (= ک) جي ذخيري ۾: 'حرف کندن' (۲) اصل. ائين. (۳) ک. پهريون ٿي ٿيو. (۴) ک. پڙيون.

ٹهين پـڇـائـا سـوسـرن، اڇـي ڪيو آپڪار
تنهن پي ڪئي بادشاهي سنڊ جي ويهه پيڙهيون پرڪار (۱)
تن طـالـع تخت وهـاريـو، سر دودو سردار
تـان چئي چنيسر چـاڙهيو، گيـ "گوري" گرنار (۲)
سـو آيـو سـومرن تـي ڪـري، عالادين آر
هيڏنهن پي اول وڃي ڪئي ابڙي، دودي ڪيو دمدار
سو گجي گوروءَ کي گڏيو، ڏسرجي ڏاڙهيار
اتـي انـبـاريـن چڙهي، ڪـٽيائينس ڪاپـار
جانُ جيئو تانُ جس سان، مٿس نـاهـ ميار.
هاڻي ايلچي اڳي ٽيـو، وڃـي هـي واپـار
اول نـ ڏي ابـڙو، سـومـسـرا سـردار!
چئي: عالادين بادشاهـ تنهن سـان ڪيو قرار
تنهن کي چيو ابڙي، جـو هـو بادشاهي پـار
تـ اسـان جـن اڳين کـي، وڏو آه وقـار
سمون سرٽيون ئي نـ ڏئي، ويهون پاڳو وار
جيڪي ڪري سو اللهه، سـر اڇي اڇٹهار.
تڏهن چڙهيو عالادين بادشاهـ، ڪري ڪارونهار
ڪـرول ڪرولـيـن گـڏيـا، سـبـڙ ۽ سالار
تکي تيغـن ڪٹون ٿي سانگين ڪيو سـڪار
هاڻي عالادين ان پـر چڙهيو، ٻن ڪيو ٻولاچار
چـپ چپڪو جت ڪٹ، جيئن وڏڙو وڻڪار
هونگر چڙهڻ جت ڪٹ، د هـ دهـ ڏ وڏ و ڪار
سج لهي سڏ نـ ڪا، چنڊ نـ پسي چمڪار
نيهيءَ ڪٹي مناڙيـو، ڪـٹ جـئـن ڪاتيدار (۳)
هـاڻي ابڙو ٽيو اوجار، سماواتن سـيـ جـو.

---

(۱) ک. پـريون (۲) اصل. گٹ گوري. (۳) اصل. نيهن ڪٹي مناڙيو ڪٹ جي ڪاتيدار.

۲. سو پاڻون پاڻ پرجهلو، سو يارن وياڻ [وينجهار]
تنهن وانگي سوڍو رکيو، دودو دعويدار (۱)
تنهن ڀي چليون آنديون چوهه، مڻون ڀيرو ڀيهار
کرسهڄاڻي کوٽ ٽي، کيو مصرين سلار (۲)
کري خيف خوار، دودي دعويٰ چڏي. (۳)

۳. سمن ۽ سومرن جو، آ مذکور بسيار (۴)
هاڻي حاصل هي کلام، سندن ٿيو شمار
جو هوڏنهن رُوپا هين چڙهيا، هوڏنهن لاڙ ٻنگار (۵)
کن کيو کنراڙو، وهي آرتو آکين جار
چاڙهي ديس ڏنُوار، جو سمن ماريا سومرا.

۴. چارڻ چنن جي چوي، هئي سنڌ هيکار
کاڇي ٻنهي کنڊُين، کوڻن کيو قطار (۶)
چئي چناڻن پاڻ ۾، سارايئون مزار
سڀڙ سارائي کري، وچ ٽيو ويچار
تنهن ڀي چليون آنديون چوهه، مڻون، هندسنجهڻون هيکار
اڇي ڀيو اوچتو، مَرجُوکن ميار (۷)
کني لاهي خار، وڃي وچ ڀيڙهي ٿيو بادشاهه.

۵. هاڻي چنن کوريجن جو هيو گڏ گذار
سي همسايا هم وطني، ساڻي سيوکار (۸)
"وَتن" کاڻ وهانوَ جي، چام جوڙي وڏو جار
سو "مَرجُوکن" ميجيو سگ سندو ستکار (۹)
تان مَنهين آيو "چگي" جي کوريجو کلدار

---

(۱) اصل، سودر رکيو. (۲) اصل، کرسهه چاڻي. (۳) **میان دین محمد** جو نسخو: دعوا دودي کنئي. ميان کمڙ جو نسخو: **دعويٰ دودي** چڏي (۴) ک. وڏو اُ وقار. (۵) روپا هن چڙهيا = **روپاه تي آهن** چڙهيا (۶) اصل. کوڻن کيو (۷) يعني اها 'مرجوکن' تي ميار آهي (۸) اصل. ٿاني سيوکار. (۹) مرجوک = 'چنن' يا کوريجن جو ڀاڙو.

تان مارايائينس مڏ ڪري، هو متي جنهن سڏار
تڏهن دانهين هليو ڪاهيو ڪوٽ ڪوار
تنهن وچي جيسراوَ ڪي ڪاهي ڪرهو هاڙ (١)
سوئي وٽي آئيو، ساڃي مهاندار
تني تلوارن سان، هٽي ڪيا هٿوار
وچي بچيو ٽورڙو، چنن جو ڇوهار
ظاهر زميندار، اچي ساڃي ويڙو ملڪ ۽.
٦٠ اچي ارغونن ڪيو، نڪري ٽيا نروار
تان هئي سنڌ سمن ڪي، ملڪ منجهئون مختيار
چاڪاسيائون چند روز، رهي ٽيا نروار
تن وچي ولايت ۽ ڪيو، گويو هي گفتار:
تر ڪي تتي ٽڪريا هيُا، چامن سر چمار
جي يڙ پائي چار، هن ڪي وهڻ وتن سنرو. (٢)
٧٠ هليا ڪري "حسين" سان ارغوني اختيار (٣)
تن سان سمن سرحد تي ڪيو، مصرين ملار
ويري گڏيا واٽ ۽، نڪري ٽيا نروار
تڪو تلوارن ڪيو، ٽيلن ۽ ٽهڪار
سمن سلطانن ڪيو [مصرين] ميگهه ملار
ترخانن تيڪ تيار، جنهن جا سما سلامي ٽيا. (٤)
٨٠ هاڻي "چنن" ۽ "ڪوريجن" جو، وڏو هو وڏهار
چڙهيا ڪورائي چار لک چنن لک هزار
ٻي بادشاهي وچ ۽، ٽيون ٽيو ٽمڪار
جو سر ڏئي سر وچ ۽، ڏري ڪهين ڏار
ڪارڻ سر شريف خان، نسري ٽيو نروار
واهي ٽيو دربار ۽، ڪل ٻاري ڪوار

---

(١) ڪ. ڳاهي ڳر هو هار. (٢) دين محمد = تان ڪن ڪي وهڻ ڪمڻ = تا هن ڪي (٣) حسين = شاهه حسين ارغون (٤) دين محمد. تڪ ڪمڻ. تٽ. تيڪ = تلوار.

ان سان "اعظم" آئيو، نيازي بہ نيار (۱)
تنهن ساريو فتح خان کي، ڏيئي قول قرار
ان بيدادو پائيو، جتن کيو جهار
انهئون پوءِ اعتبار، کري کونہ زبان تي.
۹. ٻڏي گالهہ ٻڌاءِ، پر کر اکين ڏنو آچار
چاسي خاني دائما، ابڑي کيو اپکار
تن وچايو وڏو کري، نوبت نت نغار
دل ملهايا دَرهَم خان، ندي ناساچار (۲)
۱۰. ... ...
... ...
توڑي ميان جا مريد ٿي، وڏايائون وار
سو لئي سراين چڑهي، ات ٻڌائون کار
اهڙو ئي اعتبار، مير منجهون پيدا ٿيو.
۱۱. هاڻي گامين کوڏ کري چڑهيو، چانديو چوڑيار (۳)
سر ڏئي سر رکي، "غيبي" گهٽا بار
هيڏنهن لکين لک سؤ، هوڏنهن اڙو اپار (۴)
۽ وچ اپائي نيو، کندو اپکار (۵)
کاڏائون کنن سان، سڏ کاڇو کينار
متنهن مهمائن سان هو، گڏ ستو يوتار
سو يي سرائن چڑهي ماريو سڳ متار
دَرهَم دودو منجهہ دار، رڻ کيو رت هار (۶)
هُن هين کي هي کار، جي دودي درهم سان هٽا. (۷)
۱۲. "غيبي" ٿيو گلزار، کاچي ٻڌي ککرا

---

(۱) ک. آدم آئيو. (۲) اصل. "دل ملايا". دل ناساچار ملهايا = گهٽا ملهايا. دَرهَ خان = دريا خان. نه‌ي ناساچار = جام ندي (نظام‌الدين) جا ناساچار. هن ست کان پوءِ نظم جو گچ حصو کتل آهي. (۳) اصل. کامي کوڏ کري. (۴) اصل. اجار (۵) اصل. ائين. (۶) دين محمد وارو نسخو: "ذرهم ڏو ڏو منجهہ دار"؛ ک. رڏ کيو

تان هرقل هڻي هنڊ ڪيو، ڏڪڏائي ڏيڪار (١)
ڪٽائي ڪنان هڻي، ڪيائون اوڏائي آپڪار
سو اُوڏاڙو اهڙو، جو ديرينو دلدار
تنهين طالب ٿهڙا، آڻن جي اختيار
سسي سڀائي سير ڪؤن ٿا بنهه وتن بيزار
سي مڙئٽن مڙن ڪينڪي نڪي مڙڻ پائڻ موچار (٢)
جي ڪو مار يو تنهن ائين چون ته: "هي پيو پير پنار"
اهڙو ئي اعتبار، آهي پنجاهين جو پير ڏنهن.
١٣. ساهان هو سيوهڻ سان دنگو دنگ دوار (٣)
بانڪو "بڪرڪوٽ" جا، ٿو باغ ڪائي بسيار
ڪيو شيخ نصير ڪي، ذات بذات جُهار (٤)
مڙڪي مير پهنوار، جنهن ڪيهر ڪنڊ نه نائيو.
١٤. سي قلعا ڪوٽ ڪچهريون، ٿو اڏائي اٽيار
تن ۾ دارون، تير، تماچا، پيو جوانن سان جنسار
سنڊ بڪر سيوهاڻ ۾ ڪيو جماعتن جُهار
سي سيپ سيڙو ساڻهو، پيادا ۽ سوار
ڏئي عَلَوُفا ان کي ۽ مرادون مڙيار (٥)
مڙسن سنڊو سير وڻ، وڏو آ وقار
جو لک لڪائي لڄ تئون، ڪروڙن ڪاپار (٦)
رکائي رقيب ڪؤن، ساڄي ملڪذار
وٽندي ويهي پنج ڏينهن هو ڪندو دارمدار
سنڊ سڳلي مٿون ڪري، وڏي ڪئي واهار (٧)
تان ديڳن دمامن ڏڻي ٽيو پاڻ پٽيار
تڏهن ڪنيو سيوئي سنڊ تئون محمدوئي نه مدار

---

(١) هي ڪار = هٿيڪار (؟) (٢) اصل تان هن قل هن هنڊ ڪيو. (٣) ڪ. مڙڻ ڪن موچار (٤) ڪ. سان هان (٥) ڪ. جحار؛ د. مجار. (٦) اصل. ڏ ئي الوفا (٧) اصل. ڪاپار.

جڏهن وڃي اورنگزيب جي، ڏيهاڙي دربار
ملڻي هٿ مصحف جي، تکو ڪري تيار
ڏٺهن ملڪ ڏٽي معلوم ٿيو ڪري ڪالهه قرار
ڏٺهن مير ٿهيڙ منباهيو ڪري آڻن الهيار
سو مقرر آيو مولهه سان، ڪرڻي ترت تيار
دهلي مٿون ديرو ڪري، ٻڏي سرائڻ سار
ڏٺهن پير پانهنجو موڪليو، قاسم ٽي ڪمدار
سو لڪ سڃي، لکت ڪري، ايلازيون انتظار
توبهه ڪٽي تائب سچ منهنجي اڃي اوهان پار
تان معلوم ٿيئي همٿ مير ڪي اها طرح تنوار
تنهن آندو ٽي بادشاهه، پهس ڪيو پڪار
ته ملتاني ميڙاڪيٽون، ٿو تنگ ڪري تڪرار
ٽئي حضور جلو ڪو ڪردوچي ڪمدار (۲)
سو بانڪو "بڪرڪوٽ" جو، ڪو فرمايو فوجدار
تان اورنگزيب نوازيو، "شيخ جهان" جهونجهار
تان ملي لايو مدعي، ڇوهه سندو چٽڪار
سو ڏڙي دکن ديس مٿون، درس آيو درڪار
سو رسيو خوب رفيق ڪي، فائق فوجدار
پاٽهڻون پاليٽون ڪري، اڃي جا اورار
تان هيٺ اهڙوئي اهوار، معلوم ڪيس مڙني،
۱۵- تڏهن ديرو دعوي جو وڃي، آڻڪي اوهڻ يار (۳)
اتي ملين "مرزا خان جو بيٽو" برخوردار
اڻي آيو ابڙو فتح خان فوجدار
سردردين مغلن جا، گجي ڪن الغار
ڦلهو ڪيائون ڪوڙمر، پٺهرو ۽ پلتار

---

(۱) اصل. مون ڪري (۲) اصل ٿي حضوز جو(۳) ک. الڪيو اوهڻ يار

هوسلچو ہڈي ان جو، آيو "الهيار"
تنهن ساعت دودو ٿيو، اهڙو شام اپار
هيڈهن رسيو سلامت ہر، "قنبر" قربدار (١)
اوڈو ٿي اسراء کي، مقابلي سٹدار (٢)
هت محکم منزل اتي ديدن کيو دمدار (٣)
اتي مرزا پٽ متي کيو، دغا جو دستار
جو سَل کري سينجهار، محمد جان مارائيو.

جس درسن، جس جات جوان کي، جس آون جي آيا
جس جوري، جس نوري، جس پاده جو پايا (٤)
جس خيمي جس دَلّوچي، جيکي رک رچايا
جس خطاب خاني، جس شيخي، حاجي جس هلايا
اوران کُون نہ جس ايڪ جگاوي، تم لاک سوايا
جو قربان تُسين تون، جنهن ايسا الله اپايا
جس تن جوانان کون، جن جنگ وچ پاڻ جلايا
صدقي صاحب نانءَ تون، جنهن کلما پاک پڙهايا.
لا إله إلا الله محمد رسول الله.

---

(١) دين محمد. جڈهن رسيو (٢) اصل. مقبولي سردار (٣) اصل. مت(= متان؟) (٤) دين محمد = 'جس نوري تيري'. کمڻ = جس نوري ٿي (جس نوري ٿيي؟)

۲. لس ٻيلي جو تاريخي احوال

(نظم کيل شاعر نر جو)

نر فقير مگٹھار لس ٻيلي ۾ شهر آڻل جي ٻڙن وڏيرن جي پيڑهائتن مگٹھارن فقيرن جي قبيلي مان هو. ۱۷- صدي عيسوي جي آخر ڌاري جائو، ۽ ۱۸۹۳ع ۾ هو بالکل پيرمرد هو ۽ سندس عمر ان وقت هڪ سؤ سالن کان مٿي هئي. نر فقير جو سڃو سرٻستو احوال کتاب "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ڏنل آهي. نر فقير لس ٻيلي جي کيترن ئي واقعن ۽ جنگين کي منظوم کيو. هڪ نظم "شاهوکن ۽ ٻرن جي مقابلي ۽ مٿي شاهوڪ جي مارجڻ" بابت چيائين، جنهن جي شروع واري ٻاگي ۾ لس ٻيلي جي حڪمرانن کي سلسليوار بيان کيائين.

هن بيان موجب پهريائين هتي جو سردار "موسي نٽياڻي" هو، پوء هتي پٽهي-پوڻن رونجهن حڪومت کئي. سڀڙ چام انهن مان هو. کل پنجهٽ پگدار ٿيا، جن مان آخري سردار حاجي سنگر هو. انهن کان پوء موساڻي گونگا سردار ٿيا جن مان ڏينار وڏو نالي وارو حاڪم ٿيو. ان کان پوء ملک پاهڙ خان برفت حڪمران ٿيو. سندس وفات کان پوء سندس پٽ عزت خان تي پگ آئي جيڪو عمر جو ننڍو هو. هن کان پوء عالياڻي چام کونريجا حڪمران ٿيا جن مان پهريون حاڪم چام عالي (وڏو) هو. پوء انهي جي پيڑهي

هلي ۽ چام ميرخان (پهريون) ۽ چام عالي خان (ٻيو) حڪمران ٿيا. چام عالي خان جي وقت ۾ دريس ٻڌرو ۽ مئو شاهوڪ هم-صلاح ۽ همت يرپا مڙس هيٺا، ۽ ٻئي هڪٻئي جا دوست هئا. پر اهڙو اتفاق ٿيو جو مئي شاهوڪ ميائي تي قبضو ڪيو جيڪا ٻرن جي هٿ ۾ هئي. انهي تي ٻرن مئي کي ماريو. اهو هوبون بيان نظم جي پوئين پاڳي ۾ آهي. هيٺ نظم جو پهريون پاڳو ڏجي ٿو جيڪو اس ٻيلي جي تاريخ بابت آهي(۱).

ساراهيان سچو ڏڻي جو ٻيني سنڌو راء
لاشريڪ لامڪان آهي هڪ الله
ٻاڻ وهيڙو پادشاهه جيڪا ڪري سا
هٽي چٽ پٽن سين ٻاري ٻيپرواه
قادر جي قدرت کي سمجهي کين سگهيا
عرش ڪرسي لوح قلم آڳي آهايا
قابو ڪير زمين جا جبل تنهن جوڙيا
سوالک نبين جو ڪيو ٻاڻ ڏڻي پيدا
ٽي سؤ تيرنهن اڳرا ٿيا مرسل مٿيرا
نور منجهان نروار ڪيو مولي مصطفيٰ
ڏيو ڏيهن وچ ۾ شاهن سنڌو شاه
چئين ڪنڊين چراغ ڪيو شمس شعاع
چارئي يار رسول جا شريعتي ستوا
اول ابابڪر ايمان سين آندو صدق صديقا
ڏرس آبيڙو دين تي عمر مير آتاء
انهان پوء عثمان ٿيو غازي غنياء(۲)

---

(۱) ڏسو ڪتاب 'ٻلاين جي ٻول' (چاپو ٻيو، حيدرآباد، ۱۹۷۰ع) ص ص ۲۰۹-۲۱۲. (۲) ٻي روايت: اوهاهين پوء

تنهن سيڻون ستڙورون سرت سين ٿي پڙهيون پرت منجها
جوڙي ٽيهه جمع ڪيا ٿابت سيارا
علي شير الله جو آهي اسدالله
جنهن ڪئي ڪافر ڪيترا ڪوڙين ڪنبايا
ماري مسلمان ڪري تنهن امن تي آندا
پنجتن پاڪ مجيان جي ڏٺي پاڻ ڏٺا
آئي چادر ان تي الهي عرش آتا
علي جي اولاد کان قطب ٽيهو پيدا
سو پاڪارو پيرن جو مجيو ملائڪن آ.

جنگيون گهٽيون جنبايون اميرن اصلا
پوءِ ٽيهو پادشاهن ۾ سوئي مڏ ڪورا
ڪوڻس مڙيئي ڪاج تي جان ڪيم نرت نگاه
قصو ڪريان ٿو ٻيو سو سڻو سپوجها
ٻيلو ٻيلي پيرين جو آڏيو سو اصلا
موسيل نياڻي مهند ڪٽي اچي سير سهجا (۱)
گهوڙا گهوڻين بخشيا ڪولي ڪنڊين تا (۲)
تنهن پات پڙهيو ڪيترا ٿي ڏڏين ڏان ڏنا
آت پٻي پوتا پڏرا رونجها راج هٿا
تن ساڍي ست صاحبڻين جي حاجي ڪري هگاءِ
سو سنگر سانهه سگهه پريو هو چگو رونجهو راءِ
ٻيا ستوساڻي تنهن ماڳ تي گاروڙي گونگا
چام دينار ڏمڪون ڪريو ٿي ديرا ديايا
تنهن هاڻي مل هڪل سين سپ سلامي ڪيا
پوءِ آئي پڳ پهوڙ خان تي امر ساڻ الله

(۱) اصل انهن؛ ٻي روايت ڪئي سر سوا. (۲) ڪنڊين تا طبلين تا.

تنهن کنبو هٹي کٹيو کاوڑجي کستا (۱)
کاٹيو پوٹي کڑهي سلا ساگايا (۲)
برفت پائر پاهنجا نهري سپ ٹيگهيا
اچي پوء عزت خان جا سپ سلامي ٹيا
سو نيڪ نديو ٹي نميو هو وڏي گهر ويا.

اٹهان پوء اچي کيو عالياڻي عملا
ساکن سي سردار ٽي پهلي پر پيڻا
مڙيئي موجود ٽيا قائم کوريجا
صديق سينهن سگهائيو ٽي پانبوَ پچاڑيا (۳)
اول چام عالي هو پوء غازي غلام شاه
نرنوتاڻي نميا اصل اهنبڙ هوا (۴)
مير پراهم موج کري ٽي ڈوکي ڈڪايا
تنهن کاچوکيهر کنبايو کري هکل هيبتا (۵)
نعرو نوتاڻين جو ديسين منجهه دهکا
نوت مريد ڈيوڑو سورهه سوپاتا
تن اهڙين اٹل کوٹ پر ٽي حڪم هلايا (۶)
تن اجهي عالياڻين جهي ٹهي کڳ کٹيو کاڈا (۷)
نکين حاکمين هيسيا نکين سردارين سهڻيا
ميرخان متارو ٽيو درس چگو داناء
تنهن راج ريجهائي پاهنجا سوڑهي سڪ کيا
ان فهميدي فکر سين فيري فڇايا (۸)
وانڍا وجهه تن کان واري سپ وڃا

(۱) ر: کٹيو کان هو کستا. (۲) ر: سنڌا ساگريا. (۳) ر: سينهن سکايو. سينهن سينگاريو. چام صديق للياڻي کنراچ جو رهندڙ جاموٽ سردار. (۴) يعني لوتاڻي پڙا جن مان مير براهم لوتاڻي وڏو بهادر هو. (۵) کاچو يعني سنڌ وارو کوهستان جو کاچو. (۶) يعني اٹل جو شهر جو مريد پري پڌايو. (۷) ر: کڳ کٹيو کاڈا. (۸) فيري فڇايا= واري گڏ کيا.

چام عالي چاڻ چگي سان عجب ٿيو عڻما
پڙهي تنهن پورو ڪيو ڪامل قرآنا
شرع شريعت سيکا ثابت ڪيائين سا
سوڻي ٻيو سيرخان ٿيو سور تهين ماکا
ڪلنگي تنهن ڪپار ۾ سونهي سهج منڊجها
ويڻو طالع وند تخت تي بخت مندس بالا
تنهن ڪاپڻو ڪهر قلات سين پيڇ پگهه پاتا (۱)
احمدزئي ان ڪي سگ ڏنو سهجا (۲)
عالياڻي عقل سين ٿيو حجت ۾ همراه (۳)
تنهن ڪڙهي سڀ قلات جا عمل عيان ڪيا
تنهن لائق آڻي لس تي ايهي اسر رکيا (۴)
آسرا ڪيي پاهنجا سوڙهي سڪ جهليا
تنهن تان راج رنجور ٿي روح ۾ رکيا
درٻس ميڻي پاڻ ۾ رکيو يارانا (۵)
گفتا ڪيائون گڏ ٿي تن ٻيهي ٻول ٻڌا
ٻهي پروڙي پاڻ ۾ اهڙا ڪري اڻيا
مصلحت ٻني هيڪڙي جيڪا ڪري الله
تن ٻيلي قلات وچ ۾ سودا سيل ڪيا
تن ڪي خان خوشي مان عزت ڏني اڪيا
بانڪي پائڙ پانهنجا سيڻي رک رکيا
پهرن پنهنجي پٽ تي خوبڻون خوشحالا
ساڻيهه منجهه سکا ٿيو پوٽن بي فڪرا (۶)
پر چگا چگا نه ٿيا جو پاڻ ۾ جهڙ ٻيا

---

(۱) ر: ڪڙهي تنهن قلات جا عمل سڀ آلدا. (۲) احمد زئي = قلات جا خان. (۳) ر: همت ۾ همراه. (۴) اسر = محصول، سڱ. (۵) درٻس پري ۽ مڻي شاهوڪ پاڻ ۾ دوستي رکي. (۶) ر: سي ساڻيهه ۾ سنرا پوٽن بي فڪرا.

جي هجن هيڪڙي ڪالهه تي تہ سرهي ٿي ميڪا
آيو وقت آخيري لکيو ڪتابا
محبت ويندي ماڻهن مان، وڙهيا مون ٻڌيا
قبيلي مان ڪلفتون پسو ٿيون پيندا
مون مٺ-گهٽرا ٿيا جي هٿا اوڏا عزيزا
درپيش پاران دل م پائرين بغض رکيا
جيڪا ڪري ڪالهڙي سمجهن کين صفا
مالڪ ڏاران من جي ڪنهن کي ڪل نہ ڪا
اندر سندو عام کي ڪهڙو سڏ سماء
ڏاڏي سندي سٽ مان گندڙ ٿيو گمرا
ٿو لڳين تنهي ڪالهين کوڙو ڪڏاپا

باب ٻيو

سومرن ۽ سمن جو دؤر

ڄام هالي ۽ همير سومري جي جنگ

هيءَ جنگ سومرن حاڪمن جي زوال ۽ سمن زميندارن جي ايرندڙ طاقت واري دؤر ۾ لڳي. سومرن جو آخري حاڪم دودي جو پٽ همير هو، جنهن غالباً ڏٽي طرف سمن جي وڌندڙ طاقت سبب عمرڪوٽ کي اڇي پنهنجي گادي جو هنڌ ڪيو هو. ڄام هالو پٽ ساند جو هو. ڄام هالي جي ڏيءَ باگهي، سندس گهر ۾ هئي. شاديءَ وقت ڄام هالي، "سڪيري" نالي پنهنجي خاص خدمتگار کي باگهي سان گڏ موڪليو هو. باگهي جي شادي کان پوءِ پاڻس هوڻي ڪيس ملهه ايندو هو، تنهن هڪ ڏينهن همير جي ڏي "جيجڙي" کي ڏٺو ۽ پنهنجي ٻيءَ ڄام هالي کي چيائين ته سون کي جيجڙي جو سگ وٺي ڏي. ڄام هالي، همير کان سگ گهريو، پر همير انڪار ڪيو. پوءِ، باگهي همير کي بار بار چوڻ لڳي، جنهن تي همير ڪاوڙجي، باگهي کي ڪوٽ مان ڪڍائي ڇڏيو. هيءَ مائي مردانه همٿ، سا مائٽين موتي ڪانه وئي ۽ پر پنهنجي خادم سڪيري کي ساڻ ڪري، شهر کان ٻاهر ڪنهن آباد اراضي ۾ وڃي جڏا حويلي ٺاهي ويٺي. همير جا ماڻهو ڪيس اتي به ستائڻ لڳا، جن سان سڪيرو سامهون ٿيو ۽ ڪيس مازي وڌائون. انهيءَ تي باگهي پنهنجي ٻيءَ ڏانهن پيغام موڪليو ته: آءٌ ڪوٽ کان ٻاهر نڪتي ويٺي آهيان. ۽ "سڪيرو" به مارجي ويو آهي:

پـل پابل پانهو مٿو، هٿو سوان ستّڙسان٭ رو ۾ن
هيرءِ ي رتاس ڏندڙا، هـوس ڪاتي سـونـو ڪن
مولهيو موتين چانئيو، هـوس پُر پُر پـوت موتين

انهيءَ تي چام هالي جا پٽ هوٿي، علي، پلي ۽ ٻيا لشڪر ڪري چڙهيا:

پـلـي پاڻي نہ پئي، عـلـي آن نہ ڪاءِ
هميراڻي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نہ ڪياءِ

انهيءَ جنگ ۾ فتح چام هالي جي طرف جي ٿي، هميرمارجي ويو ۽ سومرن جي حڪومت جي پڄاڻي ٿي. چام هالي جو پٽ هوٿي. پڻ هن جنگ ۾ مارجي ويو، جنهن تي ٻاگهي پار ڪيو تہ:

هوٿي جي ڦٽي ڪي هو گيوَر گيوَر ڪَل
سپ مرن سومرا، توءِ ڪونهي ڦٽي- تَل.

صابر شر جي روايت

چام هالي جي ڏيءَ ٻاگهي هميرسومري جي گهر ۾ هٿي. ٻاگهي ڪي پانهون ۾ سان ڏنل هو. هالي جو پٽ هوٿي، اڇي هميرجي ٻيءَ جيجڙي تي چريو ٿيو. ٻاگهي ڪي چيائين تہ: جنهن ڪنهن نموني سان هميرجي پلنگ تي سمهار. ٻاگهي سمهاريس ۽ پاڻ ويهي جيجڙي سان ڏاري راند ڪيائين. جيجڙي ان وقت هوٿي ڪي ڏاڙو ۽ ڪيس مٿيان لڳي. اڳ ۾ چام هالي هوٿيءَ لاءِ جيجڙي جو سگ گهريو هو، جنهن تان هميرڪي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين تہ:

سان٭ هان٭ سڏ رسومرو، تون سمو سگر توڙ
قولي لهہ گهٽن ۾، وڃي جيسن پنهنجو جوڙ.

جڏهن اها ڳالهه ڪلي پئي ته همير ڪي ٻاگهي تي ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس مائڻن ڏي موڪليائين. پر ٻاگهي چيو ته: آءٌ مائڻن موڻي ڪانه ويندس. پوءِ همير ٻاگهي کي ڪوٽ مان ڪڍي چڏيو ته هو ڪوٽ کان ٻري، ٻانهي کان چپر جوڙائي اتي وڃي رهي. ٻاگهي، ٻانهي کي چيو ته تون ٻاڻي چوڙ ته ٻني ٽڪر آباد ڪريون. ٻانهي ٻاڻي چڏيو. همير اتان اڃي لنگهيو ۽ ٻانهي کي چيائين ته: چو منهنجي ٻني ۽ ٻاڻي چڏيو اٿئي؟ ٻانهي جواب ڏنو ته: منهنجي مائڻ جو حڪم آهي. انهي تي همير مٿس حملو ڪرايو ۽ ٻانهون وڍهندي مارجي ويو. انهي تي مائي ٻاگهي هار ڪيو:

ٻَل ٻاڻَ ٻانهون نه مري، سَوان٘ مٹّڑسان٘ رو ٻَن
هيري رتاس ڏندڑا، هوس ڪاتيءَ سونو ڪَن
مولهيو موتين چائيو، هوس پٹّر پٹّر موتين پوت.

سومرين جڏهن اهو پار سڻو، تڏهن چوائي موڪلياڻونس ته: آڙي! ٻانهي لاءِ ايڏو پار ڪيو اٿئي، جي پٹهين هالو مڻو ته چا چوندئين؟ تڏهن ٻاگهي چيو ته: آن لاءِ ٻ سيو ڪجهه ٻيو آهي:

آپ مٹّنڑو، زمين جهانوَري، منجهه هالو مانڊاڻ (۱)
هيڪا چيڪي لٹّڑ ڪري، دلڀي خراساڻ.

چام هالي ۽ سندس پٹّڻ علي (۲)، ٻلي، هوڻي ۽ ٻين ڪي سڃي خبر پئي ته ٻاگهي ڪوٽ کان ٻاهر نڪتي ويئي آهي ۽ ٻانهون ٻ مارجي ويو آهي، آتي سخن ڪري چڙهيا:

---

(۱) ٻي ٻڑهٽي: آپ مٹّن، زمين مائي، منجهه هالو آ مانڊاڻ.
(۲) ڪن روايتن موجب علي، چام هالي جي پٹن مان نه هو.

علي آن نہ کاءَ، پلي پاڻي نہ پيٽي
هميراڻي ڪوٽ سان جان جان جنگ نہ ڪياءِ.

---

١. جُوٽو، جيهو، جڪرو، هوٽي، هگورو
پلي پاڻي نہ پٽي، ڏمريو ڏيرو
اتي ڏيون ديرو، جتي پاگهي لڏو ميهڙو.
٢. هوٽي چوڙي ڪنڊيون، هگورو دربار
جيجا ڪوٽ نهار، تہ پاگهي پائڻ جا ڪي.

مائي پاگهي چيو تہ ۽ سومرا گهٽا آهن، نہ چڙهو. پلا جي وڃو تہ اهو جوان وڃي جنهن جي ڏاڙهي ۽ ڦٽي نہ انڪي؛ پانيائين تہ هوٽي نہ وڃي. هوٽي لوهي ڦٽي چاڙي ۽ زور سان هٽي انڪائي، ٽڏهن جنگ تي چڙهن جي موڪل ملیس. نيٺ جنگ لڳي تہ پاگهي ۽ جيجڙي اچي ندي جي ڪناري تي ويٺيون. پٽ ۽ ڪتا پاڻي ۽ آچلايائون ۽ چيائون تہ جي پٽ ٻڏو تہ سومرا ماريا ۽ جي ڪتا ٻڏا تہ سما ماريا. ڏٺائون تہ پٽ وڃي پيو ٻڏندو ۽ ڪتا پيا تَرن. پوءِ سومرا مارجي ويا ۽ هوٽي، جيجڙي پرٽيو، جنهن سان جام جڪرو چائو.

محمد فقير مگٽهار جي روايت (١)

هالي جي ڏي پاگهي هميڙ پرٽيو. هالي پنهنجو پانهون پير نالي پاگهي کي ڏاج ۽ ڏنو ۽ ان سان گڏ موڪلي ڏنو. پاگهي سان پيا ڪاريگر ۽ آيا. انهن جي واڪاڻ سبب پاگهيءَ جي ۽ واڪاڻ ٿي، جيڪا سومرا سهي نہ سگهيا. انهيءَ تي پاگهي کي هميڙ طرفان ڏهاڳ ملیو. پاگهي اها خبر پنهنجي پانهي پير هتان سمن ڏانهن ٿي موڪلي، جو پانهي کي هميڙ ماراڻي ڇڏيو. انهي تي پاگهي پار ڪيو تہ.

---

(١) هيءَ روايت محمد فقير مگٽهار جي زباني، ڏيلي واري کچهري تاريخ ٢١- آگسٽ ١٩٥٣ع ۾ قلمبند ڪئي ويئي.

ور پاڻ! پانهو مٺو، آڏين سمونڊين ۾ن
سون ڪنوري پيٽندو هو، جنهن جي ڪاتي سوٽو ڪن

انهيءَ تي چيائونس ته هيڪ جو پار نه ڪيو، پار ڪيائين ته:

در ڪجي، آپ سنڊي، سون ٻاٻو مهراڻ
ايڪ ڏوس سي گيهه ڪيي، سون پاڻ دلي خريساڻ (۱)

هالي کي ست پٽ هٿ، جن هير جي ڏينهن ۾ ٿي ساموئي کي آباد ڪيو: (۱) جيهو، جنهن مان جيهيجا ٿيا (۲) جٽوٽو، جنهن مان جوٽيجا ٿيا (۳) جکرو، جنهن مان جکرا ٿيا (۴) هوٽي (۵) هگورو، جنهن مان هگورجا ٿيا (۶) پلي ۽ (۷) ڏيرو. انين ڏيءَ ٻاگهي ٿيس.

ٻهر جي مارجڻ تي هالي جا سڀ پٽ چڙهيا. هگورو اچي ٽڪڙن ۾ ٻيو. پوءِ ٻيا آيا جن اچي هير کي قيد ڪيو ۽ نيٺ ماريائونس. موٽيا پڻي ته آڏو هگوري جو لشکر ڏٺين. اتي هڪڙو فقير هو تنهن هگوري کي چيو ته:

آ هگورل پوچڙيارا، توکي ٻڌي ڪاج سڏايا (۲)
پٽڻ ماريا سومرا، توکان ٿر کوڙيا ستڻا.

يعني: "پٽڻ" جي شهر ۾ سومرا مارجي ويا، باقي ٿر وارن کي تو ماريو.

آ هگورل پوچڙيارا، اڄ گهرجين هيٺ
سومرن ساري سما، ڪنڊن ۾ريا رت.

انهي تي هگوري کي غصو آيو. تڏهن فقير بيٽ واريو ته:

هوءِ ٻڻ، هوءِ ٻاڻي، هوءِ هگورل چار
ڪاڻيءَ سڄ رت وهي، تون ڏوهه ڏمر ڌار.

---

(۱) ڏوس=مڪ. (۲) پوچڙيارا=پوٽي رهنڙ؛ سڏايا=مريا.

يعني ت: تنهنجي پائرڻ جي فتح آهي، انهي ڪري غصي جو ضرور ڪونهي. ٻوءِ پڳ هوڻي ڪي ڏنائون.

طالب فقير پان جي روايت

هالي ۽ هميرهڙ ماريو. ٻنهي مان هرهڪ چيو ت: هڙ منهنجي ملڪ جو آهي. انهي تي هالي چيو ت: جي هڙ جي پيٽ مان مڳ نڪتا ت هڙ منهنجي بادشاهي جو، ۽ جي جَوَ نڪتا ت تنهنجو. سومرن طرف جَوَ ٽيندا هئا. هڙ ڪٽائون ت ان جي پيٽ مان جَوَ نڪتا. انهي تي هميرسومري، جام هالي کان مڳ گهريو. جام هالي مڳ ت ڏنو پر آهه نڪري ويس، تڏهن همير چيس ت: آءٌ توکي پنهنجي ڏيءَ ٿو ڏيان. جام هالي چيو ت: جي تون مون کي مڳ ٿو ڏين ت آءٌ ب مسلمان ٿو ٿيان. پوءِ ڪچ جي بزرگ محمّد شاهه (ولد اسماعيل شاهه) مسلمان ڪيس.

درگاهي فقير ميراثي جي روايت(۱)

گجر مينهن سومرن جي ۽ گجر مينهن سمن جي گهر ٽي وئي. ٻئي طرف ڪوليو نڪتا. جام هالي جا پٽ ڪولينديءَ ڪولينديءَ پري نڪري ويا. پويان هميرسومرو پنهنجي لشڪر سان ڪولينديءَ اچي پهتو. ان کان اڳ گجر مينهن، هالي جي وٽان تي آئي. همير چيو منهنجي، هالي چيو ت منهنجي.

جهيڙو وڌي ويو ۽ آخرڪار جهيڙي ٽارڻ لاءِ ائين نبيريائون ت ڪهون ٽا، ٻوءِ جنهن جي پٽ جو گاهه

---

(۱) هي روايت اسان درگاهي فقير ميراثي جي زباني، ميرپور ماٽيلي ۾ ۲۱-۲۲ جون ۱۹۷۵ع تي مرحوم جيوڻ خان پتافي جي قائم ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي، ۽ هن کان اڳ مرتب ڪيل ڪتاب "سومرن جو دؤر" (چپل ۱۹۸۰ع) ۾ ڇپ آهي.

پيٽان لڪتو مينهن انهيءَ جي ٻي ۽ ٻي ڏر ڏڻ پريندي. مينهن ڪڻائون ٿ، گاهه همير جي پٽ جو نڪتو. همير انهيءَ ڏڻ ۾ هالي تي سگ رکيو ۽ هالي پنهنجي ڏيءَ پاڳهي همير کي ڏيڻي ڪئي. پر چيائين ٿ: هينئر ٿي پرڻجي وڃ. منهنجا پٽ اينداٿ ماريو ڪندا. همير چيو ٿ: "اهي ميرڙا ڪوجهڙا ڇا ڪندا! آءٌ سنپري اڇي شادي ڪندس." ٻوءِ جڏهن همير چڙهي آيو ٿ، چام هالي جي ٻڌن مقابلو ڪيو ۽ جنگ لڳي.

چون ٿا ٿ، وڏيڪ صحيح ائين آهي ٿ، همير بادشاهه هالي جي ڏيءَ سان شادي ڪري ويو. جنگ ان ڪان پوءِ لڳي. چام هالي جا آٺ پٽ هئا: ڏيرو، پلي، جڪرو، هوٿي، هڳورو، جيهو، جٽوٽو ۽ علي.. اهي سڀ وڏي بهادري سان وڙهيا. ان ڪان اڳ جوٿي کي همير پنهنجي ڏيءَ ڏني هئي ٿ جيئن صلح ٿئي، پر صلح پوءِ ۾ ڪونه ٿيو. چام هالي جي ٻڌن کي پوءِ سندس مڳٺهارن فقيرن ڪايو.

- پهريون پٽ هالي جو، پلي نانءَ پهلوان
  فتح جنهن جي منهن ۾، جنهن وٽ آهي سڀ سامان
  شير وڏايس شان، شرا ٻڌي گهر آئيو.

يعني ٿ، پلي پڳ ٻڌي هئي.

- ٻيو پٽ هالي جو، ڏيرو نانءَ سلطان
  ورنهه رهي نه ويري در مٿي ديلان
  ملهائي ميدان، جنهن سڀين ماريا سومرا.
- ٽيون پٽ هالي چام جو، جڪري نانءَ وريام
  جنهن وٽ ٻيڙو جنگ جو، مٿي سير ڪيام
  مڙيو ڪين مدام، آيو طريلو تري ترار تي(۱)

---

(۱) تري ('ت' جي زبر ٽوڙي پيش سان) پڙهبو ٿ، صحيح ٿينهو.

● چوڻون پٽ هالي چام جو، هوٽي نانءِ راوت
ترسيو ڪين قرار ڪوڻ، آيو پٽيل ڪري پرٻت
مانجهي مڳ مٽير جنهن منهن متي مسٽنڪ
هئي هوٽي هٽ، ست سؤ ماريا ٻوڙا.

● پنجوڻون پٽ هالي چام جو، هگورو ڏانءِ امراء
دوسي منجهه دشمن، ڪري غنيم سپ گمراهه
هو بهادر بي پرواه، جنهن ڪيو غار غنيم ڪي.

● ڇهون پٽ چام آرڙ ۾ هيلهيان حملا ور
سوڪ ماري مصريون، سڪس نيوائي نر
ڪچ ڪاڙي لشڪر، آيو دولهه ديري پاڻهنجي.

● ستون پٽ هالي چام جو جٽوٽو نانءِ اڙينگ
مهيڙو لڳو مڙدڪي، چڙهيو ترت سنپاري تنگ
ورنهه وجهي ونگ، ڪڏائين سگ همير ڪوڻ.

● اٺون پٽ هالي چام جو علي نانءِ نرواڻ
سهمايائين سومرن ڪي ڪيائين جنگ جهونجهار
آنهي چاڙهيائين پٽ تي ڏهه چليون هڪ هزار (۱)
پوءِ تهدل سان تڪرار، سرسي تنهن سالار ڪئي.

اها جنگ سنگرار ڪار طرف لڳي.

---

(۱) آلي=آٿي.

باب ٹيو

ارغونن ـ ترخانن جو دؤر

مريد خان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي مارڻ

مرزا شاهه حسن ارغون جي وفات بعد، سنڌ جي هيٺين حصي جو حڪمران مرزا عيسيٰ ترخان ٿيو. ٿٽو سندس گاديءَ جو هنڌ هو. هو پاڻ مدبر هو، پر سندس چار پٽ ـ مرزا محمد صالح، مرزا محمد باقي، مرزا جان بابا ۽ مرزا غالب ـ جڏهن وڏا ٿيا تہ وڏيون گالهيون ڪرڻ لڳا. مرزا محمد صالح چوڻ لڳو تہ: "ڪڏهن اڪبر بادشاهه شڪار تي چڙهيو ۽ شڪارگاهه ۾ هونڊو تہ ڪيس جهلي هٿ وٺي ايندس." مرزا محمد صالح پوءِ پنهنجن پاڻرن محمد باقي ۽ جان بابا کي ڏنجهه ڏيڻي ٿي مان پڇائي چڏيو، ۽ پنهنجي ٻوڙهي ٻيءَ کي بلڪل بيوس ڪري پاڻ وڏي هٿ ۽ زور سان حڪمراني ڪرڻ لڳو.

ارغونن ـ ترخانن کان اڳ سمن جي دؤر ۾ سنڌ جي قبيلن مان جيڪي ڪجهه طاقتور قبيلا هٿا ۽ ساڳئي وقت ارغونن ـ ترخانن جي خلاف هٿا، تن مان بلوچن کي ڪافي اهميت هئي، ڇاڪاڻ جو فوجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سڀ سالار درياءِ خان، جن بلوچ قبيلن کي ٿڻي جي آسپاس وسايو هو، انهن مان "لاشاري" ۽ "ڪلمتي" قبيلا خاص نالي وارا هٿا ۽ جام نظام‌الدين جي فوج ۾ ڪين وڏي اهميت هئي. عام مشهور زباني روايت اٿين آهي تہ مرزا محمد صالح پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ واري گمان هيٺ بلوچن مان شادي ڪرڻ جو خيال ڪيو ۽ "ڪلمتين" جي

"رَجيري" قبيلي کان سگ گهرائين. جڏهن هنن انڪار ڪيو تہ هن انهن تي قيد و بند جون سختيون شروع ڪيون. آن وقت ڪلمتين جو سردار مير مريد خان رجيرو گجرات طرف ويل هو، ان کي جڏهن خبر پهتي تہ يڪدم سنڌ موٽي آيو ۽ سڄو احوال معلوم ڪري، قول ڪيائين تہ: "جيستائين مرزا صالح کي نہ ماريندس، تيستائين پٽڪو نہ بڏندس." سندس قول اڄا تائين هن طرح مشهور آهي تہ:

گهگهيلي جي گار تان، ڪريان ڪٽاري گها
مرزا صالح ماريان، پي نہ ڪريان ڪا.

ٻوءِ هن مڙس اهو پنهنجو قول پورو ڪيو ۽ ٽئي ۽ اڇي، مرزا صالح کي ماريائين. اهو چنڇر جو ڏينهن، تاريخ ۲۳(؟) شعبان، سنہ ۹۷۰ (نو سؤ ستر هجري) هئو جو مرزا صالح کي ماريائين. مڪليءَ ۽ مرزا صالح جي قبر تي اها ئي تاريخ لکل آهي ۽ فارسيءَ ۽ لکيل آهي تہ:

"در تاريخ روز شنبه بيست (؟) و سيوم ماه شعبان
۹۷۰ھ، زخم کاري خورده وفات يافت"

سنڌ جي تاريخ ۾ اهو واقعو مشهور آهي. مير معصوم پنهنجي "تاريخ سنڌ" ۾، مير طاهر محمد نسياني پنهنجي "ٺٽي شهر جي تاريخ" يا "تاريخ طاهري" ۾ ۽ سيد جمال "ترخان نامه" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. مير معصوم لکيو آهي تہ: "مرزا صالح، مريد تالي بلوچ جي هٿان، جنهن جي ڀيڻ کي هن مارايو هو، شهيد ٿيو". سيد جمال لکيو آهي تہ: "مرزا صالح، مريد بلوچ جي عيال ۽ قبيلي کي ڏاڙي جي سازش ۾ قتل ڪري چڏيو هو. ٻوءِ مريد بلوچ، درخواست ڏيڻ جي بهاني سان رستي تي ٽي ٻيڙو. مرزا صالح جيڪو پريان چڙهيو پئي آيو، تنهن کيس ڏسي سڏيو ۽ پاڻ ۾ هيٺ لٿو تہ سندس درخواست وٺي. ان وقت مريد، پنهنجو خنجر سندس سيني ۾ هنيو ۽ مرزا کي قتل ڪري چڏيائين."

میر طاهر محمد پنهنجي "تاريخ طاهري" ۾ هي واقعو وڌيڪ تفصيل سان (مرزا صالح جي پائٽي مرزا مظفر جي زباني) هن طرح لکيو آهي ته:

مريد جت بلوچ، پنهنجي عزيزن جي ويرِ وڻڻ لاءِ، جن تي مرزا صالح حملو ڪري کين قيد ڪيو هو، پنهنجي قوم قبيلي ۾ دعويٰ سان اهو قول ڪيو ته "جيستائين پري ڪچهريءَ ۾ سڀني جي اکين آڏو مرزا کي نه ماريندس، تيسين تائين مٿي تي پٽڪو نه ٻڌندس." انهيءَ ارادي سان، ٻوءِ هو صحرا سان شهر ٺٽي ۾ آيو. اتي هو چرين وانگي ڪلي بازار ۾ پنهنجي خنجر کي هر دڪان تي تکو ڪري پيو چمڪائي ۽ چئي ته: "هان؟ اي خنجر، ڪم ڪندين يا نه؟ هان؟ اي دل، تون به مضبوط ۽ وڏيڪ دلير ٿيڻ، بي دلي ٿي ڪري، همت نه هارجانءِ، جو تنهنجي آسري تي ٿي اهڙو ڏکيو ۽ ڳرو ڀار مجلس مارکي ۾ ڪنيرا!" شهر جا سپاهي ۽ ٻيا نڊيا وڏا سندس اها واڪي ٻڌي ان کي بکواس سمجهڻ لڳا. شهر جا ٻارڙا به تماشي طور سندس پٺيان اهي ساڪيا لفظ پٺي چوندا ويا. سڀني ائين پٺي پانيو ته هي ڪو چريو ديوانو آهي، مگر کين کهڙي خبر ته ڪو هي ديوانو پنهنجي ڪم تي پورو هوشيار آهي! تان جو هن وڃه وٺي، پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ لاءِ موقعو تاڙيو. جڏهن مرزا صالح سوار ٿي، پنهنجي محل ڏانهن ٿي ويو تڏهن خنجر ڪاغذ ۾ ويڙهي، عريضي طور جهلي، "داد فرياد! داد فرياد!" پڪارڻ لڳو. ان تي جڏهن پيادا سپاهي ڪانئس ڪاغذ وڻ لاءِ ڊوڙي وٽس پهتا ته انهن کي نه ڏنائين ۽ چيائين ته: "آءٌ پاڻ مرزا کي ڏيندس ۽ زباني به عرض ڪندس." مرزا عالي دماغ هو، پر اجل جو آيس، سو پنهنجي قاتل کي پاڻ پنهنجي طرف

ٻڌيائين تہ ٻيڙ ويجهو اچي ۽ پنهنجو حال بيان ڪري. هو جڏهن ويجهو ٿيو، تڏهن خنجر ڪاغذ مان ڪڍي، اندر مان وڏي آهم سان رڙ ڪري، انهيءَ ويڑ واري غصي مان خنجر اهڙو تہ زور سان مرزا جي پيٽ ۾ هنيائين جو سندس آنڊا لڙڪي لڏڻ لڳا ۽ صبح جو جيڪا آڇ (آڇ يا پڙي رب) پي آيو هو، سا هيٺ زمين تي هارجي وئي. تڏهن هن مرداني مڙس کي، جيڪو ويڑ واريندڙ مڙسن مان هو، مرزا جي ماڻهن ذرا ڦونڊا ڪري اڏائي ڇڏيو.

باب چوٿون

مغلن جو دؤر

١. آنڍپور واري جنگ

عبدالڪريم "ترآب" جو چيل نظم*

اڪبر بادشاهه ملتان ۾ منزل انداز ٿيو تہ پيا سڀ صوبا سندس سلامي تي ويا، پر ٺٽي جو حڪمران مرزا جاني بيگ نہ ويو. تنهن تي اڪبر بادشاهه، خان خانان کي ٺٽي تي ڪاهڻ جو حڪم ڏنو. مرزا جاني بيگ ۽ لشڪر وٽي خان خانان سان آنڍپور وٽ اچي سامهون ٿيو. مرزا جاني بيگ اعلان ڪيو تہ جيڪو سورهيو دشمن جو سر آڻيندو، تنهن کي انعام ملندو. انهيءَ اعلان تي تمام سخت جنگ لڳي. ٻنهي طرفن جا هزارين سپاهي مارجي ويا، ليڪن فتح ۽ شڪست جو ڪو به نتيجو ڪونہ نڪتو.

ٻئي ڏينهن وري جڏهن لشڪر هڪٻئي جي سامهون آيو، تڏهن تجربيڪار خان خانان پهريائين توفن سان حملو ڪيو، ٻوءِ هاٿين جي قطار سنڈ جي لشڪر تي چاڙهي ۽ ان جي پويان سوارن ۽ پيادن سان حملو ڪيو. مغلن وٽ نہ فقط هٿيار ۽ بارود ۽ انداز هٿ، پر ساٺن لشڪر ۾ ڪاٺيٽي ڪان پاهر هو. نتيجو اهو نڪتو، جو سنڈ جو سمورو سپاهه مارجي ويو، تڏهن مرزا جاني بيگ صلح جو جهنڊو ڏيکاري، خان خانان جي آڏو پيش ٿيو.

---

* هي نظم ماسٽر محمد صديق ڏهوٽ، ويٺل جهنڊ سوري تعلقي حيدرآباد کان مليو. عبدالڪريم 'ترآب' پرائمري آستاد هو ۽ ١٩٣٦ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ڇهرٿين سال جو شاگرد هو.

خان خانان، مرزا جاني بيگ کي وڏي اکبري دربار ۾ پيش ڪيو، پر آڻي مرزا جاني بيگ جي بهادريءَ جي اهڙي تعريف ڪيائين، جو اڪبر بادشاهه سندس خطا معاف ڪري، ڪيس سڄي سنڌ جو صوبو مقرر ڪيو. ليڪن مرزا جاني بيگ اهو منظور نه ڪيو ۽ پنهنجي پٽ مرزا غازي بيگ جي لاءِ سفارش ڪيائين. سندس اهو عرض قبول ٿيو ۽ مرزا غازي بيگ سنڌ جو صوبو مقرر ٿيو.

آڻ پور واري انهيءَ جنگ جو احوال عبدالڪريم "تراب" پنهنجي نظم ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

شهنشه هندستان جو عالي تبار
وڏي شان اڪبر هڻو تاجدار
سندس طرف کان خان خانان جڏوان
ٻکر منجهه صوبو هو سو حڪمران.
ڏٺي ۾ ٻيو مختار سلطان هو
حڪمران جاني بيگ ترخان هو.
اچي پهتو ملتان ۾ اعظم مغل
نه مرزا ويو تنهن وٽ سلامي مثل
حڪم خان خانان کي ٿيو جلد تر
ته مغرور مرزا سان تون جنگ ڪر.
وڏي فوج ٻيڑين ۾ ٽي ويئي تيار
ترار يون تفنگ توف پن بيشمار
ٻڌي مرد غازي مليا راهه ۾
ڏٺون چوٽ ٻيڑين تي درياهه ۾
ڦٽيا کي مٿا، کي لڙهيا آب ۾
بچيل سپ هٿا قصد ۾ تاب ۾
نتيجو نه ٿيو کهڙو فاتح ٿيو
دگر پار لشکر سڪيءَ تي چڙهيو.

وڏي جوش سان مرد مرزا دلير
ڪيو اعلان هي عام تنهن مرد شير:
"آڻي سِرُ جو دشمن جو انجام آ
ته پنجاهه گبرن تنهن انعام آ"
تنيهين مسلهه ٿي ٿو هزارين هزار
وطن دوست بيشڪ هئو جوشدار
چٽايت چونڊون ڪندي عام جنگ
سڏيندي ڪڏيندي ترارو تفنگ
اچي مٿنهن ۾ ميدان آنڙ پور ويو
جتي نيٺ قسمت جو فيصل ٿيو.
ڪيائون سڄي رات ٿي انتظار
سڪيا خون لئي تن تفنگ و ترار.
وڏي صبح جو سپ تياري ٻڌي
۽ طرفين ۾ بيقراري ٻڌي
جاني بيگ سنڌڙي جي سلطان سان
هٿا سنڌي ۽ ترخان تومان سان
هزارين تفنگ اسپ هٿا بيڪران
قطارون ٻڌائي ڪنيائين نيشان
علم تنهن جو اعليٰ هو جنسار سان
سڄو سُرخ جهوليو ٿي جهمڪار سان
ترارين تجلا ڏنا برق جيان
ڏسڻ سان ڏڪيا بزدلن جا هنيان
چڙهيو گهوٽ گهوڙي به دستار لال
وڏي جوش جولان جابر جلال
مغل مرد اڪبر جي سالار ڪي
تجربو هيو خان سردار ڪي

هئا آزمودي سان افسر ڪثير
وڏا فيل فوجون، بلي! بينظير
مدد ٿي ملي مرد غازي ڪي جام
خزانو ۽ باروت لشڪر هشام

سڄي فوج فالم مغل مرد ڪئي
ٿيا سامهون سورهيه صفن ۾ بئي
رکيل منهن ۾ توبون اول اڪبري
ٻئيان فيل پوءِ هئا مرد لشڪري

ڪئين راجپوتي هئا افسر جوان
پٺاڻ ۽ مغل ۽ تُرڪ سي پهلوان
عَلم سبز سونو بُلند بي نظير
وڃا ٿي بگل فوج ۾ ڪئين ڪثير

حصو فوج جو خان خانان اسير
پکيڙي چڏيو چؤطرف راهگير
هٿشي تي اچي انڪيا پهلوان
ٻنهي طرف وارن جا سورهيه جوان

جُنبي جوان ويا پاڻ ۾ جوشدار
ڏسي هوند بيهوش ٿي هوشدار
ڦوهارا چُٽا خون جا هر طرف
بڻيا مرد غازي ها تيرن هدف

سڄو سُرخ ميدان ٿيو خون سان
ڪٽا ٿي ڪئين جوان هڪٻئي هٿان
ويو عرش لڳجي ۽ غوغا ٿيو
ڪهين ڪي ٻتو ڪين ٿي آت ٻيو

دليريءَ سان مرزا ڪئي جنگ واهڻ
مگر ٿي گهٽي فوج تنهن جي تباهه

وکوڑي وئي فوج تنهن اکبري
نہ ڪئي بيوفا بخت تنهن ياوري
ڳهڻا شير نر جوش جولان ڪيا
مگر سيئي بيشود افزاد ٿيا
ٿي قتلام ڪئين مرد مردار ويس
ٿيا زخمي ڪئين ڪي پڄي ڏار ڏيس
اڇي زور زخمن ڏنو ويڙ ٿي
هٿائي سگهيو ڪين ٿقديڙ ڪي
ڏسي واهہ پي نا گهريائين امان
ڪيائين بلند سبز مصلح نشان.
امن ٿيو، اڇي پيش مرزا پيو
بلي قدر تنهن خان خانان ڪيو
چڙي تاب ترخان ويو پيش شاهہ
سلامي ٿيو لاهي اسلح ڪلاهہ
جنهين بخت خورشيد تنهن سان پلا
پڇن ڪيئن؟ فانوس پي حوصلا
سفارش ڪئي خان خانان مٿير
چي بيشڪ مرد مرزا آ بي نظير
بهادر سو عالم ۾ قابل امير
غريب نواز آهہ لائق ڪبير
ٻڌي شاهي شفقت آئي جوش ۾
نوازيئين تنهن سرور ڪري پوش ۾
سڃي سنڌ جو مير صوبو ٿيو
و ليڪن نہ مرزا هي منظور ڪيو
غازي بيگ فرزند تنهن جو صغير
سفارش سان تنهن جي ٿي آيو امير

چي : "ڪنهن تان جو قسمت جو پاڇو لهي
آهو زير ڪيئن بخت ٻڌي جي رهي
خدا جي سوا يادگيري ڪري
نہ عفت جي سو انتظار ڪري."
آنهيءَ بعد اٺ سال هو سو حيات
تهان پوءِ ٿيو مرد اهلِ ممات
زمانو سڄو هي آهي مثل خواب
رهي ڪونہ ڪو هت هميشہ "ترٻ".

۲. مغلن ۽ چنن جي جنگ*

چنا، جن جا بيا وڏا پاڻ پاڙا، سوڙا، بدوا، ليبا ۽ بدام هٿا، تن جي ڪاڇي ۾ حڪومت هئي. مغلن جي لشڪر، جيڪو دهليءَ مان چڙهيو هو سٽن چڙهائي ڪئي. ان وقت راءِ ڪنوچ جو گهراٽو حڪمران هو، جنهن مان گاديءَ تي راءِ ارجن هو. جڏهن مغلن حملو ڪيو تڏهن راءِ ارجن پنهنجو سپاهه گڏ ڪيو. بدام پاڙي مان پٺرو بداماڻي وڏو سورهيه هو، پر اهو ان وقت ٻاهر ويل هو. ارجن تڏهن پنري ڏانهن پنهنجا خاص ايلچي موڪليا، پر آهي پنري کي ملي نه سگهيا ۽ موٽي آيا. مغلن ارجن جي قلعي تي حملو ڪيو. قلعي جي ديوار ڇڪي ڇڏي. ارجن هارايو ۽ مارجي ويو. تڏهن مغل ٻيئن سان گڏ پٺري جي سڳي ۽ مائيجي ماڻ کي ٻانهن ڪري وٺي ويا. جڏهن مغلن جو لشڪر روانو ٿيو ته پنرو نه پنهنجن پنجاهه ساٿين سان اڳي ڇڏيو. ڇوڪ هن وڃي جبل جو گهٽ جهليو، ۽ مغلن جي سپاهه کي مار ياڻون. مغلن جي سپهه سالار جي گهوڙي کي تڪرار لڳي ۽ گهوڙو ٻه اڏ ٿيو. اهڙي حالت ۾ مغلن جو لشڪر هٿيو ۽ پٺري پنهنجي ماڻ، مائيجي ماڻ ۽ ٻين کي ڇڏايو. چنن جي هن گهراڻي چوراسي ورهيه حڪومت ڪئي هئي، پر هن حملي کان اڳ هٿن جو پاڻ ۾ نفاق ٿيو ۽ سندن ڪمزوري سبب مغلن جي لشڪر سٽن حملو ڪيو ۽ سندن حڪومت جي پڄاڻي ٿي.

---

* آڳاڻي لکيل هڪ قلمي ذخيري تان ورتل.

چنڻا، موڙا، بَدوا، ليڀا ۽ ٻڌام (۱)
نيو، ڀاراڻا ڀريون، حيدر ڪاچي چام

—

پر ڪاچڙي ڪنڌين، آهن جي آموٽ (۲)
ڪچو لڳي نہ ڪنوارئين، سنڌين چنڻن ڪوٽ

—

ڪونئرا ڪنڌ ورايو تون ڪئين ٿو پساه
ڏٺين جو ويڙ وڻي، ماڻ ٿئون گيلا لاه

—

ٻلاه جهڙي پدمڻي، حاضر حقي جي هوءِ
ريڑهي وجهانس ٻيٽ ۸، مٿ پيٽ ڏاڻي هوءِ

—

هاڻي هن گراندڙي، هڙ ٽاڙو نہ هوءِ (۳)
اڄي سڏا ٽڪ پچنديئي توکي مٺا ڏيندوءِ (۴)

—

وڃي ٻڌو (سندي لٽاڙي) لوڙهي (۵)
دانهيئن ڏسي دانهڙي، راڄ ڪنوچ ڪري
(ميهي پرسپ) چيرو ڏيو، ٻيو وڃيو ٻند وڃي (۶)

—

.....، سنڌ دليءَ بادشاه
ڪيائين مصلحت سن ۸، ڪوڙايائين پاڻ (۷)

—

(۱) اصل. ائين. (۲) اصل. موت. (۳) "گهرالدڙي" بہ پڙهي سگهجي ٿو.
(۴) اصل. راڄ. (۵) ڏنگين ۾ ڏنل لفظ صاف ناهن. 'لٽاڙي' 'لشاري' بہ ٿي سگهي ٿو. (۶) 'چيرو' کي 'جيترو' بہ پڙهي سگهجي ٿو.
(۷) ٿي سگهي ٿو تہ، اصل ۾ اهو لفظ 'پاءِ' يا 'سپاهہ' هجي.

.....(۱)

بڌاماڻي ٻنرو چاڙهي سڄڻ اسير (۲)

—

سو بڌاماڻي ٻنري ٿو ايلچي هلائي
بڌاماڻي ٻنرو ڪٺهن هر ڪالهائي

—

..... ۽ بڌاماڻين ايلچي آيو
بڌاماڻي ٻنري تان نه ٻچايو سو

—

ٻچاڻا ڪيندين چاڪرين مون کي تيرهن روز ٽيام (۳)
نيئي ڳڏئي سين ٻنري، ماڻهو ڪونه ملیام

—

سندو ..... سولت مڳي سال
ڏياري موڪل ٻڌرا نه ته وڙهندءِ .....

—

.....

.....

—

۽ وڙهه ته لهي مامرو، سڄي سوپ نه هوءِ
سندان دليءَ بادشاه، تو جو سال ڪوءِ

—

(۱) هت اصل ۾ ڪا ست هئي جا لکندڙ کي وسري وئي. (۲) پهريان لفظ جڏ ته "ڀ ائن". (۳) اصل. 'چاکري'، پهريون لفظ 'ٻچاڻا' به صاف ڪونهي.

لڳيءَ پير سڏ ٽيو اڇي ٻوڙين ٻيهارين (۱)
ڪنهن ڪنهن کي نه ٻچيو، اڇي ٻلاڻيو ورئين (۲)

—

ٻڪي ماني هٿ ۾ ٽي ڪاڇي وچ ٻلاڻ
دليءَ ڏٽيءَ ٻلاڻيو وڃي آکرئين سلطان

—

دليان ٽي ڏوم ٽي، اڇي درياءَ مٿي ڊٺ
ٻاڻي ٻڌالن ۽، هاڻين اوهر هٿ
ڪاڇي ٻنهين ڏڏئين صبح ڏينڌا سٿ

—

ٻکو ماس ٻل سرو، چڻن تازا ڪير
ڏيو ڏيهون سائن جيئن، جيڪي موٽي هليا سير

—

راهن تانگهون لڏيون، اڇي ڪروڙيا ڪنگهار
زاٽيون سيکن آن لڻي، ٽيون سوتي چهين هار
ڪالهيون ڪڙهم ڪيڙهو ڪري، آئين مير ۽ وڃو ڏار

—

چانڀ ڪ نانگ نيٺون نڳيا، سونڪي مينهان وسي رات(۳)
تيئن لڳم ڪيٽي پيسنر، سور ورائي ڪات

—

ڀيڙ سوڙهو، لوڏي گهٽان، ٿو ارڃ لڳون ڏي
ٽو ڀيڙ ۽ ساري ٻڌرو، ٿو واري منجهه وڙهي(۴)

—

(۱) پورين ٻن پهرين، ٿاڪ منجهند جو. (۲) شايد اصل پڙهي 'اڇي ٻلاڻو پرئين'=پرئين طرف وارا حملي ڪندڙ چڙهي آيا. (۳) اصل. 'ڇاڪ نانگ ڏينو نڳيا'. (۴) اصل. 'ساويا ..... داري منجهه دڙي'.

اڄ گھرجين هت، بداماڻي هنرا
مٽان پگي پت، ويرين وانون لائيون

—

اڄ گھرجين تون، بداماڻي هنرا
مٽان اڄي سون، ويرين وانون لائيون

—

بداماڻي هنرا هت گھرجن اڄ
ڪوٽ مغلن ماريو، تنهن جي مٽان پگي پت

—

ٻيو آهيان پڙ پر آڻ ب، تنهنجي ڏها (۵)
ڪوٽ مغلن ماريو تنهنجو سانجهر ٻيٽي سپاء

—

سونهن ڪوٽ ڪلهن تي تنهن ارجن پاهيڙيون
بداماڻيون ڪنوڄ گهر منهنجون لڪڻي ٿوڙيون

—

ڪاڇو ارجن چنام جو، ارجن ڪاڇي جو چام
ڪُر آجاريٽين اڳين جو، سلايٽين پنهنجو نام

—

جڻ نه ٻيڻون ٻڌو منهنجو تڻن نه سڻون ساڪ
ڪورا ..... ٽاڻ مان چنان ڪندا چاڪ

—

... ... پلاڻ
آڻ ... ...

—

(۱) اصل. اڻين. ڏها=ڏاه (؟).

ڪنن ويڳڻ پئرو، ڀالوڙا پيرامن
ايڪ ڏهت ڪوڪئين، گهوڙي رومي ماڻ سنديامن

—

ٻڌي ٽيون وڃن ٻانڀ، تنهنجي منهنجي ماءِ
جي مان تن پيڙو ڪرئين، تہ ٻسي منهنجا گهاءِ

—

پنجاه ساڻ پٽڻري، پهرئين چوٽ ڏنائين (۱)
تنهن ۾ اڻنج سؤ پنجن اڪرا مغل ماريائين

—

پنجاه ساڻ پٽڻري، ٻي جا ويڙهه ڏنائين (۲)
تنهن ۾ ٽوڙ سؤ ٽنون اڪرا پاڪرو ماريائين

—

ڪالهه چڙيندي ڪاچڙو، آڻ ٻابل ٻانهاس (۳)
جن ٻولي ناهي ٻڌجهڻي، ٻاوا پڙ تني پياس (۴)

—

اڄي ڪانڊ پتنگيو، منهنجو وڻ واجهايو
ٻڌاماڻي پٽڻري مون کي ڪاهي آڻايو

—

گهوڙي مٿي گهوٽ، ڪيٽنئن پسان ٽي ٻڌرو
اسان لکيو لوڙهيو، ٽون ورڙ ٻاهون موٽ
راڄائن کي راڻيون گهٽيون، تو ري سچو ڪوٽ

—

(۱) اصل. ڇوٽ ڏني. (۲) اصل. ٻي جا ڏلئين ويڙ (۳) اصل. ڇڏيندين، ٻانهانس (۴) اصل. ٻانس

توکي ٻٽ ٻاتو ڏوکئين ، راڻي انند نہ ٻاڏو ماڳ (۱)
تان تان اڇهين نہ ٽٽي راڻي ڏولي چاڪ (۲)

—

بڏاماڻي ٻڏنرا ٻٽ پال پٽليڻامن
بورکهوڙي سمند هلڻي ، سا ڏهي نہ کريڻاس

—

مائيجي تو ميڻهڙو موڻ کي پلي کري ڏنو
آڳ کاهي سو مغل ماريان ، وڻي جو هليو

—

بڏاماڻي ٻڏنرا ٻٽ ٻانهن ونگٽيان
وڙهي ورجي چڏيو ، اهڙيئين کهٽئين کهلڻيان

—

آڳ کانڊ کسوٽي پايان ، کا هڻندي هوڏ
جا وڙهندي ويرٽين ، سا ڏي اگڻ لوڏ

—

بڏاماڻي هنرو جهلي ٻيڙو سنڈ
وجهي مغل گهوڙو ، کريو اڏواڏ (۳)

—

بڏاماڻي هنرو جهلي ٻيڙن لڪ
ماري مغل مٽاکرا ، تن جو ٻورو کيائين لڪ

—

---

(۱) اصل صورتخطي ۾ "ٻٽ" لفظ صاف ناهي . "ٻاتو" کان پوءِ چٽ "ڏيڙو کئين" . ان بعد "راڻي ٻاڏو ماڳ انند" (۲) آخري لفظ سيسارجي ويل ۾ "جا" ٻيئل آهي ، جنهن مان "جاڳ" يا "چاڳ" جو گمان لکڻي ٿو . (۳) يعني تہ جيئن ڏي مغل لڪ يا گهٽ ۾ گهوڙو آڻي تہ ڏک مٿي اڏواڏ کريو چڏي .

جئن تون پلو ٻدام، تئن منهنجيون وينتيون توڙي (١)
سوار سيئي تو ماريا، هي ٻيادا، مون سام
ايڪ وينتيون ٿو چوان، تون سڻ سندا جنن جام

—

جئن تون پلو پانَ، منهنجيون وينتيون توڙي
آءٌ ڪاهي سو مغل ماريان، جو منهنجون ٻائي هليو بانَ (٢)

—

پاوڙي پلو پائرا، مون ڪي چڏي نه ويام (٣)
چڇيو موتين هار جئن مون ڪي پاسي ڏڙ ٻيام (٤)

—

چير منڊياس ٻدامٽيون ڪنوچ گهر
جنهن ڏيهڙي ڪان آئيون، سو ڏيهه ڪون ڪا پرس

—

نوَ ورَ وڏيا سس، چهه سهري، ني ڏير [سهي]
ٻه پانهيين هنيا، ايٽن ٻوري ويهه ٽئي

—

آتر ڪونج ڪٽڪي، آئين پائرا پائيجاء (٥)
جنهن پڙ ڪاچو ماڻيو، تنهن پڙ جئن نياه (٦)

—

ٻدامائي ٻنرا، هيت گهرجين هير
اچي ويرين ويڙهيا ڪاچي ٻئي ٻار

—

(١) اصل. تو گهري. (٢) اصل. منهجو. (٣) اصل. چڏي تان وَهيا.
(٤) اصل. جهچيو. (٥) اصل. 'پائيجاءُ هان' يا 'پائيجا دَهان'.
(٦) اصل 'جئن نه آهي'.

ڪهڙون وانسان ورسي، ڪهڙون وانان ڏار
ٻڌاسياڻي ٽُنڊرا ٻَٽ ڪاچي جيا ڪهار

—

امين ڪيرنيون ٽپنيون، ڪير اسان جو ٻُڌاءِ (۱)
ڇهرو ڪيوسين نہ ڇُلهه سين، اسان ڪيو ڪين ڪاهه

—

ڀَ رو ڪُونجي ماڻ ڪر، ڀَ ڪي چوريو هڏ

.....

—

سڳا سُيون هٿن ڀ، ٽيون سپائين ڇهُل
ٻرين سنياري ٻيئون، مون ڪي هنجون مٿي ڪَل

—

ڪاچي جي ڪوڙن ڏا سور سڀاڻون ڪن
لامن ڇڙهيو للهيا منهنجا كارايل ڪٽڪن

—

ڪاچي وڻا مينهن، ولين ڪيا وَرگ
ڪر موڙيو ڪانيرٽين، منهنجا ٻهري چينڊون ٻَن

—

هيٺ تہ آسان بوريا، مٿي هڪي گاج
ڪا هلندي ڪاڇڙي، اديون جهڙي ٿهڙي ڪاج (۲)

—

(۱) امين ڪير تي ٽپنيون آهيون، ۽ ڪيرئي اسان جو ٻُڌي ٻ ٻيل آهي، يا شايد 'ڪيرنيون' ۽ 'ڪير' اصل ٻ 'ڪهرنيون' ۽ 'ڪهر' هوس، جنهن سان مراد تہ امين 'ڪهرڻيون' (ڪيهر ڪهراڻي جون) آهيون ۽ ڪيهر اسان جو 'ٻڌاءِ' آهي. (۲) 'ڪاڇڙي' 'ڪاڇ'

اڄ ۽ تنهنجي ڪوڄڙي، آهي پڪين منجهه پچار
سڙ ۽ سارينڊي گهٽو، ڀيڻريون ۽ پيار(۱)

—

وڏي وڪر هيرئين، ٿهي چٽيي ٻين گڏ
ويڙي وهامي راڙي، ڪونج ڪريندي سڏ

—

ڪونج ۽ لڪين ڪڪ، ڏپ جنين سين ڏيکيو
مازي مازيءَ لڪ، تنهنجا وڪر هٿي ويچون ڪيا

—

سؤ سيڳڻ، سؤ بدوي، سؤ سيار، سؤ چوٽ (۲)
ڪوڙ ويهي ڪٽوکا ڪيا، چارئي چگا گهوٽ (۳)

—

نوَ سؤ ساهڙ پٽڻين، اسي سؤ ڪوڻن
ڪڙهه ڪڙهيون سيڙي، وڙهيا ريانين (۴)

—

جنن جوراسي ورهين رکابان رکاب (۵)
لهي کانه سگجهي کا بداماڙي باک

—

جنن جوراسي ورهين ڪيو اوجل راڄ
جڏهن ٻين پاڻ ۽ تڏهن ٿيا توهارين کاڄ.

—

(۱) اصل. پائر. (۲) 'بدوي' اصل صورتخطي 'بذوي' (شايد اهو ڪو ٻيو لفظ هجي). (۳) 'ڪٽوکا' يا 'ڪٽوکا'. (۴) 'ريانن' (اصل ائين لکيل). (۵) جنن جا رکابن تي رکاب هئا، يعني هو گهوڙن جا شهسوار حڪمران هئا. اصل صورتخطي "ڑکا يا رڪيب".

روايت مالڪڏ نو فقير جت

پٺڻري جي ٻاڻ جو نالو ٻڌام هو ۽ هو ٻيءَ جي ٽالي سان "پٺڻرو ٻڌاماٽي" مشهور ٿيو. ٻڌام کي ٻ زالون هيون: هڪ پنهنجڻ مان ۽ ٻي مغلياڻي. هو "ڪاچي ڪوٽ" جو سردار هو. پنري جي ماءُ ۽ سندس پهاڄ سهيلي مغلياڻي پاڻ ۾ ٿ ٿيون. ٻڌام جي مرڻ کان پوءِ پنري جي مائيجي ماڻ، ٻئي پنهنجن مغلن مائٽن ڏانهن نياپا موڪليا ته اچي "ڪاچي ڪوٽ" تي قبضو ڪريو ۽ مون کي ٻ وٺي وڃو. پٺڻري جو پاءُ ارجڻ هو. جڏهن مغلن حملو ڪيو ته پنرو باهر ڪنهن پاسي ويل هو، ۽ ارجڻ لشڪر سامهون ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ ارجڻ واهر لاءِ پنري کي سڏ ڪيا:

اڄ گهرجين يار، ٻڌاماٽي پٺڻرا
ڪاچي پنهين پار، ويرين وانون لائيون

—

اڄ گهرجين تون، ٻڌاماٽي پٺڻرا
مٿان اچي مون، ويرين وانون لائيون

—

اڄ گهرجين هت، ٻڌاماٽي پٺڻرا
ڪاچي پڳي پت، ويرين وانون لائيون

مغل پوءِ ارجڻ کي ماري ڪوٽ فتح ڪري، پنري جي ماڻ توڙي مائيجي پنهي کي پاڻ سان وٺي روانا ٿيا. جڏهن پنري کي ارجڻ جو پيغام پهتو ته هو يڪدم تيار ٿيو. پنري جي گهوڙي جو نالو "پيٽري" هو. اها اڃان وڇيري هئي. ان جي ماڻ ٻ مغل هٿي ويا هٿا. پنرو "پيٽري" تي سنج ٻيو رکي ته هو چنڊي پٽي چڙي. تڏهن چيائينس ته:

پيٽري ڪاله، سجاڻ، پيٽري سٽين پلاڻ
تو ماڻ، مون مائيجي، ٻئي وڃن ٻان

پنرو پوءِ "پيڙي" تي چڙهي وڃي مغلن جي لشکر کي آڏو ٿيو. مائيجي سڃاتس ۽ مغلن کي چيائين تہ:

پيڙي ستي پنرو، مٽس رتي پاڪ
جهلي گهوڙيءَ واڪ، مازي نہ وجهوس ٽڪلا!

مائي کا ڏيڻي هوندي بدام سان پرڻي هئي. مغلن جي ٻولي ٻوري وٺي هئس ۽ اها ڪالهہ سنڌي ۽ ڪيائين جا مغلن کان سمجهي. پوءِ پنري پاسو ڏيئي وڃي آڏو جبل جو لڪ جهليو، جنهن مان لنگهندي مغل ماريائين ۽ گهوڙي ۽ مائيجي کي موڪلايائين.

بڌاساڻي پنري بابت سگهڙن وٽ ڪالهہ جا مختلف اهڃاڻ ۽ ڪاهون هلندڙ هيون، ۽ جيڪي اسان کي هن ڪان اڳ ملیون، تن کي ڪالهہ سميت لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "ڪاهن سان ڪالهيون" ۾ شايع ڪيو آهي(۱).

---

(۱) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ۲۷ "ڪاهن سان ڪالهيون"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، سال ۱۹۶۴ع، ص ۱۲۶.

۳. لنڊي پاڙي واري جنگ*

هيءَ جنگ آريسر ۽ راجڙ قبيلن جي وچ ۾ لڳي. ان وقت سمن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي. مٺوڙ جي ڀاڱي، ڪهري شهر لڳ، اتي آريسر ويڙل هئا. اتي 'جيسرو' ۽ ٻيا ٽئي آريسرن جا هئا. ۽ پريان اڪثر چالهه ٽئي راجڙن جا هئا. وچ واري سير ۾ بعضي ٻنهي پاسن جو مال اڇي گڏ ٻو هو.

هڪ ڏينهن ٻنهي طرفن جا ڊراڙ وڙهيا. راجڙن جي ڊراڙ ڏڪ هنيو ۽ آريسرن جي پاڙي جو ڀڄ وڏ جي ٻيو. اهو لنڊو پاڙو مال سان گڏ وٽان ٿي آيو. ۽ آريسرن جي ڊراڙ اچي دانهن ڏني ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. انهيءَ تي وڏيرن چيس ته: 'تون جي سمو هجين ها ته هوند ماري وجهينس ها'. آريسر سما هئا ۽ پاڻ ڪي سمن جو وڏو گهر ڪري سمجهندا هئا. راجڙ، سمي جي اولاد کان ٻاهر هئا، انهيءَ ڪري ڊراڙ ڪي اڻين ويڙ ڏنائون.

اهو ويڙ سڀ، هي ڊراڙ سنيري ويو، ۽ ٻئي ڏينهن وڃي راجڙن جي انهيءَ ڊراڙ ڪي ماريائين جنهن ڏڪ هڻي پاڙو لنڊو ڪيو هو.

راجڙ قوم گهڻي ۽ طاقتور هئي. ان وقت ۾ راجڙ جي لڪ ڪهاڙي هئي. راجڙن کي کار لڳي ته آريسرن چاڻي واڻي ويرِ وڏو آهي، سو جنگ جي تياري ڪيائون.

---

* سڳهڙ هوت ڳاهي سمي (عمر اسي سال ڪن) جي زباني، ڳوٺ شولو تعلقو ننگر پارڪر ۾ رئيس جيٺندي خان ڪوسي طرفان وڏي ڪچهري ۾، تاريخ ۳ سيپٽمبر ۱۹۸۰ع ۾ قلمبند ڪيل. هوت چيو ته هي وڏي جنگ هئي جنهن جون ڳالهيون اڳ هلنديون هيون.

آريسر ٿورا هٿا، تن سان ٻيا سما قبيلا مدد ٿيا، ۽ تڏهن ٻ راڇڙن کان ٿورا هٿا. انهيءَ ڪري آريسرن ۽ سمن اڇي سوڍن کان مدد گهري جيڪي ان وقت طاقت وارا هٿا. سوڍن چيو ته: جيڪڏهين اوهين اسان جا تابع ٿي رهو، ۽ لڳي ويڳي اسان سان ٻيڙا ٿيو ۽ اسان جي اڪواڻي قبول ڪريو، ته ٻوءَ اوهان سان مدد ڪريون. هنن اها ڳالهه قبول ڪئي.

ٻوءَ آريسرن ۽ سمن، سوڍن جي لشڪر جي مدد سان راڇڙن سان جنگ ڪئي. وڏي جنگ لڳي جنهن ۾ راڇڙن کي هٽايائون. انهيءَ جنگ تان ٻوءَ ٻاهڪو ٻيو ته:

"ٻاڏو ٻوڙي يار!"

"ٻاڏو ٻوڙي يار!"

يعني نفاق جو نالو ئي "ٻاڏو" ٿي ويو.

۲. ٽٽوٽ واري جنگ*

ماڙيچن ۽ هوڻي آنڙ جي جنگ ٽٽوٽ جي ٽڙ تي لڳي، جنهن بابت ڪنهن سگهڙ چيو ته:

اڳي آنڙ کي چيو هو ماڙيچي مذڪور،
سنگ ڏيڍي ۾ سال ٿي، جهلي ڀڳن ٻور
ٻاهن پاڻي ۾ ڪري، تڏ وڃي ويو ضرور.

يعني ته: ماڙيچي سامهون آنڙ کي هيئن چوائي موڪليو ته:

"جيڪڏهن ڏيڍي واريءَ حالت ۾ سنگ ٻيڍا ٿي، ۽ ٻور جهلي، يا پٿر پاڻيءَ ۾ ڪري پوي، ته پوءِ ويرو ويندو (نه ته قائم رهندو)."

---

* مرحوم سگهڙ صابر شر ويٺل تعلقو آباوڙو جي زباني قلمبند ڪيل.

۳. بڈي - پائي گهٽ واري جنگ *

مائي "ست - پائي" کڙي، تنهن جو پائيجو "قنبر گبرو" لس ٻيلي جي "شاهه غاصي" (فوجي سپهه سالار) جو ڪماني هو. شاهه غاصي هتان چڙهيو تہ ٻرن جي راج کي اڏ ڪو ٿيو. مائي ست - پائي چيو تہ: "اوهين آلڪو نہ ڪريو، جو سنهنجو پائيجو قنبر فوج جو ڪماني آهي ۽ هين راج کي ڪا به تڪليف نہ رسندي." مگر انهين ٿيو ڪونہ، قنبر راج کي ڪر نہ آيو.

هن جنگ بابت تفصيلي بيان "ٻيلاين جا ٻول" ۾ چپيل آهي، هتي فقط وڌيڪ مليل بيت ڏنا ويا آهن. "جاڙائي" مان مراد "جاڙو ٻرو" آهي.

"جاڙائي" جون جنگ ۾ لٽيون لوڏون ڪن
لٽ پڪائين لٻيءَ مان، ٽي موت رکيائين من
ري هٿيارين رس ڪيو، سٽنبڪ ڪاڻ سٽين (۱)
اوطاقين تي آن جي، آهي رڻ جهڻڪ ربابن
اوطاقين تي آن جي آهي ڪٽ ڪٽيڙين (۲)
سنهن هو "موٽائي" جو، تنهن تي ٻيا مرڻا ورا ويروجهن (۳)
"لڏو" لاکيٽو ٿيو، منجهه ٽوهاکن (۴)

---

* وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "ٻيلاين جا ٻول" ڇاپو ٻيو، ۱۹۷۲ع، ص ص ۱۶۶-۱۷۰.

(۱) سٽنبڪ = ٻرو جاڙائي. ڪاڻ = واکاڻ (سٽنبڪ جي واکاڻ سٽن ۾ آهي). (۲) ڪٽيڙين = تلوارون. (۳) موٽائي = جنگ جو سٽيل موٽائي هٿا. (۴) لڏو = ٻرو جوان. ٽوهاکن = ٻنه وٽن.

"لنڈي" کورا کپڑا، لاکهي رنگ ڪيائين
گوڙ "ڪنگائي" سن ۸، ٽي بوڙيون ڏنائين (۱)
هو پسجي، ٻيرا ٽيا، هن ٽي ٻهو ڪيلپائين (۲)
هاڻي-مل هڪل سين، ٽي ڪنڪ لوڏ يائين (۳)
ناريان ناريان نه لهان، قلندر ڪٺائين
سوڊي پائي سوپ ڪئي، مصري سوڪ هنيائين (۴)
جن ٽن ماريو، "موٽيو" ڪلاڻي. (۵)

---

(۱) ڪنگائي = ڪنگي جو پٽ. (۲) ٽي ٻهو ڪلپائين = يعني اڃا مهرو کولڻ مٺو هئس. (۳) هاڻي-مل = هاڻي جهڙي طاقت وارو. (۴) سوڊو = سوڊو ۽ سايون، ٻئي پٽ موٽيي جا، اهي پنج-ڇهه پائر جنگ ۾ ماريا. (۵) موٽيو = موٽيو پٽ علي جو.

۴. لاشارين جي پڙجن سان جنگ*

مَلک کرمتي جي ڪچهريءَ ۾ پيراڻي احمداڻي کرمتي چيو تہ، "لاشاري اسان جو توبري جهل آهي". مَلک کي اها ڳالهہ نہ وڻي. اُن ڪچهريءَ ۾ نتو فقير بنديچو جوڪيو ۽ ويٺو هو، تنهن پيراڻي احمداڻي کي چيو تہ: "لاشاري وڏا لائق، ساڙي پتيءَ جي ننگ وارا ۽ سورهيہ مڙس آهن ۽ کرمتين کي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪئي هٿائون. اهو هن طرح جو جڏهن "پڙجن"، "کرمتين" جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو هو، تڏهن لاشاري حب ڊور تي آباد هٿا ۽ چڀا پاڏا ويڙل هٿا، پر تنهن هوندي بہ گڏ ٿي، کرمتين جي مدد لاءِ چڙهيا ۽ پڙجن کي ماري کرمتين جو ويرورتائون."

لاشاري هن پَٽ ۾ گهٽو آڳاڻا ويڙل هٿا ـ کرمتي بعد ۾ مَلک مير عالي لاشاري جي وقت ۾ آيا.

اهو سمورو احوال نتو فقير بنديچي جوڪيي، پنهنجي هيٺين بيت ۾ بيان ڪيو. بيت پوءِ جو چيل آهي ۽ ڳالهہ اڳ جي آهي:

تون گلا ڪرين ٿو غازين جي، آهين پيراڻا پٺار(۱)
مانجهي سوڙا جنگ جا هٿا منڊير مٽيادار

لاشارين جي لَڄ جا پُڄ تہ ڏيٺين پار
لاشارين جي لائق جا پُڄ تہ ڏيٺين پار
ڏُنگين رهيا هٿا ڊور تي، مانجهي سير متار(۲)

---

* راوي طاهر محمد موريائي.

(۱) پٺار = مال جي ڇاڙيءَ ۾ هلندڙ هيٺي ڏڳي. (۲) ڏُنگين = ڏُنگ ڏنگ ٿي ويڙل؛ چڀا پاڏا ويڙل. ڊور = حب ڊرو.

سيني پَريـن سونهڙا هـڙا غـازي غـم گـڏار
ڪٽي ڏٽياسين کان، کا اهڙي ٽکراڻي ٽهار
پاڙي پيرج پنهنجي تي ٽي رکيائون هٿ هزار
هلي آيـا حَبَ مـان کي پائين وٽ يـار(۱)
جهجهيون آڏرون آن سين ٽي ڪيون سپت پريي سردار(۲)
ٻحري بـاز بند ڇو ڇڏي، ويـري ڏين نہ وار
ننگ پـريـا نٽو ڇڏي، هڻا سڙهـا سپ چمار
سَرکي منڊير چڙهيا مـٽـي جنگ جهونجهار
چـيـڙون چڻـي پـيڙيـون بـورون بـيشمـار(۳)
هلي آيا حب تـي، ڪري ڪڪ ڪاروٽيار
پَڙج مـاريـائـون پير سين، ڏنين سوپ ستار(۴)
اچي ڪنيو لائق لج جو، ڪري بَرن مٿان بار
مـيـر عـالـي اجهيدار، راهـيـا راج مليـر ۽.

ڪرمتي مَلڪ کان لاشاري مَلڪ مير عالي پڇيو تہ:
"اوهان کهڙي ڀيٽي رهندؤ؟" تڏهن چيائون تہ:

"مَلڪ مليـر ٽـڏو
ميرين عالي اجهو."

لاشاري قبيلا، جام نظام‌الدين جي وقت ۾ سڀ، سالار دريا خان سان ڀيڙا هڻا ۽ ٽٽي جي آسپاس سونڍن، پيرڀٽي ۽ ٻين ماڳن تي ڪين جاگيرون مليل هيون. ڪي قبيلا ساڪري، ڪراچي ۽ حب طرف آباد هڻا، جن مان ٻوءِ "مَنڊير" قبيلي وارا لاشاري کو وقت ڪراچي ۽ حب واري ايراضي ۾ طاقتور هڻا. عمر خان سندن اڳواڻ هو ۽ ڪڏاب لڳ "سونگل" واري سير سندس هٿي:

---

(۱) ڪرمتي هلي آيو لاشاري وٽ تہ 'پڙجن' اسان جو ڀائي بنه ڪيو آهي، تون مدد ڪر. (۲) سردار اسحاق محمد لاشاري (۳) ٻورون = گهوڙن. (۴) پير = همت.

سونگل ڈٹي سيگ جو هو عهدي عمر خان
پٽي ٽو پاکر، بهرو بيٺگي خان
پائٽر تنهن پيڙا کيا، سيران ڏنس مان
گڏجي چڙهيا گشت تي هندو ڪري حيران
ساجهي ڪپ سونڊ جي ڪيڙ ياڻون ڪراچي تي ڪان
حب ورتئون هٽن سان، مٽلهه ڏنائون متان
اهڙي سان ارڪان، هٽا طالع وند تخت تي.

۵. برفتن جو گائيچن ۽ چڇرن کان ويڑ ونڻ

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ (مڪليءَ جي جنگ کان اڳ) برفتن جو سردار 'دائيد' هو، جو چور ۾ ويڙهل هو، تنهن کي گائيچن ۽ چڇرن ماريو. پوءِ سندس پٽ 'ٻيدو' ڪالهه ٻڌي مدد لاءِ ڪرمتي سردار وٽ آيو. ان وقت ابراهيم وڏو مڙڪ هو ۽ ڪرمتي جو ان وقت زور هو. ٻڌيدو اچي ٽڪيو. ڇهه راتيون خدمت چاڪري ۽ مهماني ڪيائونس. سوچيائين ته مڙڪ اڃان مون کان خبرون کين پڇيون آهن، تڏهن چيائين ته منهنجو هٿ مڙڪ جي پٺ ۾ وجهو. پوءِ اتي مڙڪ خبرون پڇيس. چيائين ته: "ڀانڊوٽ (ڀانهن جي واسطي) ٿي آيو آهيان. گائيچا ۽ چڇر مون کي چڙ ٿا چڏائين، مدد لاءِ آيو آهيان." مبارڪ ڪرمتي ان وقت ننگر جي حاڪم وٽ سڏ، سالار هو، تنهن کي مڙڪ گهرائي چيو ته: "مون وعدو ڪيو آهي ته گائيچن ۽ چڇرن کي 'هيڪ ربي' جبل (بارڻ لڳ) لڳ مارائيندس، جو ناحق ٿا ڪن، هاڻي وڃو." مبارڪ پوءِ ٻيڙي سان گڏ لشڪر وڙي چڙهيو. آڏو ٻيڙي جو سوڻ ماسات ۽ ٻيو ڪو سندس ڪولا ۾ ٿي آيا. مبارڪ پڇيو ته: ڪير؟ چيائين ته: دشمن! تڏهن انهن کي ماريائون ته ٻيڙي روئي ڏني. پڇيائونس ته: ڇو؟ تڏهن چيائين ته عزيز آهن، ۽ مون چيو ته، ڀل رت مان تراريون رڳجن. پوءِ ڪرمتين کي هيڪاري جوش آيو ۽ گائيچن ۽ چڇرن کي ماري، 'سيري' 'ڏاڏر' تان دنگ ڪيي، ٻارڻ سڄي برفتن کي وڙي ڏنائون. پوءِ برفتن ڪرمتين کي ڏاڙهيون ڏنيون ته اڪثي اوهان سان گڏ وگڏ هونداسون ۽ اوهان کان جدا نه ٿينداسون.

۶. جهوڪ واري جنگ ۽ شاهه عنايت الله صوفي جي شهادت *

ڪلهوڙن جي حڪومت واري دؤر ۾ يار محمد جي آخري زماني ۾ صوفي عنايت‌الله رحم جهوڪ واري جي شهادت جو غمناڪ واقعو ٿيو. هن شهادت جو سبب اهو هو ته ان وقت شاهه عنايت جي درس تدريس سبب عوام ۾ سنڌ ۾ مقبوليت وڌي رهي هئي، جنهن ڪري سڙي جي ساداتن ۽ مقامي زميندارن ۾، جن جا هاري شاهه عنايت جي مريدن ۾ شامل ٿيندا رهيا هئا، شاهه عنايت خلاف بغض ۽ ناراضگي پيدا ٿي. ان زماني ۾ ميرَ لطف علي خان ٽئين جو صوبيدار هو. جڏهن سڙي جي ساداتن، نور محمد پليجي ۽ حمل بن لاکي جت زميندارن، شاهه عنايت جي برخلاف سنڌ ۾ ڪن پريا ته هن سنڌن چوڻ ۾ اچي حڪم ڏنو ته صوفي شاهه عنايت ۽ سنڌ درويشن سان جيئن وڙيو تيئن وڃي فيصلو ڪريو. صوبيدار جي هن حڪم، مخالفن جا حوصلا وڌائي ڇڏيا ۽ انهن شاهه عنايت جي خانقاه تي حملو ڪري ڏنو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪيترائي پوئلڳ فقير شهيد ٿيا. جڏهن فوجي فقيرن جي وارثن دهليءَ جي حاڪم وٽ دعويٰ ڪئي ته اعليٰ اختياريءَ وارن ڪان حڪم پهتو ته انهن بيگناهن جي خون جو معاوضو ڏيارجي ۽ جنهن ڪري قاتلن جون زمينون، مقتول فقيرن جي وارثن جي حوالي ڪيون ويون. حڪومت جي هن فيصلي سبب شاهه عنايت جو

* هيءَ روايت لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب نمبر ۹ "واقعاتي بيت" ۾ ڀ شامل آهي. ۽ جيئن ته هن واقعي جو تعلق سنڌ جي اهم جنگين سان آهي، تنهنڪري هتي به شامل ڪئي وئي آهي.

وقار اچان ۽ وڏي ويو. تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع جي لکڻ موجب "اڪثر غريب ۽ عام ماڻهو هندستاني عملدارن جي سختيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿي چڪا هئا، جنهن ڪري اهي فقيرن جي پناهه ۾ پهتا ۽ انهن وٽ ئي رهڻ لڳا." ان مان ظاهر آهي ته صوفي شاهه عنايت جي خانقاه غريب هارين ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ هڪ پناهگاه بنجي چڪي هئي.

سنه ۱۱۲۸ھ/۱۷۱۶ع ۾ جڏهن نواب اعظم خان ٺٽي جو صوبيدار بنجي آيو، ته صوفي شاهه عنايت جي مخالفن کي وجهه ملیو ۽ ورڻ نواب اعظم خان جا ڪَن ڀريائون ته صوفي صاحب حڪومت جي خلاف فقيرن جي هڪ فوج تيار ڪري رهيو آهي. اعظم خان سندس گالهين ۾ اچي خانقاه جي پر واري زمين تان معاف ٽيل ڍل جي بيهر وصوليءَ جو حڪم ڏنو. صوفي صاحب جواب ڏنو ته: "اهو ظلم آهي، جڏهن ته بادشاهه پاڻ اهي ڍلون معاف ڪيون آهن ته توهان کي ان وصوليءَ جو ڪو حق ڪونهي." اعظم خان کي هن جواب تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ هن دهليءَ جي حڪومت کي لکي موڪليو ته صوفي شاهه عنايت ۽ سندس فقير حڪومت جون دعوائون ڪري رهيا آهن ۽ ڪوبه حڪم نٿا مڃين. حڪومت کيس اختيار ڏنو ته فتني کي ختم ڪيو وڃي، جنهن ڪري اعظم خان سنڌ جي سرڪاري عملدارن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي هڪ زبردست لشڪر سان هالين ۽ توبن سميت جهوڪ تي حملو ڪري ڏنو. مقالات الشعراء جو مصنف لکي ٿو ته: "اعظم خان هڪ اهڙي فوج تيار ڪري فقيرن تي حملو ڪيو، جا ڪٽڻ کان ٻاهر هئي ۽ ماڻهو ۽ ماڪوڑين کان ٻڌي تعداد ۾ هئي. "سبي" ۽ "ڏاڏر" کان وٺي سنڌ جي ڪناري تائين سڀئي سرڪاري عملدار ان ۾ شامل هئا." هن زبردست فوج جي باوجود ۽ اعظم خان فقيرن کي زير ڪري نه سگهيو. آخر هن صلح جو ڪوڙو

عهد نامو ڪري، شاهہ عنايت ڪي گرفتار ڪري ورتو ۽ ۱۵- صفر سنہ ۱۱۳۰ھ مطابق ۷- جنوري ۱۷۱۸ع تي ڪيس شهيد ڪيو ويو. سندس گردن مبارڪ تي جڏهن تلوار جو وار ڪيو ويو تہ پاڻ چار تڪبيرون بلند ڪري پنهنجي جان جانِ آفرين جيءَ سپرد ڪيائون.

صوفي آسو رام (۱) پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي چئي ٿو تہ: جڏهن اعظم خان جهوڪ ڪي گهيرو ڪيو تہ صوفي شاهہ عنايت پنهنجن فقيرن کي روڪيو تہ اهي جنگ نہ ڪن، پر جڏهن شهيدن جي لاشن سان ست ڪوهہ پرجي ويا تہ پاڻ ڪين لاچار ڪاڪ جي تلوار سان وڙهڻ جو حڪم ڏنائين، جنهن سان جنگ ڪرڻ جو نہ پر فقط بچاءَ ڪرڻ جو مقصد هو. فقيرن ڪاڪ جي تلوارن سان ۾ ڪيترائي دشمن ماري وڌا، پر آخر خدا جي رضا ائين هئي، جو شاهہ عنايت دشمنن جي هٿان شهيد ٿيو. شاعر جي چوڻ موجب تہ صوفي شاهہ عنايت جي هن خون ناحق آخر رنگ لاتو ۽ يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جون پاڙون پٽجي ويون. صوفي آسو رام جا چيل بيت هيٺ شامل آهن:

۱. ڪلهوڙي ڪاغذ لکيو، وڃهي وچ اللّٰه
ان تي پائٽي ياءَ سان، آيو صوفي عنايت‌اللّٰه
سجدي تان ڪونڊر ڪٽا، ٿيو وڏو جنگاهہ
هو بهو شهادت ٿي، جهڙي حضرت حسين شاهہ
"آسو" ان قضيي جو الف آهي آگاهہ
تنهن واحد کي واهہ، پاڻ وٽندين جو ڪري.

---

(۱) آسو رام پٽ ڏانہ وسل، ويڙل هالا اسرائا، ضلعو حيدرآباد، سنہ ۱۲۷۱ھ/۱۸۵۴ع ۾ جائو. ننڍي هوڻ ي ڪان وڏي فقيرن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ سنہ ۱۳ ڪلام سلوڪن، بيتن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي، جن ۾ لبي صلعہ جي باري ۾ مناجات ۽ الهيءَ قسم جو پيو صوفيانہ رنگ جو مواد پڻ ملي ٿو. سنہ ۱۳۶۱ھ/ ۱۵ فيبروري ۱۹۴۱ع ۾ هالن پرائن ۾ گذاري ويو.

۲. ڀاڻ وڃندیون جو ڪري، جيڪا سندیس گهڙَ
مڃيون سپ متي تي، صوفي شاهه سڏر
نہ ته هڪل سان هيڪر، هوند ڪلهوڙو ڪنڊجي وڃي.

۳. ست ڪوهه شهيدن جا، پرجي ٿيا ٽمڻار
ڪاڪ چي تلوار جي، موڪل سلي لاچار
جنهن لشڪر سلعون جو، ماري ڪيو مُردار
صوفين سر نثار، صدقي مرشد تان ڪيا.

۴. سر مرشد جو ڏار ڪيو، منڪر جي تلوار
دهليءَ تائين سر مبارڪ جي پيئي پوي ڏڏڪار
هيءَ ٿي قيامت، ٿي ٽڪون تارون تار
ڪلهوڙي جي ڪار، لعنت لاڪ پرائيو.

۵. منهن مبارڪ مرشد جو، پسي وزير وريا
عبدالله شاهه، حسن علي شاهه، مريد ماڻ پريا
قتل ڪان نہ ڏريا، ماري وڏائون مرشد ڪي.

۶. بصر جي ڪنڊ جو، پيتو لاڻائون
گدام ڪنڊين جو پيتو لٽو، ائين آکيائون
مريدن کي ماڻ ڪرڻ جو ڏسي ڏنائون
رضا مڃيائون، سير تي رب پاڪ جو.

۷. سختيون صغيرن تي، ڪيون هچاري حاڪم
کي ڏينهن گيڙو گم ڪيو، ملعوني ماتم
مولا لاڻا غم، وَسيا وَڻاڻ وَنهين جا.

۸. وسيا وڻاڻ ونهين جا، جيڻ هو ٽيڻ ٽيو
"يار محمد" ڪلهوڙي جو، چوڙو لهي ويو
ڏاتر جو ڏيو، پريو ڏينهن قيام سين.

۹. وسيا وڻاڻ ونهين جا، جيءُ جيءُ جئيڪار
هرهنڊ ٽيا هُيڪار، ڪٽوريءَ خوشبوءَ جا.

۱۰. پنهنجا ڪُهاڻي، دشمن پالي، الله ٻيورواهه
ڪُچڙ ڪانهي جاءِ، حق ۾ ناحق جي.

۱۱. سڀيو تنهنجي وس ۾، سو ڪجي نيڪوڪار
حڪم سڀ هاديءَ جو، پڇر اهڙا پچار
وس تنهنجو ناهه ڪو، "آسو" الله جي اختيار
صاحب جي سرڪار، توبه زاري تون ڪجاءِ.

۱۲. شربت شهادت جو، سڀو منجهه سيڪاج
پيتو جن پريم سان، حاصل ٿين حاج
"آسو" آن احتياج، لڪا سڀئي لوڪ جا.

۱۳. شربت شهادت سان، مٽ نه جام جڙ
پيتو جن پريم سان، آلهي ويو الڙ
سو سدا خوش خورم، "آسو" ٻڌي جهاڻن ۾.

باب پنجون

ڪلهوڙن جو دؤر

۱. ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ ميرعبدالله خان جي جنگ

هيءَ جنگ سنہ ۱۱۴۴ھ/۱۷۳۱ع ۾ لڳي، جنهن ڪري قلات جو والي ميرعبدالله خان مارجي ويو. هن جنگ جون ٽي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

۱. تحفة الڪرام جي روايت

سنہ ۱۱۴۳ھ ۾ مراد ڪليري عرف ڪنجو، سيويءَ تي مقرر ٿيو ۽ ڪنجاوه جي زميندار قيصر مگسي، مڪال شورن جي سردار ميرو ڪواري رند، مڪال سنيءَ جي سائيس ڪهرام لاشاري جي اولاد، مڪال ڪچيءَ جي مالڪ ميرو بلدي، مڪال پاڪ ناڙيءَ جي زميندارن، هرهڪ مهيان، اميري ۽ لهيا ماچيءَ ڏاڏر جي مالڪن، بازوئي قوم جي ڪالا خان ۽ بين ڪوهستان جي بلوچ زميندارن ۽ ڪنڪانيءَ جي مڪالدار بهار خان امراڻيءَ کي جو هرهڪ هزارين لشڪر جو سردار هو، ماري مات ڪري قلات جي خان عبدالله بروهيءَ سان جو پاڻ کي ڪوهستان جو شهنشاهه سڏائيندو هو، وڃي هٿ ڪيئي پائين. آخر سنہ ۱۱۴۳ھ ۾ پنهنجي سر چڙهائي ڪري، ڪهيري ۽ جنگ سان ڪرڻ جو قلعو مبارڪ خان ڪان ورتائين ۽ لشڪر اڪثي وڏي اسماعيل خان بروهيءَ کي شڪست ڏئي، ڪاڪر بروهيءَ کي قتل ڪري سوپارو ٿيو. هن واقعي ڪان پوءِ ميرعبدالله خان پنهنجون نياڻيون صاحبزادن کي ڏئي صلح ڪيو. اتفاقاً سال ۱۱۴۴ھ ۾

---

* تحفة الڪرام، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، (سنڌي ترجمو) ص ص ۲۶۶-۲۶۷

بروهين جي هڪ قوم عهدشڪني ڪري، فريدآباد جي پر واري ڪاڇي جي زمين کي ڦريو، جنهن تي [ميان] پاڻ پنهنجي سر انتقام وڻ جي خاطر وڃي لاڙڪاڻي ۾ منزل انداز ٿيو ۽ نامور سردارن کي امير عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ واسطي موڪلياٿين. جنديهر ۾ جتي مير عبدالله اڪرائي ڪري آيو هو- پنهي ڌرين جو ٽڪر ٿيو. هو [مير عبدالله] رستم جهڙي جنگ ڪان پوءِ مارجي ويو ۽ آئندي لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو.

۲۰ جمن چارڻ جي چيل بيتن واري روايت

جمن چارڻ جي بيتن موجب ميان يار محمد ڪلهوڙي سنہ ۱۱۳۱ھ ۾ وفات ڪئي ۽ ميان نور محمد خداآباد ۾ سڌ جو حڪمران ٿيو. ڪڇي ۽ ڪنداوا جا علائقا ميان يار محمد کي مليل هٿا، پر انهن علائقن ۾ قلات جي والي عبدالله خان جي اڪ هٿي ۽ اهي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جا وجهه پيو ڪولينڊو هو، تنهنڪري ميان نور محمد بروهين جي حملي کي منهن ڏيڻ ۽ ڪڇي ۽ ڪنداوا جي حفاظت لاءِ مراد ڪنجي (ڪلهوري) کي صوبيدار مقرر ڪيو، جنهن وڏي جوانمردي سان آڻپاس جي زميندارن کي مطيع ڪيو، پر بروهي وقت بوقت ڪڇي ۽ ڪنداوا ۾ ڦڙ لٽ ڪري هليا ويندا هٿا. جيئن ته قلات جا خان ۽ ڪلهوڙا هڪٻئي جا طرفدار هٿا، تنهن ڪري مراد ڪلهوري، ميان نور محمد کي اطلاع ڏنو، جنهن بروهين کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ "ڪرتم" تي حملو ڪري فتح ڪيو.

عبدالله خان نهايت بهادر هو، هن به هر طرف حملا ڪري فتح حاصل ڪئي هئي. شاهه محمد ڏوڏئي کي مدد خاطر هن ملتان تي حملو ڪيو ۽ پوءِ ميان نور محمد سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪياٿين. سندس ارادو هو ته سبي تي

حملو ڪري، مراد ڪليري کي ختم ڪجي ۽ پوءِ ڪلهوڙن جي دارالحڪومت خداآباد تي قبضو ڪري وڃجي. انهيءَ ارادي سان عبدالله خان سڀيءَ ڏانهن رخ رکيو. سڀ جي حاڪم ميان نور محمد کي اطلاع ڏنو، جنهن شاهه بهاري جي سالاري ۾ چاليهه هزار فوج سڀي ڏانهن موڪلي ڏني. شاهه بهاري کان سواءِ فوج ۾ ٻيا سالار پڻ شامل هئا، مثلاً: چام نندو، مير بهرام، مير چاڪر، شاهه علي، سلطان، خيرو ۽ دادو، جيڪي ڪلهوڙن جي عهد جا مشهور جرنيل هئا. ميان نور محمد ۽ عبدالله خان جا لشڪر جنديهري وٽ هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿيا.

عبدالله خان جڏهن ڏٺو ته سندس فوج تمام ٿوري آهي ۽ ڪلهوڙن جو لشڪر لک جي ڀرپاسي آهي، تڏهن پنهنجي وزير آخوند محمد صالح کي چيائين ته منهنجا ٽيئي پٽ مون سان گڏ موجود آهن، انهن مان نصير خان ۽ التاز نندڙا آهن، باقي محبت خان وڏو آهي، ان کي وڃي قلات جو حاڪم بنايو. آخوند محمد صالح چيو ته مون کي توسان گڏ جان قربان ڪرڻ وڏيڪ موزون ٿو لڳي، تنهن ڪري آءٌ موڪلي نه. ويندس. تنهن تي عبدالله خان ٻين سردارن کي حڪم ڏنو. مجبور ٿي آخوند محمد صالح، عبدالله خان جي ٽنهي پٽن کي وٺي پوٺتي موڪيو ۽ محبت خان کي قلات جي تخت تي وهاريائين. ان بعد جنگ لڳي، جنهن ۾ عبدالله خان جوان مردي سان وڙهندي، پنهنجي سوين سائين سان گڏ شهيد ٿيو.

جمن چارڻ جا چيل بيت*

خوش هٿي خدا آباد، خوش هٿي خدا يار خان
جنهن جي واري واپرايو ٽي ديس بدسڻون داد

* ڊاڪٽر الهي بخش خان بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

تان کارهين سا ذوالقعد، سنہ کارهن سئو ايڪٽيهه ورهه
تنهن راڻهي رحلت ڪئي جو هو بانڪو بخت بنياد
انهيءَ کان اعليٰ ٿيو انهيءَ جو اولاد
سو فرقي فقيرن جي ڪلهن واءِ قواد
ميان نور محمد نامدار هو دل دولهه دلشاد
تنهن ميريءَ سندي مامري پهتو مرد مراد
تنهن وڃي ويهاريو اهڙو ڪاڇي منجهه قواد
جئن ڦري سوادي صاد، ان تي چوٽيون چورن تي ڪري.

ڪاڙو چڙو چور، آنٽون ڪوڙايو ۽ ڪلهوڙي
تن ڀڃي ڀاڻا چڏيا، پسي ظاهر زور
معلوم ڪيائون مير ڪي وڃي اها چور پچور
تان ايندئي هل حشام سان، شان وڏي شهزور
مهندين چاڙهي معرڪي تي، جهان جهان پوي جهڪور
تان ڪاڇي ڪي به ڪکور، ڏيندئي اهڙي ڏيٺ سان.

ڪي ڏينهن ڪاڇي ماڻهو هٿا اهڙا ٿي احوال
جي پڇيو بروهي ويا ٿي، منجهئون جور جوال
ٿا اڳيئون خاوند ان جا، سڏڪو ڪن سوال
هڪ پوڪي اٿون پانهنجي، پيو آهيون گهٽي عيال
ترس تنين ڪي نه پوي، ان جي آتي حال
تان اهڙا خام خيال، پيءِ آگي هڏ نه آوڙيا.

هاڻي وڃي وات، جي ڏور هرائي پوڪ
تان وهندو تنهن تي وهي ٽو ڪماڻيءَ جو ڪات
تنهن دزد مڙيئي ديس جا ڪيا مارائي مات
تان ڪڙتي ۽ قلات، ڪليريءَ ڪرکان ڪيو.

هاڻي ڪتابت قلات ڪي ڪليريءَ موڪلي
تان ٽو مٿارايو مستونگ ڪي راوت سڏجهي رات
تان آت جاليون جبل پر تي، جيڪا جات بجات

اچي سچو سچائڻ جي تمڻ سڙيءِ تات
نا هت پئي پريات، ۽ ٿورو هاڪاريون روهه ڙ.

چڪ ٿو لنگهي ڪير، ريڑهو رکي روهه ڏي
جت چڑهن چنڊ جهاڪا چاڙهڪا، آهي ماڳ مٽاهون مير
اچي عبدالله خان ميريءَ مٽي مٽير
تان پائي ڏس ڪو پير، ته پسان پرمن پهاڙ ڙ.

جرڙ جالارو جت آهي، مچي پئي ماڳ تهين
پاٽيءَ ڪان پڑڻ جي ماٺهوءَ ڪانهي مت
جڏهن ايندس حڪم حڪيم جو، وهسي مٿي وت
تان چمڪائي ڙ چيت، ڪٽي ماري مٿي مٽي ڪٽي.

تون پي وڏو ڪج ڙ ويڻ، ڏونگر ڏيڻ پسي ڪري
توڙي اڏري عبدالله خان، ڪري پٽڪ پکيڑ
تان پي سرائي شاهن جنا، ڪٿي ڪندئي ڪيڑ
توڙي ڏونگر ڏيڻ ٿئي گهٽو، تان پي مردن اڳيئون سهڻ
جي مڻ ماڪيءَ ڙ هوءِ ميڙ، هي ڏينهو اٿي ڏونگرين.

هي پڙ، هي پاهٽي، هي ميدان، هي گوه
ڪڏهن ڪوئي ٻڌوءِ، ته متڙيو ميريءَ جو ڏٺي؟
مڙس مڙڻ ڪي مهر، ۽ متڙسان مڙڻ ميهڻو
متڙسان مور نه وسرن، ٿا ورهن سندا ويڑ
فاقيراڻي فوج ڙ ڏن پئي تنهن ڏيڑ
تڏهن پسبا پير، ته کهڙن کوڙيا، کن ڪٽيان.

جان ڪر جيان جند، تان جڙي جنگن ڪٽون رهان
مون کر چاڻن چام خان، سرو، ڪاڇو ۽ سنڌ
ديري ڪيچ قندار کي، ايل ڪيو آمٽند
اصفهان ايڑ گڏهن، هوڏنهن ساڙي هند
تان راهو جاڻي، رند، ٿو پنڑ ڪاڻايان پاڻ کي.

چاکر چڱکايون، ڏي بيتون ٻوران ع
تنهن وهايون ويرين سر تي، نامي نکايون
اولون جهلي ان جون، ڏي سامون لکايون
سي قول ڦکايون، کچو کيئي قلات ع.

اتائون اعواني کئي، خان خراب کيا
ماچي مانڪ وڏوان هئا، چاکر ڇا ٻڌ چنا
تن کي هردم اتي هيو، رين هوندا هان هنا
تن چيلهن کٹون، چارڻ چوي، کوليا کين ڪنا
سنڌهن سهاڻن کي، چايائون ٻڌ چنا
آهي ڏرتي ذات ڏنا، ته ٻي نامي نباهي ويا.

ڏيڻي کاچو ڏيهه، هئا چنائيء سان چچ
هر ٻنڊي ٻاتاريء پر، هتي پر وچ
ٻڌائون ٻولان کري، ويري ويري وچ
تان او لکن متي لچ، تي هرائن پاڻ ٽيا.

ڏيڻي کاچو ڏيهه، آ چنن چگو چوريو
ٻيڻا ڏيڻي ٻند ع جنهن در آيو جيهه
سڙي پچنس سپ مارکي، تان آڳ وڙائي ويهه
کنهن پر چڙي ڏيهه، کئن آئين کا گالهه کر.

هيم چونڪ چنيهه سان، تنهن ٻڌي سڻ لکن
آڳ آيس تا تنهنجي، پيهي سنجهه پکن
هو جي راڻا راج رکن، سي ارڻان سهن اهڙيون.

تڏهن چني لک چوهٽ، ان ڏيڻي ڏيئي موکليا
سي ليکي ع ليکيا، جي ٻاهڻ مکائون پٽ
اولن آتي آهٽين، سر ٽي کيائون سٽ
سامون سلطانن جون کڏهن کي وکيون ٽکن وٽ
پڙهٽ ع پانهنجي، تو گهٽي وڏي آ گهٽ
هاڻي اکيئون کير آهٽ، جي کچو کيئي قلات ع.

تڏهن ڪيو معرڪو مير، پٿر ڪوڻي پانهنجا
اسلحه خانو آهڻي، ونڊي ڏنا ويڙ
ترت ڏنائين توپچي، توري دارون تير
هليا جنگ، جمن چوي، برسر بامي بيڙ
تان پروانو ڏي پير، لکيو سرد مراد کان.

چئي: هيءَ صلاح سڀين، ته ڪجن وچ وزير
شرطون سنجڻ شاهه سان، نوجوان ڪري فقير
اچي بچنس ٽڻن ٻهاڙ ۾ جئن سنکر ۾ نکير
هاڻي چوائين ڪالهيون چار، مڃج مير مراد چئي.

جن اصلڻون عباسين سان، آڻن ڪي اختيار
سي تڏهن ڪئون ترڪ ٿيا، ويڻا کين قرار
نور محمد نامدار ڏي تان نظر ڪري نهار
ڪيو الفه اڳي ڪئون، انائي آپڪار
سو عقلئون افلاطون جي، آندو ڪلي اختيار
تنهن کي هيوَر گهيوَر هتيا، هڻا ديمون تنهن درٻار
اچي اڳڻ ٻار، راڙ ونڊئي روهه سڻون.

هت يي ميان مصلحت لڌي، سپ سڏي سرڪار
تنهن وڃائي ويڙ لڌي تجويزئون تلوار
کو ڪلي ڪانو ٿو ڪٽي، مرڪي ميرئي پار
آٿون هنونٽ جي آچار، ۾ لڇمن جهڙي لڇڻين.

تڏهن هٿ ٻيڪي پير، هيت بهارين بادل کيا
جهنجهڻ پاتي جس لڌي، ڇهن ڇڪيري ڇير
تنهن چمي پڏي چيلهه سان، شرط ڪٽي شمشير
آڻي ڪندس ا ير، هو جو ڪيڇي مير مٿان ڪڙو.

سا قرندي هي فلڪ، کي ڏينهن کارونهار ۾
سا ڪاڙهه ڪڙهي قلزوم مٿون، ٻيدا ٿي پرنڪ
سا ڪاري ڪوئل ڪيسمي، لهي تکي تيغ تلڪ

ڪٽهيني قصابن جي هٿي، هونيدن هڪ
مهندين چاڙي معرڪي، پڙ تي تهين هلڪ
سامیان بخشي مهر مٿون، شاهه ٻڌي بيشڪ
لالي ڪندي لڪ، جڏهن منهن لڳندي سير جي.

هو ٻي ڪري نفيلان ناز، ڪلي چڙهيو قلات ڪٽون
سو اچي عبدالله خان ٿو ايڏي سان اغماز
جٽن مرد مرغابيون ڀائين ٿو، ٻاڻ برابر باز
تنهن ڪڙ تي ڪنڪ ڪوٽي، سپ ڪيا سرفراز
هيڏهن ٻي ڪلن قيري ڪڏهين، جٽن مچي مقراض
جيڪي ساٿس سانڍيرو، سي سپ يڪدل يڪ انداز
تان نماشنام نماز، دانهين ڏوڙي آئيو.

هيڏهن ٻه سٽي سرائين چاڙهيون، سيڀان سنگ تراز
شاهه شروع ڪيا سور جا، سنگ سويرا ساز
تن مصلحتي مراد سان، ٻچيا برق انداز
تن ڪو ڀڙي ڀيڙائو ٿئي، قلعي ساڻ ڪواڙ
تان آڙن جا آواز، سٽي ڪونه سڏ ڪري.

تڏهن چالاري چاري، چگن جگا چاڙهيا
هڪڙو "حسن" جت همت سان، ٻيو "بخشو" باري
سي حرف ڀالهائن هڪڙو، آيا اعتباري
هڪ شينهن ۽ ٻيو شينهن، هوا شوقٽون شڪاري
سي ڏوڙي ٻيا درياهه ۾، دوسي دوباري
تان ٻهر گهڙن ٻار ڪٽون، جي وچ هين وراري
سي چاري تي ٻه چڙهي ويا، موٽيا تان ماري
سي آيا اعتباري، خبرون وٽي خان جون.

واسون وٽي آئيا، قلعي سندي ڪل
ديرو ڏنائون ديهه ڪي، جنگ جا ديهڙ جهل
سٽي سرائين ڪيا تلواربن تجل

کٹي آندو خان کي، اتي کنهن اجل
کڙماٹين کجل، پاڙ پان چهي ويو.

نوبت ناز نفيل جي، ڏڙبا داڏڙ رنگ
جوانن کئون جر هاريون، نين اڏايون انگ
اوس اتي ان جي، پلٽيا پون پتنگ
لهريون لحظو لائيو، چاچون چڏن چنگ
هسنگ وڃن نکريا، خواهن خواهه ختنگ
راڻن سيجون وڇايون، پائي پوش پلنگ
ويا چڙهي، ايندا وري، لوڻي لال لٽنگ
نمک سندي ننگ، وڃي اڙپنگ چاڙهيا آڙ.

نيل نشانا، مڙچا مصلحت، عظمت چاتي ايهي
نبت بڙجس بانگ بڙهي، جت حاجي خان هنديئي
دليل دليان آندا دل وچ، دولهه سندي ديهي
جنگ نماز جوانان نيتي، سنج سواريا سهيئي
مڙني منجهه موسيٰ خان مفلح، ٿيو امام اڳيئي
تقدير اڳيون تدبير نه حاجت، هن ڀي چئي ٿکبير تنيئي
الصلواة چئيون السلام چوان، مرڻ، تان ملامت کيهي
فرض ترار يون، سيهرون سنت، نيزن نيت نبهي
اعليٰ وڻي آڏريا انيٽل، ويا پنجاهي ٻيهي
جن کئي اولا جي استعمالي، سي کئن وقت وڃائن ويهي.

ڙ ر پٽون پٺاڻ پشنگي، پاکر آن کيون ڀيلان
هني ڀي هڻن هنن کي، هو ڀي هڻن هميلان
رئي اتي، رئي رايون چايون، رڻ رايون رڻ رهلان
راند رکائي راڏڻ کهيلي، رسي وچ رهيلان
نايو کهي ندين ساڃي، توفي کري تفيلان
لوهو لحم لهٽيو لت پت، الٽ پلٽ البيلان
سنگراسي سلطان اڙائين، اتي کري الياڻ

بيڻي مول نہ بکتر پائيو، نايون ناک رميلان
بانَ نشان کرارو چاڻي، سنک هڻي ڪري سرسيلان
هو پي هن وچ ڪرنَ هميلان، هي پي هڻن هميلان
ڪيو ڪيو ۽ آڻن آڙهه، بکتر پائن بيلان
ڪليا گل گڏن تي ايوين، جيوين رنگ لايون رابيلان
جن وي کاڏو نمڪ نورنورل جو، سي ڪٽن وقت وچائن
ويهي ويلان
هردي طرفين تام پڪارون، ڦرون منجن ڦليلان
گهوڙي گنگ نقاري باجن، گهوڙي گرز گليلان.

آکي شاهه مراد فقير، چڙهو تہ جلوا چايون
توڪّل علي‌الله پڙهي ڪر پير رکايين پايون
عربي اسپ، عراقي، بلخي، نيلا ناچ نچايون
بازي خيل، براق، برنجا، بور، بليل بچايون
کيڻ ڪميت، کاچي ۽ ڪرڙا، تتي ترنگ تپايون
ديمن ساڻ ڏاريون درجن، ديس بديس ڏپايون
جاءِ بجاءِ، هنڌ ين هنڌ هوکا، ڳانءِ بگانءِ گهمايون
ڪونہ چڏيو ڪوريک قريشي، ڏونگر ڏيهه ڏنايون
جيڪو ملڪ مواس ميان جو، تنهن کي تت مچايون
قلات قندار ڪلهوڙي روهي، ڦڙتيءَ ساڻ ڦيرايون
ڪهين قصابين ڪاچو رڙيو، هر انهيءَ هرچايون
مُهيم ٽاري، نيزا ماري، ريزا رنگ رچايون.

آکي شاهه مراد فقير، چڙهو تہ جلوا چايون
سرسي بڏا سرپيچ سرائين، سونهري سرپايون
شدان شالان ۽ شلوارون، سرخ سفيتان سايون
ڪيمخابون ڪرناڪ چيتو، ڪسم و ڪل بلايون
بنارسي بچواريون بيرم، بانڪن سر بنايون
آسا ورنيون اورنگزيبيون، اڻ-ڪاتيون آڻايون

گجراتیون گل بدنیون گدیون، گهه گهه گر سبتایون
هال رتیون هالار هویزون، تن سرس جلیون سرخایون
بوندي دیس بنگالي بسمیون، بسندي بشم پرایون
عطر کارا، الاچیا اطلس، سوسیون سرس سوایون
ململ خاص مگیسي مشرف، تن کي موافق مغزیون لایون
سانگان سیفان سپران سونهن، سیکان سٹ کمایون
زري ترا زر پیچ زواهر، زربفون زیبایون
موتیدار مکلف موزا، پهري سهرا پایون
زرهیت زیب جواهر جهالر، جوڑ رقیبن جایون
خان آیو خرخسي اتي، جوڑي جنگ مچایون۔

آکي شاهه مراد فقیر، چڑهو تہ جلوا چایون
کولاچي، کوشک، کلیري، کلیا، قلعي کوند کڈایون
سیهر، سیال، سندیلا، ساوڑ، سان سٹهاک سڈایون
ڈیرا، ڈهر، ڈهوٹ ء ڈونگر، ڈرن ڈرکایون
موهل، منگي، مهڑ، ماچي، مرکنڈ پي مرکایون
ابڑا ء اتوال اکابر، اٹن لگي آزمایون
بلدي، بهر، بلوچ، بداٹي، بیمت، میر بنایون
گرماٹي، گوپانگ ء گهلو، گجر تت گهرایون
اسیر، اواڑ، آنڑ، اوداٹان، عمراٹي، اڈوایون
پٹي، پٹا، پتڑ، پاکٹ، پیڈا، بیگ، پرایون
کوڑ، کهڑ، کواسو، کچل، خواجن منجهه گوایون
لاشاري، لانگاهه ء لیکي، لاکا کن لڑایون
راوسر ء سرکاٹي، سامتیا، سیفین کن سوایون
کیمٹیا، کورکچي ء کچرا، کیرن کڑگ لگایون
کیڑ، کڑ، کهاوڑ، کوکر، کوسا خان کیڈایون
پنجوٹا، پریاٹ، پتافي، واهن وک وڈایون
جهنجهن، جت، جمالي، جویا، جج اچن جهڑ لایون
جانوري، جور، جتوئي، جنگي جوان رکن جلدایون

ويڻ، وئنس، ولداهم ۽ وڪا، ويڻن سان ويڙهايون
مني هڻن هٿيار، تکار تڻي ٽي، هلڪا هٿين هلايون
ٻيا انڪٽ آڏ عباسي اينڊل، دوس اچن درچايون
تان ڏان ڏان ڪري دماما شاهي، ويرن ڀچي وڻايون
آکڻ سچ صريح سڀئي، هر ڪا راهه رکايون:
تان خان ٻڌا تون چوٽ ڪيلين، آڻي جو فوجان آيون
انهي ويل اسالڪ آڻيو، ٻهريون ٻوش ٻڌايون
غيباڻن ڪي گهوڙا جوڙا، بخشي ٻير ڏلايون
ساڻس جي سرواڻ سڀئي، سمڪي سنگ سڏايون.
زرهه، زري، زربفت، زواهر زينت سان زيبايون
زري تنرا، زربفتون ڇچون، بيگي بيگ ٻڌايون
جڙهيو لانگ ورائي گهوڙي، خان ڪلامان ڪايون
سوآٻتيون سبتيون گبتيون ڦيري، ڪڙ قلعي تي ڪاهيون
هيڏهن ڀي سال سرائين سيفان جوڙيون ڪاندي ڪاڻ ڪٽايون
ڪيري ان سلطان جزاٽون، جامڪيون جفت جڳايون
شاهو سينر، مراد سنديلو، شتر نلو شت گايون
بعضي دوڪ آڏارن بازو، بعضي باد هوايون
گرج اندر ڏسن جي گورا، رڻ ڪيون رت رلايون
رنگر لڳي، رينگڻ لڳا، جهرڪن جهيڪر جايون
ڏيون ڪاٽ، گهمندا اچن هوريان قدم هلايون
مٽرچا جوڙي مرڪي ماچن، اڏي منجهه اڙايون
دو طرفين ٻيڙا دل ٻادل، ٻڙ بازار بنايون
پلٽي-باز ٻڌاڻ پشنگي، شاهلي شور چتايون
ٻڙ ٻانڪا، پاڻوٽ بروهي، ٻڙڪن ٻيڊ ٻڙايون
اچن عبدالله سان اينڊل، شرطون شاهه ٻچايون
شاهه جڙهيو، شمشيرون ڪڙيون، لحظي ڪن لڙايون
مي ٽهڪن، سهڪن، ڪهڪن ڪوهون، ڇهڪن
چار مٿنهايون

پس وريام وجهندا واڪون، وڃن وچ ولايون
جتي چڙن چيرن جا چمڪارا، ڪهڪن آت قرنايون
زاهر زنگ، زبرچا زنگي، راه ڇڳيون ڪن رايون
ڪيٽوپر ڪرنگهه ڪرندا اچن، ڪوپر ڪرنگهه ڪرايون
تتي تودهه مٽي ٽالپرن جو، ڪن نڪورا نايون
نندو چام نوائپي نيلا، نيزن سان نرنايون
سنگرامي سلطان آڙائي، سورهه ڪيون سرسايون
موڙيون مل ميڙا منجي، تيغن سان ترسايون
هاڪي هو تيغن ڪي هيرو، پهچي هول هڻايون
خيلي ڪيرو، آڻن ايرو، درئي دل دپايون
جڪڙي جوان جلوڪي جوئي، لڙهيٽو سان لٽڪايون
لڪي لوهه لڏين لغاري، لڏن لوهه لڪايون
شاهلي سير، ڪيلي ڪانوتو، ڪنهن سان مٽ مٽايون
جروار ۽ بيا جڪرا جوڏي، تن سان جوڙي جٽ جاڳايون
چيلهن ۽ شمشيرون جنجڙا، واهن وهند وڌايون
چنڙ ۽ بيا چانڊ يا چينجي، چوڪن چوج اڙايون
هت مهائن ماهه ملاڙن، رڻ مهائن رايون
ڪرڪنيون ڪر قلعي ڇڻن، ڪورهون ڪاٽ واريون
ڪني سندا ڪٽنبل اچن، ڪني سنديون ڪايون
روهه رتوليون پٽن راڻيون، دروازن تي دايون
ڪوليو وار گهگهيريون جهولن، هوين ڪير وڙيلايون
روهين روهه، بروهين پٽن، واويلا جون وايون
دارون ڏند انڌارو درجن، رڙ وڙهي ڪن رايون
آون جاوڻ رانوڻ رڪين، ڪرنگها قلم ڪرايون
شير اچن دلڏير دلن جا، اعلي نام الايون
واڳهه جتي وريام وڙهن، تت هڻن هزارن ۽ هٽ لايون
اوئس جي آڙاهه آڻن جا، منجن آلا عرش اڏايون
آلن منجهه امالڪ پون، پورا پاڻ پچايون

خوءلڳن تي تن جي ڪلي، باغ اناري جو ٻه ٻنايون
سي ات ڪيڻ ويڻ واهه، وهاون، ڪوسيون هڻن سڀ
ڪڙڪايون
وَڪا وير اڇن تت وڙهندا، دَلَ، پَلي دستا لايون
ڏستن منجهه ڏُود ستيون هڻن، پيچي پيچين ڪي ٻه پڇايون
اڌ اڇن اولارا ڏيندا، لهس وجهن لڪ لايون
لاهيون لاهه آتي ٻڻ لڻن، پرس وجهن تت پڙ ملهايون
هڪيون هڪپٽي ڪي هڻن، ڪن سورهه سنگراسي سرسايون
سرسي وک تني جي ٽاٻت، راوت ريلي رت وهايون
مٽمت مار آتائين مٽ ڪي، رڪ بادل جان ڪن برسايون
اڇن ڏڙ ڏڙن ۾ هونڊا، تهدل تير تپايون
آکي شاهه مراد فقير، چڙهو تر جلوا جايون.

هو پي زهوان زهر پرائي زهري، جلد آيو جبلاتي
تنهن سان هٿ پائڻيا هڻا پاڻ پڙا، جيهل بان جماتي
تنهن سان ڪومون رومون کار غلامي، وڏ وڏي وهواتي
سو جمدر سوني، سمندر سندلڪ، سيگن ڏول سجاتي
بعضي ڦهه ڦهه ڦيهه وجهي ڦهڪارو، بعضي چپ چپاتي
وهواه واهه وهائي وهڻي، واهه ڙي وليداد ولاتي
هول ڪنگول ڪپس ڪر ماڻين، چوهون چنس چاتي
هانڪي تيغ پڙائبي هانڪي، باقي ڪنڌ ڪٽارو ڪاتي
تان پي ريءَ پروانن ڪهڙوپائي جهڙڪ ترارن ۾ جهاتي
هٽ سرائين سيفان سونهن، ڪجميري ڪجراتي
درجن دوهه ماريو ديرايون، دور چگي هرڌاتي
تني مرچتي مرهٽائي ملين، آڻن جا اوقاتي
اڳيون اسماعيل اينڊل خان آيو، قيريندو فولاتي
ڪٽي سوپ سرائين يارو، ماري اهڙو ڪونڊ قلاتي
پڙهو ڪلمون مسلمانو، محمّد جا صلواتي.

نگهہ ٻئي پار ڏي، نگهہ اوس نہ پاس
سمند سونہي ساز سان، هزارڻ هياس
جهنڊا آيا جهولندا، عَلَم طوق اکاس
ٻزن ٻزن ٻهادرو، اهي الاوَ آتاس
اڙن ۽ اڳيون ٽياس، ان کلمي پاس
هکڙو گهوڙو ڏي گهات سان، ٻيو بختارو پاس
دادوئي دو دستو ڪري، ڪڳ متئون کوڙياس
مصريين منهن مڙيا، پر نہ مُهين موڙياس
نيزا، نوکان، ناوکان، ۽ ۽ منجهہ رتياس
تيلانهہ ڪچڙيءَ ڪٻياس، سهرا سفيلان ڪري.

٣. جلال ڪني ۽ جمن چارڻ جا بيت*

روايت آهي تہ قلات جي والي مير عبدالله خان جي وقت ۾ ڪچي ۾ ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ هڪڙي بروهن ٻيوه زال کان هڪڙو ٻکر کسي ورتو. اها ٻيوه عبدالله خان وٽ فرياد آئي. عبدالله خان ان عورت کي ٻکر جي بجاءِ ست ڏڻ ڏيڻا کيا، ۽ بروهن زال ڇيو تہ مان سنڌ ۾ وڃي ڪري آئي آهيان تہ جيڪر عبدالله خان جيڏو هوندو تہ ست دفعا ڪچو هٽائيندس. تنهن تي عبدالله خان خاموش ٿي ويو. چند ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن پنهنجي اُمرائن کي دربار ۾ جمع ڪري، مشورو ورتائين تہ هن ٻيوه بروهن جو ٻکر منهنجي چاتيءَ تي ٿو ٿپي، اوهان جي چا صلاح آهي؟ بروهي اميرن سندس راءِ تي اتفاق ڪيو تہ بروهن جي زبان کي پاڻي ڏجي. پوءِ عبدالله خان ڇهہ دفعا سنڌ هٽي آندي. سنڌ جا ڪلهوڙا حاڪم شڪست کائي

---

* هي بيت (١) سگهڙ حاجي اسماعيل بند يجو ڪرمتي (٢) محمد امين پوتاڻي، وينل ڳوٺ ٽاڻو قلعو، لس ٻيلو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل آهن.

عاجز ٿيا. ٽيٽ شاهه بهارو نالي هڪ سيد جي ڪمان هيٺ ساري سنڌ جمع ڪري، مقابلي جي واسطي موڪلياٿون. ڪلهوڙن جي انهيءَ حملي جي وقت اڪثر برڙهي لشڪر واپس جبل ڏانهن موٽي ويل هو. ٽورن سوارن سان عبدالله خان ڪچي ۾ رهيل هو، جو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي لشڪر حملو ڪري، عبدالله خان کي سندس همراهن سميت قتل ڪيو. سنڌ جو لشڪر اي حساب هو، تنهن ڪري هي ٽورڙا ماڻهو وچ لشڪر ۾ لوٽ پاٽيءَ وانگر ٽي ويا. عبدالله خان جي لاش جو ڪو پتو نه ٻيو، تنهن ڪري سنڌ جي لشڪر تي تشويش ۽ هراس باقي رهيو. چون ٿا ته ڪنهن خدا رسيده فقير درويش جي عبدالله خان کي دعا هئي ته تنهنجي مرڻ کان بعد به ٻارهن مهينا دشمنن تان خوف نه ويندو. هيءَ ڳالهه ۽ چوڻ ۾ اچي ٿي ته عبدالله خان ٻوائتي شڪل جو هو. سندس سڄي عضون تي وڏا وار هئا، تنهن ڪري سڄي بدن جي وارن ۾ سچا موتي ڪٽائي جڙيا هئائين. پائنجي ٽوته وچ لشڪر ۾ قتل ٿيڻ تي سندس سڀ عضوا موتين جي لالچ ڪري، سپاهي وڍي کڻي ويا، تنهن ڪري سندس لاش هٿ نه آيو ۽ هڪڙو سال دشمن هراسان رهيا، ڇاڪاڻ ته سيڪو حيران رهيو ۽ ڪنهن پاسي ٽڪي نه سگهيو. چنانچ انهيءَ ڳالهه تي ان وقت جي وڏن شاعرن جمن چارڻ ۽ جلال ڪٽي جو ٻاڻ ۾ مناظرو ٿيو.

جلال ڪٽي چيو ته عبدالله خان جنگ جي ميدان مان ڪجي ٻڌي ڀاسي نڪري ويو، ۽ جمن چارڻ جواب ڏنو ته عبدالله خان جهڙي سورهيه لاءِ جنگ جي اڙ کان ڦيرو ٿيڻ ناممڪن آهي. مختلف سگهڙن کان ملهل آهي بيت هن تعد شامل آهن.

جلال کٹيءَ جو سوال جمن چارڻ کي:

مير ويهي ميدان ۾، ڏاريائين ڏارو
جيئن ڏاريائين تيئن نه ڏريو، پيو پئون پاسارو
بازي ٻهارو، شاهه کٹي ويو شير ڪئون.

—

مير ويهي ميدان ۾، چئوڙ چٽائي
کيليا خان کٹي چوي، کي ٻارهن ٻولائي
جيئن ڏاريائين تيئن نه ڏريو، ويو ڪٹ ڪٽائي
بازي بٽلائي، شاهه کٹي ويو شير ڪئون.

—

ڪرتي ناهه قلات ۾، نه سو ميريءَ ۾ مير
ڪيٽ نه سٽائين فوج جي، جيڪن ديمين کيو دلگير
کين ڪري ٿيو فقير، يا ويو دانهين دليءَ تي.

جمن چارڻ جو جواب:

نڪي ويو دانهين دليءَ تي، نڪي آڏاڻو آکاس
لڳي جنگ جمن چوي، ڏريو مورچل متاس
دادو دڏستيون ڪري، هٿو بختيارو پاٽاس
اهڏي الهداد سين، جڏهن اچي جوان جٽاس(١)
مٽهن گهنڊي، چپ وات ۾، هٿيارن هتاس
ڪلنگي ٽجا ڪپار جي، سا جنوهر ساڻ جڙياس
موزا جي پيرن جا، مٽهرن ساڻ مڙهياس
سمند سونهي ساز سين، هزارڻ هياس
جهنڊا جهلندا آئيا، علم طوق اڪپاس

(١) پي پڙهڻي: جهڏين جا اوڪي ۾، پنجهئون ڪيگ ڪتاس.

ڪنڊ ڪرنگر ڪپرائي، ڪيرمائين ڪنياس
ڪپ ڪاتيون ڪٽاريون، رم رم منجهه رتياس
"ٻزن ٻزن" ڪيو بهادرين، اهو آلاپ آتاس
ڪيجهڙين ڪٽاس، سڀرا سفيدیون ڪري.

—

ميرميريءَ ڪون چڙيو، جڏهن بروهي پڙڪي
خاشي خلوت خان سان، تنبوءِ تڙڪي
وڏ ڏڙو واڪا ڪري، سهسين وانگر سرڪي
جوانن سندي جان تان، رڪ ڏني رڙڪي
آيا ڏوڏو ڪار، تڏهن لهڙو ٻيا لڙڪي
جڏهن ميرماريو مرڪي، تڏهن لٽوڪو چ قلات تان.

—

جيئن ٻهون ٻيلين ٻٽ ڪي، ڏرن جيئن ڏيلي (١)
تيئن آيا ميرعبدالله خان ڪي، رڙ وانگر ريلي
سارنگ ميرائين جا، مٿس وينا ميلي
تين پڙ هٽي ڪيو ڏڙو، زخمن سين زيلي
ٻيلاڙن ٻيلي، لاٿس ٿڙ ترار سين.

—

اولهه سج اوپر ٿئي، اوپر ٿئي اولهه
ٻڪيو شينهن گاهه چري، لهي هيٺ هٿاهه
وچ ڪڙڪو ڪري، جڏهن وچي تحت الثراء
تڏهن ميرعبدالله، ٻڙ ڪٽون پٽيرو ٿئي.

—

گنگا جمنا اڻي وهي، ندیءَ وهي نه نير
ڪٽي رتڙ نه ڏئي، ڏڙي نه ڏئي ڪير

---

(١) ٻي روايت: ٻوڙن ڪيلي ٻٽ ڪي، ڏرن جيئن ڏيلي

دانءُ ڏرتيائي نہ ڪري، ستي ويجي سير (١)
تڏهن عبدالله خان امير، پڙ ڪئون ٻيرو ٿئي.

گنگا جمنا ٻئي وهي، چڪ چلي آسمان
قطب تارو آپ مان جڏهن ٽيڙڪي چڏي ٽان
ٻيدو ٻالڪ ٿئي، نئين جوڀن جوان
تڏهن سير عبدالله خان، پيڙ ڪئون ٻيرو ٿئي.

---

(١) بي روايت: ٻيڙي جر تي نہ هلي، ستي ويجي سير

٢. جنگو خان جمالي ۽ بُلي بداڻي جي جنگ

ڪاڇي جي ڪوسن جو هڪ ڀاڙو بَداڻي، جنهن ۾ بُلو بداڻي ساماڻو، جو لوڙهيون هٿندو هو. سو شاهالي مار يائين، جن جون مايون جنگو خان جمالي وٽ دانهين ويون. جنگو خان ڪوسن ۽ جمالين جو لشڪر وڻي، اوچتو بُلي بداڻي تي حملو ڪيو. بُلو بداڻي، سندس ڀائر ۽ دوست سائينداد نوحاڻي لشڪر سان مقابلو ڪندي مارجي ويا.

انهيءَ واقعي تي ڇهه روايتون شامل ڪيون ويون آهن، جن مان ٽي روايتون نثر ۾ ۽ ٽي روايتون بيتن ۾ آهن. انهن روايتن جا راوي لس بيلي ڪوهستان ۽ ساڪري جا مشهور سڳهڙ (محمد امين پوتاڻي، حاميد خان رند ۽ ڪيڏا خان) ۽ جوهيءَ جو داناڻ سڳهڙ نبي بخش لُنڊ آهن.

روايت

بُلو ۽ علي خان، ٻئي ٻُٽ عرضي جا هٿ. بُلو وڏو بهادر شخص هو. بُلي هڪڙي جهيڙي ۾ راڏو ۽ راوت خان ۾ شاهاڻي ماريا. انهن جون مايون ويون جَنگُو خان جمالي وٽ تہ اسان ڪي ويرُ وڻي ڏي. جنگو خان هائوڪار ڪئي. جڏهن بُلي اها خبر ٻڌي، تڏهن چيائين تہ: جنگو، شاهاڻين لاءِ چيلهه بَڌي آهي، ۽ بيت چوائي موڪليائين تہ:

آ جَنگو جنگ تي، مان ڀهرو پيراڻو ڏيانءِ
ٽُرڪن ۽ ترارين جا، توکي چڪايان ساءِ
انهيءَ ترڙ مٽاءِ، ساڻ نہ نيندين سنرو.

تنهن تي جَنگُو جواب موڪليو تہ:

بُلا! ساڻ نہ نيندو سانءِ سَنَرو، انهيءَ ترڙ مٽان تاري
منهنجو سِرُ صدقو لَڄن ٽٽون، آيون ڀهي اوتاري
هاڻي مٽهائون ماريو، ونڊيندو سانءِ رت راڏي راوت خان جو.

پوءِ جنگو لشکر گڏ ڪري، بُلي تي چڙهائيءَ جي تياري شروع ڪئي، جمالي ۽ بروهي وغيره گڏ ڪري لشکر ٺاهيائين. ڪنبيرو لُنڊ به انهن ۾ شامل هو. حملي واري رات جڏهن سڄيون پچايائون، تڏهن جنگو چيو تہ: هڪڙو ياگو وڏيڪ ٺاهجو، جو جيڪو بُلي سان انگ ۾ ٽڪ ٽئي، سو پنهنجي پٽي ۾ آهو حصو ڪائي. جمالين ۽ بروهين آهو حصو نہ ڪاڏو، باقي لُنڊ اهو حصو ڪائي ويو. ٻئي ڏينهن جنگو لشکر سميت، بُلي کي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪاهي اچي مٿس ڪڙڪيو، پر پنهنجي لشکر کي چيائين تہ: بُلي وٽ لشکر ڪونهي، ان ڪري بندوقون نہ هڻجنو، باقي ترارين سان جنگ ڪجنو. ڪنبيرو لُنڊ، جنهن بُلي سان ٽڪ ٽيڻ جو اعلان ڪيو هو، سو بُلي سان سامهون ٿيو.

آيو لُنڊ لڙڙيون ڪندو، جنهن ڪينوڻ ڪينوائي
بيهڻ بُلي نہ ڏنس، ويس ڪني سان ڪائي
سرسي سائينداد ڪئي، جنهن ڪُنڊي ڪڙڪائي.

سائينداد نوحاڻي، بُلي جو دوست هو. لُنڊ کي هڪ ڏڪ بُلي هنيو، وري جو ٻيو ڏڪ سائينداد هنيس تہ لُنڊ چار ٽُکر ٿي ٿيو، انهيءَ تي جنگو جي ماڻهن کيس چيو تہ: هاڻي پڄڻ ڀيٽي ڪانهي، تنهنڪري جي چوين تہ بندوقون هڻون، باقي ترار جي جاءِ ڪانهي. تڏهن جنگو چين تہ: انهيءَ ۾ ناموس ڪانہ ٿيندو، چو تہ هو مڙس آهن ٿي فقط ٿي. اهي ٿي چڻا هئا: بُلو، سندس ڀاءُ علي خان ۽ ٿيو هو بُلي جو دوست سائينداد نوحاڻي.

جمالي هر وقت پيا کوشش کندا هئا تہ کنهن نموني سان بڏلي خان جون مينهون هڻون، چو تہ گهڻو ڪري مينهون سڄيون پيون چرنديون هيون.

جمالين سندي راڄ ۾ ڪا جا ڇورپڇور
آيا ڄاڄي جام بڏلي جا، ستڻجا ڇڏ مڙ ڏور
مينهون چرن سور، مانجهي سير بڏلي جون.

آحدي پٺ عرضي جا، سڀ سياڻا شينهن
هڪڙو شوق شڪار جو، پيو گهمن راتان ڏينهن
بڏلي خان بڏيءَ تي، مهند وسايا مينهن.

بڏلي جي پائرن جي ڪندو ڪانہ ڪچي
نوحاڻي ننگ تي اچي ٽيڙيو مرد مچي
لوهو لينڊي لال ٿيا، جيئن ڪنبي لاڪ رچي
پوءِ جن جي ساڪ سچي، سي مري سور شهيد ٿيا.

محمد امين پوتاڻي واري روايت

برادر بنديچي بروهي، ڪوسن جو خون ڪيو. اهو وڃي بروهين جي ڪيجراڻي پاڙي جي وڏيرن ڄاڪر، غلام علي ۽

بکر وٽ سڏيو. ڪوسن چوائي موڪليو تہ: براد اوهان وٽ آهي سو ٺهيو، باقي جي اسان ڏانهن آيو تہ ماريندا سونس. هوءَ وڏيرن برّاد کي آن سودڻ لاءِ سنڊ ڏانهن موڪليو. اها خبر ڪوسن کي پيئي، سي اڳ جهلي ويٺا. برّاد آن ۽ پيو ساسان سؤدي موڪيو پهتي تہ ڪوسن حملو ڪري ساري چڏيس ۽ سمورو سامان بکر ۽ غلام عليءَ ڏي ڏياري موڪليائون. حمر نالي لنگهو، براد جو يار هو، سو خراسان ڏانهن ويل هو، اهو خراسان کان موٽيو ۽ جڏهن ٻڌائين تہ برّاد کي ڪوسن ماري چڏيو آهي، تڏهن چيائين تہ: بکر ۽ غلام عليءَ کجهہ ڪونہ ڪيو. ان کان پوءِ حمر انهن وٽ ويو ۽ کين چيائين تہ: اوهان کجهہ ڪونہ ڪيو، باقي آءٌ اوهان جي ڏوئي ۽ ڪٽيي سڀيندس. انهيءَ تي وڏيرن لشکر گڏ ڪيو.

هيڏانهن ڪوسن وري بٽّلي کي چيو تہ: لشکر ٽواڇي، هلَ. بٽّلي جواب ڏنو تہ: ڪونہ هلندس. پر سيني ماڻهن جي راءِ ٿي تہ بٽّلو هلي. آخرڪار بٽّلو تيار ٿيو. سائينداد بروچ، بٽّلي جو يار هو ۽ "ڪاسوٽو" (درّيجي جي حد ر) جو رهندڙ هو، تنهن جڏهن بٽّلو ٽو بٽّلو ٽو جنگ تي چڙهي، سو بٽّلي جي مدد لاءِ آيو. جڏهن لشکر آيو تہ ان وقت سائينداد حقو پٽي پيتو. بٽّلي، سائينداد کي چيو تہ: آڻي! تنهن تي سائينداد چيس تہ: هي ڦوڙائي جون ڦوڪون آهن، پوءِ آڻون ٿا. غلام علي ۽ بکر جي لشکر ر ڪنبيرو لڏندو ڇڙهيو هو، تنهن پنهنجي ساهيڙي کان انجام ورتو تہ: جي پيو يار نہ ڪرين تہ بٽّلي سان وڙهان! سو بٽّلي جي سامهون آيو. بٽّلي جي شڪيلي جو نالو هو "رڻو"، تنهن جي ڏ ڪٽي چڏيس.

بٽّلي بيهڻ نہ ڏنس، وياس ڪنا ڪائي.

ٻوءِ وري سائينداد ۾ ڪنبيري کي ڏڪ هنيو، جنهن ماري ڇڏيس.

سرسي سائينداد جي، جنهن ڪنڊي ڪڙڪائي، بٽلي ڇيو تہ ڏڪ رڻي جو اٿس، جنهن پورو ڪيس.

حامد خان رند واري روايت

خان بٽڏيون ٽي ڪرڪيون، سي ٽيون ويروه منجهه وڃن
گڙي ڪٽون گورم مان هٽيو هوت وڃن
ڏڪ تنهن ٿوهر ڪي، ڏا ليڻن منجهه ليکن
هو ڏا وس وڃن، بٽولي ٽي لائون لڏيون. (۱)

—

بٽولو بدامن ۾ ٽوڙ سورهيه سڏائي
نکي وجهي وڃون واڙن ۾، نکي ٽو پينگها پائي
جڙي هن جوان جون، ڪنڊيون ڪير ڪاهي
سينهون ملهائي، بٽولي لائون لڏيون.

—

پائر بٽولي بيگ بداماڻي جا، هٿا پنجي پهلوان
سي ٽلي جڙهيا هٿا ٽڪرين، ڪيڙا ٻڏي خان
جت سيهي ڪيا ٽي سڪار، تتي تراڙين وڏا ٽي تان
موت بٽولا علي خان، ڪوڏ رگائي ڪڙا.

—

ڪا جهور جهنڊي کي، نکو سيانداد منجهن
ٻوءِ مينهون ڪک چرن، بٽولي لائون لڏيون (۲)

(۱) پارو ٻوجاڻي حقي جو پياڪ هو، ويڻل "بارڻ ڏکر"، بٽلي جو دوست هو ۽ بٽلي سان گڏ ماريو هو. بٽلي جو پاڻيجو ان وقت ڀڄي ويو، پر پوءِ آڏو لڪ لنگهي وڃي وڙهيو ۽ آٽ ماريو.
(۲) جهنڊو، علي خان ۽ بٽلو، ٽيئي پائر هٿ.

لڏنڊ فقط اکيلو جمالين سان گڏ هو. اڳ ۾ آهو ٻلي کي سامهون ٿيو.

اچي لڏنڊ لوڙيون ڪندو، جيئن ڪنوڻ ڪنواڻي
خان جهلي کيڙي ۽، تنهن جي سڄي سرواهي
ٻلي ٻيهڻ ٿي نه ڏنو، ويو ڪني سين کائي.

ٻلو بي سڀار، جا ڪري سا پاري
هڪڙيون ملهايائين مينهون، ٻيا ملهايائين ميهار
کيڙا ڪڙئي ڏار، تنهن رات رڳايا رت مان.

سگهڙ ڪيڏا خان واري روايت

ڪنيڙاڻ (هيءَ جڏوءَ جهانگارن ڪان ٥-٦ ميل اُتر- اولهه جي ڪنڊ تي آهي) تعلقي سيوهڻ ۾ ٻلي جي ٻڌي آهي. ٻلي کي جنگو خان جمالي مارايو هو. ڪاڇي ۾ ڪوسن جو زور ۽ ظلم وڌي ويو هو. اول اول ۾ ڪوسن، ڪڪڙاڻي جي نڻين ۽ شهيدن جي لڪ (تعلقو جوهي) تي، شاهاڻين جي ڪوٽ کي قريو. اتي راڏو شاهاڻي تنهن کي مارياڻون. انهيءَ ڪان ٻوءَ شاهاڻين جي زالن کي چياڻون ته توهان جي وارڻ جي رت جا ٽيڪا اسان جي ڪڙن کي لڳا آهن، سي ڏوئي ڏيو. انهيءَ تي مابن ڪاريون ٻوتيون ڪيون ۽ بلوچن وٽ ويون ته: اسان جون ڪاريون ٻوتيون لهرايو (يعني ويڙ وڙي ڏيو). مايون آخرڪار جنگو خان جي گهر آيون، مگر جنگو خان ڀاڻ گهر ڪونه هو، باقي سندس ڀاڻ عرضي خان ويٺو هو، تنهن مايين جون ڪاريون ٻوتيون لهرائي، ٻيا ڪپڙا ڏنا (يعني ته ويڙ وڙڻ جو ٻاڻ ٻنهنجي سير تي ڪنيو). جڏهن جنگو خان گهر آيو ۽ مابن وارو سمورو قصو ٻڌائين، تڏهن ڀاڻ کي چياڻين ته: عرضي خان! ڪر ڏاڍو ڏکيو ڪنيو اٿئي، پر هاڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي. انهيءَ

عرصي دوران، بٹلو بڏائي سندس پيءُ جو لاش، ڪنيڙاڻ کان ڪٽائي، چنيءَ واري مقام ۾ پورائڻ لاءِ آيو. ايتري ۾ جنگڻو ۽ لشکر وٽي وڃي اتي پهتو. بٹلي کي چيائين تہ يا مرڻ لاءِ تيار ٿي يا پيءُ جو لاش چڏي وڃ، آءٌ پاڻهي پورائيندمن. بٹلو لاش چڏي هليو ويو. جنگو خان لاش ۽ پورايو ۽ ڪانڈيو ۽ ڪيائين (اها مذاق ڇڻ رت وارن ٽيڪن ڏوئڻ جو عيوض ڪيائين). ان بعد بٹلو لشکر وٽي آيو ۽ رحيم خان جي ٽنڊي کان اولهه طرف لڳ ٽوڙ جبل تي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪي ماڻهو ڪٽيا، ۽ بٹلو ٻنا سوپ ڪرڻ جي واهس ويو. ان بعد جنگو خان، هتان شاهاڻين، لٽندن ۽ جمالين جو لشکر ساڻ ڪري ڪنيڙاڻ تي چڑهائي ڪئي.

بٹلو بڏائين ۾، اڙهنگ عطائي
خان جهليو ڪيڙي سان، سڻي سرواهي
مٿي پڑ پائي، وهيو رت ريلا ڪري.

—

بٹلو بڏائين ۾ ٽو سورهيه سڏائي
نڪا وڃ واڙي ۾، نڪا ٻينگهي ٻائي
ڪير ڪنديون ڪاهي، جيڙي بڏائي جون.

—

بٹلا بي سيار، ڪيئي سي هار
هٹي هٹ هاڪاري، وڏي ڏيهه منجهه ڏهڪار
اندر روئن راڻيون، ٻهر ٻڌين ٻار
ڪيڙا ڪيڙي ڏار، رات رڳيا رت مان.

—

گبر نوحاڻي ننگ تي، آيو سرد سچي(۱)
سڪيلا سرواهيون، هنيا نر نچي
کا ر کجان کچي، بٽلي بيگ بدام جي. (۲)

مينهيون بٽلي بيگ جون، آندارون اچن
نکا جهٽڪ جهنڊي جي، نکو ميانداد منجهن (۳)
ڪٽنديون کيهون ڪن، جن جون رهيون
وڇون واڙي ر.

آڏر آڏر ڪٽونجڙي، جهنڊي ڏيج سلام
سيسي بٽلي بيگ جي، جهڻي ويا جوان
ٽ، ڀهري ٽاهو لڳا، نڪارا نيشان
ٻوءِ جهنڊي علي خان، ڪوڏ رڳايا ڪڙا. (۴)

نبي بخش خان لٽنڊ جي روايت

مرحوم ميان نبي بخش خان لنڊ، تعلقي جوهيءَ جو وڏو داناڻ سگهڙ هو. ساڻس سندس ڪوٺ ر ڪچهري ٿي، جنهن ر هن جنگ جي ٽاڻن جا هيٺيان بيت ٻڌايا:

بٽلي جهڙا ٻٽڙا، مر چٽي سائي
ڪنا ڪهڙا هٿ ر، اٽن ويڙهه جي وائي

---

(۱) نوحاڻي جو ٽالو گبر هو. (۲) گيلا هن جي نه کجان، جو هو به وڙهيو.
(۳) جهنڊو ۽ ميانداد، پئي بٽلي جا پاڻ.
(۴) پي روايت: آڏر آڏر ڪونجڙي، جهنڊي ڏيج سلام
ويروه مان واکو ڪري، ڪوسا نڪتا خان
سيسي بولي بيگ بداماڻي جي جهڻي ويا جوان
بٽلي جهڙا خان، مر ڪا مائي جڻي پٽڙا.

ٻڌاو ڪين هٿ ڏي، ويس سڪيلا ڪائي
سرمي سائينداد جي، جنهن ڪٽڻي ڪڙڪائي
تو ٻڌي ۽ پائي، ٽيا ٽي پائر ٻڌي بيگ جا.

—

سڄ لهي سانجهي ٽي، جهنڊي موڪليا سلام
ٻڌي ٻڌي بيگ جي، جهڻي ويا جوان
ٽي پهري ٽاهو لڳا، لڳا نغارا نيشان
پوء جهنڊي علي خان، ڪوڏ رڳايا ڪڙا.

—

پنج ڇٽ عرضي جا، پنجئي ساماڻا شينهن
اڻن شوق شڪار جو، گهمن راتيان ڏينهن
پوء ٻڌي جهڙا شينهن، سري سور شهيد ٽيا.

۳. ميان نورمحمد جو کوسن کي هڪالي ڏيڻ

"چيني" (تعلقو جوهي) کوسن جو مرڪز هوندو هو. چيني‌ءَ کان ڏکڻ طرف ٽکر تي، گولي جي ٻٽ شهداد کوسي جو قبو آهي. گولو مٽي جبل ۾ رهندو هو. گولي جو ڪن ڪالهين تان ٻنهورن سان تکرار هلندو پئي آيو. انهن ٻنهورن مان حيدر ٻنهور، چيني‌ءَ کان اتر-اوپر جي ڪنڌ تي، ٽون ميلن جي مفاصلي تي، ديهه "اراڙو" ۾ ويٺل هو. اتي سندس مسجد اڃان تائين بيٺي آهي. ٻيو "قيصر ٻنهور"، "ساستاڻي" ۾ رهندو هو. ڀائن کان اتر-اوپر طرف ۵ ميلن جي فاصلي تي سندس مسجد اڄ ب بيٺي آهي.

گولي کوسي وارا مال هٽي سنڌ ڏانهن ويندا هئا. هڪ دفعي هنن ٻوڪن ۾ ڀائن جي وچ تي، ايندي وقت، ٻنهورن جو مال هنيو ۽ هلندا اڇي ديهه بشام ۾ علي مراد خان شاهاڻي جي ڪوٽ جي ڏکڻ ۾ منزل ڪيائون. ٻويان ٻنهورن کي ٻ مال جي خبر پئجي ويئي، سي لشڪر ڪاهي اچي متن ڪڙڪيا. سخت مقابلي کان پوءِ گولو کوسو مارجي ويو. سندس قبر ٻ آتي ٿي آهي. آن جهيڙي جو فيصلو پوءِ وري ميان نصير محمد ڪيو، جنهن موجب اولهه طرف جبل کان وٽي "ناڑي" تائين يعني اوپر طرف سيوهڻ تعلقي جي دنگ تائين، ٻنهورن جو سڄو علاقو خون جي عيوض کوسن کي ڏنائين. پوءِ کوسا زور وڃڻ لڳا ۽ انهن راڄن کي تائي ڪنيو. پوءِ خود ميان نورمحمد (وفات ۱۱۶۷ھ/ ۱۷۵۳ع) ٻ هنن جي مارائڻ پٺيان پيو. هڪ ڏينهن پڳ وارا روحلاڻي کوسا، جيڪي هن وقت "ڪاڙي" تعلقي ڪڙ ۾ ويٺل آهن، تن کي ميان نورمحمد خداآباد ۾ گهرايو.

جڏهن اهي آتي اچي بهتا ۽ اندر گهڙيا، تڏهن يڪدم دروازا بند ٿي ويا ۽ ماڻهو هٿن تي ٽٽي پيا. جعفر ڪوسو ترار لڪايو ڪٽيو هئي آيو، تنهن وڃي وٽي يڪدم مير بهرام تي حملو ڪيو، پر مير ڪيڙي آڏي ڏيئي بچاءُ ڪائي ويو. ٻوءِ ترار ڪٽي وار ڪيائين تہ ڪيڙي توڙي جعفر منجهان وڃي باهر ٻڌي. انهيءَ تي شاعر چيو تہ:

"اڇي ويو بهرام، ڏ تہ دست جڙهيو هو ديوَ جي."

ٻوءِ ستر راڇن گڏجي ڪوشش ڪري، انهن ڪوسن کي آتان تڙي ڪڍيو، جنهن کان ٻوءِ هو وڃي جيڪب آباد جي پاسي رهيا.

۴. گنڈيري مٹڈاڻي ۽ نوڙين جا مقابلا

گنڈيري مٹداڻي جي سورهيائي ۽ لوڙهين هڻ وارو دؤر خاطريءَ سان معلوم ڪونهي. هيٺ ڏنل روايتن ۾ لس ٻيلي جي حاڪم ملڪ پاهڙ خان ۽ ان پءِ سائي چاڪلي جا نالا اچن ٿا، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهو دؤر ۱۱۲۵-۱۱۵۵ھ (۱۷۱۳-۱۷۴۲ع) وارو هو.

حاميد خان رند جي روايت

گنڈيرو پٽ مٹڈو جو هو ۽ انهيءَ ڪري "گنڈيرو مٹڈاڻي" جي نالي سان مشهور ٿيو. هو گبولن جي "ٽوئنڊا" پاڙي مان هو. نڊيي هوندي گهوڙي سواري جو شوقين هو ۽ وٽس خاصيون گهوڙيون هيون. اُن وقت گنڈيرو ۽ سندس عزيز موجوده تعلقي ميرپورساڪري جي ديهہ "ڪيراڻي" ۾ ويڙل هٿا. هڪ ڏينهن سندن ٻيڑ وٽن آيو، جنهن وٽ قَر سان هڪ گهوڙي هئي، جا گنڈيري کي وڻي وئي. ٻيڑ کان گهوڙي گهرائين. ٻيڑ چيو تہ: گهوڙي کين ڏيندس، باقي ڇوس تہ هي ٻيهاڻ پل ٻڌي ڇڏي. اها ٻيهاڻ رنگ جي گيري هئي. گنڈيري چيو تہ: انهيءَ گيريل جهڙيون سون وٽ ۾ آهن. ٻوءِ ٻيڑ جڏهن موڪلايو تہ ڪيس ڪٽي وٽان درياءَ جو پٽڻ آڪارڙ لاءِ گڏ جي آيا. گهوڙي ٻيڑيءَ ۾ چاڙهيائون، ۽ ٻيهاڻ، جنهن جي واڪ گنڈيري جي هٿ ۾ هئي، سا زوري بڦل هٿي وڃي درياءَ ۾ ٻڏي. ٻيهاڻ جي طاقت ڏسي گنڈيري ٻيڑ کي چيو تہ: آءٌ ٻيهاڻ سانڍيندس. ٻوءِ اها ٻيهاڻ گنڈيري جي "گيري" نالي سان مشهور ٿي، جنهن جي زور تي گنڈيري وڃي لس (لس ٻيلي) ۾ لوڙهيون هنيون.

گندہو وڏي همت وارو ۽ سورهيه سڙس هو. سنڌ چڏي وڃي لس جو مال هٿندو هو. ائيون هٿندو هو تہ پنهنجي نالي ۽ نشان خاطر هڪڙي جي پڇ جي چوٽي وڏي پويان چڏي ويندو هو تہ پل تہ واهر وارن کي خبر ٿوي تہ گندہو مال هنيو ٿو وڃي. ان وقت لس بيلي تي ملڪ پاهڙخان جي حڪومت هئي، پر گندہو کو مڙڻ وارو هوا هڪ ڀيري چام پاهڙ خان جي ويجهي منزل هئي، تہ ہ اڇي لوڙهہ هنياٿين ۽ پڇ وڏيل لڏي ڏاڇي جا پويان چڏياٿين، سا خود پاهڙ خان ۽ سندس لشڪر ڏٺي:

"لڏي گڏي هئي لہ ۽، پهرٿين پاهڙ کي."

حاجي محمد سوڍي بگهياڙ جي روايت

گندہو لس سڃي ۽ لوڙهہ هٿندو هو. سندس گهوڙي "گريءَ" هئي. اصل پنهنجي پيرا کان گهوڙي گهرياٿين. پير جيس تہ، گهوڙي کين ڏيندس، باقي هي پهاڻ ٻڌي چڏ. گندہي چيو تہ، انهيءَ گريل جهڙيون مون وٽ ٻہ آهن. پوءِ پير چيو تہ، مون کي پٽڻ آکاريو.

گندہي وارا کيراٽي ۽ ويڙل هئا. ٿئي وڃان پير کي ٿي آکاريائون. ٻڙيءَ ۽ گهوڙي چاڙهياٿون. چاڙهڻ وقت پهاڻ ٻڙيءَ تان ٽٽل هٿي وڃي درياء ۽ پئي. واڪ گندہي جي هٿ ۽ هئي. اتي سوچياٿين تہ هاٿي پهاڻ آڻ سائيندس. پوءِ پير کان اها پهاڻ ورتائين. گندہو پوءِ هتان کاوڙجي ڪچ جي راجا وٽ وڃي ويٺو. آتي گهوڙيون ٻن پهرن تائين پلاٽي چڏيندو هو. راجا انهيءَ جو سبب پڇيو، ۽ گندہي ورندي کانہ ڏني. هڪ ڏينهن لوڙهہ لڳي. گهوڙيون تيار ٻڌيون هيون، يڪدم چڙهي وڃي ورايائين. پوءِ راجا کي چياٿين تہ لوڙهيون ٻن پهرن تائين لڳنديون آهن، انهيءَ ڪري گهوڙيون پلاٽي ٿو چڏيان.

سنڌ ۾ هوياڻ مائي چاڪليءَ جي ڏينهن ۾ برفتن زور ورتو، تن ڪرمتين کي هڪالي آڻي گهاري تائين ڇڏيو. پوءِ مَلڪ ابراهيم چيو تہ وڃي گنديءَ کي آڻيو. چون ٿا تہ هت مَلڪ، گنديءَ کان مُنهن موڙيو، سو هو وڃي جاتي ويٺو. اتي ڪڇ جي جاڙيجن جون هنيل لوڙيون ورائيندو هو. هيڏانهن هيءَ حال ٿيو جو برفتن جي وڏيل زور سببان، گهاري مان هروڇن جون آڻيون مٿي حب ڏي چڙهنديون ٿي ڪين هيون. تڏهن مَلڪ چيو تہ وڃي گنديءَ کي آڻيو. گنديءَ آيو ۽ چيائين تہ: آءٌ ٿو مٿي جبل تي وڃي ويهان، ۽ پوءِ آڻيون ٻڌ اڇن.

گنديءَ پوءِ عيوض ۾ نومڙين جون لوڙيون هنيون، تڏهن ٻيلي جي ناٻن مائي چاڪليءَ جو حڪم آندو تہ آڻيون واري ڏيو. گنديءَ چيو تہ ڪونہ ڏيندس. چئي:

چوريءَ ٻڌي چاڪليءَ، مٿي ٻڌيءَ ٻاڪ
تڏ ٿي ڪري چاڪ، جڏهن ڏاڙهي ڪانهي ڏيهه ۾.

انهيءَ ڏڪي تي هو هتان لڏي ويا. گنديءَ پوءِ وڏي وڃي لس جي حد ۾ لوڙهه هنئي. ڪوٽ جي پران اڇي لنگهيو، تڏهن ڪو ماڻهو سندس نالو ڇڻ آيو تہ:

"ڪهڙو آهين ڪرمتي، تنهنجا ٿا نومڙيا نانءِ ڇڻ؟"

گنديءَ وراڻيو تہ:

آءٌ غازي آهيان گنديءَ، مون کي ٿا آن جا سورهيه سڃاڻن
سدا ڪس گريءَ جو، آهي انڊي کي اڪين
مَنداڻي ميرين جون اڪي ٿيون اويڙيون اڇن (۱)
جن جي ونگا ور ٻاڪڻ کي، سونهريون سونهن
جي سري سنڌ سڄڻ، سي سور منداڻي آڻيا.

---

(۱) اويڙيون لوڙهيون، زبردست حملي واريون مال جون ڪاهون.

گنڊ ۾ ويڙهو ٿيو تہ "بيگ" ٻيلي ۽ ساماڻو، تنهن
ڇيو تہ هاڻي گنڊ ۾ اچي مقابلو ڪري. ٻوءِ گنڊ ۾ ٻيلي ۽ ويو.
بيگ جوڪيي اولياء جي قبر ڏيٽي ڪئي ۽ چيائين تہ گنڊ ۾
مون کي سامهون ملي. گنڊ ۾ چيو تہ جي بيگ قبر تو
ڏئي تہ ڪوڙي (نقلي ٻڪري) آڻ ۽ پير جي آڏ ۾ ڏيندس.
هڪ ڏينهن اچي هڪٻئي سان گڏيا. گنڊ ۾ مٿس حملو
ڪيو تہ سامهون ٿيو ئي ڪين، ائين وڃي گهوڙو وڌايائين.
اچي "ڪري" هويان لاڏي ڪنيائينس. بيگ ۽ گهوڙي تي هو،
گهٽو پڳو، ۽ گنڊ ۾ هويان لڳو ويس.

پڇي پڇي بيگ، تہ بہ گڏ نہ ڇڏي گنڊ ۾
چاڻي مارو لوڪ، تہ لائق لوڏي ماريو.

گنڊ ۾ جڏهن پير مرد ٿيو تہ سندس پاڻيجي چيس تہ:
ماما، تون هاڻي گهر ۽ ويهہ، هيءَ گهر تنهنجو پنهنجو آهي.
کي ڏينهن اتي رهيو. هڪ ڏينهن مائي چيس تہ: ماما،
ويڙو آهين، ٻارڙو ٻيو روئي. تون ٻينگهي کي لوڏ تہ
ماڻ ڪري. آن ڏينهن ئي گنڊ ۾ گهر چڏيو. چيائين تہ:
عهدي الله ڏنو منهنجو مٽ آهي، ان سان آڏ مقابلو
ڪندس. ٻوءِ گنڊ ۾ وڃي الله ڏني جو مال هنيو ۽ چيو تہ:
اسين فلاڻي هنڌ مال ڏوهيون ٿا، عهدي الله ڏنو اچي تہ
بڏائجوسن.

عهدي الله ڏنو، وڃي هنو، ڇڙهيو ڇٽائي.

ٻي واهر اڳ ۽ ڀهتي. هڪ مڙس سامهون آيو، تنهن کي
گنڊ ۾ کيرائي پاڪر ۽ نپوڙيو ۽ اتي ئي ان جي مٿان
ٻيو رهيو. سندس پاڻ گڏ هو، تنهن چيو تہ: ساما، مال
اڳتي ويو، آئي تہ هلون. گنڊ ۾ چيو تہ: منهنجو مٽ
عهدي الله ڏنو پاڻهي اچي مون کي ماريندو، باقي گهر
هلي ٻينگهو کونہ لوڏيندس.

گندہي جي مرڻ کان پوءِ لس تان لوڙيون لٽيون.
ٻي ڪنهن کي همت ڪانہ هئي جو لس جو سال هٿي.
تڏهن ڀاڪو آي وڄيو تہ،
"سندائي سري، چڏيون واڪون ورائي."
سندس مرڻ تي پوءِ سندس پاڻيڄ جي زال پار ڪيو تہ،
گريءَ مٿي گندہي، آئيءَ آبتو پير
سندائي سري ويو، ٻيو لس کاهيندو کير.
هڪ ڀيري گندہو حج جي هرپان، جبل جي ڏکي چاڙهہ تان گهري ٽپائي آيو، جنهن ڪري ان تي ٽالوئي پڄي ويو "گندہي وارو لڪ" يا "گندہي وارو جبل".
اڄا تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي(۱). گندہي جي پترائين قبر ٽڈي جي ٿڻ تي "ملڪ طوطا" جي مقام ۾ آهي.(۲)

---

(۱) ماريپور وارا مڇي مارينڊ ڪناري کان اڳتي اندر سمنڊ ۾ جڏهن رڇ پوڪيندا-(رڇ وڄهندا) تہ اڏو ٽين ڪرين سان ڪنهن ڪڪ ٽڪري ۽ 'گندہي جبل' جي چوتيءَ جي سڌ ملائي نشان ڪندا، پوءِ ٻئي ڏينهن انهيءَ سڌ ۽ نشان تي رڇ ڦولي لهندا.
(۲) اها قبر آڳاتو انهيءَ مقام جو معائنو ڪندي اسان ڏٺي هئي.

۵. جنگي خان ۽ جمالين جي جنگ

برفتن ۽ جوڪين جي نزاع ۾ اس پهلي جي چاچا عالي ڪٽوريي (۱۷۴۲-۱۷۶۶ع) جوڪين جو پاسو کنيو. پنهنجي سپهه سالار "جنگي خان" ڏيوڙاڻي ٻڙي کي جيڻين ڏي وڃي پاڻ ڪري چڏين. مگر برفتن نه مڃيو ۽ وڃي ڏنڊي رحيم خان (تعلقو ڇوهي) جي جمالين کان مدد گهرياڻون. ٻوءِ "آڇي" جي سرحد تي وڃي جنگي خان، جمالين کي ماريو. ٻوءِ وري جمالين "ڪڙهم" واري لڪ تي جنگي خان کي ماريو، جنهن جو تفصيلي ذڪر "پيلاين جا ٻول" ۾ ڏنو ويو آهي.*

آحدي رتيي آڇٽي، ٻارڻ جڻن ٻيڪڻن
هيڏانهن ميرسرجوڪ سين، هوڪڪي ساڻ ڪڏن (۱)
انهين آهيجاڻن، آهن آڏي ويڙا آڇي. (۲)

—

آڏي ويڙا آڇي، تحقيق ڪياڻون تورو
آنٽياڻون آفين جو، ڪڍياڻون کورو (۳)
ٻوءِ ٻاهه منجهان پورو، منجو ڪتو سون جو. (۴)

—

* ڏسو "پيلاين جا ٻول" ٻيو چاپو (۱۹۷۲) صفحا ۱۸۶-۱۹۸.
(۱) سرجوڪ جمالي: ڪڪو = رنگ جو پورو يعني جنگي خان ڏيوڙاڻي ٻڙي، جنهن کي شاعر "نير" لازايو آهي. (۲) يعني جمالين کي هٽائي ڏنگ ڪري پٽا. آڏي پٽا. (۳) آفين = آفيم. کورو = ٽڪو. (۴) پورو، يعني جنگي خان.

۶. آڇٽي واري جنگ

هيءَ جنگ مَلڪ هِنَن حملائي ۽ سورن جي ڦڙ ۾لڳي. جهمپير کان ڏکڻ-اولهه، 'آڇٽي' جو مڪان' مشهور آهي. مَلڪن جو پاڻ هِنَن' ٿٽ جهونجهار حملائي پنهنجن سان ڏ ٺهيو، سو لهي سنڌ ويو. اتي بہ پاڙن کان پوءِ ٽين' جو ڏک ٽيس، سو سنڌ چڏي جبل ڏانهن هليو ويو. آڇٽي جي وڏي ڪَلَ (ڏوري) تي اچي لٿو. وٽس سينهڙون هيون، جيکي آتي چرڻ لڳيون. اهو پڻ 'سورن' جو هو، آتي 'ڏيئا سورا' ('سورن' جو هڪ ٻاڙو ڏيئا) ويڻل هئا. هِنَن' لڏو لاهي ويو شڪار تي. هڪڙي ميائي سندس وهاريل هئي. آها ويڻي هئي، جو سوري اچي سينهڙون کڌيون ۽ لڳن سان ٽٽن کي گهٽ هڻي چيائين تہ: مار، ٽَنَ' تہ کيڏا آهن! مائيءَ چيو تہ: جيکي سانڍهن جون ڏيئون هوندبون، تن جا ٽَن ۽ وڏا هوندا، باقي هڙ'ڙين' جي ڏيئن جا ٽَن ننڍا هوندا. مَلڪ هِنَن آيو تہ مائيءَ کيس چيو تہ: سوري ٽٽن ۽ گهٽ هڻي مينهون لوڏيون. مَلڪ گهوڙي تي چڙهي، سورن جي ڪوٺ ۾ آيو. سورن جو وڏيرو 'طَهِير' هو، ان کي چيائين تہ: "جاڙيجي (دودن جي جنگ ٻڌي اٿي؟" چيائين تہ: هائو. تڏهن چيائينس تہ ٽيئي ڏينهن هن ڪَلَ تي پنهنجي 'جاڙيجي' اٿي. طَهِير چيو تہ: اڄ ئي ڪٿي ڪر، تي ڏينهن ڪوم ڏوجهين؟

سنڌ ۾ هِنَن وڃي جاڪرين ويٺو هو، جيکي (ڪَلهي لڳ) 'اڪري' ۾ ويٺا هئا. هِنَن هوءَ آيو جاڪرين ۾. جاڪرين چيو تہ: سورن جي ڇوڙ جڏا اسين آهيون. هِنَن چيو تہ: نہ، آءٌ پنهنجي پاڻ ۾رفت ڪي جڏائيندس. برفتن، جو

هڪ ڪماني هوندو هو(۱)، سو اُن وقت حملائين سان سَرجٹوڪ هو ۽ جاڪرن جو ڪماني ٿيو "پينَن". پالاري ۽ ملڪ پينَن سان پيڙا ٿيا. هالي پالاري چيو ته: جاڪرا آهن سنڌ جا ماڻهو، متان جنگ هارائَني وڃهن، سو اڳ ۾ ٽين پالاري. اها ڳالهه بدي جاڪرا ڪاوڙيا ته اسين آهيون گيدي ۽ پالاري آهن پَهڙا هالي چيو ته: ڏون چيو ته اوهين جاڪرا آهيو سهڻا، سي ٽورا مَرو ۽ پالاري آهن ڪُشائيگ (ڪوجها)، سي ڀلي گهڻا مرن، هاڻ ڀلي اوهين اڳ ۾ ٽيو.

آڏو سورا آڙوَن (ڪُڏڻا، مورچا) ڪري ويهي رهيا هٿ. هي جي پڏرا ٿيا ته وڃي جو بندوقن جو ڍڙ ڏاڻون ته جاڪرا جي جتان سي تتان وڃي ڀڳا. پينَن ڪماني ۽ بابُو حملائي وڃي رهيا. پينَن گهوڙو ڇڏيو، سو وڃي سوڙين ۾ ٿيو. زره جو ٻيڙو ڇُٽل هوس. سوري پالو هنيو، سو وڃي سيني مان نڪتس. باقي بابو ڪي ڪيرايائون، ۽ پالاري پويان اچي پهتا، تن ڇڏايو. هيڏان ٻيت انهيءَ جنگ بابت آهن (۲):

سردار سَڀين مهند ۾ ڪٽن ۽ ڪاڻو(۳)
سردار ليئو سوڙهه تي، وڻس هو وهاڻو
ڏيڻي ٿر ڏاڻو، اڏي ويڳا آڇي.

---

(۱) برفتن جو ڪماني هڪ هوندو هو، جيڪو بابتو ڪنيو ٻيٽو هوندو هو. بابتو لوڏيائين ته جنگ شروع ٿيندي، ۽ جي ڦيريائين ته جنگ بند ٿيندي.

(۲) روايت سڳهڙ الله بخش پالاري.

(۳) سردار، يعني پينَن ملڪ.

اڈي ويٺا آڇٽي، ڪيا احدي اوتارا
ٿر ڏٺيون مڙي ڏکڻ جي، پکهين جي پارا
سورا سوپارا، ڏني "طهير" تي ترار مؤن.

—

ڏني "طهير" تي ترار مؤن، ناه ڪنڈوءَ ۾ گهٽ
نيزو نانگوءَ هٽ ۾، سٽيا ڪٽي ستَ
اندر ڪير اگهٽ، تر اڇا بر سوائي ساماڻو.

—

"سوائي" ساماڻو وڃي، پر اڇا طهير جوڏس تورو
ٻيو "ڪڪو" ڪڏي اٽيو، سوين ڏانهن سورو
آڻيو ٽي آڻير ڪي، ڪشيائين ڪورو(۱)
منجهان باهه ٻورو، سڄو نڪتو سون جو.

—

سدا سامهون سوپ تي "پنڻ" پنجاهيو
تنهن جهونجهاراڻي جنگ تي، ڪاوڙجي هو ڪاهيو.

—

جا پر جاڙيجن جي، سا هنڌ وڏائين هول
جي هٿس هوليگين سين، سي ٻهٽون پاريائين ٻول
.....، جڙهيا منجهه جوڌول.

—

هاڻي بانڪا "بابوءَ" شير سين، پڙ ۾ پالاري
اهو ڪيڇڪڙ "گاجي خان" ڪيو، جنهن جي
چيڙي چڪاري
هاسي ويو هٽ جي، هئي محمد خان سين ميار(۲)
ائين آسون آڻ تي، اهي هٿيگ پالاري
اهڙا پرجهلا پاري، جنهن جو هاڻو حملائين سين.

---

(۱) آڻيو = ڪاڏو. (۲) هاسو = ٺرار.

پنھنجا جان پروڙيو تہ، مھندان مڙس مڙن(١)
ٽالا وڻان ڪيترا، ٽا پاڻھي پروڙجن.

ھرڻ سيکھا، ڦاڙھا سيکھا، تينان سيکھا سي
آڇٽيءَ اکڙي وچ ۽ ٽپا ڪيائون ٽي
ھاڻي خالي ڏي ڪني، اوٽو اڇي ڪوتہ ٽو.(٢)

چنيسر ۽ جاکرو، ٽا جٿيري جوان سڃھن(٣)
سانين سيڪٽ اڙائيا، وڌيون آھن پوريون پنجاھين
ٽيلھياٽون ٽھيرَ کي ڏني گھور گھٽن(٤)
ٻڌا ھار حسين کي، موراڻي منجھن(٥)
اھڙي آھجاڻ، وجي احدين ورتي آڇٽي.

جن چھہ ۽ چوڙي چڏيا، پاري پنھنجا پل(٦)
ھيڏانھن جٿلھ آندي جنگ تي، ٻاڙي ۽ تل
ڪڙو ڪڍيو کسونبو، دارون ڪيائون دل
ڪيلي ويڙ ڪل، وجي ڏاڻون ڏيٽن جي.

ڏسي جھڳ جھڳ جھور، بابو وچي ٻيو ٻاھہ ۽
تنھن "الله رکيا" تي آٽياري، ڇڏي وڏي ٻور
رکي رب بچائيو، زره جھليا ٽي زور
نہ تہ بابو ۽ ٻور، پنھن گھاء ٻرڙا ٽيا.(٧)

---

(١) مڙن = ڇڏن. (٢) اوٽو، ٻاڙو جاکرن جو. (٣) ٽھيرَ لالائي حملائي. (٤) حسين شودو برفت لالائي. (٥) چنيسر سورو ۽ سامھون جاکرو. (٦) پل = ٻلا گھوڙا. (٧) بابو حملائي، جيڪو پنھنجي سان گڏ ھو ۽ کيس پالارين بچايو ھو. گھاء = والگر.

۷. ڪيرڻين واري جنگ

جبل (ڪوهستان) ۾ سانڊي ڪي "ڪيرون" چون. "ڪيرئين" جي ساڪي ڪالهه تان اڳ پروچن جي ٻن قبيلن جي وچ ۾ جنگ ٿي هئي، جو ٻهاڪو هليو ته "ڪيرئين خان وڙهيا" يعني ڪيرئين (سانڊي) جي ڪالهه تان خان وڙهيا. اها ڪالهه ڪا ٿوري ڪاڻ هئي. آڳاٽي وقت ڪان وسي قبيلن ۾ اها ميچيل ڪالهه هئي ته جيڪو "بائٽ" تي آيو، تنهن کي ٻناهه ڏني ۽ جيڪڏهن ان تي ڪا جلهه ٿي ته ٻاڻ قربان ڪري ۽ اُن کي ڇڏيو.

"ڏڻي" جي ڏڻ (ملير ڏڻ ڪان اوپر) تي هڪ طرف ڪرمتين جو ڪوٽ ۽ ٻئي طرف جوڪين جو ڪوٽ هو. جوڪين جي ڇوڪرن سانڊو ڊوڙايو، سو لنگهي هڏن طرف ويو ته ڪرمتين جي ڇوڪرن ڇيو ته مارڻ ته ڏيندا سون، جو ٻناهه اڇي ورتي اٿس. انهيءَ تي ڇوڪرا وڙهيا ۽ ٻوءِ ٻنهي طرفان وڏن جي وچ ۾ ڏڻي جي ڏڻ تي جنگ لڳي. هيءَ ٻهرين جنگ هئي، جيڪا "ڏڻي جي ڏڻ" تي لڳي. ۽ اهو مقابلو راڄدارن جي وچ ۾ هو. "ملڪ" يا "چاڻ" ان ۾ ڪين هئا. ان وقت ملير ۾ ڪرمتي قبيلا طاقتور هئا ۽ انهن جو ملڪ اُن وقت "ملڪ محمد ٻيٽو" هو، جنهن جي هٿ ۾ ٻيٽيون جاڙيون آڳريون هيون. ڪن جي چوڻ موجب ان وقت "ملڪ طوطا" هو.

—

٨. ڏڏي واري ۾ جنگ

"ڪرين" واري جنگ" اڃ لڳي هئي، جنهن ۾ طرفدار وڙهيا، پر اڪثر شامل ڪين هئا. ان ڪان پوءِ ڏڏهن ۾ جنگ لڳي. ڏڏهن اتي ڪرمتين جو سردار، سڪ طوطا هو. جوڪين ماڻ آن وقت ٻجار همت پريو ٻڙهن ساڻو هو، پر اڏو زور ڪونہ هو. ٻاڻ ۽ سندس ماڻهو ڪنگوري طرف رهندڙ هئا ۽ اتان جب ۽ ملير طرف آيا هئا، سندن گذران ۾ ڏکيو هو. هيءَ جنگ ڪهڙيءَ ڪالهہ تان لڳي، سو معلوم ناهي، پر سڪ طوطا جي طرف وارن ڪئي. ٻجار ٻاڻ سگهڙ هو ۽ سندس لنگهو ۾ شاعر هو. ڪچهري ۾ لنگهي کي چيائين تہ جنگ هٿن طرف ڪئي، ۽ پنهنجن کي ڪجهہ ڪاءِ. ڏڏهن لنگهي چيو تہ: شاعر سچ چوندو آهي. آءٌ جي اڪر ڪالهائيندس، سي تون ٻڏي متان قصور جين! ڏڏهن ٻجار چيو تہ پٽ ڇو ۽ ٻل تون سچ ڪالهاءِ. ڏڏهن لنگهي پٽ چيا، جن مان هڪ هيئون، جنهن ۾ چيائين تہ: ايجان سڪ توکان مڙسن ۽ توڙي مال ملڪيت ۾ وڌيڪ آهي، سو تون ان سان ڪيئن پڄي سگهندين!

ڪيڏانهن طوطا ڪيڏانهن تون، ناهيين ستت سڪ جو.
جيترين ميرين سڪ آڻي، اوترو آن نٿو آڻين تون.
هيت ڏٺ، ڪنگر هيرون، ٻا آهن پنڊن ۾.

—

۹. مڪليءَ جي پهرين جنگ

مڪليءَ جي پهرين جنگ ڪرمتين ۽ جوڪين جي وچ ۾ آڪاڙو لڳي. ان وقت جوڪين جو اڳواڻ بجار هو، پر احيان مٿس "چامائي" جو لقب ڪونہ هو. ان وقت پڳ مريداڻين تي هئي. چام سريد جي پٽ ڪريمداد جي وقت ۾ بجار طاقت وارو ٿيو. راڻي ارجن کي ماريائين ۽ ميان غلام شاه سندس پوري پٽپرائي ڪئي، جڏهن تي ڪريمداد کان پڳ ڇڏايائون ۽ بجار کي ٻڌايائون. مريداڻين جي آخري چام ڪريمداد سنہ ۱۱۸۸ھ (۱۷۷۴ع) ۾ وفات ڪئي. سندس قبر مڪليءَ تي ميين علي شيرازي جي قبي کان اتر طرفان ويجهي آهي.

ڪرمتي جب، ملير ۽ ساڪري جا "مَلڪ" هٿ. ڪين اورنگزيب بادشاهہ جاگيرون ڏنيون هيون. مغلن کان پوءِ ۱۱۵۰ هجري ۾ "نئي سرڪار" وارو سنڌ جو هيڏيون لاڙ وارو علاقو ميان نورمحمد جي هٿ ۾ آيو. ڪرمتين جي طاقت ڀڃڻ لاءِ هن خداآباد مان مٿن لشڪر چاڙهيو، جن جب، ملير ۽ ساڪري ۽ ڪرمتين تي ڪاهيو.

ڪنيو خدا آباد مان ٻارهن هزارن
سنڌ، چپر، ساڪرو لٽيو لباسين
آئي مَل ملير تي، ڳهل وڏي گهوڙن
ملير سڀ ملهائيو، مائي "عزت" جي پٽن.

انهيءَ حملي ۾ نوڙڪ خان ڪرمتي جي پٽن پاڻ ملهايو. سندن ماڻ جو نالو "مائي عزت" هو، جيڪا وڏي حوصلي واري مائي هئي. ڪرمتين ملير بچائي، پر هوءَ ڪلهوڙن

طرفان جام بجار ۽ جوکين جي ٻيڙائي ٿي. هيڏانهن بجار ۽ هوڏانهن مير مزار پنهنجن پنهنجن لشکرن جا اکوڙ هڻا. پنهي ۽ مکليءَ تي جنگ لڳي، جنهن ۾ مير مزار قٽيو، ۽ کرمتين پڙ کٽيو ۽ جوکين جي هار ٿي.

مير مزار ان وقت جوان هو ۽ وڏي همت وارو هو جو چيائون تہ:

"مير مزار، هيکلي هزار"

جوکين کان انهيءَ جنگ ۾ جڏهن مير مزار قٽجي آيو تہ ماڻ چيس تہ: سون توکي بنا وضوء جي ڇڄ کائڻ پياري، ابا، تون ڪيئن گهائجي آئين! انهيءَ تي مزار چيو تہ امان، مون کي انهن ڏکيو آهي، جن جنون مائرون بنا وضوءَ جي زمين تي ۽ ڪڏهن کين هليون آهن. سندس اشارو جوکين جي مرشدن، سيد ميين عالي شيرازي جي اولاد مان هوين جي ٻيين ڏانهن هو.

۱۰. سيري يا اؤنگر واري جنگ*

هيءَ جنگ چام ۽ بجار جوڪيي ۽ برفتن جي راڄدارن جي وچ ۾ لڳي ۽ سنڌ جي حد الدر اؤنگر (ڪوٽڙي ۽ جهرڪن جي وچ تي) وٽ لڳي. اڻ جو هڪڙو مکيہ سبب لس ٻيلي جي سياست هو، جو لس ٻيلي جي چام عالي ۽ سندس لشڪر هن جنگ ۾ چام بجار جوڪيي جو طرف ٿي حصو ورتو.

برفتن ۽ جوڪين جو پاڻ ۾ آڪاڻي وقت کان وڌي نزاع هو. سنہ ۱۷۰۳ع ڌاري ملڪ ڀاڳ خان جيئن طاقت ۾ آيو ۽ لس ٻيلي جو حاڪم ٿيو تہ برفت قوم جي طاقت وڌي ويئي. ڀاڳ خان جي وفات کان پوءِ جوڪين جي چام بجار زور ورتو، جنهن جي اڳواڻيءَ هيٺ جوڪيا برفتن سان وڙهيا، ۽ ڪمزور ٿي اڇي "حب-وات" (۱) ۾ "الله-ٻني" تي رهيا. الله ٻني وٽ جنگ ٿي، جنهن ۾ جوڪين جو ٿر ۽ سامان ختم ٿي ويو ۽ جهيل جو ٻچ ڏٺ طور ڪائي گذران ڪيائون، جنهن ڪري اها جنگ "جهيل واري جنگ" جي نالي سان پڻ مشهور ٿي. پوءِ قيصر خان پنسبي جوڪيو سمنڊ رستي سامان ۽ بارود ڪٽائي آيو ۽ جوڪين حملو ڪري، برفتن کي ٻوٽي هٽايو. باوجود انهيءَ جي، جوڪين ۾ ايتري طاقت نہ هئي جو هيٺ سنڌ ۾ ملير طرف اڇي سگهن يا حب

---

* هن جنگ جو ذڪر "پيلاين جا ٻول" (پيو چاپو، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنہ ۱۹۷۰ع، ۾ اڇي چڪو آهي، ۽ جيئن تہ اها جنگ سنڌ ۾ سنڌ جي راڄدارن برفتن ۽ جوڪين جي وچ ۾ لڳي، جنهن ڪري انهيءَ جنگ وارو ذڪر وڌيڪ تفصيل سان هت ڏجي ٿو.

(۱) يعني حب لڏي جو ڇوڙ، لڳ ڪراچي.

وٽ ويهي سگهن، انهيءَ کري چام بجار کجهہ وقت لاءِ هٿي وڃي آئل ۽ لياري جي وچ تي "ٽڪيان" (۱) تي ويٺو.

انهي وقت ڏاري (سنہ ۱۱۵۵ھ/۱۷۴۲ع) چام عالي (وڏو) لس جو حاڪم ٿيو. مائي چاڪلي کي تڙي ڪيائون، جا پنهنجيءَ ننڍڙي ٻٽ عزت خان کي وڏي اڇي ڪوڙي ۾ رهي. انهيءَ کري برفت قوم جو زور ٽٽڻ لڳو. ٻئي طرف چام بجار زور ورتو: هڪ ته چام عالي جي ٻٽ غلام شاهہ کي پنهنجي ڏيءَ پرڻايائين ۽ ٻئي طرف سنڌ جي والي ميان غلام شاهہ جي ڀيڻپائي حاصل ڪيائين. ٻوءِ چام بجار نہ فقط ملير وارو ملڪ هٿ ڪيو، پر ڪڇو اڪثي وڏي اڇي جهرڪن ۽ سال واري جوءِ ۽ برفتن جي "ڪهڪهي جي سيري واري جاگير" تي قبضي جي ڪوشش ڪيائين. ان وقت عزت خان قلات جي خان وٽ رهيل هو. ڪيس اتي رهايو ويو. هو ته متان برفتن جي اڪوائي ڪري، لس ٻيلي تي حملو نہ ڪري، پر اچان برفت قوم جا راڄدار ۽ معتبر ماڻهو وڏي طاقت وارا هٿا. دريا خان، مزار ۽ ديگي سندن اڪواڻ هٿا، جن جوڪين جي لشڪر کي تڏي جهليو. جيائون ته: جيسين عزت خان نہ ايندو، تيسين ڪهڪهي جاگير جي فصل مان هڪ سنگ ۾ نہ ڏينداسون. انهيءَ تي چام بجار، چام عالي کان مدد گهري، جنهن خان قلات سان صلاح ڪئي. جوڻ ٿا ته خان صاحب، عزت خان کان پڇيو ته: برفت تومان ڪيئن ٿا هلن؟ عزت خان جواب ڏنو ته: ڪڏهن ڪيئن، ڪڏهن ڪيئن. انهيءَ تي خان طرفان چام عالي کي اجازت ملي ته ٻئي چام بجار سان گڏجي چڙهائي ڪري، پر جي برفت باز نہ اچن ته کين آڻ ميجائي صلح ڪرائي.

---

(۱) 'ٽڪيان' جو ڏورو = 'ڪانٽو' ۽ 'پورالي' گڏجي ٽڪيان جو ڏورو ٿين ٿا.

چام بجار سڄي ملير ميڙي، جوڪين جو لشڪر گڏ ڪيو. قلات طرفان ڪي هروهي سپاهي چام عالي ڪي مدد ۾ مليا ۽ هيو لشڪر لس جو ساڻ ڪري چام عالي چڙهيو(۱) ۽ ٻنهي لشڪرن گڏجي اچي اوڏنگر تي ديرو ڏنو. آڏو برفتن جي راڄدارن، دريا خان ۽ ديگي خان جي اکواڻي هيٺ ديرو دمايو.

برفت ۽ چام عالي سان اڳ سگيٽا هٿا ۽ برفت وڏيرن چام عالي ڏانهن ميڙ موڪلي تہ: مقابلو اسان ۽ جوڪين جو پاڻ ۾ آهي، تون ٽئلي وچ ۽ وچ ۾ نہ پئو. چام قبول ڪيو، پر چيائين تہ: آڳ جو آيو آهيان ۽ هنن مون ڪي سڏ ڏنا آهن، سو اوهين هينئر "ها" ڪريو، باقي ٻنهنجي وٽي ڪان ٻوءِ جي اوهان انهن ڪي جواب ڏنو تہ آڳ ري چڙهي ڪونہ ايندس. برفتن اهو قبول نہ ڪيو ۽ چيائون تہ: هينئر "ها" ڪري ٻوءِ انڪار ڪونہ ڪنداسون. ها تہ ها، نہ تہ نہ! انهيءَ تي چام عالي ميڙ موڪلائي چڏي، تنهن تي برفتن مان ڪنهن چام عالي کي ٿنديو تہ:

پٽرس پٽراڻي ساڻ ٻي، مٿندين ڪيئي نہ سن
پوئين تنهنجي پڏري، نہ آئي ڪانيٽاڻي کي ڪر. (۲)

ڏسي ڏونگر سير، سميون منٽ آئيون (۳)
عالي! تون نہ اوڙنگي، جهڙو ڪچو قيدي سير (۴)
ڪٽر هٽيئي ڪنهين، جهڙو بڏو بيرڪ ٽير (۵)
تون ڪوڙيجو ڪير، سڙيون جهلڻ ڪر سمي جو. (۶)

---

(۱) لس جي راڄن سان پٽرا ۽ ماندڙا چام عالي سان نہ چڙهيا، جو چيائون تہ اسين پنهنجن پائرن برفتن سان نہ وڙهنداسون.
(۲) ڪانيٽاڻي = برفتن جو پاڙو. (۳) منٽ آئيون = ميڙ ٿي آئيون.
(۴) اوڙنگي = شاهاڻو. (۵) بڏو بيرڪ = چابلو پڪر (رنگ جو هلڪو ليرو)، ٽير = پڪر. (۶) سمون = ابڙيجو.

برفت طرفان جنگ جي تياري ٿي ته عزت خان جي غير حاضريءَ ۾ سندس پٽ درياء خان مهندار ٿيو.

عزت خان قلات، ته عالي ٽو جاگير گهري
دريا خان ديرن ۾ ڪنهن جي ڪَن نه ڏٺي
سهيرون جاگيرون جنهن جا سو سَر عزت خان اڇي
اسين آڻي ري، نه ڏيون کا سيرٽي سَنگ جي.

درياء خان جي جوکيي ۽ چام عالي جي لشکر ۾ اک ٿي نه پئي ٻُڌي، چوي پيو ته: هي جي ٻيڏي آيا آهن (۱) سي کيڏانهن ٿا وڃن!

دعويٰ دريا خان سَن ۾، ٿو دَڙي مٿي دنگ
ڪيو ڪَشا ڪُميت جا، تاڻي ٻڌو تنگ
سندا سيهري سنگ، تُرندا تارٽين وچ ۾.

—

خان ته دريا خان، پيا حملڪ هزارين هٿا (۲)
هڪ پينٽيي ويرنه پڇڻو، پيو ڏٺي مهمانن کي مان (۳)
سو سيهي سَٽيو سانهه، نه ته پُٺور وڃائين پَچري. (۴)

دريا خان بندوق جي ڏڪ سان ماريو، تڏهن وري پاڻس جنگي خان جي سرداريءَ هيٺ جنگ شروع ٿي:

جنگي خان جنگين ۾، هو هميشه هاڻو
سو "نارو" پٽ ننگر جو سورهيه ساماڻو
جيڏي جنگي خان تي، کو هوند نه هيماڻو
ڪائينداڪاڻو، جهونجهار کو جهيڙو.

جنگي خان ۽ دريا خان جا ۾ پاڻيجا "مرزان" ۽ "ديگي" پنهنجي ڪوٽ ۾ هٿا ۽ اتي جا ڇڳا مڙس هٿا. انهن کي

---

(۱) ٻيڏي = ٻڌڪٽڻ وارا. (۲) حملڪ = حملاڻي برفت. (۳) پينٽيو = گهٽو ميڙ، جنگ. (۴) سيهو = بندوق جي گولي؛ پَچرڻ = پوئتي هٽائڻ.

خبر پئي تہ آيا. کين ٻيرن "دٹنبين" جي ٻيماري هئي، سو جٹيون لاڻائون ۽ راڄ کي چيائون تہ: هن عارضي سبب جٹي ٹا لاهيون، متان هوءَ چئو تہ جنگ ۾ جٹيون لهي ويون. انهيءَ تي سڄي راڄ جٹيون لاهي ڇڏيون.

برفتن جي سگهڙ لنگهي براهم گهنڊاري بيت چيا تہ:

"مرزان"، "ديگي" چڙهيا، ٻئي جوان وڃي جاما
تہ اڄ اسان جا چڙهيا، سڄ مٹي ماما
آلا آنين" کي ۽ ڏئين کا موڙن ملاما
جي کيائون کلاما، سي هاريندا ٻنهنجا.

اوڏنگر هاڻي آندو، ڪکر مان ڪاري
پسو رؤنشو رڪ جو، ٹو ديگي ديداري
جهڙ ڪهه جنگي خان تي کيا آهن وڇڙين واري
دريا خان ڏاري، آڇهه ۽ چڱيرن جي.

اوڏنگر اوتاران، ٻوم ڏٹي "بارڻ" جا
هڪڙا تازي طبلن ۾، ٻيا رکيين ٻيران
راماڻا رڻن ۾ ٹي ساري لوڪ ستمان
گوگري گڏيان، متمين مقابل نہ ٹيا. (۱)

دريا خان چيو هو تہ: اهي ٻيڏي ساڻي آيا، سي کيڏانهن ٹا وڃن! فتح بعد ان تي چام بجار چيو تہ:

جن ٹي ٻيڏ ڪٹي ٻيڏين، تن جي کهين خان کپائيا. (۲)

تنهن تي براهم گهنڊاري شاعر جواب ڏنو تہ:

---

(۱) گوگري = جبل ۾ ڪڳر لاهيندڙ، انهيءَ سيٹ جي معنيٰ تہ: ويچارا مرد برفت گوگرين ۽ ٻيڏين لس وارن هٹان مارجي ٻيا.

(۲) کهيون = لنڊيون ڪوڏاريون، جن سان ڏير جو ٻيوڙ يعني ڏير جي ٻاڙ ڪٹي مال کي کارائين.

جيئن ڏسي چيائون، انهين هيرين آڏيا
لاف پنهنجي لاڪ ڪري، اچي رڻ ڪي رتائون
اي رب جون رضائون، بي ڪوتهه انهين ڪانڪا.

سگهڙ الله بخش پالاري جي روايت

ملڪن هتان چام بجار ڪي پڇائي چڏيو، جو هوءَ وڃي قلات جي خان کي سڳ ڏنائين ۽ آتان لشڪر وٺي آيو. اؤنگر تي چڙهي آيا، آتي برفت ملڪ هٿا. پهريائين صلح ڪيائون، تڏهن پيا سڀ برفت هليا ويا، باقي ستر چگن مڙسن جي رهي. صبح جو بندوقن جا ٽڪاءَ ڪري جوکين چيو ته، صلح کونه ٿيو، جنگ ٿيندي. هوءَ ستر مڙس ملڪ ماريائون.

جاسين هئين چام بجار پڌ تي، تاسين هوءَ نيشانبر نالوءَ
پوءَ سوڙهو ڪري ساهه جو، لينءِ چڏين لس.

سنڌ سيڙي ساڪرو، لس سيڙيئي لاءِ
پيلي کان پاهر پئي وڏا ڪيئي ڪلاءِ.

سگهڙ ڪيڻا خان جي روايت

"بارڻ" ۽ "اؤنگر" واري جنگ ساڳي هئي، جنهن ۾ چام بجار چوکيو، چام عالي جي مدد وٺي آيو. برفت گهٽا هٿا، تنهنڪري جوکين سائي جهنڊي ڏيکاري، جا صلح جي هئي (ڪاري جهنڊي جنگ جي). صلح وارڻ جي ڪري برفتن جو گهٽو لشڪر پوئتي موٽيو، باقي ساڪر (يعني سڪر ماڻهو) وڃي رهي. جوکين صبح جو وڙي ڪاري جهنڊي ڏيکاري. جنگ لڳي، پر برفت ٿورا هٿا، سي سيئي مارجي ويا.

براهم گهنڊاري جا چيل بيت

سيرٽي نه ڏيون سهيڙي جي، جيسين ڪورايون نه ڪپار
هالو هنڌ تان نٽو چري، جنهن ٻوڏن لٽو ٻار
الهداد آڻايو، ڪيو قربشيءَ ڪاڻ.

..... لاکو لک ٹو لهي
هر همٽ عالي چام جي رڪ ۽ نٽي رهي
آٽيا الهداد سين، اهي پالاري پهي.

—

سونهاري شهبيگ تان سگهڙ ڪٽج سر.

—

پيري تنهن هادين سان ڪوڏان ڪهريون ڪن
انهيءَ ميڙي جون مصريون مڙيو مارا ڪن
پٽر جن جا پڏرا، اهي پٽ ڏڪا ڪن
اهڙا آچار جن، سي مر پوڻن مهند ۽.

—

لس، بارڻ، سليم جون نيٽون ٽي سڄهن
ٽيٽي ٽڏي آئيون، وچين جهڙي وَن
ميان کي مشاهدو ٿيو، پٽر ڏا ڇڇن (۱)
ڪيئن ڪرهيو پاڻ ۽ چپر وڏيرن
سڄ چام ڇڄار، براهم چئي، سچون ائين ڪجن
هوءَ ساريون پراڙن، پاٿي ڪٽيهي ڪل هوندي.

—

چا مٿنهنءَ تي چورَ، وچين ويس ورائيا
هيڏانهن ڪانپاڻائي ڪاوڙيا، جن جي مورين جهلياست
مرزان ديگي مهند ۽، هرهي آڻيا پٽ
ڪياڻون جنگ جوکين سين، اها ٻالين جي پکت
دايون پنهنجي درين تي، بازاريون ۾ هٽ
سينهن گهٽائي ستوکي چڏيا، چانگهي چارڻ پٽ
اندر ڪير آگهت، اها براهم چئي، بڌ ورٽينءَ جي.

—

(۱) ميان کي = ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي.

هيڏانهن ٻ آڙاڻي آسريا، جن جي ٽيلي ٻڏي ٽکور
پالهين پالا سهڻا، هتين هول ڪنگور
سونيءَ سچ نپائيا، مرڪيُ ماريا مور
لاکيٽو لکميبر هو، جانو جهلي جهور
اهي ٻڌيءَ منجهه ٻڌرزا ٽيا، ذرا منجهه زور
ايڏا آيڏ آتور، ڪکين ڪونڊر چٽائيا.

چام بجار جو بيت ۽ براهم لنگهي جو جواب (۱)

جوڪيا ٻ ڀڻي ڏنعا "باڙڻ جي سيرِي" تان برفتن سان وڙهيا، ٻر ٻڙي نه سگهيا. پوءِ چام بجار وڃي لس ٻ سڳ ڏنا ۽ آتان لشڪر چاڙهي آيو، پوءِ برفت مٺا. ان بعد ڪڇهري ٻ برفتن جو لنگهو براهم ويٺو هو، جو چام بجار جوڪيي ڪيس چيڙڻ لاءِ هيءَ بيت ڏنو. چام بجار وڏو سگهڙ هو.

براهم! بهادرن جي ڪجي ٽن ٻ طور تپاس
مٽان آٽيون ماڃڻيي، رڪ پيٽائون راس (۲).
تنهن باڙڻ ڪي شاباس، جنهن جهلي موج ملير جي.

"مٽان آٽيون ماڃڻي" يعني ماڃڻي جي پاسي ڪان تراريون آيون ٽيون. "باڙڻ" مان برفتن جو طرف ۽ "ملير" مان مراد جوڪين جو هاسو.

تڏهن براهم جواب ڏنو تہ:

لَس براهي لاءِ، مٽڪ ميڙي آٽيون (۳)
تون جو ڪهي قلات وئين، ڪهڙا ٽپ ٽاريءِ!
تڏهن ٽي برفت ماريءِ، جڏهن وڻون ڏنيُ وتريون.

---

(۱) راوي هاشم گبدو، تعلقو ميرپورساڪرو. (۲) ماڃڻيي، لس ٻ، جتان لس جو لشڪر چام بجار جي مدد لاءِ آيو هو. (۳) براهي = بروهي.

وٹون ڈنيئي وتريون، تون ٹو چائين چام
سڏئي سيالن جا ڪچا ٽي ڪلار
ويچيونءَ وريام، سر تان سوڪاتون ڈيئي.

لعل بخش حملاڻي جي روايت

چام بجار ڪچهريءَ ۾ بيت ڈنو تہ:

لافون پنهنجون ڏافون ڪري هنيون ٽي هٿن
ور منهنجي ٻيڏ ڪٽيي ٻيلين، تن ڪٽهيين "خان" ڪپائيا.

براهم لنگهي ان جو جواب ڈنو تہ:

لافون پنهنجون لاکون ڪري، اچي رڻ کي رتائون
هٿا چڙهيل جن تي، سي ٻہ چٽهي چڏيائون.

يعني تہ دريا خان وارا گهوڙن تان لهي پيا هٿا ۾ اچي جنگ ڏنائون.

هن جنگ بابت هيٺيان بيت سٽنگر نالي شاعر چيا.

پانڌي ٿو تہ اول خود چام بجار جو کيئ هن جنگ بابت کي بيت چيا ۽ پنهنجي فتح ۽ سرسي کي ڪپائين. پوءِ جواب ۾ سٽنگر، مگن ۽ ٻين شاعرن بيت چيا.

اؤ نگر اوتاران، پرم ڏي پارڻ جا.
واڻن هون هڙا، ٻيرين رکابان (۱)
ستوئا جگ سندان، رڻ راماڻا آن جا.

ساري سنيهو، سٽنگر جو، وڃي کو چاکر-هيءَ کي چوءِ (۲)
تہ جو ڪيا هوءِ جنگ ۾ جو متئم مداروءِ (۳)
جت، ڪرمتي، جاکرو، جي پٽر پانجو ڪيوءِ (۴)

---

(۱) اصل. ٻيرا رکابان. (۲) ر. وڃي کو بجار کي چوءِ. (۳) ر. هوءِ جنگ تي. (۴) پانجوءِ پنهنجو.

تہ نکي سرائي سڏڻين، نہ برڪت آت پڻليوء (١)
پيو سيهڻ سڏائو سنڌ جو، سو سوڻي مدعي ٿيوء (٢)
هر چڻهي ٿي "چاڪر" جي، واري ويو وڏوء
ڪري گور گهنگهيءَ تان، آن تان آڻائيوء (٣)
بيت ڏيڻي بجار سين، قد مر بڏي ڪوء
ساهم جو سڏوڙهو ڪيوء، تڏهن ليٺي چڻهين لس تي. (٤)

ليٺي چڻين لس تي، کهڙا ٽپ ٽرياء
تيلاه مير مارياء، جيلاه وڻون ڏنيونءِ وٽريون. (٥)

وڻون ڏنڊي وتريون، چانٽو ڪين چام
سر تان سوغاتون ڪري، وڃي وراهيونءِ وريام (٦)
آجهي پٽي "عالي" جي، وڃي سرڻ ٽئين تون سام (٧)
نايو مير نصير کي ٽي سهسين ڪياءِ سلام (٨)
هي به ڪٽا ڪنهن ڪلام، نا تہ مير سرڻ جا ڪين هٿا. (٩)

عالي، بجار آڻيا جهان جهان ڪري جهام
سنڌ ميڙيائون ساڪرو، لس ميڙيائون لام
هيڪڙو نوازيا نصير خان ٽي، ٻيو ميان ڏڻ مام
ٻيلي مان باهر پٽيي، سڏائون سلام.
تان ديرو دريا خان نہ ڪٽي، ڪوڏو ڪريءَ ڳام (١٠)

---

(١) ر. 'تہ نہ سرائي سوڻين، نہ برڪت اتي پليوء'. آتش پليوء = توتي ڪاوڙ ڪشومت ڪئي. (٢) يعني سنڌ جو حاڪم مير فتح علي خان تالپور. (٣) ان تان آڻائيوء = چاڪر توڪي تيار ڪيو. (٤) اصل. سوڙهو ڪيوء. (٥) يعني تہ سگ ڏنائين. (٦) ر. ورهاياء وريام. (٧) جام عالي خان ڪٽورو، لس جو والي. (٨) مير نصير خان، قلات جو خان. (٩) يعني برفتن جا سردار. (١٠) لشڪر جو ديرو نہ ٻيو ڪٽي.

بجار بهادر ڏي، تو جي سدا وڃي سام
هي ٻ ڪٿا ڪنهن ڪلام، نا تي ميرسڙ يائي ڪينڪي.

—

جانگيين جهونجهارن ڪي "عالي" عقل ڏي
تان دريا خان ديرن ۾، ڪنهن تي ڪن نه ڏي
مزار موڙن مينهڙو، ديڳي دنگ نه ڏي
چئي: آهن جاگير جنهن جا، سو سر عزت خان اچي
اسين آنهين ري، هڪ سيرني نه ڏيون سهري جي. (۱)

—

لس، ملير چام، ڪري ڪٽي آئيين
هڪ نوازئين "نصير" ٿي، ٻيو ميان ڏياءِ نام
هي ٻ ڪٿا ڪنهن ڪلام، نا تہ ميرمارن جا ڪئين هٿا.

—

بيراهي لس ملير، چام سپ ڪري ڪٽي آئيين (۲)
نصير تيلاه نوازئين، بيا هاڻ ٻلي ٽياءِ پير (۳)
بيت ڏيئي بجار تو وهند نه ڪئي ويڙ (۴)
بيا ٻه ڏيپر ٽيلدار هئا، مرد مهائين ميڙ (۵)
هوڏانهن حمل ٻاهڙو ٿي آيو منجهه اڪير (۶)
سي سٺ سٽهين ڪي گڏيا، چوڪا وڃهي چير
"بارن" ڏني ڀيڙ، چام هزارن کي هيڪلي.

—

(۱) ر. سرتي نه ڏيون سڪ جي. (۲) ڪري ڪٽ = ڀهاري ڪٽ.
(۳) اشارو مين علي شيرازي ڏنوي ڏانهن، جنهن جي بجار ڪي دعا هئي. (۴) چام بجار جو ڪيو پاڻ سگهڙ شاعر هو، جنهن هن جنگ بابت بيت چيا، پر بيڻن هم انصاف نه ڪيائين. (۵) "نصير" پاڙو جوڪين جو. (۶) حمل ۽ ٻاڻڙو، ٻئي برفتن جا راج.

لس، ملير، ٻارڻ، ٽيئي ويڙهيون وڏيرن
اهي ٽيئي ٽرڏي آئيون ورچن جهڙي وَن
تن جو ٽلي ٽڪر جهليو، "ٻارڻ" جي بيگن
تڏ "ميان" کي مٺشاد وٺيو، ٻڌين ٻڻ ٻاٽارڻ (۱)
ڪٽي ڪرهيو ٻاڻ ۽ چهر وڏيرن
ٻورا ٻار ڏجن، مٿورا مٿايون جا.

—

خان ته دريا خان، ٻيا حمرڪ هزارين هٿا (۲)
سوالين آئي سنگرو، ڏئي مهمانن کي مان
ڪڏي ڪيهر شينهن جيئن، جنگ ويلي جوان
بجار چوءِ ٻيان، هو اهڙوئي احدين جو. (۳)

—

اونگر تان جي آئيون، سي ڏونگر ڏار ڏريون (۴)
ڇوهڙ ڏاري ڇڪو ڪري ورير وريون (۵)
آتر ڏان جي آئيون سچيون شاهه پريون (۶)
هليو حاڪمن کي وجهن چڪ چريون
ٻيلان جي ٻريون، تن وچي آڙهه اوڏگر تي ڪيو. (۷)

—

آڙهه اوڏگر تي ڪيو ڪنهن ڪاري ڪڪر ڪار
سمن صفون جوڙيون ڏس الاهي اختيار (۸)
ٻڙ گڏيا، بازار ٽٽيي، تيغن چمڪر چودار

---

(۱) غالباً اشارو ميان غلام شاهه ڏانهن، يا ميان سرفراز ڏانهن. ٻاٽارن = سردارن. (۲) حمرڪ = حملاڻي راڄ جا فرد. (۳) هي بيت غالباً چارڻ بجار جو چيل آهي، جنهن ۾ دريا خان کي داد ڏنو آهي. (۴) ر. اونگر جي آئيون ـ الخ. ڏونگر = صبح جي جهجهي ماڪ يا ڪوهيرو، جونڊا آهن ته: "الاهي ڏونگر ٽيو آهي"؛ ڏونگر مثل ترار يون اچي ڏريون. (۵) چوهڙ = مڪان جو نالو. (۶) ڏان = ڪان. (۷) ٻيلان = ٻيلي جي طرف ڪان. (۸) يعني برفتن.

سويائي سردار حي پٽن ڏٽ هچار
رڻ سان راندیون راڻیون، ايڙا پڙ پتار
سوائي سالار، ڪٽي ڪيون پرلون پنجاين جون.

انهين پيرين آئيا، جيئن ٽي چائون
لاف پنهنجي لاک ڪري، رڻ ڪي رتائون(۱)
هوءِ هزارين تي هلل ڪري چڙي چڙ ياڻون
جا پر هاڇاهيءَ جي سا هڇي پاريائون
سنڌ ۽ ساکري کي ٽي کيهه، سين ڪٽياڻون
اهي رب جون رضائون، نا تہ سير سرڻ جا ڪين هٽا.

---

(۱) اصل. رڻ م رتائون.

۱۱. جوکين ۽ لاشارين جي جنگ

جڏهن چاڪر بجار جو زور ٽيو تہ سندس پٽ چاڪر ڪُڏي وڃي پاڙيسري راڄن تي حملا ڪيا. حب ۽ ملير واري ايراضي ۽ آڪاڻي سمن سلطانن واري وقت کان لاشاري آباد هئا، جن مان سردار گهر هئا سلطاناڻي ۽ عالياڻي. سندن مکيہ راڄ مُنڊَيرن جو هو، جن مان چئن پاڙن (مُنڇر، موريائي، شنباڻي ۽ ٻڌاياڻي) جا مڙس هن جنگ وقت موجود هئا ۽ وڙهيا. چاڪر پنهنجا ماڻهو تيار ڪري، انهن کوڻن ۽ موڪليا تہ هلي جهيڙو ڪيڏين تہ مٿان اچي حملو ڪري. پنهنجن جوکين کان سواءِ ٽين ٻين راڄن سان مڙس چونڊي پنهنجو لشڪر تيار ڪرايو. اهي ٽي ٻيا راڄ هئا ڏارا، نانگرا ۽ مهيري. جيئند خان منڊير لاشاري پاڙو ٻڌاياڻي ۽ مريد شنباڻي لاشاري، سي ٻئي سلطاناڻي ۽ عالياڻي رئيسن جا وزير هئا. جڏهن چاڪر اوچتو لشڪر وڃي آيو، تہ جيئند خان ۽ مريد خان جيڪي مڙس گڏ ڪري سگهيا، سي وڃي پاڻ ميدان جهلي ٻڌا. هَسّو منڊير لاشاري، جيڪو وڏو بهادر هو، سو ۽ موجود هو. مَندو منڊير پاڙو موريائي، شاهو ۽ ٻيا ۽ همت ڏريا مڙس هئا، جن ميدان جهليو. قُلُ مُنڇر لاشاري وڏي همت وارو هو ۽ جنگ ۾ ۽ پٽيون ڪٽندو هو، ۽ هن جنگ ۾ ڇڃ جي ڪيائين، جنهن تي هَسّو پويان ترار هنيس، جنهن پنڊڙ ترچي چڏيس. هَسّو، جيئند خان ۽ مريد خان جي حملن سان ڏارا، نانگرا ۽ مهيري چاڪر جي لشڪر ۾ هئا، سي ڀڳا. هَسّو چاڪر سان وڃي چوٽ ڪاڌي، انهيءَ تي چاڪر پنهنجو باقي لشڪر هٽايو. لاشاري ۽ اوٺتي هٽيا ۽ هيءَ جنگ ٻنان ڪنهن هار جيت جي ٻوري ٽي. هڪ روايت موجب هَسّو هن جنگ ۾ ماريو، پر ٻين روايتن

موجب هو "قدمن واري جنگ" ۽ ماريو هن جنگ بابت
چيل ٻيتن مان هڪيان کن راوين کان مليا:

چوري چاکر موکليا کي ڪوڏا منجهه ڪوٽن (۱)
تني هويان اچي ڪي رڻ جهڻ رڃيرين (۲)
هسڻو وڏا هاڪارا ڪيا سرڻ ڪيائين سن (۳)
جن ڏهريون وڙرون ڪنيون سي پائر ڪيٽن پلجن (۴)
قيدي ڪيائين قتل کي هويان ٻچاڙين (۵)
چهڻيو وچي چاکر کي جو هو ڏوڙي منجهه ڏکن (۶)
چاکر ات چڪائون کي رانيون رڃيرين (۷)
هر پڳا "ڏارا" "نانگرا" ٻڌريا پنڌ وچن
"مهيري" تن جي مهند ۽ تاءِ نه جهليو تن.

"منڊو" منجي اڻيو، هو خان ڪٽي ڪيڙو (۸)
شاهي وڏا شوڪارا ڪيا، ڪو ڳاڻپ وڏو ڪيڙو (۹)
جيڏنڊ جهونجهارن ۽ هو عهدي انگيرو (۱۰)
مريد تي ميڙو، آپڻ آوارين جو. (۱۱)

---

(۱) ڪوڏا = همت پريا، لاشارين جي ڪوٽن ۾. (۲) رهيرين = رهيرون ترياريون، جن جي مٿي تي چاندي جي چٽسالي هجي. رڻ جهڻ کي = ست پت ڪئي. (۳) هاڪارا ڪيا = ميدان ۾ هڪلون ڪري، پنهنجن ساڻين کي همت سان وڙهڻ جي ترغيب ڏني. (۴) ڏهريون وڙرون = ٻيٽيون ونڊون، ٻيٽا حصا. (۵) قتي ڪيائين قتل کي = قتل کي ترار هنيائين، جيڪو پڳو ٿي. (۶) هسو ۽ چاکر هڪٻئي جا ڏوڙي ۽ متن هٿ، سو هسو وچي چاکر تي ڪڙڪيو. (۷) چاکر به مڙسن کي پنهنجون ترياريون چڪايون (هنيون). (۸) منڊو لاشاري. (۹) شاهو موريائي پاڙي مان منڌير لاشاري. ڪو ڳاڻپ وڏو ڪيڙو = ڪو وڏو ڳاڻپ ڪيڙو ڪيائين، پنهنجن ساڻين کي منپالي سولو ڪري، وڏو وڙ وڃي حملو ڪيائين. (۱۰) انگيرو = انگ باز ترار هٿندڙ، پلٽي باز. (۱۱) اواريون = ترياريون، جيڪي وارو نه ڏين.

١٢. ٽيپور وٽ مقابلو ۽ مڙسن جون ماهيون*

مٽي گبول ڪڇ مان آنوراڻ جوڪيي جي ويڇهي عزيز کي جيڪو "ٽيپرن" جي پاڙي مان ويرِ وڻي ڏنو. انوراڻ پاڻ وڏي همت وارو هو. سندس ڏيءَ جام بجار جي گهر ۾ هئي، جنهن مان ڇاکر ڇائو. مٽي ڪڇ ۾ جنگ ڪئي، اتي جي ٺڪر کي ماريائين ۽ پوءِ پنهنجي گهوڙي مَل (١) ڀڄائي، ان تي جوکيي کي ۽ چاڙهي، اڇي سنڌ پيڙو ڪيائين. انهيءَ جوکيي جو پٽ "مٺگر" هو، جنهن کي پٺس وصيت ڪئي هئي ته: مٽي گبول جي مدد ٿج. ان بعد جاکرن حسن ۽ ميراڻ جي مهنداري هيٺ، محموداڻي پير (تعلقو ساکرو) وٽان اڇي سنگهارين جو مال لوڙهه هنيو. انهن جي دانهن تي مٽو گبول، هاڙهو احمداڻي، للو ۽ تنگڻي مال ورائڻ لاءِ نڪتا. جڏهن انوراڻ جي ڪوٽ وٽان ٻڌيا ته مٽي ڇيو ته: جي انوراڻ کي ڇاڻ نه ڏيندا سين ته مون تي مڙس جي ميار رهجي ويندي. ويا ۽ انوراڻ کوتو هو. مٺگر جوکيو ٽيپر انهيءَ جوکيي جو پٽ يا ڀاڻ هو، جنهن جو ويرِ مٽي ڪڇ ۾ ورتو هو. جڏهن مٺگر مٽي جو نالو ٻڌو ته سو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڏينهن شادي نه هيس، ته به ڪُڻ ياد ڪري اڇي مٽي مان پيڙو ٽيو. مٺگر کي سندس ڪاڪي ڪاپڙي سمجهايو ته: تنهنجي شادي آهي، اسان وٽ عذر آهي ۽ تون انهيءَ ڪالهه تان لهي وڃ. مٺگر چيو ته: نه، آءٌ ويندس.

---

* هن مقابلي جي خبر پهريائين مرحوم حاجي سُرمان خان بگهياڙ ڪئي. وڌيڪ پوءِ سندس لائق فرزند ۽ سگهڙ حاجي محمد سوڍي بيان ڪئي. ڪي ٻاٽا پوءِ سگهڙ هاشم گبي کان معلوم ٿيا.

(١) مل = مٽي گبول جي گهوڙيءَ جو نالو.

تڏهن ڪاپڙي چيس تہ: چگو، تون هل، آءٌ اڃهو ٽو پويان اچان، ۽ هُو موڙَ چيني اچي سڀني سان ملیو. پوءِ هڪلي اچي هاڻن ڪي رسيا.

جڻ پينگهر پنجاه سين چڙهي، دوروساڻ پنجن
تڻ سڀو پهتو سال ڪي سوڏو ساڻ متن
هاڙهو، بجار، اورڏو ڪيها ٿي جون
ماهيند، ملهخ ليڪيان، ٿيپر ٻيلي تن.

ٻ پتيون مال جون واريائون ۽ ٿي ڏنائون جاڪرن ڪي.

جڏهن موٽيا تہ مَلهو (ملهخ) احمداڻي ملين. خبرون ڏنائون. مَلهي، سڀني کي چيو تہ: تون فَر ڪنيو ٽو وڃين ۽ جَر چڏيو ٽو اچين، جنهن جي لس تائين گِر (گيهل) هوندي. هاڻي آءٌ جاڪرن جي پويان ويندس (يعني: ٿي پتي مال جي ڏيو، پاڻ کي ٿيڪو لايو ٽو وڃين، سو آءٌ سندن هويان ٽو وڃان ۽ اهو مال ورايو ٽو اچان). سڀني چيس تہ، هڪ تہ اڃوکي ڏينهن متُگر جي شادي هئي، ٻيو تہ متُ مڙسن سان ڇڻ جي پيٽي ڪانہ هئي. ۽ جي تون ڇڻين ٽو تہ پوءِ هاڻي هَل تہ هلون، پر تون ٻيهندين ڪونہ، ويندين پڇي! پوءِ اچي جاڪرن کي پڪڙيا ۽ سامهان ٿيا. حسڻ ۽ ميراڻ پرهٽ سڀني گبول ۽ هاڙهي جي دوستي مڃي هئي. سڀني گبول، رهيمي گبول ڏانهن مدد لاءِ ماڻهو موڪليو، پر رَهيمي چيو تہ: ٿيندو نالو سڀني جو، سو اسين ڪين هلنداسين.

ميراڻ ۽ حسڻ پرهٽ هاڙهي ۽ سڀني جي دوستي مڃي هئي. قنبر گبو سندن سلام آڻيندو ٿيندو هو. جڏهن مقابلي ۾ هاڙهو ۽ ميراڻ اچي هڪٻئي کي سامهون ٿيا تہ ٻهريائين هاڙهي ميراڻ تي تڪرار واري. اتي قنبر چيس تہ:

متان هٹين! آڏو ميراڻ اٿي. تڏهن هاڙهي ڪٽي ترار جهلي. پوءِ آڏو ميراڻ ترار واري، سا جهلياٿين ڪاڻ ۽ هاڙهو مٿو.

متان هاڙها هٹين مهندان ميراڻ اٿي، اِي قنبر هاڪ هنئي
تنهن واسينگ واري جهلي، اڪر اِيءَ لهي
سلامي ميراڻ ٽيو، جنهن هاڙهي ڪي هنئي.

مُنگر کي وچ ۾ بيهاريو هٿاڻون ۽ بچاءَ ڪياڻون، پر هن مڙس وڏي پٽي ڏڪ هنيا، سو به ڪريو. اڄا ساهه هٹس جو ڪاڪس ڪاپڙي اچي سيرُ پنهنجي جوڻن تي جهليس. مُنگر ڏسي چيس تہ: ڪاڪا ڪاڙي! پويان ڏاڙهي تران آندئي!! جڏهن انوراءِ ڪوٽ پهتو ۽ معلوم ٿيس تہ مٿو آيو هو، تہ نيري تان لٿو ڪونہ ۽ پويان اهڙو تہ گهوڙو ڪاهياٿين جو جنگ واري ميدان ڪان اڪ ڏيڻاري تي گهوڙو ڪيري سَرِي پيو.

هٹي مٿي ڪي سَن ۾ تہ ايندو انوراءِ
سو واڳهه وڪندي، ڪُرڙ ڪجندي ٿي آيو انوراءِ
اچي ڏڙهه ڏيٽي ٽيو، تہ نيري ڏنو ساهه
مٽي تان انوراءِ جي، نيرو صدقو رد بلاءِ.

انهيءَ جنگ ۾ مٿو هاڙهو ۽ مُنگر وڏي مردانگيءَ سان وڙهيا. راج ملڪ ڪان آتر ويندي پنيور تائين مال جي پويان واهر ڪندي اهي مقابلا ٿيا. راج ملڪ کي ويجهو ڪراٽي ڪٽي درياه لڳ "چٽي پير" (سهٽي وارو) جو مقام آهي. انهيءَ سڄي پيٽي کي ڪنهن وقت "چٽي پير" جي نالي سان سڏيندا هٿا. هن مقابلي ۽ جنگ کي "پوٻت" نالي لنگهي هيٺين بيتن ۾ گايو:

سنگهاريون سرهيون ٽيون تہ سردار صحي ڪندون
مٿو ٻُڌو سال کي تہ جيڏي نہ ڏيندون
جان وڃي واريندون، نہ تہ ڏيندو سير ڏياج جيئن.

—

مينهي کني ٽيو ماءُ، هٿيو وڃن ياءُ
مَل متاري ڏُجهن ڏاري هلائيو سينگار (۱)
واري آڻيو ولهيٽون کيو ٽنگ ڏُڻاءُ (۲)
ٻڌي کوپا ڪيرون، ساهُو ٽيا سوار
ٻير چُٽي جي پڙ ۾، گڏيا پيادا ۽ سوار (۳)

ٻير چُٽي جي پڙ ۾، اڃي چُڪاري چيڙائين
آيو هاڙهو، ونهه ڪاڙهو، وڏي وٽ جهليائين (۴)
پنيور ٻنهي ڪنڌين، آڻي ڪٽوري کوليائين
وڻ سيئي واسيا، چپر چٽ مڪائين
جوپ پيئندا جاڳرا، تيڪون ڏيندا ٽڪائين
ريس نه ڪجي پائيرا، سوئون ڏيندو سائين.

مينهي چيو مَلهه ڪي، ۾ ڪَر آتالي (۵)
پاڻ وڙهون سهين ويرين، ۽ ٻيلان ڙي ٻهليي (۶)

ويڃڻ جو ويرِ آئي جيجهان جهڙ ڪري (۷)
تنهن منجهه سيرل تريو، واهُو وڏيري
آکين آما جهليا، ٽي قضا ايئن ڪري
موڙيو ٽار سيرڪن جا سير ٿو ايراڏي آڻي
مَرڪَ سڪاڻي ماريو، مينهو ٿو ناڪٽا نهاري (۸)

---

(۱) 'مل' مينهي جي گهوڙي هئي. (۲) ولهيون = گهوڙيون. (۳) چُٽي ٻير جو مقام، ڪٿي ٽي گهاري کان ڏکڻ. (۴) وَٽ = مرڻ جي وٽ ورچ. (۵) آتالي = تڪڙ، آڇرائي. (۶) ٻيلان ڙي ٻيلي = گڏ ٻيلهه پٽ ٽي، گڏ پنهنجن ٻين ساڻين سان. (۷) جيجهان = زور سان، چُوهه سان. (۸) ناڪٽا نهاري = عزيزن ڏانهن ڏسي.

تہ اڄ نہ گبول آئيا، نہ مون جي عيسبائي پاسي (١)
آڏ ئي پانهن اسان جي، ڪورئي اصل ئي آهي. (٢)

—

پهريون عشق حسن جا ڪرا! خان جي ڪات سڻائين (٣)
جاڪرن ڪي جٿهاري سيرڙ مار پاڻين (٤)
آڻ تراريون، ناڻون پالو، چوڪا گهاءِ چڪيائين.

—

ڪٽلها سير ڪوريا، رڙ رتو جهونجهيائين (٥)
سٽو هٿي، جولڻ جهلي، ڪٽا خوب ڪٽائين (٦)
گهريو گهوٽ گهوڙيءَ تان ڏاڍو ڏمر ڪيائين. (٧)

—

گهريو گهوٽ گهوڙيءَ تان، ڏمر ناهي يار
سندي پوٽو سجنو لاهي ويٺو بار (٨).
سڻ رهيا، پوٽ جوءِ، ڪجي سرت سنيار (٩)
تيهي ڪٽج تڪڙا پ، ياڳا بيهار (١٠)
ستر ورايو ويرئين، تڏهن ٻڌي ڏيوءِ يار.

—

پوريءَ پٽ، پوٽ جوءِ، هتي سير سٽو هٿو
سير ساركين مڃيو، دربارين ڏٺو (١١)

---

(١) سٽو پاڻ گبولن جي 'عيسبائي' پاڙي مان هو. (٢) آڏ ئي = ڪٻي.
(٣) ڪات = ڪهتَ، جهيڙو. (٤) جٿهاري = ('درياءَ' يعني سمنڊ وارن جو اصطلاح) جٿهار يا وڏي سمنڊ جي ويرَ جو اچڻ. هت معنيٰ وڏي ويرَ ڪي آڻڻ، وڏي آفت آڻڻ. (٥) جهونجهيائين = ڏونڊ يائين. (٦) 'جولڻ' جا ڪرو هو: ڪٽائين = ڪوڙيائين، هنيائين. (٧) گهريو = ڳريو. (٨) سندي پوٽو = سٽو گبول. (٩) سڻ رهيا = اي رهيا، تون پڌ (رهيو گبول، وعدو ڪري مدد ۾ ڪو نہ آيو). چوءِ = چوي.
(١٠) تيهي ڪٽج = آهستي ڪٽج، سنياري ڪٽج. (١١) ڏٺو = ڏٺيو.

ڪسنونبن ڪکوريو، ڪٽن تي ڪيو. (۱)

—

ڪني وقت خان هو، جيئن بداماڻي پير
واڳهين سڻي هٿڑا، سر رکهيبن پير.

—

ڪيل ڪٽاڙيءَ تي، اچي موڪي اپنيا مٽ (۲)
ٻوءِ برين مان آپري تنهن کي ڪل ڪٽوريءَ چٽ
اڳن مٿي مير جي ٽا پيڪن رچن پٽ.

—

جاسين هڻو جيڙو تاسين ڪيائين رَه ريلا
محمودائي مجني جا، آءٌ چڱ پانيان چهيلا
اوسيڙي مان ان جي ٽي آٽيا اوريلا.

—

پر مرکي جو ماريو، سو تون "ٽيپر" نه ٿهلائين (۳)
چاچي چام بجار کي، سرکي موڙ ٻڌائين
"ٽنگبو" تو آجاريو، ٽيپر ميرڻ ملهايئين. (۴)

—

ٻوٽو وڙاور پير جو، ڏوهت چام بجار
جيکو پچين پچ تون، وچي ست پيڙهيا سردار

---

(۱) يعني ته جڏهن جنگ نه هوندي هئي ته هو وڏي شان سان رهندو هو، آفير جي ڪسونبن سان سندس اکيون ڪکوريل هيون ۽ ڪٽ تي خمار سان وهندو هو. (۲) ڪلهه ۽ ڪٽاڙي مکانن جا نالا، جتي موڪي جو ميخانو هو. (۳) يعني مُگر، جيکو ٽيپر پاڙي مان هو. (۴) تُڳبو= چپر ۾ تُڳڻي وارو تلاءُ، جتي اصل جوکيا وينل هئا. 'تُڳبو' نالي ٽيپر پاڙي جو وڏو ۽ ٻڌ چام بجار جي وقت ۾ هو.

ت ’منگر‘ ات ٹي ميڻڙون ڪيون، وڙهي ڏٺي ن، وار (۱)
گهوڙيءَ گهوٽ ڪڏائي، ’ساتلاڻي‘ سوار. (۲)

—

سڄي ٽهيءَ ڪار مان آڻهيڙ ڪونہ ٿيو
ٻيڙي ڏئو ٽيهريون، منگر ٽي ماريو.

—

ميڻا! توکي سرائين ساريو، جڻ هور رندين ۾ شهزاد (۳)
تون پاڻارين پڏرو هڻين رڀارين ڌهدار (۴)
ٻاروچاڻي لڄ لاءِ هڻين ساماڻو سردار
ٻهڳڻ ٻهراڻي تي توڃا هٽ هنزار. (۵)

—

مڙيد ميڻو موڪليو ت ونڻ تون ڪيهرين ڏي
سو جوڙي جڪي آڻيو سڄون سڀ ڪري
ڀوڻو مندري مير جو، ڏوهٽ ’راڏين‘ ڪي
وجهي تڙاري توريان ت آ طوطا جي توري (۶)
هرجي وجهي تڙاري توريان ت مڙڪي ميرٽو سهائي. (۷)

—

هين هوڻين بيت ۾ شاعر، ميڻي ڪي ملڪ ڪان ٻہ ڪٿر ٿو ڪري. ميڻو ٻهادر ٻہ هو ت ڀلو مڙس ٻہ هو، جو ٻين لاءِ سير ڏنائين. آن وقت ميڻي لاءِ ماين پٽڻ ڪيو ت:

---

(۱) ميڻون ڪيون = (ميڻ = ڪست مان چپ وات ۾ ۽ منهن ۾ گهنڊي) ڪاوڙ مان جلهون ڪيون. (۲) گڏائي = ڪهائي. ساتلاڻي = ٽپيرن جو هڪ پاڙو. (۳) رندن ۾ شهداد = شهداد، رند سردار مير چاڪر جو پٽ هو، همايون کي لشڪر جي مدد ڪيائين. (۴) پاڻارين پڏرو = ٻهادرن جي مجلس ۾ مشهور. (۵) ٻهراڻي = ملڪ مريد، جيڪو وڏي ملڪ ٻهر جي اولاد مان هو. (۶) طوطا جي توري = وڏي ملڪ طوطا جي برابر. (۷) مير مريد ڪان ٿو سرس ٿئي.

ميڻو ميرين منجهه ميرهو
ڀاراتي ۾ ڀير هو.

ميڻي، هاڙهي ۽ مڱر جي بهادريءَ جي ياد ۾ پوءِ ملڪ مڙيد ۽ ڪرمت راج پٿر جون "ماهيون" ٿهرايون. گنڊين مثل اهي چهه فوٽ ڪن گول منارا، پٿر واري پيٽي لڳ تلاءَ ڪان اتر طرف ٻڌايا ويا. پاسي وارا ٻئي ميڻي ۽ هاڙهي جي نالي ڪيائون ۽ وچون مڱر جي نالي، جو جنگ ۾ مڙسن مڱر کي پنهنجي وچ ۾ ڪيو هو تہ جئن سندس بچاءُ ٿئي. اِهي ماهيون مڙسن جي بهادريءَ جي يادگار طور ٻڌايائون، باقي مڙس ٽيئي "قدمن واري مقام" ۾ رکيل آهن.

۱۳. کلهوڑن جي لشکر جي ڪرمتين تي چڙهائي

ڪرمتي بلوچن جي قبيلي جي مَلڪ پنهنجي قوم تي ڏيهه گورا ٻڌا ته اهي ساليانو ڪلهوڑن کي ڏين. پوءِ غلام شاهه ڪلهوڑي چيو ته: سون کي پنجاهه روپيا گوري جي حساب سان ڏيو. اُن وقت گوري جو مُلهه ڏهه روپيا هو، سو ڪرمتين قبول نه ڪيو ۽ مڱڻن رکي ٻنا ماني کائڻ جي ڪلهوڑن جي ڇوڪريءَ سان اُٿي آيا. انهيءَ تي ڪلهوڑي لس ٻيلي جي حاڪم پاهڙ خان ڏانهن مصلحت لاءِ لکيو. پاهڙ خان چيو ته: انهن تي ڪنڪ چاڙهي ختم ڪريو. پوءِ خداآباد مان ڪنڪ چڙهيو، انهن اڃي ملير تي چڙهائي ڪئي. ان وقت ڪرمتي بلوچ سڀ ملير ۾ ويڻل هئا.

هن جنگ ۾ جن قومن حصو ورتو ۽ جن شخصن بهادري ڏيکاري، انهن جو احوال شاعر ٽوهر گدي جي بيتن مان ملي ٿو، جيکي هن بعد شامل ڪيا ويا آهن. انهن موجب تفصيل هن ريت آهي:

ڪلهوڑن جو لشکر ارڙهن هزار هو، جنهن جو اڳواڻ جمالين جو سردار عالم خان هو. ملير ۾ ڪرمتين جو مَلڪ حيدر خان هو، جنهن کي صلاح ڏيڻ تي ڪلهوڑن جي لشکر سان ڀڃڻ پيٽي ڪانهي، ڀچي هلون! پر حيدر خان چيو: اهو لشکر هزارن ۾ آهي، ۽ جي لک ميڙن، تہ به آءٌ نہ ڀڄان.

هوڏانهن عالم خان ملير ۾ پهتو تہ سامهون مقابلي ۾ (ڪرمتي) بلوچ ڏسي، چوائي موڪلياٿين تہ: آءٌ تيسين لشکر کي ترسايان ٿو، جيسين اوهين پارهچا ڪيو، حفاظت واري هنڌ تي موڪلي ڏيو. ڪرمتين پوءِ ٻار ڪيو. ڪرمتين سان سندن پائر راڄ گهول ۽ ٻيا ٻيڙا هئا.

هالو مبارڪائي ڪبول نمازي شخص هو، هميشه پاڻ سان وضوء لاءِ پاڻيءَ جو ڪَرو ڪٽندو هو، اهو بہ ڪَرِي سوڌو جنگ ۾ ٽپي ٻيو ۽ ڪلهوڙن جي لشڪر سان ڏاڍي وڙهه ڏنائين. آخر مارجي ويو. پوءِ (ڪبول) تازو هڙيل هو، تنهن ڪي گهر ۾ چڏي ويا هٿ، سو چوري گهوڙي (ٻنان سنڇ، اولاٽي گهوڙي) تي چڙهي وڃي ڪين رسيو ۽ چيائين تہ: مون ڪي زال ڪري ٻڌڻ لاءِ چڏي ٿا وڃو چا؟ انهيءَ تي ڪيس تسلي ڏنائون تہ: وڃون ڪونہ ٿا، تون وڃي سنبري آءُ. آهو ۽ وڃي گهران ترار ڪٽي سنبري آيو ۽ جنگ ۾ وڙهيو.

ڪلهوڙن جي لشڪر سان ڪَرمتي ۽ ڪبول هڪٻئي ٻڌيان سورهيائيءَ سان وڙهندا ڪرندا ويا. تنهن تي ڪلهوڙن جي سالار چين تہ: اوهين اجايو جنگ ۾ ٻيا مارجو، موت جو ڊپ نہ آهي چا؟ تڏهن 'ٽانهر' نالي هروچ جواب ڏنو تہ: ترار هٿ اسان جو مرڪ آهي، پلي تہ مارجي وڃون، پر پنهنجون اڻيون ڪلهوڙن ڪي هرگز ڪين ڏينداسين.

هن جنگ ۾ هروچن جا گهٽا مڙس مارجي ويا، پر ڪلهوڙن جي آڻ نہ مڃيائون.

ٿوهر گڏي جا ڇيڪ بيت

گورا آءُ نہ قبوليان، آئين ڪريو ٽڪهن جي وار
هي سنجهي ويا سڳهڙ چوءِ، ڪوڏا ڪري بار.(۱)

"هاهڙ" جي هاران، آيو ڪاغذ ڪلهوڙن
سو پڙي اندر هاڙاهيو، وانچايو وزيرن
ڪاغذ ڏٺي ڪٽڪ چڙهيو، جنهن جي ڪل نہ ٻيٺي ڪن
ڪئو خداآباد سان، ارڙهين هزارن (۲)

(۱) چوءِ = چوي: سنجهي ويا = سنجهي مان بنا مانيءَ هليا ويا.
(۲) ڪئو = ڪنيو.

آئي سَلهه ملير تان، کا گهَل وڏي گهوڙن
سو "حيدر" هنڌائي نه چَري، توڙي لک ميڙن (١)
آئهي يوءِ جي پڇا، اسين ٻڌ طعنا ڏيون کي تن
عهدي "عالم خان" سان، کي جَلهه جمالين (٢)
کيلي سي کينکاريا، "حيدر" ٻيليئڙن
تنهن "پروچ"، پيلي ڏوهيا، پسي "شڪيکن" (٣)
نه آءٌ تو لشکر ڏوهيان، ائين ٻاهر کيو کي ٻارن
جهڙيائي "عالم خان" کي، تهڙي کي کي کن
سنڌا ساڻرمن جون، ڪالهيون ٽيون ڪائجن
وڃيءِ ٻوڙي وٽ آهي، سندي اسان کلهوڙن (٤)
ٻئو لڳي بازار ۾، آءٌ سمجهندو سهڻن (٥)
توڙي کر وکامن، توءِ هي کرهو تنهن قطار مان.

آئي "هالهي" هوت تي، کا گهڻ وڏي گهوڙن (٦)
سو کامل پنهنجي کَرَئي، چڏي کنهن نه چن (٧)
کاکي پاسي کَڙهي ڏنيون، ٿي سَڻون گهاء سينهن
سڏجاڻيون سورهين کي، ٿا ٻانهين منجهه ٻڌن (٨)
"ٻير" ٻرجائي کيسو، آڳاڙو عهد ين
تنهن گهوڙيهي اوچيا گهر مان، ٿا وڪا ويرچون
پاڪ پڇڙو ٻانڊڙو، ٻهکو کيو ٻيڙن (٩)

---

(١) حيدر پروچ کرمتي گبول. (٢) عالم خان = کلهوڙن طرفان جمالين جو سردار. (٣) ڏوهيو = خبردار کيو. (٤) وڃيءِ ٻوڙي وٽ = اسان کي پاڻ مارائڻو آهي. (٥) سيڻن = ساڻن. (٦) هالو = پروچ گبول سمارکاڻي. (٧) کَرَئي = کَرو. (٨) سڏجاڻي = سڃاڻپ جي چڻي، جا انهيءِ کي ٻڌندا جو بادشاهه جو ماريل هوندو ته متان پويان قومون پاڻ ۾ وڙهن ۽ ويرَ وجهن. (٩) پڇڙو ٻانڊڙو = پانڊڙي جو قسم، جو گهوٽ (پروچ) مٿي سان ٻڌندو يا ڪلهي تي ڪندو: ٻڙو = ڪٽوريءِ جو.

چمر چوٽيءَ جو چاکلو، هو رُپي تنهنڙارن (۱)
سو لانچي هليو لائقي، عهدي تي آئين
هٽي گهوٽيهن گڏ ڪيو، ٽيون هورين منجهه هجن (۲)
سائون مٿاين جون، ٽيون راتو ڏينهن رڙن
ٻاڻ ٽيا سڏوارکا، هاڻ ٽا پويهن لاکِ پچن
تن سورهين چاري چاڙهيو، بيگهين تان پيٽن
چاريءَ ڪالهايو: عهد ها! هو الغاريو اڄن
تنهن تي جيڙهِ جوانيءَ جو چڏيو آهو "عهدين"
سنهان سڻڻا سڻتيا، هڻا پيٽا سلوڪن
متارکا ڪايرو، اهي ننڍا نه ڇڄن
اها وائي وات ۽ اچي صحيحي واري سرايان (۳)
ته مانجهيا! اوهان کي موت ناهي من
تنهن تي "ڏانهر" ڪالهايو، "ڏوهر" چئي، ورنهه سان ويرين (۴)
ته مانجهيا! اسان کي موت آهي من
آئيون جي اسان جون، اسين چڏيون ڪنهن نه ڇڻن
ڪاڏا آلا آئين جا، اسان آهن جوپ سندا جوانين
سهليين ٽلهين سونهٽيون، ٽيو جهوريڙيون جهمڪن
مي مور نه ڏيون ماڇيون، پنهنجون ڪاهي ڪلهوڙن
مر جان رڇن رت مان، سنديون طرفون تن (۵)
متاريون ملير مان مر آڇي ڪاٽ وڃن
"ڏانهر" کي "ڏوهر" چيوءِ، مر هيري هار پڇهن
پوتو مير "پرتوس" هو، انل مان عهدين (۶)
انهيءَ ڪر وڏائي ايءَ ته: مصريون هٽي پوءِ مرکن

---

(۱) تنهنار = ترار جي قبضي ۾. (۲) هورون = ٻيون جتي وڃي آئيون گڏ ڪيائون. (۳) سرائي = ميرن جو لشکر. (۴) ڏانهر = ٻروڇ، ڏوهر = گبرو شاعر. (۵) طرفون = ترار جون چوٽيون. (۶) پرتوس = گبول، ان جو ڏاڏو.

ستن مار پائين پاڻهنجو، کو ڏرجو مان ڏگن (۱)
سوتي ساڻڪ ميرڪي، ٿا پاڻ اڪيان ٻوچن
"زهم ٻوٽي" زور وچايون، سر چڙهيو سهيلن
"ميراڻاڻي مجني" هنيون تراريون، وڏي ڪي ويرين
ٻوشيدي "ٻر" جون، ڪيون ٽي واڪاڻيون ويرين
وڏو مهڃ سيڙيو، "پنڊين" ۽ "ٽيرن"
سو سڃو ٽي سڙهو ڪيو، آهي "مندرين" جي ٻوٽن
اهي ڪونڊا ڪاملين، اهي مير مارڪا ڪن
اهي ڪولا گهوڙيون، اهي تازي طبيلن
اهي راء رهاڻيون، اهي ٿا مير مارڪا ڪن
"سورينگ" ٻڌين پيڻ ٽئي برڪت وليڙن. (۲)

---

(۱) ڏرجو = ڏڪيل. (۲) سورينگ جي اولاد مان نظر محمد چڪري تي ويڻل، عمر اسي ورهيه.

۱۴. الله ڏني واري جنگ يا 'جهيل واري جنگ'

هيءَ جنگ جوکين ۽ برفتن جي وچ ۾ ڪراچيءَ کان ڏاڙهن ڪوهه آتر ۾ حب نئن جي ڪپ تي لڳي. برفتن وڏو حملو ڪيو. چار ڏينهن جوکيي چيو ته: هڪ طرف سڀني ڏي طرف درياءَ حب جو. هي "الله ڏنو" آهي جتي ويٺا آهيون. برفتن سان مقابلو ڪنداسون. انهيءَ تان هيءَ جنگ "الله ڏني واري جنگ" جي نالي سان مشهور ٿي.

ڏي روايت موجب (۱) جوکين ۽ بروچن جي جنگ لڳي، ڏهرئين حملي ۾ جوکيا ماريا، باقي ڏنڊ ڏهن مڙس وڃي بچيا، سي آيا "لال بکر ڏنڊ" وٽ، جيڪو جوکيو فقير درويش هو (سندس قبو اڄا تائين منگهي ٻير طرف موجود آهي). لال بکر ڏنڊ، جوکين کي چيو ته: سون کي ڇڏيو، آءٌ ڀاڻ دنيا کان ڏوري ٿي ويڻو آهيان. ٻر جوکين کيس جڏهن مدد لاءِ زاريون ڪيون، تڏهن چيائين ته: سپاڻي ڏونرو گابو اڇي بروچن جي لشکر ۾ ڏوندو، جي ان کي جهليائون ته سوڀ سندن آهي، ٻر جي گابو حب آکري ڏيچي ويو ته فتح اوهان جي آهي.

ڏي ڏينهن ڏونرو گابو ازغيبي اڇي بروچن جي لشکر ۾ ڏيو، ٻر ان کي جهلي نه سگهيا ۽ گابو حب ٽپي ويو. ٻوءِ جوکيا آڙ ڪري ويٺا. بندوقون چوڙيائون، جنهن تي هڻي ويا.

ان کان ٻوءِ "عالي" ساکاڻي جوکيو، جيڪو گجرات طرف راڄا وٽ هو، سو آيو ۽ هو پلٽي رائڊ ڪندو هو.

---

(۱) راوي عبدالله جوکيو.

عالي ساکائي، سون ميائي وٽ ويڻل جوکين ۾ ويو. اتي زنگياڻي هروڻن جي جوکين تي حملي جي خبر ٻيس. عالي ساکائي، زنگياڻين کان پلاند وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. هو ڪنهن طرف پٺي ويا، جو انهن جي مٿان اڇي سهڙيو ۽ انهن مان مڙس ماريائين ۽ باقي جيڪي بچيا، سي اڇي چام بجار کي ڏنائين، جنهن آهي ڪرمتين جي ملڪ ڏانهن موڪلايا.

اللهه-ٻني واري جنگ ڪان پوءِ برفتن وري ٻ جوکين سان جنگ جي تياري ڪئي. جنهن تي چام لاسي طرفان برفتن جي ڏوهڻي برفتن وٽ ميڙ ٿي آئي ته جوکين سان جنگ نه ڪريو. هر برفتن ميڙ نه مڃي. تنهن تي مائيءَ چيو ته :

منٺ نه ٻڃاوَ منهنجي، آهيو ٻي ٿورا ٻڙدار
جوکيا آهن جنيٽرا، بانڪا وٽ ٻجار
ڪيڏي ڏينداوَ ڪٽونبو، ڏوبا ڏارو ڏار
هاڻي ڏاڻو آهيوَ ڏريو، آهيوَ مٿان چام ٻجار.*

پوءِ برفت اڪثي وڏيا ته آڏو جوکيا جبل جهليو بيٺا هٿا، سو برفتن کي ماري وڌائون. پوءِ ڪنهن برفت چام بجار کي چيو ته :

"چام بجارا واڪ ٻ تنهنجي پاڪ ٻ تنهنجي
جهڙ، جيسين سان ڪرڪاڻ ڪٽان." (۱)

انهيءَ جنگ ۾ جوکين جو ٿمر ۽ سامان ختر ٿي ويو ۽ جهيل جو ٻج ڏٺ طور ڪائي گذران ڪيائون. جنهن ڪري اِها "جهيل واري جنگ" جيڪا نالي سان ٻڌ مشهور ٿي.

---

* وڏيري علي مراد پُريءَ آٽل (لس) جي ڪچهري ۾ ٻڌايو ته چاڪر جي مارجڻ بعد چام بجار هيٺو ٿي لس طرف آيو ۽ لياري طرف اڇي رهيو. نائب عبدالرحمان رونجهي ٻيلي جي شهر ۾ ٻڌايو ته موجوده لاکڙي جي باب ۾ (لسڻ لياري) "چام بجار مامرو" موجود آهي، جو شايد چام بجار جي جاگير هو. (۱) راوي پير محمد ڪورئين ڪچهري خان صاحب امام بخش جو ڪوٽ.

۱۵۔ ناڑا ٹر جي جنگ

هيءَ جنگ برفتن ۽ جاکرن جي وچ ۾ لڳي، جنهن کي شاعر ابراهم لنگهي گهانڊاري ٻيٽن ۾ ڪايو. ٻين موجب جنگ جو تفصيل هن ريت آهي:

برفتن ڪنهن جهڙي ۾ آري جاکري کي ماريو، جنهن تي قلات جي خان برفتن کي سيکت ڏيڻ لاءِ چام ۽ جارکي حڪم ڪيو. چام ۽ جار پنهنجي طرف جي جٽن، ڪلمتين، جوکين ۽ نومڙين جو لشکر تيار ڪيو. هارڻ جوکيي، برفتن جي آئين هٿ جو هار ڪنيو، جنهن تي سنڌو برفتن جون آئيون هٽي آيو.

اتي برفتن ۾ پنهنجا راڄ گڏ ڪيا. سنڌن اڪواڻ عزت خان هو، تنهن وري دودن کي سڏايو، جن جي اڪواڻن بولي ۽ سالار، جاکرن سان جنگ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اڪواڻي هاڻ ڪيائون. هوءِ جتي ۾ جاکرن جا راڄ سڃهندا هٽن، حملا ڪري، انهن کي نقصان پهچايائون. هوءِ سڏو "دڙهي" ڏانهن رخ رکيائون، جيڪو جاکرن ۽ سنڌن طرفدارن جو مرڪز هو. ار برفتن جي چڱن مڙسن چيو تہ دودن کي جس هجي، جو اسان جي پاران وڙهيا آهن، ۽ جاکرن جي ميار اسان تي آهي، تنهن ڪري دودا پويان مدد ۾ ٿين ۽ اسين اڪ ۾ جاکرن سان وڙهنداسين، نہ تہ اسان تي ٽکو ايندو. تنهن تي هولي ۽ سالار وراڻيو تہ: اسين آيا آهيون تہ هاڻي جنگ ڏيندا سين.

ناڑا ٽر جي جٽوءَ ۾ ٻئي لشکر آمهون سامهون ٿيا. هن جنگ ۾ ٻنهي طرفن جي سورهين هاڻ ملهايو، ۽ آخرڪار جاکرن هارايو. انهيءَ جنگ تي برفتن جي لنگهي ابراهم

گھاندارِي بيت ٻڌا، جنهن جي اٽپوري روايت هن طرح آهي ٿ: *

ساراهيان سچو ڏڻي، جو ٻرڻين جو سوپار
جنگيون، جهيڑا، جهگڑا، اصل الله جا آچار
اول آڻي ماريو، جاکرو جهونجهار
عکس انهيءَ ڳالهه جو، رهيو "خان" کي کار
ڏاري ٽيا آهن دودا کي، پٽي آکتا پار.

سڏي ٽو سالار کي، ٻهڙ چام بجار
ٿ جت، کرمت، جوکيو، نومڙيو پنهنجو رکي پار
هاڻ پرنيئون پهڙ کي، سدا کرمت کار

.....

جان کي جوکين جو، بارڻ کنيو بار

.....

آڻيون آڻي آن جون ستندو ساٿا دار(۱)
ويرين ايءَ هاڻ وساري چڏيو کيائون سک قرار
عمل نٿا مڃين جاکرا، جن ۽ گهٽو هٿکار
تن ڏري سات ڪل سان، کيو غيباٽو گار.

تنهن تان عزت خان آڻائيا، دودا دعويدار
ٻولي، سالار هاڻ ۽ کيو وڏيرن ويچار
ٿ آڻيو جهوريون جاکرا، جن ۽ ايڏو اختيار

---

* اصل روايت آسو لنگهي جي، جا ماستر فاضل پالاري لکي. فاضل کان سگهڙ الهه بخش پالاري عمر ۹۰ سال (۱۹۶۱ع) ۾ سکي، پر فقط چوڏين پٽي. اجان ٽي پتيون وڌيڪ، جنهن ۾ اڳتي سلڪن جيڪا جاکرن جي ڳوٺ سڪٽ تي چڙهائي ڪئي، ان جو سرسٽو احوال هو. هيءَ روايت سگهڙ الهه بخش پالاري کان ميائي جي پيلي ۾ کيل ڪچهري (۲۹- اپريل ۱۹۶۱ع) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

(۱) ستندو = هاڻو هو.

تن ماڻهو سوکليو راج تي، سجي نومڙيا کار
ميڙي جڙي منڇ ٽيا، دودا دعويدار
دودا ٽين مهند ۽، صوبا سلحدار
هيلجيءَ تان هليا، سوڙ متي سردار
صبح جو سانگين تي چاڙي وڏائين چار
ماري جهوڙي جاکرا، هوءَ کيائين سک قرار.

هاڻي راڄن لڏون واريون، وڻو ڏڻي جو ديدار(۱)
ڏائي آهيون ڏکاريءَ جي، ٻيگن لاڏو يار
ان نه چڏي آن جي، ٽيو دودائي ديدار
ڀانئي راج منهنجو جاکرا، آءٌ سوئي آهيان سردار
ته ايڏيءَ نيئي لائيو، سانڊي تنهن سالار
سو وڙهي ٽو سڪ ۽، دودا سين دلکار
عزتون ڏيون آن کي، سڏي پيو سالار(۲)
آهي جاکرکي جنگ جي، متي مون ميار
ٻولو پنهنجي راج تي، ويڙ نه سهي وار
هاڻي جوڙيان جاءِ جيئند تان تيسين ناهِ تکراو
رکيو آيو راج جو، ديرو دودا هار
پاڻ وهنداسين، هوٺ ٽيندا سين، کيا وڏ ڀرڻ ويچار
ته وچ تون ٻولا نکري، اسين آهيون ڪوڪ ڪهار
ڀرهِ جو پڌين جو، صبح لهج سار
اسان جا پويان پارج، ڏڳ ڏتارج، سانڊج تون سردار
اسان جي پوين جنو، آهيمَ ٽيکو نراڙ.

ٻولي تن کي گهوڙيون ڏنيون، تازايٽون تلکار
سي ڀي جٽي جريدا ٽيا، ٻڌي هول هٿيار
تان ڊيڙ ڀنڊا ديکيا، پهريندي "ڀراڙ"

---

(۱) ڏڙهو، جيکو هاڻي ڪراچي سڏجي. (۲) آن کي، يعني جاکري کي.

سي ’روئيس‘ ’راڻو‘ آڻيا، عيسباڻي اوجار(۱)
ٻڌي پائر پيلهه ٽيا، ڇڄي نه ٽيا ڏار
تن مهندان مزمان جي، ڪيائون ڪلندي ڪيڪار
ڀري ڀوڄ ٻلاڻ جا، ٽيلهي ڪاڏائون ٽار
پر ٻڌائي ڪي ٻڄندي روئيس رؤنسيڏار
ٻنڊ ٻڌائي جهلي ويو، پتنگ پهرئين وار
راڻي سين رڪا ڪيا، سمهالين سينگار(۲)
تيسين عيسب جاڪري آسري، ڪنا هنيا ڪنگهار
ڪوڙيو منجهس ڪينڊري، پالو بي ميار
لاڪي نڪيگهين وچ ۾، ڪي اچي اڏڪار(۳)
هڏي ماما ماري موئيو، ڪرهو ڦلهي دار
مٽان تن ميڙا ٽيهن ڪي چڪيڙين ڏمن چمڪار
الڳ ان جا اگرا، ڏوئي ڪيائون ڏار.

—

ڀوءِ وڻومينهن وسونءِ تي، ڪيا اڇي وڃين واپار(۴)
اوڪاريائين آڻان، ٽيلهيائين ٽاڻي ٻار
هوتي، ڪلو، ٻاڙو، سڇيڙنو سوار(۵)
هي ڇاڙي وڃي ڪٺا، واڻو ٽيڏيءِ وار
ٻوءِ اڳرا گڏيا عاقيل ڪي، گڏيا منجهه گهٽيدار
هڪو اتي خالقڏنو حماتي، ديمين جنگ بچار
اهي ڇهي چڪيرا گڏيا، تازا ئي تلڪار
ڏوڪي ڏوران ئي ڏڻا، ويندا اوجهه اهار(۶)
مي ڇهي چٽي ٻيا، آن جي رند پئيءِ رانجهار

---

(۱) روئيس ءِ راڻو، ٻئي پٽ عيسب جا. (۲) سمهالين = سامهون گهٽن. (۳) نڪيگهين = فوج. (۴) وسونءِ تي يعني پيراڻن تي. (۵) ’هوتي ءِ ڪلو‘ پالاري، ’ٻاڙو‘ ٻاڙو، ’سڇيڏنو‘ مڪ جو پٽ خاصخيلياڻي ماڻ. (۶) اوجهه = دشمن جا ڪرا.

آيو هٹين دودا جي پٹ، پر ڪٽيئي ڪانہ ڪنگهار(۱)
پڑين ٻهہ ڪري تون ڏهليين دعويدار،

—

پڑين جا اجان پڏرا ٽيئدا سورا ڪا مهندار
اڪي هٹو هٹين حماتي، اڄ رڻ نہ چڑهيين واندار
قٹرا تنهن جي ٿيڪ جو هدو ڪٹندا هٹا هزار
تان چٹي، ڪوم مرڪي ستت تي، آهن الله جا آچار
سيڪو لوچي سوپ ڪي، سويون هٹ ستار،

—

اڏ وڻندي ان جي ڪي پالارين پڪار(۲)
تن لوڏي لوڙهہ چڏائي، ڪي هوتين هاڪار
خالقڏنا پاڙا ڪيي وڃو پار
تہ آني منجهان هڪڙي عاقل ڪيي، ڏنو وڃ
وڏو واندار
تہ گار ورائي گهڙي ٻيو، هوتيء ڪٹي هاڪار
تيڪين وچ ۽ تاروڻ هٹي، هنٹي حاجي مصري،
هن گهوڙيء ڪي گهاندار(۳)
تڏ برابر پاٹيج تي، چٹيو پاڻ چگهار
هنيائين ڪيي حاجي ڪي نيزو منجهہ نراڙ
ٻٹي ٻڪين اچي ويا دولهہ دعويدار
ٻٹي گهوٹ گهٹا پيا، مانجهيء ڪيا ملار
ڪارنهن ڪاتيون، پارنهن تراريون، جهليون
هيون انهي خبردار
انهيء لڳي هيٹي نٹو پوليي، اهي آهن پنجاهيين جا پار،

—

(۱) سڃيڏنو جي ست جهلي وڙهي ها تہ هي ڦهنجو ميدان موڪڻ ها، پر هو نہ ٻيئو. (۲) اڏ وڻندي = پاسو وڻندي. (۳) حاجي جلڪرو، جنهن هوتيي جي گهوڙي 'بحري' ڪي ترار هٹي.

عمر چائي، نيزا لائي، هٿي کي هت ٽار(١)
خوش ڪنولا چگي چوڙيا، رگيا هٿا رگدار
هن جي واڪاڻ ويڙين ۽، پهرئين پاڻو واڻ پچار
پوءِ نوڪ بندي اچي نبيري چڏيو، هٿي خنجر
ڪيائين ڪار(٢)
هوتيءَ سامتي پاڻ ۽ کي ڪني جي ڪينڪار
جيئن ڪر ڪيڏون ٽين آپ ۽، تيئن وچيون
هوتيءَ جوان تي وڻيون اچي اپار
هيون جت هوتيءَ سين سوڍيون منجهه سؤنسار
سي ڪريون ڳالهيون خبرون وچي ڪندا
جاڪرا جهونجهار.

هاڻي چڑهي چڏهتا ڪلي ڪنڪٿهار
پالو هٿي گهوڑي ڪٽي نڪتو منجهان هزار
وڃي ڪلا نڪتو رڻ ۽ ماراڙيو يار
چئي: وڃان جي نڪري، تہ ڪر ڪي آ ميار
جتي ٻهندي منهنجي سواري، ڪندس تراورين جا تار
شوپيو اڃن تنهن کي چاپيو اڃن سوار
ويندي گهوڑي وساڻي تيڏيءَ تنهن وار
هاڻي ڪلو گهڙي هيو، آڃي سان اختيار
اچي سورهي سورين کي سامهون ٿيو، ڪيي
ڪنو ڪيان ڏار
ڪلي پوءِ ڪوڏ پچنڊيا، ڏيرا چگيءَ ڏار(٣)
ڪياڻون راند رگي رڙهڙين جي، ڏڙڪٽ جهونجهار(٤)
تيهر آيا تراورين جڏهن ڪيرو ڪيو خمار(٥)

---

(١) عمر چائي = عمر جي پٽ. (٢) نوڪ بندي جاڪرو. (٣) ڏيرا = ڇوڙا. (٤) رڙهڙين = پٽڻ. (٥) تيهر = تڏهن. آڳي ۽ سڙس ڪي پري کان پٽر هنيائون. جڏهن سڙس زخمجي ڪيرو ٿيو، تڏهن تراورين جا وار ڪپائون.

هت ۾ ٻي پاران هٿُ ر جاکري ڪئي هاڻيءَ
تي هاڪار
هن ۽ ٻه ٻهڳن پنهنجي ٻانهن سان ڪٽي
جهوڙ ڏري جهڪار
پوءِ محمود جي اچي ڪٽيس مصري تيڪ
وڏي ڪان تلڪار.

۱۶. بجار جوکيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ

روايت - ۱

جڏهن لسّي جي حاڪم شڪرالله، بجار جوکيي کي گهرائي مٿس زور رکيو تہ راڻي کي ڪنهن طرح ماري پورو ڪري، تہ بجار پنهنجا ماڻهو تيار ڪيا ۽ رات جو ٻيڑين ۾ چڙهي، راڻي جي ڪوٽ لڳ ڪناري تي لٿا.

شڪرالله بجار کي ڪوٽيو ڏاڻي
تہ آڻ ميسي ارجن جي يا تون پنهنجي ڏي
هٿند وسڻين هٿن سين، جو ڪيا! جنگ نہ ڪندين جي.

سو ويرُ انهيءَ وِڪتَر ۾ تو وَرنَه وِماسي (۱)
مڻي، بنگل، بيگ، مراد، پنڻ سان ٿو ڪوڙ وڪالهائي
تہ اوهين پائڙ منهنجا هيڏي اچو سي
سيار جا ڪلي جي سا اچون لاهي (۲)
مرنداسين تہ موچارا ٿيندا سين ويريءَ سان وڙهندي
بتاسين بجار چئي تہ ايندا سين مٿنهن آوچي. (۳)

سو جوکيو چڙهيو جنگ تي پنج سؤ ٻيڑين هاڪاري
تڏهن ماڙهو ڪريمداد جا رميا راڻي ڏي (۴)
تہ بجار چڙهيو آهي بحر ۾، راڻا اوريان ٿو اچي
سي اچي آڏيءَ آلتا سُڪهي جوکيا سي (۵)
چون ۽ پٿوندا سين پرهہ، جو سَر پئي سماءَ سيني کي.

---

(۱) وڪر = فڪر. وماسي = ويچار ڪري. (۲) ڪلي واري جنگ ۾ هن کان اڳ جوکين جي هار ٿي هئي. (۳) بتاسين = بچاسين. (۴) جام ڪريمداد پٽ جام مريد جوکيو. (۵) سُڪهي = سُڪيءَ تي، ڪناري تي.

جوکين جي قومي پگ احسان مريداڻين تي هئي، سو چاڪر کريمداد پاڙي جو لحاظ رکندي، راڻي کي بچار جي حملي جو چاڻ ڏنو. راڻو ارجن، نگامرن راڻن جي ٻڙهيءَ مان "اجمالين" جي سردار گهر مان هو. کانئس اڳ سندس ڏاڏو راڻو عبيد هو. مغلن جي دؤر تائين راڻن جي رياست قائم رهي. جڏهن ٽئي وارو پاڳو ميان نور محمد کلهوڙي کي ملیو تہ ٽئين حڪومت اڳئين دؤر جي سردارن کي مجاڻ ۽ پنهنجو مطيع ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ راڻي جو ڪرمتي بلوچ سردارن سان دوستي جو ناتو هو ۽ هن راڻي جو لشڪر ڪرمتين جو هو، انهيءَ ڪري ميان نور محمد ٻهريائين ڪرمتين خلاف لشڪر چاڙهيو. ميان غلام شاهہ جوکين جي ٻيڙائي ڪئي تہ جيئن ڪرمتي هيٺا ٽيئن ۽ راڻي جو بہ زور ٻڌجي.

ملير ۾ ڪرمتين جو سردار "ملک طوطا" هو. ملير تي خدا آباد طرفان موڪليل لشڪر جو حملو ٿيو چڪو هو. هاڻي بچار دانائي ڪري ملک طوطا وٽ لنگهي ويو ۽ چيائين تہ: مون تي ميان جي حاڪم جو بار آهي، انهيءَ ڪري آءٌ راڻي تي حملو ڪندس. اوهان راڻي جي ٻاران ٻيو ڪو قدم نہ کڻجو ۽ نڪي ڪيس مدد ڪجو. ملک طوطا اها ڳالهہ مڃي. هوڏانهن راڻي ۽ سندس ماسات رحمت‌الله مٽين ٻوڙي کي جڏهن چاڪر کريمداد جو پيغام ٻڌو تہ هنن ٻرواهہ ٿي ڪانہ ڪئي، جو ڄاڻائون تہ جڏهن ملک طوطا اسان جو ٻرجهلو آهي تہ بچار ڇا ڪندو.

راڻي ۽ رحمت‌الله جو سور نہ آڏکيو من
هوجي توري رهن طوطا جي، سي مانجهي منهنجي من. (۱)

---

(۱) تورو = آڏو، ٽيڪ، طرفداري. ان وقت جو سڳوڙ شاعر ٽئو چوي تہ: اهي بهادر منهنجي دل تي چڙهيل آهن، يعني راڻو ۽ رحمت‌الله.

ساکري طرف وارا ڪرمتي، راڻي ڪي وڏيڪ ويڇها هٿا.
هنن ڪي جڏهن خبر پئي تہ راڻي تي حملو ٿيڻ وارو آهي تہ
هنن پاڻ ۾ مصلحت ڪئي:

مريد، مدغار، دورو، فتح چارئي ساڻيھ هٿا سردار
تن ڪرستي ڪوڙائيا، مصلحتي مھندار
تہ وڃي عيسب کيڪو آڻيو، جي آهن دوڃا دعويدار.

هنن سردارن پنهنجا ٻہ وزير سڏيا: هڪ عيسب، جو
'بگهياڙن' جي پاڙي مان مڪ هو (۽ جيڪو ٻوءِ مڪليءَ
واري جنگ ۾ ماريو) ۽ ٻيو ڪيڪو جيڪو 'هڏيھ'
پاڙي مان مڪ هو. هنن راءِ ڏني تہ اسين ساکري واري
راڻي جا ويڇها پاڙيسري ۽ اصل ڪان وڌي راڻي سان پيڙا
آهيون. اسين هر حال ۾ راڻي سان مدد ڪنداسون. مگر
نوتڪ اها ڳالھ قبول نہ ڪئي، جو بجار سان سندس دوستي
هئي ۽ بجار ان کي پنهنجي ٻاسي ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ٻہ
رايون ٿي ٻيون تہ ساکري جي مڪ مريد ٻہ نڪو نوتڪ جو
طرف ورتو تہ نڪو راڻي جي ٿي مدد ڪيائين. نوتڪ تي
ٻوءِ اها مار لڳي:

نوتڪ نامياڻي نہ ڪيٽي ڪوڙا ڳالھ ڪٿي
ٻلي ٽئين بجار سان، وڏي پائر مارائي.

ٻوءِ عيسب ۽ کيڪو جي اڳواڻي هيٺ بگهياڙ ۽ هڏيھ
پاڙن جا چونڊ بهادر مڙس راڻي جو طرف وڌي ٻيٽا ۽ گهٽا
بهاديءَ سان وڙهندي مارجي ويا.

راڻي ارجن کي چاڻ ڪريمداد جو ڪيي اڳواڻ ڄاڻ ڏنو هو.
جڏهن کيس اها خبر پئي تہ ملير ۾ ساکريَ وارا مڪ ٻہ
شايد سندس مدد نہ ڪن، تڏهن الٻت دل لوڙهيائين ۽
پنهنجو سڄو سامان پنهنجن ٻيڙين ۾ ڀرائي، حاجي بگهياڙ جي
حوالي ڪيائين تہ صبح جو سوير 'اوڪا بندر' (ڪچ ۾)

ڏانهن هاڪاري هلي. پر جڏهن بجار جي ڪنڪ جي خبر پيس، تڏهن سمجهيائين ته پُڇڻ جي ڀيٽي ڪانهي، تڏهن پاڻ ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي، ڪوٽ ڪي چڏڻ جو ارادو ڪيائين. ٻيڙين جي ٻيهڻ لاءِ حڪم ڏنائين، پر ان ڪان اڳ ٻيڙيون پوري وقت تي هاڪارجي ويون هيون ۽ جيڪي اڳ هاڪاريون، سي هاڻي نه ترسيون. تڏهن چيائون ته:

"هاڪاريون راڻي ارجن لاءِ ۽ نه ٻيٽيون
جنهن جون هيون اباڻيون."

ڪيڪو هديهه، عيسب بگهياڙ ۽ راڻي ارجن جو ماسات رحمت‌الله مڪلين - پوٽو پنهنجن ماڻهن سميت راڻي سان ٻيڙا ٿي ٻيٺا ۽ ڪيس همٿايائون. مڙدن مقابلو ڪيو، پر حملو وڏو هو ۽ راڻو، رحمت‌الله، ڪيڪو هديهه، نوتياڻي ۽ سندس ٻيا گهڻا ساڻي مارجي ويا.

"ڪيڪوُ ٻليڙا، سچ مرڪندي ماريا"

انهن مان گهڻن جي بهادريءَ کي ڪايائون. ٽن مڙسن قول ڪيا ته اسين لشڪر چيري وڃي بجار کي ڏڪ هڻنداسين. انهن قول پاريا، پر بجار جو بخت زور هو، جو هو سلامت رهيو. انهن مان هڪ بَنڀا بگهياڙ جنهن بندوق هٿي، ٻيو چُنڙو مَنداڻي هو جنهن پالو هنيو. جنگ شروع ٿيڻ واري هئي ته ساڻين سومار کي سڃاڻ ڪيو ته:

ساچو ٿيءُ سومار، آيا جوڪيا جنگياڻي
اڪيئي اڇن اڻيءَ تان، مرکي مَنداڻي (۱)
سومار ساڻي ٻاري، جا ٻر ڇاڻي (۲)

---

(۱) اڻيءَ تان اڇڻ = جنگ جي ميدان ۾ ڪنڌ تان ڪاهه ڪري اڇڻ. (۲) ڇاڻي = ڇٽائي، ٻيءُ-ڏاڏي جي، وڏن جي.

بنبا پنهنجا موکيا پيالا ۽ پان.

—

بنبا پيري، فوج مان ڦيري، ڪٽيس ڪار ڪري
گهاءِ گليلي، ٻڌس پهرين ڪيو هاري بجار کي
غلاميائي گس مڇايو، ڇڏي ڇڪيري.

—

بنبا چيو بجار کي ادا اوري آءٌ
تون جو ڪيو جهجهي پاٽرين، ٻيلي مون الله
پاڻ منهن ٻڌيئي مصريون گهوٽ وڃايون گهاڻ (۱)
آءٌ آڻي جو پاڻ، جن انگيرا اڏ ڪيا.

—

انگيرا اڏ ڪري، آ سوائي سومار
تو ڪڙ وڏائي اها حڻ ڪني خبردار
جيڏا چاڻن يار، تہ هي انگيل ماڻ اکي هٿا.

—

هٿن منداڻي مچ ۽، ڇڏو منجهان تن
گينڊا سانديل گڙ ۽ ڪارڻ آن ڏينهن
مبارڪ مردن جون، ڪالهڙيون ڪڇجن.
درياهي ۽ ڪيکو وڏي همت وارا هٿا.
آهينٽون 'درياهي' دل ۽، ساريون تا 'سومار'
ڪيکو ڪنگهار، رهيو آهي نه روح ۽.

—

مردن پنهنجيون موکيون، قرڦل سوپاريون
ننگر ناتاريون، وڏيون بگهاڙين 'بيگ' ڇوءِ. (۲)

---

(۱) مصريون = تراڙيون، آڏو تراڙين جا وار ڪري. (۲) 'بيگ ڇوءِ' يعني 'بيگ ڇوي'. بيگ گبرو هو، بکراڻي گبرن مان.

روايت ـ ۲

جوکيا اصل ڪنڪور علاقي جا هٿ، جيڪو شاهه بلاول جي پرسان آهي. ٻوءِ ملير ۾ اچي ٺڪاڻو ڪيائون. انهن مان بجار وڏي همت وارو ساماڻو ۽ وڇي ڏني ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي نواب وٽ نوڪر ٿيو. ان وقت ڏاراجا (ميرپورساڪري ۽ ٻڌهارن کان اولهه) ۾ راڻو ارجن راج ڪندو هو. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي (۱۱۷۰-۱۱۸۶ھ= ۱۷۵۶-۱۷۷۲ع) ڏني جي نواب شيخ شڪرالله کي حڪم ڏنو ته راڻي ارجن کي ماراءِ ته انهيءَ علاقي تي قبضو ڪجي. انهيءَ تي نواب، بجار جوکيي کي سڏيو ۽ تاکيد ڪيو، جنهن تي بجار، راڻي ارجن کي مارڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو.

شڪرالله بجار کي ٿو ڪوٺيو سڏائي
ته آڻ سيسي ارجن جي، يا پانهنجي تون ڏي
ٿ ته هٿندو سڀين هٿن سين، جنگ نه ڪندين جي
سو ويڑ انهيءَ وڪڙ ۾ ٿو ورنهه وماسي.

ميڻي، بنگل، بيگ، مراد، پينڻ سان ٿو ڪوڙو ڪالهائي
ته اوهين پائر منهنجا هيڏي اچو سي
ميار جا مڪلي جي، هلو ته اچون لاهي.

اها "ميار" اها جو ڪلهوڙن طرفان خدا آباد مان گهٽ چڙهي هئي، تنهن جوکين کي هيسائڻ لاءِ مٿن جلهه ڪئي. "ڪنيو خدا آباد مان گهٽ وڏي گهوڙن"

آن وقت بجار ۽ ٽڪو ٻئي پائر پڄي ويا، باقي سندن پاڻيجو ڪالا مڙس ٽي ٻيو ۽ مارجي ويو هو. جوکيا ان وقت مال وڻي وَس جي سانگي مڪلي تي ويٺا هئا.

ٽڪڙي چڏيو تار ۾، ڏٺو ٽي بجار
مامن تي ميار، رهي قابل ڪالا خان جي.

يعني تہ مامي تگهي پنهنجي پاٹيجي "ڪالا" ڪي وڏي مصيبت (تار پاڻي) ۾ ڇڏيو ۽ پاڻ بجار پري ڪان پئي ڏٺو، پر پاٹيجي سان پيڙو نہ ٿيو. اها ميار متن رهيل هئي، سو پاڻن ڪي سڏي چيائين تہ: هلو تہ هلي وڙهون، سير ڏيون ۽ پاڻ تان اها ميار لاهيون.

بجار پوءِ ملير جا اسي جوڪيا ساڻ ڪري، لاهري بندر ڏانهن ڪاهي هليو. راڻو ارجن ان وقت ويهن ماڻهن سان "رتهي ڪوٽ" ۾، جيڪو هڪ ٻيٽ تي هو، شڪار لاءِ لٽل هو. وڃاڻي رات، جڏهن راڻو ارجن پنهنجي طنبوءِ ۾ ڏيو ٻاريو ستو پيو هو، تڏهن بجار ۽ سندس ساڻي تراريون وات ۾ ڪري، سيڻاهن تي تري وڃي متس ڪڙڪيا ۽ ماري چڏيائونس.

ميان غلام شاهہ انهيءَ فتح جي عيوض، بجار جوڪيي ڪي "چام" جو لقب ڏيئي جوڪين جو سردار مقرر ڪيو. چام بجار پوءِ زور ورتو ۽ ڪرمتين ۽ هرفتن سان جنگيون ڪيائين.

راڻي ارجن ڪي بجار ماريو، ان واقعي بابت روايتون هن ريت آهن:

ميان محمد امين پوتاڻي(۱) چيو تہ: راڻو ارجن پنجاهہ مڙسن سان هلندو هو ۽ سمنڊ ۾ ٻيڙا ڦريندو هو. بجار جوڪيو ٻہ ڏاڍو مڙس هو، پنهنجن ساٿين جو نوڪر ٿيڻ جي ميان غلام شاهہ جي دربار ۾ ويو. بجار جو پير وڏو هو، تنهنڪري سڀاڻي جي ڏپ ڪان هاڻو ٻہ پاڻ سان ڪين ٿيندا هئس. ميان غلام شاهہ جي متس نظر پئي ۽ پهلوان ڏسي ڪيس چيائين تہ: تون وڃي راڻي ارجن کي ماري اچ. راڻو ارجن ٻہ تراريون ٻڌندو هو. جڏهن بجار متس حملو

(۱) وينل ڏيڻ جو.

کیو، تڏهن راڻي سان گڏ هڪڙو بلوچ هو، تنهن مقابلو کیو، ۽ مارجي ويو. ٻوءِ بجار ترار جو وار ڪري راڻي کي ماريو.

سگهڙ عبدالله جوکيي جي روايت موجب چام بجار، راڻي کي مارڻ وقت ست ڏاڍا مڙس جوکيا پاڻ سان وٺي ويو هو: (۱) سيندل شهداڍاڻي (۲) ابراهيم ساکاڻي (۳) حاصل ساکاڻي (۴) لائقڏنو ساکاڻي (۵) بچل ساکاڻي (۶) نورو ڏاکرو ۽ (۷) ڏڻي ڏنو ساکاڻي، ۽ مٺي آيل شاهد بيت ۽ مٺي، بنگل، بيگ، مراد ۽ هنن جا نالا آهن.

سگهڙ حاجي محمد سوڍي بگهياڙ جي روايت موجب راڻي ارجن کي کلهوڙن سان ڊپ رهندو هو، تنهنڪري هن پنهنجا ٻار ٻچا ساموندي ٻيڙين رستي روانا ڪري ڇڏيا. ٻيڙيون هليون تہ خيال آيس تہ هتي وڙهي پوري ڪوٽ ٻڌو، تنهنڪري هيءَ ٻيٽي ڇڏجي. اهو خيال ڪري ٻيڙياتن کي سڏيائين، ۽ ٻيڙيون کين ٻڌيون. انهيءَ تان ٻهاڪو مشهور ٿيو تہ، "هاڪاريون، راڻي ارجن لاءِ ٻہ کين ٻڌيون، جنهن جون ٻيڙيون هيون." ان بعد راڻي ارجن دستور ڪري ڇڏيو تہ رات جو پنهنجي همراهن سميت جدا هڪڙي بيٽ ۾ وڃي ٽيندو هو.

جڏهن کلهوڙن جي طرفان، راڻي ارجن تي حملي جي سڻس ٻڌي، تڏهن ڪرمتي بلوچ، جيڪي راڻي ارجن جي علائقي ۾ ويڙهل هڻا، تن پنهنجي ملڪ ٽڪوطا خان کان پڇيو تہ کنهن جو طرف وڃون. ملڪ چيو تہ:

"سدا رهون ساڪري، اجهي راڻي جي"

يعني تہ اسان اصل کان راڻي جي اجهي ۽ راڻي سان ٻيڙا آهيون. تڏهن ڪرمتي راڻي جي طرف ٽيا. جڏهن بجار جوکيي، راڻي ارجن تي حملو کيو، تڏهن ڪرمتين جو راڄ سچو وڙهيو،

پر ملڪ جو پاڻ "نوتڪ" ڪرمتي، جنهن کي بجار ڪالهين ۽ پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو، سو بجار جي طرفان وڙهيو. انهيءَ ڪري ملڪ طغوطا خان نڪي راڻي جي طرفان وڙهيو نڪو نوتڪ جي مدد ڪيائين. ان تي ڪنهن شاعر چيو ته:

نوتڪ نامياڻ ڪينڪي، ڪوڏا ڪالهه ڪٽي
بيلي ٿي بجار جو، وڏوءِ پاڻ ماراڻي.

جنگ جون ڪالهيون پٽي هليون ته ڪرمتين جو شاعر بيگ ڪبڙو، تنهن پٽي آڻيو ۽ آڻندي جهونگار يائين ته:

آهينٽون درياهي دل ۽، ساريون ٿا سومار
ڪهڪو ڪنگڻهار، رهيو آهيم روح ۽.

ائين چئي زال کي چيائين ته: الا! تڪ زبان مان نڪري ويئي، مڙس ماراڻي وڃ.

پٽرتوس، نوتڪ ملڪاڻي جي طرف جو هو، تنهن راڻي ارجن جي طرف وڃڻ تي، ڪرمتين کي طعني طور، بيگ ڪبڙي کي چوائي موڪليو ته:

پارايو پٽرتوس جو، نيئي بيگ کي ڏيج
ته تنهنجي ميرن موچار يون ڪيون، هالي ٽون پڻ کي چڀيج.

بيگ ڪبڙي جواب ۽ چوائي موڪليو ته:

پارايو پٽرتوس جو، سڻي ڪيوسين ڪن
راڻي ۽ رحمت‌الله جو مور نہ آڏکو من
اهي طعنا ڏجن تن، جي ملڪ مارڻ آئيا.

يعني: "ٽون نوتڪ جي راڄ جو آهين، نوتڪ وارن کي طعنا ڏي، جيڪي ملڪن سان وڙهڻ آيا آهن. رحمت‌الله مٺلي- پوٽو ويڙل پير محموداڻي تي، سو راڻي جو ساٿ هو ۽ پٽي سڏائين گڏ هوندا هئا.

حاجي سرماڻ خان (۱) چيو تہ سومار سنڌاڻي، بَنْبا بگهياڙ ۽ چنو بگهياڙ، انهن ڏنهي وعدا ڪيا هٿا تہ بجار کي جيڪو ڏڪ ڏ هٿندو، سو ميواري آهي. اهي راڻي جي طرف هٿا. جنگ تي هاڻ لاءِ سومار کي سڏ ياڻون تہ:

ساچو ٿي سومار، جوڪيا آيا جنگ تي.

تڏهن سومار آڏيو ۽ حقو ڪڍي جنگ تي هليو. چياڻونس تہ: حقو ڪنيو ٿو هلين! چيائين تہ: پويان هاڻي حقو ڪنهن جي لاءِ چڏيان؟ سومار ڏَہ مڙس هو، پوتي پٽي لڙڪندي هيس، پر چوندو هو تہ: "ادا! هَنْيون ڪٽيون". پوءِ جنگ ۾ پهرين مڙس کي حقو هڻي مار يائين. انهن ڏنهي مڙسن ڦول هاڙيو ۽ بجار کي ڏڪ هنيا، پر ڏڪ ٿورا لڳا. بجار پوءِ چوندو هو تہ: "ٽپ فلاڻي فلاڻي جو آهي". چٽي بگهياڙ بندوق هنئي جا بجار کي چڏن لڳي.

بَنْبا چيو سومار کي، ادا! اوري آءُ
جوکيو جهجهين ڀائرين، ٻيلي ميرر الله
منهن ۾ جهلي مصريون، گهوٽ وڃايا گهاءَ
تون ڏسي جو ڀاڻ، جن آنگيرا اڏ ڪيا.

انگيرا اڏ ڪيا، آءُ سوائي سومار
تو ڪُر وڏائي اهائي، هُشيار ڪني خبردار
جيڏا چاڻن يار، تہ هي انگيل ساڻ اڳي هٿا.

---

(۱) حاجي سرماڻ خان بگهياڙ سان سندس ڳوٺ تعلقي ميرپور ساڪري ۾ تاريخ ۲۲- جون ۱۹۵۶ع تي ڪچهري ٿي. حاجي سرماڻ خان کي گهٽيون خبرون هيون ۽ وڏو داناءُ هو، وڏيءَ عمر جو هو ۽ ٿورو پوءِ گذاري ويو.

ڪيڪنُو هَڊيهه نوتياڻي، راڻي ارجن جو وزير هو، سو انهيءَ جنگ ۾ ماريو. سندس قبر قدمن واري مقام ۾ آهي، جنهن تي گهوڙي جي تصوير ٺهيل آهي.

ڪيڪنُو ميرِ مِئي جا، هٿا ڇورن ڇورا ٻار
ڪَري چڙهي گنڊهي، تنهن عهدي ڪيا الغار
نوزڪ ٽيو نروار، تنهن ڪان ٻوءِ ترار ۾.

۱۷. پيمجي جي ميان غلام شاهہ سان جنگ

پنهنجن پائرن کي مڃائي مطيع ڪري، ميان غلام شاهہ سنہ ۱۱۷۰ھ (۱۷۵۷ع) ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڪڇ جي راءَ طرفان ٽيندڙ زيادتين طرف توجهہ ڪيائين. ۽ طاقتور قومون نوتيار ۽ جت ساڻئي وقت ڪڇ توڙي سنڌ (جاتي ۽ بدين) ۾ آباد هيون ۽ انهن جو ڪڇ جي راءَ سان تاريخي ناتو هو. ان وقت ڪڇ ۽ ان کان اڳ ڪڇ جا راءَ، جيڪي جاڙيجا سما هئا، سي عقيدي طور مسلمان هئا. جيتوڻيڪ کين هندڪيون ريتيون رسمون ۽ ڪنڌا هئا، انهيءَ ڪري انهن جا سڳ بند جا ۽ رشتا هئا. ان وقت ڪڇ جو راءُ گوڙجي هو، جنهن جي پاءُ آسڙوجي نوتيارن مان شادي ڪئي هئي، جيڪي "پٽني" ۾ ويڙل هئا. اهڙا چوڪري ايڏي همت واري هئي، جو سانهہ ڏڪي کي ڪَن مان جهلي قابو ڪيو هئائين. ڪيس ۾ ٻيٽ ٽيا: پيمجي ۽ ويسوجي. هو ٻئي همت وارا هئا، پر پيمجي وڏو پهلوان هو. سندس ناناڻا نوتيار هئا ۽ سندس شادي ۾ سنڌ جي سوڍن مان ٿي هئي. سنڌ سان سندس گهاڻو تعلق هو. ميان غلام شاهہ جي حملي وقت آڻ نہ مڃيائين. "جهاريَ جبل" وارو علائقو هنن جي جاگير ۾ هو ۽ پيمجي ۽ سندس پاءُ ٻئي مقابلي لاءِ "جهارو جبل" جهلي ٻيٽا. ميان غلام شاهہ جي طاقتور لشکر سان پڄي نہ سگهيو، پر آخر دم تائين وڙهيو ۽ سر ڏنائين، پر ميدان نہ ڇڏيائين. تڏهن چيائون تہ: "واهہ پيمجي! جنهن جهارو ملهايو." هن جنگ جا هيٺيان بيت اسان نگرپارڪر جي سگهڙ سروپي فقير ڏاڏي مگڻهار کان ٻڌا*:

---

* مرحوم محمد اسماعيل خان نون ۽ صوبيدار سوڍي ستيڏاڻ جي مهرباني سان فقير حيدرآباد آيو ۽ اسان جو مهمان ٿيو، جتي ساڻس ۲۹- فيبروري ۱۹۶۰ع کان پوءِ ڏينهن رهاڻ ٿي.

سيان ماڻهو موڪليو، پيمجي اوري آءُ
لونگي ٻڌايان لڪ جي، سونهي سروهاڻ.

—

پيمجي امان ائين چيو، متان لڄائين ڪير
چئي: جيڏي جهارو نه چڏيان پلي اچن امير.

—

لغاري لاشاري چانڊيا، پيڙا رند پروچ
علي علي ڪري آيا ڪڙڪيا ڪوٽ ڪروڙ.

—

پيمجي چيو پاڻ کي پڇن ناهي ويڙ
هٿو تراريون تڪيون، پڙ ۽ ڪوڙيو ٻير.

—

ڪارو گهوڙو ڪجلو، سليرو سوراڻو
اچي پيو ليشکر ۾ پيمجي پالارو.

—

سوڍي راڻي ائين چيو: پيمجي کو ڪري
سون ڪٽاري هٿ ۾، رڪ سان راند ڪري.

۱۸. ککرالي جي کيهرن سان جنگيون *

اوچتي درياء جي ڏکڻ وارو پاسو، کينءِ بندر شهر کان ايرندي وارو پاسو، موجوده سنڌو درياء جي اوپر طرف شاهبندر تعلقو، اهو سڄو ملڪ ککرالو يا ککراڙو سڏبو هو، ۽ آڪاڻي وقت کان وٺي کيهر قبيلي وارن جي آئي هڪ مقامي رياست هئي. کو وقت هو جو کڇ جي آڙاسيي واري علاقي ۾ ٻه کيهرن جي حڪومت هئي، انهيءَ کري ککرالي جي کيهرن ۽ کڇ جي راڄن جي وچ ۾ ويجها ناتا هئا، خاص طرح سمن جي قبيلن ۾ ککرالي جا حڪمران ٻه "کيهر سما" هئا ۽ انهي کري "کيهرچام" سڏبا هئا. ميان غلام شاه کلهوڙي اچان جڏهن حڪومت هٿ ڪئي هئي ۽ پائرن سان سندس مقابلا ٿيي هليا، تڏهن هن هيٺ لاڙ طرف ٿيي گشت کيا ۽ پانڌجي ٽوڙ تي هن ميرپور ساڪري طرف ڏاراجا جي راڻي، ملير ۽ ساڪري جي ڪرمتين ۽ ککرالي جي کيهر چامن کان مدد گهري. اهي ٽيئي طاقتور ڏريون هيون، پر ميان غلام شاه ۽ سندس پائرن جي جهيڙي ۾ نه پيا. پوءِ جڏهن ميان غلام شاه حڪمران ٿيو تي انهن ٽنهي ڏرين خلاف قدم کنيائين. ڏاراجا جو راڻو اتي جي "نگامرن جي رياست جو آخري" حڪمران هو، جنهن تي ميان غلام شاه طرفان چام بجار جو کيي حملو کيو جو هو مارجي ويو. سنه ۱۱۷۳ هه جي آخر ۾ ککرالي جي چام ڏيسر جي

---

* هي بيان ساڪري جي داناءُ سڳهڙ حاجي سرماڻ خان مرحوم کان ۱۹۵۱-۱۹۵۵ع ۾ کيل کڇهرين ۽ ان بعد سندس سڃاڻ فرزند حاجي محمد سوڍي کان ۱۳- جنوري ۱۹۶۳ع تي ميهرشاه جي ميلي (بٿورو) تي کيل کڇهري ۾ قلمبند کيا ويا.

کن مهٽ کرڻ لاءِ ميان غلام شاه توجهه ڏنو. پهريائين محمد اويس ۽ بين سردارن کي چام جي خلاف موکليائين. انهن چام ڏيسر کي هڪ پئي پئيان شڪستون ڏنيون. آخرڪار ۷- صفر ۱۱۸۴هـ (۸-ڊسمبر ۱۷۶۰ع) تي چام ڏيسر مجبور ٿي ويجي وڃي ڪچ ۾ پناه ورتي.

ٿي سگهي ٿو ته ان کان اڳ ۾ ڪلهوڙن حاڪمن طرفان موکليل لشڪر متن چڙهائي ڪئي هجي. اهو به ممڪن آهي ته بين طرفان کي حملا ٿيا هجن، پر ڪرالي جا ڪيهر ميان غلام شاه جي حملي کان پوءِ ڪمزور ٿي چڪا هٿا. هنن بيتن جي پولي مان پائنجي ٿو ته هي ۱۸-صدي عيسوي کان اڳ جا ناهن. هنن بيتن مان ظاهر آهي ته "بستان بندر" تي ڪو حملو ٿيو جنهن ۾ ڪيهرن هارايو. ان کان سواءِ پي ۾ ڪا لڙائي ٿي، جنهن ۾ ڪيهرن جي لشڪر اچي "گڙهه آباد" (آباد جي قلعي) ۾ پناه ورتي ۽ منجهانئن کي ملڪ ڇڏي ڪڇ جي طرف هليا ويا. چام ڏيسر کان اڳ يا پوءِ ڪيهر پوچراج (۱) ٿيو جيڪو وڏو سورهيه هو. هنن بيتن ۾ 'ڪيهرن جي مخالف' واري طرف جي شاعر سندن گلا ڪئي ته 'ڪيهرن جي طرف جي شاعر' ان جو جواب ڏنو.

مخالف ڌر جو بيت

جُمعي بعد جا ستُئي ڪا بستا منجهه بندر(۲)
ته ڏسو ڏيسر چام جا ڪيهر هٿا ڪونڊر
ڏُڪي جي ڏمال سين ڀير نه ڪتن پر
وڃائي وڏئون واٽ تي پنهنجا هٿن سان هتيَر(۳)
پوءِ ناحق موتي نر، لُڪڙ لوڏي آئيا

(۱) مسلمان هئو، ۽ ڪيهرن ۽ پچهر جي سمن ۾ 'پوچراج' ۽ 'پرٿوي راج' ناالا هلندا آيا، جيتوٿيڪ اهي صدين کان ونئي مسلمان هٿا. (۲) جمعي نماز بعد هي ڳالهه بستا بندر ۾ هلي. (۳) وڃائي وڏئون = ڦٽا ڪيائون. هتيَر = هٿيار.

ڪيهرڻ جي طرف جو جواب

خدا ڪنان خير پن، وائي ايءَ ر وار
ڪيهر ڪابل ڪرمي، طالع سندن تار
نيگهڻ، ٻولو، ڪانهيون، مُنڪرُ مَل متار(۱)
اي چارئي چڙهيا اُمراء اچن، پڙ جني تي هار(۲)
سَايڙ سَجائي چڙهيا، "ديري" جن دربار(۳)
اُن سين راڇو روجهيءَ تي چڙهي ٽيو پليءَ پاڻ سوار(۴)
تَل واهيندا تار، جي سانهه سانيٻيا پاڻ ر(۵)

مخالف

تو جهي سانهين سَٽ ئي ن، جهلي، ٽڪا ٽَراهه پئي
ڪي پڳا "ڪڙهه آباد" تي، ڪن وجي "ڪنيات" ڪنئي
ڪي ليڪا اهڙي لَل سان، جئن لکين ڪونه لهي
جيءَ لڪائيون جانيوُن، ٽوئي هيٺ ٽهي
سُٽهت سردارن جي رَئي ڪاڻه رهي
سانُجهر سوير ئي، آيا "ڪڙهه آباد" ر.

پرجو لوڏُ ڪندو هولاڏُ ڪو، مڙد سونهريءَ مٽُ(۶)
سو پڙ ڪي ڏيئي ٻُٽ، تو جو پوچراج پڇي ويو(۷)

موافق

ان پوچراج جي پڇڻ جو، آءٌ سنهن ڪٽان سؤ ڪنڈ(۸)
ڪَ گنگا ٽُني وَهي، ڪَ جهڙي سڪندر ٻنڊ

---

(۱) اهي چارئي وڏي همت وارا. (۲) امراء=امير. پڙ=همت پريا، سگها.
(۳) سايڙ=سالبهه، ڪڏ، جن جي درٻار يا گادي "ديري" ر هئي.
(۴) راڇو=سردار. روجهي=گهوڙي، روجهه جي رنگ واري.
پليءَ پاڻ=چڱي سوڻ سان، پلي پيٽي تي. (۵) رت جون تراڀون وهائيندا. سانهه=سگها سوره. سانيٻيا=پکين پيا، جنگ ر مقابل ٿيا.
(۶) سندس ترار سوني مٽ سان هئي. (۷) توجو=تنهنجو. (۸) آءٌ قسم تو ڪٽان تہ هو ڪڏهن ڪونہ پگو هوندو.

ڪَ قطب تارو ٿوئتي، رڙهي وڻي رند
ڪَ موتي هوي ماه ع، سندو هاڻيءَ ڏند
ته ، ڪير ورائي ڪنڊ، پڙ ڪان پٽيرو نہ ٿئي.

مخالف:

هر پڙ ڪان پٽيرا ٿيا توجا موٽيا مٽيرا
ستن پنجن پاڻ ع، گهوٽن ڪيا گهيرا
پاڪون پنجاهين جون ڏري ٿيون ڏيرا
اڇن لوڏيل لڪندا، جهڙا ڪڳائيل ڪيرا(۱)
سانجهر سويرا، آيا "گڙهه" آباد ع.

موافق

پڙ ڪان پٽيرا نہ ٿيا جڏ دانهن هڻا "ديري"
وڏي بخت بلند هڻا ڪير ڪراڙي
ڪوڪ تني جي ڪچ ع، ڪنيات ۾ ڪاري
ڏينهن لڳن راتيون هون، ورق وجهن واري
وڻا هول پنهنجا پاري، ڪير ڪراڙي ڏٺي.

---

(۱) سيءَ جا ستيل ڪيرا پڪي.

۱۹. ميين عبدالرحيم گرهوڑي جي ساهي سان جنگ

ڪلام گرهوڑي ۽ آندل روايت (۱)

گرهوڑي صاحب هيءَ جنگ سنہ ۱۱۹۲ھ ۾ ڪئي. مهاڏيو جي مڙهي خيرپور (ضلعي) جي ٽر واري ٽڪر ۾ هئي. چون ٿا تہ انهيءَ مڙهيءَ جو بنياد ۵۰۰ هجري ۾ پيو. روايت آهي تہ مڙهيءَ جو برپا ڪندڙ گنگا نديءَ مان پاڻي ڪڍي نڪتو هو، انهيءَ ارادي سان تہ ڪٿي هڪ وڏي مڙهي ٺاهي وڃي وهان. ڪٿي ۽ ڪهڙن اصولن تي مڙهي بنائي وڃي، انهيءَ لاءِ گنگا جر ڪنيو هٿائين ۾ دل ۾ رٿيو هٿائين تہ جنهن هنڌ جو پاڻي گنگا جر سان تور ۾ هڪ جيترو ٻيهندو، اتي اها مڙهي اڏائي ويندي. گهٽائي ڏيهہ ڏوريائين، مگر پاڻي وزن ۾ گهٽ ٿي ٻيو يا وڌيڪ. آخر جڏهن رلندي رلندي هگورن وٽ آيو، تڏهن اتي جو پاڻي گنگا جر سان وزن ۾ ٻچي آيو. هوءَ اهو ٻائو اتي مڙهي ٻڌي ويهي رهيو ۽ ان ڪي مهاڏيو جي مڙهي يا مهاڏيو جو مندر ڪري سڏ يائين. آهستي آهستي اُن جي چوگرد شهر ٻنجي ويو.

انهي مڙهيءَ جي مهنت ڪي جادوءَ جي زور تي ڏاڍي طاقت هوندي هئي، جنهن ڪري سچو ملڪ نميو پيو هوندو هئس. ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ مهاڏيو جي مڙهيءَ جو مهنت سوامي دَنگر ٽالي هو، جو پنهنجي نندي ڀاءُ گرت گر جي حمايت سان وڏي هستي رکندو هو. هندو خواه مسلمان هزارن جي تعداد ۾ سندس پوئلڳ هٿ ۾ گهٽيءَ پسگردائيءَ ۾

---

(۱) "ڪلام گرهوڑي" شمس‌العلماء ڈاڪٽر داؤد پوٽو، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي، ۱۹۵۴ع.

سندس مڃتا هلندي هئي. سندس لنگر هميشه جاري هو، تنهنڪري آيو ويو سندس نمڪ کائي، سندس اراد تمندي جو دم پريندو هو. ڄانيها ۽ ڪجو ذات جا مسلمان پڻ سندس مريد هوندا هئا. انهن جي ابتدعا تي سوامي دتگر ڪين شڌ ڪري هندو ڌرم داخل ڪندو ٿي ويو.

جڏهن ڪان مسلمانن جي مرتد ٿيڻ جو ٻڌلاڻ گرهوڙي صاحب جي ڪن تي ٻيو، تڏهن کان وٺي دلي اراد و هوندو هئس ته اها مڙهي منهدم ڪري، ساري مانڊاڻ کي نابود ڪري ڇڏيان. هڪ دفعي لنواري شريف ڏي ويندي، مڙهي جي طرف ڪان ايندڙ يارن وٽان معلوم ٿيس ته بتخانو اڃي ڪان ۾ وڌيڪ زور ٿي ويو آهي. اها ڳالهه ٻڌندي ڏاڍو جوش ٿيس ۽ يارن کي چيائين ته بتخانو ڍاهڻ ضروري آهي. حاضرين مان هڪ درويش کي پنهنجي ياران خواجه گل محمد صاحب ڏي موڪليائين ته وڃي احوال ٻڌائي ۽ ساڻ پوٽي موٽيو. انهيءَ درويش خواجه صاحب وٽ ٻڌي احوال پيش ڪيو ۽ عرض ڪيائين ته شيخ صاحب مون کي اڃان وقت هي بيت روئي پڙهيو هو ته:

جنهن ڪن ٽوڙايا ڪوڙ مان، تنهن کي ڪجاڙو
ماڻس ستاڙو، پٽس نالو ڪينڪي.

حضرت خواجه صاحب اهو ٻڌي سڌي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ فرمايائون ته: "شيخ صاحب پنهنجي عمر جي پڄاڻي ڏني آهي."

ٻوءِ گرهوڙ ۽ ٻڌي عام پڙهو گهمارايائين ته "آهي کو غازي، جو جهاد في سبيل الله ۾ ساهه ڏئي؟ مگر هلي آهو، جنهن کي ڪٽي ڏيڻ جيڏي ڏاڙهي هجي." ڪل ٻاهتر ماڻهو ساڻس هلڻ لاءِ تيار ٿيا. رواني ٿيڻ وقت هڪ خط مارو ٽٻي هتان مير بجار خان ڏي لکي موڪليائين ۽ هي نياپو پڻ

ڏنائين تہ: جنهن جي نياهي تي سون توهان کي ڏنيوي رهائش لاءِ هڪ زمين جو ٽڪر هٿ ڪري ڏنو هو، انهي نياهي موڪلينڊ جي ڪم سان مان هتان روانو ٿو ٿيان. توتي هاڻي فرض آهي تہ اڄي منهنجي مدد ڪر. حڪم موجب ماروٽيپي، مير هجار خان کي وڃي خط ڏنو. مير کي انهي وقت ايمان چڏي ويو. پاڻ تہ ڪونہ آيو، پر مدد ۽ ڪانہ موڪلياٽين. پاڻان جواب ڏياري موڪلياٽين تہ: توهين ۽ مهنت ٻڌي فقير آهيو، اسان جو انهيءَ ۾ واسطو ناهي، جيئن وٽيوَ ٽيئن ڪريو. هوڏانهن مهنت کي چوائي موڪلياٽين تہ اسان جو مگربي جي ڪاهہ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، توهين مگربي سان ڪهڙو بہ سلوڪ ڪري سگهو ٿا.

گرهوڙ ڪان پهرين منزل "رڪن ڊليار" وٽ ڪياٽون، جو ڪپري ڪان ۵ ميل اوپر ۾ آهي. اتي ٽيبن وٽ سَرَنڌن جي وڻ هيٺ ڏينهن ڪاريائون. مارو ۽ الياس ٽيبو ٻڌي پاڻر جهاد لاءِ تيار ٿيا، پر پاڻ الياس کي پوئتي گهر جي سنڀال لاءِ چڏيائين، ۽ فقط مارو کي ساڻ کنيائين. آتان ڪوچ ڪري "راڙ" جي سيّدن ۾ آيا. سيّدن کي چياٽون تہ "اوهين سونهان ٽي هلو." سيّدن چيو تہ: "مهنت تمام ڪڙو آهي، هي لشڪر ڪڏهن بہ ڪونہ ڪنڊو، ۽ جيڪڏهن مهنت کي خبر پئي تہ اسان سونهپ ڪئي آهي تہ اسان کي پيڙي چڏيندو." ائين چئي هلڻ کان انڪار ڪياٽون. سندن سات ۾ ڪامل نالي هڪ ڪوري هو، جنهن چيو تہ: مان تازو آتان آن خريد ڪري آيو آهيان، واٽ آڇ بہ ڏيکاري سگهندس. تنهن تي پاڻ چياٽين تہ: تون جيڪڏهن هنن ٻاهتر چڻن جو سونهون ٽيو ٽو هلين، تڏهن ڏينهن قيامت جي بہ هنن ٻاهتر چڻن جو سونهون ٽي هلندين. هنن سيّدن جي سيّدي وڻي ٽو ڏيان ڪورين کي ۽ ڪورين جي ڪورپ وڻي ٽو ڏيان راڙ جي سيدن کي.

راڙ ڪپري تعلقي ۾ هڪ ننڍو ڪوٽ آهي، جتي اڃان تائين ڪيترا سيد ويٺا آهن، جي ڪورڪو ڪم ٻيا ڪن. ڪامل ڪوريءَ جا ٻويان اڃان تائين گرهوڙي صاحب جي درگاهه جا مجاور ٿيندا اچن. مرحوم سنگهار فقير، جنهن جي واتان هيءَ روايت آندي وئي آهي، سو به ڪامل ڪوريءَ جي ڪڙم مان هو. آخر راڙ مان رڙهي اچي مهاڏيو جي مڙهيءَ کي قابو ٻيا. ان وقت سچي عملي وٺ فقط هڪ ڏور واري بندوق هئي.

مهنت وٽ هڪ ڪشتو هوندو هو، جو هر ڪنهن طرف کان آن، گيهه ۽ گوشت وغيره گڏ ڪري اچي ديگ ۾ وجهندو هو، جا رجهي تيار ٿيندي هئي ۽ آن مان آتي جا رهاڪو- هندو خواه مسلمان- کائيندا هئا. انهيءَ ڏيگ ۾ اهڙي حڪمت هئي، جو سوين ماڻهو کائي اٿندا هئا، پر هوءَ اوتري جي اوتري رهندي هئي. ازانسواءِ کهڙو به مريض وڃي ايندو هو، تہ مٿس ٻ-ڻي لفظ پڙهي شوکاريندو هو تہ مرض لهي ويندو هو. انهن ٻنهي ڪرتبن ڪري ماڻهن ۾ مهنت جي وڏي سچتا هوندي هئي.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي شهر جي ويجهو وارد ٿيڻ شرط جٽيءَ جي هڪ پادر کي حڪم ڏنو تہ ڪشتي کي ڪيڏانهن ٻ ڇڏج. سو ڪشتو جيڏانهن وجي تيڏانهن موچڙا کايو موٽيو اچي سامي جي اکيان ڪيري. سامي حيران ٿي ڇيو تہ شايد ڪو جادوگر آيو آهي جو ڪشتي کي گدائيءَ کان روکي ٿو. چوڏاري چاري موڪلياٽين، جن خبر اچي ڏنيس تہ ٻيو تہ شهر جي چڪ ۾ ڪوبہ آيو آهي، سواءِ گرهوڙ واري مگريي فقير جي. سامي کي اکيي سڌ هئي تہ مگريو وڏو درويش آهي، جنهن ميرن کي سنڌ وٺائي ڏني هئي. تنهن تي سامي جي ننڍي ٻاءُ گرت گر ڪيس ڇيو تہ هن کي ميرن جي ضرور مدد هوندي ۽ ازانسواءِ فقير ٻہ آهي، انهيءَ سبب

ساڻس وڙهڻ چگو ناهي، بهتر ٿيندو ته منٽ ڪري جنڊ
ڇڏائجي ۽ ڪيس ڪجهه ڏن ڏيئي پوئتي موڙائجي. دڪڻ ڪي
اڃا صلاح آئڙي ۽ ٻئي ڇڙا گرهوڙي صاحب وٽ لنگهي ويا.
گهٽيئي منٽون آزيون ڪيائونس، سون، هيرن جواهرن ۽
سوڍين عورتن جي لالچ ڏنائونس، مگر گرهوڙي صاحب سيني
آڇن کان انڪار ڪيو، بلڪ ٻنهي ڇڻن کي اسلام جي
دعوت ڏنائين ۽ کين صاف چيائين ته: جيڪڏهن ايمان نه
آڻيندا ته سان جنگ کان کين گسندس. ٻنهي ڇڻن ايمان
آڻڻ کان نابري واري. تنهن تي ٻاڻ کين چار شرط پرکا طور
وڌائين ۽ فرمايائين ته: جيڪڏهن انهن سان کوبه شرط
قبول نه ڪيو ته پنجون شرط تلوار جو آهي، جا ٻاڻهي فيصلو
ڪندي. پهريون شرط: هندن جو سردار اسان وٽ اچي،
اسين کيس چاليهه راتيون هڪ ڪڙ کين کان سواءِ جاءِ ۾ بند
ڪري، ٻاهران قفل ڏئي ڇڏيندا سين. اهڙيءَ طرح آڳ جو
مسلمانن جو مهندار آهيان، سو وٽن چاليهه راتيون قفل اندر
بند رهندس. ٻوءِ جيڪو به اسان مان فوت ٿيو، تنهن جو
لشڪر آڻ مڃيندو. ٻيو شرط: هڪ ميدان مقرر ڪجي.
هندن جو لشڪر هڪڙي طرف ٻيهي ۽ مسلمانن جو سامهين
طرف، جيڻ هڪٻئي کي ڏسي سگهن. ٻوءِ آڳ ۽ هندن جو
سڀهه سالار ميدان ۾ ٽي ملهون وڙهنداسين. جيڪڏهن ٽيئي
دفعا آڳ مٿس غالب پيس ته هو مسلمان ٿيندو، نه ته آڳ
جڻيو ٻڌي سازي لشڪر سميت سندس تابع ٿيندس. ٽيو شرط:
مون کي ۽ هندن جي سرڪردي کي سيني ماڻهن جي روبرو
پڌري پٽ ساهميءَ ۾ تورين، جيڪڏهن هو باوجود ٽلهائيءَ جي
ڪورو ٿيو ته آڳ سندس رسمون ٻاڻ تي هموار ڪندس، ۽
جيڪڏهن آڳ باوجود ڊهرائي جي وزن ۾ سرس ٿيس ته هو
اسلام آڻيندو. چوٿون شرط: هندو ٻنهنجي پٽ اڪيان
راڪ روپ ۽ ريتون رسمون ڪن، جڏهن جوڻ ۾ اچن

تڏهن آڳ تن تنها وڻن حاضر ٿيندس. هوءِ جيڪڏهن مون تي تصرف هلايائون تہ آڳ سندن جماعت ۾ شامل ٿيندس، يا آڳ ذڪر جي حلقي ۾ اندر ويهي رهندس ۽ سندن سردار اکيلو اڇي. اڃان اوٽيهہ وکون هري هوندو تہ ازخود ڪلمہ شهادت پڙهي مسلمانن جي دين ۾ داخل ٿيندو. پنجون شرط آهي: جهاد، جنهن جي لاءِ سنبري آيا آهيون.

انهيءَ پيغام موڪلڻ بعد عبدالرحيم گرهوڙي پاڻ کي ڪٽنهن تائين واريءَ ۾ پهرايو ۽ سيني سپاهين کي سڏي کانئن پڇيائين تہ ڪهڙي صلاح آهي؟ جيڪڏهن ڪافر چار شرط نہ مڃين تہ هوءِ؟ سيني يڪ آواز چيو:

صلاح ماهمه آنست که آن تراست صلاح

(اسان سيني جي اهائي صلاح آهي، جا اوهان جي آهي)

تنهن تي پاڻ فرمايائين تہ، مون کي هيءَ ڪالهہ منظور آهي يعني تہ شهيد ٿي هورجون. سيني چيو تہ شهادت جو موت قبول ڪري آيا آهيون. تهان هوءِ زمين کان ٻاهر ڪيو يائونس.

مٿيان چارئي شرط ساميءَ قبول نہ ڪيا. تنهن تي گرهوڙي صاحب ڪيس ٻيو پہ وجهہ ڏنو ۽ چيائينس تہ: اوهين ڪيترو گهرايو ۽ کانئس پڇو تہ جيئن هو چوي تيئن ڪريون. ڪيتري کان دريافت ڪئي وئي، پر جواب ندارد. تڏهن گرهوڙي صاحب چيو تہ: هاڻي وري جمنيءَ کان ٻا پڇون، هوءِ جيئن چوندي تيئن ڪنداسين. ساميءَ سمجهو تہ جمني ۽ ڪيتري وانگر خاموش رهندي، سو اهو شرط ڪٽي قبول ڪيائين. جمنيءَ وٽي ڪيو "دين! دين!". ساميءَ مڪر ڪري چيو تہ: جمنيءَ مان "ڏن، ڏن" جو آواز ٿو اچي. تنهن تي "حق، حق" جو آواز اچڻ لڳو. انهيءَ ڪشمڪش تي ڏنڊي پاڻ گرت گر وڏي پاڻ د تگر کي چيو تہ نيزاري ڪري پاڻ ڇڏائجي، نہ تہ هن بلا مان جند نہ ڇٽندي. هوءِ ٻئي پائر صلاح ڪرڻ لاءِ اجازت وٽي پنهنجي جاءِ ويا.

جاءِ تي پهتا ئي مس تہ مير بجار خان جو مخفي خط ہ اچي ملين، جنهن ۾ لکيل هو تہ اسان جو مگريي فقير جي لڙائيءَ سان کوبہ واسطو ڪونهي، اوهين ٻاڻ ۾ چاڙو. ٻنهي پاڻرن کي مير صاحب جو ڊپ هو، پر جڏهن خبر پين تہ مير جسو هٿ ناهي، تڏهن پيٽ ۾ ساهہ پين ۽ چيائون تہ انهن پاهتر چڙن کي اجهو ٿا گهمائي وڻون. انهيءَ خيال سان وڻي پير تي ڏونکو هنيائون ۽ جنگ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ گرهوڙي صاحب جي ہ ماڻهن اچي احوال کيو تہ: قبلا، سامي ۽ سندس ٻاڻ تہ صلاح مشورت لاءِ وقت وڻي وياهئا، مگر ڏسجي ائين ٿيو تہ جنگ لاءِ تياري ٿي رهي آهي. تڏهن ٻاڻ فرمايائون تہ: شايد مير بجر ڊوه کيو آهي، ٽيندو ہ ساڻس ڏوهہ:

اسان ٻاري، ٻجرڻ ٻاري
وڻي ٻجر جي سرداري.

هن جنگ ۾ کي تالپور ہ شامل هئا، جن عرض کيو تہ: قبلا، ٻجر تہ دغا ڪئي، ۽ اسان تالپورن کهڙو ڏوهہ کيو، جو اسان کي ہ پاراتو ڏنو ويسو آهي؟ تڏهن ٻاڻ فرمايائون تہ: "اوهين مير هيا سڪيو پيٽ پالينداہ" انهيءَ دغا جو اهو نتيجو ٿيو، جو اڄ اڇاڻ تائين سڀڪنهن تالپور وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ زمين جو ٽڪر آهي ۽ خوش گذران ڪري رهيو آهي.

ٿوري وقت ۾ سامي جو لشڪر اچي ويجهو ٿيو. ٻاڻ پنهنجي ساڻين سان اڳيرو وڌيا ۽ رامڻ تالپر کي حڪم ڏنائون تہ بندوق پري چڏ. رامڻ جواب ڏنو تہ مون اڳئي پري چڏي آهي. چيائوس تہ ٻيو کان ہ پري چڏينس ۽ جڏهن مان جوان تڏهن چوڙج. جنگ چڙڻ تي ٻاڻ ۾ريرو ٿي رامڻ سان گڏ وڃي ٻيٺو. مريدن هڪ تڙار ۽ ڊال واري کي

موکليو تہ وڃي پر ۽ ٻيھ تہ وقت سر ڏال سان بچاءَ ڪري سگھجي. پاڻ يڪدم ڏال واري ڪي ھٿائي چيائين تہ :

سيور سئور ڪندياءِ مرڻ ٻاس تہ ميرٿيئن.

ٻوءِ تہ مجاھدن وٽي ھندن جي لشکر تي ھلان ڪئي. گرھوڙي صاحب پاڻ نڪو ھٿيار ھلايو ۽ نڪي ڪو ڪاوڙ يا ٻيٽ جو لفظ وات سان ڪڍيائين. رڳو "اياک نعبد واياک نستعين" واري آيت ٻڌي ڏھرايائين. ايتري ۾ سامي د تگر، ڪاري گھوڙيءَ تي چڙھيل، ڪٽاري ڇلھ سان ٻدل ۽ نيزو ھٿ ۾، لشکر اڳيان گھوڙيءَ کي ٽپائيندو ۽ ڪڏائيندو نظر آيو. پاڻ رامڻ ٽالپور کي جڪر ڏنائون تہ سامي جبي سيني ۾ بندوق ھن. بندوق لڳڻ سان سامي گھوڙيءَ تان آھنجي ٻيو ۽ سندس ٽنگ رڪيب ۾ ڦاسي پئي. ھندن جي لشکر جڏھن ڏٺو تہ سندن صوبو ڪري ٻيو آھي ۽ گھوڙي ڪيس گھليندي وتي، تڏھن چيائون تہ ٻھرين ساميءَ کي بچايون ۽ ٻوءِ انھن ٻاھتر ماڻھن کي گرفتار ڪندي ويرم نہ ٿيندي. دشمنن ۾ ٽاکوڙو ڏسي مسلمان ٻڌيائين ڪاھي ٻيا. اھو وجھ وٽي، دشمن جا ڪي آدمي گرھوڙي صاحب تي آور ڪري آيا. ٻھرين ٻھرين لڪاني چانھين گرھوڙي صاحب تي بندوق چوڙي، ۽ بندوق ڦاٽي پئي. ٻوءِ بندوق اڇلي اڇي ڪيس ٻڌيون ھٿيائين ۽ ستابي ڪجوءِ ترار جا ڏڪ ھنيا ۽ ھگورني ۽ راڄڙ متس ڪھاڙين جي وار ڪئي. ساروٽيبي جڏھن ھيءَ حال ڏٺو تڏھن ڊوڙندو ڊوڙندو "ابو، ابو" ڪري اڇي گرھوڙي صاحب جي مٿان ٻيو ۽ انھن ساڪين نامرادن کيس ترار ھٿي ماري وڌو. اھڙيءَ طرح گرھوڙي صاحب جي ماروءَ جي حق ۾ ٻيشنگوئي پوري ٿي ۽ سندن رت ڪڍيا.

ايڏن زخمن ھوندي ۾ گرھوڙي صاحب جي بدن مان رت جو ھڪ ڦڙو ٻر نہ وھيو ۽ سڀني گھاءَ اندران اڇا ڏسڻ ۾

پئي آيا. انهيءَ حادثي بعد پاڻ ٽي ڏينهن جيئرو رهيو. سامهيءَ جي لشکر تي اچي الاهي مصيبت کڙکي، جو سڄو ناس ٿي ويو. گرهوڙي صاحب جا ٻ ڪيترائي اصحاب شهيد ٿي ويا. پاڻ پنهنجي لشکر کي حڪم ڏنائين ته مڙهيءَ کي ڏاهيو ۽ بٽ ڀڃي پورا ڪريو. پوءِ انهيءَ جاءِ تي مسجد ٺهرايائين ۽ مٽس مجاور مقرر ڪيائين. لشکر کي هدايت ڪئي وئي ته ڪائن پيئڻ مباح آهي، مگر ڪنهن شيءَ کڻڻ جي اجازت ناهي. ٽن ڏينهن اندر سارو انتظام پورو ڪري پوءِ دم ڏنائين.

چون ٿا ته وصال وقت امر ڪيو هٿائين ته مون کي يڪدم نه پورجو، جو ٽن ڏينهن بعد جيئرو ٿي آڻندس، پر جيڪڏهن منهنجي مڙهه تي ڪا مک ويهي ته پوءِ هڪدم دفن ڪيو وڃي. سندس همراز ساڻي اڃا ٻڌ ۽ سندس حڪم موجب ڪم ڪري رهيا هٿا ته سندس جنازو اچي گرهوڙ ۽ پهتو. سندس شهادت جو ٻڌي ڪيترائي ٽالهپور ٻ اچي گرهوڙ ۽ ڪٺا ٿيا هٿا. جڏهن انهن کي خبر پئي ته گرهوڙي صاحب جو هي فرمان آهي، تڏهن کين اچي ڊپ ورتو ته جيڪڏهن گرهوڙي صاحب جيئرو ٿي آڻيو ته اسين سخت ڏوراپي هيٺ اچي ويندا سين، جو اسان سندس سڏ نه ورنايو هو. سو اچي تاهوت مچايائون ته بزرگ کي هڪدم دفن ڪيو وڃي. آخر انهن جي زور تي جنازو تڙتڪڙ ۽ زمين داخل ڪيو ويو. جڏهن سندس سچا ساڻي پهتا، تڏهن ارادو ڏيکاريائون ته قبر کوٽي جنازو ٻاهر ڪڍي رکون، مگر خواب ۽ اشارو ٿين ته اهو هلي چليءَ جي برخلاف ٿيندو، تنهنکري ضرورت ناهي.

مهاڏيو جي مڙهيءَ واري شهر جو نالو مٺائي ديڻپور رکيو ويو. اتي جا مجاور اڃا ٻ گرهوڙ جي درگاهه ٿي

أيندا آهن ۽ هر سال آتان جي کجور نذراني طور رکي، کجهه نه کجهه وڻي ويندا آهن.

عليم فقير مگريي جي روايت

فقير عبدالرحيم مگريو، مڙهي پڇن لاءِ گرهوڙ مان ٽي نڪتو ته نياڻيون قرآن شريف کڻي ميڙ ٽي آيس ته نه وڃ. تڏهن چيائين ته:

ڪوڙا ٻڌي بار، هوڙو بار نه هيڪڙو
وهان تان ويرم ٻڌي، نينهن ٻڌي نهار
هٿ وعدي جي وار، هيت سوڻينم سرتيون.

جهاد لاءِ تيار ٿيو ته ساٿس کل ستر ماڻهو هٿا، ايڪهتريون پاڻ هو.

شادي پلي ۾ آنس پلي هو، جو پڻ تسبيح کنيو هيو ٽڪائيندو هو ۽ سين گرهوڙي کي چيو هٿائين ته آءٌ به جهاد تي هلندس. ان کي فقير صاحب سڏيو، مگر هن چيو ته اوهين هلو، آءٌ اچان ٿو. انهيءَ تي فقير صاحب چيو ته:

آنس پلي، ٽڙ ٽڙ ٽلهي
جيڏانهن ميدان علي، تيڏانهن هير نه کڻي پلي.

فقير صاحب آتان رکن ڊليار (کپري کان ۵ ميل سر اوپر) ٽيبن منجهه ويو، جتي هڪ سرنهه هيٺ وڃي ڏينهن ٿاريائين (۱). رکن ٽيبو مڙني جو وڏو هو، اهو نه هليو، پر مارو ۽ الياس ۽ ٽيبا پاڻ آيا، تن چيو ته: اسين هلنداسين. فقير صاحب چيو ته اوهان مان هڪ پوئتي جي سنيار لاءِ رهي. پوءِ مارو گڏ هليو (۲).

---

(۱) عليم فقير چيو ته مون جوانيءَ ۾ اهو سرنهه ڏٺو هو. عليم فقير سنه ۱۹۷۲ع ڌاري ۱۱۰ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. (۲) هڪ روايت موجب فقير صاحب چيو ته ٻاهتر ڇٽا بس آهن، جو حضرت امام حسين عليه‌السلام سان به ٻاهتر ڇٽا هٿا.

رکڻ ڊلیار کان ڊیڍاڑي (کهري کان اتر ڇهه میل) ڀهتا. اتي سیّدن ماني کارائي. فقیر صاحب کین دعوت ڏني، ۽ هنن چیو تہ اسان کي کم کار آهن. کنهن چیو تہ اسان کي جهنگ ویڙو آهي. اتي فقیر صاحب چیو تہ: اوهان جي نانهي جي ٻنيءَ ۾ جهنگ ٿي ویو آهي، سو اسین وڃي ٿا ویڙیون، اوهین یلي وڃي ٻنهنجي ٻنيءَ جو جهنگ ویڙیو. رکو مڙهي ڏیکارڻ لاءِ ٻہ کو کڏجي نہ هلیو. اتي میرن جي کوٽ ۾ کامل نالي کوري هو، تنهن چیو تہ: آءٌ ٿیو ڏینهن مڙهيءَ تان آن جو آٺ پري آیو آهیان، جي اکیون ٻڏي چڏیندین، تہ ۽ هلي ڏیکاریندس. تنهن تي فقیر صاحب کامل کي چیو تہ: آءٌ اي کامل، بهشت جا سونهان! تنهنجي کورپ ڏیان ٿو سیّدن کي ۽ سیّدن جي سیّدي ڏیان ٿو توکي. پوءِ آتان آیا، سي اچي مڙهيءَ کان میل- ڊیڍ پنڌ تي هک کنڊيءَ هیٺ لٿا.

اها مڙهي کپري کان انکل ٽیهه کوهه اتر-اوپر طرف هئي. اتي ٻہ تڙ "رَهو" ۽ "ڏیڍرو" هٿا. "رهو" مڙهيءَ کان ڏکڻ طرف چار میل پري ۽ "ڏیڍرو" مڙهيءَ کان اولهه طرف ڏهن میلن تي هو. فقیر صاحب جنهن کنڊي هیٺ اچي لٿو هو، اهو ڏیڍرو تڙ لڳ، الهندي طرف ڏڙي تي هو.

سامیءَ کي اکي چوائي مُکو هٿائین، تنهن کي ٻہ فقیر صاحب جي اچڻ جي خبر پئي. تنهن وري چوائي موکلیو تہ: اسین پئي فقیر هک گودڙيءَ ۾ آهیون، پاڻ ۾ صلح کریون، وڙهون نہ. فقیر صاحب اها ڳالهه نہ قبولي. ٻوءِ سامي صبح جو وقت جنگ لاءِ مقرر کیو. فقیر صاحب ٻہ ٻنهنجي ماڻهن سان صبح جو سویر اتي پهتو. فقیر صاحب سان گهڻا سندس شاگرد هٿا، پر انهن سان هک شاگرد ٽالپور، جنهن وٽ بندوق هئي، ان کي چیائین تہ: جڏهن آءٌ چوان

تڏهن بندوق هٿجان. اول سامي جي طرف وارن بندوقون چوڑيون. سڄو ميدان دونهون ٿي ويو. سمجهيائون تہ فقير گرهوڑي وارا ختم ٿي ويا. سامي بندوقون جهلايون ۽ ڀاڄ اڪٽي وڌيو. ان وقت فقير صاحب حڪم ڏنو. ٽالپور جي بندوق سان سامي وڃي ڪريو ۽ ٻيا جيڪي سامي سان گڏ هٿا، اهي پٺتي پڳا. انهيءَ جهيڙي ۾ فقير صاحب جو هڪ ٻہ ماڻهو شهيد نہ ٿيو. پوءِ فقير اتي مسجد ٺهرائي، جا اڄان بيٺل آهي. هگورا، جي مڙهي جا ويٺل هٿا، تن کي چيائين تہ مسجد جي سنڀال ڪجو.

سامي جي مارجڻ کان پوءِ، فقير صاحب ۽ سندس ساڻي مڙهي وٽ هڪ ڪنڊيءَ هيٺ اچي ويٺا. ان وقت ستابو چانيهو ۽ لڪانو ڪنڊو (چانيها ۽ ڪجو مڙهي تي ويٺل هٿا)، سي ڏڇيون لڪائي، فقير وٽ زيارت لاءِ آيا ۽ ڏڇيون هٽي فقير کي سخت زخمي ڪري وڌائون. مارو ٿيو هاءِ هاءِ ڪري اچي مٿان پيو، پٽي فقير سمجهيو تہ ميين گرهوڑي کي 'مارو' شهيد ڪيو آهي، تنهن تڪڙ ۾ ترار هٿي تہ مارو مري ٿيو. ايتري ۾ قاتل وڃي ڀڳا، تن جي هوڻان فقير صاحب جا ماڻهو ٿي ويا، ۽ فقير صاحب منع ڪئي تہ انهن کي ڪجهہ ٻہ نہ چئجو. عيوض نہ وڃجو، عيوض مون کي ڏٺي ڏيندو. فقير صاحب پوياڙي جو شهيد ٿيو. سڄ لٿي لاش آڻ تي پڏائون. پٽي ڏينهن سمهاڻيءَ وقت گرهوڙ تي رسيا. فقير صاحب جي شهادت تي الياس ٿيٻي چيو:

عبدالرحيم اڏ ٿيو، 'مارو' تنهن متا
آني جڏا الياس چٽي، ليکا سپ لٽا.

فقير صاحب جي شهادت تي ڪنهن شاعر 'ستابي' ۽ 'لڪاني' کي بددعا ڪئي تہ:

ستابو ٿيو عتابو، جنهن ڏکيل ڏکے هنيو
لک لعنت لڪاني تي، جنهن سورهيہ کين سڃاتو.

باب ڇوون

سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ جنگيون

۱. رندن جو مگسين تي حملو:

وڏيري عمر ۽ قنبر خان ڀنهورن جو واهر ٽيڻ ۽ مارجڻ *

مهراڻ خان رند پنجاهن مڙسن سان مگسين ستان اچي ٻيو. مگسي ٻ اردا هٿ، ۾ حملي وقت اويسلا هٿا انهيءَ ڪري مارجي ويا. شايد انهن مدد لاءِ سڏ ڪيا، جنهن تي وڏيرو عمر ڀنهور ۽ وڏيرو قنبر ڀنهور، جيڪي ٻئي سوٽ هٿا سي واهر وريا. مهراڻ خان اڪثي نڪري ويو هو ۾ هي ٻويان وڃي ٻهتا. اربعا جو ڏينهن هو جو ٻنهي طرفن جو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ عمر ۽ قنبر بهادري سان وڙهندي مارجي ويا. جڏن ته ٻين جي سڏ تي مڙس واهر ٿي آيا ۽ ميدان ۾ سر ڏنائون، انهيءَ ڪري ٻيڙي فقير چارڻ ڪين ڪايو.

ڏس احسان الٽي پهر، سگهه سندي سبحان
جنهن ڪيا ظاهر زمين تي، بر بحر بيڪيبان
سهس انـارهـن عالما، جن و انس جـوان
اچي ٿيا آهـن اوچتا، مانجهي مڳ مزمان
هوڏهن ٽهي هڪل ٿي، هيڏهن ٽيي "آيان" (۱)
تڏهن ٻئي سوٽ ٻيڙ وچوي، هليا جذبي منجهون جوان (۲)

---

* هي بيت قلجي (ضلعو دادو) جي مشهور چارڻن سگهڙن سان ٻيڙي چارڻ چيا، ۽ مکڻ فقير چارڻ کان سنه ۱۹۵۷ع ۾ دادو ۾ ميان دين محمد چارڻ سان ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

(۱) واهر لاءِ سڏ ٿيو ته هتان چيو ته "آيا" (۲) ٻئي سوٽ عمر ۽ قنبر.

تن سان پاڻ محمّد مصطفيٰ، ٻيا آگي ڪين احسان
اتي عمر ۽ قنبر ٽي ڪهيا ڪوند ڪلام
ونئن تہ سمٿ تون موتي، آڏو قلعن جا ٻہ ڪمام (۱)
چئي: ادا! مڙئون لڳيهون ميهڙو، آئي اٽون رضا
ڏنسن رحمان
وڙهيو بس بجير کي، يڪو چانڊيو مؤن چوگان
اوري اوشو تي هئي، جنهن ڪوڙهئي ٻاري ڪاڻ
جڏو جيءَ جهان ۽ ناحق ڪائي نان
اچي وهو اٽن تي، آهن جوڙا جوڙ سندان
تن کي، ٻرين ميرين محڪمين ٽڪن ٽيليان
ڪوٻا وڙهن ڪاهه تي، وري ويس وريام
سي ورزا ٽي ٻيا ٿڙ ۽، وڃي جنت جاءِ ٽيان
تن کي پٽ ٻيالا بهشت جا، وڃي حورن هار ڏنان
ڪري هوء هنگام، وڃي سنگت سان سرها ٽيا.

—

اصلي ڪٿونس خلق جي، ڪا "مهراڻ" کي هئي سن (۲)
پيو ٻيڙ پنجاهن سان، ريلي تي ٻہ رڙدن
سي اڙڏا هٿا ٻہ اويسلا، ٽا مگسي مارجن
مونهيون مونهن سان ڪڏيون رڪين راند روڙن
جيرا ٻيرا ڦڙڦڙ ڪن، ذرا ذرا ڪن
ڏيئي باهه هندوقن کي وڏو آگهاري آڻن
هيڏهن هٿي پنجويهه، هڙ تي وڏا ماري مٿيرن (۳)
رندن ميڙي راڄ کي، ٽا ميڙيون مصلت ڪن
فائق فتح سان هليا، مانجهي موڙ ٻڌن
وڻيون وڪ وڃن، ٽا مخفي پنهنجي ملڪ تي.

—

(۱) "سمٿ" لفظ سمجهہ نہ آيو (۲) مهراڻ خان رند (۳) اصل. مگيرن

اچي اربع ڏينهن پرهه جي آرڙ ٽي اٽڪليل
ڪاهي قنبر خان پيو آ رؤجان ڪري اتي ريل
وڙهيو ورنهه ويرن سامهون ڪري خان ڪني جي ڪيل
ارڏي عمر نيليون واريون واهه تڪي تنهن ويل
ڪويون ڪاريون وجهن ڏاريون نامياسنگ پچن نيل :

واگهه ته ٻڌا هاڻ ته ونگي
آيا سر آرڙ جي انگي
مارن چوٽيان وجهن چنبي
ڪن پتنگن وانگي پيل .

جي آڻ ڪوند ڪلام نه ڪهندي
مي اڻ ٽڪا مور نه سهندي
ماريون ست ستان ڪون مٿهندي
لاهيون پرڪل گهتن پيل .

سانچي سوهه اعلي آڪن
سهريان رت اٽائين چڪن
پٽين پانڌهين آڻان پڪن
ڪرن مرد اٽاهون ميل .

آڪ پيڙا انصاف انهان دي
جي ڪلمي نال ڪليڻون ڪن ڪيل .

٢. رندن ۽ مگسين جو ٻنگاهم (جنگ) *

هي جنگ ميرن صاحبن جي اوائلي دور ۾ لڳي، جنهن ۾ رندن سان جلباڻي، جتوئي، جمالي، عمراڻي، بڙدي، گڙد، گبول، گاڏهي، ديناري، لاشاري ۽ ٻيا قبيلا گڏجي ويا، تہ ٻئي پاسي مگسين ٻنهنجي پاڙيسري قبيلي چانڊين کان مدد ورتي، ۽ اهي ٻئي سورهيہ قبيلا، ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي، مرد ٿي، ٻين مڙني قبيلن کي منهن ڏئي ٻڌايا.

هيءَ جنگ هن سببان ٿي جو مغيري قوم جا ماڻهو مگسين جا پاڙيسري هٿا ۽ پاڪيا ماڻهو هٿا. جمالين کي اچي جوش جاڳيو تہ مغيرين ۽ مگسين جو مال هٿي اچون.

---

* هن جنگ جو احوال ۽ سگهڙ قادربخش جويي جا بيت پهريائين مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي رسالي 'مهراڻ' (نمبر ٣-م سال ١٩٦٠ع) ۾ شايع ڪيا، جتان اختصار سان سڄو احوال ۽ بيت ڪنيا ويا آهن.

فقير قادربخش جويو، ڳوٺ جويا، تعلقي ميرو خان، ضلعي لاڙڪاڻي جو ويڙل هو ۽ ٨٥ ورهين جي عمر ۾ سن ١٩١٣ع ڌاري وفات ڪيائين. طريقت ۾ قنبر علي خان جي مشهور راشدي خاندان جي پير عبدالله شاهہ جو مريد هو ۽ پاڻ ٻنهنجي مرشد وانگر يوناني علاج ڪندو هو ۽ ڪنهن کان پيسو-پائي نہ وٺندو هو. نسخو ۽ اهڙو لکي ڏيندو هو، جو پنجن پيسن کان وڌيڪ قيمت جو نہ هوندو هو. عابد ۽ زاهد ۽ هڪ هو. شعر سان سندس ڏاڍو چاهہ هو. جڏهن تہ فقير جي پولي سرائڪي هئي، ان ڪري سندس گهڻو ڪلام سرائڪيءَ ۾ آهي، پر سنڌيءَ ۾ ۽ ڪافيون، مولود ۽ بيت گهڻائي چيا اٿس.

ٽيٺ آهي حملو ڪري ويا ۽ مغيرين جو مال ڪاهيائون ۽ مقابلي ۾ انهن جا ٻه-ٽي ماڻهو به مري پيا. ان وقت سردار احمد خان مگسي 'شاديهڙ' شهر ۾ لٿل هو، جنهن کي ڏاهين وڃي انهيءَ کهل جي ڏاهه ڏني. احمد خان بهادر ۽ اردو هو، سو ڪوڏ ڪري اچي جمالين سان جنبي مارو ڪرڻ لڳو. هاڻو مال چڏي وڃي ٻڪا ۽ جيڪي احمد خان جي سامهون ٽيا، سي مارجي ويا.

انهيءَ تي غلام محمد خان جمالي پنهنجي ڪوٽ ڪڙهي مان چڙهيو ۽ سردار شيرمحمد خان رند (جو ان وقت حيدرآباد ۾ ميرن وٽ رهندو هو) وٽ حيدرآباد ۾ ويو ۽ شيرمحمد خان رند آڏو پڳون اچلائيندي احمد خان مگسيءَ جي حملي جي خبر ٻڌايائين ۽ چيائينس ته 'مگسي ٻاڻ کي "جنگ دوست" ٿو سڏائي، هن جي ڪنهن تي نگاهه ٿي ٿئي ٻٽي! سنجهه صباح اوهان جي ڪوٽ "شورڻ" تي ٿو حملو ڪري!". اهو احوال ٻڌي، سردار شيرمحمد خان چيو ته ميان ميرصاحبن کان ستن ڏينهن الدر رخصت وٺندس ۽ سوري مدد ڪندس. پوءِ سردار شيرمحمد خان ميرن صاحبن جي سلام تي ويو ۽ سمورو احوال ٻڌائي موڪل گهريائين. ميرن صاحبن سمجهايس ته اوهان سردار ڪڏجي ويهي فيصلو ڪريو ته خير ٿئي، جو جنگ وارڻ خلل ڪان خالي ناهي. مگر سردار رند نه مڙيو ۽ جمالين سان ڪڏ لشڪر چاڙهي اچي پهتو.

احمد خان کي به خبر پئي، تنهن به پنهنجن مگسي ٻاڙن کي ڪٺو ڪيو ۽ چيو ته جيئن جمالين وڃي رند تمندار کي چاڙهيو آهي ته اسين به چانديي سردار وڏيري ولي محمد خان جي مدد وڃون. پوءِ سندس پٽ ۽ پائٽيو ميهان خان ۽ گهرام خان سپاهه ساڻ ڪري ڊيري ڏهتا. ولي محمد خان ڪين ان ڏنو ۽ چيائين ته راڄداري جون ڳالهيون ڪنداسون، هرجي رند سردار نه مڙيو ته جنگ ڪنداسون. پوءِ پنهنجي پٽ ڪٽنڊي خان

سان چانڊين جو لشکر چاڑهي موکليائين، ۽ کين چيائين تہ
'جنگ جي سوڙهہ ڏسو تہ مون ڏانهن ڏاهي ڏياري موکلجو
تہ مان ٻہ اڇي نکرندس.' نيٺ چانڊکو لشکر جهلي وڃي
'جهل' شهر ۾ رسيو.

چانڊين جي اميرن جنگ ٽارڻ جي کوشش ڪئي.
شهولي خان چڙهي ويو، جنهن تي سردار رند چار مهينا
مهلت ڏني، ۽ چانڊين کي چوڻ لڳو تہ 'اوهين هراڻيءَ ٻاهہ
۾ ڇو اڇي ٻيا آهيو، مان تہ اڳيون پويون ڪل قرض
مگسيءَ کان اڳاڙيندس.' اهو ڇڻي، پنهنجيءَ سپاهہ کي
ٻڌڻدين ڏانهن وڻي ويو، تہ جيئن چانڊيو ويهي ويهي ڪَکَ
ٿي 'ميل' ڀڄي وڃي، نيٺ 'جهل' ڇڏي وڃي 'ڪنڊڪوٽ'
پهتو. تڏهن چانڊين ٻہ مگسين کان موکلائي ڪئي ۽
چيائون تہ 'جڏهن کا ضرورت پئي تہ اسان کي سڏجو.'
تنهن تي مخالف ڏر، چانڊين کان ميدان خالي ڏسي، وري
حملي جون تياريون ڪرڻ لڳي.

وڏيري ولي محمد خان کي خابرن خبر اڇي پهچائي،
سو پنهنجن پائرن کي چيائين تہ بروهين جا عذر رهيل آهن،
سو هلو انهيءَ ڀاڻي سان هلي سردار شير محمد خان کي
ويڇها ٿيون، ۽ ساڻس ملي کيس جنگ کان موڙيون. پوءِ
اڇي بروهين وٽ پهتا، جن ڏاڍي آڏرياڻ ڪئي، پر سردار
شيرمحمد ساڻس ملڻ نہ آيو، تنهن تي وڏيري کي عجب لڳو.
تنهن هوندي ٻہ صلح جو خيال ڪري، علي الصبح چڙهي
ويو سردار شير محمد وٽ. ٻنهي سردارن ۽ پائرن ٻاڻ ۾
ويهي ورونهہ ڪئي. ولي محمد خان کيس رنج ڪيڻ لاءِ
چيو، جنهن تي غلام محمد خان جماليءَ چيو تہ 'اڏا ولي محمد،
تون اسان جي وچ ۾ نہ پئُ، اسين مگسيءَ کي ڏسي رهنداسين.'
انهيءَ 'اڏا' چوڻ تي سوني خان چتاڻي چانڊيي کي ڏاڍي
ڇڙ لڳي ۽ چوڻ لڳو تہ 'هوش ڪري ڳالهاءِ، اسين تنهنجا

ادا آهيون، تون ڏسو اسان جي سردار کي ادا سڏين!"
تنهن تي غلام محمد خان کيس شير محمد خان جو ڏڙکو
ڏنو ته "اوهين ديري وڃي دانهون ڪندؤ!" اهو ڏڙکو
ٻڌي، چانڊين جو وڏو پهلوان محرم چتائي (جو اڳتي هلي
سچل سائين درازيءَ جو خليفو ٿيو ۽ هڪ وڏو شاعر ۾ هو)
گجگوڙ ڪري للڪارڻ لڳو. ٻوءِ ته جمالين، رندن ۽
چانڊين جون تراريون ميائن مان نڪري ويون، پر هروهين
وچ ۾ ٻئي جنگ ٺاري، جي "مهمانن سان جنگ نه جڳائي."

سردار ولي محمد خان وري اڃي رسيو ميرَ احمد خان وٽ.
پر تڏهن ۾ صلح جو خيال نه ويس. نيٺ پنهنجي هڪ امير
الهه بخش خان چتائي چانڊيي ڪي راڻيپور چاڙهي موڪليائين،
جو پيرصاحب کي چاڙهي آيو، پر رندن جي سردار اهو چئي
پير کي واپس ڪيو ته "مان مگسيءَ کي ڪڏهن به نه
چڏيندس. پير فقيرَ اسان کي پنهنجا ۾ گهٽا آهن!"

ٻوءِ سردار رند جو لشڪر اڃي "جهل" کان آڻ ڪوهه
ري روهيلن ۾ رسيو. آتي کي سيداڻيون ٻيٻيون ۽ وٽس
ميڙ ڪري آيون، پر مڙيو ڪونه. ٻوءِ ته اڃي جنگ لڳي.
ڇهه سؤ چانڊيا هٿ ۽ هڪ هزار مگسي. سردار شيرَ محمد خان
پنهنجيءَ فوج کي هن طرح هدايت ڪئي: "ڳڙد، ڪبول،
ڪاڏهي، ديناري، جلب، جتوئي ۽ لاشاري، وڃو چانڊين
تي ڪاهي، باقي ٻيا مگسيءَ تي مارو ڪن." ٻئي پاسي
احمد خان ۽ ولي محمد خان پنهنجي لشڪر جون صفون
سڏيون ڪيون، مگسي اويارو ٿيو ۽ چانڊين اولاهين پانهين
جهلي. شير محمد خان شير خود هڪلون ڏينڊو جنگ ۾
ڪڏي ڏيو، ۽ ڪنڪ ۾ ڪاهي ويو. جيڪو سورهيه ٻئي
سنڊس سامهون آيو، سو پهرئين ڏڪ سان ختم ٿي ٻئي ويو.
نيٺ سراج نالي ڪاتير سان وڃي ٽڪيو. ايتري ۾ خول
متي ڪان ٽڙي ويس، ۽ متي تي سرواهي جهلي، ڪونڊر

وڃي زمين تي ڪريو ۽ سندس پساهه پورا ٿيا. جيڪي ساٿس همراهه هئا، سي سڀ ماهو ٿي ويا. سردار شير محمد شڪست کائڻ وارو نه هو، پر غرور مڙس کي ماري وڌو.

هن 'بنگاهه' تي گهڻن شاعرن 'بلوچي' ۽ 'شعر' چيا، جن کي ٻڌي شاعر قادربخش ٻڌ ٻڌهنجن ٻيٽن ۽ جنگ کي بيان ڪيو.

"پاروچي ٻوليءَ ۽ سوين شعر چيا سگهڙن
آءٌ ٻي منجهان تن، ڪيرائي ڪٽيي ڪٽي."

سندس تفصيلي بيت هن طرح آهن.

تون صاحب صفتن جو ڏٺي، تون مالڪ مٽلڪ جهان
ڪهڙيون تعريفون ڪجن، ڪيئن ظاهر ساڻ زبانَ
حڪمت ڏس حڪيمَ جي، اونهان بحر بيانَ
ڪير ٻروڙي ٻرور کي، ڪنهن کي طاقت کانَ
شان شفيع اڪرو ٿيو، درماندن درمانَ
چارئي يار رسول جا افضل عاليشانَ
آڇي قرب ابوبڪر، عمر ۽ عثمانَ
علي ميرامير کي، ساراهيو سبحانَ
حسن ميرحسين جون ڪيون تعريفون قرآن
ٻئي دُولهه دادلا گوهر گلستان
مڙيئي ٿيا مادتٽو، سيئي سلطان
ڪُوهي ڪوهستان، احمد خان امير جا.

احمد خان امير هو، مگسي مڳ مٽيرُ
هر مٽُنهن هڪل تي چڙهي، دودو ڏم دليرُ
رند مگسيءَ جو پاڻ ٻ، هو اصلوڻ وڏو ويرُ
شور مچايو شير، ٽو هاتڪ هيئن هاڃا ڪري!

گانهٔ تہ غازي شير جو، جوڙ وڏي سان 'جهل'
وڃن نغارا ويڙهه جا تنهين منجهه طبل"

پري پُڄهي پرڌانَ جي هيبت ساڻ هلّ
ڪاهيو ڪنڪن سان وڙهي، ٻوي اڙدن منجهه اچلّ
ديوَ نوايا دلّ، جي جوان بهادر جنگ جا.

ٻيا ٻيي ڪٽونڊَ ٻروچ هٿا، سينگَ صوبا سردارَ
حاڪمَ پنهنجيءَ حد جا دانهَن دعويدارَ
هيٺا هاڙهن ڪوڻ ڏڇن، ويڻا جي ويچارَ
ماٺهو تن ملاحظي، ڏڪن سي ڏهڪارَ
ڪريو ڏاڙا ڏاڙ، هڪٻئي مالُ هنيو وڃن.

هو هاتڪ حيدرآباد ۾، شيرمحمد رندُ
شهر ت 'شورڪ' جاءِ هئس، نَرَ جو 'ناڙي' هندُ
مانجهي ميرن وٽ رهي، پانڪو بخت بلندُ
رانولّ رندستان جو، صوبو هو سرمندُ
ڪين نوايَئين ڪنڌُ، هو جيسين جوان جهانَ ۾.

مغيري، مڱسين وٽ هٿا پَر ڪٽلهي پاڪيا
پَهٽُون ٻوياڙيءَ ڪي، تن ٽي سنپاليون ساڪيا
جمالي جاڪيا، ت مڱسين مال هٽي اچون.

مڱسين مال هٽي اچون، آ وريئُر تنين سير وڪَ
هلي هونگن سان ڪيون، ڪَني راند ڪڙڪَ
پيادا سوارن ڪوڻ اڪي، دَوڙيا مٽي دڪَ
جنهن ٻيچ ورايو پَڳَ، سي سيئي چڙهيا گهلَ تي.

مال مغيرين جو هٽي، واهَ ڪيئون وارو
ٻه ٽي مڙس مري ٻيا، ٽيو ڏٽن سان ڏاڙو
شير ت 'شاديهڙ' سندو، آرڏو آٽيارو
ڏاهَ پٽيي ڏَسُ گهلّ جو، ڪيو ناميءَ نغارو
'احمد خان' اچي ٻين، نَرُ هٽي نعرو
جٽُنبي جمالين سان تنهن هو مرد ڪيو مارو

پيادا ٻوڪن ۽ ليکا، متان ٻوي متن پسارو
ٽيو لشکر لهوارو، ٻيو ڪوڻ مال ڇڏي ڀڳا.

ٽيا جيڪي سورهيه سامهون، سي ماريا مرد مٽيار
جنين ڪوڻ توفيق وڻي، تن تي ناهه ميار
پيادا ٻوڪن مڙن ڀڳا، ٻيڙ ڇڏي ٻيزار
وري ويا هٿا تن تي مگسي سلٽغذار
پيادا پوين ڪي ڀڳا، رڻ رهيا ريدار
ڏنڙي دعويدار، جنهن ٻيلي ڪوند ٻڌي ڪيا.

هڪ آيو هو گهل تي، ناتوان نادان
جڏهن ڏٺائين جنگ ڪي، ٻيڙو ٿي حيران
ٻيڙ وڏيري جي ٻيو، اڇي عاجز ٿي انسان
ٿيڻ ميان مهربان، ڏيئي هٿ پناهه جو.

نيڇو ٿيي نادان ڪيو، اوچو آدرياهه
سون ڪي هيڏي موڪليو، ڏئي ڏس جيجل ماهه
ڪونهي ڏيکو در تي، وڃي نڙ ڪوڻ وڻي آهه
جوڙي هيڻ جڙاهه، جنگ رسيس هن جاءِ تي.

ڏيار يس ڏاند وڏيري، هو ڪيڏندو قداور
پري پوري آن جي، ستڻ وجهي آڙ
باغ لنگهائي پرُ، هي نيئي ويڇهو وسڻين ڪي رسيو.

جيئن منجهه جهان، اهڙا راجا راو
همت هيڻن ڪي ڏين، آڙين ڪن آپاهه
صاحب سخا جا ڏٺي، نامياريا نڙ ناهه
شيرن جا شعاع، ملڪن ۽ مشهور ٿيا.

ٻيهي نه سگهيا پڙ ۽، جنگ تي جمالي
ڪوٽ وڃي ڀالهيون ڪن، خبرون ڏين خالي
هٿ نه مگسين ڪي لڳو، مال نه ٻي مالي

هادي ڀچائي هنن ڪوڻ، آندو وڃائي والي
جي ساڻ هليا سوالي، سي ماهو ٿيا ميدان ۽.

ڀيڙو شور شهر ۽، اوٽيڙو اندوهڻ
مٿي مڳسيءَ جي لڳو، هو رڪ مثل روهڻ
ٻيادا ٻرايوَ پڙ ۽، ڏوهڙ ڪري ڏوهڻ
جڏهن چنڊايوَ چوهڻ، تڏهن البت ٿيو آرام ۽.

جيڏو جمالي ڪي ٿيو، غلام محمد غم
ويرتم ويريءَ ڪوڻ وڃان، وڏو آهم وهم
هاتڪ حيدرآباد ۽ ٻانڪو سو ٻهرم،
جيڪو آٿيون جنگ تي، رندڪ چاڙهي رستم
امان جي ايذاءَ جو، ٿيندو شيرَ شرم
وڃي ويرِ امان جا، ميڙ ڪري محڪم
تنهن ڪي جالَ ڏياريون جَم، جنهن مڳسيءَ ڪالهه مذاق ڪئي.

مڙي جمالين ٻاڻ ۽، مردن ڪئي مصلحت
جن جا جگر ڇڇي ٻيا، ريلا وهندي رَت
وڃي تنهن ورنهن سان هيءَ ڪر حقيقت
آڻي وجهه ويريءَ تي، ڪا ازغيبي آفت
ٻلڪ نه ڪر فرحت، رات ڇڙهي وچ رندَ ڏي.

غلام محمد غم ۽، چڏيو ڪوٽ ڪڙهيي
سانجهي ڪي سنبري هليو، چانگي تي به چڙهي
ٻيا ٻي به ٿي تنهن ساڻ هليا مرد ميڙي
رانوَل تيت رڙهي، ٿيا رات روانا رند ڏي.

ٿيا رات روانا رند ڏي، ڏوري ڪنيائون ڏڪَ
هوري جهوري هيانوَ ۽، جيڙي اندر جڪَ
نڪي ڪائن خوشيءَ ڪوڻ، ٻاهم اندر منجهه بڪَ
سُورَ وڃاين سڪَ، هليا ديش ڇڏي پرديس تي.

هتؤن حيدرآباد آڻوَ، پنڌ پري سؤ ڪوهه
سڀيون سُورَ اندر جا، ڪنوَ سان سپ گروهه
ايندو اسان سان چڙهي، جي طالع وريو توهه
جيئن لوهر ڦُوڪي لوهه، تيئن مدعي ڪي مادُ ڪندو.

ساهي واڪَ سڀيون، بازَ بچيون بانڪا وڃن
عاقلِ ڪاهين اڪٽي، پويان ماڪَ سڀيون
دل ۾ درد فراق جون، سنديون زهرَ وڻيون
نر وڃي نروار ٿيا، رهبر راهَ وڻيون
هيون سڀ حيدرآباد جون، ڳهاڻا سَير ڳهڻيون
ٻوءِ ٻيلي پنڌَ پڻيوُن، وڃي دُرس مليا داناءَ ڪي.

پاڻوَ لاهي پَڳَ، آڇليائون ارغونَ ڏي:
مڱسيءَ هٿ مارو ڪيو، اسين پڇي ٿياسين پَڳَ
هٿي نيي هيڏُن ڪيا اٿس واهه، اسان جا وَڪَ
جاڙ آهائي جَڳَ، ساري ملڪ سڃي ٻڌي.

آياسون اسين ڪهي، دانهن وٺي داناهه
ويري وَڪَ هٿي ويو، نَرُ چڙهي ناگاهه
مُيروءُ ميڙ وٺي وياسين، جاڙهي منجهوُن چاهه
ڪين مڃيائين تنهن ڪي، هو هُٿ سندو بادشاهه
ٻوءِ وياسين مالُ هٽُ، جُنگَ آنهيءَ جاڳاهه
وڃي مال هنيوسين تن جو، ڪَستوُن ڪري ڪاهه
احمد خان اڪي لڏل هو، ڏاڍي پشت پناهه
هي مڱسي حملو ڪري ٻيو، جاري منجهه جنگاهه
ماري مال ڇڏايائين، رکيي سيف سلاح
پيادا ماريا پيڙ ۾، هٿا جيڪي همراهه
مڱسيءَ جي ڪنهن مرد تي، ناهي نَرَ نگاهه
ڏِس، ٿو سنجهه صباح، شهر ته، شورَ جو هٿي!

نانھ رکايو پانھنجو، جنھن مگسيءَ "جنگ دومن"
لاهي ٿو لڙ ڪينڪي، وتهي ڪنيو شر" شروس"
آهي آڳ اندر ۽، ڏيلوڻ ڏاڍو ڏوس"
ڪوندا! وڏو ڪر ڪوس"، ويرَ! چڙهي هل ويريھ تي.

ٿون آهين هانڪا بلوچن جو، رند بيشڪ بادشاھ،
تون سونهين سيني وچ ۽، جيئن منجھ ستارن ماھ"
ويريءَ هيت وڙاھ، ڏس جو ڏاڍو ڪيو.

تڏهن وَرنھ ڪي ورندي ڏني، شير محمد شيرَ
موکلَ ميرن ڪنوڻ ڪندس، ستين ڏينهن سويرَ
جلدي هلي جهل" تي، پاڻ گهمايان پيرَ
وَرنھ تنهنجا ويرِ، ڏس وڃان ٿو ڏينهن ۽!

[غلام محمد خان جماليءَ ڏيو]
ويڻي ورهيه لنگهي ٿو، ساعت ساعت سال
جيڪا مرضي تو سندي، هر خاوند! رکج خيال
جي مرضي منهنجيءَ تي هلين، چڙهه هڪدم حال في‌الحال
هه، معلم [سعلوم] حال، ٿيٽي اسان جي ايذاءَ جو.

هليو سنگت سلام تي، آڻان ميرن تائين
جماليءَ جي جنگ جو، قصو چوريائين:
مگسيءَ هٿ مارو ڪيڻ، هٿي هنڌائين
مان وٽ ميڙي آئيا، دانهن وٺي دانهين
ماڳ چڙهي مائين، آءٌ دانھ ويندس ديس تي.

قبلا! اڄ اوهان ڪوڻ ٿو ميرا! گهران موکل"
نيٽي جهنڊا نيشان سپ، جهٽلايان منجھ "جهل""
گهوڙا منجھ گهڻين جي، ڪڏايان ڪونڊل"
جيڏن ڪري ڪڙمي دل"، ٻا هر مگسيءَ سان ڪندس.

سمجهي وچ سيال تي، ميرن هايس بل
وس ڪون جنگ نہ وارجي، مني بن خوف خلل
هنئين ڪون اولاريو، ڪٿر آها ڪالهه عقل
مرد، سچائي مهل، جي ڪيڏي راند ڪٽي اچن.

ميرن ڏنو هو ميهڻو، ڪر ياد سخن يڪبار
چيو هو چرچي ڏي، سو ورتهه، ڪين وسار
جا هٿندس هٿ ترار، سا هيت ڪوٽ اچي ڪالهيون ڪندس.

[شير محمد خان چيو]
منهنجو ميرَ اوهان سان، قبلا آهه ڪلام
جاري ڪندس جنگ جو، سپاڻي سرانجام
ڪڍهن متڙندس ڪينڪي، هٿندس تيغ تمام
هاقبائل بند ڪندس، مگسيءَ کي ڏي مدام
دانهه وجهي دام، آڻيان پيش اوهان جي.

باندي هيت بڻيءَ تي مر ڏوئين ڪاڻيون گاهه
ائين ڪيئن ٿو واهه، نہ تہ مان کي ميرا نہ منجهو.

موڪل ميرن ڪون ڪري، جان آڻيو اڻ گيل
سڏو صبح جو ڪري، مانجهيءَ ڪيو ميل
لشکر آيو لاڙ جو، ٻڌي ديڙ دليل
تنهن دم ترت تريل، ڇڙهيو آردو آلادين جان.

جيئن دولهه دودي راوَ تي، چاڙهيو چنيسر
هليو حيدرآباد کان، کان پڇي کيبر
وڃي نڪتا ويڙهه جا، دماما ڏهون در
آسهيو آلاهر، آلغرضو اقبال سان.

ڪري کارونيار، سارنگ جيان سنبري هليو
ٽيو ڪڙو روٽ ڪنوڻ سان بادل چاڙهي بار

هَهري هاونگ تي چڙهيو، جُنگ جنگي جنسار
دُرس ڪري ڏڏڪار، لڏو دانهَن ڏيوُ ڏرياءَ تي.

پٽور لنگهائيندي پاٽئي، مانڊا ٽيا ۽ ملاح
۽ ٽي ٻيڙيون گڏ ٽيون، وهڻ لنگهائڻ واهَ.
وهن متانهون وير جي، تائين سنجهه صباح
اوه ڏَلمي ٽڻ درياهه، لشکر سڀ لنگهي پيا.

ساڻ ڪنيا ها سارڏو، سڀ سيڏا ۽ سامانَ
رنگدا وڃن راهَ سان، گلن جا گهمسانَ
ريشم رُپي سون جي، ڪمي هٿيڙن کانَ
مانجهي منجهه ميدان، هڪ لحظي منجهه لهي ويون.

ٻوڙَ ٽهائين بَرَ تي، سير واڳان ساهيو
دُنگ جنين جي دست ۽، پيٽن مُنهن لاڀو
وڻن هرڙ هٿن سان، ڦيري ڦاسايو
ڪوندَ وڃن ڪاهيو، ماڳ ڪيندا منزلون.

جهٽلي جهانگارن ۽، ڪُل ڪڪ آيا
رندَ ڪناري روهه جي، هٿا هردم همسايا
سرس ڪري سعيا، آت پي جوان ڪنيائين جوهري.

جوان ڪنيائين جوهري، ڪوڏي ڏيٺي ڪَنُ
جنهن کي هٿيڙو جان ۽، زهرُ اندر سان زنُ
جوڙي ڪيائين جنگ جو، سڄو ئي سر تنُ
دهوڙي دشمنُ، ڏري ۽ ضايع ڪندس.

منزلَ منزلَ تي رکن، دانهَن دادا گيرَ
اڪٹوُن آڻَ سامان جا، مهمايا مهيرَ
وڃن ڪَرهه قطار يا، بودا منجهه بهيرَ
آيا ساڻ اڪيرَ، سرحد ڪاڇي سنڌ جي.

نَرَ کي نارِي پَرَتي، رند اچي پئي رات
ماڻهو ملاقات تي، اچن ذات بذات،
ڪَن مهمانيون ملوڪ جون، طرحين طرحين تات ..
وَرنَهه وائي وات، مُورَ نه مگسيءَ کي چڏيان!

مُور نه مگسيءَ کي چڏيان، ڪنهن کي ڪندو ڪُوڪَ؟
ماڻهو آنهيءَ حد جا، مليا ساڻ مَلوڪَ،
خبر جنگ ٻنگرهه جي، هرجا پِڙي هُوڪَ
ريڙ، رندستان جي، چا جهليندو ڦُوڪَ
جڏهن ڏيندس باهه بندوقَ، تڏهن روهه رَيون ڪندو.

ڪري جمالي چوچرو، راتيان ۽ ڏينهان
جن جا جهيڙي وَرَ جهلي وڏا، سي رڙيون ڪن رِيهان
درد تنين جي دل تي، پلپل ڏي پيهان
ڪُوڪ ڪريو ڪيهان، تا چورَنَ هينيانوَ چڇيو هون.

شير محمد شور وجهي، چڙو هيٺن چيوس
ڏهوڙي دشمن کي، مُدعي ماريندوس
ڪارو وجهي ڪڇيءَ ۾، آڻ پئي آڻيندوس
نال وڃي نيندوس، جاڏون قول ڪري هليَ.

ٽوري گهٽي ڏينهڙي، آيو ڪَهي منجهه ڪوٽ
جيڏي جماليءَ ڪُهي، سورهيه ساڻ سهوٽَ
هل ته هيڏون ٿي هلون، چڙهه آٿي ڏي چوٽَ
ڪاهه قلعي منجهه ڪوٽَ، پيڙ نه پيليون جهلَ ڪي.

جي سَڏَ پائي اٿر سنگتي، سي ميڙيان ڪريان گڏ
نند تنهين کي ناهه ڪا، هينيون جنهن جو هڏ
هڪل هاڙن کي ڪري، سيني ڪندس سڏ
ٽاڻ پچندس ٽڏ، جنهن زوراور زور ڪيو.

اتي خبر امير کي، سنڌ ٻڌي ساري
تنهن سڀ مگسين کي چيو، چڙهي ٽيو چاري
آڏ ڏسي آڏلي اچو، هوءَ ڪريو هوڏاري
تن ڪئي تياري، هلو تہ ڏيل ڏسي اچون.

تازين چڪي تنگ، جڏنگ هليا جاسوس ٽي
ويجها ويرين کي ٽيا، ڪڏائي ۽ ڪهنگ
ڏيهان ڏور رهيا، دانهن سڀي دنگ
راوت وقت رات جي، چاري ٽيا چورنگ
سي سڀ موڪيا هوڏتي، آڏ ڏسي اڏهنگ
اچي لڌا آورنگ، ويرَ وڏيري جي اڳيون.

ويهي وڏيري سامهون، هڏن جو ڏنائون حال
بيحد آهن بلوچ سان، باري آڏ بحال
اجا ٿو اڳتي وڃي، خانيي رکيو خيال
نجاڻي ڪائڙن اڃي، ڦيري سو في الحال
نيٺ تہ ايندو جنگ تي، جنهن سيڙيو آهن محال
آڏ اهي احوال، ڀڳڙ! ٻڌ ٻڌهي ڪنهين.

پهه ڪيو پاڻ ۾، مرڻ اڳيون مگسين
جيڪي هليا جنگ تي، آخر نيٺ اچن
منهن ڏيندا سين سامري، سامهون سيالن
پري جامَ شراب جا، تڙت پيار يو تن
ڏسندي ڪيڏ ڪٽن، اٽي سوڀان هٽ ستار جي.

پڙَ چيو پائڻن کي، آرڏي احمد خانَ
اوهان جي انصاف جي، ڪمي آهي ڪائنہ
هڏنَ پسي ۽ ٽي پروچن جا، گڏ ڪيا تمانَ
هيڪڙائي هاديءَ جي، آ ٻڌي کي طاقت ڪائنہ

اسين ، آڻيون وڻي کي ڪيهر جنگ جوان
رازُ جنين رحمان، سوپ تنهن کي سامهين.

چڙهي وچ چانديي ڏي، آڻي دَنگ پائي دهدار
جنهن جا پاڻر جوهري، بَڙا بيشمار
قابل سو ڪاچي ڏڻي، سورهيه آ سردار
دهڪو دشمن کي هوي، ڏُور ٻڏي ڏهڪار
ٿي ٽئريلا تيار، وچ وڏيري ويڙ ڏي.

قابل ڪاچي ڏڻي آ، ولي محمد واهَ
منهنجي پيي مرضي هئي، ار کهڙي ڏيو صلاح
ٻڌ پائڻو احمد خان جا، ها مرد مثل جڻ ماهه
مينهان خان ملوڪ هو، ڪوهو ساڻ ڪماهه
ٻيو غازي گهرام هو، بانڪو بيپرواهه
تان پيي تياري ڪري، آٽيا علي‌الصباح
دنگ لنگهي داناهه، وڃي دُولهه ديري ڀر لٿا.

ڪنوَ سين ڪڍيا پاڻ ڀر، فائق مان فرحت
ڏين تعظيمون تن کي، روح ڪڍين راحت
تان پيي تواضع ڀر ٽيا، خان اڪيون خدمت
مردن ڪئي محبت، ويهي وڏيرن ساڻ ڀر.

خبر خانن ڪؤن پُڇي، هو دانهَ جو دستور
چي، سائين! جمالي‌ءَ جي جنگ جو، معلوم اٿئي تذڪور
چاڙهي آيو رندَ کي، سور ٻڌائي ستُور
ميڙيو مڙني کي اڃي، کي ٻاڙا جمهور
ٻير اندر ڀر ٻُڌور، تم وڃان دانهن وڻي داناهه کي.

ارڏن کي اٽين چيو، مانجهي شير متيرَ
ابا! رکڻ الله تي، ڪر وڏي دل دلير

هوڏانهن حيدرآباد هجي، هوڏانهن جيسلمير
هوڏانهن حدّ قلات جي، مر گڏ ڪري گجمير
هٿنداسونس پنهي هٿين، شوق منجهوڻ شمشير
اڳم آميد الله م، ڏيندم سوپ سويرِ
پويان ڏيئي پير، ويندو ڪين وٽان تي.

آياسين آمن ڪري، وڏيرا تو وٽ
ابا، ڪر اسان متڻ، سورهيه سرَ جي سٽ
چوڪنڊ ويرِيءَ ويڙهيو، ڪونه پانيو سي گهٽ
ڏولها، هل تون ڏٽ، موڪل ميڙي هاب ٽئي!

[وڏيري ولهي محمد چيو]
منهنجو آهه اوهان سان، قسم قول قرآنَ
مَرُ جيڪي ميڙيون اڄن، آدم چا حيوانَ
ڪنهن ڪوڻ ڏچان ڪين ڪي، توڙي هُجن تمامَ
"جهل" ٿو منهنجي ماڻ آهه، چائي هڪ سبحانَ
چڏي مادر مانَ، پٽ ويهن ڪيئن پوئتي!

سڏايو صوبن کي، ماڻهو متنجي مير
وجو وڏيرن سان چڙهي، متي جنگ متنير
ڪنڊيو ڪيهر شينهن هو، پٽ ولي محمد وير
ڏيئي چوٽ چڙهي هليو، حاضر سان حميرَ
جڏهن پانيون جنگ جي، سوڙهي اڇي سيرَ
ڏاهي مون کي ڏاهه ڏئي، هلي وانگي هيرَ
آءٌ پيي جلد امير، چاڻ اوهان وٽ آئيس.

چڙهيا لشکر چانڊڪا، ڪنڊيي سان ڪرڪلّ
رات پئي هٿن وچ تي، تاڙا ڏين ڏرتلّ
چانڊ يا مڪسي پاڻ ۾، محڪم ڪڏ يا مسلّ

اڑنگ شير اچي لڳا، جهٽلي رسيا منجهه جهلّ
ٻڌي هاڪ هڪلّ، سرُ دهڪو دشمن ڪي پوي.

وڃي ٻڌي ورنهه جيي، ٻانڊي ڪن پچار
اشڪر آيو چانڊڪو، گجڻي منجهه غبار
حد وڻيو هاڙهو گهمن، چوڪٽنڊ چوڪيدار
هيڏانهن هوڏانهن خابرو، ڪلّ رڪن ڪلدار
پول پڌائون ٻيهار، ٽيا قولين "قادر بخش" ڇڻي.

شير چڙهي ويو "شهوليي"، ميڙ طريقي ملّ
پيش پيو پردان جي، دانهڻ دوڙي دلّ
[شهوليءَ رند ڪي چيو] صلح صلاحت خير جو، عاقل ڪي ٻه عقلّ
ڇڏ تون جنگ جنجال، مهلت پارنهن ماهه ڏي.

[رند چيو] چار مهينا مهت ٽي، آگهيو تنهنجو عرض
چو وڙهو، چاڪاڻ ڳرو، ناهه اوهان جو غرض
اڪيون پويون قرض، ڪلّ آڪاڙيان مگسيءَ ڪوڻ.

شير محمد شير جڻ، ڳنوَ ڪئي گفتار
پار پڌو سڀ يارَ، هيءَ جا ڪالهه ڪئي اسان.

جيڪر هتون ٽي هلون، ٻڙدين ڏي پيشڪ
ڪڍهن هاندي ڪين ڪي، چانڊيي جي چڪ مڪ
وڃي ٽيندو ڪڪ، سرُ جان ميل پڇي وڃي.

هو ورنهه ويڇهو "جهلّ" ڪي، ويڙو مرد متڙي
پاڻ پاساهون چڙهي، هليو رند رڙهي
ساري رات صبح تائين، رندَ جيي فوج آڙهي
پوءِ لائق شير لڙي، وڃي ڪوند لتو ڪنڊ ڪوٽ ڪ.

ڪوند لهي ڪنڊ ڪوٽ ڪ، ماڳي ٽيا مهمان
بانڪن بڙدين جا هٿا انهيءَ هنڌ وڻاڻ

مانجهي ملکن جا ڏٺي، پارس پهلوان
تائي جي تلوار جا، ساڻ ڪنيائون سرواڻ
جڏهن ٿيا بہ هرياڻ، روڻ ويندا رڻ سامهون.

[چانڊ ين چيو] خرچ خزاني خورش جي، ناهي ڪا هرواهه
ڪائن لشڪر لاڏڪا، ويهي ماهه بماهه
جتي خرچ ڪٿي وڃي، آڻ انن جا ٽاهه
بڏين مال متاع، آهن سڀ اسانهنجا.

ڏينهن ٻ-ٽي ويهي رهيو، ٽاڻ ڪري ٽاڙو
چانڊيو ويهي ڪڪ ٿيو، اڪثر اهچاڙو:
مانيون ڪائون مفت جون، ناحق ڏيو داڙو
راز چڏيو راڙو، ٿو موڪل مگسيءَ ڪوڻ گهري.

هي سو آيو ڪينڪي، وڙڙو ٻڌ پري
سانگ چرڙ ويو سڪرو، مالن پاڻ ڀري
اڳي هوءَ ايندو آتي، جو آيو ڪاهه ڪري
سڙ جان گاهه چري، "متمل" ۽ "روجهاڻ" جا.

هاڻي موڪل ٿا گهرون، دل ڪوڻ ڏي داناهه
جنهن دم اچي جود مان، ڏاهي ڏئي ڏاهه
ايندا سين اسين چڙهي، رسي راتو واهه
اٿي سوپان وس الله، ڏاتيون وس ڏاتار جي.

اهو سخن ستارڏني، چيو چولياڻي
پيو پيٽ تنهين سان ٻيل هو، خيالي قنبراڻي
داؤد خان دلير هو، ڀگڻ ٻيراڻي
احمد خان اول جهنڊو، مڙهڙ ماڻاڻي
ٽلو ٽري ڪينڪي، جيڻ ٻيل ڪري هاڻي
جنگ مڙهرا "جنگ دوست" جا، اڙينگ آرياڻي

وتن ٻڌي ويڙهه جي، ڪنيو ڪانپاڻي
چا ڪبي ڪهاڻي، انهن جي انصاف جي.

اها ڪالهه ڪٿي، پرسن هيڻن ٻهي
هرڪو جنگ جاڳاهه ويو، راتيون تت رهي
ڪودم دولهه دير ٿي، ويندو لڏ لهي
ڪنديو خان ڪهي، ديري آيو ديڙ سان.

ڏاهپ ڪري ڏانهن، دنگ لنگهي دور ويو
لڙي ها ته لڙي چڪي ها، هو ويجهو ڪنو جو ڪانهن
هن ڪي ٻين ٻروچن جو، گيرب هيڙو گرانهن
تنهن جو ٻڌي ٻانهن، اجا ته مرد مڙي ويو.

خبر سڻائي خاڙيو، ٿونڪيي سان چالاڪ
ٻڌائن ٻنهي ڪي، هاڙهو سان هوشناڪ
منهنجا سواري هيٺ هٽا، باقي جا ٻوراق
پڇي پرڌان ڪي، ڏهاڙيون ٻي ڏاڪ
هٿي جنين جي هاڪ، سي چاندڻا ڪالهه، چڙهي ويا.

خبر ٻڌي تنهن خان ڪي، ويا جوان چڙهي جائيي
ڀهڳن تنهن ٻروچ جي، ٿي سوڀهه سرهائي
هاڻي مڪسي هيڪلو، ويٺس پڇي پائي
وات اٽس واڻي، ته مور نه مڪسيءَ ڪي چڏيان.

ڀهڳن ٻروچن ڪي، آندو رند تائين روجهاڻ
فائق فاڪ نه ڪنهن تي، ڪاڻ ڪنهين جي ڪاڻ
ڪري ڪٽرنشون تن سان، جن سان روخ نڙهاڻ
ماڪ هلي سا ماڻ، جا جهلن ڏيهي جاگيرٽي.

سيني سردارن ڏي ماٿهو متڪائين
ملي آيا ميل ٿي، جوان چڙهي جائين
سانڀ هلو سائين، ٿيو ميرا اسان جا مادٽو.

بول بڌائون پاڻ ۾ عهد رهيو اقرار
مر جان ميل ڀڄي وڃن، ديري مؤن ڏهڏار
مٿون مڪسيءَ جي پٺون، آت ڪري الغار
هرڻ چڙهي ٻَٽ تي، هٿو سندي شوق شڪار
هٿ نه پرجي رت ۾، هٿو سڀ هٿيار
ويهون پاڳو وار، هوند نه اڃي هڪڙي ڪي.

جاڻي ڏينهن ۾ ٽي رهيي، هرڪو ٿيو حيران
آهنجا آڙدن ڪي ڏين، سڀ سيڏا ۽ سامان
مٿو ماٺهن جو ڦيري، ڏيندي آب و نان
ماڳ ٿيو مهمان، ڏاتي ٻٽ غلام عليءَ جو.

فوجون ڦيرائي ڪري، آندا آڙڊ امير
ڏاتو ٻٽ غلام عليءَ جو، وڏي بلند ٻهير
خبر ڪاڻوڻي جي ٻڌي، ولي محمد ويڙ
ترت ڪيو تدبير، من کو پڳهه، پڄي پوي.

ويهي وڏيري ڪي، چاندين هيڻن چيو
ڪاڏي حيدرآباد ٽي، ڪاڻون ٻند ٻيو
ڪڏهانکون مڪسيءَ سان، وڃي واه وڙهيو
ترسيو آهه، توکؤن، تڏهن رند رهيو
جنهن سو قول ڪيو، ڪڏهن مڙندو ڪينڪي.

منهن مٿاندر ڪهڙي، ٻانوَ پائيو پير
هاڙهي هيس هڪجهڙو، مصري خان مٽير
مڃي منٽ مڙي وڃي، چڏي جنگ چڱير
خاصو آهي خير، بهتر جنگ ٻنگاهه ڪؤن.

اڃ وڃڻ جي وات آهه، بڌين ساڻ ٻلي
آهن عذر انهن جا، ڏيون هلوٽ هلي

هي پيي لڏ اتهين، ڪنڪ ساڻ ڪلي
سائل ٿي سندايون، عرض ڪيو عقلي
چڏي چوهه چلي، سَن مڃيي منٽ مٽڙي وڃي.

فائق فاتح ڪاڻ چڙهيو، ساڻ ٽورن سوارن
ساڻس صوبا ڪيترا، سرڪش سردارن
رس رکيا هٿا هاڻ ۽، گهوڙن ۽ مهرن
هانڪا منجهه بڙدن، اچي جنگ لڳا "جويو" ڇڻي.

جنگ لڳا تنهن جاءِ تي، عاقلَ اوتاري
ماڳهين مهمانن کي ٿيا خوش ٿي ڪيڪاري
اکيڙون آڏَ لڏ هٿا، شهرون سماري
سڀ عذر ساري، فهميدي فاتاح ڪئي.

ماڳهين مهمانن جي، ڪن خاصي خدمت خاص
لاهه پکيو نغن جو، آيو وڻ واس
ڏسي آڏ امير جا، هرڪنهن ٿئي هيراس
هڙ منجهه تائين پڏرو، رند مثل راکاس
مانيون چانور ماس، گهوڙن تن گهٽا ڪيا.

ڪنوَ کي ڪڏجن ڪاڻ ۽، رند نه آيو رات
ٽيو وهه وڏيري کي، گهٽو عجب لڳس اثبات
جيءَ ته پنهنجي جيءَ کي، چڳيءَ طرح آهه تات
جي مرد رکن مرجات، سي سرندي ڏرن سارڏو.

اڏي اوڏانهن هليا، ساجهر ساڻ صبوح
ڪنوَ سين ڪڏيا هاڻ ۽، ويهي ڪن ورونهه
شرم ڏڏي تون شيرمحمد، رنج ڪيج مڙن روح
لهس ڏڏي ڪر لڏهه، چو هلان هيڻن تي ڪرين.

تون ڀڳڻ پروچن ٨، جيئن چوڏهينءَ جو چنڊ
سونهين سينيءَ وچ ٨، جيئن کير ڳڏجي ڪنڊ
گوڙ ڏسي ڪر ڪنڊ، چو هلان هيٺن ٿي ڪرين.

سپ ڳگيلا تنهنجي، آهن منجهه آمر
هڪ مگسي آهه هيڪڙو، بي واهه نه ٽس واهر
منهنجا قسم پروچ سان، آهن پول پڌل ٻيهر
چڏ ته پاڻ چڏائيان، ڪنهن حرفت ساڻ هنر
هو جي ڏوهن کان ڏمر، هن باندن تي بخشيش ٿي.

غلام محمد گوڙ ڏئي، ڪيو گوڏي هيٺ ڪالهه
ادا ولي محمد وچ ٨، تون اسان جي نه ٿئين
اسين مگسي پاڻ ٨، مرڏاڻي ڪيو ڏٺ
اسين ادا تنهنجا، تون چگيءَ طرح سان ڇئين
ستت وڏيرو شيرمحمد، واڏو ناهي جئين
تيز ڪرين ٿو تئين، تون رند وڻي هن راهه سان!

ورائي ورندي ڏني، جماليءَ جواب
تون آهين چانڊيو اهڙو، ناهي ڪنهن جو باب
ايندءِ شيرمحمد شتاب، ته سپ ديري وڃي دانهون ڪندؤ.

[محرم چيو] زور وڏو ٿئي زيادتي، ڏسي آڏ عميق
ٻيا پي آڻي ايترا، ڳڏج ساڻ رفيق
دَرَ دَرَ مٿي ميڙيون، شامل ڪئي شريڪ
جڏهن مگسي هو هيڪلو، تڏهن ڪرين ها توفيق
تڏهن وهندءِ ...، جڏهن ايندءِ مهڙدار محرم جو.

جڙهي ويئي رند ڪي، ڪاوڙ ڪاهاري
تون آهين آمڙگاهه جو، مگسيءَ سر باري
وڃي ڳڏج ٻيٺ سان، متان ٽئين ميداري
جلدي ايندس ڀجهل تي، هار ڪٽي ڀاري

دائود خان، ٽلو خان، ڪئي گويا هي گفتاري
چڙ وڏيرا چوهه چنڊي، سر هلي تان هاڙي
جنهن ڏني آهه ڏاڙهي، سو پلڪ نه رهندو پوئتي.

آين ڪاوڙ قهر جي، ڦيري رمز رندن
هنيائون حملو ڪري، هٿن تي هٿيارن
دستين بندوقون ڪنيون، چاهه منجهان چانڊين
وچون پئي ٻڙدين، هوڙ چني هوڏي ڪيا.

مهمانن سان ماڻرو، ناهي رسم رندن
جنگ نه جڳائي تن سان، جي پهي اڳن اچن
سانڍ تڏي آين، هوت نه گهرجي هيتري.

آئيي سو پان هٿ ستار جي، گهٽي ٿوري ناهي
ڏسي آڙ آياروان، تون ٿو ٻانور پائين
سر تنين توڻ صدقي ٿيا، جنين جيءَ ٻائين
جڏهن آياسون جائين، ته واه جا جنگ مزو ڪندي.

اسهيو الاهر ٽي، دولهه چاڙهي دم
ڪنوَ سان نڪتا گام مون، ٻڙدن وڏو بم
وري وچون پوئتي، ماڳهين ٿيون محڪم
گهٽن ٿورن سان مرڻ، اهو آهه اسان جو ڪم
هوندو جيئن حڪم، تنهن مان ليڪ نه لهندي هڪڙي.

ارڏي احمد خان ڪي، نيئي چارڻ چٽايو
چانڊيي چوٽ آڻي ڏنيس، پر ٻڙدن پچايو
چاڻ ته جهلي 'جهل' تي، اڄ سيان آيو
سنبري ڪر سعيو، مڪسي ننڍ متان ڪرين.

وري وڏيرو آئيو، جاکهه پنهنجيءَ جاءِ
مان جي پول پروچ سان، ويهي قول ڪياءِ

اٿر اُميد الله ۽، ٻوءِ ڏينڊ وسانس ٻاءِ
يارو، جيڪا راءِ، مٿا ٻڌي ٻڌايو پائرو.

[احمد خان چيو] راءِ تہ آهي جنگ جي، ٻي چئون ڪيهي
ڪالهہ ڪيائون قول تو، ورنهہ جي ويهي
نيٺ هلندين هن هنڌان، هي ديش ڇڏي ديهي
جيهي آهي تيهي، ٻيهي سر نباهيون.

[احمد خان چيو] راءِ تہ آهي جنگ جي، چون مرڪن سور
ويريءَ ساڻ وڙهن ۽، کهڙي ڪٽن ۽ ڪور
هٿنداسون ٻنهي هٿين، زخمان منجهون زور
دل وڏا ڏي ڏونر، اٽي سوپان هٿ ستار جي.

[شهوليءَ چيو] اٿو ياري آڙد بلوچ سان، ڏاڍي ٿروج اڙڻ
جنهن ڪي طلب ترار جي، سانگ هليو سانگهيڙ
هڪڙي صباح اڳي ڪيو، ٻوءِ هلو سر ويڙهہ
ماڳ سنباهي ميڙ، ڪنهن ڏياري ڏهيءَ ڪي ٻڌجئون.

[ولي محمد چيو] ڪُل ٻيرڻ ۽ ٻڌرو، آهہ پارس منهنجو ٻيو
اوکيءَ منجهہ اڇي ڪري، واهر ڪندو ويو
جو رانول راڻيڙو، آهہ دولهہ دستگير
الهہ بخش چتائي امير، اڙهي مڪائين محبوب ڏي.

هن حقيقت حال جي، وڃي ڪر دانهن مٿي درگاهہ
پير ڪري ٻيرن تي، ٻهريون گهٽ پناهہ
رندُ مگسيءَ تي ٿو وڃي، ڪاهيو ڪاهہ ٻگاهہ
آئي آهي اهنجي، سختي مٿون سر آهہ
سيدا ٻهج سگهو رس، والي کر کا واهہ
وڃ تنهين ڏي ميڙ تي، ارڏا لڳ الله
سهڻا صالح شاهہ، ٻهگن اڇي ٻياهہ تي.

عاجزَ ٹي عليل، وچي دانهن ڪئي درگاهه ع ؛
مرشد وچ تون ميڙ ٽي، جانب لڳ جليل
ظاهر باطن زور جي، ڪر ڪا واهه وسيل
ٻيو ڪو ناهه دليل، تو ريءَ ترهو تار ع.

ديس توڙي پرديس ع، هينِ دولهه جا ڏاڪا
سڏ يو سڏ اچي ڏئي، ورائي واڪا
اڪيڙون ميرَ مطيع سپ، ٻي چا آهي چاڪا
جنهن مڃيو ناهه محبوب ڪي، ٽوڙي تنهن ٽاڪا
ڏائڻ جا ڏاڪا، چارئي پڇي چوڙ ڪوڻ.

سڏ جا محبوب جي، صاحب سينگارِي
وچي طبل وليءَ سندو، چوڪنڊ چوڏارِي
نيوَن اڪيڙون نَرَ جي، سڏ ڪچي ناڙِي
لکين فيض لهيو وچن، جي اچن آزارِي
ٽي تڏهن تيارِي، سيد جي سانباهه جي.

چڙهيو شاهنشاهه، عاصين ڪي آڌار ٽي
ٻاندين بند خلاص ٽي، معافي ڏوهه گناهه
مڙي جماعت پير جي، فائق جو فقراهه
سو نَرَ ناڙِي تي هليو، دَونِ ڪري درياهه
هن جو ڏس تنبوءَ ع، ميڙو منزلگاهه
رند بچائي راهه، اچي ڪامل لٽس ڪنڊ تي.

پيرَ ڪنيو هو پاڻ سان، سخي سو سهراب
لغاري لائق پريو، نامیو نر نواب
گهٽي ڪوڻ بہ گهٽو ڏين، اچيو تنهن ڪي آب
پهچايائون شتاب، تڏا ڪنولا خان ڏي.

مڃن مارکن ع، ڪن ٽکر ٿا ٽوليون
خزان ڪن خوشيءَ ڪوڻ، هاروچيون هوليون

مگسي هن ملڪ ڪوڻ، لهندين ڪلين مون ڪوليون
"جهلن" ندر جهوليون، ڏندين هن ٻروچ جون.

پاسيرو تنهن پير سان، اچي گڏيو منجهه غماز
نڪو عجز نه عاجزي، نڪو نرت نياز
صبر ٿيو سيڊ کي، ڪئي دولهه دل دراز
روءِ ڪچهري راز، مڙيوئي معلوم ٿيس.

خبر پچيائين پيرَ ڪوڻ، منهن ۽ وڃي مهر
[پيرَ چيو] گهٽرون خير خدا ڪوڻ، دل ۽ اٽڪون خير
جي خير گهرندين خوش رهندين، ڪونہ جوهيندءِ ڪير
مڙي وچ مگسيءَ ڪوڻ، بخش اسان کي ويڙ
ڪاهه نہ ڪمزورن تي، ڪجي اهڙو ڪين الڏير
ڪر پلائي پير، تہ سان مڇت لهي موڻي وڃان.

[شير محمد چيو] نڪي مڙان مگسيءَ ڪوڻ، نڪي ڪندس خير
هي چرچا ٿو چانڊيو ڪري، سو ٿيندو آهي ڪير؟
اول سمجهي ها ڀالهه کي، پوءِ وڃي ها پير
جايون جوڙايان "جهلن" ۾، ڏولڙ ڪريان تنهن ڏير
ڪيئن ڪريان ويڙ اويڙ، نيڻين نند حرام آهه.

پلهل پور پون، روز چکن ٿا چاڪ
ڏرتي ۽ آپ ٿو سڏي، وسي ڏنهه نہ افلاڪ
جنهن اوجهه ڏاکيو آهه ڏاک، تنهن جو لاهيان ور ترار سان.

[پيرَ چيو، ابا] جنهن جي وَرُ ترار کي، سا ٿيندي کين سنئين
سگهڙ سيد فقير کي، موڙايو نہ ڪنهين
ناحق اڙڊ نيئين، ٿو ڪهائين ڪاڙ ۾.

[شير محمد چيو] پيرَ اسان کي پانهنجا، سڏَ سان ٿين ساڻي
ڏسندين خلق خداءَ جي، پيليا پوتاڻي

چڑهي تنهن چانڊيي جي، گهمائيندس گهاڻي
جڏهن پرٽيا رڪ پاڻي، تڏهن ڪاڻ نه ويندءِ خاڪ ٿي.

موج آئي مهراڻ ڪي، ڪيائين ڪنڊيءَ تي ڪاهه
ڏيئي ٻيڙ ٻچون وڃهي، ڏوڏو منجهه درياهه
آيو جذب جيلانيءَ ڪي، شوريو شاهنشاهه:
چا سمجهيو ٺٽي رندڙا! چا ڏيکارين ٿو ڏاهه
تون آهين مثل گاهه، اٽي چانڊيي ڏاڙو هٿ ر.

اٽي چانڊيي ڏاڙو هٿ ر، لاهي ڪنڊءِ لاب
وڃين ته ويڙهه ڪري ڏس، ته وڻين هڪ حساب
سڪي وڃندءِ سامهون، تير رکندءِ تاب
ٽيندين ٽئين ٻُهه هاب، تو مٽي منافق ڪينڪي.

تو تکڙا هوين تنگ، اڇا ٿي پيش اچي
مٽندئون ٿي مٽبجي وئي، تنهنجي تيغ تفنگ
جاڻي ڪندين جنگ، ڪڏهن ڪٽندين ڪينڪي.

آسهيو الاهر ٿيَ، نَرُ ڪري نعرو
پارس موٽيو هوٽي، سيڊ سونهارو
چوايائين الهه بخش چتائيءَ ڏي، سڀ قصو سارو
ڪيو عالم اسارو، دُرِّ ورتيون ٿي دعوتون.

دُرِّ ورتيون ٿي دعوتون، ليڪ ته جاءِ نشين
جلوو جيلانيءَ سندو، وڏي رنگ رنگين
سوئين منائل سيڪڙا، دنيا ڪارڻ دين
مطلب مڙنيءَ جا ٿيا، ماڻهو جي مسڪين
خاوند خبر ر ڏيئي، پهريندين پرين:
معاملو مگسيءَ ڪوڻ، ڪڏهن ڪٽندو ڪين
اهو سوال امين، اسان دُرس گهرايو درگاهه مون.

خوش وزيرو خان ٿيو، شاد گهڻيرو شاد
منهنجو تنهن مرشد تي، اصلوڻ آهي اعتقاد
چئي پيو چانڊين کي، ٿيو مدعي ماد
الله کئي امداد، سپ اوهان کي سامهون.

چڙهيا تنبو جي شهر مان، آڏ ڪري اوراڻ
لشکر ليکو ناهي کو، جيئن ماکڙ جا ميلاڻ
وڃن نغارا ويڙهه جا، ڪيون ڪنوائن ڪٽوات
ٿيو سوکهو سچ رئي ۽، لٽيو منجهه لڙات
واهه وڏائون وات، ويا ملڪ منجهاروڻ خانڪي.

هاڻي 'شورڻ' نه هلون، جيتر ڪيون ديکا ديک
مهڙ مگسيءَ کي ڏسون، مر رڪ گڏجي ريک
بيهي ڪيي پڄي وڃي، جڏهن ٿئي تراڙن ٽيک
محڪم ڪوڙي ميڪ، نٽين پاکهه پنجڪ ۽ هٽون.

ڪاهي آيا ڪوڙي، لوڏ ڪري لشکر
ويجهي چانو چپر جيي، ڏسجن پيا ڏونگر
نامياپر نغور جي، ٽڪيا ساڻ ٽکر
آيا 'پاڇهه' شهر، منجهه ديهه ديناري.

گاجَ گنجي جهڙڪاج ڪيي، 'گاجڻ' جي مٿون
لٽاهون 'شادڻ' مٿون، جي يار هٿا ياقي.
سي ڀيي سنبرائي ڪنيون، جي هٿا بهادر باقي
ڪاهي ڪانڊوريءَ ۽، اڄ ٿيون اوطاقي
جيون پيا جاڪيي، نه مگسيءَ لڙ لاهي چڏيو.

سباڻهي سهرا ٻڌي، گهوٽ چڙهيو گهوڙي
مرد بيهو ميدان ۽، جنگ بيهو جوڙي
وَسايو ويريءَ کي، خوب ڪٽا ڪوڙي

ڪوٽ ڪڙائي نہ ٽيو، تہ سنهن ويندو موڙي
ٽيو ويجها وکوڙي، تہ سڙ اکين 'جهل' جهنڊا ڏسن.

وڻايو لشکر جو، چهرو چهريدار
جلب جتوئي جهوريا، جهيڙي جا جهونجهار
رند، جمالي، عمراڻي، ٻڌي بيشمار
ڳڙد، ڪبول، ڳاڏهي، ديناري دهدار
ڪلفر، لاش، ڪيڙي، قد وڏي ڪاپار
لاشاري هنا لاڏڪا، جوڙ وڏي جنسار
پارهن پروچن جا، تمن ٽيا تڪرار
ليکو لشکر جو ٽيو، ساڌا اٺ هزار
جڏهن گڏجن گهوڙا پاڻ ۾، هانڻٽ ڪن هٽکار
بادل چاڙهيا بار، مورهه ڪاچي مينهن جا.

ساز وڄن ٿا سڙندڙا، رنگ لايو شعرن
ساز ڪڙا ڪيا سارنگن، تارون طنبورن
نادَ نفيلن نوبتن، ناز ڪيا نقرن
ساز سنياهيو جنگ جا، ويلون ويل وڄن
اڄ صبح آڏن، آئي سند ميلاپ جي.

اولاهو ٽي آپريو، ڪاري ويس ڪکر
ٽيو ڪڙو روڻ ڪنوڙ سان، پاڻي ڏيئي پر
وسندي ورڇي ڪينڪي، سانوڻ مينهن سڙ
جڏهن پيس ڏکڻ جو ڏر، تڏهن ڪکڙ نہ ڪکري ڪي ڳڏيو.

ڪاهيو ڪاهه ڪري، ساجهر آيا سٿ تي
پهڻ ڪنيائون پاڻ سان، جهوليون جهول ڀري
اول جنگ اها ڪريون، بيهي پنڌ ڀري
جنهن کي جان ۾، ڪري زخم ڏري
جان ۾ ٿ سرد سري، جان ۾ وري-ايندو ويجهڙو.

لنگهي پيام لغڙ، شوريا کاڻ شڪار جي
بحريون باشن سان گڏيون، کاهن ٽيون ڪڙڪڙ
ڪڙڪيا کانڊوريءَ تي، جوان وڏي سان جر
چڏي ور وڪڙ، سڏا ٽيا ساڙيهه تي.

رات ته 'روهيلن'، ديم لهي ديرو ڏنو
ماٹهو ملک چڏي ڀڳا، مڙيا کان ميلن
هک ديهه داڻو گاهه ٿي، بنا بين ويلن
تائين تنين آڙدن، کائي ملک خزان کيا.

عصر ويل کي ڪئي، تان پي تياري
'جهل' هتان آٹ کوهه ٽوڙ، منزل موچاري
پهر ڏينهن هلي پچون، ڏيون ڏيکاري
نيٹ هک واري، اڄ آڏو ڏينهن مقابلو.

بيبيون آيون ميڙ ٿي، بالا سان برڪت
ستيون ساداتيون هيون، اعليٰ جن عزت
قرب ڪرامت اڳريون، قوي سان قوت
صاحب آيا سيگهه ۾، راحم سان رحمت
مرسل مير مدد، ڪر عربي چام اسانهنجي.

آيا علي‌الصّباح، ڪنهن هنڌ حاويليءَ لٿا
پاڪ ته پهري پوش هٹا، پهري منجهه پناهه
آڏايائون 'ارغون' کي، جائي تنهن جاڳاهه:

[بيبين چيو] ابا توتي شيرمحمد، سندي رب نگاهه
مٹڙي وچ مگسيءَ کوڻ، ڪست ڦيٽي ڪر ڪاهه
اڳ موٽايئه ميڙ ڪوڻ، سهڻو 'صالح شاهه'
اسين به توڏي آڻيون، وڃي اسم الله
ڪر معافي ڏوهه گناهه، ڏي مهت هن مصحف کي.

ڈي مهت هن مصحف کي، تہ ٹيئہ دعا نصيب
چوين تہ آٹي پيش وجهون، مگسي آهہ غريب
هي جي هت ڈسين ٿو، هلندو کوڻہ قريب
اکثر سان عجيب، پوندو کہ کريہ سان.

[شيرمحمد چيو] نکي مڙان مگسيءَ کان، لکي ميڙ مچان
اڄ آءٌ ڈينهن مقابلي، هرگز يون نہ پچان
هک نہ پگي اٿر هکڑي، جا اٿر اميد اچا
پوءِ سو واهہ وچان، وچي "شورڻ" شکاران کيا.

[ٻيبين چيو] جي جنگ نہ چڈين جوان، تہ کر چار مهينا دير
فوجون ڦيرائي هتان، وچ موٹي هوٹين پير
نيٹ تہ هلبو اکٹي، هت نہ رهندو کير
مچ تون منڊون ميڙ، ڈي کو مٹهت مصحف کي.

عصر ويل آٹي کري، سوارن وڌا سنج
[شيرمحمد چيو] دعا کريو تان فتح ٹئي، ڈينڈس گهٹا گنج
ساعت سيڙائو کريان، توٹي رهو منجهہ رنج
سڃهو تائين سنج، اڄ فوجن ٹيندو فيصلو.

ٻيبيون ٻڌيون ٹي رهيون، هن پکڑ يو هٹ لغام
وڌئين پير رکيب ۾، نکڑ سان تمام
[ٻيبين چيو] ادا رندا! اسانهنجو، پنڈ هي قرب کلام
وچ تہ وڃين ويڑهہ ۾، اڄ آٹي انجام
سيان پچندين آت وچي، جاٹي ماڳ مقام
آهہ پاٹي آن حرام، جيتر لاشو لنگهندي نہ ڈسون!

وچ تہ وڑهيا ويڑهہ ۾، ويڻا آٹي واسينگ
هي جي گڈهہ کنيئہ گجرات جا، سي هک نہ ڈيندءِ هينگ
مهٹ نہ "چانڊيي" جي جهلن، تنهنجا ڈيڊ ريينگ
پيلي کندءِ پينگ، ساڙي ٻاهہ صفا کندءِ.

پاڪ تہ موتيا ہوئتي، ڏاڍي ساڻ ڏسر
وڃي ويٺا شاهہ تي، قبي ڏيئي در
جڏهن لاشو لنگهي هتان، پاروڻ هن شهر
پوءِ لهي کا ڪر، هلي حاويلين وڃون!

جنهن ڏينهن هليو سنڌ کان، دامو دلاور
ڏاهي هليو ڏاهہ تي، صبح کي ساجهر
اڏاڻو ہ عقاب جيئن، راهہ وٺي رهبر
بحري چٽي بر تي، لنگهي "شاديهڙ"
شهر پريڻن هرواز ڪيئين، پر ساهيائين هر
داخل "ديري" ۾ ٿيو، جان گذريس هڪ پهر
وڏيرو ويڻو هو، ڪونڊ ڪچهريءَ ڪر
ايندو ڏٺائونس اوچتو، درس لنگهيو هو در
دانهينءَ اچي دانهہ ڪئي، اٿي شير سنڌر
جنهن جو ڏور ٻڌو هوءِ ڏر، سو سر تي آيو سارڏو.

خاطيءَ کان خبرون پڇي، واڌون وکاڻي
ڪهڻ لشکر کاڻي چڏيئہ، آيو کنهن ڏاڻي
ساجهر هليو سنڌ کان، لڏي پلاڻي
سون کي هيڏي موڪليو، رقعو ڏئيي راڻي
دير نہ سهي دم سگهان، هل چڙهي هاڻي
ساجهر سپاڻي، اٿي جائڙو جنگ ٻنگاهہ جو.

اٿي خان ڪڙو ٿيو، ڪيو لغارو نر
وڪو لغارو ويڙهہ جو، ڪئي دامن ڏڏکر
پري وارا کين ڏٺا، لحظي ۾ لشکر
بڏي خان خوشيءَ کان، سورهيہ سيف سپر
جنگي جنگ زيور، جاڳہ ڀهريا جان تي.

وڃو نغارو ويڑهه جو، عالم سڀ آيا
سايون ستّرخيون ٻيرقون، جهنڊن جٿّهڙ لايا
سينڌي ڪيا سعيا، بانڪن دل ٻهار ٿي.

ڪنيا هٿ خداءَ ٿي، ولي محمد وِيرَ
چڑهان تنهنجي آسري، قادر ربّ قدير
مرشد منهنجا مادتّو، ڪامل قطب ڪبير
پارس سهڻا پيرَ، اچي ٻهگڻ مون سان ٻيلهه ٿي.

چڑهيو ملهه مهم ٿي، هاتڪ ٻهري هول
"شهوليءَ" منع ڪيس، ڏي نه امان ڪي ڏول
متو ٻهڻ سان هڏن، مغز پچي منهن مول
سو سات ڏائين جمهوريا، ماڻڪ موتي ڏهول
[ولي محمد ويرچيو] بَدل هِنِ پروچ سان، ٻهگڻ منهنجا ٻول
اسان سر اختيار ڪيو، ڪارڻ منجهه الول
پارت غيبيءَ جي آڻپي، آهه تنهنجي واهه وندول
"ڪنڊيو" ڪرَ موڙي چڑهيو، چنچل ڏيئي چپول
[ڪنڊي چيو] پوءِ نه رهندس ٻيءَ ڪان، گڏجي ڏيندس گولِ
شال منهنجا قول، قادر ڪوڙا نه ڪري.

چڑهيو ملهه مهم ٿي، قابل ڪٿي ڪاهه
اٿي مدد منهنجي، شاهن سندا شاهه
سنمک ٽيا وڃي سيال سان، البت لڳ الله
ترپون ٽپائن تيز مان، گهوڙن ڏيارين لاهه
لٽا راتون واهه، وڃي شهر ته "شاديهڙ" ٻ.

آرڏا آجهاپو ڪري، آٿيا هٽا اڌ رات
ڏيئي چوٽ چڑهي هليا، ساجهر ٿي سنهات
سمند، سونهاري، سرخا، گهوڙا ياتون پات
پرهه ڦٽي ٻريات، جهاڳي آيا "جهنّل" ٻ.

ٹيو جاري سر جنوب، جهڙ زلوٽ اظهار ٿيو
تان وڃون ڪن تن ٻاڻ، سهڻو سرنگ روپ
وچ ڪڻن وينگس سهڻو، منهن روشن محبوب
آهِ اداسي جنهن لئه، "قادر بخش" قلوب
ڪيت ٻڌاڻ خوش خوب، سپ ساوا ٿي سرحال ٿيا.

اڳئ آيو سپرين، سارينديءَ سي ٿي
جنهن جي ڪارڻ جيءُ ٿو، هير آکنڊ اکي ٿي
ٿيا ويجهو سارڻ ڪڻن، هٿا پرين ٻري ٿي
هر سر صدقي ٿي، گهر آيو تان گهوريجي.

اڄ ملي اچي مون، جنهن لئه جيءُ اداس
ويٺي واٽ نهاريم، روح نه هو ڪنهن راس
جانب آيو جوهري، جن ڏني ڏينهن ٽياس
اچي ڪنهن اخلاص، مليا مشفق پاڻ ٿو.

ملي مشفق پاڻ ٿو، خوب ٿيا خوشحال
وڻن ويٺا پاڻ ٿو، ورنهه حال في الحال
ڪيو قادر آ گهٽو، اسان جو اقبال
مايا مڏي مال، گهورن مٿون گهوٽ جي.

ماڳين مهمانن جون، تن ڪيون تلافيون
لکين شعر لنگها چون، ڪي چون ڪافيون
ملڪ پنا معافيون، تن آيو ڪي امداد ٿيا.

چڙهي ويا چارڻ ڪاڻ، گهوڙا ڪاهي گهوٽ
جوان بهادر جنگ جا، آردا ڪوڏ آموٽ
مڙدن منهن اچي ڪڍيا، چانڊين ٻڌي چوٽ
سي مڳ موڙيا پوٺتي، مڙد ڏسي اٿموٽ
سندي رند رهوٽ، اچي جوانن جلديءَ سان ڪٿي.

آپري سچ سنڻون ٿيو، آيا فريادي
کي ماڻي کائي خوش ٿيا، ڪن ويڻي ڪاڌي
پاڪر پشت پناھ ٿئي، ھر ويلي ھادي
دم بھاوالحق ھادي، نعرو نر ڪري اٿيا.

چيٽن وڏيري چاڻ، تہ ڇانڊيا گھوڙي نہ چڙھون
ھرڪو پيادو ٿي ھلي، توئي شاھ گداڻ
ڀيڻ نہ ساري پت ڪي، پت نہ ساري ماڻ
مڙس نہ ساري زال ڪي، ڀاڻ نہ ساري پاڻ
سيال اڪيون آڏو سامھان، ھلي لھو سڌ سماڻ
ڏسي ترارن تاڻ، متان ھوندي ڀيڙ ڀڄي وڃو.

لھي ٻڌائون لاڏيون، بورقون بوراڪ
قوائد ۾ قابو رھيا، انھن جا املاڪ
جڏھن گھڙياسين گھر ۾، ڏس اسان جا ڏاڪ
جيڪي ٿيو وس واڪ، متڙون تہ مھڻي ھاب ٿيون.

جھٽلي نڪتا "جھل" مون، جھنبا جھڙلائي
جوٽ دامن تي چڙھي، طبلن ڪوڻ تائي
مھاڇڻ مڙي ھليو، پخالون پائي
اڄ تہ پنھنجي آڙدن ڏيون، پاڻي پھچائي
ھندو ھيبت نہ ڏنا، ٿيا ستورھيہ سر آئي
ويا ورنھ، واڌائي، سانگا لاھي سر جا.

نڪتا شير شھر مؤن، ڪنوَ ڪڏجي غازي
آڪانڊو اڙ جو ڪجي، بنائي بازي
ايندو آرھ سامھون، سر تيرڪمس تازي
دستين درازي، ٻوڻ ڪجو دلاور دوبدو.

ڪجي رعد گروڙ ڪئي، دمامين داڻاء
ڪري مينھن لڙيي لھي، جيڻ ٻاڙ ٻوڙ

وڃي وَرُ وجهي هليون، ڪنوٽن لامان ڪوڙ
تنهن دم رسيا توڙ، هڪ واهي اڙ ڪان ويجهڙي.

آهنيا ويس خوشيءَ سان، ڪنوَ پهريا گهرام.
پائيو احمد خان جو، جنهن ڪيا ڪونڊ ڪلام
آرڏو جنگ امام ٿيو، چڪي لشڪر لام
جتي تنهن ڪنوَ گام، تتي ٻيا پي شير شتاب ٿيا.

احمد خان ائين چيو، هٿو گڏ ترار
چانڊيا مگسي پاڻ ۾، ديم ٻڏو درڪار
ولي محمد وير چيو، متان ڏئي ڪو گار
ڪين مڃيندس ڪار، اها اردا ڪالهه اوهان جي.

چانڊيو مگسيءَ ڪان ٽڻي، ڇڃي ڏارو ڏار
جي ڳڙو چانڊيو ٻيڙ مان، تہ ۽ گانڊو گلادار
جي مڙيو مگسي ٻوٽي، تہ چانڊيي سيرَ ميار
خوب ڪتوريا*سڏجو، اڄ آڏوَ پرکا پار
هاڙهي ٿيو هشيار، ٻچي ٻچي سامهون.

آڙَ ۾ آڻي توپچي، ويهاريا وينگس
صف جوڙيائون سيگهه مان، گام ڀري ڪان ڪس
اڳي اڀاهر نہ ڪجو، اڃي ويجها ٿين منجهه، ومس
جزارن تي جامڪون، چاڙهيائون چوڪس
شهتائون ششخانيون، ڪن رانٽي بندوقن رس
ڪيٽي ڪوٽيدار هيون، لاريون لوهن لس
ست سا هٿ بندوق هٿي، ڏار هٽن تي دس
تڏهن چوڙيو دَسُ، جڏهن دارون ٿئي ڏڏڪو ڪري.

---

* چانڊين کي 'ڪتوريا' چيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪتوريءَ يعني خوشبوءِ وارا.

اوپارو مکسي ٿيو، چالڀريو اولاهين پانهين
پير نہ رکجو، پوئتي، ڇٽهه کجو جائين
چهرا ٽي ۽ چڙهي اچن، سَرُ آڙَ تي آکاهين
تاڪ کجو تائين، جڏهن چڙهن بندوقون کينکي.

[ولي محمد ويرچيو] وريو واڌ ڏکن چو، آتر هو اعلي
چالڀيا چار اکيون کجو، آهن مکسي متوالا
متان ڏيل ڏسي ڏَکو، پيڙينڊوَ پالا
انشاءالله تعالي، آهي سوپ اوهان جي سامهون.

چوکي چار چڙهي، چڙهي آڙَ کوڻ لنگهيا اکتي
پيا پانَو ويڙا پوئتي، هٽا کي کهوٽ کهٽا
جَنين ۽ توفيق جي، وڏي رب" مٽيا
"پارو" يارن کي چڏهي، خوشيون وڪ ڪٽان.
بکهڙ ذات اسانهنجي، ويري سر وڙهان
من کو هٽ هٽان، متان ڪوري کانئر کوڙجي.

هڪڙو هٿو پانوريو، پيو کاندي ڪوهه فروش
ٽيو "ميوي" نالي مرد هو، جنهن کي جيءَ اندر ۽ جوش
مڃي موت مٽي ٽي، "پاروءَ" ڀريو پوش
هاڻي کجو هوش، مَنَ کو هٽ هٽي مَرُون.

رڻ سندو رحيمداد هو، بلند برو هي کهوٽ
برس پنجاهه سان، چڙهيو، ڪوڻ قابل تکي ڪوٽ
مدد مکسيءَ جي هليو، ڪنوڻ ڪري ڪاٽوٽ
شامل ٽيو اچي شير سان، آڙَ جي وقت آسوٽ
چاڙهي ماڻيا چوٽ، هن ۽ سورهيه هٽ هنوان کيا.

شامل ٽيو شير سان، آڙَ جي وقت اچي
ڏس هاڪ هٽ اسانهنجا، ٻاهيون ڪين ڇڏي

جنهن جي دل نيوڙي دوست ڏي، سو ڪيئن گپ گچي
سو رهي سخن سچي، اچي پاڙيو پانهنجو.

چھ سؤ چانڊيي جا هٿ، مڱسيءَ هڪ هزار
بيٺا برابر ٽي، سنياليو ٻه ستار
ڪنڪ ڪيهر شينهن جا، ٽيا اولاهؤن اظهار
واس ڪريو وڃندا اچن، دامن ڏڏڪار
عَلَم آيا تن هٽ ۾، جهالون ڏين جهلڪار
نامياڻين نروار، اچي راوت رڻ ڪي ويجهڙو.

سوين سارنگ ساڻ، بادل هٿا برسات جا
سانول پڌري سَر ٽيي، مستي ۾ مهراڻ
ڊوري آب ڊري پٽي، هيڻانهين ۾ هاڻ
ڪري ويس وسڻ جا، پهريائين پهرياڻ
مينهن ٻَڌو ماندراڻ، آيو اوهيڙا ڪري.

وڃؤن ٽوري ٻڌ، لشڪر سي لاهي پيا
پويان اڳيان پاڻ ۾، مڙي ٽيا هڪ هڌ
شيرمحمد آکيو، هانڪا ڪيو ڪالهوَ ٻڌ
ڪامل چاڙهيو ڪمند، تہ هڪيم هڻن سان وٽون.

بڙدي ۽ هانڪي جي اڳيؤن، هي ۽ بات ڪهي بهرام
مڱسين ڏانهن، آئي مرتضيٰ (رض) چانڊيي ڏانهن امام (رض)
اوهين ڪين اڪين ڏسو، مڪا مرسل چام
ورنهه ويرِ وريام، سوٽ نہ ٽيندي سارڏو.

ٻَڌو ٻُوٽ جريي جوڻ، تو خان ڪالهائي خام
ويرِ هيسيو همسرن کي ڏسي، ڏسي اهڙيءَ طرح تمام
ڪَل ڪري کاوئي، ٻيبو آهِ بهرام
نَرَ وڃايو نام، اڳيون هويون پانهنجو.

درس بندوقن ڈاڑ، گھوڑن جنڈ گھٹي ڈاي
جيئن وڈڑيو واکا ڪري، تيئن تيرن ٽاڙو ٽاڙ
ڪين هيانوَ ٻري ڇڇن، راڻي ٻڌائون راڙ
آٽيا آڙدا وڙاڙ، هلو ٿ حملو ڪريون.

ديمن ڪي دستا ڪيو، ورنهه ورهائي
ڪڙد، ڪبول، گاڏهي، ٻيو ديناري آهي
جلب، جتوئي، لاشاري، وڃو چانڊيي تي ڪاهي
ٻيا مٽي مگسيءَ جي، چڙهو ٻهڳڙ ٻولائي
ٽاهه اهو ٽاهي، خانن جنڊ ڪڙي ڪئي.

جنهه ڪيائون جنگ جيي، ڪڙا ٽيڙا خان
ڪوها ڪڏندا آٽيا، جلدي ساڻ جوان
اڪيڙن ٻيڙا ٻيڙَ ۾، چارئي منجهه ميدان
سنهنَ ۾ مٽي رند ڪي، هنئين پاروءَ پهلوان
ڪڙو ڪوهه فروش ٿيو، قابل ڀچي ڪانَ
ميوو سڙيو ڪينڪيي، جنهن ڪي جيءَ اندر جولان
ڇلي ٻرو ڪري هٿي، دست ڪٽي دستان
ڪهڙ، رندڙا ڪاڏي ڀڳين، ڏس ترارن تانَ
اڪيڙن لائق شير لٽل هو، اٽي هٿ غيبي سلطان
آيا اوڙ واٽ ۾، گڏيا منجهه گمسان
هنن ڪو شوق شمع جو، ٻيا جليي ٻروان
آرڏا سان ايمان، چارئي شير شهيد ٿيا.

ڪيريا هٿا ڪوهن جا، ڏڙَ سيرَ مٿون دوُر
لٽڙ منجهه لٽاڙي، پانو پهرئين پور
وري وطن ٿ وريا، رڻ اوڏا، گهرَ ڏور
هٿا جوان گهٽا جمهور، پر هنن جهڙو ڪوٽ ڪو.

پاروءَ جهڙا ٿنڙا، سَرُ چٽيو چٽي ماءَ
مرندي مڙيو ڪينڪي، پوءِ نہ موڙيائين پاءَ [ڏور]
پيا پي شامل شير سان، جن سيف هنئي سهجاءَ
هٿا جوان ٻڙي جاراءَ، پر هن جهڙو ڪونہ ڪو.

ڪاهہ ڪري ڪڏ چاڙهہ، وڃي آيا واءَ جان
ڪلَ تنين ڪي ڪانہ ڪا، تہ ڪي اڙجي منجهہ اٽيار
ست ٻيڙي ماٺا ويا، ٻاهہ انيا ڏُر ڏار
ڏيي ڏهوڙيون ٽيون، چٽگ ڪئي چمڪار
ٽي هڪل بندوقن ڪئي، گاج متؤن گرنار
متؤن ملوڪن جي، نيي دارونءَ ڪيا ڏڏڪار
هٿ نہ ڏسي هٿ ڪي، اهڙو انڌوڪار
ٻن ٽن ڪؤن تير ويا، ڪري گهٽو تڪرار
ڪيريا جهنڊا هڪڙن هتان، ٻين ڪنيا ٻيهار
هٽي ٻوڪ هٿيو وڄهي، ار پڄي ڪؤن ٻاڙ
ڪوڪو ڪانو ڏسجي، نظر منجهہ نروار
پَرِ ڪيريا ڪاپار، ڪانن هيانوَ ڪيي وڏن.

ڪانن هيانوَ ڪيي وڏن، تن جا ڦڙ ڪن ڦرڙاٽ
هڪڙن ساهہ مٽي ويا، ٻيا گهايل ڪن گهرڙاٽ
ڪيرنگهہ ڪيرائن ٻڏن تي، چنن متن ڪان مولهيات
ڪٽڪيا ڪين ڪنوات، ٻوڏا ٻاهہ دسي وڏا.

مٿڙيان ٻيا ميدان ۾، ٻوين ڪيا پرواز
لتاڙي لنگهي ٻيا، ڪوٻا ساڻ ڪواز
آرهاڻي آڙَ تي چڙهيا، وڄهي وڪ دراز
هٽي دس ڏهيون ڪيا، شهتائن شهباز
آيا آتش وات ۾، پڄي تيرانداز
جي هٿا ٻانوَ ٻلڻي باز، سي سپ ساڙي ٻاهہ صفا ڪيا.

آئي چانڊيي آڙ مان، چين ٻيا انديشا
ٻُڌج ٻيا جيءَ ٻيا، چيائون مان چاه
"خير ڪٽوريا تو ڏي"، چواين الله
هٿ نہ ورن هن جا، سختي پسي ساه
اٽن اکين ۽ پراڻ، جڏهن ڏيدان ڏوهن ۽ گڏيون.

پڙ آئي ٻيا پاڪرين، ڪنڊيائون ۽ ترار
اها ساعت آهنجي، آهن ڪنهن جي ڪار
ماڻ ڀڻي جاڻي رڪ جوءِ سا هن پڙ جي پار
توڙي آب اکين ڏيکار، تہ ٻاڻي وات ۽.

پڙ آئي ٻيا پاڪرين، ڪاهه ڪري ڪيهن
ڪنڌو خان ڪڙو ڪيو، وچ ڪنوي ويڙهه
وکوڙيائون ويڙهه ۽، چانڊيي کي چوڏر
مٿان وسن مينهن، پاهن پٽ پڏر
هن ڪٽوريا اکيتي، پيڙ ڏيئي پهتر
پير نہ موڙيو پوئتي، آرهه ڏيو اڪثر
ٻڌا جنگ بنگاهه ۽، چانڊيا بنائي بازر
نامين جنگ نظر، آئي دل لنگي ڏاناءَ کي.

"نانگائيءَ" نعرو ڪيو، ڏڻ ساڻ ڏڪير،
سامهون وڃن شينهن جي، مڙن کين مٽير
هڪ ٻاري هرگز وهي، هٿ چڏائن پير
ديمن ۽ دل شير، ٿي پرکيا چانڊيي سون نچاءِ.

ولي محمد ويرهو، هاڙهي هاڪارو
جهلي ويٺا جنگ کي، چانڊيا چوڏارو
مهڙ چڏيو تہ مان وڙهان، ساهه نہ اٿر پيارو
شاهس منهنجا پاڙرو، يار ٻڌو يارو
ساعت رهي آه هيڪڙي، ٻيو وقت لنگهيو سارو

ٽلو(۱) احمد(۲) داؤد خان(۳)، لکري ڪيو نعرو
واري تي وارو، جوڌن ڏنو جنگ ٻڌ.

ماڻهو مگسيءَ کي سڏن، لکين ٿي لک ڀال
صحبتِ رند سو سامهون، ٿيو دانهن سان دوچال
ڀهڳڙ ڪوڙيس ٻانهن ٻڌ، ٻانڪي ڏيئي ٻال
سيف نڪا سر ليک ڪئي، نه ٿيو زخم زوال
هاديءَ هٿ بچائيو، سالم رهيو سال
وري وير وارو ڪيو، پوتائي برحال
رند ٿيو رهوال، هن پي راوت رڻ ملهائيو.

مگسيءَ پي منهن ـ موڙ ڪئي، هوڏنهن ڙڏيءَ ڪئي ڀاڄ
قاڏان ڦيرائي ڪري، هليا سي هنگلاج
ٽيا ترارن ڪاج، رات جهليا رڻ پٺ ٻڌ.

"مينهان خان" (۴) مڙي، ٽئي مارو مگسين ٻڌ وڏو
ڏسي پيڙ پيڳا وڃو، ٽا ڪيو خر ڪڙي
هو ٽو ڀاڄي(۵) مارجي، گهوڙو هن گهڙي
ڏيو چوٽ چڙهي، ٽيو ٻيلي ساڻ بروچ جي.

مرندي تائين مهڙو، وڃو ٽا وڙواند
موٽي ڀانڊين سان هلي، هرڪو ٽئي هيڪاند
ورٽ ملي اڙو واند، جو بڙديءَ پڄي ڀاڄ ڪئي.

مگسي موٽيو هوٽي، ڇيائين رند پٺا
ورنهن ورندي ڏني ڪانءِ، آڪي رند ٻنا
رند ته ائين آڻيو، جيئن ٻيلي آب ٻنا
آهه آگي در "آمنا"، نه ته ڪن ها مڇي خور مقابلو!

---

(۱) سماراڻي ڀانڊين مان. (۲) ماڻائي ڀانڊيو. (۳) دعواڻي ڀانڊيو.
(۴) مگسين جو سردار. (۵) ڀانڊين ڏانهن اشارو.

هڪلون ڏيندو آئيو، شيرمحمد شير
ڪاهي ايو ڪٽڪ ۸، دهشت سان دلير
ڏڪ پهرئين سان تڪ ڪري، وهائي شمشير
ڪو آهي مڙس مٽير، جو دهشت ڇهلي ديو جي.

ماريا سي ميدان ۸، جي حال پائي هٿس هڏ
نه آيس مرد نگاهه ۸، جي گهوٽ ٻيٽا هٿس گڏ
باقي ڪونه بچيو نٽيي، جو سختيءَ ۸ ڏئي سڏ
رند وڏو هو رڏ، پر پٽائي پاڙون ڪڍيئين.

سامهون سورهيه سر مٽي، ڪاتير ڪئي ڪاهه
جنهن جو نام سواج هو، پرس نه ڪئي پرواهه
پڪيو پهڳڻ سان وڃي، چست منجهاروڻ چاهه
ٽڙيو خول مٽي ڪان، جا پهريل هيس پٽاهه
وڃي آن وٽيءَ تي، نر جي پٽي نگاهه
ڇگيا ڇتائي هنٽي، سهڄون تنهن سرواهه
ڪريو ڪوند پٽ تي، دل نه ڪئي ڪا دانهه
ڪرڻ سان ڪونڊر جا، هورا ٽيا پساهه
جي هٿا هاتڪ جا همراهه، سي ميڙيوئي ماهو ٽيا.

۳۰ رندن، مگسين، جمالين ۽ چانڊين جي جنگ

هيءَ جنگ قلات جي والي خان محمود خان جي عهد ۾ لڳي، جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جون قومون شامل هيون.

ڪاڇي ۽ ڪچي طرف ڪوڪل خان مگسي سردار هو. جنهن چانڊين جو ويڙ هنيو. چانڊين وڙ وارڻ لاءِ ڪوڪل خان تي ڪاهه ڪئي. چانڊيا پاڻ ۾ چالهه مڙس هٿ ۽ سندن اڳواڻ صوبو هو، جيڪو سورهيه هو. هوڏانهن ڪوڪل خان خان ڪوسا ۽ جمالي گڏ هٿ، سي ۽ چانڊين سان مقابلي لاءِ تيار ٿي آيا، ۽ صوبي جو نالو ٻڌي انهن منجهان راڏو ۽ مرزان خان همت نه جهلي موٽي ويا. باقي لشڪر چانڊين سان منهن ڏنو. انهي جنگ ۾ ٽي سؤ ٽيهه ڪوسا هٿا، ان کان سواءِ جمالين جو لشڪر هو. چانڊين جي طرف چالهه مڙس هٿا، جن سان سورنهن صوبي جا سائي هٿا. اهي سڀئي مڙس وڏي همت وارا هٿا ۽ هنن جنگ ڪئي. ڪوڪل خان پوءِ ڪاڇو ڇڏي ٻيءَ جوءِ ۾ وڃي رهيو.

ڪوڪل خان طرفان بهرام خان جمالي ۽ انهي جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو، تنهن جي ڏيءَ چانڊين کان ويرُ وٺڻ لاءِ قلات جي خان وٽ دانهين ٿي وئي. قلات جي خان چانڊين کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ لشڪر ڏيارڻ موڪليو، جنهن ۾ عمراڻي ۽ مگسي قومن جا ماڻهو شامل هٿا. انهيءَ مقابلي ۾ به سرمي چانڊين جي هئي، ۽ پوٽ مگسي هلان ڪندو اڃي صوبي چانڊيي کي اوڏو ٽيو. صوبي مٿس تلوار چوار ڪيو ۽ سندس گهوڙو ماڙيو ۽ وڃي ڪريو، پوءِ

پوت مگسي تلوار جا پنج وار ڪري ماري چڏيس. صوبي
چانڊيي جي سارجن بعد چانڊيا هيٺا ٽيا ۽ هوٽتي موٽيا.
ان بعد جمالي توڙي مگسي ڪاچي ۾ موٽي آيا.

راهي راهي رند، ودو "ڪوڪل" ويرين وڃ(۱)
لشڪر سوڻيو هٿي ڪري ديرو دنگ
اڻائي اٺ تي اتي ڪوڪل ڏنو ڪنڊ
رينڪو راڌي ڪيو گاهي مرزان گند(۲)

—

مڙي هوند انهي مال تي ڪيو هارو بلوچن
پوءِ ٽويا ٿهل جن، اگر ۽ ان کي هنيا.

—

ٽي سئو ٽيهه اڳرا ڪوسا ڪڙڪ هٿن
رڻ ۾ راهو منڊيو ٽا چانڊيا چاليهه چون
ٿن مان سورنهن سارڏو صوبي ساڻ هجن
پوءِ سوپ ستار ڏنن، جو چانڊيا چهرا ٽي وريا.

—

روح مڙني رڳ جو هو ستار ڏنو سارو
خاني رند خلاص ٽيو، جنهن ماڻ ڏنو مارو
غلام محمد گل آه ولي سوپارو
جو راندين راون کان ڪٽي.

—

نيئي سنيهو ڪو ڏئي خان محمود خان کي سر:
ته ڪوها ڏئي قلات جا ڪونڊ وڏا ڪيهر
وجهه ڪو تاب تزار جو اٽئي انبوهه اهڙ
ٻيٽي بهرام خان جي وڃي دانهون ڪيون در
هي سر صدقو لڃن ٿئون آ ٻرسائي هڙ
پوءِ زينت وٽيون زر، سگ لنگهائي سنڊ ۾.

—

(۱) ودو=ورتو، ويرين=دشمن. (۲) اٿهن ماڻهن پاڻ ڪوله ملهايو.

انکل عمراڻين سان آيو ڦوڪيو ڦيرائي
دانهن تہ ديري ۾ اڇي ورکي واڌائي
آڻارايا امير هانهنجا سردار سڏائي
وڏيرا ويرن سان ڪڇي جٽ جوڙائي
چڙهي جنگ تي جوان ويا ڪنگرو ڏي ڪاهي
اتي عمراڻين کي وڏو گهوٽ هٿي گهائي
اڃا توڻين آهي، سور تہ ساميجيءَ جو.

—

نہ سکي نہ سوري، نہ اکي نہ اوري، نہ ياڳي نہ پائي
جنهاندا وڃ ماريا، سي ڪٿي هانهان لڙائي
انهان ڪشومت هنهان سر چائي(۱)
ٿا ڏا بندوقان لسان لس لائي
ڪره ڪل ڪو نت آدماڻي غريب سپاهي.

—

جڏ پوت ڇڻ جي ڪئي، تڏ مڃ ڏنو موڙو
سوڻائي مگسيءَ جو گهوٽ ڦٽي ڪيو گهوڙو
هنڇ هنيائين هڙ تي خان وڏو ڪوڙو
زخمن زور ذرا ڪيو، سنگ نہ ٽيو سوڙهو
لاهي ويو لوڙهو، صوبو تن جمالين تڻون.

—

صوبي سٽي سيني ڪي ڪس ڪٽائي ڪٽور(۲)
واڙ وجهايائين ڪنڊ جي، پاس ڏورايائين پٽور(۳)
پوءِ جن ڪي صوبي ڏنا سور، سي رڙنديون وتن راڄ ۾.

---

(۱) ڪشومت = خصومت، دشمني (۲) ڪٽور = ڪڙيو، واهو
(۳) پٽور = ڏنگرن جا ڏڳ.

۴. چانڊيڻ ۽ مگسين جي جنگ

بلوچن جا چانڊيا ۽ مگسي قبيلا هڪ وڏي مدت تائين هڪٻئي سان صلح ۾ رهيا. ۹ صدي هجري (۱۵ صدي عيسوي) ۾ رندن ۽ لاشارين جون جنگيون ٿيون. ارغونن رندن جي مدد ڪئي ۽ سنڌ جي چام نظام‌الدين لاشارين جي مدد ڪئي، چاڪاڻ جو چام جي وزير ۽ سپه سالار دريا خان جو تعلق لاشارين سان هو. انهن جنگين ۾ چانڊيا ۽ مگسي، لاشارين جو طرف هئا، ۽ پن دريا خان جي سپه سالاري هيٺ سڀي طرف ارغونن سان وڙهيا. ان وقت کان وٺي هو هڪٻئي جا مددگار ۽ رندن جا مخالف رهيا. انهيءَ ڪري ٿي جڏهن مگسين ۽ جمالين جو تڪرار ٿيو ۽ رند سردار شيرمحمد خان مگسين خلاف آڻيو، تہ مگسين چانڊين جي سردار ولي محمد خان کي مدد لاءِ چيو. ولي محمد خان پهريائين مگسي سردار کي چيو تہ جنگ کان صلح چگو آهي ۽ آڻ وچي ٿو رند سردار کي سمجهايان ۽ ميڙايان. هو ويو ۽ سردار شيرمحمد خان نہ مڃيو ۽ پوءِ اهڙو اظهار ڪيائين تہ: منهنجي تراڙ مزوئي تڏهن ڪندي جڏهن ميدان ۾ چانڊيو بہ مگسي سان گڏ هوندو. پوءِ ست هزار چانڊيا ۽ ٽي هزار مگسي، رند جي لشڪر جي سامهون ٿيا. ان جنگ ۾ ولي محمد خان پاڻ سڏو شيرمحمد خان تي حملو ڪري ڪيس ماريو. (۱)

---

(۱) هي بيان مرحوم خانبهادر خيرمحمد خان چانڊيي جي سندس پنهنجي زباني سنہ ۵۰-۱۹۴۹ع ڌاري قلمبند ڪيو ويو. هن جنگ جي بي تفصيلي روايتون مگهوڙ قادربخش جوبي، جي بيتن واري، هن کان اڳ ڏني وئي آهي.

شير محمد خان زند وڏي همت وارو هو. اڄ مارجي ويو، پر مگسين سندس سر وڍيو ۽ پاڻ سان گڏ "جهل" ڏانهن کڻي وڃڻ لڳا. اها ڳالهه ولي محمد خان کي نه وڻي، هو مگسين تي ڪاوڙيو، ۽ سردار جو سر پنهنجي قبضي ڪيائين ۽ لوٽ سان گڏ سڀائي ڏڪائي شورڻ (سردار شير محمد جو ملڪ) ڏانهن ڏياري موڪليائين. انهيءَ تي مگسي شوريا ۽ قري چانڊين جا مخالف ٿيا. اهڙي طرح صدين تائين ساڪڻي طرف ۽ ساڪي ڳالهه ۽ هجن ڪان ٻوءِ هينئر منجهن نفاق ٻيو. سردار شير محمد خان سان جنگ ڪان اڳ، ڪن سڃاڻن ولي محمد خان ڪي پٺي ڇيو ته رند سردار سان ٽو وڙهين ته، ڇو پنهنجو پاڻ ٽو ماراڻين.

چانڊين ۽ مگسين جي پهرين جنگ اها هئي جنهن ۾ جعفرخان پوتاڻي مگسي کي ماريو. انهيءَ جنگ ۾ جڏهن مگسين تي سوڙهه ٿي، تڏهن جعفرخان ميدان مان هٽيو ۽ ميدان ٿي ڇڏيائين جو صوپي چانڊيي ڪڏي وڃي ڪيس ماريو. صوپو آرڏو ۽ جنگ جو جهونجهار هو. هن ڪان اڳ ٻين سان ۾ وڏا مقابلا ڪيائين جو ڪنهن ڇيو ته:

وڍي ڪوکل ٻير جيئن پٽرس ڏيندو هو پور
جن صوپي سندا سور، مي رڙندیون وتن راڄ ۾.

(يعني انهن بهادرن جون ماڻون جن کي صوپي ماريو).

هن جنگ ۾ جعفرخان پوتاڻي گهوڙي تي هو جو صوپي مٿس جلهه ڪئي ۽ گهوڙي تان ڪيرائي مڙس کي ماريائين ۽ پوءِ پاڻ ۾ جعفرخان سان گڏ انيئي ماريو.

جڏ پلوت پچن جي ڪئي، تڏ مڳ ڏنو موڙو
موڙائي مڪسيءَ جو گهوٽ ڪيو گهوڙو
پنج هنيائين پرڙ تي خان وڏو ڪوڙو
زخمن زور ڏرا ڪيو سنگ نہ ٽيو سوڙهو
لاهي ويو لوڙو، صوبو شير شهيد ٿيو.

جعفرخان جي مارجن کان پوءِ مڪسين جو لشکر بيهي نہ سگهيو ۽ سندن هار ٿي.

۵. جتوين ۽ مرين جي جنگ *

نئين ٻولان (بلوچستان) ۾ مهيسر جي ڪنڊي تي مرين ۽ جتوين جي جنگ لڳي. مري قوم جي وڏي طاقت هئي جنهن جو سڄي ڏيهه ۾ ڏهڪار هو. جتوئي ٻه پنهنجي نالي سان هئا، تنهنڪري مرين انهن سان هٽ ڪنڊ جو هڪ ٻيهه ڪيو. هڪڙي ڏينهن چگو ٽاڻو ڏسي جتوين تي حملو ڪيائون. ڪوڏل جتوئي ڪوٽ جي چڱي مڙس ساڻن مقابلو ڪيو پر مارجي ويو.

نورنگ جتوئي انهي واقعي تي آسپاس ماڻهو ڊوڙايا ۽ پنهنجا پائر گڏ ڪيا، جن ۾ فيروزاڻي ٻه اڇي شامل ٿيا. صلاح ڪري مرين جي پويان پيا، جيڪي ان وقت مهيسر جي ڪنڊي تي ڦاڻي جي سڻي قبضو ڪيون ويٺا هئا. جتوئي اتي آيا، مڙسن کي سڃاتائون ۽ کين چيائون ته: اوهين جيڪا اڌار ڪٽي آيا آهيو (يعني اسان جو ماڻهو ماري وير وڃهي آيا آهيو) تنهن جو پلاند ڪرڻ آيا آهيون. هوءَ جنگ لڳي ۽ سورهين هڪ ٻئي کي للڪاري مقابلو ٻئي ڪيو. جمعي جتوئي جو ٻٽ پهلوان مڙس هو، تنهن جي آڏو ڪرم خان مري آيو، هڪل ڪيائينس ته: منهنجو سٽ تون آهين، اڄ ته ڪا پرکا هوي! ٻئي پهلوان تلوارون ڪڍي وريا ۽ وڙهندي مٺا.

مرين ۽ جتوين جي لاشن سان ميدان ڀرجي ويو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. اتي خانصاحب قلات جو لشڪر اچي پهتو، جنهن ۾ ڪاڙ پٺاڻ هئا، جن پڙ ۾ پيل جيڪي زخمي هئا تن جون مسيون وڍي کين ختم ڪري ڇڏيو.

---

* جنگ جو بيان ۽ بيت سگهڙ مرحوم محمد يعقوب پرڙي کان ٻڌل، (ضلعو جيڪب آباد) ۾ ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ساره صاحب جي کيان، الله ڏانهن آڏار
تنهين جي تعريف جو شرو ناهي شمار
نبي نبوت جا ڏئي، هليا راه هزار
سهسين ڪپي خاڪ ٿيا، صوبا ۽ سردار
مَري ۽ جي منهن ميل جو هو ڏيهن ۾ ڏهڪار
جتوئي جي جنگ جو ڪَرهه وڏي سان ڪار
هليو هاسائو ڪري، نازي نئن تي سردار
لشڪر وٽي هولان تي، آيو بيحد بيشمار

واڻ وَسند وارو ڪيو، ڏسي ڏينهن چگو موچار
"ڪوڏل" هنهنجي ڪوٽ تي ڏنو سر سچار
لاهي مرد ميار، هيڻ تان شير شهيد ٿيو.

هيڻ تان شير شهيد ٿيو، ايئو نؤرنگ نهاري
دانهن تہ دانهَ ڪان وٽي چؤڪنڊ چوڏاري
"مَري" سوٽيا هوٽي، مرد اهو ساري
هن پائر پَڙ سڏائيا ٿهه پهه ۾ ٽاري
فيروزائي پهلوان هٿا، آندائين سپ ساري
رنگ تہ روشن سير ڪي چون چانگاري
ساڻ وٽي هليو سارڏو، سهڻون سينگاري
هلو تہ انهن ڪي ڏسون جي ويڙهه چليا واري
سري مهيسر جي ڪنڊي تي هاڻي پياري
ديدان ديداري، مَردن ملڊعي ڪي ڏنو.

مردن مدعي صاف سچاتا، دوران ديداري
"ڏي ٽون قرض اسادا" جو آندئي اڏاري
پوچي مري ۾ منهن ولائي ڪيڏون چوٽ ڏاري
بَڙ زان باه بندوقان چاتي، ڪڙڪن ڪان ڪوهياري.

ماريان شهتابيان، شهتور يان لهِ پيان، بس اوڏر اڏاري
بڏن قطاران بند صفيران، مَٽ ڪُنون مَٽ نهاري
جوان جتوئي جمعي جو، مَڙي سورهيه سنياري
ڪوهو هٿ ڪرم خان جو، هي نال هشياري
تونهين مَٽ جو ميڏان آ تون وڪ وڏاري
پهلا هٿ ولايونهي، مرڻ جو قدم ساري
ائين رت ريلا ڏيندي، جيئن مينهن وهي ناري
آيا لشڪر خان صاحب دا، بيحد بيشماري
ڪاڪڙ ذات پڻائلدي، بي سانگي هن بسياري
ساه ويندي دي سري ڪيندي، جند ڪوڻ جندبيزاري
آيل آکي بخش آنهانون، بخشين بخشڻهاري.

۶. پٹن ۽ پرڙن جي جنگ

"پٹ" (ذات جا) ۽ نہ پٹ ڏرم وارا) کنهن وقت هک وڏي قوم هئي. کين پنهنجي سرداري ۽ رياست هئي. هن پوئين دور ۾ هتن جو خاص ملک "ناڑي" (ضلعو کچي، بلوچستان) رهيو. جيتوڻيڪ کي ٿورا گهڻا پٹ سنڌ ۾ ضلعي خيرپور ۽ ضلعي لاڑڪاڻي (وارهه طرف) ۽ ٻين جاين تي رهن ٿا. ناڑي ۾ ڪي سؤ سال کن اڳ تائين پٹن جو ملک وڏو هو، پر ٽکرا ٽکرا ڪري ٻين قومن کي وڪڻي ڇڏيائون. هن وقت "ستن" جو شهر خاص پٹن جو آهي. ۽ ٻيو شهر هيٺ ڏکڻ طرف "هاشم پٹ" جو آهي. "هاشم پٹ" واري علائقي جون حدون هن وقت هي آهن: اتر ۾ ڪوڪر (ڪلو ۽ آباد جا شهر)، الهندي مگسي (جهل جو ملک)، ڏکڻ ڏي جمالي (ڪڙهي خيرو) ۽ اپرندي ڏي عمراڻي (طنبو وارو ملک). اهو علائقو اندازاً ۱۰ ميل اتر ڏکڻ ۽ ۵ ميل کن اوپر-اولهه اراضي وارو آهي. گذريل صدي ۾ اندازاً ۷۵-۱۸۷۰ ڌاري هن علائقي ۾ پٹن جو وڏيرو هاشم پٹ هو. هن کان ڏکڻ طرف پر واري ايراضي ۾ پٹن جي هئي پر پرڙن کي وڪيائون، جتي هن وقت "گهارو" شهر پرڙن جو آهي. پرڙن جو ارباب ان وقت سائينداد هو، جيڪو "دڙ" جي شهر ۾ رهندو هو. هاشم پٹ سان سندس جڳي واٽ هئي، پر پرڙن جون پٹن جي زمين ۾ اکيون هيون ۽ وڙهه جا بهانا پئي ڪوليائون. جمعي پرڙي جي ياڻ کي کن ماريو پر محراب ۽ سهراب گولن اچي جمعي کي ڇڏايو تہ اوهان جو مڙس پٹن ماريو آهي. پوءِ جمعو آيو "دڙ" ۾ ارباب سائينداد وٽ، جنهن ٻارهن مڙس ڏنا تہ

وڃي هاشم تي حملو ڪن. انهن ۾ ارباب سائينداد جا پٽ سؤٽ علي نواز ۽ قاسم هٿ، ۽ انهن سان شاهل، ربو، فتح محمد، فقيري جو پٽ الهداد ۽ بيا گڏ هٿ. جمعو پرڙو جنهن جو پاڻ ماريو هو سو پرڙن جي 'جهمراڻي' پاڙي مان هو.

ارباب سائينداد پوءِ هاشم ڏڪي چاڻ ڏنو تہ پرڙا توڙي اڄ ايندا ۽ تون ڪنهن پاسي نڪري وڃ. هاشم جواب ۾ چوائي موڪليو تہ: پل اڄن، باقي ڏڪو ڪونہ ڇڏيندس. پوءِ ماڻس منڊون ڪيس ۽ قسم وڌائيندس ۾ هاشم چيو تہ: 'امان! پرڙن جي اڃ جو ٻڌي، ڏڪو ڪونہ ڇڏيندس ۽ پاڻ کي ڏکو ڪونہ لاٿيندس'. جڏهن مڙس هڪٻئي کي سامهون ٿيا تہ ربو پرڙي وڏي هاشم تي جلهہ ڪئي، پر هاشم هڪ ئي ڏڪ سان کڻي ڇڏيس. فقيرو پرڙو ڪريو ۽ مري ڪا ۾ پٽس الهداد اڃي وڃان ٻو ۽ فقيرو بچيو. پوءِ پرڙا ڀڳا، پر فقيري چيو تہ مڙس سنياليو! ڏاڻون تہ رکو ربو ڪونهي. ڏڪڻ ڇاڻون تہ هڪ سئو آهي ۽ وري جلهہ ڪريو. پوءِ هاشم سندس پاڻ ۾ طاهر ۽ پاٽيجو حسين بخش سڏا.

هن جنگ تي سگهڙ هوت صوبداراڻي جمالي هڪ ڊگهو تفصيلي بيت چيو، جنهن جا ڪي ٽڪرا دستياب ٿيا، جيڪي هتي ڏجن ٿا. (۱)

---

(۱) پٺڻ ۽ پرڙن جا ڳوٺ اسان 'ناڙي' ۾ وڃي ڏٺا ۽ پٺ هنن جي حدن ۾ جنگ بابت بيان ناڙي جي شهر 'مولوي' ۾ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيل هي بيت مير شاهنواز خان شاهلياڻي جي اوطاق 'بيرون' (تعلقو اوستو محمد) ۾ 'ڳوٺ پيران ڏتو' (تعلقو ڳڙهي خيرو) ۾ ۲۷-۲۹ ڊسمبر ۱۹۷۲ع ۾ ڪيل ڪچهرين ۾ خاص طرح محمد بخش پٽ گل محمد سومري جي زباني لکيو ويو (جنهن چيو تہ سندس پيءُ گل محمد کي سڄو بيت ياد هو).

سڏ ٻڌي هڻن گولن ڪوڻ، ائين چڱا نہ چغليون ڪن (۱)
ٻڌي پرڙا ائيا، وڙهسون وڙهسون ڪن (۲)
وڙهندا هاشم جهڙي مرد سان، ڪئي مصلحت ملوڪن
ماڻهو موڪليئون هاشم ڏي، منجهند جي ويلن (۳)
هاشم جهڙي جوان ڪي، ٿيون تراريون تڪن.

ماتا وڏا ومن ڪيئس قسمن قرانن
چئي ۽ ماءِ ملک چڏي ڪاڏي وڃان، هي مرڪ ناهي مردن
هاشم ٻڌ تڏهن چڙي، جڏ ٽڪر سپ ٽڙن.

هيڏهون پرڙا ٻاويهه، چڙا، هاشم ساڻ ستن
رهو رواڙجي ويو، هاشم جي هٿن (۴)
سو هاشم هلائي چڏيو، ڏيئي مصري منجهه ميڪن (۵)
ياءِ تہ پنهنجي ياءِ ڪان، ڪوڙها رت رئن (۶)
جهمراڻي پڳا جهار جان، ٿا پويان پير وڌن (۷)

"واه فقيرا، جنگ جنگيرا، جنگ دا ڪيرا، پهرين پورا،
سانوڻ سيرا واڻي سير وڙهندن (۸)
تڏ ٻڙڙا موٽيا پوئتي ٿا ٻحري ٻاز چڙن
ٽيو ٽهڪو ڦهڪو سڻڻن جو، ٿا ڪڙڪا ڪوه ٻجهن
ٽيو ڏهڪو ڏڻالين جو، منهن مٽي توفن

---

(۱) محراب ۽ سهراب گولا جن چغلي هنئي (۲) ناڙي ۾ عام پولي سرائڪي آهي (۳) ارباب سائينداد ٻرڙي ماڻهو موڪلي ڄاڻ ڏنو (۴) رواڙجي ويو، رهڙجي ويو، مارجي ويو (۵) تراڙ (مصري) اهڙي زور سان هنيائين جو هڏن جي مک نڪري وئي (۶) کان (ائين)=ڪاڻ (۷) جهمراڻي پرڙا جمعو ۽ پيا (۸) فقيرو پرڙو همت وارو هو، تنهن کي شاعر شاباش ٿو ڏئي. هن هٿيل مڙسن کي وري ميدان ۾ آندو.

فقيري کي ڪري پاسيرو ڪنو پئي ڪيهرن (۱)
چئي: "آءُ ابا الهداد، آءُ ور چڙهيس ويرين!"
تان ان نموني باز شتوني، ڪري آيو وانڪو واسينگن (۲)
پيءِ چڏايائين پانهنجو تيڪڻون ترارن.

هاشم شير شهيد ٿيو رڳيو ٽولي امامن
هاشم جهڙا پٽڙا مائون مر چڻن
حسينن ات ماريو، ته ۽ پرڙا ڪين مڙن (۳)
آندو جوڙو، گاڏي، جوال، ٻڌن ڪوڻ پرڙن (۴)
اتي هوت حساب ڪيو، ته جنگ ڪٽي پرڙن.

---

(۱) ڪيهرن، شينهن مڙسن ٻڌن، فقيري کي ڪيرايو ۽ ماريائونس ٿي
(۲) پٽس الهداد ست ڏيئي اچي پهتو (۳) حسين بخش، هاشم جو پائيجو هو (۴) پرڙا ڪين مڙن = پرڙا اڃان نه ڪين مڙيا جو پوء ٻڌن جا جوڙا ۽ گاڏيون وڃي ڦريائون.

باب ستون

ٽالپورن جي دور ۾ سنڌ جي لشکر جون ٻاهرين حملي ڪندڙن سان جنگيون

١. ميرفتح علي خان جي تيمور شاهه جي ڪابلي لشکر تي چڙهائي*

ميرفتح علي خان، ميرن جي ٻهرين ڇوڙاري جو مشهور حڪمران هو. هن سنه ١٨١٢ع ۾ وفات ڪئي. سندس وقت ۾ افغانستان طرفان تيمور شاه جي وقت ۾ سنڌ تي حملو ٿي ٿيو. ميرصاحب فتح علي خان ٻاڻ مقابلي لاءِ لشکر سنباهي چڙهيو. سندس حملي سان افغان ٻڌا ۽ ڪي سڌا ڪابل (افغانستان) ڏانهن ته ڪي "ناڙي" (بلوچستان) واري گس سان ويا. جنهن جو احوال شاعر سهراب چارڻ پنهنجن هيٺين بيتن ۾ ڏنو آهي.

ڏان ڏان منجهه درياه، جيئن ڪُن ٻيڙو ڪڙڪا ڪري
تڏن فائق ميرفتح علي چڙهيو، جنهن لس لهيٽيا لاه
سو ٻهرايو ٻيرن نيي، سخي شاهنشاه
سچا هٿا سهراب چوي تنهن جا اڪابر آسراه
تنهن رڪ راوت ريلي هنيا سورهيه سان سپاه
اڪيٺون گهوڙا گهوڙڻ ڪڏن ٻڌا، ڏان ڏان ڪري ڏاه
ڪي پسي ٿڏ تڙار جو رليا مٽي راه

---

* سهراب فقير چارڻ، قلهجي (ڏادو) وارن چارڻن مان وڏو سڃاڻ هو. ميرفتح علي خان ٽالپور واري وقت ۾ جيئرو هو. سيان ديڻ محمد چارڻ (شهر ڏادو) سان گيل ڪچهري دوران هي بيت ملياء.

کي ويا کهندا کابول ڏي، ڪن کي ناڙيءَ ڏانهن نگاه
اهـا خـبـر آگـاه، وڃـي تـرت رسـي تيمور کي.

گجي گاج گـروڙ، جيئن ڪڙڪو ڪڙ ڪري
جيئن وڏ ڏڙو واڪا ڪري، جهانڀ جهانڀ جهور جهڪور
تيئن ٻيلي ٻـڌـاڻـن کـي ڪيائين کـور ڪـور
سي گاه چـنيئون ڪن وات ۾، جيئن ڪائن ڏيکا ڏور
اهي زورادر جـا زور، وڃي ترت رسيا تيمور کي.

۲۰ آتمين واريون جنگيون

ارڙهين صدي عيسوي جي آخر ۾ سنڌ جي ڪناري تي خصوصاً سونمياڻي، ماريهور ۽ ڪراچي ٻندر تي سامونڊي ڦورن حملا ڪيا، ماڻهو ماريا ۽ ڦريون ڪيون. اهي حملا اوچتا ٿيندا هٿا ۽ انهن حملي ڪندڙن کي "آتڪومي" يا "آتمي" سڏيو ويو، يعني ته جيڪي اوچتو اچي مٿان ڪڙڪن. اهڙن ٽن حملن جون روايتون اسان چڪري (ڪراچيءَ)، وٽيجي ۽ ميرپور ساڪري طرف حاجي محمد سوڊي بگهياڙ (ڪرمتي بلوچ) جي ڪوٽ ڪيل ڪچهرين ۾ قلمبند ڪيون جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

سون سياڻي تي آتمين جو حملو

چاڪر ميرخان اول جي اوائل عهد حڪومت (۱۷۷۶-۱۷۸۴) ۾ مسقط جي علاقي راسل خشم جي هنڌ جا رهندڙ آتمي ٻيڙين ۾ سامونڊي رستي سان اچي، سونمياڻي تي حملو ڪري آيا. شهر کي لٽ مار ڪري آخر ۾ ٻاهه ڏيڻي ساڙي، راتو رات ٻيڙين ۾ سوار ٿي هليا ويا. وقت جو نائب ٻوٽو چاموٽ شهر چڏي ڀڄي ويو. عمر رسيده ماڻهو هو، جنهن جي نسبت پاڙيي رونجهي هيٺيون بيت چيو:

ٻوٽا هٿوءَ ٻنگ، مرڙ جو سياڻي تي
هٿيوءَ ڪين هٿندڙن کي ڏسر منجها ڏنگ
پکو هو پار ٻيو چوي ڏاڍت توجو سنگ
هاڻ نهاري اهڙوننگ، ڪڍهن لهندين ڪونه ڪو.

انهيءَ حملي وقت چاڪر ميرخان سوصوف صغير هو، پر پوءِ خليفي حاجي صوبي ٻڙي جي سرڪردگي ۾ هتان ٻيڙين جو لشڪر ويو جيڪو وڃي بدلو وٺي آيو.

ماريپور لڳ آتمين جو حملو*

پَوا يا پَٺَوئا، هَدِيه بلوچ آهن. اصل مڪران طرف جا ويڙل هٿ، جتان سندن وڏو 'شالو' پٺوئو سنڌ ۾ آيو، جنهن منجهان پٺوئن جو راج ٿيو، جيڪي داپچي ۽ وَٽيهجي واري پٽي تي رهيا. "آتمين" ماريپور وٽان حملو ڪيو، جنهن ۾ ڦُڙڪان ٻوءِ مَلڪَ جَڙي ۽ ٻين کي جهلي ٻڌين ۽ نظربند ڪيائون. ٻوءِ هتان 'جَڙ جولڻ' پٺوئو لشڪرسان چڙهيو، جيڪو ٻن قبيلن پَٺَوئن ۽ زنيگاٽين جو گڏيل لشڪر هو، تنهن وچي باقي بچيل ٻڌين جا واجها، وڍيا، ۽ قيد ٽيل ماٺهو ڇڏايا.

"آيو جَڙ جولڻ، ڊَري گهاء بازن"

('جڙ جولڻ' بازن وانگر لٻوه ڏيئي مٿان آيو) ۽ جيڪي ٻڌيون روايتون ٿي چڪيون هيون، مَلڪَ جَڙو انهن ۾ هو، جنهن کي ڪٽي وڌا.

ڪراچي بندر تي آتمين جو حملو**

سنہ ۱۷۹۴ع کان وٺي ڪچ ڪاٺياواڙ جي واڳهر قوم آزار مچائي ڏنو هو. هي ڪيترا سال سمنڊ جي ڪناري تي، ڏاڙا هڻندا، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جي شهرن ۾ ڦُرلٽ ڪندا رهيا. آخرڪار ٻڌين ۽ چڙهي سامونڊي ٻڌن ۽ جهازن تي به ڦُر لٽ ڪرڻ لڳا. سمنڊ ۾ جيڪو ٿي جهاز هٿ لڳن سو ٿي ڦريائون.

---

* راوي مرحوم حاجي ڪَرمي ويڙل وٽيهجي. حاجي ڪرمي چيو ته اسان جو وڏو ڏاڏو ڪنبو پٽ سوجو پٽ شالو هو.

** هن جنگ جي خبر هيٺين سگهڙن کان ملي: (۱) روايت پرٿوخان گبول ويڙل چکرو، ڪراچي (۲) سگهڙ ڪيٿا خان (۳) حاجي ڪرمي پٺوئو (۴) سگهڙ حمزو جوڪيو ۽ (۵) سگهڙ هاشم گبرو.

سير غلام علي خان جي ڏينهن ۱۲۱۷-۱۲۲۷ھ (۱۸۰۲-۱۸۱۲ع) ۾ ڪراچي ٻندر تي حملو ڪياٿون. سنڌ ۾ انهن ڏاڙين کي "آتمي" يا "آتومي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. آتمين جي حملي جي خبر چام مهر علي جوکيي ۽ الهرکيي لوهار کي ملي، جيڪي ان وقت ڪراچي ۾ ميرن طرفان نواب ۽ محافظ مقرر ٿيل هٿا، تن ماٿهو ڪڏ ڪري، ٻيڙين ۾ چاڙهي "آتمين" سان مقابلي لاءِ تيار ٿيا.

ساڪٻي وقت ڪرمتين ۽ ڪبولن ڏانهن به حڪم آيو تہ وڃي ڪراچي ٻچايو. چام مهرعلي جوکيي ۽ الهرکيي لوهار به ٻيڙيون تيار ڪيون ۽ ڪرمتين ۽ ڪبولن هڪ ٻيڙي. هن طرف وارن وٽ ٽي ٻيڙيون هيون ۽ هن طرف وارن وٽ ٻارهن ٻيڙيون هيون. انهيءَ تي چام مهر علي، الهرکيي نواب واريون به ٻيڙيون ٻوٽي موڪليون. باقي هڪ ٻيڙي جنهن ۾ مير نوتڪ، سمڙي ۽ ٻيا جملي سٺ مڙس هٿ، سا مقابلي لاءِ هلي. هنن مڙسن واڳهرين سان وڙهي سر ڏنا.

ڪراچي کي ان وقت "ڪَڙَبو" چوندا هٿا. رکيي لوهار آتمين کي ڏسي چيو تہ: ڊپ کان منهنجي ڏاڙهي جا وار به ٻيا ڏکن، تنهنڪري آءٌ موٽي ٿو وڃان. نوتڪ سلڪن جي طرفان ۽ دريا خان جوکين جي طرفان هن جنگ ۾ شامل هٿا. نوتڪ اهو ساڪٻو جيڪو راڻي ارجن واري جنگ ۾ ٻجار جوکيي سان شامل هو. ٻيڙيون اچي وڏيون تہ رکيي لوهار ٻوٽي موٽن لاءِ ٻيڙيءَ جو ساڪو ڪيو. انهي ٻيڙيءَ ۾ سائيون ڪبول به چڙهيل هو. تنهن جڏهن ٻيڙي موٽندي ڏٺي، تڏهن ترار وات ۾ ڪري سمنڊ ۾ ٽپي ٻيو، ۽ نوتڪ واري ٻيڙي تي ڪونہ ٻهتو ۽ وچ ۾ ٽپي پڌي ويو.

"ڪري ترار وات ۾ آيو تڪ سان تري جيئن
تہ هوند ڪيائين ايئن، جيئن ڪن دودا ديڻين وچ ۾".

سَمّڑي نوتڪ واري ويڑي ۽ هو سو وڙهيو. چام مهر عالي جي ماڻهن واري ويڑي پوٽي سوتي. چام انهن کي ڏئو ۽ وڏي هنن کي جنگ ڏيڻ لاءِ ڪوٽ موڪلايائين، تنهن تي مڪس ميار آئي ۽ ڪنهن چيو تہ:

وڏي وَٽ نہ جهلي تو، مهمت مهر عالي
جڏ وٽون تي وراهيون، تڏ تون ڪس وئين خالي.

لکي خط لنگهائيو، ڪو ٽالهر ٽيليدار
تہ هلي ويهہ ڪراچي جي ڪوٽ ۽ مڪلي مٽياداڑ(۱)
ڪيهرا اوهان تي ڪوٽ جو مانجهيا آهہ مدار(۲)
ڏيئي ڪاتي ڪيهر کي، ڪيائون نوابي نروار(۳)
وَلهي سيٺ گهرائيو آڻ تون پُرتوس تيڏي وار(۴)
مُنهندائي پُرتوس جا، ڪنهن پٽ پائيان پار(۵)
ڪُنجون ڪرف هٽ انهيءَ جي، ويرڏنا وينجهار(۶)
دُوسي ويڻا درين تي، ڪيائون ٽُلهيٽَن تي ٽهڪار
ساهُو گهٽو سونهڻا، جن جي ڏاڑهين پنيا وار
ڪمر ڪاتيون ورنه هاتيون، آيا تيڳ ڪٽي تلوار
دولهہ دنگين ۽ چڑهيا، ڏرئان ڏاروڏار
عهدي 'اليٽ' سين، آهن منهن ڪارا مردار(۷)
تن جي تاب تڙيين تي، ٽا چور ڦرن چوڏار.

سَمّڑي نوتڪ مير سين چڑهيا جنگ مٽي هي جوان
ڪيائون آ گهٽ ڪاري در سين، ويڻا سگ اڙائي سان.

---

(۱) ملڪ ابراهيم ڪرمتي (۲) ڪيهر=اي ڪيهر شينهن (۳) گبولن ڪيهر ماري نوابي ورتي هئي (۴) وَلهو=ڪراچي جو وڏو سکيو سيٺ (۵) پُرتوس=بلوچ، چيائين تہ: ڪراچي جي نوابي توهان جي آهي. (۶) پائڻ (پائيان)=گهائڻ (۷) 'اليٽ' اتمين جو اگواڻ هو جنهن سان پيا وڏا پهلوان (عهدي) شامل هئا.

تن جا ماڙي چڑهيو مشاهدا، ڏٺا جڳ جهان
آتمهين جي "الهداد" چئي وڃان قصي تان قربان(۱)

—

چنا چيڙا پڳا ٻيڙا، لڇي سان لوهار(۲)
ٻڌونڊبا ڏين ٻڌندڙن کي، سڀيون شاهوڪار
پائي پاند مٿي تان، آيو لشکر سان لوهار
بگهيو ٻجهي ڪينڪي، جنهن ۾ ليک لغار(۳)
ڏوٽيا ڏانوِ دڪان تي، وڃي عادت ڪر اڳار(۴)
موٽيو مهر عاليءَ تي ٿا ماٺهو ڪن ميار
عذر انهيءَ ڳالهه جو، آءٌ ڏيان ڪهڙو يار
مري مرندو سڀکو، هوءَ ٿيا سرها منجهه سنسار.

—

راوت پٽ رحيمداد جو، هو غلام علي گلدار
سو ٻڙ ٻيري چڏيو، تهدل تيڏي وار(۵)
ته تون آهين وزير وڏيرن جو، اسان تي مانجهي ڪندا ميار
آءٌ موڪلائي تون پنهنجي ڪنان سردار
سو عذور لاهي آئيو، تيڳ ڪڍي تلوار(۶)
گڏيو ٻڙ ٻاڙين کي، ٿو ڪري هٿ هٿيار.

—

الله جل جلاله، الله ئي توهار
ٻهڳڻ چڑهيا ٻيڙيءَ ۾ سامان ڪڍي سردار
نوتڪ وڏا ناڏ ڪيا ته اسان جي رهاڻ جا آيي پسج پار

---

(۱) آتمهين=ڪاه ڪندڙ اتمي (۲) لوهار=الهر ڪيو لوهار (۳) لوهار سان گڏ ٻيو پگهيو هو (۴) ڏوٽي=ڪل-ڏمڻ يا ڏوڻ (۵) ٻيري چڏڻ=ورائي چڏڻ (۶) عذور لاهي آيو=موڪلائي آيو.
راوي پيرئي خان چيو ته اهي بيت گهٽا هٿا پر مون کي وسري ويا.

رکيي چيو: آءٌ کيئن ٻيهان، منهنجا ڏکن ڏاڙهي وار (۱)
دريا خان جوکيو درمائندو ٿيو، جنهن ٻيلي ساريا پار
هکڙي هٿي کڙکڙ نارين جي، ٻي دمامين ڏڏکار
هيڏانهن ٻ ليکو هو کونہ کو، هوڏانهن ٻ هٿا هزار
هکڙا رکيائين درزي دکانن جا، ٻيا سئوئين جا سنگهار
لعنت هوءِ لوهار، کهڙو سڻهن کٽيو موٽيو وچين (۱).

—

رکيا ڇڄ مَ رهاڻ مان جئن ٿي تکبر کياءِ لوهار(۲)
کڏهن مرندين کينکي، جي هوندئي ڏينهن کنا ڏاتار.

—

لائق ڪالهه اڄ جي، نوتک خان نهاري
تنهن سينهن سونهري دست ڪري، هٿي مڙد چگي ماري
تنهن پنجاهيي ٻاري جا، هتان ڪري هيو.

—

خان ڪٽن جو هيرئون جڏهن دولهه ٽڙو ڏَر
سنهون، سهڻو، سڻتيو، هو نک ڪنڌي سان نَر
ڏڪي فوجين مهند ٻ ٽو شير سندو شهپر
تنهن اردي، الهداد چئي، آ کيهر جيڏو ڪر
ناڀون ٻايو نر، ٻيو هٿي دست دماڪ سين.

—

هٿي دست دماڪ سين، ڪاوڙ ساڻ ڪنڊير
محمد ٿوني مير کي ڀڙ جو ڏاڏو ٻير
اردي الهداد چئي جڏهن ڀڙ ٻ ڪوڙيو ٻير
جر تي جيشمينَ جا ڏونڊ کيائين ڏير
مر سٽي جيسرمير، تہ ڪرمتين ڪيڏي ڪي.

—

(۱) رکيو لوهار (۲) مردن جي جنگ لڳندي هڪلن واري رهاڻ

نوتک ٽيو نروار، ٻيٽو سيف سٽي
اتمين جا الهداد چئي ٻيٽو ڪنڊ ڪٽي
ورُنهه ونگ وٽي، هو ننگ پريو ناموسيو.

اهڙي ڪنهن نه ڪيي، جهڙي نوتک ميرڪئي
جيٽن سانوڻ دريا سڙڪا ڪري، رکي پٽن تي پڙڪي(۱)
تيٽن ميرل متير آئيو، سموند تان سڙڪي(۲)
اتمين ۽ الهداد چئي، تنهن شير وڏي سٽڪي
لهرين ۽ لٽڪي، هو لال لهو وچ لال ٽيو.

محمد پوٽي مرد جي هئي سيت ڪالهه سچي
جوان ٿه ويلي جنگ جي، ٻيٽو مرد مچي
تنهن جو رُخ اڪي هو رڪ تي، ٻي تان پيس پوک پچي،

سائينٽو مصري ڪري وات ۽ تڪ مان تري آيو تيٽن
جنهن ڪيو اچڻ سان انصاف ايٽن، سو ڪر پيو دودو ديمين ۽.

متين ٽن جنگين کان سواءِ شايد ڪي ٻيا معرڪا ۽ مقابلا پڻ ٿيا جن ۽ لاشاري وڙهيا. گهوڙاباري طرف ٻ شايد کو "اتمين" جو حملو ٽيو جنهن جي ياد هيٺيون بيت آهي، جيکو هن پوئين ويجهي دور جي سگهڙ جمال خان منڊير لاشاري چيو(۳). منڊير لاشارين جو آکاڻو ڪوٽ "بن" آهي جيکو تعلقي گهوڙاباري جي "بيلي" ۽ آهي.

---

(۱) درياه=سمند (۲) ميرل=ساهيون ڪپول. سڙڪي=تري.

(۳) جمال خان "مُنڊيئر" لاشارين جي "موريائي" پاڙي مان هو. گذريل صدي (۱۹- صدي عيسوي) ۾ ٿي گذريو ۽ سنہ ۱۹۰۰ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس پائٽيي سگهڙ طاهر محمد موريائي هي بيت اسان کي الله بچائي خان جلباڻي جي ڪوٽ (تعلقو گهوڙا باري) ۾ ۱۳-۱۴ آگسٽ ۱۹۶۲ع تي ڪيل ڪچهرين ۾ ٻڌايو.

گجي آيون گيالين جن ۾ هٿ هزار
دارون وڏو دونهون ڪيو، ستيا سيهي يار
ڪيا بيالا پڌرا عارب آجهيدار
ڪوپي قادرني ڪي آيو نہ اختيار
شاهي وڏا شيتر ڪيا، جنهن جي پاڻارين پچار
جنت ۾ جمال خان چئي جايون تنهن جهونجهار
ست ماري آيو سيج تي مانجهي هو منڌار

'گيالين' يعني ٻڙيون (واحد. گيالي) حملو ڪري آيون. حملي ڪندڙن وٽ بندوقون هيون، جن جي (سيهي جي) گولين گهٽا مرس گهايا ۽ ماريا. عارب خان لاشاري هتان جو اڪواڻ هو. 'شاهي' ۾ ان جنگ ۾ وڏي همت ڪئي ۽ دشمن جا ست جڻا ماري، ٿوءِ پاڻ مٿو. قادرڏنو وڏو بهادر هو، ۽ ان کي مونجهارو ٿيو يا وقت سر جنگ ۾ ٻڌجي نہ سگهيو.

اتمين جو اندر درياه ۾ اچڻ

هڪ ڀيري آتمي ٻاهران سمنڊ مان اندر درياهن ۾ آيا، ۽ بگهياڙ درياء جي چڙ، يعني 'چچ عاقيل' ۾ ٻڌا. ٿوءِ ڪرمتين انهن ٽي حملو ڪيو ۽ هو ٻڙيون هاڪاري پوئتي پڇي روانا ٿيا.

۳. ڪرڙي واري جنگ*

ڪرڙي واري جنگ سنہ ۱۱۴۹ھ/۱۸۳۴ع ۾ سنڌ جي امیرن تالپورن جي لشکر ۽ شاه شجاع طرفان چاڙهيل فوج جي وچ ۾ ڪرڙي واري ميدان ۾ لڳي. درياء ڪان لاڳيتو اتر ۽ پراڻي سکر شهر ڪان ڏکڻ اولهه واري ايراضي سڄو جنگ جو ميدان هو. موجوده جيل جي آڏران پوليس جو ٽاڻو اڄا تائين "ڪرڙي وارو ٽاڻو" سڏجي ٿو. جو اڳين ڪرڙي واري ميدان جي نالي جو يادگار آهي. هن وقت اها ايراضي جا ڪرڙي جي نالي سان سڏجي ٿي ان جون حدون هي آهن: ڏکڻ ڪان درياءَ، اوپر طرفان دنگ شاه جو اوتارو ۽ پائي ٻالي جو مندر، اولهه طرف جي حد "واٽر ڪورس" ڪان قدري اولهه ۽ اتر طرفان پراڻي ۽ نئين سکر واري وڏي رستي ۽ ڪرڙي پوليس ٽاڻي ڪان ۽ قدري آتر-اولهه وارو پاڳو.

ڪرڙي جي جنگ بابت جن مصنفن لکيو آهي تن مان منشي عطا محمد (جو ان وقت شڪارپور ۾ هو) پنهنجي تاريخ "تازه نواي معارک" ۾ تفصيلي بيان ڏنو آهي (۱) جو هن ريت آهي:

---

* هي مواد 'خليفي صاحب جو رسالو' (چڀايل سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۶) ۾ اسان تفصيل سان ڏنو آهي ۽ اتان ئي کنيل آهي.

(۱) تاريخ 'تازه نواي معارک' مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ع ص ۳۸۸-۳۰۶. منشي عطا محمد پاڻ خود 'ترين افغان' هو. انهيءَ ڪري پنهنجي عبارت آرائي سان وڏي سنڌ جي طرف گهٽتائي ۽ افغانن جي سرسي جو سمان چٽيو اٿس. 'خليفي صاحب جو رسالو' ۾ سندس بيان کي اسان سنواري پيش ڪيو آهي.

تالپرن امیرن سنڌ ۾ حڪومت جي نظام کي پختي ڪرڻ بعد کابل جي ڪاڻ ڪاڍ ٿي ڪيي. انهيءَ ڪري سنہ ۱۲۴۸ھ ۾ افغانن طرفان سنڌ جي اترين سرحد تي زور ٿيو ۽ امیرن جي حاڪم نواب عالم خان مري شڪارپور جي بدران اچي سکر ۾ پنهنجو محاذ پختو ڪيو. افغانن جي طرفان هدايت الله اچي گوسڙجي ۾ پنهنجو اڈو جمايو ۽ وڃهه وڻي اڪرائي ڪري، نواب عالم خان مري تي حملو ڪياٿين ۽ عالم خان شهيد ٿي ويو. عالم خان جو پٽ جهان خان مري هڪ وڏو بهادر ۽ باهمت جوان هو، جنهن پوءِ هدايت الله تي چڙهائي ڪئي ۽ هدايت الله سارجي ويو. انهي ڏي کابل طرفان سمندر خان فوج ساڻ ڪري اچي شڪارپور پهتو. نواب عالم خان مري جي بيگناهه قتل ڏي سنڌ ۾ ڪافي شورش ٿي ۽ ويتر جو سمندر خان چڙهي آيو تہ سنڌ جي امیرن سندس مقابلي لاءِ فوج تيار ڪئي. میر رستم خان طرفان محبت خان مري، ڏڳاڻو خان مري، جلال خان مري، فضل محمد خان مري ۽ نظاماڻين، جلباڻين ۽ ٻاگراڻين جا دستا روانا ٿيا. میر علي مراد جي طرفان گولي شاه قهيري جو پٽ سورهيه سپه سالار غلام مرتضيٰ شاهه فوراً روهڙي مان درياءَ اکري اچي سکر پهتو. حيدرآباد طرفان آغا اسماعيل شاهه جو فرزند سيد محمد ڪاظم شاهه ان کان اڳ خيرپور آيل هو ۽ کيس حڪم ملیو هو تہ هو لاڙڪاڻي وڃي بهادر خان کوکر سان ملي. هو ڏنڊي لقمان خان سان لاڙڪاڻي ڏانهن روانو ٿيڻ وارو هو جو کيس نواب عالم خان مري جي شهادت جي خبر پهتي ۽ هن لاڙڪاڻي جو خيال لاهي موڪي اچي میر رستم خان سان مشورو ڪيو ۽ پوءِ اتان پاڻ ۽ سندس پٽ محمد تقي شاهه پنهنجن سپاهين سميت روهڙي آيا ۽ اتان فوراً درياءَ اکري سکر پهتا.

خيرپور جي اميرن طرفان سندن سپه‌سالار پنهنجن لوجي دستن سميت موجود هئا، مگر حيدرآباد طرفان فقط سيد ڪاظم شاهه ۽ سيد محمد تقي شاهه پنهنجن سائي سپاهين سان هروقت پهتا. وقت جي تنگي سببان حيدرآباد طرفان پوري اهتمام سان ڪو وڏو لشڪر ڪونہ پهتو. هوڏانهن سمندرخان پوري تياري سان آيو هو ۽ شڪارپور مان ست توپ گاڏيون ۽ ٽي هزار سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري چڙهيو ۽ اچي سکر جي هريان ڇڻ ميلن ڪن تي ڪوٽ جعفرآباد ۾ ڇانوڻي هنيائين. سنڌ جي لشڪر جو هڪ حصو آڏو لال واهه جي پيٽ ۾ اڙ ڪري ويٺو. سمندرخان سامهون ميل ڪن تي ڏيکائي ڏيئي، جنگ جو جهنڊو وڻ تي چاڙهي، ٽورڙو لشڪر اتي ٻهاري ڪين جنگ جو طبل وڄائڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ چال سان سنڌ جي لشڪر کي دوکي ۾ رکي، پنهنجي ٻي فوج ڦيرائي هوئين پاسي کان آهستي آهستي ٽي ٻه توپون آڻي ٽکري تي چاڙهيائين. سنڌ جي لشڪر جي مکيہ ڇانوڻي اتان توپن جي مار ۾ هئي، ۽ افغانن ٻنان دهل دماسي جي آتان مٿن توپون وسائڻ شروع ڪيون.

باوجود انهيءَ اوچتي ٻمباري جي، سنڌ جو لشڪر چڙوچڙ ٽين ٻا پوئتي هٽڻ جي بدران مقابلي لاءِ تيار ٿيو. غلام مرتضيٰ شاهه سنڌ جي فوج کي سورهيائي جو سبق سيکارڻ لاءِ سڌو ٽکري طرف حملو ڪيو. حيدرآباد جي دستن جو سپه‌سالار سيد محمد ڪاظم شاهه، جو غلام مرتضيٰ شاهه جو دوست هو، تنهن گهوڙي جون واڳون ڇڪي اڪواٽ وڏي دليريءَ سان حملو ڪيو، ۽ دشمن جي پيادل فوج جون پٽيون ڪيي ڇڏيائين ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان ملهايائين. سيد محمد ڪاظم شاهه جي ڪرڻ تي، غلام مرتضيٰ شاهه ٻڻ مست هاڻي واري حالت ۾ تلوار هٿ ۾ ڪري ميدان ۾ اڪيلي گهوڙو ڪڏايو، ۽ اتفاق سان توپ جي نيشاني جو

شڪار ٿي شهيد ٿيو. سندس ڪرڙ تي حيدرآباد جي اميرن جي وزيرن مان خاص ملازم دريا خان نظاماڻي اڳواڻ ٿي اڪٻٽي وڌيو ۽ آخر سمندر خان جي پائڻي هٿان شهيد ٿيو. ان بعد جهان خان مري پنجاهه سٽ جنگجو جوانن جي دستي سان اڪٻٽي وڌيو. هنن سورهن هڪٻئي جي ٻهراڻن جا ٻلوڻ ٻڌي چڙيا هٿا تہ صف پنجي آخر دم تائين مقابلو ڪن. مردن تراڙين هٿ سان انصاف ڪري چڙيو ۽ روهيلن جون ٻيون ڪيي چڙيائون. جهان خان جنهن مردانگي سان وڙهيو ان جو مثال ڪونہ هو. باوجود دشمن جي وڏي تعداد جي هي مڙس ڪين مڙيا ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان ڪي ٻنهنجي رت سان رڱيائون.

دنيا ۾ اهڙي سورهيائي جا ڪي ٿورا مثال ملن ٿا؛ سنڌ جا پهلوان ٿورا هٿا مگر ان هوندي بہ حياتين بچائڻ جي ڪٽ ئي ڪانہ ڪيائون، ۽ مرد ٿي منهن ڏيئي موت سان مقابلا ڪيائون. 'تازه نواي معارک' جو مصنف مڃي ٿو تہ ميان غلام مرتضيٰ شاهہ، عاليجاه سيد محمد ڪاظم شاهہ، عالم خان مري ۽ شجاعت نشان جهان خان مري جهڙا دلير ۽ بهادر مڙس هن جنگ ۾ ائين مرڻ جا ڪين هٿا پر تقدير ائين هئي.

روهڙي جي قاضين مان ڪنهن بزرگ جي بياض ۾ "ڪرڙي جي جنگ" جا هيٺيان واقعا تاريخن سميت لکيل ملیا، جن مان ظاهر آهي تہ نواب عالم خان مري ۽ سندس ساڻي هفتو اڳ پهرئين حملي ۾ شهيد ٿيا ۽ خاص 'ڪرڙي' واري جنگ' تاريخ ۲۷ شعبان، اربع ڏينهن، سنہ ۱۲۴۹ هـ تي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا سورهيہ سپهسالار بهادري سان حملو ڪري مٿي ٽڪر تي چڙهي وڃي دشمن تي ڪڙڪيا ۽ آخر ٿي وڙهندي شهيد ٿيا.

خليفي نبي بخش صاحب ڪرڙي جي جنگ ۽ سنڌ جي انهن سورهين واري سمان کي سامهون رکندي هنهنجي رسالي ۽ "سر ڪيڏاري" ۽ هيٺين ريت ڪايو آهي:

فصل -۱

شجاع! نيڪ صلاح، وٺ تہ ويري نہ پسين
چاڻي هيڪ الله، قلم جنهن جي هٿ ۽.

شجاع سنڌ ۽ ويهہ، اوڏا اڏي نجهرا
هي٘ تڻي جو ڏيہ، حامي حيدر جن جو.

شجاع ويهہ ۽ سنڌ، اوڏا اڏي نجهرا
هتي راوٽ رند، وتن قلعي ڪوڏا.

اچي اڄ امير، ڪرڙيءَ خيما ڪوڙيا
پيڇي پيڙا نہ ٽيا، مهند نہ آيا مير
ڏنو سر سڏير، مرتضيٰ ميدان ۽.

ڪرڙي ڪاڻي رت، پٽ نہ وجهي وات ۽
پڙ ۽ پهلوان جي، ويڙي پرکهي پٽ
جڻي نيٺ نسڻ، نينهن نہ لاڻي تن سين.

ڪرڙي ڪاڻي ماهہ، پيٽي رت پيالين
ويڙي سڏي شاهہ، جو ڏيندو سر ڏياچ جان.

ڪرڙيءَ ڪٽين پير، تہ مون وڏو وس ڪئو
ڪوڙين پڳا ڪيترا، ٻڌي دنگ دلير
وڏو سڄي ويہ، ڪنهن پر ڪهي ڪاڻان،

ڪونڊ قلعي جا ڪوڏيا، ڏونڊ نچندا هَس
چڏي تن ترس، هلڻيو شاه پٺاڻ تي.

ڪونڊ قلعي جا ڪوڏيا، ڪانڌين مور نہ ڪن.
ايندي لاڏو آسرو، توڙڻون مٿان تن
جوڪ مچائي جن، پوک پچندي تن جي.

پيره جهڻلندا پس، علم-طوق امير جا
ڏڙ ڏرتيءِ گڏيا، لوڻون لڇن لس
حُورون هاڻي هَس، اچي ويڻيون اوڏڙيون.

ڪري پوه پٺاڻ، اچي پٽو اوچتو
دَوڙڻا لک درياه ڏي، تارُو رکي تاڻ
جنهن مرتضيٰ سين ماڻ، سو راه پريندو رُڪ جي.

مٽي آرڻ اڄ، ڪونڊ ڪڏندي آئيا
پڙ ۽ پهلوانن کي، لڏڻ ڏي نہ لڄ
پيڻُو وڃن پڄ، سائُو ٽين سامهان.

پڙ ۽ پَوڙيءَ رنگ، مانجهين رتا مولهيا
تريا رت تُرنگ، رڻ ۽ راماڻا ڪري.

ڪٽاري ۽ ڪات، مَن مرادون پُڄيون
رت پريائون وات، مانجهين هڏ مچائيا.

هَلو مَلهو مانجهيا! وريهين وڻون وير
جيئن ٽورا ڏينهڙا، هوءِ ڪٽبا پير
ٽيندو سڏ سويرِ، صبح شهيدن کي.

سڏجاتائون سڏ، جيڏ جيڏ ڪري اٽيا
غازي ٽيندا گڏ، آمٽل علي شاه سين.

فصل ـ ۲

سو مَر مرڪي سير، مَل جنهين جو مرتضيٰ
ڏبائي دشمن ڪي، ڪنڌ ۽ ڪوڙي ڪيرُ
هادي همه گير، هٿي ڪُنڊ هٿن سان.

—

مرتضيٰ جي من ۽، وڙهڻ جي وائي
شجاع سالر سنگتي، ساٿس سپاهي
قضا الاهي، آئي سر امير جي.

—

سوين سر گهڙن، سر ري سوپ نہ سڀجي
سوپ برابر سيسيون، توريان تان نہ ترن
جي هينڙي منجهه هڙن، سي مَل مهانگا سڀرين.

—

سيسي لٽي سوپ، جي هوند پايان پاند ۽
هي جڳ سوڏو لوپ، هو ٿن گهوريو گهوريان.

—

سؤ سيسين ڏيئي، وڪ وڃي هيڪڙي
جنهن نيزي سر نيئي، مرڪايو ميدان ۽.

—

رڻ ۽ متي راند، اڄ آگهوريِ آئيا
ڪونڊن ڪُلها گڏيا، هاسي ٿي پَسماند!
چمڪيون چٽي پاند، متي سير سرواهيون.

—

هيڏ گل گولي شاه، پرکا ڪارڻ پوڪئو
ڪندو سنجهه صباح، مقابلو ميدان ۽.

—

سَرکايائون ميرَ، پت پاريائون پانهجي
اهڙو مڙد مڱنير، گهر سپاڪهي سڀجي.

—

وڙهه وڙهندن ساڻ، هيٺي هڻ ۾ هٿڙا
ڪڏائي ڪيڪاڻ، غازي! مار غنيم ڪي.

—

مڇن مٿي هٿڙا، رت پکليا وار
چڙا دَس دَيون ڪري، گڙيا گرز غبار
اڇي اڙد امير تي، آڻيا انڌوڪار
چونڊيدو چٿي پار، ٿو پاڳا ٻيڇين ڪان وٺي.

—

هٿين، چَڪين، ڪاتين، وڙهج ويريءَ ساڻ
پهرين مارج پاڻ، تہ سوپ ملهي ٿي سڀري.

—

ڪٽارو ۾ ڪيو، ويريءَ جي وجود مان
وڍو ويڙو وڍ، آندو وڃي آگرا.

—

جانُ جانُ جهيڙو نہ ڪري، تانُ تانُ ناهي سڪ
وڍو ويريءَ آگرا، ٻڌيڙو لاهي ٻک
راوت هٿان رُڪ، رت ۾ راماڻا ڪري.

—

هڻ ڪٽارو ڪات، ويري ويرِ نہ سهي
مڇن ڪا مصلحات، ڪانڙ وجهيٿي ڪن تي.

—

ڪانڙ سندي، ڪن تي ٻولي هڏ ۾ ٻُڌڙ
مر تہ موچارو ٿين، هيءَ نہ موڙُ سُڌ
ڪَچن منجهان ڪُنڌ، ٻَڌي ڪيو ٻاڻ ڪي.

—

پَچ مَ پهچين ڪاءِ پاءِ پانجاري آن سان
مڇن تنهنجي ماءِ منهن مٽاهون نہ ڪٽي.

پچي پَچ مَ ڪانڊ! سر تہ ماڻائٽي ٽيان
تو سيڱا تو سڄا، رڻ ۾ رمن راند
تو سيز سَوَڙ پاند، آءٌ ڪيئن اوڏي سمهان.

جي تون پچي آئيهين، تہ اوڏو مون مَ اچ
تو ڪل ڏيان پانهڙي، ڪُر ڪي لايان ڪچ
مون سهائي سچ، ڪوڙيون ڪانڊن ڪوڏيون.

جي تون پچي آئيهين، تہ آءٌ تنهنجي پير
نَٽ تنهنجي نڪ ۾، وجهان ڏيئي ويڙ
تو ڏي ڪٽان نيڙ، تہ ڪر پَسان پَٽ ڏي.

جي تون پچي آئيهين، تان تون ڪانڊ مَ ڪُچ
ويهہ ڪُوڙائپي ڪوڏ سين، مادر جهوليءَ مچ
جا ڏاڙهي پڪيءَ ڇچ، ساڪونڊ تہ ڪاڏي آجري.

ڪاڏي ڪٽئي صاف ٽي، چٽ چٽائي مانڪ
تو سر چڙهي نانگ، تہ مون منهن مٽاهون ٽئي.

فصل ـ ۳

موٽيا مادر زاد، پٽ پين جا رانڙيا
وڻا وساري نڪري، يار نہ ڪيائون ياد
سندو سوپ سواد، سر فروشن سڀجهي.

هٹان حيدر شاه، سبق شجاعي سکيا
مٹهي آئهي ماءري، هي نه ڪندا ڪا
جيڪا رب رضا، سا ڪونڙ قبولي هليا.

—

سورهه سندي سر تي، سسيءَ سندو يار
جي ٿڦري تن ٿڙار، تہ حق ادا ٿئو ان تان.

—

چهي تير تڙنگ، هڙ ۽ پاهورا ڪري
جهلون رت جهپهليون، ڪيائون سنج سڙنگ
دعويٰ ـ دار دڙنگ، ڪٹيا شاه ڪمار سين.

—

ساري ذات سريءَ جي، تنهن کوءِ ڏچي کيڏه
ظاهر بت بشر جو، سيني اندر شينه
تني چاڙهي چينه، ڪلنگيون جن ڪپار ۽.

—

ڪلنگيون جن ڪپار ۽، پائي تن پرک
هٹي هٹ هائيءَ کي، هي سيپ مهندان ٽڪ
ويا اڏامي ڪک، هڙ تان پاهن نه چڙي.

—

مرڻ ٿئو سرک، جيڻ جٹيرو ڪري
جي ڪندا تن تڙک، سوپ سرندي تن کي.

—

پاڪر اوير ۾ تن تي، آڏي جهل ۾ اوٽ
کوڙين آڏا کوٽ، تہ هڻ کان قضا جو نه گسي.

—

تن توکل پاکرئو، پاکر هڏ ۾ پا
سينو سپر سامهون، آڏو ڏيندو آ
سندي رب رضا، ميچ نه مٹاهون ٿيين.

—

رڻ، راوت ۽ رڪ، ٽيئي ٻرتا پاڻ ۾
ٻيتائون ٻڌ ٽيا، منجهان سيف سڙڪ
تيموري ترڪ، هاڇو ڪري هليا.

هاڇو ڪري هليا، ٽيو شاهه شهيد
روزو ڇڏو رڻ ۾، اڳيئون آيئن عيد
مرشد ۽ مريد، هردوئي هيڪ ٽيا.

ڪاڦو ڪڇهه ڪاءِ، ماهي ماس نه هيرئين
تني ڪي واڇهاه، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

ڪڇهون نه ڪاڙهي وات، سون لمندي ڏيئون
جيڪس مانجهي ماريا، رڻ ۾ ٻيئن رات
پڪارون پريات، ٻڌم ٻانهيارين جون.

باب اٺون

ٽالپورن جي دور جون جنگيون

۱. گهگهي واري جنگ

هي جنگ جوکين ۽ ڪرمتين جي راڄدارن جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ ڪرمتي سنڌ يا چاڪ ٻجار ٻنهنجي سر شامل ڪين هٿا. راڻي ارجن واري جنگ کان پوءِ ميان غلام شاهه جو ٻجار تي وڏو راضو ٿيو ۽ 'چاماڻي' ۾ ڪيس ڏنائين. چاڪ ٻجار ٻوءِ ڪاري جبل کان وٺي حب ۽ ملير تائين ٻنهنجي طاقت قائم ڪئي، ۽ اڄان ب اڪثي ساڪري واري آباد زمين کي ٻنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. انهيءَ طرف ڪرمتي سنڌ ۽ ڪرمتين جا راج ۽ راڄدار طاقت وارا هٿا. اهو ڪلهوڙن جي حڪومت جي پڇاڙي وارو دور هو. سنہ ۱۱۹۶ھ ۾ جڏهن ميرفتح علي خان هالاڻي ۾ فتح حاصل ڪئي تہ هن سنڌ جي اندروني طاقت وڌائڻ خاطر ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ قومن ۽ راڄن ۾ صلح ۽ ٺاهه ڪرائڻ واري روش اختيار ڪئي.

ساڪري واري زمين جنهن تي نزاع هو سي ٻ ديهون هيون، گهگهي ۽ سيري، جيڪي ميرپور ساڪري کان سڌ آيرندي ٽن ڪوهن ڪن جي مفاصلي تي آهن. مير صاحب فيصلو ڏنو تہ 'پڏيا' جي ديهہ سڄي چاڪ ٻجار کي ٿو ڏيان، باقي 'گهگهي' لاءِ اٽي جا ٻيا راڄ اسين ٿين ۽ انهن جي قسم تي فيصلو ٿئي. جيڪڏهن کا ثابتي پيدا نہ ٿئي تہ پوءِ 'گهگهي' وراهي اڏواڏ ڪريو. انهيءَ فيصلي لاءِ مير مزار ڪرمتي کي امين ڪيائون. شاهدي ۽ ثابتي لاءِ ٻاڙيسري

راڄن "ڏيٽن" ۽ "سورن" کي سڏيائون، جن قسم کٽي شاهدي ڏني ۽ ان موجب مير مزار دنگ کياپو، جنهن موجب گهگهي جي سڄي ديهه ڪرمتين جي پاسي اچي ويئي. پوءِ مير مزار حيدرآباد ويو تہ سڄو فيصلو وڃي مير صاحب کي ٻڌائي تہ اهو قائم ٿئي. ٻئي طرفان چام ٻجار جي طرف جا جيڪي ماڻهو فيصلي ۾ آيا هٿا، تن وڃي چام ٻجار کي ٻڌايو تہ:

ڏيٽيا آيا دنگ تي، پير هٿي وارا
ڪٽي مصحف مٿي تي، ٽيا سمهٽا سورا
نيائون گڏ گهگهيءَ سين، چام! پاسا "پڏي" جا.

يعني وڏاڻ ڪري وڃي ٻڌايائون تہ گهگهي سان گڏ هڏي جي ديهه جا پاسا ۽ ڪٽي ويا. تڏهن چام ٻجار جو پٽ چاڪر جيڪو اڃي جوان ٽيو هو ۽ وڏو ٻهادر ۽ ٻهلوان هو، ان سان گڏ هٿيلو ۽ ڏنگو هو. چام ٻجار ۽ هاڻي چاڪر جي چٽي ٻڌيان هو ـ لشڪر سان چڙهيو ۽ اڃي گهاري وٽ ڪٽي لٽو. ان وقت ڪرمتين جو پگدار ملڪ مريد هو، سو چاڪر وٽ هلي آيو ۽ چيائين تہ: زمين جي فيصلي تان ڪين وڙهنداسون، تون حيدرآباد وڃ، مزار خان اتي آهي ۽ فيصلي ۾ توکي اوتري ٻي زمين وڌي ڏي. نشاني طور ملڪ مريد کيس پنهنجي گهوڙي "واڏي" ڏني.

تنهن "واڏي" واري ڏني، پنهنجي ملڪ مٽيادار
تہ مزار تو لٽي در تي، ڪندو عرض اپار.

ٻوءِ چاڪر ٻاڻ جنگ لاءِ ڪونہ آيو، باقي پنهنجو لشڪر چاڙهيائين تہ وڃي گهگهي تي قبضو جمائين. جڏهن هي لشڪر اڃي پهتو تہ ڪرمتين ۽ سندن راڄدارن جو ۽ جيٽي نوتياڻي جي اڪواڻي هيٺ لشڪر سنيري آيو ۽ چيائون تہ:

"سيرين" برابر سنگ، آهن گهگهيءَ جا گلاب چوءِ
جوکيا جنگ ۾ جنگ، نه ته مڙس ٻڌندا ماسري"

پوءِ جيئو انهيءَ لڙائيءَ ۾ ماريو ۽ فتح ڪرمتين جي ٿي.
جوکين جا به گهٽا ماٺهو مٿا ۽ هو قبضو چڏي اٿلي ويا.

جيئو نوٽياڻي جنگ جو جهونجهار هو. راڻي واري جنگ وقت هو، پر پهچي ڪونه سگهيو هو.

راڻي ۽ رحمت الله سين هٿا ڪين هزار
جيئا جهونجهارن جي سگهي لهج سار.

جيئي جي جنگين تي قلاڙو چيائون ته:

جيئا جنگان ايوين جيوين سهندڙي چنگان
نه سزار ايوين جيوين ڪنهين ڪوهان.

(جيئو جنگين ۾ ائين هڪلون ڪري ۽ ترارين جا واڇٽ وهائي جيئن مينهن ۾ چڙا ٻيا وڃن. مڙسن کي ائين ماري جئن شينهن ڪوهن کي جهوري.)

سندس بهادري کي ڳايائون ته:

جيئو سدائين جنگ ۾، جيئو نه جنگان ڌار
جيئي جي جنگ جا آڳ پڇ ته ڏيان پار
جهڙي ڏت ڏندين جي تهڙي سونهن سردار
جهڙو نڪ نراڙ ۾، تهڙا ڏاڙهيءَ ٻنيا وار.

جيئو هليو جنگ تي، پچاڙي پتنگ
تنهن گهگهيءَ جو گلاب چئي، وڃي دولهه ڪيو دنگ
ترارين ترڪنبا، ڪونهي ملهه مانجهيءَ جو.

جيئي جهڙا جوان، سَر چٽي کا ماڙي
تکيءَ ويل تراڙ ۽، آهن يڙ پليرا پائي
ميرن ملهائي، سڻ گهگهي تون، گلاب چوءِ.

جيئو هليو جنگ تي، ڪٽي يڙ پالو
ڦڙڪي فوجين مهند ۽، آهي آتالو
نوتياڻي نالو، اجاري آڇو ڪيو.

۲. قدمن واري جنگ

گهاري کان ڏکڻ، ڪوٽ "راج مَلڪ" لڳ، سنڌو درياءَ جي اڀوٽي ويٺ "ڦيٽي" تي "ميران جو مقام" يا "قدمن وارو قبرستان" آهي، جتي ڪرمتي ۽ جوکيا ماڻهو دفنائيندا هٿا. "ڪهڪهي واري جنگ" کان پوءِ هديه قبيلي جي ڪرمتين جو ڪو ماڻهو گذريو هو ۽ هنو نعش دفنائڻ لاءِ ڪٽي آيا هٿا. ڪين رات اتي مقام ۾ ئي پڄي وئي ۽ اتي ئي ترسي پيا. چاکر جوکيو پنهنجن ماڻهن سان آسپاس پڻي هليو تہ ڪيئن "ڪهڪهي واري جنگ" جو پلاند ڪري. ان وقت هو قدمن واري مقام کان اوڀر "اهب" جي ڪوٽ ۾ اچي ويٺو هو. "قدمن واري مقام" تي ان وقت هڪ مجاور "پنڌ" پاڙي جو جوکيو هو، جنهن وڃي چاکر کي خبر ڪئي تہ ويڙ وجهڻو اٿئي تہ مڙس (ڪانڊي) ستا پيا آهن، هلي ماريون.

پوءِ جوکين رات جو انهن ڪانڊين تي اوچتو حملو ڪيو. ڪرمتين جي طرف وارن سان هَسو لاشاري (پاڙو سڏجي) ۽ پيروز وڙهيا ۽ وڙهندي ماريا. هَسو چار مڙس ماري اچي چاکر کي چٽايو ۽ ترار سڏي ڪاهار تي ورايائينس:

هَسڙو ڏي هاڪار ڪيا، سڏجي سڀيادار
ڏي ڇڏايائين چاکر کي، ڪومي منجهه ڪپار.

ان وقت ڪنهن هڪڙي پالو هنيس جو هَسڙو وڃي ڪريو ۽ مري ويو. اهڙي طرح چاکر بچي ويو. پوءِ جوکيا آڻان اٽلي ويا. شاعر بکر ڪلڀي انهي واقعي ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ:

پيروز هوريون اکرين، هو سورهيه ساکاڻي.

جاکاڻي جوانن کي، جي هٿا هٿائون
ته خبر لڏائون، هوند بازن جي بکر چوءِ.

جيڏن ته اها جنگ ميران جي مقام يا قدمن وٽ لڳي، تنهنکري "قدمن واري جنگ" جي نالي سان مشهور ٿي. "ٻنڊ" جوکيي جي چغليءَ تان اهو پهاڪو مشهور ٿيو ته: "جڪ ماري جوکيي، ته به چوندو سيڪو چاکر کي." (يعني حرف چاکر تي آهي، باقي چغل تي کهڙو حرف).

قدمن واري جنگ ۾ جڏهن کرمتي ماريا ته کرمتي وري جوکين تي چڙهيا. قيصر خان حماتي ۽ ساڻن شامل هو. گهاري جي لڳ ڀڳ ويهو جوکيو همت وارو هو، سو ترار ڪٽي ٻيهي رهيو ۽ چيائين ته: جيڪي گهوڙن تي چڙهيا تا اچن، سي گهرن تي اچي سهڙندا. پوءِ ٻنهنجن ماڻهن سان گڏ مقابلي لاءِ ٻيهي رهيو ۽ کرمتين جي لشکر مان ڏينسر کي ماريائين. پوءِ سڏڙي گبول حملو کيو، جنهن ويسي کي ماريو.

ويهو ڏيسر مٽ ٽيا، راندين ٻيا ٻار
ويسي ڏيسر ماريو، کيائين ٻئي جي هچار.

سڏڙي گبول سيف ڪڍي کيي،
تنهن ٻجلي جيڏن برسن لايو.

سڏڙي ويهو ماريو، کيائين ٻئي جي ٻار
لاهي شال کلهن تان، وڏي مٽس حماتي ڪڙ آجار.

قٽل سڏو لاشاري پهلوان هو ۽ جنگ ۾ ٻه پٽيون ڪٽندو هو، پر جوکين سان جهيڙو ڏيندي قٽل لاشاري جنگ مان وٺي ڀڳو. هسو لاشاري کيس پڇندو ڏسي پويان ترار هنيس، جهکا ٻڏڻ ڪٽي ويس.

ڪرمتين سان گڏ ٻيا جيڪي لاشاري هٿ. تن سان سنڌري سنڌ ير، موسي سنڌ ير، شاهپي موراڻي منڌ ير، جيٺند ٻڌاياڻي سنڌ ير ۽ سريد شنبهاڻي لاشاري ڪي ڪنهن شاعر پنهنجي هڪ بيت ۾ ساراهيو آهي، جو انهن جي حملي سان جوڪين جي لشڪر سان "ڊارا نانگرا" ۽ "ميري" پاڙن وارا ميدان مان ٻڪا.

سنڌو منجي اٽيو، ڪنيو خان ڪيڙو
شاهپي وڏا شوڪارا ڪيا، ڪوڪانڀ وڏو ڪيڙو
جيٺند جهونجهارن ۾، هو عهدي انگيرو
سريد تي ميڙو، هو اهر اواريٺن جو.

ٻڪا "ڊارا" "نانگرا"، ٻڙيا ٻيرو
"ميري" تن جي مهند ۾ سريا سويرو.

۳. راهيجي واري جنگ*

راهيجي وارو مقابلو خاص طرح لهاراڻين برفتن ۽ چاڙ بجار جي پٽ چاکر جوکيي جي وچ ۾ ٿيو، جنهن ۾ چاکر ماريو. راهيجي جو مکان، کاري جبل کان اتر طرف آهي جتي پٿرن جا نشان لڳل آهن.

چاکر جوکيو، چاڙ بجار جوکيي جو پٽ هو ۽ وڏو بهادر هو. ايڏي طاقت هٿس جو تازي مثل جانور جا عضوا پٽي اڇلينڊو هو. جهيڙي جو جهونجهار هو. مخالفن سان وڙهڻ ۽ ويڙ وجهڻ جو کوڏيو هو.

چاکر پٽ بجار جو، سورهيه ساماڻو.
وڙهي ٿو ويرين سين، کرکهي ٿوکهاڻو
منڊل مانڊاڻو، آهي سورهيه سندي سير تي.

چاڙ بجار کي ۾ گهر هٿا ۽ هڪ مان ۾ پٽ ۽ ٻي مان هڪ پٽ چاکر هوس. چاکر جي ماڻ مائي برفتن جي حملاڻي ڀاڙي مان هئي. ٽيئي پٽ اڃا ننڍا هٿا جو بجار کان پڇياڻون ته انهن مان بهادر کهڙو؟ تنهن تي بجار آزمودو ورتو. هڪڙي تازي وڃايل ڪٽني جا ٽي گلر آڻائي تنهي

---

* هن جنگ جي خبر، ان جو سبب ۽ چاکر جوکيي بابت حالات هڪ کافي وڏي عرصي ۽ وڏي محنت سان جدا جدا ڄاڻو ماڻهن ۽ سگهڙن کان گڏ کيا ويا. جيئن ته. (۱) دريجي جو سگهڙ مرحوم محمد امين پوتاڻي (اميد علي خان جو مامو)، سردار اميد علي خان پوتاڻي، سگهڙ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (ميرهوز ساکرو) ۽ حاجي اسماعيل بنديچو (ڪرمتي)، سگهڙ عبدالله جوکيو، وڏيرو علي مراد ٻمرو (اڏل)، عبدالرحمان رونجهو (شهر پيلو)، سگهڙ الله بخش پالاري، پوڙو خان گبول (چکرو، شهر ڪراچي)،

پٽن کي هڪ ڏيئي چيو ته وڃي گورٽي ڪٽيءَ کي ڏيو. هوڏانهن اشارو ڪيائين ته ڪٽيءَ کي ڇڏيو. ڪٽي هٿي ڏنگي ۽ ڇٽي ٽي ٻيٽي هٿي، تنهن ڇوڪرن ٽي رومڙ ڪٽي. ٻين ڇوڪرن ته ڊپ کان گلر ڪٽي ڇڏيا ۽ ڇاکر نه ڇڏيو. ڪٽيءَ ڇڪهي ڪانڇ ڦاڙي ليڙون ڪري ڇڏيس ته به گلر کي نه ڇڏيائين. تڏهن ٻجار ڇاکر ڏانهن اشارو ڪري چيو ته منهنجو ٻهادر ٻٽ اهو آهي.

ڇاکر سوڙهيه هو ٻر ڏنگو ۽ ارڏو سوڙهيه هو. هڪ ڀيري سن ۾ سيڏن وٽ ويو. اتي ڪنهن نوجوان وٽ گولي مار ٿيڻ بندوق هٿي، جنهن چيو ته هي گولي پري ڪان شينهن کي اڇٽ ماري ڇڏيندي. اهو وقت ترار جو هو ۽ ڇاکر ترار جو ٽکو هو. اهو ٻڌي ڇاکر چيو ته: اها شينهن کي ماريندي ٻر ميدان ۾ مڙس کي نه ماريندي. نوجوان سيّد چيو ته: نه، ماريندي. تڏهن ڇاکر چيو ته: آڳ ٽو ترار ڪيڙي ٻاهر ڪران ۽ ٻل کو اها بندوق ڪٽي ميدان ۾ اڇي، ٻوءِ ڏسو ته مون کي ٽو ماري يا آڳ ٽو اڪ ۾ مٽ کريانس. ٻوءِ هن نوجوان بندوق ڪٽي ۽ ڇاکر وڃي سامهون ٻڙ ڪيو. ايتري ۾ اها ڳالهه اندر هويلي تائين ٻهتي ۽ وڏو سيّد وڏي اچي وڃان ٻيو. چون ٿا ته(۱): هڪ ڀيري ڇاکر سن ۾ آيو ۽ سيّدن جي اوطاق تي ٻين سان گڏ ويٺو هو جو هريان کارو نانگ ڪچهري ۾ گهڙي ٻيو. ٻيا ماڻهو ڊپ کان پڇي پاسي ٿيا ۽ ڇاکر جئن کانپ ڪيڙو ويٺو هو، تئن ويٺو رهيو(۲).

---

(۱) جيتري قدر سون کي ياد آهي ته اها ڳالهه سون سان سائين غلام مرتضيٰ شاه صاحب (جي. ايم. سيد) ٻاڻ ڪئي (نبي بخش)

(۲) ڪنهن اهڙي خبر ٻ ڏني ته جيئن ٽي نانگ ڇاکر وڃان ستيو ته ٻچ سان جهلي زمين تي سٽيائينس ۽ ماريائينس.

چاکر کي مقابلي ۾ کنهين کوٺ هٿايو سواءِ درياخان حملاٽي جي، جيکو ٻڻ ڏاڍو مڙس هو. چاکر ۽ ڪيس هيسائڻ لاءِ زوري وڃي درياخان جو مال هنيو ۽ درياخان ٻه اڇي منهن مقابل ٿيو. چاکر ترار جا ٻ تڪا وار ڪيا جيکي درياخان ڍال تي جهليا. ٻوءِ درياخان جڏهن وار ڪيو تہ چاکر پکين پوڻ لاءِ اڪٿي وڏي آيو، جنهن تي درياخان جو ڪرڙيو (ترار جي مٺ) وڃي ڪلهي ۾ لڳس، ۽ اهڙو زوراڪتو ڏڪ لڳس جو چاکر وڃي ڪريو، جنهن تي درياخان ڪريل مڙس کي ٻيو ڏڪ ڪوٺ هنيو. ٻوءِ چاکر کي ڪٽي ويا. اهو ڏڪ هن کي اهڙو اثرائتو لڳو جو ڪڏهن ڪڏهن ننڊ ۾ درياخان جو نالو وڻي اٿي ڪڙو ٿيندو هو.

چام ٻجار عقل جو اڪاهر هو، ۽ چاکر ايتري وڏي نظر وارو ڪوٺ هو ۽ بعضي ٻنهنجن جوکين مان ٻه گهٽن کي ڏکيو ڪيائين، تنهن تي ڪنهن چيس تہ:

چاکر چو چڪاسين جيکي ٽکي روزگار
ٻچ ڪنهن بادشاه تي جنهن ۾ لب لغار

هڪ پيري گودڙ نالي 'مهمت' جوکيي کي، جيکو ٻه همت وارو ڏاڍو مڙس هو، ڪنهن ڳالهه تان ڏويون ڏنائين ۽ گاهي وانگر رنيايائين. جنهن تي گودڙ چيس تہ: مارٽو اٽي تہ ماري ڇڏ، باقي جٿيون نہ ڪر. چاکر تہ ٻہ نہ مڙيو. جنهن تي گودڙ چيس تہ: مون کي سو رنيايو اٽي، باقي کا مهل آئي تہ آءٌ ٻ ڪجهه ڪندس. گودڙ ٻوءِ چاکر سان اهو هلاند راهيجيءَ واري ڏکي ويل تي ڪيو.

'قدمن واري جنگ' کان اڳ حڪومت ڪلهوڙن کان قيري ٽالپورن جي هٿ ۾ آئي هئي. مير فتح علي خان اها ڳالهه ڪٽي تہ سنڌ ۾ جتي جتي قومن ۽ راڄن ۾ ويڙهه ۽ جهيڙا جنگيون آهن اهي ختم ڪجن، ۽ راڄن جا ٻاڻ ۾

صلح کرائجن. میر مزار کرمتي جڏهن وٽس ويو تہ کيس چيائين تہ اوهان صبر کريو. اسان پنهي ڏرين جون ڳالهيون پڏي فيصلو ڪنداسون ۽ چاکر جيڪا آره زورائي ڪئي تنهن کي ٻہ سمجهائيندا سون. ٻوءِ چام بجار ۽ مير مزار ٻہ پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ مڪلي واري جنگ کي ملتوي ڪيائون.

چام بجار، چاکر کي سمجهايو، جنهن مير مزار کي ڏاڙهي ڏني تہ آءٌ کاپ اچرائي نہ ڪندس. ٻوءِ ميرن چاکر کي پاڻ وٽ گهرايو. ڪن جو چوڻ آهي تہ برفت مَلڪن گهگهي واري جاگير تي قبضو ڪري چام بجار کي ڪنهن ٻہ مالڪاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. انهي دانهن لاءِ چام بجار پنهنجي پٽ چاکر کي ميرن صاحبن جي دربار ۾ موڪليو ۽ پٺ چوائي موڪلياٿين تہ: آءٌ ٻہ مرد آهيان، چاکر خدمت ۾ موڪليان ٿو. ڪيس ٻہ سمجهائيندا ۽ برفتن کي ٻہ هدايت ڪندا، اسين صلح ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

چام بجار، دُريجي جي پُٽواٽي سردار کان سندس ڏيءُ جو سڳ چاکر لاءِ ورتو هو. وقت گذري ويو هو، ٻہ مسلسل جنگين سبان شادي کانہ ٿي هئي. اڃا ٻہ هڪ طرف ڪرمتين جو تہ ٻئي طرف برفتن جيو ويڑ ٻيڙ هو. چاکر جي ساڻ تہ ٻہ چام بجار تي زور رکيو تہ ڪٿن ٻہ چاکر جي شادي ٿئي، جنهن تي چام بجار طرفان مير مزار ڪرمتي وٽ نياڻين جي ميڙ آئي تہ جنگ هٽايو جيستائين چاکر جي شادي ٿئي. مير مزار ميڙ کي مُٺ ڏني ۽ ماڻن کي چيو تہ: پلي آيون، چاکر کي پلي حيدرآباد مان وڻي وڃي ورٽايو. چٿن مهينن تائين اسين ڏالو تہ وٽنداسين. ٻوءِ ٻي ميڙ برفتن جي "حملاڻي" پاڙي وٽ وڻي جو "جهيل واري جنگ" ٻہ انهن جا ميڙ مٽا هٽا. هڪ ٻي روايت موجب چاکر، عارب ۽ اوباهيي برفت جو ڀاڻ ماريو هو، جيڪي مول جا

ويڻل هٿا، اهي وير لاءِ سنپريل هٿا. پرڻڻ ڇيو ته اسين ويري آهيون ۽ ويڙ وڙندا سون. جي ترارين جي ٻاهه ۾ چاکر جي ٻٽ رهجي وڃي ته پل رهجي وڃي، پر اڻين کين ڇڏيندا سون.

ٻيءَ هڪ روايت موجب "قدمن واري جنگ" کان پوءِ پروچن، چاکر کي چوائي موڪليو ته: ويڙ کوڻ ڇڏيندا سون. هيءَ قضا هٿي جو اڻين وَهي وڃي، باقي اسين سڀ سري کين ويا آهيون. ان وقت چاکر جو ٻاڻ ۽ کي مايون ميڙ ٿي ملڪ مريد يا ملڪ ابراهيم ڪرمتي وٽ آيون ۽ ست ڏينهن ويٺيون رهيون ته: اسين چاکر کي ٿيون پرڻايون، ايستائين ويڙ نه ٻاڙيو. ملڪ ڇيو ته، اوهان نياڻين آڻي مون سڀ ويڙ ڇڏيا، پر چاکر تي ۽ کو اعتبار آهي! چون ٿا ته ان وقت يا ان کان اڳ جڏهن مڪلي جي جنگ جا هاوڻا پئي هليا، تڏهن ڪنهن جوکياڻي مائي پنهنجي سهيلي پروچاڻي مائي کي ڇيو ته، ادي، چاکر جو خيال رکجؤ. مائي پروچاڻي ڇيو ته: "اسان کي الکو ڪونهي جو چاکر (جنگ نه ڪرڻ جي) ڏاڍو ڏڻي آهي." مائي جوکياڻيءَ ڇيو ته، "جي ڏانهس آنسوراڻ (۱) جي ڏڻائين ته ٻاڙيندو، پر جي ٻڌس بچار جي ڏڻائين ته کين ٻاڙيندو."

چام بچار جڏهن ڏٺو ته چاکر جي ماڻ جو زور آهي ته هو پرڻجي، تڏهن شادي جا ڏينهن ٻڌائون. پوءِ هتان مائي ٻاڻ سان چگو اڻالو وڃي نڪتي ته حيدرآباد مان چاکر کي ساڻ ڪري پوتاڻين ۾ وڃي ڪيس پرڻائي. چاکر کي ميرن صاحبن حيدرآباد ۾ رهائي ڇڏيو هو ته فيصلي کان پوءِ

---

(۱) منو گبول، هاڙهو احمداڻي ڪرمتي، ۽ انوراڻ جوکيو ٽيئي يار هٿا. وڏي ڳالهه ڳٽ وارا هٿا ۽ جيڪو وعدو ڪندا هٿا سو ٻاڙيندا هٿا. (ڏسو، "پنيور وارو مقابلو ۽ مڙسن جون ماهيون".)

راجداري صلح ٿئي ۽ هوءِ وڃي، ڀر چاکر تکڙو ٿي ڏوڃان وڃان" پئي ڪئي. جڏهن سندس ماڻ مائي حيدرآباد پهتي تہ مير صاحب، چاکر کي موڪل ڏني ۽ فيصلو ملتوي ٿيو. انهيءَ تکڙ سبب چاکر مارجي وهو ۽ ڪن پانيو تہ ڪيس مير مارايو آهي. جڏهن روانا ٿيڻ وارا هئا تہ مائي چاکر کي ٻڌايو تہ، ابا! ڪرمتي لانگهو ڏنو باقي برفتن نہ ڏنو ۽ ميڙ موڪائي ڇڏيائون. تڏهن چاکر چيو تہ، امان، تون ٿي چوين شادي، پر شادي واسطي هلن لاءِ وات تہ برفتهين مان آهي. شادي جي ڪالهہ اوهان اڪ هڪلائي ڇڏي آهي. جي نہ هلندس تہ بہ ماڻهو چوندا تہ، چاکر ڪنوار ڇڏي ويهي رهيو، سو امان! تو تہ مارايو. ۽ هاڻي هل تہ هلون.

چاکر سان ان وقت ڇيڇ ۽ جهجها ماڻهو گڏ هئا. الهداد ينڌ (جوڪيو پاڙو ينڌ) ۽ ان جا ماڻهو، گودڙ جوڪيو ۽ سندس پنجاه ڪن ماڻهو. اقبال شيدي، هسو لنگهو، گلاب لنگهو ۽ ٻيا نوڪر چاکر گڏ هئا. حيدرآباد مان روانا ٿيا تہ چاکر، الهداد کي چيو تہ، فلاڻي وات سان هلنداسون جيئن رات هلي 'راهيجي" تي ٿيون. اها ڪڙڪ گودڙ جي ڪن تي ٻڌجي وئي. هن جي من ۽ مدي هئي، جو چاکر ساڻس جڏيون ڪري ڪيس رڦايو هو. جي گودڙ دغا نہ ڪري تہ چاکر سلامتي سان نڪري وڃي ها:

ڇـوڪ ۽ چاکر جي، گالـيو گودڙ هـو
چورڪان چڱي نہ ٿئي توڙي سَر سڪر هوءِ

گودڙ ڏاڍو مڙس چور هو، ۽ ڪو وقت حملاٽين مان عـارب ۽ موٽيي سان گڏجي مـال ڪاهيا هئائين. جڏهن حيدرآباد ٿي ويا، تڏهن عارب ۽ موٽيي، گودڙ کي چيو هو تہ، "پاڻ هڪ ٽاڻ ۽ ڪاڏو آهي. امان کي رکـو ايتري خبر ڏجيئن تہ چاکر امان وٽان ڪڏهن ۽ ڪٽان ٿو سَڏي."

عارب شيرو هو يعني ته برفتن جي 'شيرو' ڀاڙي مان هو ۽ موٽيو 'چورو' هو، يعني ته برفتن جي 'چورو' ڀاڙي مان هو.

چاکر حيدرآباد مان روانو ٿيو ته گودڙ اڳواڻ عارب ۽ موٽيي کي چوائي موڪليو ته چاکر رات راهيجي تي اچي رهندو. راهيجي جي جنوب بارڻ ۾ 'آٽ پلاڻ' مڪان جي مٿان آهي، جتي ڇوڪنديون آهن. ٻي روايت موجب گودڙ اڳواڻ چوائي کونہ موڪليو، پر مقابلي وقت چاکر کي چڏي ويو.

چاکر وارا راهيجي تي اچي رهيا، ڇاڻون ته رات جو هتان نڪرنداسون. سفر لاءِ الهداد پنڊ ڀاڻي ڪٺ لاءِ ويو ته هڪڙي هنڊ تماڪ جو دڪايل پتو ڏٺائين. موٽي اچي ٻڌايائين ته برفڀتين جا مڙس هتان سڌي ويا آهن، سي ڇاڻ ته پهتا. اتي برفت ۾ اڙ ڪريو ويٺا هٿا، سي اچي ساهون ٿيا. چاکر جي ماڻ وڏي وڃي کين شرمايو ته "هينئر موٽي وڃو ته آءٌ چاکر پرٽايان، باقي ٻوءِ آءٌ چاکرکي سڏنگي ۽ کانئ سانڊيندس." مائي جو اهو گفتو ٻڌي هو مڙس مڙيا ۽ چاکر وارا ۾ اتان اڪٻڻي روانا ٿيا. ۽ برفتن مان ڪنهن ڪريل ٻويان ٻندوق چوڑي. اتي چاکر ٻيهي رهيو ۽ ماڻ کي چيائين ته: امان! هاڻي پٺ ۽ ٻندوق جهلي اڪٻڻي کونہ هلندس. ٻوءِ جنگ لڳي جنهن ۽ ٻيا سڀ ويجي ويا، باقي رکو الهداد پنڊ سندس ماڻهن ساڻ چاکر سان ٻيڙو رهيو.

ٻي هڪ روايت موجب، چاکر جي ڇڇ جڏهن 'مول' کان ڪاڇيل ۽ اٽڪل ڇهن ستن ميلن پنڊ تي 'آٽ پلاڻ' مڪان تي پهتي ته هوڏانهن برفت جيڪي سنيريل هٿا، سي ٻه ٻندوقن سان چڙهيا. اوباهيو ۽ عارب شيرو سندن اڳواڻ هٿا. لنگها ساڻن گڏ هٿا، جيڪي دهل وڄائيندا هري کان ڇيتاڻي (اطلاع) ڪندا آيا. چاکر کي آواز ڪن تي

پيا تہ ايهي رهيو. اتي گودڙ جوکيي چيس تہ تو سون کي گاهو ڪري رڦايو هو، اڄ آءٌ توکي رڻ ۾ چڏي ٿو وڃان، سو پنهنجا سائي وڏي هليو ويو(۱). چاڪر سان باقي الهداد پنڌ ۽ سندس ماڻهو، اقبال شيدي، لنگها ۽ نوڪر چاڪر وڃي رهيا.

جڏهن برفت سامهان نڪتا تہ سائي ساءَ چاڪر کي چيو تہ: تون ترس تہ آءٌ وڃي ٿي برفتن کي موڙايان. چاڪر چيس تہ: ٿورو نہ ڪٽجان، باقي چوين تہ ويڙ ٻڌي دفعي وڻن. سائي وڃي سامهين ٿي، جنهن تي برفتن چيو تہ: "سائي، ويڙ پراڻو نہ ٿئي. اسان هينئر مڙون ٿا." پر اڳتي ڏوري "سنهڙي راهيجي" تي وڃي هوا ۾ بندوق چوڙائون ۽ چيائون تہ بندوق ٻڌي چاڪر کوڙ مڙندو. ٻوءِ چاڪر موٽ ڪاڌي ۽ جڏهن مقابلو ٿيو تہ

دنگ الهداد دست ۾ ٿو ڏئي ويڙون وريامن
حبو، گلاب جهگ مگ جهومڪ ٻيتو ٻياکن

چاڪر ٻيو وڙهي تہ الهداد پنڌ (جوکيو) چاڪر کي ٻڌاءِ ڏيڻ لاءِ سندس پاسو نہ ٻيو چڏي، تڏهن چاڪر چيس تہ:

چاڪر چيو پنڌ کي نہ هڻ مون مهنداءِ
هڻ آڏي، هڻ جيٽي، هڻ هٽندو آءِ

الهداد جواب ۾ چيو تہ آءٌ اڳتي رئيسن مهندان وڙهندو هوس ۽ اڙجهل ڪندو هئس. ٻڌ جون لڪڙيون ٻڌ تي ٻرن، هاڻي آءٌ ۾ تنهنجي ٻڌ جي لڪڙي آهيان. ائين چئي الهداد ڏڪ هٽندو ڏڪ جهلينده چاڪر جي آڙ ڪندو آيو، تان جو وڃي ڪريو. اقبال شيدي وڙهيو پئي تہ پاسي ۾ ترار لڳس. گهاءُ وڏو هو ۽ چر لڙڪيس پئي، جنهن کي ڏسي چيائين تہ اهي ميڙ چاڪر جا جهنڊا آهن.

---

(۱) الهہ بخش پالاري جي روايت موجب: گودڙ پنجاه جوکين سان پڃي ويو.

هڪ روايت موجب چاڪر خان برفتن ڪي چيو تہ: بندوق متان هڻو! جنگ ترارين سان ڏيندي. مگر برفتن مان ڪن چيو تہ: ترار جي جهيڙي ۾ چاڪر خان سڀني ڪي ڪٽي چڏيندو. انهيءَ ڪري "سَيدي" ڪي چيائون تہ؛ ڪوڏي تي ڏڪ هڻينس، متان پوئتي موٽي. "سَيدي" ڏالي هڪ برفت چوڪرو(۱)، بندوق جو ملوڪ، ساڻن گڏ هو، تنهن بندوق هنئي، مگر بندوق جهليو چاڪر هليو آيو. ائين ڇهه بندوقون جهلي وڃي ميڙ ڪي رسيو. چاڪر خان ڪي هلڻ وقت ماڻس چيو هو تہ، موٽيو تنهنجو مَٽ آهي جو منهنجي ڏَڄ پيتي هٽائين. اتي چاڪر موٽي ڪي تنواريو. موٽيو ميڙ مان ڏڪتو ۽ سامهون ٿيو(۲) پر چاڪر ترار سان ٻانهن ڪٽي چڏيس، مگر پوءِ ٻاڻ ۾ وڃي ڪريو.

ٻي روايت موجب چون ٿا تہ چاڪر زخمي ٿي ڪريو، پوءِ موٽيو متان آيس. چاڪر ڪي چيائين تہ؛ تون مون ڪي ڏڪ هڻ، پر چاڪر چيو تہ: نہ، اڄان ۾ تون هڻ. پوءِ اڳ ۾ موٽيي ڏڪ هنيو. چاڪر موٽيي جي ڏڪ آڏو ڪيڙي (ڍال) ڪاڻ ڏني ۽ چڻ پنهنجي مَٽ ۽ يار جي هٿان مٿو.

ميان امين محمد پوتاڻي جي روايت موجب موٽيو برفت، چاڪر جو يار هو. اهو سامهون آيس، تڏهن چاڪر چيو تہ، "تان ٻي موٽيو". ائين چئي ڏڪ هنيائينس ۽ ڪلهو ڪٽي ويس. چاڪر ماريو پر موٽيو ۾ گهائجي ڪيو. تڏهن لنگهي چيو تہ، اهو گهاءُ چڻ گڏ جي ڏاڙهه آهي. مڙئي خير آهي. انهيءَ ٻي موٽيي چيو تہ: متان ائين چئين! هيءَ شينهن جي ڏاڙهه آهي ۽ آءُ انهيءَ وگهي ٻي مرندس. پوءِ موٽيو انهي زخم وگهي مٿو.

---

(۱) الهہ بخش پالاري جي روايت موجب 'سيدي' هڪ چورو چنو رُلي مَلڪن وٽ آيو، پوءِ ان مان 'چورا' ٿيا (۲). مرٽيو لُهراڻي برفت، چمل لهراڻي جو وڏو ڀاءُ.

"موٹيو ست ٹيو، چاندي چاکر خان جو"

صفر لنگهي هنهنجي بيت ۾ چاکر کي ساراهيندي انهيءَ کالهه ڏانهن اشارو کيو ته:

پڇو مرد موٹيي کڻن، جو آيو چاکر کڻن چڪيي
هو ست سندس، صفر چوي، هوندين روح ۾ کالهه رکي
ليکي منجهه لکيي، هو جوکيو هزارن ۾ هٹو.

—

چاکر جت چهٹائي ات ساڻس ستيا ست
ٻيڙي ڏاڍا ٻڙ هٹا، هو هاڙهي هاڻ همت
الليه داد کياڻون اڳ ۾ جنهن جي مڙيئي مصلحت
کي سردارن صفت، جوکيي سندي جنگ جي.

سگهڙ پرٹي خان گبول چيو ته هن جنگ ۾ الهداد پنڊ ۾ چاکر جا ٻيا ساٿي ۽ نوڪر چاکر وڙهيا ۽ ماريا. چاکر هاڻ تراز سان کي مڙس ماريا، ۽ چاکر کي بندوق جو پهريون ڏڪ چگي برفت جو لڳو ۽ ٻيو بندوق جو ڏڪ عارب شيڊري جو لڳو جنهن سان مڙس نٹو. چگو برفت کو ايڏو پهلوان کونه هو، ۽ اتفاق سان ان جو ڏڪ اڳ ۾ لڳو ۽ چاکر گهائجي ٻيو. انهيءَ تي مشهور بيت آهي ته:

جڏهن جنگ جڙي، تڏهن چهو موجو ست ٹئي
نه ته حماتي حمر جي توري کيئن تڙي
جيئن اکي آدم ماريو هو ٹوڙڪ ناڏ ڪري
تيئن "چگي" جي "چاکر" تان اچٹو ڦڪ ڏري
قضا ايئن کري، جيئن چگي چاکر ماريو.

آدم حماتي هو، جيکو دکي ۾ آکن جو کير ڏهي مينگهواڙن کي چوڙن رگڙ لاءِ ڏيندو هو. هڪ جنگ ۾ اهڙو اتفاق ٹيو جو نالي واري مڙس نوڙڪ خان کي آدم جي

ترار جو ڈک لڳو ۽ هو مٿو. نوزڪ احمداڻي "ٻت مڙهو" مڪان جو ويڙل هو ۽ وڏو پهلوان هو.

آدم ڏکي ڪڙڪ ڪيوائي مٽ ٽيو متارن
جنهن هنيو نوزڪ ميرڪي تاڻي ۽ توڪن.

چٻو (ڪڪن مان ڦهيل جٽو تو) ڪڍن ۽ سوجهي (سوزي) جي مٽ نہ ٽيندو، ۽ جنگ ۾ چاڪر جهڙي پهلوان تي چگي جهڙي رواجي ماڻهو جو ٻڪو اچي ٻيو، جو چگي بندوق هٿي جيڪا اچي چاڪر ڪي زان ۾ لڳي. مٿان وري عارب جي بندوق ۾ ٻت مان نڪري ويس، چاڪر ڪيري وري آڻيو ۽ عارب ڏانهن هليو آيو. چاڪر ڪي ايندو ڏسي عارب هڪل ڪئي تہ، هاڻي چڏيوس جو ڪيرل مڙس هليو ٿو اچي، سو ڀلي اچي مون ڪي ماري.

پيرئي خان چيو تہ، منهنجي ڏاڏي ملوڪ خان چيو تہ، ڪريم ڏنو گڏو "اٺ پلاڻ" ۾ رهندو هو، آڻ ان وٽ مهمان ٿي ويس. اتان گڏجي عارب شيڊري وٽ وياسون. ان وقت عارب شيرو جهوڙ پوڙهو هو ۽ ڪٽن جون ٻاڙيون ٻڌي لڏيس. عارب ڪان خبر پچي سون، تنهن مٽين حقيقت ٻڌائي ۽ چيائين تہ "چاڪر ڪي منهنجي بندوق ٻت مان نڪري ويئي ۽ ڪري ٻيو، تہ ۽ وري آڻي هڪ ٽنگ تي ڪڍندو آيو ۽ ٽپ ڏيئي مون تي اچي تلوار آلاريائين. ڏر ٽپ ۾ ساهہ چڏيائين ۽ آڻلي وهي ويٺي ڪريو. چاڪر جي تلوار منهنجو ٽورو ڪٽهو اچي ويڏيو، جنهن جو نيشان اڃان ٻڌو آهي. آڻ چاڪر جي سير تان ڦري آيس، ٻت ۾ ساه ڪونہ هئس ۽ مڙس جي سڃ ٿي ڦري. هسو ۽ گلاب ٻئي چاڪر جا گدا سائس گڏ هٿا ۽ اهي ۽ وڙهيا.

هسو گلاب جهڳ مڳ جهوڪ ٻيتو ٻياڪن
ڏنگ الله داد دست ۾ ٽوڏي وٽيون وريامن.

"راهيجي واري جنگ" تي سٽنگر لنگهي، صفر لنگهي، محراب لنگهي ۽ پين سگهڙن بيت ٻڌا ۽ چاکر کي ساراهيو.

چاکر ڪالهه چئي، ته آءٌ ويندس ياري پوت ڏي
تڏهن 'عارب' 'فتح' ٻاڻ ۽ آهي پرسن ڪالهه ڏهي
ته ويري امان جي وچ تان، تو وڃي گس گهي
سي ميڙي سيڙي مڃ ٿي، هليا ڪنوڌ ڪهي
بجاراڻيءَ بيگ کي، پيئي سڏ سهي(۱)
تنهن ٻڌائي ٻيلين کي، چاکر ڪالهه چئي
ته 'جهيل' برفتهين جاد ڪيي، تا وڙهن واجهه لهيي(۲)
اوهين ائين ماريجا ميصريون، جئن ٻڌن پار پئي
ليکا لاکيڻ جا، تون 'سٽنگر' سار سهي
رونڌسو راهيجيءَ تي آهي، وڏي وچ ڪئي
ڪڪرين ڪڙڪهه لائي جنهن ۽ ڏاڏا ڏوڏ ڪئي
ويئي ريڪ رهي، چوڏس چاکر خان جي.(۳)

چاکر ٻيا چوڻ، ۽ آهي بجاراڻي ڏور ٻيو
عهدي اهڙو ايڏو، جنهن جون ٻلڪون اري ٻوڻ
مٿهرو نه مڙي مرد جو، توڙي هوڏانهن هزارين هوڻ
جئن ٻتنگ آڪ ٻوڻ، تئن ٿي تو "ميرڻ هوڻو" مڃ ۽.

رڻ جهڻ راهيجيءَ تي، ڪيئن ٿا هون
ڪٿي ڪنسونبا دست ۽، ٻاڪ ٻيالن
اهدي الهداد ليکيان، ياري مان ٻڌن
اقبال الولون کيون، لڳي چاه چون
جهيڙي جهونجهارن، ٿي موڪ هنيائون مصريون.

---

(۱) بجاراڻي=چاکر (۲) 'جهيل' يعني 'جيهل واري جنگ' جنهن ۽ برفتن جي هار ۽ جوکين جي سرسي ٿي. (۳) ريڪ=مال (ڪرين) جي ڏند ٿي ليکو.

رڻ جهڻ راهيجيءَ تي، پَسڻ ٿا هوڻ
'چگي' جون چاکر تي ٽيون سانگيون ساڻ ڪن(۱)
چگي جا چاکر تي اڇيو ٽُڪَ ٽِرن(۲)
تڏهن ايئن چون، ته 'چگي' 'چاکر' ماريو.

—

جيئن ٽي ڇيو چاکر سير، ڪيائين آرڻ آڻهي اونڌهَئين
ستن ساڻ، سُنگر چوي، ويو سَوَ سين نيڻي سير
هوڏانهن ٻ ڪيڙهو ڪڏي ٻيٺو، لوهار هوڻو ٻير(۳)
وڃي وڪڙ ويڙن سين، آت ٻيٺا جوان جَنجير
راهي رُڪ وراهيو، موڻي چاکر سير
بجاراڻي بَهير، پانجي سر ڏيئي سڙهي ڪئي.

—

چوڏس چاکر مير جي، هو آڻي آٻتو ٻير
سو ٻيالين جو پارکو، چلَين ڏڻي چڪير
هڻو سنگت سان، سُنگر چوي، ڪيلهي ويڙ ڪَنڌير
گجي جيئن گجهير، تيئن جوکيو ڏڻو جنگ ٻ.

—

چڙو جيئن چاکر مور جي، ڪڙي نه ڪيڙڪي
موڻيو چاکر سَٽ ٻيا، تن کا ڏَران ڪالهه ڏَرڪي
هيٺون ٻڪون هرت جون، کا سَرٻت جي سَرڪي
رُڪ جي گهوڙيا، سَس سي موڻيا، اها پنجاهين وَرڪي
بانڪي هٿ بجار تان، رُڪ ڏني رَڙڪي
آيا ڏوڏوکار ٻ، تڏهن لهرو ٻيا لڙڪي
مور ماريو سَرڪي، ڪڙڪ ويل ڪني جي.

—

(۱) سانگيون = تراريون، 'شاعري' ۾ ائين چيل آهي، باقي 'چگي' کا تراريا ڪانه هئي. بندوق هنيائين جيکا چاکر کي گوڏي ۾ لڳي. (۲) ٽُڪ، ٽُڪَ = ڪٽو، ٻڪو. (۳) لوهار هوڻو يعني 'موڻيو'.

چئو جيئن چاکر مير جي، کٽڙي تان نہ کڙياس
گهوٽ گهٽن کي سامهون، سيهي ستت ڏياس
ستت کٽت سکيلن جي، اچي کنديون کڙ رکياس
اها ستوڏي ڪالهه سندياس، ملکن ۽ مشهور ٿي.

—

جهه ۽ چاکر خان جي کٽڙي تان نہ کٽياس
جا رهه گهوٽ هياس، سا وڪ ويري ۽ سامهون.

—

آيو عهدي اکرو، جهه ۽ چاکر خان
ٻئو ٽرفتهين سين، سڳ اڙائي سان
آنديون لڙکٽهين آئيو، جنهن جي قدمن تان قربان
هن مامري جو "محراب" چوي، مرد مرندي لڏو مان
سو جوکيي هوئو جوان، کڏندو آيو کڙيءَ تي.

—

ڏر ڏرتي، پڳ پاوڙي، ٿا چاکر خان چون
ٽين ستهين ٽهين آئيو، آندا کجهڙين
رڻ ۽ راهيجي جي پکڙ ٿا هون
ستن ۽ سرهو ٿيو، چاکر خان چون.

چون ٿا ته جڏهن چام بجار کي چاکر جي مرڻ جي خبر ملي، تڏهن ارمان ۽ پڇجي ويو. وڏيءَ عمر جو اکڻي هو، ويتر ٻڌ جي خبر ٻڌي زمين تي تريون کوڙي آهستي ٿي آئيو، ۽ چيائين ته چاکر جو ويڑ جوکيا ونندا.

ڏٻي ڏٻي اٽيو، ٻڌونبا ڏيئي ٻڌون
ماڻ مرادون ٻنيون، گهنگهر ٻيون سون.

چام بجار هوءَ ڇڄي نہ سگهيو ۽ برفتن کي رکيو ٻڌون ڏنائين ته:

بڙفت بڪ پڪا ڪيا، ٻارڻ ٿيو ٻيرون
چڙهين ڪي چوريءَ جون، آهن هميشه هيرون
وڃا آهن ويڙ ويرون، جاد ڪري، جو ڪيو چئي.

نقالي ڪبول جي روايت موجب، جڏهن چام بجار برفتن ڪي ڏيئيو ۽ ٻارڻ جي ويران ٿيڻ جو چيو، تڏهن موٽ ۾ برفتن بيت چوائي موڪليو ته:

جيئن باغ ٻارڻ جا، ڏين ٻارڻ تي ٻوڙيون
صحيح هٿداسون ساڪرو ڪڏائي گهوڙيون
ڪٽاريون ڪوڙيون، ڪاتيون چام ڪڇن ۽.

وڏيري علي مراد ڀٽي جي روايت موجب، چاڪر جي مارجڻ بعد چام بجار هيٺو ٿي لس طرف آيو ۽ لنياري طرف اچي رهيو. عبدالرحمان رونجهي جي چوڻ موجب ته موجوده لاکڙي جي باب ۾ (لڳ لنياري) "چام بجار جو مامرو" اڃا موجود آهي، جو شايد چام بجار جي جاگير هو.

۴. مڪلي واري ٻي جنگ *

ڪچ عرصو اڳ هڪ جنگ مڪلي تي لڳي هئي، جيڪا ڪرمتين ڪئي هئي. هيءَ مڪلي واري ٻي جنگ هئي جيڪا جوڪين ۽ ڪرمتين (بلوچن) جي وچ ۾ لڳي. جوڪين جو اڳواڻ چام بجار جوڪيو ۽ ڪرمتين جو مير مزار ڪرمتي هو. هيءَ جنگ ۱۲۰۳ھ ۾ مڪلي تي لڳي، جنهن ۾ مير مزار مارجي ويو، جوڪين جنگ ڪئي. ان بعد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ٻيڙائي سان چام بجار جوڪيي، ڏاراجا جي راڻي ارجن ڪي ماريو. راڻي ارجن سان ڪرمتي مدد ۾ هٿا. تنهنڪري پڻ ميان غلام شاهه جوڪين جي ٻيڙائي ڪئي ۽ هو طاقتور ٿيا. هنن مڪلي واري ٻئرين جنگ جي ويڙ وڙ لاءِ وڏي جنگ جو سانباهو ڪيو، ۽ ان لاءِ چام بجار جي پٽ چاڪر جوڪيي ڪي موڪليائون، جنهن قدمن واري مقام تي ڪانڊين تي حملو ڪري ويڙ وڏو، ان تي ڪرمتين مڪلي تي جنگ ڪرڻ جي تاريخ ڏني.

---

* هن روايت جو مدار ڪوهستان جي مشهور شاعرن براهم ڳهائداري، چام بجار جوڪيي، سلهڻ ڪرمتي ۽ ڪن نامعلوم شاعرن جي چيل بيتن، مرحوم حاجي سرماڻ خان بگهياڙ، حمزي جوڪيي، وسائي سائينداداڻي، حاميد خان رند، طاهر محمد موريائي ۽ محمد امين پوٽاڻي جي زباني روايتن تي آهي، جيڪي ۱۹۴۴ع ڪان ۱۹۶۲ع تائين، مختلف هندن تي ڪيل ڪچهرين ۾ قلمبند ڪيون ويون (ن-ب).

روايت - ۱

مکليءَ جي پهرين جنگ هارائڻ کان پوءِ چام بجار پيلي ۽ وڃي رهيو هو. آڻان پوڻي سنبت ڪري آيو ۽ چئن مهنن بعد مکلي تي پي جنگ ليڪي. چام بجار وڏي سنبت سان وڏو لشکر گڏ ڪيو ۽ مکلي تي ميين علي شيرازي جي قبي وٽ چانوٽي هنيائين. بيبين کي دعا لاءِ وٺي آيو. مير مزار خان ۽ ڪرمتي چڙهيا ۽ مکليءَ تي لوڻگ ٻيرجو اچي سلام ڪرائون. مير مزار کي جتيءَ ۽ ڪنڌو لڳو، ٽنهن پنهنجي لشکر کي چيو ته: سون سئو ناهي، سوئي هلون. ۽ هنن جو ضد ته جوکين کان ويرِ وڃي. هوڏانهن چام بجار دعا لاءِ آيو سيّد علي شيرازي وٽ. سيّد چيو ته: "ڪرمتي جي سواريءَ تي آيا ته اسان جي جهلن جا ڪين آهن؛ پر جي پيوٽي (پيادا) آيا ته تون ڏانڊو ۽ هنو آهن پَنَ لڳي وجهجان." جوکيا آڙ ڪري ويٺا هٿا. ڪرمتي چڙهيا پئي آيا، ڪين جوکين جي ٽوپين جا چندا نظر آيا. تڏهن مير مزار گهوڙي تان لهي پيو ۽ چيائين ته: جيڪو سڙس مرڻ لاءِ تيار هوندو، سو گهوڙي تي نه چڙهندو. انهيءَ تي سڀني گهوڙن تان لهي پيادا ٿيا. تڏهن فقير ڪرياڻي شيخ ڪين چيو ته: جنگ ۽ سوپ اوهان جي ڪانهي، پلو چاڙو ته سوئي وڃو. پر هنن چيو ته: وڙهنداسون، هوء ڪٽن پاڪ. تڏهن شيخ ڪين چيو ته: هاڻي چڙو ته جوکين جي تراڙ بند ڪريان، چڙو ته بندوق. چيائون ته بندوق بند ڪر، جو هو آڙ ڪري ويٺا آهن، اسان جو ٽهو ڪيئي ڇڏيندا. هوءَ شيخ وڃي آڏو ليڪو ڪيو ۽ چيائين ته: ليڪو نه ٽپجو، جي ليڪي جي اندر هوندا ته اوهان کي هار ڪائر ٿيندي. پر هو جوش مان ليڪو ٽپي ويا. شيخ ورئي وڃي پنهنجو پٽڪو وڇايو ۽ چيائين ته: هيءَ نه سڻيو ته هنن جي

ترار ۽ ٿو بند گرڻان. پر هي پهلوان جوش ۾ اهو ۽ مٿي ويا ۽ وڃي جوڪين کي آڙ مان آٽار ياٿون. هنن کي وجهه ملي ويو ۽ جڳهه ڪري مزار خان جي لشکر سڀان وري ويا.

چاڻ بجار، سيد عالي شيرازي جي درگاهه جو پاڇو جهليو ٻيٺو هو ۽ اندر سيد عالي جي قبي ۾ دعا لاءِ ٻيهون ويٺيون هيون. ميڙ مزار خان جي لشکر ۾ فتح خان کبول بندوق جو ملوڪ هو. سندس بندوق تي طلاق لکيل هئي ته "هڪ دفعو گٽس ته ٻيو دفعو نه هٽندس". چياٿونس ته هو بجار ٻيٺو آهي، هٽينس بندوق! چيائين ٿو: ڪپار ۾ ٿو هٽائنس. بندوق هنيائين ته بجار جو ڪينسريو (ڪيمخواب جي ٽوپي جي چوڌاري پٽ جو دوشالو) ڪٽي ويٽي. چياٿونس ته: اجان بجار ٻيٺو آهي. چيائين ته: منهنجي طلاق لکيل هئي، هاڻي وچين ۾ تي روزو کونه ڇڏيس ۽ ٻي ڪانه هٽندس. ٻوءِ بندوق ڦٽي ڪري، ترار سان وڙهيو ۽ مارجي ويو.

مصري گبول لاڪاڻي، مزار خان جو وزير هو، جنهن جي هٿ ۾ جهنڊو هو. جڏهن جوڪين جي آڙ مان کل حملي ۽ ڪرمتين جي لشکر جا ڇڳا مڙس مارجي ويا ته هنن وڃي جهنڊي تي حملو ڪيو. تڏهن ڪرمتي جهنڊي کي بچائڻ لاءِ اڇي مڇ ٽياء:

"جهنڊي اتي جهور هئي، ڪٽلها- ڪهه ڪرمتين جي."

ميڙ مزار خان کي ۽ گهيرو ڪري ٻڌاء. چاڻ بجار جو ڀائيٽو شهزاد جنگ جو سڀ سالار هو، تنهن ان وقت اڇي ملکاريو ته: مزار خان منهنجو مٽ آهي، سو ميدان ۾ اچي. مزار خان ٻڌو، سو چيائين ته: "ادا مصري! پٽ جي گندي کين آهيان، جو ڏکيندار، هٿي ڀري ٿيو ته سيال سامهون ٿيان". ٻوءِ هڪل ڪري هٿي شهزاد کي ترار سان ۾ اڏ ڪري ڇڏيائين، مگر ترار ۾ جهڙي پيس، ڦرٽ نڪري ويو ۽ مٿيو جدا ٿي ويو.

سڏيائين شهزاد کي، جنهن جو کيائين ڏڙ سسيءَ کان ڌار.
جهڙي سونهري ساهڙيءَ جي، کانهي مانجهيءَ تي ميار.

اتي ٻيا جوکيا ورائسي ويس. مزار کي ٻين تران ۽ کاتي آڻي ڏني، ۽ آها سڏ تان وهي ۽ هڏ تان نه وهي.

يارهن کاتيون، تيرهن تراريون، هنيون مير مزار
نه وار نه ويڙي هيکڙو، سڏيون تي وڻي ڌار.

ٻوءِ مير مزار وڙهندي مارجي ويو. اندران ٻين کي ٻڌڻ ۾ڇجي ويو، تن ٻچار کي چيو ته مزار مارجي ويو، پر ٻچار جنگ جو زور ڏسي جواب ڏنو:

اچان مير مزار جا، جهنڊا ٻيا جهلن
ٻيٽا مير ٻهر جا، اچان کڙها ٻيا کڏن.

ٻهر چايا سڀ سڏايا، جن ۾ ڏاءَ نه هوي ڏنگ
هاسي مير مزار جي واڌن لايا رنگ.

اڳ ۾ رفت کرمتين سان ٻيڙا هٿا، ۽ جنگ کان اڳي چار ٻچار رفتن سان "آري" جي گهر کي پهنجي هاسي کيو. مٽ ننگر چيو ته، آءٌ هيڻن روٻرو ٻيهي کرمتين کي کونه مارائيندس، ۽ جنگ ۾ پاڻ لاءِ چوندس، ٻوءِ اوهين همت کجو! ٻوءِ هلنديءَ جنگ ۾ ننگر رفت چيو ته "ڀچو کرمتيا، ٻندوقن نيامين!" انهيءَ تي کرمتي ۽ ٻيا وڻي پڳا. مير مزار ميدان جهلي ٻيهي رهيو، ۽ هاڻي ڏورا ٿي ٻيا. انهيءَ تي کنهن چيو ته:

آري، راڌو پاڻ ۾، اصل هٿا يار(۱)
۽ اوکو آڻ آريءَ جو، ٽٽکيل هو تڙنتار
رڻ ۾ واڌن جو اچي، ۽ ۾ لاڙيائين بار

---

(۱) آري = برفت ۽ راڌا = کرمتي.

هٹيَن گالهيون پاڻ ۾ ڏاڙهيون ڏاڙهيون ڪي مزار
ٿي پرس پاڙيون ڪينڪي، نہ آيون منجهه نيسار(۱).

ڪرمتي ڪي مٿا ڪي ڳالهه، ٻيهر جا ٿيٺ يارهن هٿا.
"ٻيٽا سير ٻيهر جا، يارهئين گل هزاري"

انهن مان هڪڙو ملڪ ابراهيم، جڪو ٽئي ۾ ڪيرين نچائيندو هو، جنگ ڏي خيال ڪونہ ٿيس. جنگ جو ٻڌي چيائين تہ: جوڪيي تي ٿا وڃن، ڇو سڀو ڏاڻون آکور ۾" سو ماري ايندا. اڄ ڪونہ ٿو وڃان. ٻوءِ خبر پيس تہ مزار مارجي ويو، تڏهن زرهہ وڃهي آيو. جوڪيا سوپ ڪٽيو، چانوڻي ڪيو، مڪليءَ تي ويٺا هٿا تہ ملڪ ابراهيم ڪي ايندو ڏاڻون. پڇيائون تہ: هي ڪير؟ ٻڌايو تہ: هي ملڪ ٻيهر جو پٽ ابراهيم آهي، آهي ڪواهڙو مڙس جو وڃي واريس! الهداد مهمت جوڪيو، تنهن چيو تہ: منهنجو يار آهي، جي اوهين چئو تہ وڃي آڻلايانس. ٻڌايو تہ: ٻلي، پر ٻيا ٻہ يارهن پاڻ سان وٺي وڃ. هاڻي يارهن مڙس آڻيا. الهداد وڃي ڪينڪاريو ۽ چيائين تہ: هتي يارهن مڙس وٺي توڪي منٽ ڪرڻ آيو آهيان. ٻڌايو تہ: ٻڌهين ۽ ڏاڏهين جو سڏائو آڇهامي ويو، هاڻي آڻلي وڃ. اتي ملڪ ابراهيم چيو تہ: آڻلي ڪونہ ويندس. ائين چئي ابراهيم ترار هٿي تہ الهداد (مهمت پاڙو) وڃي ڪريو:

جهڙ ڪي جلوا ڏٺي، مهمت مٿهن ۾ مصري.

ترار الهداد ڪي لڳي ۽ ڪريو، پر وري آڻي ويو، باقي ڏڪ سو حياتيءَ تائين ٻئي وڙهس. ملڪ ابراهيم ائين ٻين ڪي ٻ ڪيرايو. اتي بجار چيو تہ: ميٽي آثاريو تہ مٿهن ۾ ٻئيس. ٻوءِ ميٽيءَ جا ٻڪ آڇلايائون تہ ملڪ ابراهيم ڪٽي اڪين تي هٿ رکيا. ٻوءِ مڙس ڪي ڪيرائي ماريائون.

---

(۱) نيسار = ڳڻ ۾، شمار ۾.

جنگ کان پوءِ جوکیا جڏهن وڃي ڪڇهريءَ ۾ ويٺا تہ چام بچار کي چيائون تہ: اسان فتح ڪري مڙس ماري ڏنا، هاڻي اسان کي ڪاءِ. چام چيو تہ: بيشڪ فتح اوهان جي، پر اوهين گهٽا هٿ ۽ هو ٽورا هٿا تہ ٻيڪا ڪين.

الله آ ۾ ڄڻن، هوءِ ۽ بچار جن جي
جڏ ٽورا پسي ٽيلهيا، تڏ جنگ آندي جوکين.

چام بچار دانهاءِ هو. جيڪي مڙس ميدان ۾ بهادري سان وڙهيا ۽ ماريا، تن کي مرڻ کان پوءِ ٻندڻ مناسب نٿي ڄاتائين، پر جوکين ڀاتروئن زور آندو تہ من اسان جا نالا ولي بيت ڏئي تہ اسين مرڪون. تڏهن چيائين تہ: مون چيو ڪونہ تہ هو ٽورا هٿا، ۽

ٻارهن جوکيا هڪڙو ٻروچ، هٿي وڙهن جي وار
رات هٿيائي ڪا نہ ڪا، ٻوڙا هٿا ٻهار.

هاڻي ڪيئن اوهان جو انصاف ڪايان! باقي چئو تہ سيّد عالي جي ڪراست کي ڪايان، چئو تہ منهنجي نصيب تي اچان. پوءِ بيت ڏنائين تہ:

آئين الهداد آسري، تون مٿي سير برهام
توکي ٻولي ٻيڙائي، غازي پري گام
تو ٻ ڪيي مصري مڙهه سان، سورهيه سرت سجاڻ
پر اهي آکي جا احسان، نہ تہ دست چڙهيو هٿين درياڻ جي.

تڏهن جوکين چيو تہ: ٻر جو ٻين کي ماريوسون؟ تنهن تي هڪڙي جوکي کان بچار پڇيو تہ: ها ابا، توکي ڪنهن جو ڏک آهي؟ ان جواب ڏنو تہ: ڪنهي منڇئين واري جو. ائين ٻڌي کان پچائين، وري ٽئين ٻ ائين چيو. اهو ڪنهين مڇن وارو سورهيه سوڍو ڪلاڻي هو، جيکو وڏي ٺڪرخان جي ويڑهي مان هو. تڏهن چام بچار بيت ڏنو تہ:

آرادي آئيءَ تان آيو ٽڪراٽي ٽل
ٻائي ٽڙاري توريان، تہ ڪونهي مانجهي سندو مٽ
اهو اللهه جو آسڻ، جو سور ٽلندي ماريو(۱).

ٻوءِ بکر ڪيڏي، چام بجار کي بيٽ ڏيئي چيو تہ:

ڏکڻ آ ڏيکاءَ ڪيو، تو جٽن چام بجار
تٽن آتر وڃون آئيون، ڪي مانجهي ساڻ مزار
سي ونن ورن ڪينڪي، اچي گوڙ ڏني گرنار
آڇيين ٻڌين آئيا، ڪرمتي ڪاڻار
سي واريءِ ورندا ڪينڪي، مانجهي ساڻ مزار
ٽيهه جوڪيا هڪڙو پروچ، هٿي وڙهن جي وار
بيگهين جا، بکر چوءِ، چام! ٻورا ڏيانءِ ٻار(۲)
ستڻي آهي ميار، جسو سٽهن نہ آئين سير جي.

اها ميار چام بجار تي رکيائين، جو هو جنگ جي ميدان ۾ ڪونہ لٿو ۽ سيين عالي شيرازي جي روضي واري طرف ٻيٺو هو ۽ ٻري کان جنگ ٻڌي ڏٺائين، اهو انهي ڪري ٿ، جو ڪجهه وڏي عمر جو هو.

سٽهن نہ آئين سير جي، ڏوران ٽٽين ڏٽيار
تہ هڪڙا هٿا صاحب ڏٽي سنڌ جا، ٻيا چؤر چڪيدار
سٽهن گهٽندي، چپ وات ۾، اچي ڏمريا ڏاڙهيار
سهندا سيهندين گڏيا، تہ ٽريو ڪن نہ تار(۳)
اها ساک سگهڙ چوءِ، آ توتي چام بجار
ستڻي آهه ميار، جٽن سٽهن نہ آئين سير جي.

---

(۱) اللهه جو آسڻ يعني امر (۲) بکر چوءِ = بکر چوي. بيگين جا = بيگن جا، شانڊار مردن جي. (۳) يعني سيندا سيندين گڏيا. ڪي ڪرمتي ۽ ڪي جوڪيا ساڻ مر يار هٿا، پر جنگ ۾ ڪين ٽڙيا.

روايت - ۲

قدمن واري جنگ کان ٻوءِ ڪرمتي کاهي پيا، تن نٽالي جو ڪوٽ جيڪو درسائي چڏي هو، سو ڦريو. نٽالو ٻٽ سائيڊ ني جو، چام ٻجار جوڪيي جو چاچو هو. ان بعد ڪيراڻي ۽ وڏي جو ڪوٽ (ڦٽي تي ميران کان الهندي) ڦريائون. اهڙي طرح يارهن ڪوٽ ڦريائون. انهيءَ تي ڪنهن چام ٻجار کي چيو تہ:

ٻڌا ميڙي ٻاپ جا، چام! ڪارهن ڪوٽ آڏياءِ
تن مان نالي نہ ٻيوءِ هيڪڙو، جهڙي ڪيراڻي جي وانءِ (۱).

ڪرمتين جي ڪاهن سبب جوکيا حب ٿي وڃي لس ٻيلي رهيا. آتان چام ٻجار، گاديءَ واري سيد شيرازي ڏنوي کي ماٺهو موڪليو تہ وڃان ٿي صلح ڪرائي. سيد شيرازي جي صلاح سان جوکيا لياٽيون ميڙ وٽي ڪرمتين وٽ آيا. سڀ مزار ميڙ کي مانءَ ڏيئي ڪرمتين کي چيو تہ، ميڙ قبوليو! هر ڪهيڪو هڏيهه چيو تہ: اسان جا ڪانڊي ماريا اٽن، صلح نہ ٿيندو. ڪرمتين جو ڀگدار ملڪ مريد هو. سڀ مزار چيو تہ: ملڪ مريد ڏانهن کانءَ موڪليو(۲)، ٻوءِ جيڪو فيصلو ڏنائين اهو قبول آهي. ٻوءِ ڪرمتين ملڪ مريد ڏانهن کانءَ ڏياري موڪليو ۽ جوکين جي ميڙ جو ٻڌايائون. ملڪ مريد "کانءَ" پڇي موڪليو، يعني تہ جنگ جو فيصلو ڪيائين.

پڇي کانءَ موڪليو، ملڪ مريد مٽيادار
تہ مٽي بنج ٻجار، ۽ چڏيو ڪني ستڻ عهينءَ.

ميڙ ٻوڙي وڃي ۽ ڀگل کانءَ وڃي چام ٻجار کي ڏنائون، جنهن چيو تہ:

(۱) ڪيراڻي جي وانءِ، ڪاري وانءِ (۲) نشاني طور.

اسان ميڙ موڪلي، سندي سيّدن
جني ميڙ موتائي، پيو ستّن ساروتن (۱)
ستّون ٻارهن ٻجار جا، وڏا واڙن
الله ڪٽي اوباهيو، ڪيرو منجهه بازن (۲).

ڪرمتين جوڪين ڪي چوائي موڪليو هو تہ: چوڻين مهيني مڪليءَ تي جنگ ڪنداسين، تيستائين کو ڪنهن جو نالو نہ وٺي.

هوڏانهن چاکر جوکيو جيڪو ميرن وٽ حيدرآباد ۾ هو، تنهن جي شاديءَ جا ڏينهن پڏا. تہ چاکر حيدرآباد مان موتيو پئي تہ وات تي راهيجي وٽ پرڻتن هتان مارجي ويو.

هڪ روايت موجب ميرن ٽورو وٺ ٽيو هو جو ڪلهوڙن کان سنڌ ورتي هئي. ميرن مزار ڪي ميرفتح علي خان چيو هو تہ: اسين تازا آيا آهيون، تون صبر ڪر. اسين پاڻهي اوهان جو فيصلو ڪنداسين ۽ تنهنجا هٿ رت ۾ ٻرڻ کين ڏينداسين. ميرمزار اها گالهہ مينڊي ڪي سمجهائي، مگر عمر ساکاڻي قبول چيو تہ: مزارا! جيترا آهن تنهنجي ماڻهو جي پڙي ۾ وڙ (۳)، اوترا اچن تہ تنهنجي دل کي گوتاڻ اسين ٻنهنجو ويڙ پاڻ وڙنداسين، ميرن اسان جي پاران وري ڪهڙو ويڙ وڙندا!

صلاح مصلحت بعد باهر نڪتا تہ ميرمزار کي جڏيءَ مان ڪنڌو لڳو. انهيءَ تي وري ٻ سمجهايائين تہ: هينئر صبر ڪريو جو هي سوڻ سولو ڪونهي. انهي تي عمر ساکاڻي هيڪاري تيزي ڪئي. انهيءَ تي ميرمزار ڪيس چيو تہ: اڙي! ويندين ڇڄي، ناحق تو مڙس مارائين ۽ جڏهن

---

(۱) تن جو داڻ نہ لڳو، تن جو پاڻ ڦٽو (۲) اوباهيو=مٽي ڪيو، وڏايو. (۳) ميرمزار جي ماڻهو مائي سوني سلطاني باهر جني هئي، ڪرمتين مان ڪاڻ هئي.

جنگ تي چڙهڻ جو فيصلو ڪيائون تہ انهي ٽاڻي ميرمزار وڏي مهماني ڪري سڀني کي هڪ جهڙو پوڙ پلاه ڪرايو.

جڏهن ميرمزار جي نہ هلي، تڏهن 'ڪڙياڻي شيخ' جيڪو هن طرف جو وزير هو، تنهن ساڻ اچي سمجهايو ۽ "ميران ڪڙيي" (شيخ مان وڏو درويش) جو ليکو ڪڍيائين تہ متان اڪيلي وڏو. مگر هي ڪاڏين واري غم ۾ هٿ، تن کي ڪتان ڏو ليکو جهليا! سي ليکو لنگهي ويا. آخر شيخ چيو تہ: جنگ ۾ گهوڙي تان متان لهوا جي گهوڙي تي هوندا تہ فتح اوهان جي آهي. انهيءَ تي هڪ بلوچ سخن ڪري قسم وڏو تہ: هاڻي متان کو گهوڙي تي چڙهيو آهي، پوءِ سڀ گهوڙن تان لهي پيا.

مڪلي واري جنگ جبل ڪان آلهندان لڳي. ميرمزار ۽ ڪرمتي آلهندين ميدان ڪان نڪتا ۽ چام بجار، ميين سيد عالي شيرازي تان دعا گهري، آيرندان آيو. چون ٿا تہ پيروز جي ياڻ عمر ساڪاڻي جنگ ۾ اڳرائي ڪئي. هن جنگ ۾ ڪرمتين هارايو ۽ چام بجار کٽيو.

روايت ـ ۳

چام بجار، ميين عالي شيرازي جي روضي تي ويو. خواب ۾ اشارو ٿيس تہ: "تون ڏاڙو هو ڪاهہ". ميرمزار خاص تيار ڪڙائي هئي، سا بہ ڪاڙ وڙهي. ميرمزار پهلوان هو، ڪنهن شاعر چيو تہ:

"هيڏانهن هنڙون هزار، هوڏانهن هڪڙو ميرمزار"

انهيءَ جنگ تي برفتن جي لنگهي بيراهہ ڪهانداري بيت چيا تہ:

مانجهي ميرمزار سين، چڙهيو 'ڪرمت' ڪار
چوڌري ڪيائون چاري، 'مصري' آئي جو مهندار(۱)

(۱) مصري خان گبول چوڪيدارن جو سرڪردو مقرر هوو.

سو هٿي کي حامي ٿي، بانڪو پور سوار(۱)
جو "ميرل" ڪنيو مدار، سو مڙني کي معلوم هو(۲)

—

مانجهي مير مزار سين چڙهيو "ڪرمت" ڪنڀ
عيسب آڻي جي مهند ۾، غازي ٿونهي گنڀ
سو آراڌي آڻيءَ تان، آيو ٺڪراڻي ڏل(۳)
جان ٽراري توريان، تان مانجهي ناهي مٽ
اهڙو ٿي امٽ، مور ٽلندي ماريو.

—

سو مور ٽلندي ماريو، ڪيو پيرو بگهياڻن(۴)
"عيسب" ڌاري اڳ ۾ ٻنگ ٽا آڻن(۵)
وٽون ڏنيون ٿي وٽريون، عيسب جي يارن(۶)
وٽي حسن هٿ ۾، "هي پي" ٻيالن(۷)
"ملياڻي" سور جون، ٽيون ڪالهڙيون ڪٽجن.(۸)

—

"راڌو" ريشر پٽ جڻن، ڪرنگهر نه ڪوٽي(۹)
مير هنيون ٿي مصريون، جت هٿي جر جيپي جيري(۱۰)
"محمد" مهيڻي سانهه، جيڻن، مرڙو نه موڙي(۱۱)

---

(۱) هٿي کي=ڌاڙي ۽ حملي وقت خامي ٿي=مدد ڪري ۽ اطلاع ڏئي. پور- سوار=پور گهوڙي تي سوار. ميرل=يعني مصري خان گبول. (۳) آراڌي اڻي=جدا خاص ڪنڊ يا پاسو (جنگ جي ميدان جو). ٺڪراڻي=ٺڪر خان جو پوٽو. (۴) پيرو=حملو. (۵) عيسب ڌاري=عيسب جت وڙهيو ۽ ماريوا اتي. (۶) وٽون=ڪسونڊن جون ورڇون. (۷) حسن، رودڙائي پاڙي مان بگهياڙ. (۸) ملياڻي=راڌو ملياڻي. ڪالهڙيون ڪٽجن=سندس ڀهادريءَ سان وڙهن ۽ مرڻ جون ڪالهيون. (۹) راڌو يعني راڌو ملياڻي. (۱۰) مير، يعني راڌي. (۱۱) محمد رودڙائي پاڙي مان بگهياڙ. مرڙو نه موڙي=خيال ٿي نه آڻي

شينهن شڪاري جيلهه تي، تڪا ڪيو توري(۱)
احدي 'الهيار' ليکيان، جنهن ڪوند وڏا ڪيري(۲)
جهونجهارن جهوري، رڻ سجو ٿي رڳيو.

—

ڪٽر پٽ ڪٽر جا، عيسب خليفا
تيغ آجاريئي آپڻي، هٿي ڪڙو ڪوڏ منجها
مرزا ۽ مريد جا، اهي آهج سدا
جنگ ۾ جوڌ جٽا، ڪوري پير، بيراهر ڇڏي.

—

مانجهي مير مزار، اڇي ننگر ڪوڙيا لينهن جا
هوڙين آوءَ نه هلڻا، ڪوڙا ڪورين بار
مير مزار، مائن سر بي اوار
تولاءِ راڻيون روئنديون، ساريئي سردار
آيرندي ٻاران آئيون، وڇون ڪري ولهار
تن آڻي ابڙ اوتيا، ڪي جوڙ چڳي جنسار
جوڙ جڙون جڙواڙ، براهر ٻڌو ڙن جون.

هن جنگ ۾ ڳهياڙن جو 'رودڙائي' پاڙو سجو ڪم آيو ۽ منجهائن ڪوبه ڪونه بچيو. ڳهرن ۾ پوئتي فقط نندڙا ٻار وڃي رهيا هئا. محمد رودڙائي جو هڪ پٽ ڏالي 'شهز' نندڙو هو، باقي 'الهيار' اڃان ڪير و هو، تنهن ڪي محمد جيو ته تون پوئتي سنيال لاءِ رهڻ ۽ سندس تلوار نه مٽ ڪان ڏار ڪري ڇڏيائين، پر الهيار پوئتي نه رهيو. تلوار جو قبر ۽ مٽ ٿه هٽ ڪيائين، ۽ انهن ڪي ڇؤ سان ڪنڌ جي ضرورت هئي. خبر پئس ته ڇؤ سندس سڳ وٽ آهي. آها چوڪري ملاحظي ۾ هٿي (يعني منهن لڪائيندي هٿي) ۽ هيءَ هٿن وٽ هليو ويو ۽ وڃي سان ڇؤ گهريائين.

(۱) شماري = شينهن جي ڪل. (۲) الهيار ڳهياڙ پاڙو رودڙائي.

چوڪريءَ سُڻهن ويڙهي، آٻتي هٿ سان هن کي ڇڪيو ڏني. تڏهن الهيار ڇوڙي کيس چيو تہ، سڻهن آنهن کان لکائجانءِ جيڪي موٽي اچن. ڇوڙي، تلوار ٽوڪي، نندڙي پاڻ شهز کي پڪڑا ڏيئي پرچائي، پاڻ جنگ تي روانو ٿيو. ميدان ۾ محمد پڇيس تہ، پوئتي ڪير چڏي آيو آهين؟ تڏهن ڄڻائين تہ، پوئتي شهز چڏي آيو آهيان. پوءِ هي سڀ وڙهيا ۽ ميدان ۾ سڀا.

چون ٿا تہ، مير مزار کي پڻ تراريون هيون، جي ڏکڻ ۾ سڻين سان نڪري ويون. پوءِ سوڍي ڪلاڻي کيس بي هٿيار ڏسي، جهلي پاڻ سان ٻيهاريس ۽ پنهنجي توڙي مير مزار جي سٽ، ٻنهي کي پٽي ڏڪ هنيائين. انهيءَ تي ڪنهن شاعر چيو تہ:

سوڍو وڏي شان سين، هو ميرل وٽ ٻزار
سو ڪڏهن چرلو ڪين هو، آرڙ آئيءَ وار
سُو ائيڈ اواريون آڇيو، سڻس ناهه سيار(۱)
اهي پنجاهيهن جا ٻار، سڀا سون سڳهڙ چوي.

جهڙو وڙهيو سوڍو ڪلاڻي، تهڙو جي وڙهي ڪرمت کار
تہ ڪاريءَ قندار، هوند ملڪ وڻي ڏين مير کي. (۲)

حامد خان رند ۽ سگهڙ حمزي جوکيي جي روايت موجب (۳) هن جنگ ۾ هڪ جوکيو، جيکو ماڻ جو هڪڙو پٽ هو ۽ مير مزار کي پائيندو هو، سو مير مزار جي آڏو آيو. تڏهن چيائينس تہ، تون ٻہ ڏو سامهون اچين؟ هن چيو تہ: اڄ جنگ آهي! اتي مير مزار چيو تہ:

"مڻيئي ماڻ بيگر، جنهن جو تون هيڪڙو"

---

(۱) ائيڈ = پهلوان، بهادر. اواريون = پٽيريون. تراريون. (۳) ميو کي يعني مير مزار کي. (۳) تاريخ ۲ ڊسمبر ۱۹۶۲ع تي ڪچهريءَ بنگلي ميرپورساڪري ۾ حامد خان رند جي زباني قلمبند ڪيل.

ايئين چئي ڏڪ هنيائينس تہ وڃي ڪريو، هن جنگ ۾ رجيرن ڪرمتين جي "سروٽا" ۽ ڀاڙي جي ٻن ڇڻن ڏاري ۽ حمر ٻن وڏي بهادريءَ ڪئي.

مونا ڏر ڏري ڪي، ٻيٽا حمر هاڙ
جنهن ۾ ماريا مروٽا، تنهن ۾ ڪٽجان پار
ٿت پيڙهيا سردار، مروٽن کل ملهائيا.

عمر ساڪائي ڪبول ۽ سندس ساڻي جنگ مان لڪي پڄي ويا. مير مزار باقي ٽورن ماٺهن سان وڃي ٻڌيو. تڏهن سڀ اڇي ڇهنڊي ليڪ ڏٺيا تہ جيئن جهنڊو سلامت رهي.

ڇهنڊي مٿي جهور، هٿي ڪٽلها ڪرمتين جي
ٿت پٽ سرواهين جي، هئي جهنڊي مٿي جهور
احدي الهداد چئي، آت ڪري پيا ڪنگور
ليڪي ويا لغور، تڏهن وڙو مينهن مزار تي(۱).

مير مزار وڏي بهاديءَ سان وڙهيو. ۽ سندس ماڻهو ٽوڙا هٿا. سندس هار ٿي ۽ پاڻ ماريو. سندس وصيت هئي تہ مون کي مڪليءَ تي ٿي دفنائجو ۽ پوٽتي ڪٽي نہ هلجو. ڪيس ۽ ٻين سندس ويڇهن ساٿين کي اتي دفنايو ويو.

چام ٻجار شاعر هو، ڪيس سڀي وٽون ملهل هيون. ڪيس سندس ماڻهن چيو تہ مڪليءَ جي جنگ ۾ جن سورهيائي ڏيکاري، انهن جي لاءِ بيت ڏي. يانيائون تہ اسان جي ساراهه ڪندو ۽ ڪرمتين جي نيدا. ٻجار چيو تہ شاعر سچ چوندا آهن، تنهن ڪري آءٌ جي ڪا اهڙي ڳالهه ڪري وڃان تہ ڪاوڙ نہ ڪجو. پوءِ بيت ۾ ڪرمتين ۽ مير مزار جي ساراهه ڪيائين ۽ جوڪين ماڻ جن ڀاڙن وارا جنگ مان ڀڳا هٿا، تن جي ڪوار ڪيائين:

---

(۱) ليڪي ويا يعني عمر ساڪائي ڪبول ۽ ٻيا سندس ساٿي لڪي پڄي ويا.

ماٹھو مڑيو چٹون ۾ تون ٻيٺ ڏي ٻجارا
مور جي هٿا مڪلي جا، تن جي متہ ساک ٻجار
ڪندا شاعر ٻڌيون، ڏيندا پورا پار
پر شاعرين سندي سچ ۾، ٿو ڏسان لب لغار
آڇي ايٽي آئيا، ڪرمتي ڪاتار(۱)
سورين سٹجون سڙيون، ڏاڙهيين ٻنيا وار
هزارون ٻيرن ۾، ڪيڙا ڪڙيءَ ڏار
رات هٿي ڪانڪا، پوڙا هٿا ٻهار
"ڏيلا" پڳا "ڏاڪڙا" "بنديچا" "سالار"(۲)
"چام" چڏيائون پڙ ۾، ٿيا الاهي ٿهار(۳)
ٻارهن جوڪيا هڪڙو پروچ، ٿي وڙهن سندي وار
سهڙهي سير مزار، مڪلي سپ ملهائي.

انهيءَ تي جوڪيا اڇي ڪاوڙيا. تڏهن ٻجار ڪالار ڪٹي ٻڌايا تہ اوهان مان فلاڻن فلاڻن کي ڪنهن جا آهن؟ سيني جيو تہ اسان کي ڪکي سٹڻ واري (يعني سوڍي ڪلاڻي) جا ڏڪ آهن.

ٻارهن تراريون پروچ جون مچيون ٿي مردن
جهڙي سوڍي هڪڙي کي، تهڙي جي ٻيا ڪن
تہ مزار متانهون ٽٹي، هوند سير منجهہ مردن.

سالارن جوڪين ٻہ مڪلي واري لڑائي ۾ مڙسي ڪاڻ ڏيکاري، تڏهن ڪنهن جيو تہ:

سالارن کان سچ ٻلي، ان کان ٻلو اويرو
ٽڪر ۾ ٽيرو، ٻنهنجو ڪٹجان ٻاڻ سين.

ڪنهن سٹجاڻ، سڪ ننگر ٻرفت تي حرف رکيو تہ:

"مزار ماراڻي، وڃي ڪوڙي ۾ قراريو"

---

(۱) اڇي ٿي=پٽري پٽ (۲) ڏيلا، ڏاڪڙا، بنديچا ۽ سالار=جوڪين جون اوڙکون جن مان 'ڏاڪڙا' ميرپور ساڪري جي آسپاس ۽ سالار هن وقت درساڻي ڇڻي (ملير جي اڀرندي طرف) رهن (۳) چام=جامن جي اوڙک (موسيٰ ٽوڙو ۽ ٽيسر لنڊو).

باقي رهڻن جي راڄدارن مان قيصر خان حماتي ٿو ڦريو:

"ڪڪي قيصر خان جون، هٿيون ڇارون پاڻارين"

قيصر خان توڙي سندس پٽ بهادري سان وڙهندي ماريا:

ڪڪا پٽ قيصر جا، هٿا بهرام ٻئي ٻانڪا
وڙهندي ويرين سامهون، وارِي ڏين وڪا
لاڻي ٽوڙ تراريين، سرواهين جا ستڪا
ڪري لوهُ سين لٽڪا، وڃي ڪڏيا جوان جنت ۾.

قيصر خان حماتي جنهن قول ڪيا هٿا، تنهن پنهنجا هورا ڪيا ۽ مڙس مير مزار جي پاسي وڙهندي ماريو.

ڏيئي هول بروچ ڪي، ٻڌا هٿا حماتي هٿيار
چئي: سوڻان لڳي ميهڙو، ٻنا مير مزار
ٻڌون ڏيٺ ڇار، هئي ڪڪي قيصرخان جي.

جون ٿا تہ گندهي سنداڻي يا ڪرمتين مان ڪنهن ٻئي ڏاڍي مڙس اڳ جوڪين جو مال هنيو هو، انهن ۾ هڪ مائيءَ جي مينهن ۾ هئي. مائي گندهي وٽ لنگهي وئي ۽ چيائين تہ: هڪ مينهن اٿم جنهن جو ڪير ٻُڌڙو قيصر ٻڌندو آهي. گندهي چيو تہ، امان! تون پنهنجي مينهن ڪاهي وڃ، ۽ مائيءَ کي گندي جا پٽسا ۾ ڏنائين. ٻوءِ قيصر جڏهن وڏو ٿيو تہ ماڻ چيس تہ، جي منهنجو سپوٽ پٽ هوندين تہ همیشه بروچ جي هاران وڙهندين، قيصر جوڪين جي "حماتي" پاڙي مان هو. جڏهن مڪلي جي جنگ لڳي تہ قيصر اهو سپوتائي وارو اکر ياد ڪري بروچن جي طرفان وڙهيو ۽ ڇاڙي تائين ٻيئو، تان جو مارجي ويو. ٻوءِ ملڪ ڪرمتي، انهيءَ انصاف ۾ حماتين کي سالياني خرار سارين جو ۽ هڪ ڏينڊو هو. جيتوڻيڪ هن جنگ ڪان ٻوءِ چار ڇار، حماتين کي ڦيرائي پنهنجي پاسي ڪيو:

"ڇار ٻار وڃايا، آپ ڇڏيو ٽپرن"

میر مزار باقي بچيل ٿورن ماڻهن سان ميدان "جهلي" ايٿو، تان جو سپ وڙهندي مارجي ويا.

اڳ جٽن ابڙي ڪيو، سائ سهر ۾ سالار
جٽن دودي ديميون پيليون هٿي منجهه هزار

جٽن عبداللطيف خان آڻا ڪيي، تٽن ڪيي مانجهي مير مزار
جٽن ڪيهر شينهن ڪيڏارا ڪري، تٽن ڪيا مانجهي مير مزار.

هن جنگ ۾ ڪرمتي ٿورا هٿا ۾ تڪڙا ٽي آيا هٿا، جو هارايائون. جيڪي پويان رهجي ويا هٿا تن مان ڪنهن چيو تہ:

رهٽي جي اسين هيڪاندا هٿون، تڏهن تيڏيءَ وار
تہ ڪيٽن جوڪيو جنگ ڪٽي وڃي، امان ڪنان ٻيهار!

هن جنگ لاءِ جوڪين جو هڪ وڏو لشڪر "هاليجي" واري پاسي کان آيو. رڳوحا ۾ رحيمداد انهيءَ لشڪر جا اڳواڻ هٿا. (۱)

رڳوحا رحيمداد، ڪٽي جنگ جلالي آٿيا
هاليجي تان هيٺ ٿي، وڃي نميا ننگرپار
هٽن نہ ٻهي ميرين پاڻ ۾، ڪيو آريٽون استيمار (۲)،
"هن هن" حمزاين جي، وائيءَ ڏين نہ وار (۳)
آتش مٿي آسريا، ڪري سهلا سر سينگار
بچي وئين بجار، جو سڙڻ ٻٽين وڃي سيد،ين جي.

مڱريد سهيهي سانهه جٽن، اچي ٻڌور ٻٽي (۴)
تن سانين سڳ اڙايا، واگهين وڪنديٽي
ڪوٽ خرارين نہ ٻيٽي، ورتا ڏريندي ڏيٽي

---

(۱) شايد هي بيت برفتن جي طرف جي گلاب لنگهي جا چيل (۲) ميرين = ڪرمتين (۳) حمزاين = ڪرمتي بلوچن (۴) مريد، پسپراٽين سڪن مان هو.

سانگو ڪن نہ ساهہ جو، هينو هيٺ نيٽي
بڏن پار ٻيٽي، تہ ڪا حمزاين هيڏي ڪٽي!

خيرٽي خلوت خارجي، ٻي وائي نہ واري(۱)
ايٽو مير ميدان ۾، برڪہ باهہ باري.
چوڏس چوڪس ڪيائين، آندائين آڏيءَ آلائي
چڙهيٽر چاهہ چوگان ۾، وڌئين ڪوڏ ڪاهي
وڙڻا ريڪ راهي، نہ پنهنجي ناموس جي.

مڪلي واري اها جنگ ٦ جمادي‌الاول سن ۱۲۰۳ھ ۾ لڳي، جنهن ۾ مير مزار ماريو. مير مزار، مير خيري ۽ مير ابراهيم ٽنهي جون قبرون هڪ ٻئي سان لڳولڳ مڪلي تي آهن. اهي قبرون مرحوم حاجي عبدالرحيم شاه جي بنگلي جي لڳ ڏکڻ طرف آهن. مير مزار جي قبر جي سنگتراش جو نالو "ياد محمد شاه سنگتراش" لکيل آهي. جام ٻجار اٺ سال ٻوءِ سن ۱۲۱۱ھ (۱۷۹٦ع) ۾ وفات ڪئي ۽ "ڇوڪنڊي مقام" ويجهو اوپر طرف دفن ٿيو.

---

(۱) خار=ڪار، جنگ جي ڪاوڙ. خيرو مير مزار جو ٻاڻ هو، ۽ جنگ ۾ ماريو.

۵. چورڙي واري جنگ*

هيءَ جنگ برفتن ۽ ڪبولن جي وچ ۾ "چورڙي" مڪان تي لڳي. "چورڙو" ڪيرٽر جي لڪ طرف ٻاڦي بولاخان ڪان اڀ ڪوهه الهندي طرف آهي.

مينهن وٺو ته ڪبول مال سانگي اتي اچي ويڻا. حملاڦي برفتن مان هڪ شخص، ماڙو "شودو" تنهن هڪ ڪبول کي ماريو. ڪبولن ان جو عيوض ڪيو ۽ ان شودي کي ماريائون. ٻوءِ هيتان ملڪ احمدخان ۽ ملڪ جيئندخان لشڪر وٺي چڙهيا. "ڇاڻي" جي مڪان وٽ ملڪ احمدخان ناڇاڪ ٿي ٻيو، سو موٽي آيو. باقي جيئندخان لشڪر وٺي ڪبولن تي ڪاهي ويو. موٽي انهن ڪبولن ۽ مقابلي لاءِ لشڪر چاڙهيو. اها خبر ملڪن (برفتن) کي ٻڌي، سي رات جو وڃي ٻاڦيءَ جو گهٽ جهلي ويڻا. ٻوءِ ڪبول جيڏن لڪ مان لهي هيٺ آيا ته، پويان اڙن مان برفتن بندوقون هنيون، جنهنڪري گهڻا ڪبول مارجي ويا. هنن کي واهه ٿي ڪانه ملي جو جنگ هٽي سگهن.

ٻوءِ ميرن، ملڪ احمدخان کي حيدرآباد گهرايو ۽ چيو ته: اوهان زيادتي ڪئي آهي، جو راڄن جي ٻن ڏرين جي وچ ۾ عيوض پوري ٽين ڪان ٻوءِ اوهان ٻاڙ لشڪر ڪري چڙهيا ۽ ويساهي ماڻهو ماريا. ملڪ احمدخان چيو ته: شودو منهنجي لشڪر جو اڳواڻ هو، انهيءَ ڪري آءٌ ٻاڙ چڙهيس. باقي جيڪي ڪبولن جا مڙس مٺا تن جو عيوض پرڻ لاءِ تيار آهيان. ميرن جو اصول هو ته ڪنهن ۾ طرح راڄ نه وڙهن، سو ڪبولن کي ۽ صلح لاءِ چيائون.

ٻوءِ ميرن، برفتن ۽ ڪبولن جو صلح ڪرايو ۽ ٻاڙ ۾ "گرڙو سڪ" ڪيائون، يعني گڏ ويهي پيالا پيتائون.

---

* هن جنگ جو ايترو بيان، سگهڙ الله بخش ٻالاري ۽ لال بخش حملاڦي کان مليو.

۶. مينهين پنهور جو مقابلو*

پنهورن سان هڪڙا وڏيري دودي خان وارا هٿا ۽ ٻيا خان محمد وارا. انهن پنهي جو پاڻ ۾ صلح ٿيو ۽ گڏجي هڪ ٿيا. اهو وقت هو جو ڪنهن اڇي ڏانهن ڪڏي ته ڪو مغيري وڏو ڏاڙيل ۽ هاڏو آهي، انهي کي ڪو جهلي. انهيءَ تي وڏيري خان محمد چيو ته: آهي ڪو مڙس جو هن سان مقابلو ڪري. تڏهن مينهون لڏائي اٿيو ۽ چيائين ته آءٌ مقابلو ڪندس. ٻوءِ هي مڙس وڃي وڙهيو. ٻيو ساڻس سگهي اسماعيل پنهور هو. مينهين وڏو مقابلو ڪيو ۽ شهيد ٿيو. ٻيڙي فقير چارڻ هيٺين ٻيٽ ۾ مينهين جي جنگ کي ڳايو ۽ وڏيري خان محمد جي ساراهه ڪئي، ته هو خوش ٿي ڪيس انعام اڪرام ڏئي ۽ زري زربفت واري لباس جي پاڪر پهرائي.

ساراهيان سچو ڏٽي، سارهه جنهن جي ڪن
قادر جي قدرت جا ٿا چارا چٽ چلن
دانهه دودوخان هٿيو دولهه ڏنهن ديرن
هڪ صاحب سرداري گهٽي، ٻيو سونهين سردارن
خشڪي سيلابي خير سين، ٿا پرڪٽا پرڪن
پرچي سرچي ٻاڻ ۾، حاضر ٿيا حڪمن
آڏو خان محمد خان هو عادل سين عملن
تنهن تواضع تمام ڪيو، سين ورنهه وڏيرن
دانهين اڇي دانهن ڪري، ڪوڪ وڏي آ ڪن
ته تنهنجي عمل عدل جي ماڻ لڳي آڻون من
مغيريءَ جي مٽي جو هوند حاڪم هٽ پچن
ته ڪڏهن نه اهڙي ڪن، ناحق ڪنهن سان نه ٿئي.

---

* ڪٽ فقير چارڻ کان سن ۱۹۵۷ع ۾ دادو ۾ ميان دين محمد چارڻ ساڻ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ناحق ڪنهن سان نہ ٿئي، ڏس ورنهہ ويچاري
آڏو دزد دلاور ويٺا آرڻ اختياري
تہ ڪو مرڪي مرد چڙهي وڃي ڏي قابل ڪيڏاري
هو پي وري نہ ويٺا ويسلا، رڻ ٻارڻ ٻاري
خان محمد خان مڪا چگا چالاري
هيڏهن دل دلاور دل جا، هاڻون هاڪاري
هونڊا ٻاري، ڪنڊا مردن ساڻ مقابلو.

الله جل جلاله، سائين قادر پنهنجا ڪم هلائي
جا تقدير ڏئي جي توڙڻون، امر منجهہ سپڪنهن آهي
وير وڏيرا وچ ڪچهري، جنگ ويٺا جايون جوڙائي
خان محمد خاص آڏو اهو آلاڻ آلائي
ڪي همراهہ اوهان جا قابو، ڪواڙنگ جوان اوهان ۾ آهي
اتي مينهون مڱ مانڊان ائيو آ، جود رس دلاور دل لائي
ٻڌي مڃي منجي ني ٻڌو، محڪم مٿي موت چٽائي
هاڻون هاڻن ڪي گڏيا، هن ٿي چڏين هٿ چڪائي
ٻيو اسماعيل ساڻن سنگتي، واهہ ٻنهوار وڙهيو ونگ ٻائي
ڪون ڪنهين ڏي قابو اچي، سپڪنهن جهي سير تي آهي
مار ترار، انار اتاهون، لوهو لعل اتي رنگ لائي
مولهہ سلامت مينهين آندي، گهاؤ وڏو ڏاڍي ٿ گهائي
لرزيو ڪين اتي ٿ لائق، ڪيهر آيس ڪستئون ڪاهي
منجهہ ڪچهري مينهون آيو، نمڪ جو ننگ ملهائي
وير وڏيرن تنهن ڪي واريو، "جوڙ مينهين ڪي جس جڳائي
آئين ڪم اسان جي اهڙي، سورهہ سانگو سر ٽئون لاهي"
جهڙو جوان لڙايون ڪري، اعتبارين اهڙوئي آهي

ڏسي جليو ڦتنگن وانگي، اوئس آرڙ جو آهلائي
سورهه شير شهادت رسيو، ويو وارو ٻنهنجو وڃائي
خان محمد خوش وسي اعليٰ عزّ جنهن جو آهي
پاونگ گهران ساڻ پلائيو، ٻيڙو عالم منجهه ٻڏائي
زَري تَران زرَ ٻفتوڻ، ٻچون پاڪر سون ٻهرائي
ٻيڙي اتي ٻاجهون ڪندو، ڪلمون ڪوڏ منجهان جوڃائي.
لااله الا الله محمد رسول الله

۷. وسائي ۽ ڏور جو مقابلو*

وسائو سَهر (پاڙو چڱنا)، ساڏور سَهر (ساڏور سَهرن جو وڏو) ۽ ڪيرپيو ماڙيچو، ٽيئي ڏاڍا مڙس هٿ. وڃي هنيائون تہ پويان واهر ۾ اڃي پهتي. وسائو وڙهيو، باقي ٻئي ڇڻا بي‌ايمان ٿي ٻيا ۽ واهر ڪان جاڻ پري جند ڇڏائن لڳا. وسائي ٿي مڙس ماريل، ٻوءِ پاڻ ۾ مارجي ويو. ساڏور ۽ ڪيرپيو ۾، واهر هٿان مارجي ويا، ٻر مڙس ٽي ڪين مٿا. وسائو سنڌ ۽ جيسلمير جي ٻنهي (سرحد) ڪان ٻريان جيسلمير جي حد ۾ رکيل آهي ۽ "وسائو شهيد" ٻيو سڏجي.

هاتڪ ٻت همير جي، ارڏي ڪيو آلاپ:
هو ڏيهه ڇڻا اسان ٽي ڇڻا، ڪونهي جنگ جفاڪ
ست ٻڏن آ ستّ ورهيان، آهن سويان هٿ الله.

ڪيرپيي ٻهري ڪنجري، هيٺي واريائين هام
پالهان ٻڏي پار جان، ٻيو ڪري ساڏور سلام.

ٻائيٽو مٺا خان جو ڪوهو قرارو
وسائي وس ڪيو وڙهن جو وارو
سهر تہ ست وارو، هٿي شير شهيد ٿيو.

---

*سڳورڙ صابر قاسماڻي شر جي روايت جيڪا اباوڙي م ڪيل ڪچهري (۸ جون ۱۹۶۲ع) م قلمبند ڪئي وئي.

۸. لنجن جي ڪريڙ جي ڪرن تي چڙهائي*

"لنجا" دل قبيلي جو پاڙو آهي. لنجن سان درويش راڄسين سومراڻي ٿيو، جنهن جي اولاد مان "راڄسين هوتا دل" لڏي وڃي ڪڇ ۾ ٻني ايراضي ۾ ڪارنگي ۽ ٽيڪراڻي جي جهيل (تڙ) تي ويٺا. "ڪڇ" ۽ "ڪريڙ" جا ڪرن جي ڳاڻي جا راو ٻڌ هٿا سي "گهوڙا واهي" ڏاڍا هٿندا هٿا ۽ ڦريڙن ڪري مال ڪٽي ويندا هٿا. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ آزار مچي ويو هو. جڏهن تالپورن جو دور آيو تہ حڪومت طرفان سنڌ جي قومن جي مدد ٿي. ان وقت خليفي گل محمد راڄسين هوڻي جي وڏي عزت هٿي ۽ هن ڪڇ ۾ پرنديارين تي وڃي راڄ ڪيو هو. ان وقت ڪرن سنڌ جي حد مان لنجن جو مال هنيو. پهريائين راڄوٽي ڳاهه لاءِ "ٻني وارن "راڄسين هوڻن" فقيرن جون ۾ دفعا وڻن ميڙيون ويون ۽ ڪرن کين ميجيون. هوءِ هتان سنڌ مان لنجن جو لشڪر چڙهيو ۽ فقيرن کي پرنديارين مان ميڙ لاءِ گهرايائون. پر تڏهن به ڪرن نہ ميجيو. پوءِ سنڌ جي لشڪر ڪريڙ ۾ ڪرن تي چڙهائي ڪئي. انهيءَ مقابلي ۾ ڪر هيٺا ٽيا، آڻ ميجيائون ۽ مال موٽائي ڏنائون. ابن الياس، سرماڻ، لکو، مانجهي، همير ۽ ٽينجڻ لنجن مان همت پريا مڙس هٿا. ٻئي طرف سنيڌل، هالو، واگهو ۽ راوت ڪرن جا اڳواڻ هٿا. انهيءَ جنگ تي پرنديارين جي راڄسين هوڻن فقيرن مان ڪنهن بيت چيا:

---

* راوي (مرحوم) خليفو صابر پٽ خليفو علي "راڄسينءَ هوتو" لنجو دل، ويڻل آبن جو تڙ، تعلقو مني. خليفي مرحوم سان ۱۹۵۹ع ۾ ڪڇهري ٽي ۽ هي احوال قلمبند ڪيو ويو.

اللّٰه جلّ جلاله، جڏهن سفر سنيوڑا
سوڻ سڀرا ساٿيين، ويندي وات ٽيا
آبن، الياس ٻاڻ ۾ ٽيا سرماڻ وٽ سوڙها
تہ هلو پڇون لڪي جو ڀلو آڻ جو ڀاءُ
مانجهي پٽ مظفر جو آ رهائين جو راءُ
هلايائون ڀٽي همير کي، جنهن دانهه در ڀڳا
سعيو ڪري سومراڻي، هنيو ٻاڻ هٽا (۱)
وڃي ڪڙڪيو ڪوٽ ۾ ٽينجن ڪيو ٽڪا
تنهن پڇي پٽ پورا کي، وڙهن جي ويرا.

ڪڏا ڪيو ڪوٽ ۾ سينڊل سٽين نہ ڏي.

"هالي گهٽا هلائيا، ڪيي ڪاڙيا.

ڪيو ڪاڙن کي، ويٺو واگهو ائين جوءَ
"پڇن مي پٽين" ڇڏي، اڌ کو جنين هوءَ" (۲)

سائڻو منهي سونڊري، ٿو هورا ڪٽي هير
مٽي جا وڙهن ويرن، سا رکي راحت روح ۾.

ڪڙيو مٽان ڪات، نهاري راوت راءِ
هڪڙا ميڙا مريدن جا، بيا پسو ٻير آيا
ڪن نير ٻڏا ڪڙا، ڪني لال لانگوٽيا
کي گهٽا پٽن گودڙين، کي سونهن سفيدا

---

(۱) سومراڻي يعني اولياء راڃسين سومراڻي، جنهن جي هن طرف کي دعا هئي ۽ دشمن کي پٽ جي ڪاڻي.
(۲) "پٽين ڇڏي" ڪڇي سنڌي جو محاورو آهي ـ معنيٰ "پٽيون ڇڏي".

اوچن جن سين اهڙا تن سين هٿيار ٻڌا هٿا
ڪنڊ ڪنارا، ڪاتيون، هٿا جنڀوڙن جوڙا
ري سراٽان سڪا، هيرن پيڙ پيا
وڍيائون تنهن واڳي ڪي، جنهن جا ڏڻ ڏڙ ٻڌا
راوت رؤنسي وڏائون، جنهن جي نڙي
ناڏ ڪيا (۱)
ڪني چٽي ڪينءَ سين، لال لنجا وريا
لٽن ڏولائي جا ڏينهڙا، لٽن واءِ سڪا
ويندا سي ايمان سين، جي ڪلمون چون مڪا.

---

(۱) رولسي وڏائون=ماري وڏائون. نڙي ناڏ ڪيا=لبڻ مان رت رلا ڪيا.

۹. جتن ۽ چانگن جي چاڻي واري جنگ

هيءَ جنگ ميرن جي اوائلي دور ۾ لڳي. 'چاڻي' هڪ 'گهاريءَ' يا 'کاريءَ' آهي، جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي ويڙ تي چڙهي ۽ لهي. 'چاڻي' جي ورڀان ڏکڻ طرف ٻه ڪافي گهٽي زمين آهي. چاڻي جي ڏنڊ، ديهه ڪاڪ (ٽپو ڏوجهو) تعلقي جاتي ۾ آهي. هن جنگ ۾ هڪ طرف جت هٿا ته ٻئي طرف ٻيا راج هٿا، جن سان گهٽا چانگ هٿا. انهيءَ ڪري هن جنگ کي 'چاڻي واري جنگ' يا 'جتن ۽ چانگن جو مارو' سڏيائون. جت، 'چاڻي' جي ورڀءَ ۾ (ڏکڻ طرف) هٿا ۽ چانگ ۽ ٻيا راج اورئين (اترئين) طرف کان آيا. ٻنهي طرفن جا جيڪي ماڻهو مٿا ۽ اتي لٽيائون، انهن ماڳن کي 'جتن ۽ چانگن جا ڏير' چون، جيڪي جاتي تعلقي جي ديهه هيتمان ۾ آهن.

هن جنگ جون ڪالهيون ويندي هن دور تائين ٻڌي ۽ لاڙ طرف مشهور رهيسون آهن ۽ اسان ٻنهنجي ٻڌا دوران ست روايتون قلمبند ڪيون، جن مان ٻه ريون پنج ٻين سڃاڻن جون آهن ۽ باقي ٻوين ٻن مان هڪ حاجي ناهڙ چانگ جي ۽ ٻي چگي جت جي آهي، جيڪو هاڻ انهيءَ جنگ ۾ موجود هو.

روايت حاجي سرماڻ خان*

مرحوم حاجي سرماڻ خان ڳهيڙ چيو ته: 'چاڻي' واري ماري ۾ جڏهن هڪٻئي کي سامهون ٿيا ته شيرخان

---

* حاجي سرماڻ خان جي گوٺ ماڳ پونبري ۾ ۲- جنوري ۱۹۵۰ع تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي وئي. آمريڪا مان پڙهائي ڪري ۱۹۴۹ع ۾ وطن ورڻ بعد سندس جي سگهڙن سان ڪچهرين ڪرڻ واري رٽيل ارادي موجب هي ٻهرين ڪچهري هئي.

جت، سمندر چانگ کي پنهنجو ستّ چائي سڏيو. هو پوڙو هو ۽ سڏ کونہ سمجهائين، تنهن تي اڳ ۾ پيروزشاهہ وڃي شيرخان کي سامهون ٿيو. پويان سمندر ۾ وڃي سائس گڏيو. شيرخان جت جو ترار هٿي تہ پنهي مان باهر هلي ويئي:

سڏ ڪيائين سمندر کي تہ آيو پيروزشاهہ
هٿيائين هڪل ڪري تہ پنهي مان پهاڙ

شيرخان جت وڏي همت وارو ۽ بهادر مڙس هو. ترارن جا ڏڪن ٽان ڏڪ لڳس ۽ پاسي کان گوشت پٽي لڏيس تہ ۽ پٽي وڙهيو. جڏهن چيائونس تہ هي زور وارا ڏڪ آهن، پهچي کونہ سگهندين. چيائين تہ: "هي قسمت جا ڪيما آهن، ڀل ٻيا لڏن." سندس سؤٽ راڏو ۾ سائس جنگ ۾ گڏ هو ۽ وڏو پهلوان هو. پوءِ سندس دل ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن چيو تہ: "راڏو مري ويو ۽ تون ۾ ڇاڻ تہ مٿين." تڏهن وڙهندي ورندي ڏنائين تہ:

"راڏو ڪو مري!
راڏو مري تہ درتي ڏهي، نونڊ نچن!"

يعني تہ جي اڃان درتي ڪانہ ڏهي آهي تہ راڏو ۾ ڪونہ مئو آهي. ائين تراريون هٽندي شيرخان اچي راڏي جي لوٽ مٽان ٻيٺو. راڏي کي بندوق لڳي هئي جو مئو هو. چيائين تہ:

"راڏي جو ڏهيہ (ڏاڻ) هنيون ڪيو آهي."

پوءِ ست ڏيئي سامهون هڪ چانگ کي دَسي چيري سڌس رت جو چرون پري ٻيٺ لڳو، جنهن تي سندس لنگهي چيس تہ: "متان هن جو رت ٻين جو هن کي ڪنهڙي جي ٻيماري هجي." تڏهن چيائين تہ: "راڏي جي موت مون کي هٿين تي تئي وڏي آهي، چپ تہ دشمن جو رت پيان تہ من ٻاهہ ڏري ٿئي!" ان لڙائي کان اڳ دلدار جت تاريجي

ويو، جنهن تي سندس يار الهداد ڪرمتي شاعر بيٺ چيا، جن مان هڪ هن طرح ٿو:

ارڏو الهداد چوءِ مون سين هو ياري برابر يار
سو من ڪي مور نہ وسري دل منجهان دلدار.

روايت خانبهادر خيرمحمد خان چانڊيو *

اول ڪنهن وقت چانگن، "چام" نالي جت ڪي ماريو هو. پوءِ چانگ ۽ جمالي هڪ ٻيري جڏهن "ميگر-پيرن" جي ميلي تي جاتي ۽ آيا تہ دينار نالي جمالي کان بندوق چڪي وئي ۽ جت مٿو. انهيءَ تي جتن، سردار شيرخان چانگ سوڌا چاليهہ مڙس ماريا. پوءِ چانگ ۽ جمالي سنيري ڏهي وڏو لشڪر وٺي جنگ لاءِ آيا. فيروز شاه ۽ سمندر چانگ سردار هٿ ۾ پٺي طرف شير خان جت سردار هو. جنگ ۽ شير خان ڪي تراريون لڳيون ۽ آندا لڙڪيس پر چيائين تہ "اهي قسمت جا ڪيسا آهن"، آخر ڪار ماريو. جتن سان ٻيا سندن ٻنهنجا راڄ وارا ٻيڙا هٿا. شيرخان وارا راڏائي جت هٿا. لاڪائي جت هن جنگ مان پڄي ويا.

اهو لائق نہ هو لاڪي جو، ويو چاٽيءِ ويرچڏي
راڏا راڄ اڏي، جوان ڪهڙيا آهن جنگ ۽.

ڪنهن پٺي قبيلي جي ٻروچ اڪواڻ سان شير خان جت ڪي ڏاڍي ڏني هئي تہ هو ساڻس ٻيڙو رهندو، پر اهو ٻڌي ويو. تڏهن ڪنهن چيو تہ:

ڏاڍهي ڏنياء جت ڪي سا وڏي ڏريپ ٿياءِ
جهڪو جهڻ ڪياءِ، گهر گهگهيرون لڄايئي.

* مرحوم خيرمحمد خان چانڊيي سان سندس فرزند مرحوم محمد يوسف چانڊيي جي دعوت تي سندس ٻنهنجي ڳوٺ (لنگ لاڏيون) ملاقات ٿي. مرحوم ان وقت پيرمرد هو پر اڃان پڙ هو. اڳئين وقت جون چڱيون خبرون ٻڌايائين.

حامد خان رند جي روايت

شير خان راڏو جت هو. سمندر ۽ پيروز چانگڻ هٿ، جن جمالين سان گڏجي جتن تي حملو ڪيو. جٽ ماريائون ۽ انهن جي گهرن ۽ گهوڙي سامان کنيائون ۽ ماڻن کي ڏريائون. شير خان کي جڏهن چانگن جي حملي جي خبر ملي تہ "سمندر سمندر" ڪري اٿيو. مقابلي ۽ سمندر ۽ پيروز کي ماريائين ۽ پوءِ پاڻ ۾ مارجي ويو. انهيءَ جنگ تي شاعر اللڤه داد هيٺيان بيت ڏنا:

سڏ ڪيائين سمندر کي، وڃي ٻيروز خان
ٻوڙي ٻيلين کان ٻچيو، تہ هو چا ٿو چوي خان
چئي: سڏ ڪيائين توکي، وڃي ٿو پيروز خان
اتي سمندر ڪاڪاهه سمجهي، ڪئي عمراڻي آڻاڻ
ار سٽيائين سمندر کي، پوءِ اٿيو ٻيروز خان

شير خان جو پهريون ڏڪ سمندر ۽ پيروز خان ٻنهي کي ڪٽي ويو:

شاهس واليڏنا لوهار، جو تو گهڙيو شڪيلو شيرخان جو
هٽي جي هڪڙي کي تہ، ٻنهي مان ٻهار.

ستّرها ويري سي جي لوه نہ لڄين ۽ گهر بار نہ ڇڏين. چانگن جا چگا مارجي پيا ۽ پوين کي پوءِ اها ساڃاڻ نہ رهي تہ جتن جي لوڙهي جي لڄ رکن.

چانگن ۽ جمالين کي چا چوان آئون
چانگن ۽ جمالين جون ٽڪيون نہ ماڻون!!
هوند هکا پٽشڪيزن جا ڏنگر نہ ڏاڻائون
ڪير ڪيائون، نيائون ڇڄ ٻندا، ڀاڻ سان.

دودي زنگيجي جي روايت *

ان وقت جت، ديهه "چيچ درس" تپو مڙهو بولاخان، تعلقو جاتي ۽ ويڙل هٿا. اتي جتن جي هڪ مائي گيهه، ڪٽي هٽ تي وڪڻ آئي. مائي ۽ واڻيو ٽيڪا مٿا ٽيا. هٽ تي هڪڙو چانگ ڪٽ تي ستو پيو هو، تنهن واڻيي کي چيو تہ: "ڪهڙو نہ خسن وارو ماڻهو آهي، اڙي واڻيا ڏي پئسا!" اتي مائي چانگ کي چيو تہ: سنياري ڳالهاءِ. تڏهن چانگ چيس تہ: توکي ہہ حسن ڪنيو ہيو گهمي. انهيءَ تي مائيءَ جو هنيس سنگهه گيهه، وارو متي ۽ تہ ڪٿا گهڙي ويس ۽ چانگ مري پيو. ہوءِ چانگن ہلاند وڻ لاءِ مائي جي ياهه کي ماريو، جيڪو جتن ۽ سکر هو. اتي جتن وري چانگن مان ڪنهن سکر ماڻهو کي مارڻ جو قصد ڪيو. سورات جو راڏي ملڪ جي ترار ڪنياڻون، جنهن تي راڏي جو نالو ۽ لوهار جو نالو لکيل هو. جت چانگن جي راج ۽ گهڙي پيا ۽ چانگن جي سکر کي مارڻ لاءِ تلوار جو وار ڪياڻون. چانگ تہ مري ويو ۽ ترار ڪٽ کي لڳي ۽ ڪٽي ويئي. ترار کي ستت ڏناڻون تہ ترار ڀڄي ٻئي ۽ نالي وارو ٽڪر ڪٽ ۽ لڳل چڏي موٽي آيا. چانگن صبح جو ترار ڏٺي. ڏناڻون تہ ترار آهي جتن جي سردار راڏي ملڪ جي، سو اها ترار کڻي آيا شيرخان چانگ وٽ، جيڪو چانگن جو سردار هو. شيرخان اتان ٽي چڙهيو. اول اچي جاتي وٽ ٻيو شهبيگن جتن جي ٽولي مٿان. جت وڙهيا ۽ شيرخان چانگ کي ماريائون. اهو حملو ٽيو "ڪٽڪي" وٽ تهي مغلپين ۽ ۽ چانگ اصل ويڙل تعلقي بدين جا هٿا. ہوءِ چانگ موڻيا تن وڃي چوڏهن راج چاڙهيا هوڏانهن ڪچ مان ٻن جت

---

* هي روايت سگهڙ دودي زنگيجي جي زباني، ڪچهري چوهڙجمالي ۽ تاريخ ۲۲- اپريل ۱۹۶۲ع تي قلمبند ڪئي ويئي.

آکري آيا. ٻئي لشکر "چاڻي" ۾ اچي دوهندو مقابل ٿيا. ٻهرين سٽ ۾ جتن جو وڏو راڏو ملکاڻي مارجي ويو. ٻوءِ باقي وڃي رهيو شير خان جت، جيکو ٻن ملکاڻي جتن مان هو. انهيءَ لڙائي ۾ وڻڻهين فقير جت جي ياد سان رَجُو ٻوڙو سالار وڙهيو هو. "چگو" جت جيکو سگهڙ ۽ شاعر هو، سو ٻ هن جنگ ۾ وڙهيو هو، سندس ڪي تان ترار آئي، جنهن تان ٻوءِ سونو ڪ وجهرايائونس.

روايت کيڻا خان*

ڪو چانگ بيمار هو، تنهن جتن جي ائين ۾ ٻئي ڪير پيتو ۽ آتي ٿي ڪٽي مري ويو. چانگ ڪڍ جي شيرخان جت وٽ آيا، تنهن چيو ت: ادا! چانگ اهڙو سگهو مڙس ٿي ڪونہ هو جو جتن مار يو هجي. اوهين مڙي وڃو، خواهہ مخواهہ ماڻهو وڙهي خراب ٿيندا. شير خان جي انهي جوب تي چانگن کي جت ماريا.

چانگن ڏٺو ت ستان جت ويہ وٺن، سو چانگن جي سردار وڃي ميرن کي سڳ ڏيئي ساڻن ماڻڻي ڪنديي ۽ ٻوءِ جتن تي جتوڻي ڪنيائون. انهي تي ميرن، جتن جي سردار شير خان کي فيصلي لاءِ گهرايو. ميرن سندس هلت چلت ڏسي چيس ت: شير خان! تنهنجي سٽي ۾ گهنڊي آهي. شير خان جواب ڏنو ت: اها تراريون کيڏنديون. ائين چئي دربار مان هليو ويو. ميرن کي شير خان جي سرڪشي تي کاوڙ آئي، تن چانگن کي مدد ڏني، جن جاڻيءَ ۾ وڃي جتن تي حملو ڪيو.

---

* هيءَ روايت سگهڙ کيڻا خان جي زباني، وٽيجي ۾ حاجي ڪرمي مرحوم وٽ ٽيل ڪچهري ۾ تاريخ ۲۳- سپٽمبر ۱۹۶۱ع تي قلمبند ڪئي وئي. راوي کيڻا خان سنہ ۱۹۶۳ع جي آخر ڌاري وفات ڪئي.

آئي جت جوان، توتي دودا ديمون آئيون
توڏانهن مير سرائي موڪليا صوبا ۽ سلطان
شير ائي شير خان، ڪر ڪا ڪيڏ ڪني جي.

جت ۽ شير خان جي اڳواڻي هيٺ لشڪر گڏ ڪري مقابلي لاءِ ميدان ۾ آيا. لڙائي هلندي شير خان جت، چانگن جي سردار تي وار ڪيو تہ ان جو پاڻيجو اڇي وڃان ٻيو تہ من جت سردار جي ترار مون ڪي لڳي تہ ٻوءِ مامو ڏڪ هڻي ماريس. ۽ شير خان ترار هنئي تہ مامي پاڻيجي ٻنهي مان ٻاهر.

ٻين مٽن مان ٻاهر ٻڌي، تنهنجي سونهري سلطان
مر مرڪي ٻيءَ تنهنجو دولهہ 'دريا خان'
مر مرڪي ماءُ تنهنجي ڪهڪهيري 'گلشان'
جنهن توکي ٽيڄ ڏني، تو هٿي پيتي پهلوان
سانگين جا سلطان، آهن وڏا مينهن مٽان ۽ تو.

ٻوءِ شير خان جت تي ۽ سانگين يعني ترارين جو مينهن وسي ٻيو. زخمي ٿي ڪري ٻيو ۽ اتي ٿي ٻاڻ پورا ٿيس.

جتن چانگن جهور، ڪيائون ٿل ٻل ٽاکويو
جتن ستي چانگ ستو ڪيا، ڳڀا ٽٽون ٽوپڙ ٽور
ساهو جت شير خان سين، مرڪي ٻيا مور
تن مٽ مغلين وٽ، وڃي ڪي قائم ڪچهري ڪور

انهيءَ واقعي کان ٻوءِ جت وڃي جاتيءَ ۾ ويٺا.

هن جنگ ۾ جتن جي سورهيائي ۽ ميرڻ خان جت ۽ سندس ساٿين جي بهادري کي ڪنهن ڪاڪو. هي سڀ مڙس هن جنگ ۾ ماريا.

جت ٻيا عيد نماز ۾ پرهي هت (هٿيار)
تن پورا پاڳو تن ڪي، هٿا واري ڏنا وڙ
سو ڏا سڪيلن ڪي هٿا ساهوين ڪيا سر. (۱)

---

(۱) ڪيا سر-سراڻ چاڙهايو.

سڀهي جو سڏ ٻڌو، جت لڳي ٽي لاري
مانجهي ميرڻ خان جي، هٿي اوچي انباري(۱)
سونهي سير شير خان جي، رڻ ۾ پاٽاري.

رڻ ۾ زنگي خان جي ٿهي خاشي ڪير وڙهي
جيڪي آيا عالم خان سين تن مان وٽڙو ڪين وري.

جيڪي آيا عالم خان سين سي سڀ جنگين جا جونجهار
ستونهي سونهاري چاليهه تي، هو ميرڻ مٽيادار
انهين ساهوٽن جا سينگار، وڃي لحظي ۾ لال ٿيا.

منشي محمد صالح جي بياض ۾ لکيل بيان

ميرفتح علي خان سڀ پاڙو (اڪوڻ) مصاحت لاءِ گهرايا. سڀني ميرصاحب جي ڪالهه مڃي، ۽ شير خان جت ڇيو ته آڳ راءِ سان شامل نه آهيان. ميرزور رکيو ۽ جواب گهريو. شير خان جت مٽنهن سڀني هٿي طرف ڪيو. ميرڇيو ته: "تنهنجي ڪنڌ ۾ ور آهي." شير خان ڇيو ته: "جي سچي ميري جون تلواريون گڏ ڪندين ته به هي ور ڪيي ڪونه سگهندين." ائين چئي پنهنجا ماڻهو وٺي هليو ويو. ميرپوءِ جمالين، چانگن ۽ ڪوسن جي راڄن جي ڦيرائي ڪئي جن کي جتن مان خوف هو. تڏهن شير خان جت وارا قليلي جي ڪپ تي ويڙل هٿا. پهريون مقابلو ٿيو جنهن ۾ جمالين، چانگن ۽ ڪوسن جون جتن پتيون ڪيي چڏيون. پوءِ انهن جا وارث لوٽون ڪٽي اچي حيدرآباد جي ڪوٽ هيٺان ٽي لنگهيا. ميرپئي پڇيو ته پئي پڏايائونس ته هي جمالين جون، هي چانگن جون ۽ هي ڪوسن جون لوٽون آهن. هن جهيڙي بعد جت لڏي وڃي جاتي ۾ ويٺا.

---

(۱) ميرڻ خان چانگ.

ان واقعي بعد سيني راڄن جتن کان ٻدلي وڃن جي رت رتي. ٻوءِ اُڻن تي چڙهي تڏن ۽ ترارين ويڙهي جاتي ۽ ويا ۽ اوچتو جتن تي حملو ڪري انهن جا ٻار ٻچا ماريائون ۽ مال ڪاهيائون. شير خان کي اوچتو خبر ملي ۽ هو هليو آيو. جمالين ۽ چانگن جا سردار ٻئي گڏيا آيا. ٻنهي مان هرهڪ جي مرضي ٿي ته آڳ شيرخان کي ماري ميرون سرخرو ٿيان. مگر جيئن هو ويجهو آيو ته شيرخان هٿي جا ترار ته ٻنهي مان ٻاهر هلي ويئي.

اڻي جت جوان، توتي دودا ديميون آئيون
توڙانهن ميرُ سيرائي موڪليا، صوبا ۽ سلطان
تون ڪر ڪوڪيڙ ڪني جو، شير اڻي شير خان
تو ٻيتو اوٻارو علي جو، ڪ ٻڪ ٻيتياء ٻهلوان
ٻنهي مٿين مان ٻاهر وئي تنهنجي سونهري سلطان
هوندين خوالي حورين جي، جنت منجهه جوان
تو لڏيو عهدي سين ايمان، هي فاني جڳ فنا ٿيندو.

ڪاڏ ٿون ٻيٽون ڪنهن جو ڪوڙ ٿي ٻڌو ٿي
ڪيو گناهه غريبن
جنهن تي چوڏنهن راڄ چڙهي ٻيا، حملو ڪيو هزارن
ٻوءِ سرهي ٻڏي سندرو، لڄ جو "لاڪاڻين". (۱)

چانگن جمالين جون مٿيون نه مائون!!
ٻڪ مان ٻيدا ٿيا هوند لڇون نه لٽيائون (۲)

---

(۱) لاڪاڻي پاڙو جتن جو.

(۲) ٻڪ = گهگهو. حاميد خان رند هيءُ بيت هيئن ڏنو ته:
چانگن ۽ سرائين کي ڇا چوان اُڻون
ڪومن ۽ جروارن جون مٿيون هيون مائون
تڏهن ٻڪا ٻڪيڙن جا ٿي ڏيگهر ڏاناڻون.

چولي ۽ گهگهي جـو کـر ويچو وڏائون
ڪُٽُـر ڪيائون، جو نيائون وڙڇ ٻنڊا ٻاڻ سان.

ماڻ معصومن جـي، ڪانهي مـوت مـدام
ڪٿهن ويل ڪاڻ ڪي، ڪا چانگن انکل اوغام
ماڻ جي ملام، تن تي رهي گلا گهگهيرين جي.

حاجي ناهڙ چانگ جي روايت *

ميرن (۱۷۸۶ع ۽) بادشاهي ورتي تـ ان وقت جت ۽ چانگ زور واريون قومون هيون. جتن جي سردار توڙي چانگن جي سردار جو نالو شيرخان هو. ميرن جي ڪنهن وزير ميرصاحب کي چيو تـ انهن قومن مان حڪومت کي خوف آهي. وزير جي انهيءَ انديشي جو آزمود و هن طرح ورتائون، جو ميرصاحب ٻنهي قومن جي سردارن کي ٻاڻ وٽ گهرايو. آڏو وزير جو طنبو هو. اتي سلام ڪوڻ پريائون ۽ قناتون ٽاڙيندا اڇي ميرصاحب جي طنبو تي سهڙيا. اتي ميرصاحب کي ٻ ڀڪ ٿي.

چانگن جو سردار شيرخان چانگ هر سال جاتي ۽ "مُٽگريڻين" جي ميلي تي اڇي اولياء جا پڙ ڪير سان ڏٺار يندو هو. اها جتن جي جُوءَ هئي. تنهنڪري وزير مصلحت ڪري جت سردار کي چيو تـ: شيرخان چانگ تنهنجي حد ۽ اڇي ٿو وڙ ڏاري، تون چو نٿو ڏٺارين؟ جتن جي سردار چيو تـ: اها رسم آهي جا هو اڇي ڪندو آهي. آءٌ ڀي ڪاڻ ڪندس.

شيرخان جت جو اهو جواب ٻڌي، وزير ٻين جتن سان مصلحت ڪئي تـ وڃي چانگن سان ويڙ وجهي اچـو. ٻـوءَ

---

* هيءَ روايت حاجي ناهڙ چانگ پٽ حاجي ميران (۱۹۶۴ع ۽) عمر اسي سال ڪن ويل ڳوٺ مرزاخان چانگ جي زباني، پير ملوڪ شاهه بدين وٽ ڪچهري ۾ تاريخ ۱۹- ڊسمبر ۱۹۶۴ع تي قلمبند ڪئي ويئي.

دلدار نالي جت ٻيو هڪ جت سان ڪري، ويس مٽائي، جوڪي ٻنجي مرليون ڪٽي "مارڊ مٽير" (هن وقت ديهه، ٻهدمي کان ۴ ميل ڏکڻ اوپر تي) ۾ گل محمد نالي چانگ جي ڪري تي آيا. وات تي هڪ ماڻهو دلدار کي سڃاتو، تنهن کي چيائين تہ: "ديس چوري پرديس ٻکيا، وڃون ٿا ٻکيا ڪندا." ڪري تي گل محمد کي چيائون تہ رات ترسنداسون. پوءِ رات جو مڙس کي ڪهي هليا ويا. اها سڌ چانگن جي سردار شيرخان کي ۽ پڄي وئي.

هوڏانهن جڏهن شيرخان جت سردار کي خبر پئي، تنهن "ٻيبان" نٿور" ولاسي ڏاڻي ("ڪيڻ" کان هڪ ميل ڏکڻ تي سندس قبو، جتي "ٻيبان غوث" ۽ سڏجي) کي گهرائي ورتو ۽ ڪيس ڪجائي تي چاڙهي، دلدار جت جون ڀانهون ٻڌائي، مٿي تي قرآن شريف رکائي، کلهي تي واڪ ڪري ڏنائينس تہ هاڻي وڃي خون بخشاءِ. ميڙ ٻهتي تہ شيرخان چانگ راج گڏ ڪيو. تن مصلحت ڪئي تہ ميڙ ڪين موڪائيندا سين، گل محمد جو خون معاف ڪنداسين. گل محمد "محبتاڻي" پاڙي مان هو ۽ محبتاڻي "وڏاڪن" (شيرخان چانگ وارن) جا پاڙ هٿ. انهيءَ مصلحت ۾ هڪ ڪيڻائي چانگ ۾ ويڙل هو، جو ٻوڙو هو. تنهن اها ڳالهہ نہ سمڊي. سو صبح جو سوير تہ رار ۽ ڪوڙي ڪٽي باهر جهنگ تي ٿي ويو تہ دلدار جت ڪجائي سوڏو سامهون گڏيس. هنيائينس جا ترار تہ سسي وڃي پري پيس. اهو لقاءِ ڏسي ٻيبان سڳوري آٽ ڪٽي پوئتي واريو.

شيرخان چانگ کي جا اها خبر پئي تہ. چيائين تہ: ٻوڙي قهر ڪري چڙيو، پر هاڻي ويہ پڄي ويو. مٽان مٺگريين اولياءَ جو ميلو ۽ اڄي پريو آهي. صلاح ڏنائونس تہ ۽ هاڻي تون وڃ ڏاڻن ۾ وڃ." شيرخان چيو تہ: ولسي تان پيرو ڪونہ ٻڌندس، ۽ اڳي وڏي ٽاڻ سان ويندو هوس،

هينئر رکيو پنجاه گهوڙي سان ويندس. انهيءَ مصلحت سان شيرخان چانگ پنجاه ماڻهن سان سوار ٿي "مگرپين" وچ لاءِ سنڌريو. جهليائونس ته نه وڃ، پر شيرخان چيو ته ويندس. اها خبر جت سردار کي پئي، تنهن چانگن جي اچڻ واري گس ٿي کاهو ڪڍائي، مٿان مٽي پرائي، زمين هموار ڪري چڏي ۽ پنجاه توبچي ڪوڏي جٽ وهاري چڏيا. چيائين ته جي چانگ وڙهي ته وڙهجئو، نه وڙهي ته گس ڏجوُ.

تڏهن ڪنهن چيو ته: "سردار، چانگ تي ايڏو ٿو وسهين ته پلا آزمودي خاطر ڪو اڪيلو سوار موڪل جيڪو وڃي چانگن آڏو مٽي، پوءِ ڏس ته چا ٿا ڪن." پوءِ سوار موڪلياٿين، جنهن اچي شيرخان چانگ وارن جي اڳيان گهوڙو واريو. شيرخان چانگ سان گڏ همراهن ۾ دينار نالي جمالي هو، جو ڪوڏي جٽ توبچي هو، تنهن چيو ته: دشمن آڏو اچي گهوڙو واريو آهي، هٿانس ٿو بندوق. شيرخان ٽي دفعا جهليس ته به هو نه مڙيوءِ هنيائين بندوق ته مڙس وڃي ڪريو. اهو لقاءِ جو پريان جت سردار پئي ڏئو، تنهن پوءِ ماڻهو موڪليو ته چانگ اچن ته نه چڏجوُن.

چانگ ويجها آيا ته هنن بندوقون هنيون ۽ پنجاهي مڙس وڃي ڪريا. پوءِ جت سردار چيو ته اڄا ٻه جيڪي منجهن جيئرا آهن، انهن کي به ڪُهي چڏيو. شيرخان چانگ زخمي هو سو ميدان ۾ تراز نراڙ کي ڏيو ويٺو هو ته ڪنهن چيس ته هاڻي تا ڪُهنئي. جواب ڏنائين ته: "رڌ پڪري ميلي کي منهن ڪانه ڏيندي. جڏهن اٺور (پاڏا) ڪٽيندا تڏهن ميلو مچندو." پوءِ مڙس سڀ مارجي ويا. جاتي جي پهلاج واٽيي، اها خبر شهر ۾ ڏني ۽ اتي جي مسلمانن گڏ ٿي لاشن کي تڙ ڏياري، جنازي نماز پڙهائي، لاش پٽين ۾ بند ڪرائي "رام پاراهي" جي مقام تي موڪليا.

پيروزشاهہ ۽ حسن (مزاراٿي چانگ) ٻئي ڇڻا 'مار ڏ ملير' کان ٻئي آيا تہ نوڪرن چيو تہ مقام ۽ ميڙ آهي. ڀڳائون تہ ڪهڙي پاڙي تي؟ نوڪرن چيو تہ پنهنجي پاڙي تي. تڏهن گهوڙا مقام ڏانهن وار يائون، اتي پيروزشاهہ قول ڪيو تہ: "ادا شيرخان! اڄ ڏينهن اندر ويرِ وڃي اڇي تنهنجي ماني ڪندس يا پاڻ پنهنجي ماني گڏ هلندي، هاڻي گهر وڃڻ اسان کي حرام آهي."

پيروزشاهہ ۽ حسن پوءِ ڪوٽ جي باهران طنبو هڻائي ان ۾ رهيا ۽ راڄ گڏ ڪيائون. همراهن کي چيائون تہ: اوهين سنبت ڪريو تہ اسين مرشد کان دعا پنيو تا اچون. لشڪر کي آن نہ ڪارايو پر ڪير ۽ آمل جو ڳاڙ پياريو. ائين چئي ٻدين ۾ احمدشاهہ قلندر ڏانهن روانا ٿيا. احمدشاهہ جي خليفي، پيروز ۽ حسن کي ايندو ڏسي شاهہ کي ٻڌايو تہ ٻئي ٻيا اچن. قلندرشاهہ چيو تہ: مون ڏي نہ اچن. پيروزشاهہ ۽ حسن غر ۽ اتي ئي ويهي رهيا. ويڻي ٽيو ڏينهن ٿين، تڏهن احمدشاهہ سندن ڇڄا ڪئي. خليفي ٻڌايو تہ: ٽيو ڏينهن ٽيو اڻ انهيءَ ٻيٽي تي، نہ آن نہ پاڻي، ويٺا آهن. احمدشاهہ چيو تہ ڪو ظلم ٽيو اڻن، سڏيون. چانگن چيو تہ: تون مرشد آهين، دعا ڪر تہ جتن کان ويرِ وڃون. احمدشاهہ خليفي کي جهنڊي آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ هوءَ جهنڊو چانگن کي ڏيئي چيائين تہ: جمعي ڏينهن جهنڊو کوڙجو.

هتان پيروزشاهہ چڙهيو تہ ساڻس چانگ سيڻ گڏ هٿا. هڪڙا سنجراڻي چانگ (جيڪي تلهار کان الهندي ويڻل هٿا) تن جو وڏو ڏاڏو سنجر ۽ پيا ٻوراڻي چانگ جن جو وڏو شادمان. ٽيا سيراڻين وارا جمالي (جي اڳندا ويهندا چانگن سان هٿا ۽ ديندار ۽ انهن منجهان هو) ۽ پيا راڄ ۾ ساڻن ٻيڙا هٿا.

جڏهن جت سردار اها خبر ٻڌي، تڏهن "چالي واري ڊوري" وٽ ڪاهو ڏياري سڄو راڄ ۽ ٻار ٻچا اندر ويهاري حفاظت ڪري ويهي رهيو. پيروزشاهه ۽ وڃي گهيرو ڪيو ۽ جت سردار شيرخان کي چيائين تہ: راڄ ڇڏي ٻاهر نڪر تہ لڙائي ڪريون. پر جت رکو حفاظت ڪري ويهي رهيو. ٻوءِ چانگ سوڻ (۱) ڏسي تولیون ٿاهي، ڪاهي جي چوڌاري حملو ڪري آيا. ٻوڙائي چانگ ٻڌيان ٻڌي آيا ۽ سامهون پيروزشاهه وارا هٿا. اتي شيرخان جت سنجر چانگ کي سڏيو پر هو سامهون نہ ٿيو. انهيءَ تي پيروزشاهه چيس تہ: آءٌ تنهنجو مٽ آهيان، تون مون کي سامهون آءُ. تڏهن شيرخان چيس تہ: چگو تون منهنجو مهمان آهين، تنهنڪري اڳ ۽ وار تنهنجو آهي. پيروزشاهه چيس تہ: منهنجي اکين ۾ رت تو ڏري، ڀريون وارو تو کي آهي، ٻوءِ وارو آهي ئي ڪونہ. اتي شيرخان ترار هنيس جا متان زرهه ڪٽي اڌ مٿي تائين اچي ٻڌس. ايتري ۾ شادمان ٻوڙائي چانگ اچي وڃان ٻيو ۽ جت سردار کي ٻانهن آڏي ڏيئي، پوئتي ڪري، ترار هنيائينس تہ ڪلهي وٽان بغل تائين ڪٽي ويس. بت چنڊيائين تہ ڪري پيو. ٻوڙائي چانگ ۽ ٻيا اچي جي ٻويان ٻها تن راڄ کي ۽ ترارين سان ڪيڙي چڏيو. ننڍو وڏو ڪونہ چڏيائون. سنجر چانگ کونہ وڙهيو. لاکائي جت سامهون آيس، تنهن کي چيائين تہ: آءٌ توسان کونہ ٿو وڙهان، مون کي گهٽي ڏي تہ آءٌ نڪري وڃان. ان کي گهٽي ڏنائين سو هليو ويو.

پيروزشاهه پڇيو تہ فتح ڪنهن جي ٿي؟ چيائونس تہ پنهنجي. پڇيائين تہ شيرخان ڪٿي؟ چيائونس تہ سامهون ڪيرو پيو آهي. وري پڇيائين تہ سٽون آهي يا اونڌو؟

---

(۱) احمد شاهه قلندر ڪان مليل نيزو کوڙي وينا. چون ٿا تہ مينهن سان گڏ سٽي مچي وئي، اهو سوڻ ڏسي پوءِ جتن تي حملو ڪيائون.

چيائونس ته اونڏو. اتي چيائين ته جاتي اسان کي نه ڏنائين. مٽي کان ٻوءِ ٻه زمين ۽ چڪ اٿس. وري پڇيائين ته سندس راڄ ٻڌيو؟ چيائونس ته راڄ ٻه مارجي ويو. تڏهن چيائين ته ٻوءِ سوپ ٻنهنجي کانءِ ٿي، باقي ويرِ وٽيو ٿا هلون. هاڻي باقي جيڪي جيئرا دشمن آهن، تن کي کٽهي چڏيو. چگو جت ٻه زخميو ٻيو هو، چيائين ته اهو شاعر آهي ان کي نه مارجوُ.

چگي جت انهي لڙائي تي ٻوءِ بيت چيا ته:

سڏ ڪيائين سنجر ڪي، جنهن گيدي ساريو گهر
نيهرو نڪري آئيو، ٻيروز شاهه نر
جنهن جي ٻن سيٽن ماڻ ٻاهر وئي سونهري سمندر.

وڏو گهر سنجراڻي چانگ هٿ، ٻڪ انهن تي هٿي. ۽ انهي جنگ کان ٻوءِ چڏي ڏنائونس.

هڏائي هل تي آيا، جنڙي جنگ تي آئيا
ڏاتهي ڏيهه ڪيلايا، ڪيڙين ڪيل لائيا.

هڏائي چانگن (شيرخان جي ڪوٽ کان اوپر طرف وهڻ) ماڻ ڏاتو اکيواڻ هو، جيڪو وڏا قول ڪري جنگ تي چڙهيو هو، پر ڏاتو ٻه ٻڪو.

شاعر چگي جت جا بيت *

چگو جت شاعر ۽ ٻنهنجي راڄ ۾ سَرِيال هو. ڪچ جي ابڙاسمي واري علائقي ۾ "سَنڊيارا" تلاءِ تي رهندڙ هٿا.

---

* چگي جت بابت احوال ۾ اهي بيت اسان مرحوم مالڪڏني فقير تالي جت کان ۲- جون ۱۹۷۱ع تي ٻڌا ۽ لکيا (فقير ۸۰-۸۵ سالن جي وڏي عمر جو ۽ وڏو سچاڻ هو.) سندس خدمت ۽ عزت اسان پاڻ ڪئي ۽ فقير انهيءَ محبت ۾ ڪيئي. سال اسان وٽ (سنڌ يونيورسٽي جي حيدرآباد شهر واري احاطي ۾) رهيو ۽ وفات ٻه اتي ڪيائين. چگي جي احوال ۽ چگيجي بيتن بابت سندس زباني بالڪل تصديق واري آهي.

جڏهن خبر پهتس ته جاتي ۽ جتن تي ڏکيو وقت آيو آهي ته ماڻهو وٺي ڇڙهيو ۽ "چاڻي واري جنگ" وقت اچي پهتو ۽ پاڻ جنگ ۾ وڙهيو. پوءِ هن جنگ بابت بيت چيائين جيڪي هيٺ ڏنل آهن.

انهن بيتن ۾، جنگ کان اڳ وارا ڪي ٽاڪا ۽ جنگ جو سندس اکين ڏٺو احوال ڏنل آهي. چڱو پنهنجي طرف جي ڳالهه ٻڌ ڪري، جنهن موجب سنڌ جي حڪومت ۽ ان طرف وارن ڪي جتن سان وڙهڻ جو ويچار هو. ان جو سبب اهو هو جو پهريائين ڪنهن چانگ هلي اچي چڙچ جا ڪائي ۽ جتن مائي "ڪوڙ ٻائي" ڪي اجايو اکر ڳالهايو، جيڪا هت تي گيهه وڪڻڻ آئي هئي. مائي همت واري هئي، جنهن اهو گيهه وارو ٽاڻ هن ڪي اهڙو ته زور سان مٿي ۾ هنيو، جو ان جا ڪنا اندر گهڙي ويا ۽ اهو مڙس مري ويو. انهيءَ تي فتح علي چانگ، جيڪو شايد حڪومت طرفان هتي ڪنهن عهدي تي هو، تنهن ڳالهه ڪي وڏو ڪري وڌائي حيدرآباد لکي موڪليو ته قومن ۾ فساد ٿيو آهي ۽ اهي وڙهي ولڻي ڏاروڏار ٿيا آهن ۽ جتن ڏاڍائي ڪئي آهي.

اڳتي بيتن ۾ ڏنل ڪن ٽاڻن، جنگ بابت پين روايتن ۾ آيل اهجاڻن ۽ فقير مالڪڏني جت جي وضاحتن مان اٿين معلوم ٿئي ٿو ته مير فتح علي خان راڄن ۾ صلح ڪرائڻ ۽ اندروني طور ملڪ کي مضبوط ڪرڻ واري رڳا موجب، شيرخان جت، شيرخان چانگ ۽ پين ڇڳن کي گهرايو ۽ سمجهايو. ملڪ شيرخان جت، سنڌ ۽ ڪڇ جي جتن جي وڏي طاقت کي خيال ۾ آڻيندي، مير صاحب جي ڳالهه تي ڪن نه ڏنو ۽ سامهان سوال جواب ڪيا. مالڪڏني فقير چيو ته: شيرخان وڏو دلير هو ۽ ڪنڌ ۾ گهنڊي وجهندو هو. (ڪا ڳالهه نه وٺندي هيس ته منهن ۾ گهنڊ وجهي ڪنڌ وراڻيندو هو) اها سندس عادت هئي. مير صاحب جي ڪچهري ۾

ائين ڪيائين، جنهن تي ميرصاحب چيس تہ: شيرخان، گهنڊي ڪڍي ڳالهہ سمجهہ. انهيءَ تي شيرخان جواب ڏنو تہ "ميرا اها گهنڊي مصريون ڪيندیون يا ڪنواريون لاهيندیون، باقي ٻئي جي لاهہ جي ڪانهي." مصريون يعني تراریون، يعني جنگ ۾ تراریون لڳندیون ۽ پوءِ جي اها گهنڊي نڪري تہ نڪري. چاڻي واري جنگ ۾ شيرخان تراریون هنیون ۽ جهليون ۽ ميرصاحب سان پنهنجي ڪيل قول ڪي پورو ڪيائين. جڳي پنهنجي بيت ۾ چيو آهي تہ:

"جو ٻهندان ڪيائين ميرڪي سو ٿو پنجاهيو پاري"

ملڪ شيرخان اهو جواب ڏنو ۽ في‌الحال فيصلو نہ ٿيو. تڏهن شيرخان جانگ لشڪر گڏ ڪيو. هتان ملڪ کي پنهنجن سمجهايو تہ صلح واري ڳالهہ جڳي آهي ۽ جانگن ڏانهن ميڙ موڪلجي. اهو مڃيائين. پوءِ دلدار هالاڻي جيڪو ميڙائي قبيلي جو هو ۽ جانگن سان ٻہ دوستي جو ناتو هئس، تنهن کي قرآن شريف ڪٽائي ميڙ ڪائون. اهو جڏهن ميڙ ڪٽي شيرخان جانگ وٽ ويو جيڪو جاتيءَ ۾ "ڪريين" اولياء جي ميلي تي آيل هو، تہ ان کي ايندو ڏسي دينار جمالي جو اتي هو تنهن بندوق هنيس ۽ دلدار مئو. شيرخان جانگ کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي ۽ دينار جي اڳرائي صلح جون واٽون بند ڪري ڇڏيون. جڳي ۾ پنهنجي بيت ۾ دينار کي نڌيو آهي.

دلدار جي مارجڻ تي ملڪ شيرخان جت سڀ آسرا لاهي، خود شيرخان جانگ کان ويهر وڻ جي رٽ ڪئي. اها ڇڪائي ٻين روايتن سان ٻہ ٽئي ٽي. غالباً جڏهن شيرخان جانگ پنهنجن ماڻهن سان "ڪريين" جي ميلي تان ٽي موٽيو، تڏهن جتن گس جهلي ڪيس سندس پنجاه ماڻهن سان گڏ ماريو. اها ايڏي وڏي اڳرائي ٽي وئي، جو حڪومت طرفان جتن جي خلاف لشڪر چڙهيو، جنهن جو سپه سالار مير ٺاروخان هو. هي حڪومت جو لشڪر هو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف پاڳن

۽ قومن جا ماڻهو شامل هئا. ٻئي طرف رکو جت هئا، جيکي جگي جي چوڻ مطابق:

"ڏيا سامهان ساري سنڌ کي."

جنگ جي ميدان ۾ مڙسن جي مقابلي جا جگي جيکي اکين ڏٺا احوال ڏنا آهن، انهن موجب جتن طرفان مٺائي قبيلي وارا آخر دم تائين وڙهيا. 'پٽلاڻي' ٽڪ مان عبدالله وڏي همت سان وڙهيو. ملکن سردارن سان جيکي راڄ پيڙا هئا، تن مان هڪڙا حمراڻي ملک جو راڄ هٿ ۽ ٻيا 'راڏن' ملکن جا راڄ هئا. 'ٽٻيار' جت (ڪائي مال وارا)، جن مان مٺائين جو ڏاڏو مٺو هن جنگ ۾ موجود هو. 'مٺاڻي' ۽ ٻيا قبيلا حمراڻي ملک طرفان آيا ۽ وڙهيا. 'اوٺاڙي' جت (اڻ وارا) راڏي ملک جي لٽ ۾ هئا، جن مان کي ڪي ڪا. جگي انهن کي نديو آهي ته اڻين جي ڪير جي ڪيئن چٽيندڙن سٽ نه جهلي ۽ دانهون (ڳٽا) ڪري وئي ميدان مان ڀڳا. شير خان وڏي بهادري سان پنهنجي لشکر کي همٿايو ۽ وڏي دليري سان وڙهيو. سنجر چانگ کي للڪاريائين ته: "تون منهنجو سٽ آهين ۽ مقابلي لاءِ اچ." پر چانگن جي لشکر مان سنجر ۽ سوپ کان ڪٿي. شيرخان جي سامهون نه آيو ۽ ميدان چڏيائين (جيئن ٻين روايتن ۾ چاڻايل آهي). شاعر جگي ڀاڻ پنهنجن ساڻين سان گڏ ميدان ۾ اچي ۽ وڙهي جو ذکر ڪيو آهي.

۱- ساراهيان سچو ڏڻي جو صاحب رب ستار
قادر جي قدرت کي پريون ڪونهي پار.
هو آهل ڪن آڙاه جي ٻيا انهين ۽ پار(۱)
هو سڻڻو سرايتن کي ڪو وڙهي جو ويچار
تن هلي اچي هٿ تي ڪيو ڪيڏو منجهان کار

---

(۱) آهل ڪن آڙاه جي=جنگ جي آڙاهه يا مچ کي مچائڻ جي ٻيا ڪن.

مَنهندان مَلَک زادي، حمزي پوٽي، ٻس تنهين جا ٻار(۱)
'ڪَوڙ ٻُرهائي' ڪَرَ اجاريو، ڀين ملهايا ڀار(۲)
تنهن ٻائي ٻولائي هٿي ٻاري پهريءَ وار(۳)
گهڙيءَ جا گهڙي ويا ڪٿا منجهه ڪيار
ٻوءِ مردود مري ٻيو اهڙي سان آچار.
تڏهن فند فتح علي گهڙي ورتو الهيءَ وار(۴)
ته معلوم پهچن مير ڪي وڃي سوڌا سماچار:
ته پَٽر ولٽي ٻاڻ ٻر ٽيا ڏارو ڏار(۵)
ٻيا ويٺر وڏانڊرا، خاصا خريدار.
ڏُومي ديميون چڙهيون ڪنڪ کارونيار
تنتي ليکو ناه کو، ٻيحد ٻي شمار
سي جنبي آيا جنگ تي سندي ڀيڻءَ بازار(۶)
اول ڪانڙ مان کين ٿئو جنهن ڏُڪائي دينار(۷)
ڏني ٻاهه بندوق کي الڏي منجهه آهڻڪار(۸)
هو منهندان مٺائين ماں کو ساهڙو سلحدار
تنهن اول تان عيسب جهلي جنگ جت جهونجهار(۹)
گڏ تنهين مان گاگن هو، جيڏا هٿا يار(۱۰)
گهٽو ملوکن سڃيا تيجي جا توار(۱۱)
ٻَنڪي بازيون کيڏيون مٺي سٽيادار(۱۲)

---

(۱) ملک زادي=جن راڻن جتن جي طرف جا جيکي مَلَک ۽ سردار هٿا. حمزي پوٽي=امير حمزي پوٽي بلوچاڻي (۲) 'ڪوڙ ٻائي'=مائي جو نالو جيکا 'مٺائين جتن' جي پاڙي مان هئي (۳) ٻاري=گيهه وجهڻ واري وڏي مائي يا گهڙي (۴) فتح علي چانگ ان وقت ست ستي ۽ رٽ ڪئي (۵) پٽر=پَٽ، راج. ولٽي=ڪاوڙجي، ڦيري (۶) ڀينءَ=مغل ڀينءَ. ڀينءَ بازار=مغلين يا جاتي شهر جي بازار (۷) دينار جمالي چانگن جي، طرف جو (۸) اهنڪار=هٺ، غرور (۹) عيسب مٺائي، چگي شاعر جيو ٻاءُ (۱۰) گاگن مٺائي جت (۱۱) تيجو مٺائي (۱۲) مٺو مٺائي.

ڪڏي هيا ڪڪ ۽ ورنهه چوڙي وار
هوءِ سراين جي سار، سڏي لڏي ساهڻين(۱).

۲- پنڌرهن پٽر آئيا سنيري سراين سڪ
هتان هئي هيڪڙي سندي جتن جات
سي ٽهينڪي ٽنيار اٽيا تن ماري ڪيا مات(۲)
هڻن هينئين جي حمات، ٽيا سمهان ساريءِ سنڌ ڪي(۳).

۳- ٽيا سمهان ساريءِ سنڌ ڪي جنبي جت جونجهار
هلي هالاڻي آڻيو تنهن ڪي پنجاهيي پڪار(۴)
ته صبر ڪيجا ساهڻا آهي اسان جي وار
مري لاهيون ميهڻو سندو جيڏن جار
سو مرڪي مصحافن سان، هليو ري هٿيار
ڪيڙو خنجر خان ٻين ڪاتي نه ڪاٽار
وسوڙو ويساه گهٽي پانيائين ڪانه پلڪار
۽ مدي مسڻو من ۽ هئي شومت بي شمار(۵)
تنهن ڪاڻي ڪوجهو ڪم ڪيو گيدي گلادار
هي وڃي گهڙيو گهوٽ گهڻن ۽ الله جي آڌار
ته مصريون تنهن ملوڪ تي وٽيون انهيءِ وار
ساڻهان سراين ڪي دست هنيا دلدار
هوءِ پٺتن پٽي پڪار، ته راوت راج-ڪهو ٽيو(۶).

۴- راوت راج-ڪهو ٽيو تنهن تي ويرا ايءِ وهي(۷)
جيڪا ڇانگن چيتئي سا جي ڪيائين سهي(۸)

---

(۱) سراين جي=ڇانگ، جمالي وغيره (۲) ٽهينڪي اٽيا=ٽپ ڏيئي اٽيا. ٽنيار=ٽنئي وارا، ڪاين جي مال وارا: هڪڙا جت ٽنيار، ٻيا اونڙ (اڻن توارا) (۳) حمات=حمايت (۴) هالاڻي=دلدار جت، پاڙو مٽاڻي، لک هالاڻي (۵) مسو جمالي، جنهن شايد دلدار جت کي ويساهي آندو (۶) راج-ڪهو=راج جو ڪهو، راج جي عيوض قربان (۷) ويرا اي وهي=مٽس اها ڏکي مهل آئي (۸) چيتئي=چٽائي.

مرڻ جي ملوڪ سان تن جي پرنڊيئي ڪالهه ٻڌي (۱)
ته مصري مير ملوڪ جي جيڪر خان ڪٿي (۲)
ته هنيائين هٿ ڪٽي هوند چيتاري ڇڏي (۳)
ويئي ريڪ رهي، دليءَ سين دلدار جي (۴).

۵- دليءَ سين دلدار جي رکي هٿ پروري
ڏياڻين دستن سان جو هو جمالي جبر
موڙائي مسوءَ جو تنهن ڪونڙ جهوريو ڪر (۵)
رڻ ۾ راماڙو ڪيو، هالاڙيءَ حشر
تڏ سردار سڀ سڏائيا ته پاڙا ڪريو پر (۶)
واريون ويڙ ورنهه جو، ونڪا ڪريو ور (۷)
ٻيڙو مرد ميدان ۾ وجهي هوڏ حمر (۸)
ڪڙي ۽ قاتل جو هو ساهڻ سان ٿمر (۹)
هيءُ ست ٻيڙهيو سردار هو، هو نسورو نوکر (۱۰)
هن ميڙي ميلهي ڪار جو پٽر ڪيو پرڏر (۱۱)
هٿ سنڌ سيرارو، ساکرو، ڪاڇو، ڪارونجهر (۱۲)
آڇ سرو ۽ عمر ڪوٽ، ٻڇم پارکر
ٻيڙو ٿيو ٻڙن تي، ٽيلي سيوڻي ٽر
ار ساهڻ سراسر، هٿي موران ڪالهه مرڻ جي.

---

(۱) پرنديئي=پريندڙيئي، شروع ڪان ٿي (۲) مصري=ترار (۳) ڇڏي=پولائي (۴) ريڪ=همت ۽ سورهيائي قائم رهي (۵) مسو جمالي جو ڪنڈ مروٽيائين (۶) سردار شيرخان جت (۷) ونڪا ڪريو ور=بانڪا اوهين ڦري اچي گڏ ٿيو (۸) حمر=شيرخان جت ڪٿي شاعر سندس وڏي ڏاڏي حمر جي ٽالي سان ٿو سڏي يا حمر ملڪاڻي سردار جو ان وقت شيرخان سان ٻيڙو هو (۹) ڪڙو ۽ قاتل=لشو، جنگ ڪان اڳ نشو پي مست ٿي وڙهندا هٿا (۱۰) هيءُ=شيرخان جت، هو=جانگ. يا جڏالي آڳواڻ ڏانهن اشارو جنهن ڪٿي ميرن جو ماڻهو ٿو سڏي (۱۱) ميلهي ڪار جو=پهلوانن جو، بهادرن جو. پٽر ڪيو=ميڙ ۽ مجموعو گڏ ڪيو. (۱۲) هٿ=آڏو، آڏي طرف وٽ.

۶- هٿي موران ڪالهه مرڻ جي سندي روح ريلي
سو نڪي ڏانهين ويو ڏليءَ تي، نڪي ويو ٻيلي
مٿهن گهنڊي، چپ وات ۾، ٻيٽو خان ڪنو ڪيلي
مارنگ سراين کي مٿان ويو ميلي(۱)
عبدالله ائين آئيو، جٿن رڻ اچي ريلي
پوءِ 'پلاڻي' پيلي، ڪني ساڻ ڪٽي ويو(۲).

۷- ڪني ساڻ ڪٽي ويو، تنهن جا ڀاري هٿا پيا(۴)
پائر، پالا، پليون، جي هوتن مل هٿا(۳)
ته هي هاتارڙن ۾ هڏرا حمراڻي هٿا
ڏاڍو ٿو ترار جو، مٿي هڙ ٻيا
او مانجهي ماڳ مٿا، پر لڳيءَ چاهه نه چڙيا(۴).

۸- هر راڏي جي رهاڻ ۾ جي حماتي هٿا
تن ڦوڪ نه جهلي ڏيئ جٽين گيدي ڪن گٽا
چڏي لج لسا ٽيا ڪهڻو ڪير ڏهڻا
هي مانجهي ماڳ مٿا، لڳي چاهه نه چڙيا.

۹- لڳيءَ چاهه نه چڙيا، هو هو آحدي آٽيارو(۵)
راڏي تي رحمت جو ٽيو نرمل نغارو،
مڙڪ ٽيو مٿهند ۾، ڪٽي ڪر ڪارو(۶)

---

(۱) سراين، يعني سامهون چانگن جمالين جي لشڪر تي تراڙين جو مٿهن وسي ويو، مٿائن جنگ جو ڪڙ وري ويو، ڪين ڏڪي ويو (۲) سوڙهيه عبدالله جت، پاڙو مٺاڻي، نڪ پلاڻي (۳) پليون=پليون ڪهوڙيون. هوتن مل هٿا=جتن وت هجن ها (۴) لڳيءَ چاه=جنگ جي باهه لڳڻ ساڻ (۵) هو=مڙڪ شيرخان جت، راڏو پاڙو (۶) ڪارو=شيرخان جت جيڪو سانورو هو.

ڻان ڻان پير ڪاءَ ٽي، هڪل هوڪارو
لائي بيٺا لاڏڪا چڪر چوڻڪارو
جوانن جي جنگ سان ٺهڪيو سير ڏارو(۱)
"واروڙي وارو، متان ڪا ڳڳهيري گيلا ڪري!"(۲)

۱۰- گلا ڳڳهيرين جي چڏيو لاڏڪا لاهي
سيڪو پنهنجي سر کي سوريءَ سنباهي
تڏ سپ آڻي ويا آڙن ۽ لاڪاها لاهي
آتان زنگياڻي آئيو ڪنڪ سان ڪاهي(۳)
تنهن وڏا هٿ ويرين ۽ 'چڱي' چتائي(۳)
تنهن کي وڏيري ورائيو سکر سڏائي(۴)
تہ مرڻ ڏيو مَ ملوڪ کي مر ٻوءِ جا ٻيرگائي(۵)
پر ويرين واجهائي، اچي چنڊل چور کيو(٦).

۱۱- آڻي چنڊل چور کيو، ويرين کنهن وڙڪا(۷)
رڻ جهڻ راڙورڪ جو، جت سانگين کيا سڙڪا(۸)
جوانن جي جنگ جا ٻيا ات پڙڪا(۹)
هڪل هيبت هن جا ڪيچ سڻا ڪڙڪا
مانجهي سي مرکيا، جن ڪٽي ڪنڪ واريا.

---

(۱) سير ڏارو خان ميرپور وارو جيڪو سامهون لشکر ۾ هو (۲) شيرخان ائين چئي پيو پنهنجن کي همتائي (۳) چڱو جت (شاعر) جيکو 'زنگي' جو پٽ هو انهيءَ کري 'چڱو زنگياڻي' (۴) وڏيري= شيرخان جت (۵) هي شاعر آهي، هن کي ٻچايو تہ ٻوءِ مڙسن جي بهادريءَ کي واکاڻي (٦) چنڊل چور کيو= چڱي جت کي زخمي کريي وڏو (۷) وڙڪا = ورائي (۸) سانگين= ڏارين (۹) پڙڪا= هڪلن ۽ ڏڪن جا پڙاڏا.

١٢- ڪٽي ڪٽڪ واريا سيئي سٽاري
شير خان شلين ۽ وڏا هٿ واري (١)
سڏايو سنجر کي ٽو ڪليو ڪينڪاري: (٢)
"آءٌ تون اوڏو آسري، توکي سرتيو ٽو ساري"
جو مهندان ڪيائين ميرکي سو ٽو ٻنجاهيو پاري (٣)
ست ڪٽ سيراين جي هئي دلاور ڏاري (٤)
ٻوءِ جنگي چيتاري، ڪيائون مزماني ميرکي.

---

(١) شلين م = چلين م. چلون = لشڪر جون شاهي ٽوليون (٢) سنجر جانگ، جنهن کي شيرخان جٽ للڪاريو (٣) جيڪو قول شيرخان جٽ حيدرآباد م ميرصاحب جي آڏو ڪيو هو سو پيو پورو ڪري (يعني تراريون هٿي ۽ جهلي، (٤) شيرخان دلير جي مٽان تراڙين جي ست ڪٽ هئي.

۱۰. پيٽاري اواري جنگ*

هيءَ جنگ "چاڻي" واري وڏي جنگ کان ڪجهہ ٻوءِ جتن ۽ سنڌ جي انتظامي انالي جي وچ ۾ "پيٽاري" جي اثران "ٻڙي" ۽ رڻ جي دنگ تي لڳي. شاعر چگو جت ان وقت حياتَ هو ۽ هُن هِن جنگ تي بيت چيا. بيتن ۾ ڏنل اهڃاڻ، مالڪڏني فقير جت جي وضاحت ۽ ڪچهرين ۾ بيان ٽپل ڪن ٽاڻن مان. هن مقابلي جو سبب هن طرح معلوم ٿئي ٿو.

سيان غلام شاه ڪلهوڙي ڪچ تي چڙهائي ڪري پنهنجي فوجي طاقت جمائي هئي. سنڌ ۾ وفات کان پوءِ ڪلهوڙا حاڪم ڪمزور ٿيا ۽ سنڌ جي سرحدن تي ٻيا قابض ٿيا. سنڌ سان لاڳيتو ڪچ ۾ جتن جي قوم طاقتور هئي. اهي ڪچ جي راءِ سان ٻيڙا هڻا. ڪلهوڙن جي آخري دور کان وٺي ٽالپورن جي اوائلي دؤر تائين، هو سنڌ ۽ ڪچ جي سرحد تي خود مختار ۽ طاقتور رهيا. انهيءَ طاقت جي زور تي ئي سنڌ ڪ شيرخان جت بالاخر سنڌ جي ٽئين حڪومت سان طاقت آزمائي ۽ "چاڻي" واري جنگ لڳي. ان جنگ ۾ لاکاڻي جت کين وڙهيا ۽ ٻيا ڪي "اوٺاڙي" جت ٻڌا. "مٺاڻي" وڙهيا، ۽ منجهاڻن هڪ مڙس ٻيهندو عالياڻي ميدان مان ٻڌو، ۽ بتال تي ويو ۽ ست ٻيڙا "چاڻي" ٻوڙيو. هڪ پاسي کان گهڙي ٻئي پاسي وڃي وري موٽي. ان تان ٻڌاکو ٻيو ته "ٻيهندو ست ٻيڙا سيڙ آکتو." لاکاڻين ۽ ٻيهندي عالياڻي جي ست ۽ ٻوڙي ٻوءِ ٻئي اڌا ڪاڌي ته ڪنهن ۾ "چاڻي" واري ميار لاهجي.

---

* فقير مالڪڏني مٺاڻي تالي جت جي زباني قلمبند ڪيل.

لاکاڻي لٽوٽهي تي ويڙهل هٿا. ساڻن ٻيو راج 'متوڻن' جو هو. ميان غلام شاه واري وقت ۾ انهن تي 'مالیات' بڌي وئي، يعني سالياڻ داڻبندي يا ٻڌي ڪنهن حساب سان رقم بڌي وئي. ڪلهوڙن جي زوال واري دؤر ۾ هنن ڪاڻ ڏني، ۽ ٽالپورن جي حڪومت ۾ ٽئين سر سرحدن تي انتظام ٽيا، جنهن موجب ڪو ڪنڌاڻ فوجدار، لٽنڊن ۽ ڪوٽسن جو مختصر انالو ۽ منشي ساڻ ڪري 'لوٽي' ڏانهن روانو ٽيو ۽ اتي لاکاڻي جتن کان مالیات وصول ڪري.

اها خبر سپ کان پهريائين جيوري نالي لاکاڻي کي پئي، تنهن سپني کي ٻڌايو. هي موقعو ڏسي مڙس تيار ٽيا ۽ مقابلو ڪن ۽ 'چاڻي' واري ميار لاهين. سنداڻي جتن ڄاڻ ۾ مڙس ساڻن پيڙا ٽيا جن ۾ عارب، سوڻڪ ۽ سهراب همٿ پريا هٿا. ٽيهڙندي عالياڻي رجو ٻوٽو شير نالي همٿ پريو جوان ساماڻو هو، سو ٻه اچي ٻهتو ۽ چيائين ته، "آءُ سر ٻه ڏيندس ۽ ڏاڏي تان ٻهاکو لاهيندس." ٻوءِ هنن ويهي مصلحتون ڪيون. ٻار ٻچا ٻئي پاسي روانا ڪري ڇڏيائون. جتن کان سواءِ متوڻا، وادا توڙي ڀاڙي ۽ ويڙهل سينگهواڙ ڀاڻ سان پيڙا ڪيائون. ٻوءِ 'لٽوٽي' کان هليا ۽ 'پيٽاري' جي ويجهو اچي گس جهلي ويٺا ته جتن ٽي سنڌ وارا رهمڪي ڪان اڳ ۽ هي متن حملو ڪن. رهمڪي بازار کان جيڪا واٽ لٽوٽي ڏانهن ويندي هئي، ان تي رڻ کان ٻريان ٻهريون پياڻو (ڀاڻي ٻيڻ جي منزل) پٽارو هو، جنهن تي سنداڻي جٽ ويڙهل هٿا.

هي اکوات جنگ جي تياري ڪري ويٺا هٿا. اڃڪهن سنڌ وارا ٻريان روانا ٽيا ته هنن کي خبر پئي ته انهن ۾ کي ته دفتري منشي ۽ عملي جا ماڻهو آهن، باقي سپاهه ايترو گهڻو ڪونهي. جڏهن هو رڻ وارو پنڌ ڪيي اچي پٽاري جي اترئين طرف رڻ جي ڪنڊي تي پهتا ته پٽاري ۽ ڀاڻي ۾ ساهي ڪٽي اڪٽي لوٽي ڏانهن روانا ٽين ته هنن مڙسن

ديرئيَ کاڻ ڪئي ۽ مٿن حملو ڪيائون، جنهن ۾ عارب مٺاڻي سامهون لنڊ ٻروچ کي ماريو ۽ پاڻ ٻه مٽو ۽ شير عالياڻي ڪنڀاڻ کي ماريو ۽ پاڻ ٻه مٽو. ڪوسا جيڪي ڪنڀاڻ جي اڻالي ۾ هٿا سي ميدان ۾ ڪين ٻيٺا. پر ڪنڀاڻ جي اڪهوائي ۾ لنڊ ۽ ٻيا جيڪي مڙس هٿا سي آخر تائين ميدان ۾ ٻيٺا ۽ جتن، متوئن، وادن ۽ سينگهواڙن مان گهڻن کي ماريائون. سنڌ جو باقي بچيل اڻالو لاشا ڪٽائي پوئتي موٽيو. جتن ۽ ٻين کي ٻئي طرف ڪٽائي "ڀڳڙ" جي تڙ" ڪان اتر ۽ "لوٽي جي تڙ" ڪان ڏکڻ دفن ڪيائون. ٻودلو شيهه ٻه هن مقابلي ۾ ماريو. هو درويش قبيلي جو هو، سو هن مقام تي "شهيدن جو مقام" ڏاڻو ٻيو. جڳي جت هن جنگ تي بيت چيا جن مان جيڪي مالڪڏني فقير کي ياد هٿا سي اسان لکيا ۽ هيٺ ڏجن ٿا.

١- ساراهيان سو ڏٽي جنهن جي وڏي وڏائي
"لاکاڻي" لٽوٽي ۽ هٽ ڏائي (١)
"ستئوٽا" ان مالڪات ۽ ٻيڙا هٿا پائي (٢)
"جيوي" ڪالهه جتن کي سورهه سڏائي
تہ آهڙي ٽي اتر ۾ کا ٻيليا ٻلوائي (٣)
مانجهيا متان کا کريو کوجهي کمائي
تن مردن مڇون رتيون ڪنيي ڪير ڪاڻي (٤)
هو ٽهرا ٽيوائي، راوت رکي آيا (٥).

٢- راوت رکي آيا سي لاکاڻي لٽوٽار
مهندان ڏنو مير کي قيصر شينهن قرار (٦)

---

(١) هٽ ڏائي (بلوچکي ٻولي جو اچار) = خٽ ڏائي، ڏڻي جا پيارا (٢) مالڪات = زمين ۽ پيدايش (٣) ٻيليا = اي ٻيليو، ساٿيو. ٻلوائي = ٻچار، چئوٻول (٤) ڪني = ڪن، ڪنبر (٥) ٽهرا ("ن" جي پيش سان، جتن جو اچار) = ٽهرا، وڏن سڳن وارا، ڏاڏا جوان. ٽيوائي رکي آيا = تياري ڪري جنگ لاءِ اٽيا. (٦) قيصر شينهن = شير نالي جتن سڪ عالياڻي، پاڙو مٽائي.

ت: وڪ ر ڪڇ و ترَي هي آهن پار وچاڻا پار
گس تي پٽ ڪڪهيرين جا آهن پاريِ وڏا پار (۱)
مر سٹي ڪيچ قندار، ت مانجهي ميرن گڏيا.

۳- مانجهي ميرن گڏيا مهندان ماهيا مانهه
روڻ پچايائون ر ڪ جا سي مرڪائي موڻن خان (۲)
هي دفتري ديوان، وچي ڏين سماچار سڏ ڪي (۳).

۴- ڏين سماچار سڏ ڪي، ڪهي ڪاڪريا (۴)
ت: هي قيصر شينهن ڪاچي جا، هو پروچ ٹي پيا (۵)
سورهيه ڪندا سا، جا ڪي سوپدار سڏ سان (۶).

۵- جا ڪي سوپدار سڏ سان، اهڙيءَ منجهه آهين (۷)
ڏهه ڏهه پيٹرا ڏينهن ر ٹا ويڙ وڏائين (۸)
پڙٹا پنجاهين جا سر ڪچان ڪوٹ ڪاهين (۹)
راوت سپ راهين، لاڪاڻي لوٹي ر (۱۰).

۶- لاڪاڻي لوٹي ر سڙيو مصلحتون ڪن
ت: جواناڪوجواب ڏيو "ڪيئن وڙهيو سين وير ين!
لڇون، لڏون، لاڏڪا چڏيا ڪين پچن (۱۱)

---

(۱) پاريِ = گهرا، وڏي همٿ وارا: پاز = پائر (۲) رڪ جا = ترارين جا، خان = سڏ جي لشڪر جا اڳواڻ، سپه سالار ڪٹياڻ (۳) دفتري ديوان = سرڪاري منشي جيڪي اڪثر هندو هٹا ۽ "ديوان" سڏبا هٹا ۽ جيڪي لشڪر سان به لڪپڙهه لاءِ گڏ هوندا هٹا (۴) ڪاڪريا = ڪاغذن وارا، دفتر رکندڙ (۵) ڪاچي جا = ڪچ جا، هو پروچ = سڏ وارا پيا پروچ (۶) سوپدار = ملڪ شيرخان جت، جنهن لڙائي ڪئي ۽ آڻ نه مڃي (۷) اهڙي منجهه = اهڙي رٹا ر (۸) وڏائين = رٹ ڪي وڏو ڪن (۹) پڙٹا = پلٹا، جنگ ر ڪيڏون. پنجاهين جا = اهي جيڪي جنگ ۾ اڪيلا پنجاهن جا مٹ. ڪچان = ڪوٹ. ڪاهين = وڙائي وڙائي بيان ڪن (۱۰) راهين = جنگ جي فصل جون راهون ڪن (۱۱) چڏيا = پوئتي گهرن ۾ چڏيا.

حرم کریو هلندا پهرو نه پاسي تن (۱)
تان وڙهي سين ويرين، سائو سوپارا ٿيو."

۷- سائو سوپارا ٿيو، انهين اهڃاڻن
کٽا ٿي کونهر پٽارِي پڙن (۲)
آيو عارب ات هٿا منجهان مندائين (۳)
ليٽائي رکيو لنڊ کي هاڻنگ پٽي هٿن (۴)
مهندين لڳيون منهن ۽ جهليا پير سوين (۵)
کوما کيسي چڙيا، کٽي لوٽ لنڊن (۶)
خوشيءَ سان خاڻن، تن کٽي کڻڪ واريا.

۸- کٽي کڻڪ واريا، هاونگ کوڙي پير (۷)
هڪڙيون شيرون شاه بدين تان، ٻيو شيرون
مٽان شير (۷)
پهرين شرم شهيد ڪري، ٻوءِ پريائين پير (۸)
کني ساڻ کٽيان کي ڏکب کيائين ڏير (۹)
سڄو ڏيهه سانسڪي ٿيو، شال ڏنو جو شير (۱۰)

---

(۱) زالن کي اڳتي هلندو روانو کريو ۽ انهن سان پهريدار مڙس موڪليو (۲) کٽا ٿهي کونهر=هنن اچي کوهر (پاڻي لاءِ) کوٽايا. پٽاري=پٽاري وت. پڙن=پڙ مڙسن (۳) عارب 'مندائي' جتن جي پاڙي مان (۴) هاڻنگ=پهلوان (عارب) (۵) اڳين کي جو تواريون لڳيون تن ٻويان ٻيهي رهيا (۶) کسي چريا=ميدان مان کسڪي وياءِ لوٽ= ڏڙ ان لنڊ جو (۷) هاونگ=پهلوان جيڪو پڙ ڪري ٻيهي وڙهي. شيرون=چيرون فتح جون. شاه بدين (مهاب ڏين)=بدين جي ولي کي (۸) شرم شهيد ڪري=پنهنجي زال، نالي 'سکان' کي ماري. ٻوءِ پريائين پير=پوءِ اچي جنگ ۾ ٻيو (۹) کٽيان=سنڌ جي لشکر جو سڀ سالار (۱۰) سانسڪي ٿيو=ساکي ٿيو. شاهد ٿيو. شال ڏنو=چال ڏني، کڏي اچي تراڙ هنئي. شير=شيرَ مٽائي جتن

هن جهوري مٽ جهوڙير، وڃي اڳيون
ڪُر اجاريو (۱)
۹- آيو ٻودلو آسري، تيتي تيڏيءِ وار (۲)
— — — — —
— — — — —
— — — — —
جن پتي شاهه شيرن جي سي چُر ها ڪين چمار (۳)
مٽي شرم ماهو ٿيا مري مينگهواڙ (۴)
وادي ٻهڻجي وار، ات مري تنهن ملهائي.

---

(۱) جهوري=زخمي ڪري ماري. مٽ=پنهنجي مٽ ڪي، آڏو مقابلي ڪندڙ ڪي. جهوڙير=جهوڙي وارو، وڏي پٽڪي وارو، وڏي ٽُري وارو (ڪتياڻ). اڳيون ڪُر=اڳ وارو، ٻُن، سندس پنهنجو ڏاڏو نيهڙو، جيڪو اڳ 'جاڻي' واري جنگ ۾ بتال ٿيو هو ۽ نه وڙهيو هو. (۲) ٻودلو='بودلو' ٽالي جٽن جي 'شيهه' (=شيخ، يعني فاقيرڻي ۽ درويش) پاڙي مان (۳) شاه=ڇاهه، لسي. شيرن جي=جٽن جي. چمار=مينگهواڙ (۴) مٽي شرم=سندن ننگن تي. ماهو ٿيا=وڙهندي وڙهندي مارجي ويا. وادي (اسر جنس طور 'وادڻ' لاءِ آندل)=وادا، جيڪي جٽن طرفان وڙهيا

۱۱. میر ڏاري خان جي جنگ *

هيءَ جنگ ذوالحج مهيني سنہ ۱۲۱۸ھ (۱۸۰۳ع) ۾ لڳي. هڪ طرف میر پورخاص جو حڪمران میر ڏاروخان ۽ سندس سپاهہ هو تہ ٻئي طرف حيدرآباد طرفان میر محمد خان ۽ سندس سپاهہ هوءَ. هن جنگ لاءِ کو خاص سبب کونہ هو. میرپورخاص جي طرف وارن مرين ۽ حيدرآباد جي طرف وارن لغارين ٿوري جهيڑي کي وڌائي وڏو ڪيو. میر ڏاروخان اروقت موجود کونہ هو، ۽ پنهنجين ڪيڏين ۾ هو. جي هتي هجي ها تہ ايڏو ممڻ نہ مچي ها. ڪيس خبر تڏهن ملي جڏهن ظرفدار قبيلا جنگ لاءِ تيار ٿي ويا هئا.

سهراب فقير چارڻ جو ان وقت جو وڏو ڏاناءُ سگهڙ هو، تنهن پنهنجن منظوم بندن ۾ هن جنگ جو سمان چيتيو آهي ۽ جنگ ۾ جيڪي بهادر وڙهيا ۽ ماريا، تن جا نالا وٺي ڪين ڪايو آهي. سگهڙ سهراب جا اهي منظوم بند "جنگنامي" جي نظم جو هڪ اٿوڪو ۽ اعليٰ مثال آهن.

قادر قدرت جو ڏٺي، رازق رب" جبار
خاوند خالق خلق جو، آ قدرتي ڪلتار
جنهن جوڙي راس جهان ڪيو، درس ڪري ديدار
خاصو خلقيائين خلق ۾ نور نبي نروار
سو شفاعت سائين ڪندو، امت تي اظهار
ٻيو علي شاهہ سخي جوان، دين سندو دڪوار

---

* سهراب فقير جو هن جنگ بابت هي منظوم بيان، اسان ميان دين محمد چارڻ (دادو) جي معرفت ڪمڻ فقير چارڻ کان ٻڌو ۽ قلمبند ڪيو.

تنهين جي تعريف جو شرح ناهه شمار
حيدر حمايت ڪري ڏني سنڌ ميرن کي مختيار
سي سڀ جڙيا سنڌ ۾، عامن سنڌو سينگار
بيحد بلوچن ڪيو، ٽي قابلن قرار
ڏن ڏزد ماراني ديس مٿون، ڪڍيا چور چڪار
امن ۽ امانت جو آهي هانڪن ميڙي بار
ٻه فاڻي سير فتح علي هو سنڌ جو صاحبدار
جنهن جو وڄندو هو ويرن سر نوبت نيت نقار
رکندو هو راوت سو سنڌو شوق شڪار
سو هاڻ هزارن سان چڙهندو هو دولهه دل سينگار
تنهن جي تيڪ ترار ڪٽون ٿي ڪنبيو ڪچ قندار
جنهن جو داب دهلي تڻون نه لڏيو ڪابل ناهه قرار
جيسلمير ۽ ٻوڏيپور، هوڏانهن ڪر هالار
ٻيو ڀُڄ پڄڻيءَ آتي، ڏر وڏو ڏهڪار
منڊي مڏئي ملڪ ۾، نامديو ٽيو نروار
تنهن جو ڪونڊجو ڪنداواڻ تي دارُو ڏُنڊ آنڌار
تنهن جا سوين سلامي هيڻا، سهراب چئي سڏوار
جنهن جو ايڏو هو اختيار، سو راوت ربّ رضا رسيو.

هاڻي سن ٻارهن سئو ڏوالنجه ساهه ارڙهن ۾ رهيه اظهاري
ڏاري مير غلام علي ڪي، صاحب سنڌ ڏني سرداري
شير سلامت تخت تنهن جو، بخت بلند ٿيو هسياري
زابر زور زبر سان ظاهر، سير سنڌ منصبداري
ڪوبي سان ڪرامت ڪائر، عارف اعلي ٿيو اظهاري
ڪرمعليءَ تي ڪرم الله جو، جسوت جنگ
سنڌو جهو نجهاري
شان شعور شناخت سو رهيه، ڪوبو قابل ڪلانداري
تمير مراد علي مٿن ڪن ساچو، صاحب سخن سچاري

ايئر سڏيس بهادر، بانڪو، لڇت لائق لطفداري
تياڳ تڪرار تنهين جو ٿابت، نام بلند ٿيو نرواري
جنهن جو لشڪر آهي جوانو، سڏ سيرو ۽ سنگت ساري
هوڏانهن ڏارو مير موياروء مرڪي جسو ت جوڙو ڏي جنساري
سو اڙينگ ارتل، سرجو سورهيو، ڪوهو، ڪيلي قرب قراري
تن ڪڏ سڏ جو ٿان وڏايو، هيٺ ڪئي هوشياري
تيز تڪي جا تائب تهڙا، لائق خان لغاري
آڻ ڏسي تن ڏانهي چڏي جنهن ڏي ول ڀيني ويچاري
سري ميڙ هٿا ميرن جا ديريدار انيءَ دهواري
تن سڏائي سوگهو ڪاريو، سان حڪومت حڪمداري
تڏهن ٻيلي ٻول ڪيو ٻولائي، دانهينءَ دانهن پسي پوڪاري
تڏهن لغاري لائق هليا، ويڙ چڏائن تنهن ڪي واري
آولا ٻا آئي سي الڪي، تن سرواهين ڪئي سڏڪاري
سري مڙ وڏانون ماري، ڪڙڪي ڪونڊ هنيس ڪاهاري
هن پي هنيا هٿيار هڪل سان، هاڙهي ڏني ڏٺ وڏا ڏهڪاري
هڪ ڏيو ماري ٻن ماريو، اجل آهي منهي اختياري
هيڏانهن سرين وڃي ڪيو ميڙو، هوڏانهن واهر لغارين واري
جنگ ڪنداسور جوڏنون جوڙي، ڏات جني ڪي ڏاتر ڏياري
جني آ اهڙي اختياري، سي سر سوپ ڪٽني سرها ٿين.

ڪوسي هيءَ خبر، وڃي دانهن ڏياري ديري تي(۱)
... ...
خط پرواني خوب تي ناسڻي ڪئي ٻه نظر
تنهينءَ ترت تيار ڪيا، سڏي سڀ سڪر
تن کي چاڙهيون ڏو چوي ڪوئي هيءَ ڪٺنتر:

---

(۱) هن ست کان پوءِ کي ستون ڪٽل آهن، جن موجب اندران ڪوٽ مان ڪنهن معزز يا مير صاحب جي ڪنهن ڪاردار ڏانهن سفارش جو خط ملي. ڪوسي اهو خط پهچايو. انهيءَ لکيل خط تي لامثي نظر ڪئي. بهرحال مير ٽاروخان ان وقت موجود نه هو.

تہ اردا اڪيئون انوَ ٻيرَ ٻلوچ ٻشر
تن سان تلوارن جا ڪيجو ڪونڊ قهر
سي مرڪي مرد جڙهي هليا لائق سان لشڪر
تن اڇي غازي خان لغاري سان ڪيا هل هنگام حشر
هي ڀي سڀ سچا هئا سارڏو، گل گوٹي گوهر (١)
تن ڪيو ماڳ مقابلو، ٿيو سنڇو منجهه شهر
ٿيا سڪ ٿٽ سرواهين جا، ڪڙڪيا ڪوندڪ ڪپر
هيڏانهن نوَ ماريا نرمل، هوڏنهن هارهن ٿيا هاهر
جن ڦهه ڦهه ڦهڪا ٿي وڏا، ڇهڪا سان ڇڪر
سي سوٹي ماراٹي ويا، جدا ٿين جگر
جن ڪي ذات ذني ڏاتر، سي مرسوپ ڪني سرها ٿين

—

تڏهن لکي خاص خبر، هن ميرٹاري ڏانهن موڪلي (٢)
تان قابل ڪرهه نه ڪجي، ساچا سڻ ڪ سپر
اها مصلحت اٹڪي ميڙ تون، عقلون اڪابر
جي ڀائر ڏيڀائن جو، تن کي ڪرهين ناهه ڪٹر
هوند مازي ملڪ سنڀاڻجي، ٻرائو ٻردڙ
اها سڏ سڪر، جوڙ اٹڪي ٻه جنگ جو

—

واهه ٻڏي تنهن ويڙهه، وهندو ورائي سڏکو (٣)
ته جودٹون انهي جنگ جي، ترت اٹر تدبير
جيڏي جنگ جي جگهڻون، ڪين ورندس ويڙ
تون تان پرمل ٻيڙهين جو، سڻ صاحب مير سڌير
آءٌ ٻه ٻچيندس تير، جيڪي جوان آياسُر جنگ جي

(١)

(١) سارڏو = شينهن (٢) ميرٹاري خان کي حيدرآباد طرف جي مير محمود خان جي مصلحت (٣) ميرٹاري خان جو جواب

هاڻي ميرن ميڙ موٽائي، قابل ڪڪ ڪيا ڪوٽائي
ظاهر ميرچڙهيو سر لشکر پنهنجو پاڻ ٻيو مرڪائي
سانڍچو سڙو صنوبر سورهيه، سوار ٻيادا چوڪن چائي
فائق فقيرن ساڻ فقيرن سنمکي سپ سپاهه سڏائي
ڇتو چوهڻون هليو چمڪي، نال هليو هو نام لکائي
گوهر ڪنوهر چڙهيو تت غازي، راوت رڏ هليو رنگ لائي
هڪ سهڻو، ٻيو سير جو سورهيه، کوهو ڪستوڻ ڪمٽونت ڪڏائي
سپ سوار سنگت جا سيرسان، دولهه دل چڙهن دل لائي
منزل منزل ساڻن ميڙا، ڪاهه ڪرن ڪيڪان ڪڏائي
هڪ ٻئي کي هو چون حقيقت، مڙس ڏجو ميدان سڃاڻي
اڻ جيها افضل ايمانسي، بهگڻ ٻول چڙهن ٻولائي
جوڌ سنجهان جنگ اتي جوڙي، نرڪيا نخرا ناز نچائي
نيلا نيزن سان نرسانا، تازي هليا تيز تپائي
سرخ سنجاف سينگاري سورهيه، برچا پنج ڪليان ٻڌائي
ڪيٽ ڪميت وهن تت ڪاچي، سرخ سفيد سمنڊ سڏائي
ٻور بوراق بچياڻون بلخي، عربي آبلق اسپ آڻائي
تمرنگ اتي طانوسي تڙڪي، مشڪي مردن ڪنيا سچائي
ثابت سنج نفي کي سهڻا، پاڻ چڙهيا هوشاکون پائي
تن پوشاکون کڙيون پهريون، جلمل هول ڪنڪول هلائي
سهڻا شير پٽڻ تت شالون، سرد سنڊيل پٽڻ مرڪائي
ٻسهتو ٻير، ٻچوا اسري، صاف صناف پٽڻ سانبائي (۱)
ايچڻون پيچ وجهن سر ڏيڻين، پڪا پٽ پٽڻ پهرائي
زرين ظاهر ڪن زرينا، لونگيون لعل ڪرن لڪائي
ڪنديون ڪليدن جون گهڙيون، سرڻيون پانيون تن سجائي
ڪيمخابون تت ڪرن ڪليلا، سرد سڻي ڪن سڻڳي لائي
ايلاچا اطلس عنبر سان، ريزه راز ريا رنگ لائي

(۱) اصل اڻين.

سون رتیون سرّیائون سونهن، هال رتیون هالار هوائي
تامن ڈکیو سیر هائن طرّا، جنّود کرن ۽ جنگ جگائي
ملتاني مردانیون چیٹون، چنیّون ڈکیون تن چوندائي
واهه بّنات ڈکائن ڈالهیـن، بیحد بخمل سان بنائي
کلنگیون کوڈ بّڈیون سر کوهن، سّوسیون سرخ سبز سڈائي
کانَ کمانَ هٹن کانو تا، مرد چڑهیا سي سوزا پائي
هیـّدیـّن هار بّڈا تن هاڑهن، سون سروپائون سبائي (۱)
سرس صقیلان لعل لهورو، چیلهن بّڈیون تن چوچائي
میصریون سوک کنیون متوالن، اصفهاني عرق اڑائي
جمدر جوڑ کیون جوانن، بّختا بّڑ پولاد پچائي (۲)
تت تلواریون ذات بڈاتیون، جونّهرّدار جّفت جڑائي
هٹنداسین هاڑهن کي هیکر، کیلي منجهه کیي کڑکائي
تن کنیون بندوقون بهت بداریون چڑیون چوٹ کیون چڑکائي
شّشکانیون ۽ شیر دّهانیون، رمیون راز هٹن رنگ لائي (۳)
مّٹهیون چّٹهیون کّٹهیون قاهو، وڈ ڈڑو جٹن مینهن وسائي (۴)
بل بلوچ بهادر بانکا، جلیا سي سیپ کستّون کاهي
جلد جمالي جنگ جهونجهاري، سّري هلیا مچ مچائي
نظاماڻي نامیا نـرسـل، چـل کري هلیا جـل چنائي
بّڑ باگڑائي کن پّلکارون، جود جاداٹن جس جگائي
واهه لغارن کیون للکارون، پورا پوندا پاڻ پچائي
کّرن کاه کلوئي قابل، چاک چڑهیا سیپ چونک جتائي
واهه کلیري ویـر وڑهن جا، جعفر کي مـر جس جگائي
لوحاڻي سیپ نامیا ناطق، چڑهیا چوڑنگ چستّون چائي
کیل کّنیاڻ اتي کن خاصا، کّٹهاوڑ کّنو خوب کینوائي
کورکاڻي سیپ خان کنهي جا، شوقّون آیـا شور چتائي
جلالاڻي جـوان جنگـ ۽، آڑن آیـا سـي بـر آڻائي

---

(۱) اصل ائین (۲) اصل، همدرد جوڑ کیون (۳) بندوقن جا نالا
(۴) تراربن جون صفتون.

پل بلوچ پرگڑي بانڪا، جوان آيا تت جهڙڪا لائي
چانڊيا، لنڊ، لشاري لائن رند رمت ات رس رهائي
ڪٽمٽائي بوهڙ بچايون، دل سلهن سين ديمون لائي
ڪڏ ڪوهانگ گاڏهي غازي، مڪسي آيا سولهه ملهائي
جت جوڙي سي جوان جنگ ۾، ٻيڙي آيا ٻڙڪا لائي
ڪلهوڙن ڪاهه ڪئي ٽت ڪڙڪي، جويا جوان رکن جلدائي
بانڪا مني بوزدار بهادر، ٽٽون لهنگ آسنگ آڻائي
سلوڪائي مرد مشيرا، سوڌا سنگت ساڻ سوائي (۱)
ڪوسا خان اتي مرڪيان، نيزا هٿندا نر نچائي
هي سين ارڙ آڻايو اچن، دهه دهه ديمون درس ڏيائي (۲)
تن ڪاري ٿي منڊل ڪاهو، وڏي ڪليي تي ڪاهه ڪڏائي
ميرٺاري جو ملڪ سڏاڙي، ترت وڏو تن طنبو لاهي
ميرمحمود مردانو آيو، نر آيو نريان نچائي (۳)
سانڍوصاحب سوڏوسورهيه، چڙهيو هراسان چيت لائي (۴)
ٻيو سڏير بهادر بانڪو، آڙن آيو سو ٻه آڻائي
ميراچي ات مصلحت ڪئي تان ديرو وجهو درس ڏيائي
هاتڪ ڏي تا چوڻ هلايون، راوت رازر ڪورنگ لائي: (۵)
"پانهنجه آ پترچاڻ موچارو، وڙهڻ واٽ اسان تو ناهي
سمجهه صحيح ڪر ميرموچارا، جنگ اسان ڪي تو نه چگائي"
تڏ ڏنو جواب جوانا جسوٽ، ٺارو ميرچڙهيو ٺهڪائي
تنهن سان خان هٿا سين چڙهيا، چورنگ چستون چائي
سين جوان هٿا سي سوڙهه، اچن چاهه منجهئون ڪچارائي
عبدالله خان احمدخان آيا، بانڪا پاڙ سي ٻڙڪائي
نهال خان چوهڻون آڻن، آڙن آيا سو به آڻائي

---

(۱) شايد صحيح سلوخائي (۲) هي سين = ميرمحمد خان سان گڏ حيدرآباد طرفان (۳) نريان = نر گهوڙو (۴) اصل ائين (؟)
(۵) هاتڪ ڏي = حاذق ڏي، يعني ميرٺاري خان ڏي جيڪو وڏو سياڻو آهي.

سجاول مري سگب ميلي، سرس صفيلن ساڻ ستائي
لال خان فتح خان لائق، مري آيا مولهه ملهائي
صوبدار لغاري آيو لائق، مڙهيو پاڻ وڙهيو مرڪائي
سعد خان پرڪڙي هانڪو، جوان آيو تت جهڙڪا لائي
ڏ تو جمالي جوان جنگن ۾، هياروپاڻ وڙهيو پرچائي
هيا پي سوين سپاهه وڙهي ڪن وارا، جهڪا جهڪ ڪرن چهڪائي
خدمتگار هڻا نيي خاصا، آيا سي اڻ سوٽ آڻائي
وڻڪا وير آيا تت وهلئون، گوني ويڙا گاجون لائي
وڻي شينهن اچي آڙ ويڙو، ترٽئون تير تفنگون تائي
هيجان هيڏانهن ڇيو هلائن، اڪيئون ميز چڏي سوڻائي
آڙن منجهه آسر جو آسري، ويڙا هانڪا توفون تائي
ماري مڙس وڏا تنهن مانجهي، دهرا دس هنيا دس لائي.

تڏ مير محمود پڏا تت سورچا، ڦري آيس فوجون لاهي
ظاهر پي ترڙيمڙ تڻي ڪي، هيس هڪاڙي سو ارپائي
وڙهه ويرو وڙهيو تت وهندو، ڪيهر ڪسئون آيس ڪاهي
آڻلي هيوات ظاهر آڻڪي، چهه چهه ڪن اتي چهڪائي
سور مقابل ٽيا ات مرڪي، وهندو واهه وڙهيو ونگ پائي
ٽيا امام جوان جنگن جا، ڪوڪرخان وڙهيا ڪونسائي
چئي تڪبير تني تت تيئين، لٽ پٽ لوهه هڻن لڪ لائي
هڪ ٻئي ڪي سي هڻن هميلان، لاشا لعل وجهن ليڻائي
ٽاري ٽاهه وڏا ٽي ٽهڪا، ڪوڏن ڪاهه پڏا تت ڪاهي
واهه هڻن جو سورچو ميلين، لڙن پيڙن ات لحظا لاهي
چئو چارڻ تون تن جون صفتون، سيڪنهن سورهيه سچ سهائي.

ديمي درس ٽيا دودستام ڪليون ڪڙڪ وهاون خستا
ماريو مٽ وهاوَن مستا، راوت رڪ پڏا تت رستا
ڪڙها ڪيلي هون ڪاهيئون

طاهر خان کيون ۽ طفيلان، ڪوسي ڪڙ ڪ هٿي ڪيون ڪيلان
زنگ وڏي پيو زرهان زيلان، پڙ ۽ پتنگ پيون ڪڻيلان
ماري آت وڃي ستنهن ڪايون.

طاهر تيز وڙهيو تت تائتو، غازي گڏ ڪري تت گهائتو
ويو وساڻ صقيلان سائتو، بير بهادر جنگ جٽائتو
آرڏو اڏ ڪري آلايون.

واهه وڙهن جا جنهن ڪيا وار، چهڪا چاهه وڌا تن چارا
سندس سهاڻي سي سوپارا، ڪڙڪي ڪونڊ ڪٽن ڪپارا
وهندو وڃ وجهن وهايون.

دانهن درس هٽن دودستي، ڪوپو ڪپي ڪيهر ڪستي
هتوڪ هٿي تنهن هاڙهي هستي، ماري ست مناون مستي
تائتو تيز وڙهيو هو تايون.

گوهر گنوهر چڙهيو غازي، ست ڪٽ سيف صقيلن سازي
بير بندوقن سان ڪٽي بازي، آرڏو آلت وڙهيو اغازي
عارف اڙينگ هيو الايون.

جسوٽ جلد وڙهيو تت جائي، ڪنا ڪڙ ڪ ويس تت ڪائي
سر شهيدن موت لکائي، وڙهي ورنهه وڪ وڌائي
رڻ ۽ رڏ رهي ڪن رايون.

جوان وڙهيو تت جهڙڪا لائي، اڪ ۽ اڙينگ ويو آڻائي
پيو پتنگ جان پاڻ جلائي، بانڪو هشت بهشت سڏائي
ناسيو نيڪي ويو نباهيون.

غازي خان مري موچارو، وڃ ساڻ وڙهي ڪيائين وارو
سر صقيلن جو سنڪارو، چهڪو چست ٽيو چوڏارو
ورنهه واهه وڙهيو وڪ وارو، غازي گڏي تني ڪي گهايو
ڪونڊ مڙئي آت چهه چهڪايون

عارف عقل ساڻ آلايون، مري مرد وڙهيو مرڪايون
غازي خان تنهن تي گهايون، سهڻو شير شهادت پايون
جعفر خان ڪليريءَ ڪاهيو، نمڪ جو جنهن نڪ ملهايو
هرڻون پير اڪيڻون ٽي پايو، ڇڪو ڇست هڻي ڇڪايو
ورڻهه واهه وڙهي وڏ گهايون.

ڪيهر ڪوند آتي ٿي ڪٽا، پارا پهل وجهون تنهن پٽا
نامي نسنگ هٿون لڪ لٽيا، جستون چشت آتي ٿي چٽا
مڙي ڪليري ساڻ ملهايون.

ميڙهشاهه سهايون مارو، ڏوڪن ڏار وجهيو تن ڏارو
نامي نيكيءَ ننگ نهاريو، اڪهه اڙڻگ وڃو الايون.

ڪوڪرخان وڙهيا تت خاصا، سورهيه شير ڪٽن شاباسا
رڻ ۾ رت پرياتن هاسا، جن مقابل هنيون مٿايون.

ٻيڙو ٻول وڙهيو هولائي، نهرو نامي نسنگ نوائي
بهادر بان نشان بچائي، مهل وڙهيا ات مچ مچائي
رڻ ۾ ريلا پاڻ رچايٿون.

رتو راض وڙهيو رنگ لائي، ڪيهر ڪست سنجهڻون پيو ڪاهي
فوجون ڦاڙ وجهي ڦهڪائي، چتو چوهه هليو چمڪائي
مڱ وڙهيا سي پاڻ مرڪايٿون.

فتح خان آتي ڦهڪايون، ڪوهي ڪوند اتي ڪڙڪايون
مصريون مڱ هنيون ۽ مٿنهايون، لاشا لال وجهن ليٽايون
سڀا شير شهادت پايٿون.

ونگ ونگارو وهنگ وهائي، شير شمشيرون ڪوپو ڪاهي
تنهن ڪي ٽپ ڪيا تنهن ٽاهي، ڪٽا ڪوڪر پيا ڪينوائي
واهه وجهن سي جلد جلايٿون.

ڪوپر ڪڙڪ جتان آت ڪٽن، پارا پهل وجهون جت پٽن
نامي نسنگ هنيو لڪ لٽن، چورنگ چست اتي ٿا چٽن
ڏهرا دست هٽن ڏپايٿون.

کمال خان کلیري کڑکیو، سورهیه سیفن سان ٹي سرکیو
انکیون اڏ کیون ٹي اڑکیو، غلام الله ملوٽت سڙکیو
جهور جهکور کنگور کڑکیو، تائو تیز وڑهیو تت تایون.

جهان خان جوان لغاري جلمل جن کنیا جونجهاري
جهڪا جوڪس ڪري جوڌاري، کهي هول کنگول هزاري
کوهو کڙهه کلي ڀر کاهیون.

خیري خان کیا تت سڏکا، لغاري لایا جوڪس جڏکا
قهه تي قهه وڌا ٽنهن ڏڪا، لوهڙو لعل کیا تت لڏکا
شیر شهید کیو سر سهیون.

وهه وهه واهه وڑهي کن وارا، کڏن سڏن کوند قرارا
ماریو وڃن موت ڪقارا، کوند کڏا تت قرب قرارا
جودئون جود وڑهیا جنگ لایون.

واهه ولي محمد جت وڑهیو، جنگ ۾ جوان غازي تت گهڙیو
قهه قهه قیهه وجهي وڌ ڏڙیو، سڏو سٽ سڏن کي مڙیو
بیحد باڙ بندوقین لڙیو، نامیي لحظي کیون لڙایون.

لائي لغاري کیا وهه وارا، غلام الله وڌا گلزارا
وڌا شیر ٿئي سڏکارا، ڏنگ کهي کیا ٽنهن ڏڏ کارا
غازي گهوڙ وڃي تت گهایون.

شیر وڑهیو سهراب سوائي، جنهین جوهر خوب کنوائي
راوٽ ڙڏ ٽیا رڻ وائي، واهه ٻوهڙن خوب بچایون.

عالم شاهه سید سوپارو، وڃ ساڻ کیو جنهن وارو
سورهیه صفیلن سان کیو وارو، محب مري ٽیو مڳ متارو
جنهن جوانمي جس جڳایون.

وڏو کرم علي رند وروڏائي، کیهر کست منجهئون پیو کاهي
مهرا سٽ کیون ڪڳ کائي، ستو شیر شهادت پائي
پیا پیوه پتنگ جان پاڻ جلایون.

غلام علي مرزو رند حيدر، هٿي هٿيار سجا ٿيا سپر
ڪُهن ڪوند اتي ٿا ڪيهر، ونگا ويڑ وجهن ٿا ويهر
ڇڪا ڇڪ وجهن ڇڪارو، گل محمد محمد خان مارو
تائن تيز هنيو تڪرارو، وَڏئون وَڏ وِڪائن وارو
ڪڙڪيو ڪوند ڪٽن ڪاهارو، دانهه درس هٽن دل لايون.

خيرو خان جمالي جنگي، ناهر نسنگ وڙهيو تت ننگي
راوت رت منجهئون ٽيو رنگي، ترت ترارن جي ڪئي تنگي
ڦٽڪا قاڙ وجهن ڦهڪايون.

اميدعلي اتي اچي انڪيو، قابل ڪوند ڪهر جان ڪڙڪيو
ٻورهيه سيفن سان جٽن سرڪيو، هيبت ماڻهه وڙهي ٿي مرڪيو
مصريون سرد هٽن مٿو نٽهايون.

حيات خان هٿو حسميلان، ڪوسي ڪڙڪ هٽي ڪيون ڪيلان
بهادر ٻڌ اتي ڪيون ٻيلان، محمد خان ٻڌا تت ميلان
نامي نسنگ وجهن نر ناينون.

جنگ جمالي جودئون جوڙن، مصريون ماڳ مٽهايون موڙن
ٽيڪان مار تتان آت ٽوڙن، ڪنان خان اتان آت ڪوڙن
واهه جمالي ڪن جلدايٽون.

شيرخان آنڪيو شير ٻهارو، فتح خان وڏو ڦهڪارو
چاڪر دودي وڏو چهڪارو، سونو عرضي جيئو جهونجهارو
چاڪ وڙهيو تت ڇڪا لايٽون.

ٻيا ڪٽياڻ اتي جنگ جوڙي، ڪنان خانن وڏا ڪوڙي
موسو مٽهين مور نه موڙي، واهه اسماعيل وڏو ولوڙي
قابل ڪوند وجهن ڪيرايون.

جوان خضر ٻيو جنگ ۾ جائي، جيري جوان وڙهي جنگ لائي
قوس ڪٽياڻ خوب ڪينوائي، جن سٽوڻا ڪيون سرسايٽون.

کھاوڑ کیل کیون ات کھیلان، زنگ چنان ۽ زرهان زیلان
اڑ ۽ پتنگ پئي کیون پیلان، تائو ترت کیون ۽ تفیلان
لائق لڏیون رڻ ۽ لانئون.

بهادر ٻیل کئي تنهن ٻیلي، هنیون تراریون مڳ جان مهیلي
رڻ ۽ تڙڦي هیو طفیلي، وڏو بندوقن رڻ ۾ ریلي
جوان وڙهیا هولد جند جلایون.

عزت خان آیو ات آسري، دانهن درس وهائي دسري
نامیي نسنگ هنئي ات نسري، ماري موک هنئي ات مصري
سري سوت پنهنجو سرکایون.

آدم خان کوهو هیو کاهي، اڙن ۾ اڙینگ آڻائي
سري محراب وڙهیو سرکائي، ستو شیر شهادت پائي
سانڃن ثابت هنیون سرواهیون.

سري مڳ هیا مردانا، خاني خان وڙهیا وچ خانا
جن لائق سرناما، سرید پٽ هیا پروانا
ڏوکي ڏار وجهن تت ڏایون.

کاهه لقیرو هیو واهه واري، سنگت منجهه هیو سو باري
مصریون مڳ هنیون تنهن ماري، دانهن درس هیو دلداري
هانکو پڙ وڙهیو پڙکایون.

کوهو کاهه وڙهیو تت کاهي، اڙن ۾ اڻ سوٽ آڻائي
قابل کوند هنیو کڙکائي، جنهن ستوٽا کیون سرسایون.

ڏئي آهه ڏتو پڙ هانکو، دولهه دست وڏو تنهن ڏاکو
ست قت شیر وڏو واهه واکو، جهڳ مڳ جوڙ جهگوڙ جهڙاکو
وهندو وجهي هن به وهایون.

گل محمد مگسي مارو، ڏاتو ڏار وجهي تت ڏارو
نامیي نمڪ جو ننگ هاریو، پتنگ وڙهیا پهچي پٽ پایون.

جعفر خان کلوئي آيو، باگي پائڻ کي ويڙ کايو
سنگت فقيري ساڻ سوايو، سورهيہ سڏ ڪيون سرمايون.

سوين سپاهہ وڙهي ڪن وارا، ڇڪا ڇاهہ وڏا تن چارا
شير وڙهيا سي سخن سچارا، رڻ رهيا سيّ رت وهايون.

پيا جي هوءَ آيا لڳيي لاٿي، سيڪو پنهنجو قدر سچاڻي
پير پنهنجا ڏو هرڪوئي چاڻي، ڪهڙي ڪالهہ ڪيان واکاڻي
ليکا مورن منهن لکايّون.

ڏاري ڏاهہ وڏا تنهن ڏهکا، ڏني ڏت وڏا تنهن ڏهکا
چورنگ چست وڏا تنهن چهکا، آگي اڏ ڪين آڏلايّون.

ڦهہ ڦهہ ڦاهہ جڏان ات ڦهڪن، لاون لحظي دي وچ لهڪن
چمق چست چوڏاري چهڪن، دلمل دست دپايون دهڪن
ڪنڙهہ ڪيي ۽ پون ڪاهيّون.

ڇهڪا ڦهڪا ٽيا چوڏاري، ڪڙ ڪيون ڪان لڳن تت ڪاري
ڪوند ڪرن ات هفت هزاري، ڇنڪيا بان اتي ويڙ ڪاري
دُهرا دست هٿن دپايّون.

ڪهڳل ڪوچ ٽيو ڪيڏارو، دارون ڏند ڪيو ڏ نڏ ڪارو
رڻ ۽ رڏ وڙهي ڪن وارو، سورهيہ سيڻ سان سنڪارو
ڇهڪا ڇهڪ وجهن ڇهڪايّون.

ڇٽو سهراب تني جو وارو، ويڙ ۽ پتنگ ڪرڻ هوڪارو
ڇنڪيا موت نقارا مارو، سورهيہ ساڪ هٽي ڪن سارو
زنگ هٽن تت زور وهايّون.

زابر زهوان چاون زيلان، ڪنهي ڪوڙ اٿان ڪن ڪيلان
هاڙهي مارن تت حميلان، رهہ رهہ ريچ ٽيا تت ريلان
خانا خان وجهن تت ڪايّون.

کوپر کرنگھ، جتان رت کتن، پارا پھل جتان ات ہتن
نامیا ڈسنگ ھنیو لک لتن، لت پت لال لھو ۾ لیتن
کڑھ کیلي ۾ پون کاھیون.

جھان جھان جھور جھکور جٹنباوَن، کھ، کھ، کونڈ
کھیو کیرائن
وھ وھ، ویر اٹان ورکاون، کوپر کرپ کلنگ کیرایون.

دھ دھ دس ھٹن سي دھرا، مھ مھ ملھ ٹیا تت مھرا
لایون لال لیکن لھرا، غازي گل ہڈن تت گھرا
بیحد بانَ نشان بچایون.

پڑکیو باز ڈیوَن پاکاري، کٹن ستن کونڈ قراري
سر شھیدن موت پکاري، مرکي موڑ ہڈن مٹیاري
جوان وڑھن جت جنگ جٹنبایون.

ٹازي کٹي ٹاھ، سا سیف صلاح، رتا رڻ ۾ راھ
چھکیو وجھن چاھ، اتي دلخواھ، کیل کیلن اتي خان خماري.

سندس جو سپاھ، وڑھیا اتي واھ، چھکي اٹیا چاھ
اتي دلخواھ، کیل ملنگ اٹي امیر انباري.

سي پاون ھول، اٹان کن پول، کپي کنگول
کوڏیا کن قول، جودٹون وڑھیا نت جوان جونجھاري.

رڻ ۾ ڏنیو رڏ، ہیو تن سان گڏ، سورھیہ کن سڏ
ماري پچن ھڏ، سیر مٹن کندو کون میاري.

کیلي ان کبیر، چٹي تکبیر، وڑھیا تت ویر
لکین تقدیر، مرن مھمیر، جو کڑھ کیلي ۾ پون قھاري.

دلو یگو دت، رڻ ۾ ڈسي رت، اٹان چوڑیس ست
ٹیو ہي ھمت، سوئي کائي پت، جي ہا ھر پٹاکھٹندو ھوکراري.

اتي بچل جي شاهه، گهوڙي ڪئي ڪاهه، ما سيف صلاح
رميو اتي راهه، ميرن جو سياري.

هيڏنهن سي شير، جي دل جا دلير، سيڪو سڏ ڪلير
ڪيو ڪن ڏير، جو ڦهه ڦهه ڦاهه وجهن ڦهڪاري.

ڇڪاون چوٽ، اٽان اڻ سوٽ، ڪراون ڪوٽ
جوڙيو جنگ جوٽ، سي ڪوند قزاق هاٽڪ هزاري.

وڙهيا جت واگهه، سي ڪوند قزاق، هاڙهي وجهن هاڪ
ڇهڪي وجهن چاڪ، سي سورهيه سخي سخن سچاري.

ڪن سورهن سينگار، گلي گل هار، ڪليو ڇڻ انار
جنگي گل جوان آڻن اختياري.

اتي اڙبنگ، خاطو تم خنتنگ، هون پتنگ
وڙهيا پائي ونگ، ڪپن سڻن ڪلي ۽ قهاري.

ڏوڙي وڙهيا ڏوڙ، ڪني ڪيائون ڪوڙ
پڏائون موڙ، جڏا جنگ جوڙ، ڪٽي سوپ ساري.

ڪٽي جنگ جڻ، مٽيارا مرڪن، ڪپا ڪٽڪن
قٽيا ڏڙڪن، ڪلهون ڪهن، چڻي سنگت سوپاري.

۱۲- نوحاڻين جو جهان خان پرڳڙي تي حملو

نوحاڻين اهو حملو ۵ محرم سنہ ۱۲۱۲ھ ۾ جهان خان جي ڪوٽ ۾ سندس ڪوٽ (حويلي) تي ڪيو، جنهن ۾ جهان خان وڏي بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو.

اول جمالين ۽ نوحاڻين جو جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ جمالي پڄي نہ سگهيا سو وڃي جهان خان پرڳڙي کي دانهيائون. جهان خان ميرصاحب جو ساسو هو. هوسڙي واري جاگير سندس هئي، ۽ 'جيوڻ شاهه' جي تکيي جي ڀرسان سندس حويلي ۽ ڪوٽ هو. پر وڏي ڪالهه تہ جهان خان سرڪش ۽ سورهيہ مڙس هو. هر دانهيءَ جي دانهن اوتائيندو هو، ۽ هيٺن جي مدد ڪندي پراڻي جهيڙي ۾ ۽ گهڙي پوندو هو ۽ خود پاڻ ڏر ٿي ٻيهندو هو.

جمالين جا ماڻهو ماريل هئا، سو انهن جي هلاند لاءِ جهان خان جمالين کي ساڻ ڪري چڙهيو. نوحاڻين کي خبر پئجي وئي سو لشڪر گڏ ڪيائون. جهان خان اتان مڙيو جو گهٽا ماڻهو مرن ها. بلوچن جي ريت موجب، ويرِ اوترو پاڙبو جيترو هوندو. نوحاڻين اوچتو مٿان پئي جمالين جا ٿي ماڻهو ماريا هئا، انهيءَ ڪري نوحاڻين سان ٻہ اوتروئي هلاند ڪرڻو هو ۽ نہ وڌيڪ. اتي رکيي پرڳڙي، جهان خان کي خبر ڏني تہ ٻہ نوحاڻي پائر ڏرو ۽ دولت فتح باغ وٽ جدا ويڙل آهن. هوءَ جهان خان اوڏاهين اٽليو، ۽ دري ۽ دولت کي وڃي چتايائون تہ مڙس ٿيو جو ويرِ پاڙڻ آيا آهيون. ان وقت وٽن ٻيڙي معرفائي چاندبي جو پٽ مهمان هو. هي ٽيئي مڙس مقابلي لاءِ اڻيا پر مارجي ويا. مڙسن جي ميار رکيي پرڳڙي تي رهي جو جٽوئي (چٽغلي)

ڪنيائين. درو ۽ دولت ٻئي رامين (پٽ جلّوَ جو) غلاماڻي جا سڏ هئا، هر ڪاوڙجي وڃي فتح باغ ويٺا هئا. رکيي پرکڙي جي ساڻن سنگت هئي، هر هن کين خاطري ڏني هئي ته جمالين جي پاران سندن وار نه ونگو ٿيندو.

دري ۽ دولت جي مارڻ ڪي نوحاڻي اچي تڏا ته جمالين ٻدران هاڻي سنڌون سڏو جهان خان کان ويرو ڏنداسون. نوحاڻي گهٽا حيدرآباد جي لشڪر ۾ هئا، ٻيا ميرن صاحبن جيءَ نوڪري ۾ هئا. رامين خان خود ميرصاحب جي حاضري ۾ هو، تنهن دانهن ڪئي ته جهان خان جمالين جي جهيڙي ۾ پئي اسان جا مڙس ماريا آهن. هاڻي اسان جو مقابلو سنڌون سڏو جهان خان سان آهي. ميرن جو دستور هو جو راڄداري فيصلو ڪندا هئا ۽ راڄن کي پاڻ ۾ وڙهڻ نه ڏيندا هئا، سو رامين کي منع ڪيائين، ۽ چيائين ته عيدالضحيٰ گذري ته فيصلو ڪنداسون.

عيدالضحيٰ اچڻ واري هئي جو ميرصاحب جا نوحاڻي نوڪر ۽ سڀاهه موڪل وٺي ڪوٽ روانا ٿيا، پر رامين جو رخ ڏسي ميرصاحب ڪيس پاڻ وٽ جهلي ڇڏيو. ٻئي طرف جهان خان ڏانهن ماڻهو موڪليائين ته پنهي کي روبرو ڪري فيصلي لاءِ تاريخ مقرر ڪجي. جهان خان آيو ته رامين اڳ ۾ ڪچهري ۾ ميرصاحب آڏو ويٺو هو، ۽ جهان خان کي ڏسي سڃن تي هٿ هنيائين. تڏهن ميرصاحب گهور وجهي ڏانهس نهاريو. جهان خان به ٽورو ويهي اٽيو ۽ فيصلي لاءِ چيائين ته جڏهن ٿيو تڏهن ڏسنداسون. تنهن تي ميرصاحب ڪيس آگاهه ڪيو ته: تيستائين پنهنجو خيال رکج، ستان نوحاڻي توسان پلئه ڪن. جهان خان ارڏو مڙس هو، تنهن رامين ڏي نهاري چيو ته: ريڍر کهڙو پلئه ڪندا. اتي رامين ٽپ ڏيئي اٽيو ۽ هوڏانهن جهان خان ترار ڪڍي، پٺ ميرصاحب وچ ۾ پئي جهليو، پر جهان خان جا ٻانهن

ورائي ته ميرصاحب جو تاج کيري ويو. ميرصاحب انهيءَ ڏينهن توڙي ٻئي ڏينهن غر ۾ ويٺو رهيو، ۽ رامين ۽ ٻوءَ پگهار وٺي عيد لاءِ موڪلائي روانو ٿيو.

رامين جو ميرصاحب کي غر ۾ ڏٺو سو پانيائين ته جهان خان کان ناراض آهي. هي جو چڙهيو ته پنهنجي ڪوٽ ڪوٺ ويو، ۽ سڏو آيو "ڪنگوري" لڳ هيسب خان وٽ، جيڪو ان وقت نوحاڻين جو پگدار هو. هن ماڻهو موڪليا ۽ سڀ نوحاڻي اچي گڏ ٿيا. ٻوءَ خود جهان خان کان پلڙ وٺڻ جو ڦيصلو ڪياٽون ۽ ان لاءِ سنبت ڪياٽون. هڪ سؤ مڙس نوتڪي خان سنجراڻي (نوحاڻين جو پاڙو) سان حيدرآباد روانا ٿيا ته جي جهان خان اتي عيد جي ڏينهن اچي ته مارينس. باقي ٻيا مڙس غلاماڻي، هيسباڻي، سيرياڻي ۽ سنجراڻي پاڙن سان رامين ۽ هوت خان جي اڪواڻي هيٺ جهان خان جي ڪوٽ تي ويا.

پروچن جي جنگ جي رسم هٿي ته ٻولائي وڙهن، سو پهريائين جهان خان جي ڪوٽ جو گهورڙيو واڻيو تنهن کي ٻاهران ڦري اساڻيائون ۽ چياٽونس ته: اسين نوحاڻي آهيون. وڃي جهان خان کي دانهن ڏي ۽ ٻڌاءِ ته اسين سندس مهمان آهيون. واڻيو دانهن کسڻي ويو ۽ جيئن چياٽون تيئن وڃي چيائين، پر جهان خان هن جي ڳالهه کن ئي کانه لاڻي. ٻوءَ نوحاڻين ٽارو چانڊيي (ٻيڙي معرفاڻي جي ٻٽ کي جنهن جو ٻاڻ دري ۽ دولت سان گڏ ماريو هو، ۽ جيڪو ٻاڻ جي ويرِ وٺ لاءِ نوحاڻين سان گڏجي آيو هو) کي چاري ڪري موڪليو ته جهان خان کي ڏسي اچي ته ڪٿي آهي ۽ ڪوٽ ۾ اندر ٽپڻ جي واهه جانچي اچي. هي جو اچي ڪوٽ جي چوڌاري ڦريو ته ڪيس جهلي وڌائون ۽ جهان خان جي آڏو آندائون ته هي کو جانچوس آهي. جهان خان پڇيس ته چانڊيي سچي کانه ڪئي، تڏهن حڪم ڏنائين ته هن کي ماريو.

اهو ٻڌي هن چيو تہ: منهنجي مٿي چانديا ٽورا ڪين ٽيندا، هر نوحاڻي جي تنهنجا گهورا آهن سي توکي اڄ ڪ سيان گڏجن، تون انهن جو ڪو جتن ڪج. اتي جهان خان چيو تہ: هاڻي جيڪي چوي ٿو سو سچ ٿو چوي. مڙس کي چڏي ڏيو تہ جيڏهن جو آهي تيڏهن وڃي. ٻارو چانديي موٽي اچي سڄي خبر ڪئي ۽ ٻڌايو تہ: ڪوٽ جي ٻاهران هڪ شاهي اروڙي آهي، جنهن تي چڙهيو تہ مٿان ڪوٽ جي چوٽي ۽ هٿ پڇجي ويندو ۽ مڙس اندر ٽپي پوندا.

هاڻي جڏهن نوحاڻين کي پڪ ٿي تہ جهان خان کي جاڻ ٿي چڪو، تڏهن سانجهيءَ ڏاري وڃي ڪوٽ تي ڪڙڪيا. گبر خان نوحاڻي ايندي ئي بندوق چوڙي تہ پل جهان خان سڃاڻ ٿئي. سمي غلاماڻي، جهان خان جي اوطاق جي ٻاهران اچي ٻلوچڪي جنگ جو 'شعر' هنيو(۱). جهان خان اڪ اندر ڪوٽ ۾ داخل ٿي چڪو هو، ۽ جيئن تہ مڙس وڏو دلير ۽ بي‌پرواهہ هو، سو خبرن ملڻ تي ۽ مقابلي لاءِ سورچا پوريءَ طرح ڪونہ ٻڌائين. ٻيو اتفاق اهڙو ٿيو جو جهان خان اندر ويو تہ ڪوٽ وارو دروازو پوريءَ طرح بند نہ ٿيو ۽ هڪ طاق کليو رهجي ويو. ٻوءِ هڪڙا نوحاڻي وڃي دروازي مان اندر گهڙيا، تہ ٻيا وڃي ڪوٽ جي مٿان اندر ٽپي لاءِ اروڙي تي چڙهيا.

دروازي وٽان جيڪي گهڙيا تن جي اڪ ۾ رامين هو. انهن سان آڏو مڙسن مقابلو ڪيو ۽ جهان خان رامين کي ماريو. ساڻس گڏ جاني غلاماڻي ۽ ماريو. اروڙي تان اڪ ۾ حيدر سحاقاڻي(۲) وڃي ڪوٽ تي آڇائيو، ۽ پويان ملهڻ محمو داڻي ۽ ٻئ هوس. تنهن ڇيس تہ: 'اندر ڪوٽ

---

(۱) بلوچي ۾ 'شعر' معنيٰ 'جنگ جو شعر' يا جنگي 'رجز'.

(۲) يعنيٰ اسحاقاڻي ٻاڙي' مان نوحاڻي.

ڀ ٽپ، نہ تہ جاءِ ڏي[1]. حيدر چيو تہ: "جاءِ کونہ ڏيندس. ٽپان آءٌ ٿو ٻاقي منهنجي مٽ جو وارو وڙجان[2] (يعني تہ آڏو هو مون تي وار ڪري تہ تون سپر ڏيئي جهلجان). ملهڻ چيو تہ: "واهہ جو وارو وڙندس[3]. اٽين مڙس ٽپي پيا، ۽ نوحاڻين کي دروازي ۽ ڪوٽ تان ٻ-طرفي حملي جو وارو ملي ويو.

ٻر جهان خان وڏيرو دلير هو سو دهليوئي کونہ. دروازي وارن کي چوٽ ڏيئي وري اچي ڪوٽ وارن کي سامهون ٿيو. ٻنهنجن مڙسن کي جيڪي نوحاڻين کان ٽورا هٽا، همٽايائين ۽ ٻچون ڪيائين. پاڻ هڪلون ڏنائين ۽ جلهون ڪيائين. ٽيٽ هڪل ڏنائين تہ: "هيسب خان ڪٽي آهي، منهنجو مٽ آهي ۽ ميدان ٻر اچي[4]. هيسب خان کونہ هو ٻر سندس ٻاڻ هوت خان سامهون هو، جنهن جواب ڏنو تہ: "هيسب خان آءٌ آهيان، جهان خان هليو آهي[5]. تڏهن جهان خان وک وڌائي چيس تہ: "ٻروچ، منهنجي اڳ آيو آهين، سو مهماني جو اڪ ٻ وارو اٽئي[6] (يعني تہ ڀل اڪ ٻ تون مون تي ترار جو وار ڪر). هوت خان وڌي وار ڪيو، ٻر جهان خان جبل هو، رکيو سپر چنڊيائين ٻر مڙس چڙيوئي کونہ. ٻوءِ جهان خان وار ڪيو تہ هوت خان سپر آڏو ڏني، جيکا ڏڪ سان اڙي اچي سندس متي ٻ لڳي، ۽ هو ٻاڻ ٻوٽي ڙهي ويو. جهان خان ٻريان چوٽ ڪيس ۽ ماريس ها، ٻر هوت خان جو ٻاڻ جعفرخان جيڪو ٻنهنجو مٽ ماري ٻيٺو هو، تنهن تڪو ڏي اچي پاسي کان جهان خان تي وار ڪيو ۽ سندس ڪيڙي (سپر) واري ٻانهن ڪٽي چڊيائين (ڏڪ سان وڄي ويئي)، ساڳئي وار ٻ هيڏان وري سڏري (ٻيري ترار) ڪري پيءَ ٻانهن ٻر هنيائين تہ جهان خان جي ٻانهن مڙي ويئي. ٻوءِ ستان ٻيو وار ڪري اها ٻانهن وڍيائين. ٻوءِ جعفرخان هوت خان کي چيو تہ: "اچي ماريئس جو

تنهنجو مٽ آهي" (١). ائين جهان خان ۽ ٻيا تيرهن مڙس پرڳڙي ڪوٽ اندر ماريا.

جڏهن جهان خان ماريائون تہ اندران زوج ٽيو ۽ اوسارو ڪنيائون تہ:

"جهان خان، خان آها"
"ڪٽيرين ماريا، خان آها"
"ريڙهين ماريا، خان آها"

جهان خان جي ماڻ وڏي حوصلي واري مائي هئي، ٽنهن منع ڪئي تہ ائين نہ ڇڻو، ڇڻو تہ:

"خانيين ماريا، خان آها"

اتي جعفرخان هليو آيو ۽ چيائين تہ: اڃان اسان جو ڀاءُ رهيل آهي سو وڃڻ ٿو اڇان. جهان خان جي ماڻ پڇيس تہ: باقي ڪهڙو ڀاءُ رهيل آهي؟ چيائين تہ: دولت خان جي ماڻ اڃي وڃان پئي هئي تڏهن جهان خان جي بندوق جو ڪُنڊاڪ مائي کي لڳو هو، سو جهان خان جي ماڻ ڪئي آهي جو اهو ڀلائڊ ڪرڻو آهي. تڏهن مائي چيو تہ: اها آڳ آهيان، ۽ آڳ اڇان ٿي. جڏهن مائي آئي تہ: جعفرخان مٿي تي ادب وارو هٿ رکي، ڪُنڊاڪ ڪٽي ڦٽيءَ تي ڇڏيو.

رستم خان پرڳڙي نوجوان هو، سو ڪنهن محبت ۾ گرفتار هو ۽ ڪوٽ کان ٻاهر ڪٽي ٻاسيرو هو. نوحائين ميدان ماري بندوقن جو دس چوڙيو ۽ پوءِ وڃي گهوڙن تي چڙهيا. رستم خان اهي ٽڪاڻ ٻڌا ۽ ٽپ ڏيئي اٽيو. تڏهن چيائونس تہ: توکي ڪنهن ڏٺو تہ ڪونهي، تون چو ٿو وڃين. جواب ڏنائين تہ: تو تہ مون کي ڏٺو آهي، سڀاڻي تون ئي چوندئين تہ آڳ ٽڪاڻ ٻڌي ويهي رهيو هوس. سو بندوق ڪنيو ڊوڙندو

(١) دستور هو تہ مٽ مٽ کي ماري. اهو وڏو عيب ۽ وڏي گلا هئي جو ڪو گهٽ ماڻهو ڪنهن ٽالي واري مڙس کي ڏڪ هئي ماري.

آيو ۽ نوحاڻين کي هڪل ڪري چيائين تہ، اڄان آءٌ جيئرو آهيان، مقابلو ڪري ٻوءِ وڃو. اڻين چوڻ سان، سامهون گوڏو ڪوڙي هنن تي بندوق سڌيائين. اتي ڪن ڇيو تہ ڇڏا ٿيو، نہ تہ هڪ ڪان ۾ مڙس ماريندو. ٻين ڇيو تہ مڙس يڪي سر آيو آهي، ڇڏيوس تہ اول وارو وڃي، هڪ مٽي ٻاڻ ٿورا ڪين ٽيڏاسون. تڏهن سعيد خان سڃاڻائي جيڪو سکهو ڇوڙي-ٻٽ مڙس(۱) هو، تنهن ڇيو تہ: آءٌ ٽو مڙس کي سامهون ٽيسان: آءٌ سندس سٽ آهيان، پل تہ مڙس وارو وڃي. اڻين چٽي تراز ڪيي مٿس ستوڙهہ ڪيائين. رستم خان بندوق هنيس تہ ڪانءَ سيني مان نڪري ويس، ۽ ڇيائين تہ گٽو آهين! رستم خان چيس تہ: "آءٌ گٽو ڪونہ آهيان ۽ هوئي هڪڙو" (يعني تہ ڪانءَ هٿوئي هڪڙو، ٻيو آهي ڪونہ جو هٽان). اڻين چٽي بندوق ڪٽي اڇلياٽين ۽ سعيد خان کي سامهون هٽ نہ واريائين جو مڙس ڪانءَ جهليو ٽي آيو. سعيد خان اڇي تراز جو وار ڪيس ۽ هيڏانهن رستم خان وڃي ڪريو تہ هوڏانهن سعيد خان وڃي ڪريو.

نوحاڻي، جهان خان ۽ ٻين کي ماري هليا ويا ۽ ٻويان ٻيو کو ياڻي يا ساڻي ڪونہ ٻچيو هو. جهان خان جي والده ٻوءِ چڙهي وئي حيدرآباد. جڏهن اها خبر-اتي پهتي تہ مير صاحب سخت ڪاوڙيو تہ نوحاڻين ڏاڍائي ڪئي آهي. ٻوءِ حڪم آيو ۽ نوحاڻين کي گهرايائون. سڄي راڄ مان ست ڇٽا چونڊ ويا. مير صاحب جي خاص ڪچهري ۾ هرڪو هٿيار چوڙي ٻوءِ اندر ويندو هو. نوحاڻي ٻہ دستور موجب هٿيار چوڙي اندر ويا، ۽ ان ڪان اڳ مير صاحب ڪچهري مان اٿي ويو هو. ٻيا جيڪي هٽا تن رٽ ڪري ڇڏي هٽي ۽ ماڻهو ٻيهاري ڇڏيا هٽا تہ جڏن ٿي نوحاڻي هٿيار چوڙي حاضر ٿين ۽ ويهن

(۱) چوڙي ٻٽ=اهڙو سکهو جو ڪل ڏور جي ٽنگ مروڙي چڪي ٻڌي ڪيي.

تہ کٹي ڏڏجوڻ ۽ پوءِ ماري چڏجوڻ. سو هي جڻن هٿيار چوڑي آيا ۽ اچي ويڻا تہ کين کٹي ڏڏانون ۽ پوءِ ٻڏل مڑسن کي مارڻ لاءِ ٻاهر کڻيائون. جهان خان جي ساءِ جيڪا اندر هئي ۽ فيصلي جو ٻڌي ٻچيائين، تنهن کي خبر پئي تہ سٽ نوحاڻي آيا جن کي ٻڌي ٻاهر کڻيو اٿن تہ انهن کي مارين. مائي وڏي مرداني هئي، تنهن چيو تہ: ٻڏل مڑسن کي مارڻ سان جهان خان جو بدلو کونہ ٿيندو. مائي ڊوڑي ٻاهر لڪتي ۽ سڏو هلي آئي. تيستائين پنجن مڑهن کي ٻورو ڪري چڏيائون جو مائي اچي وڃان ٻئي ۽ باقي ٻن مڑسن گبرخان ۽ شير خان کي ٻچايائين ۽ چڏايائين.

هن مقابلي تي ٻانڊي فقير ڪيو، جيڪو ان وقت ٽنڊي باگي لڳ "ڪاڪ" جو ويڻل هو ۽ پوءِ مال ڪاهي اچي نوحاڻين سان گڏ ويڻو، بيٺ چڱا، جن مان کي دستياب ٿيا، جي هيٺ ڏجن ٿا* ظاهر آهي تہ فقير اهي بيٺ نوحاڻين جي طرفان چيا.

رامن خان روان ڪيو چانڊيون سان چاري
ٻهڳڻ پٽ ٻيڑي جو ٽارو عيتباري
چانڊيو چارالي آئيو تہ سوپ اٽو ساري
هو اچي ڪڑڪيا ڪوٽ تي هام ڀري ڀاري
غوث پير گودڑي هن تي ڌار چگي ڌاري
سا پنجاهين ٻاري، جا ڪري چڑهيا هٿا
ڪنب مان (۱).

چانڊيو چاري جنگ جو، واقف ٿيو ويهي
نر نوحاڻي نيش هٿا نٽليءَ جا نيهي (۲)

---

* اهي بيٺ شاه محمد خان نوحاڻي جي ڳوٺ ۱۴ مارچ ۱۹۶۸ع تي کيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا (۱) ڪنب = هڪ ڏورو جو غالباً "ٻرڻ" جي چاڑهہ، جنهن کي "قتيي جا ڪنب" ڪري چون، جتي نوحاڻي ويسٽل هٿا (۲) نڙ ۽ نيش = همت ٻريا، وڏي طاقت وارا، للي = نوحاڻين جو اصلي قديم ملڪ.

مَلهي آيا مينهن جيئن، پاڻي جيئن ٻهي
ڪوٽ قذاق ٽپي آيا، آڙ ٻڌي ايهي
ڪاڻ اڪريان ڪيهي، هٿن جي واجب
ويرونءَ جي.

رامڻ رڙڪو مَنڊيو، زور ڀلي پائڻ
چڙهيو ڪوٽ ڪميت تي سَر سورو سَرتن
حويليءَ ۾ هٿل ٽيو ڪيو راگاٽو رندن
هٿي ڪڙهه ڪاڙهو ڪيو، ساندهه سراٽين (۱)
مٿو پٽ مراد جو هو سنجراڻي ساڻن (۲)
واريو ويرو وڃن، دُرّي دولت خان جو (۳).

جهان خان جبل ٽي سنڊ ۾ ساماڻو
آڏكيو ٽي پيٽ ۾ نَروٽيي ناڻو (۴)
ناحق نوحاڻين سان وَڪيو ويگاڻو (۵)
ڀلي تڏ ڀرڪڙي جو ڀگاڻون پاڻو
هو پنجاهيا پانڊي جئي هميشه هاڻو
پڌ سڻي پاڻو، ڪڏهين ايندو ڪينكي (۶).

جهان خان جبل هو، ڏاڏو ماڏو سير (۷)
ڪوڻ ڪاهڻ ساڻ ڪيو اچڻ ساڻ انڌير
تنهن حاذق حويليءَ ۾ ڊڪ ڪري ويا ديڙ
واري ويا ويرو، دُرّي دولت خان جو.

---

(۱) يعني نوحاڻين جي 'سراٽي' پاڙي جي مڙسن (۲) مٿو نوحاڻين جي سنجراڻي پاڙي مان هو (۳) واريو وڃن=وڃيو وڃن. دري دولت خان جو=دُرّي جو ۽ دولت خان جو. (۴) آڏكيو ٽي= اڏميو ٽي (ناڻو). نروٽيي=نروٽيي ڪي، نر مڙسن کي (۵) وڪيو= وڙهيو (۶) جهان خان ڀاڻ مري ويو سو وري ڪوڻ ايندو (۷) ماڏو سير=ڏاڏو ڏونگر، ڏکيو ڀاڙ (نشيبهه موجب).

خان تہ مڑيئي خان هئا، ہر خان تہ هيسب خان
هو سوالين آئي سرهو ٿئي، ڏئي مهمانن کي مان
قلعي ويرکاوڙ ڪري لڳيءَ جنگ جوان (۱)
سر مورو سرتن جو هو هاڙهي هوت خان
هيڏي ڪندو ڪير ٻيو کي جيڏي جعفرخان
نر نوحاڻي نيش هئا نلي جا نيشان
جوڙي ڪنيائون جنگ جا سيڻي سامان
ڪهاڙا ڪتبن ۸۴ ٻيا وڍين ساڻ وريام (۲)
سي اچي ڪڙڪيا ڪوٽ تي سمهاڻيءَ سلطان
ڏوڙي تن درن تي اچي کوپن هنيا کان
اکيان ۽ اڻي ٻيا ڪٽن سڻان خان
جن جنگ ٿٻ چاوا جوهري، تن ماڻن لڏا مان (۳)
ٽڻان منجهه ٽکاءَ ٽيا سڀا جڳ جهان
مٽي هنيون تي مصريون سنجراڻي سروان
تاجو وڙهيو تارَ ۽ اچهي سان ايمان (۴)
ملهڻ ڪيا تي مجرا، لڏا محموداڻيءَ مان (۵)
صوبي سعيد خان، ٻڌا در ٻرکڙيءَ جا.

هڪ روايت موجب ٽنڈي باگي طرف جا ٻہ زئونڌر بلوچ، منگو ۽ فريد، جهان خان وٽ مهمان هئا ۽ اهي ٻہ جهان خان جي طرفان باهرئين دروازي تي حملي وقت وڙهيا ۽ مارجي ويا.

---

۱) قلعي ويرہ جنگ وقت (۲) ڪتبن ہڑہ اڻن ٽڻان پاکڙا ۽ انهن جا ڪٽبَ (تن ۽) (۳) جهان خان جهڙن جنگ مڑسن جي مائن مان لڏا (۴) اچي ايمان سان ہ پوري ڪئي سچي ايمان سان (۵) ملهڻ محموداڻي.

ڏينهن جمعي جي ڏور پڙهيائون چنڊ ٽيو چنڊار
رڪن راسيون ڪيون، ٿڪن ٽا ٿڪار
رات چانڊوڪي، آيا ڏوڪي، ويري هن آوار
آيو عبدالله آساني ڪٽي تيغ تراڙ
ڏڪ هنيائين ويرين ڪي ڪي چاليهن متي چار
حسن، حمزي ڦيهه وڃائي جن جا ڏور ٻڌهن ڏهڪار
ائين غلام حسين ڪرهوڪڏائيو جئن آڪ پتنگن آر
رامڻ ڪي راڻي وڏو، ٽوڪ جي تڪرار
زنڊونڊر زوراور زور وڙهيا جن جي ڪرهه
ڪيلو هئي ڪار(۹)

پرڪڙي جيڪي جنگ ۾ ماريا سي "ڏنبڙه جهان خان" (جيڪو هن وقت ويران آهي) لڳ دفن ٿيا. اهو مقام (تعلقي حيدرآباد ۾) ڏنبي حيدر کان ڏنبي قيصر ڏانهن وهندڙ رستي لڳ ڏنبي حيدر کان اڌ ڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن مقابلي ۾ شهيد ٿيل پرڪڙين مان ستن جي قبرن تي، جيڪي پٿرن جون آهن ۽ ستن سنگتراشي آهي، شهيدن جا نالا ۽ تاريخون لڳل آهن(۱).

- شهيد رئيس جهان خان پرڪڙي ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ڏينه جمعه، معمار استاد جمع خان .
- شهيد رئيس عبدالله خان، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ڏينه جمعه.
- شهيد رئيس رستم خان پرڪڙي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ڏينه جمعه، ڪمدار ڪرم خان پرڪڙي فقير، مالڪ نواب خان

---

(۱) هيءَ روايت ۽ بيت ماستر شفيع محمد بگهيي جي مضمون "ڏنبو جهان خان" تان ورتل آهي، جيڪو رسالي ڏين زندگي، مهيني سيپٽمبر ۱۹۶۷ع ۾ ڇپيو (۲) اهي نالا ۽ جئن مٿين مضمون ۾ ڏنل آهن تئن ڏنا ويا آهن.

- شهید رئیس محمد خان پرکڑي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه
- شهید رئیس غلام حسین خان پرکڑي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري، ډینه جمعه
- شهید رئیس حسن خان پرکڑي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه
- شهید رئیس بهادر خان پرکڑي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه ۰

۱۳. لغارين ۽ رندن جي جنگ

تالپورن جي دؤر ۾ "شهداد پور تعلقو" جو ضلعي جي برابر هو، جنهن ۾ موجوده سانگهڙ ضلعي جي شهداد پور، سنجهوري ۽ سانگهڙ (الهنديون ياڳو) تعلقن واري ايراضي شامل هئي. مير شهداد خان هن ايراضي مان شهداد واهه کڻايو هو. ان بعد شاهوخان، مارک واهه کي کوٽائي وڏو ڪري اوپر طرف ان کي شهر "جهول" کان ۽ اڳتي وڌايو، جنهنڪري ان کي "شاهو واهه" سڏيو ويو. انهن واهن جي ڪري گهڻي زمين آباد ٿي ويئي. شاهو واهه سان لاڳو ڏکڻ طرفان (موجوده سنجهوري تعلقي واري حد ۾) اندازاً موجوده جمڙائو واهه کان وٺي اوپر ڏانهن ويندي ڪوٽ برڙا تائين، مير محمود خان (جنهن جي نالي سان ٽنڈو مير محمود سڏجي ٿو جنهن جي اولاد مان هن وقت مير حاجي علي احمد خان ۽ مير رسول بخش خان (۱) وڏي همٿ ۽ حوصلي وارا آهن) جي جاگير هئي، جيڪا "مير محمود خان جي پٽي" (رک واري زمين جنهن ۾ فصل کان سواءِ گاهه ٿئي ۽ مال چري) سڏبي هئي. هن "پٽي" جي ڏکڻ طرف "مٺڙهلي" واري ايراضي (موجوده ڪوٽ "شاهن رند" وٽ) ۾ رندن جو راج هو، جنهن جو وڏو نهال خان رند هو. هنن حيدرآباد جي حڪمران ڪهراٽي کي سڳ ڏنو هو ۽ انهيءَ ويجهي ميڙي جي ڪري سندن سڀاڻي اثر رسوخ ۽ طاقت ۾ اضافو ٿيو. نهال خان پاڻ وڏو لائق هو، ۽ هڪ اوڏڻ گهرواري مان ڪيس گل محمد نالي پٽ هو، جيڪو نهايت سرڪش ٿي ساماڻو ۽ نه ٻڌو پاڙيسري راڄن سان اهنج ڪيائين. ۽ مير محمود خان واري

(۱) مير رسول بخش خان ڏيڍ سال ڪن اڳ (۱- مئي ۱۹۸۲ع تي) ڪڏاري ويو.

سڀني ۽ پنهنجون گهوڙيون ۽ پيو مال چوڙي ڇڏيندو هو، جيڪو پيو پيل ڪندو هو.

انهيءَ تي اتي جي هاڙين ۽ ياڪين حيدرآباد ۾ وڃي ميرمحمود خان وٽ دانهيو، جنهن پنهنجا ماڻهو موڪليا ۽ نهال خان ڏي ٻه چوائي موڪليائين ۽ هن ڀڏي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. تڏهن ميرمحمود خان پڇا ڪراني ته انهيءَ طرف ڀيرو ڪهڙو همت وارو مڙس آهي جيڪو رندن کي جهليندو! تڏهن ڪيس ٻڌايائون ته جعفرخان لغاري اهڙو آهي، جو اوهان جي طرفان ڪيس خاص پيغام ويندو ته ان کي مان ڏيندو ۽ رندن کي منهن ڏيندو.

جعفرخان جو ڪوٽ شاهو واهه جي اتر طرف هو ۽ سنجهوري کان ڏکڻ ويندي شاهو واهه تائين ساڻس راج پيڙا هٿ ۽ سندس وڏو اثر رسوخ هو. تڏهن ميرمحمود خان جو ونس خط آيو ته سيني کي سڏي صلاح ڪيائين، جن اها راءِ ڏني ته، اسان جو تعلق گادي وارن ميرن سان آهي، جن سان رند سگيٽا آهن، انهيءَ ڪري رندن سان مقابلو ڪرڻ جو خود ميرن سان مقابلي جي برابر ٿيندو. جعفرخان چيو ته، ميرمحمود خان کي اهو سڀڪجهه معلوم هوندو، ته انهيءَ هوندي به هن مدد لاءِ لکيو آهي. مناسب ناهي جو مدد نه ڪجي. پيو ته نهال خان رند وڏو لائق آهي ۽ منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ آهي. ان سان ڳالهائيندا سون ته معاملو صلح سانت سان نبري ويندو. تڏهن سيني جي اها صلاح ٻڌي، ۽ جعفرخان ڏانهن ميرمحمود خان ڏي لکي موڪليو ته، اوهان حجت سنياري اسان ڏي لکيو آهي، سو اسان ان جو تدارڪ ڪنداسون ۽ ڏٽي ڪندو ته سڀ جهگڙي ٽيندي.

جعفرخان پوءِ نهال خان ڏي سلام موڪليا ۽ چيو ته، اسان تي ميرمحمود خان جو هار ٻيو آهي ته سندس ٻني کي پيل کان بچايون. تون ڀاڻ لائق آهين ۽ پنهنجن ماڻهن کي

منع کر ته "ٻني" ۽ گهوڑيون ۽ مال نه چڏين. نهال خان سلامن جو مان رکيو ۽ ٻنهنجي ماڻهن کي زباني هدايت ڪئي پر گل محمد کوڙ مڃيو ۽ ويتر وڌيڪ پيل ڪرائي، تڏهن جعفرخان ٻنهنجي سؤٽ شاهعلي خان کي موڪليو ته وڃي "ٻني" واري ايراضي ۽ اوطاق ڪري ۽ غريبن کي پيل کان بچائي. شاهعلي خان وڃي اوطاق اڏي ويٺو. مقامي آبادگارن کي آسرو ٿيو، ۽ گل محمد حملو ڪري اوطاق ٻني ڏني ۽ چيو ته: "جعفر کي جي چيڙي نبيري ڪرٽي آهي ته شاهو واه جي پريان (اتر طرف) ڪري"! شاهعلي خان پوءِ جعفرخان ڏي حال موڪليو ته: اوطاق ٻني ڏني اٿن ۽ آءٌ هن هنڌ جمو اچي ويٺو آهيان سو کونہ اٿندس. اڪٻتي جيڪي ٿيو تنهن کي منهن ڏيندس، ۽ رند صلح واري کا ڪاله ڪانہ ڏا ڪجن.

سؤ سؤ ڪاله سرائي جي رند کين ڪنين ٿو لائي(۱)
ولين ٻانهان پاڇه سان ٻيٺو سنگ سڏا سپ لاهي
اوڏڻ چاڻو سپ کان سائو، سنڃ گهوڙي تي ساهي
چئي: زور گهٽو جو لائي، تنهن سان ڪريان
طور ترار جو.

الله بخش پيروزائي (موجوده ڊلڙي شهر جي لغارين مان ان وقت وڏو) کي معلوم ٿيو ته رند جنگ لاءِ تيار آهن، سو شاهعلي خان جي ٻڌ پيروز ڏانهن چوائي موڪلياٿين: رند (گل محمد) وڏا هٿ هٿلايا آهن ۽ هو جنگ ڪرڻ وارا آهن، انهيءَ ڪري اوهان ٻه ٻنهنجي تڪڙي تياري ڪريو.

الله بخش ماڻهو موڪليو رهبت روانو
منهنجو تنهن پيروز کي ڏجوُ ظاهر زباني
ته: رند ڏاڍي اچي رانءِ ٻڌي آ دل تي ديوانو
ستت سمانو، اوهين جوان ڪريو کو جنگ جو.

---

(۱) سرائيءَ جي، يعني جعفر خان جي

تڏهن جعفر خان راڄن کي چاڻ ڏنو ۽ تکڙو لشکر ڪري چڙهيو ته متان شاهعلي خان کي ماري وڃهن. ساڻس سندس پنهنجا ويجها عزيز، ٻيا ڪلهوڙا پاڙي جي لغارين مان کي ايرا مڙس، پاڙيسري راڄ 'آرادين' جن مان آدو آرادين وڏي همت وارو هو، خاصخيلي ۽ ٻيا شامل هئا. پر وارن لغارين سان پليو خان ۽ سير محمد خان همت وارا هئا پر وقت سر پهچي نه سگهيا:

هوڏنهن مڱ سير محمد هو، هوڏنهن پليوخان
جي ڪا وڏي وقت جي ته ڪڏائن ڪيڪان
پر ويو وقت قضا ٽڻي پهتا نه پهلوان.

ڏڻي وارن پيروزائي لغارين مان 'نظر' نالي آيو ۽ ڪڏڻي طرف جي 'بوداڻين' مان به کي آيا ۽ وڙهيا کين:

نظر نسريو کونه ڪو ٽيو اڳهن جي آڇار
'بوداڻي' به بس ٽيا جن هنيو کونه هٿيار.

جعفر خان جي پٽن مان علي بخش ترار جو وڏو ڪيڏاري هو ۽ خدا بخش بندوق جو وڏو توپچي هو. علي بخش کي هڪ پيري حيدرآباد ۾ سيرصاحب تلوار ڏيکاري ۽ سندس راءِ پڇي. چيائين ته: "سيرصاحب! واه جا آهي". تڏهن سيرصاحب چيو ته: "هائو! پر مٺ ۾ ذرا ڪوتهه آهي" (يعني ذرا ننڍي آهي). تڏهن علي بخش چيو ته: "آها وڪ وڌائي هٿبي". سيرصاحب چيو ته: "جنگ ۾ وڪ رتيين وڪامندي آهي". علي بخش جواب ڏنو ته: "سر ڏني سهانگي ملندي".

جڏهن جعفر خان لشکر ڪري چڙهيو، تڏهن علي بخش کي چيائين ته: تون وڏي هلي ڇاڇي شاهعلي خان سان ٻيڙو ٽي متان ڪيس کو نقصان پهچي. هن وٽ ياڻي گهوڙي هئي سو وڏي وڃي پهتو، پر جنهن اوطاق طرف ويو سا رندن جي هئي ۽ هويان رندن جو لشکر تيار هو. گل محمد پري کان ڏسي چيو ته: "علي بخش مون توکي آسمان تي

ٻئي ڪوليو ۽ تون ته زمين تي ملي ويو آهين". علي بخش اهو ويڻ ٻڌي لهي ويو. ايتري ۾ جعفرخان وارا شاهعلي خان واري ماڳ تي پهتا ۽ علي بخش ڏانهن ماڻهو موڪلياڻون ته اچي ساڻن ٻيڙو ٽئي. علي بخش چيو ته: رند ويڻ ڪيڏيو آهي، هاڻي فيصلو اتي ٽيندو جتي آڇ ٻيڙو آهيان، زمين چڙي ته علي بخش چري. تڏهن جعفرخان ۽ لشڪر سان اتي آيو ۽ چياڻين ته اول صلح جون ڳالهيون ڪنداسون ۽ صلح ٿيو ته جنگ نه ڪنداسون، هن طرفان ڪوبه اڳرائي نه ڪري.

جعفرخان، نهال خان ڏي ماڻهو موڪليو ته: ادا، ڳالهيون ڪنداسون. نهال خان اها ڳالهه قبولي ۽ پنهنجن ماڻهن سان اڪٽي وڏي آيو. ٻئي طرف اچي هڪٻئي کي ويجها ٿيا. تڏهن جعفرخان ۽ نهال خان ٻاڻ ۾ ڳالهايو. هو ٻاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي ٻهڻ وارا هٿا، جو گل محمد کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ هن اوچتو جنگ جي ٻاهه ڪائي، يعني ته جعفرخان جي طرف وارا جيڪي اويسرا ٻيڙل هٿا ۽ جن مان پيروزخان سڀ کان ويجهو هو، تنهن تي گل محمد جلهه ڪئي ۽ ترار جي ڏڪ سان پيروزخان کي پورو ڪري ڇڏياٿين. اتي علي بخش خان ترار ڪيڏي چوٽ ڪئي ۽ وڃي گل محمد سان آڙا اٽڪايا. نهال خان جي پرسان ٻيڙل سان ڪن جعفرخان کي چتايو، تڏهن خدا بخش خان به خود نهال خان تي بندوق سڃي. هن طرفان مڙس وڏا ٿي مس ته خدا بخش جي بندوق نهال خان کي نشان ڪري ڇڏيو. پوءِ ٻنهي طرفان مڙس جنبي ويا. آڏي آرادين اچي ٻئي طرف جي هڪ خاصخيلي جوان کي ڪنيو، جيڪو نيٺ ڪجو ۽ آڏو پويان ترار جون چوڪون چڪائيندو ويس. علي بخش خان اچي گل محمد کي ڪنيو ۽ نيٺ ترار جي اهڙي ته تڪي وارو وار ٻڌائين جو گل محمد وارو وڻي نه سگهيو ۽ رڳو ڪڙي ڏيڻ ۽ ٻاڻ بچائڻ ۾ پورو هو. نيٺ علي بخش جو ڏڪ

لڳس جو وڃي ڪريو. علي بخش ميدان ڪري بيهي رهيو ۽ ڪربل مڙس کي ٻيو ڏڪ نہ هنيائين. ڪن ٻيائن موجب گل محمد جا وار وڏا هئا، ڪيس علي بخش جي ترار ڪڇ لڳي جنهن تي سندس وار رتائجي ويا. ٻانيائون تہ هاڻي هي مڙس ڪريو سو ڪونہ اٿندو. ار هن پوءِ وار هٽائي، ٻوٽني وڃائي ڏئو تہ ٻيروزخان پاسي سان اويسرو ٻيٺو هو، جنهن کي ترار هڻي ماريائين ۽ پوءِ پاڻ ٻہ ڪريو ۽ مئو.

نهال خان جي مرڻ تي ٻئي طرف جا ماڻهو ميدان ۾ نہ ٻيٺا ۽ جعفرخان ڏڪيو.

جُنگن ۾ جُنگ هو، جُنگ ۾ جعفرخان
راڄن ۾ راڄائتو، پڙ ۾ پهلوان
ڪائين ڪيائين ڪانڪا ڏنئين ميرصاحب
کي مان (۱)
ٻُنني ٻَليائين، پيل جهليائين، هيٺا همٿيائين
جاڙهي شرطئون شهلي خان
اکيوُن ۾ نرسنگ هو نهرو نهال خان
سو جي پلي پنهنجن کي تہ لهن هُل هنگام (۲)
ٻر هن جي هلي ڪانڪا پٽڙ نہ موڪيو پاڻ
ڇَڏي ٻيچ مان ڪين ٽئي چڳي منجهہ چوڳان (۳)
اوڏڻ چاڻو ڪين چاڻو، جنهن هنيا هوند شغان (۴)
تنهن تي آسري ٻعلي بشڪ آئيومرد ڪري ميدان (۵)

---

(۱) ڪائين ڪانہ ڪيائين = انڪار ڪونہ ڪيائين، ميرصاحب = ميرمحمود خان. (۲) سو نهال خان جيڪڏهن پنهنجن کي پيل کان جهلي. (۳) ڇڏي ٻيچ = ڇڏي وارو ٻيچ، جنهن ۾ ان جي پلي ڏلي هرقسم جي جنس پيل هجي. (۴) شغان هنيا = وين ڏنا، ڏيڪ ڏنا، ڏاڙ هنئي. (۵) تنهن تي = اوڏڻ جاڻي گل محمد تي. علي بشڪ = علي بخش، جعفرخان جو پٽ. آسري آيو = حملو ڪري آيو.

پيما ترارين هاڻ ۽ سنگ اڙائي سانهه
ٿي سٽ پٽ سرواهين جي گهوگهٽ ۽ گهمسان
سڄي بندوق سرائي آت، نر ڪري نيشان (۱)
ڪڙڪ ڪري ڪان ويو جنهن ٿيو نهال خان (۲)
"آڏي" آرادين ات ملهايو ميدان
اوڏڻ پٽ الٽي پيو جڏهنهن ڏ ڪ د گران (۳)
بانڪو پوءِ بيهي رهيو جنهن سوپ ڏني سبحان (۴)
چئي: ٻيو ڏ ڪ هٿندس ڪينڪي جو مڙس ڪريو ميدان
هر هن چگائي ڪان، ڪيو، جنهن ماريو ويسرو وريام (۵)
هيروز هئي هڙ ۽ سينگاريو سامان (۶)
جڙيو جعفرخان جنهن جو شاهه رکيو هوشان
"متهلي" جو مان، لغاري لاهيو وجن (۷).

---

(۱) بندوق سڄي=ڏ ڪ هٿ لاءِ بندوق سڏي ڪئي. سرائي=خدابخش، جعفرخان جو پٽ. (۲) نيو=ٺهوڙيو، ماريو. (۳) الٽي پيو=اڻلي پيو، ڪري پيو. د گران=پهلوان (علي بخش). (۴) بانڪو=بهادر علي بخش. (۵) هن=گل محمد، جنهن کي علي بخش پيو ڏ ڪ ن هنيو. ويسرو=ويسرو بيٽل، پيروزخان. (۶) پئي پڙ ۾=ميدان ۾ مارجي ڪري. (۷) جڙيو=ڪامياب ٿيو. متهلو='متهلي' نالي علاڻقو (هن وقت ديهه جو نالو).

۱۴. احمدپور لما واري جنگ*

پگهو دستي تنهن کو ماٹهو کارو ڪري ماريو ۽ الهيارخان شر وٽ ويروٽي ۽ اچي پناه ورتائين. دستين جيو ته مارين ته عورت ۽ مار، پر هن ائين نه ڪيو. دستي انهي تي الهيار شر وٽ آيا. الهيار چيو ته: هو ٻاٽ ٽي آيو آهي. انهيءَ کي ڪيئن چڏيندس؟ انهيءَ تي وڏي جنگ لڳي. هڪ طرف الهيار شر وارا ۽ ٻيا ڪي لسنڌ ۽ ڪوسا ساٿي، ٻئي طرف دستين جي مدد ۽ بهاول خان رياست جو نواب (وفات ۱۲۲۴ھ/۱۸۰۹ع) جنهن پنج سؤ روهيلا چاڙهيا. احمدپور لما ۽ جنگ لڳي. الهيار شر هڙ ڪنيو. هن جنگ ۽ دستين وٽ توب هٿي جنهن کي بخش ٻٽ سخيءَ جو جهنڊو ڪٽي سامهون ٽيو. الهيار خان جو ٻٽ دين محمّد ۽ ٻاڻ صوبدار خان ٻن اهڙي سورهيائي سان وڙهيا جو نواب جا ڪهتان مارجي ويا ۽ انهن جا جنازا احمد پور ۽ ڪٽي آيا. انهيءَ جنگ مان بارڻ دستي ڇڄي ويو، پر پوءِ مڙس وٽي آيو ۽ ويروٽي ۽ اچي الهيار خان کي ماريائون. پر پوءِ شرن ۾ بارڻ دستي کي "مانسنگ جي ڪڙهه" ۾ وڃي ماريو ۽ ويرورتائون. ان وقت شرن سان ٻه ڪوسا ۽ ٻه مڙس لٽنڌ گڏ هٿا. احمدپور لما واري انهيءَ جنگ تي هڪ بيت هيٺ شامل آهي:

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

بَشَک پت شخيءَ جي، کيون سچايون(۱)
ديئن سان هئن، جهنگير جايون(۲)
صوبدار، علي جي يار، وَه جو ويـر وڪايون(۳)
اٿان آوَن، ڪلمان ڪاوَن، آٿان ڪنا خوب ڪنوايون
آيون احمد پور ۽، ڪپتانن جون کايون
ٽُڪ هٿي هارڻ دستي کي، ويو منهن ٻِڄتي هايُون
ٽيڪ ڪنون تلوار ۾ ڪيس، ويندو آليءُ لکايون(۴)
ٻر ۽ هارڻ دستي کي، ويا رڻ ۽ رک چهايون
لنڊ ڪوسي شر هازيون چايون، ويا ويـر ڇايون.

---

(۱) بخش پت سخيءَ جو (۲) ديئن محمد- پت الهيار جو (۳) صوبدار ياءُ الهيار چو (۴) ٽيڪ = ڪپ.

باب ڏهون

سنڌ جي سورهين جون انگريزن سان جنگيون

۱. انگريزن طرفان ملڪ فتح ڪرڻ جي سازش ۽ قندار جي افغانن، بلوچستان جي خانن ۽ سنڌ جي ميرن جون انگريزن سان لڙايون*

جن ڏينهن ۽ شاهه شجاع بادشاهه ڪابل ۽ حڪومت ڪندو هو، تن ڏينهن ۽ دوست محمد خان سندس وزير هو. شاهه شجاع بادشاهه، دوست محمد خان جي ڀاءُ فتح خان کي غزنيءَ جي حاڪمڪان (جو شاهه شجاع جو نائي ۽ ڏڻ پرو هو) ساليانو لوازمو وٺڻ لاءِ موڪليو ۽ ايترو ٻڌ چئي چڏيائينس تہ جي نہ ڏي يا ڏياري موڪلي جو انجام نہ ڪري، تہ جنگ ڪري تابعداري مڃائي اڇجانس. انهيءَ تي فتح خان غزني ۽ آيو ۽ اچي آنهون جي حاڪمڪان لوازمي جي تقاضا ڪيائين. جنهن ڏيڪاريو تہ هن سال فصل جي نہ ٿيڻ ڪري ڏل ڪاڻ اڪڙي آهي، ٻئي سال اڪين سان بادشاهي ڏڻ موڪلينداس. ٻوءِ فتح خان کي ڏينهن اتي رهي ٻيو. هڪڙي ڏينهن غزني جي تلاءُ تي فتح خان مجلس ڪئي ۽ آنهون جي حاڪم کي چوائي موڪلياٿين تہ: هنجن سوارن

---

* هي احوال "اخبار تعلير" مطبوع قيصريہ پريس حيدرآباد سنڌ، مارچ ۱۹۰۹ع، آڪٽوبر ۱۹۰۹ع، مارچ ۱۹۱۰ع ۽ مئي ۱۹۱۰ع ۾ قسطوار ڇپيو.

سان اچي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ، جنهن تي هي حاڪم
ٻيڙهو مجلس ۾ آيو. مگر فتح خان ڏڪ هڻي ماري وڌس
۽ اهڙي ظلم ڪرڻ بعد يڪدم ان جي محلات ڏي ويو ۽
سنديس راڻي (شاهه شجاع جي ڏيءَ) کي چوڻ لڳو ته
تنهنجي ٻيشگير ۾ جو نَوَ لکن رپين جو قيمتي اڪٻ ٻيل
آهي سو ڪيڏي ڏي. راڻيءَ چيس ته ائين توکي لائق ناهي،
مگر هن مارُي ڇڏڻ جو ڏپ ڏنس. تنهن تي لاچار ويچاري
راڻي ٻاسيرو وڃي اهو اڪٻ لاهي آڻي ڏنس، اهڙي ظلم ۽
بي‌سروتي جو سارو احوال راڻيءَ بروقت پنهنجي خاص ماڻهو
هٿ پنهنجي ٻيڻ شاهه شجاع ڏي لکي موڪليو. بادشاهه
اهو احوال پڙهي دل ۾ سور سانڍي في‌الحال صبر ۾ رهيو.
فتح خان جڏهن غزني کان موٽي آيو، تڏهن شاهه شجاع کي
اچي چيائين ته غزني جي حاڪم ڊل ڏيڻي نه ڪئي، لاچار
حڪم پٺاندر جنگ ڪٽيسون، جنهن ۾ هو مَري ويو.
بادشاهه چيو ته ٺهيو. مگر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪڙي
ڏينهن فتح خان بادشاهه جي ڪچهري ۾ آيو. بادشاهه وڃه
وڻي ترار جا اڪيانس رکي هڻي، ان سان فتح خان جو سر
لاهي رکيو. حاضر امير ن وزير کي انهيءَ تان ڏاڍي مٽيان
لڳي ته بي‌قصور وزير جي ٻاڻ کي ڇو ماريائين؟ اڄ
هڪڙي کي ماريو اٽس سپاڻي ٻين کي ماريندو. انهيءَ ڪري
ڪيس تخت تان لاهي، دوست محمد خان کي ڪٽي تخت
تي ٽاڪيائون (۱).

شاهه شجاع کي دوست محمد صلاح ڏني ته هتي پٺاڻ
سڀ تنهنجا مخالف آهن، متان توکي ماري وڃن، تنهنڪري
ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ وڃي رهه. تنهن تي شاهه شجاع چيو ته:

---

(۱) ايستائين نثر ۾ خود راوي جي زباني آهي. ڏسو اخبار تعليم مارچ ۱۹۰۹ع.

آڻ فرنگين جو لشڪر آڻي ٻ هڪ پيرو ڪاهل قندار جو تخت ضرور هٿ ڪندس ۽ اوهان کان ويڙ وڙندس. ائين چئي پنهنجي وزير کي وڻي ڪلڪتي ڏانهن رُخ ڪيائين. چو جو ان وقت انگريزن جي ڪئمپ اڃا رکو ڪلڪتي ۾ هئي.

جڏهن ڪلڪتي جي ڪوٽ ۾ شاهه شجاع ۽ سندس وزير کي ويڙي گهٽا ڏينهن گذريا ويا، تڏهن هڪ ڏينهن وزير کان صلاح ورتائين تہ هاڻي ڇا ڪرڻ ڪپي؟ وزير صلاح ڏني تہ فرنگي جي در تي وڃي فرياد ڪر، من کو داد ٿئي. ٽيٽ ائين ڪيائون. فرنگي سندن دانهن پڌي کين دلاسو ڏنو تہ؛ آڻ اوهان جي دانهن ضرور اونائيندس، ۽ مون کي سڀستو احوال ڏيو. تنهن تي شاهه شجاع ٻڌايو تہ؛ آڻ پنهنجن ڇڻ دوستن سميت قندار جي ڪوٽ مان نڪتو هوس ۽ واپار سانگي سنڌ مان ٽيندو جيسلمير وڃي نڪتس.

سنڌ امن وارو ملڪ هو. اتي جيترو وقت رهيس ۽ وڻج واپار ڪيم. ڪنهن ٻ مون سان ڪوُنس ڪانہ ڪئي. پر جڏهن جيسلمير ۾ آيس ۽ منهنجا چارئي دوست واپار سانگي شهر ۾ ويا تہ ڏاريا ماڻهو ڏسي اتي جا رهاڪو ساڻن وڙهيا ۽ چٿي ڪي ساري ڇڏيائون. هاڻي اوهان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ مون سان ڪجهہ لشڪر ڪڍي ڏيو تہ جيسلمير سان جنگ ڪنداسين. ملڪ اوهان جو ٿيو پر سنگتين جو ويڙ آڻ وڙندس.

انگريزن کيس پهريائين پنج هزار لشڪر ڏنو، جنهن سان جيسلمير تي حملو ڪيائين، پر ٻ هزار لشڪر مارائي پوئتي موڪليو. وري بي سدد وڌي ساڍن ستن هزارن لشڪر سان ٻئي چوٽ ڪيائين، ۽ انهي پيري ٻ هڪ هزار ماڻهو مارائي موڪلي آيو.

آخرڪار باقي بچيل لشڪر کي گڏ ڪري انهن کي شراب جا شيشا پياري، جيسلمير جي سوڍن کي سامهون ڪيائين. انهي ڏسڻي حملي ۾ جيسلمير فتح ٿيو. پوءِ مال خزانو لٽڻي سينڌي کي خوش ڪيائين.

اتي افغانستان کي وري هٿ ڪرڻ ۽ دوست محمد کي شڪست ڏيڻ جي تياري ڪيائين. هاڻي انگريزن وٽ بيشمار لشڪر اچي گڏ ٿيو. سموري لشڪر کي ٻاڻ سان گڏ وڻي هلڻ جي بدران، لشڪر جا جدا جدا ٽڪا ٽاهي روانا ڪيائين. پهرئين جٿي ۾ ويهه هزار لشڪر هو جنهن کي مسقط واري وات کان افغانستان ۾ پهچڻ جو حڪم ٿيو. ويهن هزارن کان ٻه ڏيڪ لشڪر جو ٻيو جٿو، ٽرواري وات کان ڪابل قندار ڏانهن روانو ٿيو. باقي ست هزار لشڪر سنڌ واري ڪس کان روانو ٿيو.

انگريزن جو لشڪر سنڌ اندر پهريائين گهوڙا ٻاري ۾ آيو. اتي ڪجهه ڏينهن آرام ڪري پوءِ درياءَ جو ڪپ ڏيئي لشڪر وچ سنڌ مان سڌي هليو ۽ هلندا هلندا اچي شڪارپور ۾ پهتا. جيڪو لشڪر ٽر واري وات مان روانو ٿيو هو، تنهن مان ٻڪٽ ۽ آڇ وگهي ماڻهو مرندا، باقي ڪي ٿورا اچي سکر وٽان نڪتا، سي ٻه اچي شڪارپور ۾ پهتا. هوڏانهن ڪوهستان واري وات کان ويندڙ لشڪر جڏهن "ميري" (قلات) جي ڪوٽ وٽ پهتو، تڏهن "ميري" جي حاڪم ڪي چوائي موڪلياڻون ته: ڏن ڏي، نه ته جنگ ڪر. ان وقت قلات جو حاڪم محراب خان هو، تنهن جنگ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڪوٽ تان توفن ۽ بندوقن جي ٽڪاڻو ڪي شروع ٿي. انگريزن جي لشڪر ٻه مقابلو ڪيو. آخرڪار ٻروهين جي لشڪر جو گهڻو تعداد پنهنجي ملڪ لاءِ وڙهندي ڪم آيو ۽ محراب خان ٻه شهيد ٿيو. انهي جنگ ۾ محراب خان جو پنج هزار لشڪر ۽ انگريزن جا ڇهه هزار ماڻهو مارجي

وياء محراب خان جو پٽ نصيرخان وڏو سورهيه سردار هو، تنهن دودي آڻ ڪاڻ سڄي، پر يڪدم آسپاس کان لشڪر گڏ ڪري، انگريزي لشڪر سان مقابلو ڪيو ۽ آخرڪار کين قلات مان تڙي ڪڍيائين.

انگريزن جو لشڪر ڪابل قندار کي ويڙهو پهتو تہ شاهہ شجاع، دوست محمد کي چوائي موڪليو تہ جي ڇڏو هيڻي تہ مهل اٿا ائٽي. تنهن تي دوست محمد جواب ڏنو تہ: ڪابل قندار جي بادشاهي آهٽي مارائي کان سواءِ نہ ڇڏينداسين. توکي جيڪو لشڪر چاڙهڻو آهي، وٺي آهہ.

پهريون حملو جرنيل جي ڪمان هيٺ ٿيو، پر پٺاڻن اڳتي وڌڻ نہ ڏنس. جنگ جو نمونو ڏسي جرنيل صلاح ڏني تہ هتي ويڙهہ ڇڏي ناهي، ڇڏو تہ ڇڏون. ٻيو حملو قندار جي ڪوٽ تي جيڪب صاحب جي اڳواڻي هيٺ ٿيو. جيڪب صاحب اهڙي حرفت سان پٺاڻن کي گهيري ۽ ورتو جو پٺاڻن پنهنجا پنج سؤ ماڻهو مارائي ڇڏيا. انهي حملي ۽ انگريزن جا ڇهہ سؤ ماڻهو مري ويا. دوست محمد پنهنجي لشڪر سميت جنگ جي ميدان مان اڻين ڏڪو جو پنهنجي پٽ عبدالله خان جي ۽ خبر ڪاڻ ورتائين، جيڪو قندار جي ڪلهي ۽ رهيو. عبدالله، پيءُ جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ باقي ٻچيل لشڪر جيڪو هزارڪن هو، تنهن کي گڏ ڪري بهادري سان انگريزي لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ ميدانِ جنگ ۽ ڏي وڙهي سر ڏنائين. اتي ڪابل کان ۽ قاصد ڊوڙندو آيو ۽ دانهن ڪيائين تہ: "قندار مان ڇڏي ڇڪي ڪابل ويا، سي اتي ڏي ماريا."

شاهہ شجاع، انگريزن جي مدد سان قندار تي قبضو ڪري ويهي رهيو. لشڪر جا جيڪي ماڻهو هند سنڌ مان نيا هٿائين، تن موڻ جي ڪئي. اهي انگريز جرنيل جي ڪمان هيٺ موڪلا ۽ سڌو اڇي سکر ۽ ساهہ پٽيائون. سير علي مراد سندن سات ڏنو، باقي ميرِ رستم خان حيدرآباد ڏانهن

میر نصیر خان کان مدد وٺڻ لاءِ روانو ٿیو. میر نصیر خان کیس دلداري ڏيئي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو، پر میر صوبدار انگریزن کي چوائي موڪليو تہ: مهل اِها آٿوَ، جي سنڌ هٿ ڪرٽي اٿوَ تہ يڪدم لشکر وٽي اچو. الهي خط تي انگریزن پنهنجو لشکر وڌائي هالن تائين آندو. اهو خط ملندي ئي انگریز حیدرآباد ڏانهن وڌيا ۽ ميائي ٻيلي ۽ ڪنڊن جو لوڙهو ٿاهي، ان جي آڙ ۽ ويهي رهيا. ساٺن سادا ست هزار لشکر هو. هوڏانهن میر ۽ انگریزن کي مٿهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو ٻارهن هزار لشکر وٽي ميائي ٻيلي وٽ ڪليلي جي ڪپ تي اچي ويٺا(۱).

صبح جو پهر، ڦٽي مهل پنهي طرفن کان هڪڙي پاسي توفون ۽ بندوقون هليون، تہ ٻئي پاسي آمهون سامهون تراڙين جي جنگ شروع ٿي. هڪڙو صبح جو پهر، ٻيو ٻارود جو دونهون. انگریزي لشکر وڃهي وٽي میرن جي لشکر کي ٻئيان ڦري اچي میرن جي لشکر تي حملو ڪيو. هن جنگ ۾ انگریزن کٽيو. میرن جا اٺ سؤ ماڻهو ماريا ۽ انگریزن جو هڪ هزار لشکر مئو.

انهيءَ جنگ ۾ میرن کي هارائڻ ۾ میر صوبدار جي سازش جو وڏو هٿ هو، انهي امید سان تہ سنڌ جي حڪومت جي پگهہ ڪيس ٻڌائي ويندي، پر انگریزن ڪيس نوڙ جي پگ ٻڌائي، ڀري بازار ۾ بي عزت ڪيو ۽ ٻين میرن سان گڏ ڪيس جهاز ۾ چاڑهي قيدي بنائي روانو ڪري چڏيائون.

---

(۱) اهي انبڪ اکر انگریزن جا ڏنل آهن ۽ صحيح ناهن. انگریزن ويساهي حملو ڪيو هو ۽ سنڌ جو لشکر وقت سر گڏ ٿي نہ سگهيو.

شاعر کامل جا چيل بيت

۱. ساراهيان سچو ڏڻي، آهي عالمن الله
کابل آئون قندار هو شاهه شجاع بادشاهه
دوست محمد خان پٺاڻ هو، تنهن جووهلو وزير آه
شاهه شجاع سوڙهو پيو تن ماٺهن جي مٽاهه
رعيت راهون بنديون، آيا دانهين در مٽاهه
وري وزيرن ٿي چيو، تون راض نه ڪياء راهه
سمجهيو شجاع ڪينڪي، توڙي در آئيو داناهه
فتح خان پٺاڻ هو، دوسن سندو پاهه (۱)
شجاع سو ناري وڏو، گهوٽ وهائي گهاهه
پر دوسن در منجهاهه، ڪٽي تخت تان تالان ڪيو.

پوءِ دوست محمد چيس:

۲. هيڏهون ٽئين هيڪلو، هوڏنهن ڦيري پٺاڻ پياءِ
آڻي بي کا درس چتاءِ، اتي گهٽم پر هيڪلو.

جواب شاهه شجاع جو:

۳. ڪنڊ نه ٻري ڪهڙئين، اچي ٽئونتن منجهه ساڙيانئو
وچي ڪنهن ولايت ٿون، چول چليون آڻيانئو
پوءِ فرنگ فرنگي آڻيانئو، وچي ڪنهن ولايت مؤن.

۴. ڪلڪتي سندي ڪوٽ پر گهٽا لڳاسين ڏينهن
والي من وسائي موڪل سندا مينهن
تنهن وري وزير کي چيو: ادا هاڻ ڪريون ڪيئن
راتين پٺيان ڏينهن، اٽين لنگهي ويندا ڪيترا.

---

(۱) دوسن = دوست محمد، جيڪو پهريائين شاه شجاع جو وزير هو، پوءِ افغانستان جو بادشاه ٿيو.

۵. فريساد كر: فرنگيءَ کي ساجهر سويرو
دانڀين وچ در تي، دائر جهلي ديرو
تہ من کو موکٹ ملهيرو، ساجهر ٿيئي سهنج سان.

۶. ڦيري فرنگين پڇيو: خبر ڏيو خير جيي
متان کي ماندا ٿيو، اوهين مڙس ٿيو مچي
هوءَ لکن سان لوچي، دارون کندوسانڀو دل جو.

۷. چي، قندار سندي کوٽ مان، مون سان يار چڙهيا چار
سونهاريءَ تنهن سنڊ جا، ٻڌ تہ ٻڌايانءِ پار
کنهن نہ چيو ڪڏهين، توڻي وڃ ڪير واپار
آيس جيسلمير ۾، ٻري لڏو ٻيو هوس پار
سودي خاطر سُود جي منهنجا چلي ويا ها چار
جنگ تہ جيسلمير ۾ لڳي چئني سان چوڏار
صاحب چنچل ماريا چار، شاه شجاع جا سنگتي.

۸. فرنگي فلک چاڙهيي پهريان هنج هزار
جنگ تہ جيسلمير ۾ وڃي ڪنداسين کا کار
ماڻهن ٻہ هزار، مارائي سوڻيا هوئتي.

۹. وري ٻيجهيءَ چوٽ تي چڙهيا سادا ست هزار
وري ٻہ هيڪ هزار، مارائي سوڻيا ماڳ تي.

۱۰. ٽيجهيءَ چوٽ تي چڙهيا، ٽيا رڻ متي راهي
راند ڪيائون ريب جي تڏهن بازي اٽائي
ڏيئي شام شراب جا، تن جي وائي وڃائي
هوءَ سويا سوائي، اچي ويڙهي ورتائون هٿ سان.

۱۱. هوءَ هلو هلو پائرو، پچون "دوسن" جا پار(۱)
"ڪامل" چوي، انهيءَ کوٽ مان چڙي هليا چوڏار
لشڪر ليکو ناهه کو، سوا لکهه هزار

---

(۱) دوسن

هڪڙن جو منهن مسقط ڏي سي وڙڻ ويهه هزار
ٻين جو منهن ٽيو ٽر ڏي، سي ٻه واڙو ويهه هزار
ٻوءِ سڄا ست هزار، سمهون هيلي تنهن سڏ مان.

۱۲. راتيان ڏينهان ٻڌ تي هئي سنگت سا ساري
شاهه شجاع سان سنگتين ٻٽ چگي هاري
ٽورين گهٽي ڏينهڙي آيا گهوڙي جي ٻاري
جتي کا واري، ويهي کائون ورونهن جي.

۱۳. ڏيئي لب لنگهيا هٽا، سمهون سڏ منجهاه
رعيت رنجايان ڪينکي، هاڻي نيان نه ٻاه
کائيون گاهه پنهنجو ٽکهين ڪينهندس گاهه
جاڻي هيڪ الله، سو سوڪڙ توسان ٽو ڪٽان.

۱۴. ڪهندا وهندا ٽي ويا، پس مٽائون پاري
آيا شڪارپور ۾ وانگي وڃائي
ٽر وارا ٽورا بچيا، آيا سکر ڪوٽ ساهي
جن جو منهن مسقط ڏي، سي آيا لکن ڪوٽ لاهي
اچي سوڙها ٽيا ساهي، شوقينا شڪارپور ۾.

۱۵. آسٽر ويل آڻي ڪري جٽيا جڙيائون
ٽورين گهٽين ڏينهڙي اچي ميري مٽائون
اچي ٽيڙيون ويجهڙيون فرنگي فوجائون
ٻوءِ ميريءَ مير چوايائون، اچي سلام ڪر سيکهه سون.

۱۶. سلام کريان ڪينکي، جنگ کريان جائي
محراب خان ميريءَ ٽوڻ توب ٻه گهرائي
ڏهه ڏهه بندوقن جي ٽي، پي توفن تهائي
قلات سڏي ڪوٽ سان رڪ ٻڌي رائي
رڪ ٽٽ راهو سنڌيو قلات ڪوٽ تانئي
هانکن بروهين ملهائي، ميريءَ جي ڏڻي آتان.

۱۷. پوءِ قلات سندي کوٽ ۾ ٿي ڏاڍي لڙائي
ٽڪ سا عيسيٰ خان کي آهي جو ڳجو ڀرائي
چونڊي چنيي متي تي ڏني مٽلي کي مائي
مٽنهن تي محراب خان جي آڻي هيري لڙائي
هڻ هڻ وائي وات ۾، پيو سودا سوائي
پنجاهه مٿو ميريءَ مٿون، هوڏانهن سٽ سا سوائي
پوءِ هن به ميري ملهائي، ڏيئي سر سرهو ٿيو.

۱۸. پٽ ته محراب خان جو، نصيرخان بي نر
وڙهي تنهن ويريءَ جو کٽي ڳجهائين کر
هو سورهيه سنگ سهر، تڙي ڪڍيائين تخت تان.

۱۹. هلو هلو ڀائرو، هلو هتانئون
ٽورين گهٽين ڏينهڙي اچي ويجها پيا هٿا واهون
پوءِ دودل جي مٿانئون، اچي هيا اوچتا.

۲۰. ڀهرينءَ چوٽ تي چڙهيا، دودل سندا يار
اچي پيا اوچتا ڏوڏو ڪري ڏڪار
هوءِ ڀهريان پنج هزار، دودل ماريس ديرِ مؤن.

۲۱. ٻيجهيءَ چوٽ تي چڙهيو، دودو سو دانهٺ
اچي هيس اوچتو رات ڏيئي راهٺ
دودل ماريس ديرِ مؤن ٽي سؤ ۽ پنجاهه
پوءِ ڪيدي ٽيا گڏ گاهه، ٿور پچائين هاڻ ۾.

۲۲. ٽيجهيءَ چوٽ تي چڙهيو، ويو وٽ وٽ ڪري وائي
ڪٽي ڪرماڻين سان تن جي وائي وڃائي(۱)
دودل ماريس ديرِ مان سٽ سا سوائي(۲)
وڃڻ جي وائي، سٽ ڪيائون سيگهه مان.

---

(۱) ڪرماڻيون=تراريون. (۲) سٽ سا=سٽ سؤ.

٢٣. هلو هلو پائرو، هلو هتائون
پچو دودل جي دير مان، متان هڻيءَ اچيئون
اچي ڪنهن پٺ تي، متان پٺجي ماريئون
دوست محمد سندي در ڏي، اسين قندار ڏي ڪاهيون
اچي ڪوٽ ۾ ڏٺائون، ٽورين گهٽي ڏينهڙي.

٢٤. اسر ويل آڻي ڪري پوتيون هاتائون
جوڙ ڪٽي سپ جنگ جا، جڙيا جڙيائون
دوست محمد ڪي ديمن جا ماٺهو مڪائون
هاڻ آڻي پڄ آتائون، قندار سندي ڪوٽ مان.

٢٥. قندار سندي ڪوٽ مان، اسان ڪي پڇو ناهي
وڃانءَ لکن ڪوڻ لاهي، ڏيندوسانءَ ديمن ڪي.

٢٦. پهرين چوٽ تي چڙهيو جرنيل ڪٽي ذاتيون
هڻائن پري جهليو، توڙي رهي هليو راتيون
پوءِ بانڪا ناهن باتيون، موٽو سوڻون هوتي.

٢٧. پيڇهيءَ چوٽ تي چڙهيو، جيڪب ٿي آيو
فرنگي پنهنجي فلڪ سان ستت ڪري سڏيو
ٽيو ڏوهه تنهن ڪوٽ سان، پيو ريب ۾ رهايو
اچي رڪ ٻڌو رايو، قندار سندي ڪوٽ سان.

٢٨. رڪ تي راهو منڊيو، قندار ڪوٽ چون
ڪاڙها ڪانا ڪچين ۽ پاتا هڻائن
لڳي ترار تنهن ڪوٽ ۽ پڳا پٺوت وڃن
چهه سا فرنگين جا مٿا، پنج سا پٺاڻن (١)
پوءِ پڳا پٺاڻ وڃن، پيءَ چڏيو تنهن هٽ ڪي.

٢٩. پڙهو فاتحه عبدالله جي تي ثواب ٽيوَ سؤ وار
ڏسڻ ايندا ڏينهن ڪي فرنگي سوَ هزار

(١) چهه سا=چهه سؤ. پنج سا=پنج سؤ.

شڪ تہ پين ڪوڙ ڪو ست ڪسين سردار
سڏي سڪيلن سان ڪٽيائون ڪاپار
ڏڙ ڪيائون ڏار، تڪي ترارين سان.

۳۰. ڪرور ڪٽوڪي آيو، ڪاهي ڏانهن قندار (۱)
دانهن ڏنائين در تي ڪنڌ پٽي ڪاپار
تہ جا ويئي ڪابل ڏانهن قطار، آهي انيئي مار يا.

۳۱. هڙڳا جيڪي ٽيڪيا، منجهہ سي ڪوٽ قندار
پير تہ پاڙئون پٽي شاهہ شجاع ويڙهہ سار
متان هويان رلن ٻار، موٽو موٽون پوئتي.

۳۲. "ڪامل" چوي قندار مان ٽي ٻڪا آتان ڏي
ويلوڻ ٽڪيا وچ تي، ڪيائون سڪ منجهہ ساهيي
اچي ٻڌيون ڪيائين، علي مراد ڪي هٿ سان.

۳۳. علي مراد جو آڪيو سو ڦرنگي سوهانو
رستم ڪي رات جو ڪيائين لاڙ ڏي روانو
سير آيو ميري ۽ تنهن جو ٻتليو ٻانو
ٻوءِ خوش ڪرين خانو، نصيرخان تو ڪي ننگ آئي.

۳۴. صوبدار لکيو لنگهائيو، فرنگيءَ ڏي ڦيري
ڪوڙ چوندو ڪڏهن، وچ وطن ڏي واري
سگهو آهہ چاڙهي، ملڪ اچي ڪر مات تون.

۳۵. فرنگي فلڪ چاڙهي سگهيرو ڪرين سعيو
سمهون تنهن سنڌ مان اوهين ڪوٽ آتي ڪاهيو
هالن منجهہ آيو، اچي ويڙن ويجهڙو.

۳۶. صوبدار لکيو لنگهائيو، آهہ اڳاهون آهہ
لشڪر ايندءِ لاڏ مان ڪاچي وارو ڪاهہ
دودل وارو داڻ، ويل تہ وڙهن جي ائي.

---

(۱) ڪرور = قاصد.

٣٧. هليو تنهن هالن مان پس سڀيائين پار
فرنگيءَ جي فلک جا آهن سادا ست هزار
پارهن هزار سير سان نکري ٿيا نروار
اچي ويٺا آڙ ۽ ڪري ڪنڊن جي واڙ
پوءِ ٿيا توفن جا ڏڏڪار، ڦليلي جي ڪپ تي.

٣٨. هل حشر هل ٿيو صبح ساويرو
تپائي توفن ڏنا ڪيائون پاسو پسارو
موٽي تنهن مٿاڙيءَ ڪان فرنگي ڪيو ڦيرو
توفن ٿي تکرار ڪيو، ٻيو اونده، انڌيرو
ڏهه ڏهه ٻندوقن جي ٻيو گوڙ ٻه غبارو
ٿي باهه ڇڀي جيرو، ترار نڪتي ڪانءِ ڪا.

٣٩. ڦليليءَ جي ڪپ تي ٿيا توفن جا ڏڏڪار
ٻڙ مٿي پرزا ٿيا چانگ مڙئي چوڏار
لڏي لشڪر هليا، ڪري ڪاڏ قطار
سر ڏيئي سرها ٿيا جي سچا هيا سردار
آٺ سا ماريا سيرن جا، فرنگي هڪ هزار(١)
پوءِ مڙئي ڪاڻي صوبدار، آڻي ڏني هٿ سان.

٤٠. پڳ جي خاطر پنهنجي سنڊ ٻه ڏنائين
آيي تنهن بازار مان مار ٻه ڪاڏائين
پنهنجي مٽ مٽڪائين، وڃي تن ٻونبن ۽ (٢).

---

(١) آٺ سا = آٺ سئو (٢) ٻونبن = جهازن.

۳. سنڌ جي لشکر جي انگريزن جي کامپڻي کاهم

ڏکڻ هندستان ۾ سپ کان وڌيڪ طاقتور ٽيڻ کان پوءِ انگريزن اتر هندستان تي قبضي کرڻ جا گهاٽ گهڙيا ۽ سپ کان پهريائين سنڌ ۾ اکيون وڌيون. پنهنجي مطلب حاصل کرڻ لاءِ سنڌ جي امير ن کي هڪٻئي پٺيان نئون عهدنامن تي دستخط کرڻ لاءِ مجبور کيائون. ۱۸۳۰ع کان حيدرآباد ۾ پنهنجو سفير رهايائون، پنهنجي لشکر جي سنڌ ۾ حد دخلي کرايائون. پهريائين پنهنجي خاص ايجنٽ "پاٽنجر" ۽ پوءِ "اوٽرم" کي موکليائون ته حکمرانن کي هرقسم سان مجبور کري هرقسم جا شرط شروط مڃائين. آخر ۾ سنڌ تي قبضي کرڻ جو پکو ارادو کري هرقسم جا بهانا کوليائون. چاراس ٽيهر فوج وٺي سنڌ سکر طرفان اچي پهتو. باوجود انهيءَ جي حيدرآباد جي حکمران مير محمد نصير خان، انگريزن سان کيل معاهدن جي شرطن مطابق سرکاري طور کوبه اهڙو قدم کٹڻ نٿي چاهيو، جنهن سان انگريزن کي حملي کرڻ جو بهانو هٿ اچي. ٻئي طرف وزير نواب احمد خان لغاري، خاص صلاحکار مير شهداد خان ۽ ٻيا امير اُمراء انگريزن جي منافقي ۽ ان سان گڏ دباءُ کان تنگ ٿي چکا هئا، پر مير محمد نصير خان بهرحال عهدنامن کي ٽوڙڻ نٿي چاهيو، انهيءَ کري کليو کلايو کنهن ۽ قدم کٹڻ کان مجبور هئا.

حيدرآباد ۾ موجود سنڌ جي لشکر جيکي کجهه ٻئي ڏئو، سو کانئن سڦو نه ٿيو. جڏهن کين معلوم ٿيو ته نواب احمد خان ۽ مير شهداد خان انگريزن جي آرهه زورائي جي برخلاف آهن، تڏهن حکومت طرفان اختيار کيل خاموشي

واري پاليسي جي پرواھ نہ ڪري، درياءَ جي ڪنڊيءَ تي انگريزن جي ڪامپ تي حملو ڪيائون، وڏي همت سان ڪامپ جو بنياد اکيڙي ڇڏيائون ۽ اونرم پيچي جند ڇڏائي، ۽ سڏو وڃي نيپئر وٽ ساھ ڪنيائين. انھيءَ ڪاھ جو ڪجھ بيان انھن بيتن ۾ آھي جيڪي علي مگٹھار جي ٻالي سان ٻوءِ انگريزن جي قبضي بعد بين جڙتو بيتن سان گڏ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. انھن سان ھيٹيان اسان سگھڑن جي ڪچھرين ۾ ٻڌا.

الله جل جلاله! ماھيون ٽيون مٿلكن (١)
جنگيون، جھيڑا، جھگڑا ڪيا اڪ اسيرن
ھيلوڪي ھن جنگ جون ٿا شاعر سڏون ڪن،
پٿلكارون جرنيل جون، پڙھا ٿا ٻه پوَن (٢).

وَرنھ وڪيل پنھنجا پيو نندو حمال ھلائي (٣)
ڀھيو پاڻينجر سان نندو ڪالھ وڃيو ڪالھائي (٤)
جو ڪامپ وڃيو ڪوڙي ۾، ٿو بنگلا خوب بنائي (٥)
وڃھي بنگلا ويٺو ساري سنڊ چتائي (٦)
درس پنھنجا درياھ ۾ ٿو آگبوٽ آڻائي
ميگھا ٽڪا سنڊ جا سون ڪي پٽسا ڏيو ٻڌائي. (٧)

---

(١) ماھيون = لڙايون. (٢) پلكارون = طاقت ۽ زور جون ڏمكيون. جرنيل = نيپئر. (٣) وَرنھ = مير محمد نصير خان. وڪيل = ايلچي جيڪي سنڊ جي حكومت طرفان انگريز ايلچين سان ٿي ملي تہ عهدنامن موجب هجي ۽ زوراوري نہ ڪجي. (٤) نندو حمال هن بيت موجب اهڙو هڪ ايلچي هو جو اڪ پاڻينجر سان ملي ويو هو. (٥) جو = يعني پاڻينجر. (٦) سنڊ چتائي = سڄي سنڊ کي اڪ ۾ ڪري. (٧) انگريزن جي لشكر جي خرچ لاءِ وڏيون رقمون پيو گهري.

سورهيه ميـر شهداد کي ٿـو خـبـرون سڻائي(١)
آئو انـگ يز اهڙو، جنهن سان هيٺي ڪو ڙ هلائي
گهٽيون ولاتون ورتيون فلنگيءَ ڏڙڪي ساڻ دٻائي
سنڌ لـ ڏجـو سـورهيه! پنهنجا مـرد ڏجو مارائي
تنهن تي ٻڙي ميرن مصلحت ڪـي، صوبا سپ سڏائي.

سڀان لڳي مـيـر ڪي، ڪاوڙ قـصـد ڪمايا(٢)
"جنگ ڪريسون ملڪ نہ ڏيسون" وائي مير ورايا.

ڪاهي بـيـڙا ڪامپ ۾، غـازيـن کين گهٽايو
پڄائـي آتـرام ڪي، غازيـن غـوراب لڌايو.

آتـرام پڄي آتهون بـيـو بـيـڙيـن ۾ ڪاهـي
اڇيو تنهن جـرنيل کي ٿـو ڪالهيون بـڌائـي
اٽي سنيهر ساڃو ٿيءَ، تنهنجي ڪامپ لٿي آهـي.

اها ڪاهه جيتوڻيڪ وزير نواب احمد خان لغاري جي هوري پٽيرائي سان ٿي هئي، مگر سرڪاري طور ميـر محمد نصيرخان جي اجازت کان سواءِ ٿي هئي. انهيءَ ڪري ٿي مير صاحب طرفان خسرو بيگ ۽ محمد يوسف خدمتگار خاص طور تي چارلس نيپئر ڏانهن سفير ڪري موڪليا ويا تہ وڃي حڪومت جي هاليسي جي وضاحت ڪن ۽ هو ڪامپ تي لشکر جي ڪاهه باهت غلط فهمي دور ڪن. مگر چارلس نيپئر اڳيئي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو هو، تنهن کي هڪ بهانو ملي ويو. باوجود انهيءَ جي منافقي کان

---

(١) سورهيه=نندو حمال. (٢) سڀان لڳي ميرڪون=مير شهداد خان ڏانهن اشارو، جنهن کي ڪاوڙ لڳي.

ڪر وڻي، باهرين طور هنن ايلچين کي ڪوڙا وعدا ڏيڻي چيائين تہ: اسان جو لشڪر سنڌ مان لنگهي رهيو آهي ۽ اسان کي جنگ جو ڪو به خيال ناهي.

"ميائڻي جي جنگ" کان پوءِ نواب احمد خان وڃي مير شير محمد خان سان گڏيو ۽ گڏجي انگريزن خلاف جنگ جاري رکيائون، پر مير شهداد خان پنهنجي چاچي مير محمد نصيرخان ۽ ٻين سان گڏ انگريزن جو قيدي ٿي ٿيو. جيئن تہ صلاحڪار جي حيثيت ۾ هو ۽ انگريزن جو مخالف رهيو هو، انهيءَ ڪري هاڻي انگريزن سائس سختي وارو برتاءُ ڪيو ۽ هن وطن جي آزادي جي حامي نوجوان مير کي ٻين ميرن صاحبن کان جدا ڪري صورت ۾ قيد ڪري رکيو ويو، جو نيپئر کي چيو ويو هو تہ حيدرآباد ۾ انگريزن جي ڪامپ کي ٻاهر ڏيڻ ۽ ڪپتان اينس کي قتل ڪرڻ ۾ مير صاحب جو هٿ هو. آخر پنجن سالن کان پوءِ ۲۰ مئي ۱۸۴۸ع ۾ هڪ عدالت قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ مير صاحب تي ڪيس هليو، پر مٿس ڪا به ثابتي ڪانہ ٻڌي. باقي هڪ سورهيہ محمد پٽ ڏتو لغاري تنهن کليو اقرار ڪيو تہ هن ۽ ٻئي لشڪر حملو ڪيو هو. انهيءَ تي هن کي حيدرآباد قلعي جي دروازي تي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو. باقي ٻين کي، جن ۾ لغاري، نظاماڻي، ڪٽيار ۽ ڪوڪر هئا، تن کي قلعي جي ٽڪري هيٺان ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو. مير صاحب کي عدالت جيتوڻيڪ ٻي ڏوهہ ٺهرايو، تڏهن بہ انگريزن کيس وطن وڃڻ بدران وري به ڪلڪتي ۾ نظربند رکيو، جتي ۸ محرم ۱۲۸۴ھ ۾ وفات ڪيائين. مير شهداد خان وڏو ديرينو، داناءُ شاعر ۽ اديب هو. سندس تخلص "حيدري" هو. سندس ديوان موجود آهي.

۳. ميانڀي جي جنگ

هيءَ جنگ ماهِ محرم سنہ ۱۲۵۹ھ (۱۷- فيبروري ۱۸۴۳ع) ۾ انگريزن جي سنڌ ۾ آيل فوج، ۽ سنڌ جي تڙتڪڙ ۾ گڏ ڪيل لشڪر جي وچ ۾، ڪليلي جي "ميانڀي" وٽ لڳي (۱). انگريز ان وقت هندوستان ۾ وڏا طاقتور هئا. ڪچ کان وٺي ڪلڪتي تائين سڄي ساموندي ڪناري، ٽوڙي ملڪ جي اندروني حصن ۾ اڏ هندوستان تي سندن قبضو هو. سنڌ هڪ ننڍو ملڪ هو، انهيءَ ڪري ڪلهوڙن توڙي ٽالپورن جي دور ۾، سنڌ جي حڪومت سياسي حڪمت عملي کان ڪم ورتو ۽ انگريزن سان سفارتي تعلقات جاري رکيا ۽ سياسي معاهدا ڪيا. انگريزن ۱۸- صدي ۾ تجارتي ڀاڻي سان هندوستان ۾ حد دخلي ڪري قبضا وڌايا، ۽ ۱۹- صدي ۾ سنڌون سڌو طاقت جي زور تي سڄي هندوستان تي حڪومت قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اتر طرف قبضي وڌائڻ لاءِ هنن ڀرپائين سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي سيٽ سيڙي ۽ سنڌ جي حڪومت تي زور آڻي ڀنڀنجي فائدي ۾ عهدنامَا ڪرايائون.

سنڌي معاشري جي شرافت ۽ صلح جي لاڙن توڙي دوستي دشمني وارن اصولن موجب، نڙسن جي ڪيل قول ۽ چڱن جي اقرارن ۽ خاص طرح حاڪمن جي عهدنامن کي وڏي

---

(۱) اهو ماڳ هن وقت حيدرآباد کان هالا ڏانهن ويندڙ رستي ۽ ٻيلي ڪاتي جي ميانڀي واري تجرباتي ٻيلي ايراضي کان ميل ڪن ڏکڻ طرف آهي. اتي ڪليلي ڪي ٿورو ور هو. انگريزن جي فوج اتر طرف ۽ سنڌ جو لشڪر ڪليلي جي پيٽ ۾ توڙي ان کان ڏکڻ طرف هو. اصل اتي ڪليلي مان سڄي مارڻ لاءِ ميربحرن جا گهر هئا ۽ انهيءَ ڪري اها 'ميانڀي' سڏبي هئي.

اهميت هئي. سنڌ جي حڪومت انگريزن سان ڪيل عهدنامي جي باوجود ڪن بيجا شرطن جي پوڻواري ڪئي ته، پئي طرف انگريزن وقت بوقت هڪڙا عهدنامو رد ڪري ٻيا پئي ڪرايا، جنهن ڪري بالاخر تنگ ٿي بلوچن جي لشکر اؤٽرام جي ڪيمپ تي حملو ڪيو ۽ ڪيمپ پنهنجي ڪيس پچائي ڪڍيو. پوءِ چارلس نيپئر فوج وٺي چڙهيو.

انگريزن جي طرفان تيار ڪيل گهوڙي سوار توڙي پياده فوج، توپن ۽ هٿيارن سان، سنڌ جهڙي صلح پسند ملڪ ۽ صلح پسند حاڪمن جي برباديءَ لاءِ، اتر سنڌ ڪان پنهنجون ڪارروايون شروع ڪيون. هن فوج جو سپه سالار چارلس نيپئر هو، جنهن سنڌ کي انگريزن جي غلامي مڃائڻ لاءِ بالبازي ۽ ڏوکي بازي ۽ ڪمر ڪان چڏي. خيرپور جي گهراڻي مان مير علي مراد ۽ حيدرآباد مان مير صوبدار پنهنجن سان رنجيده هئا، جن کي نيپئر لالچون ۽ دلاسا ڏيئي پنهنجن ڪان ڀري ڪيو. پنهي گهراڻن جي مٽنشين ۽ دفتري ڪاروبار هلائيندڙن مان ڪن کي چونڊي پنهنجو ڪيائين. هنن انگريزن طرفان جاسوسي ڪرڻ، پنهنجن هردلعزيز حاڪمن تي چوڪسي رکڻ ۽ حملي ڪندڙ دشمنن کي مدد ڏيڻ ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن سان غداري ڪرڻ ۽ جيڪي ڪجهه ڪري سگهيا، سو ڪيائون.

خيرپور جو والي مير رستم خان پيرمرد هو. هن نيپئر جي فوجي مظاهري ۽ بد ارادي، توڙي علي مراد کي لالچائي پنهنجي پاسي ڪرڻ واري چال کي ڏٺو، پر پاڻ کي بيوس ڏسي حيدرآباد جو رخ ڪيائين ته نيپئر به پويان ڪوچ ڪندو لڳو آيو. مگر وڏي حرفت سان جنگ يا حملي واري ارادي کي ميخفي رکيائين. مير رستم خان جي حيدرآباد پهچڻ تي مير محمد نصيرخان پنهنجن صلاحڪارن کي سڏايو. هڪ طرف هي ظاهر هو ته نيپئر فوج سان چڙهي آيو هو، پئي

طرف هي ڪالهه هئي ته حڪومت جا انگريزن سان صلح ۽ دوستي جا عهدنامو ٿيل هئا، جن جي حيدرآباد طرفان ڪابه پيڇڪڙي ڪانه ٿي هئي. انهيءَ ڪري هڪ انگريز جرنيل ڪي ڪهڙو اختيار هو، جو هو خواه مخواه حملو ڪري! مير محمد نصيرخان طرفان موڪليل ايلچين انهن عهدنامن ڏانهن نيٺڙ جو ڏيان به ڇڪايو هو.

جڏهن مير محمد نصيرخان وٽ امير ۽ اڪوڙ حاضر ٿيا ته به رايون ٿيون ۽ هڪ اها ته عهدنامن تي اعتبار ڪجي ۽ ڪوبه تڪڙو قدم نه کڻجي، ٻيو ته هي جرنيل جيڪو چڙهيو ٻيو اچي، تنهن تي اعتبار نه ڪجي ۽ پنهنجي طرفان حملي ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪجي. وڏيڪ سڃاڻ صلاحڪارن انهيءَ ٻوئين راءِ تي زور ڏنو ۽ جڏهن نيٺڙ جي بد ارادن بابت ڪيون خبرون ٻڌيون ته اهو فيصلو قائم ٿيو. پر هاڻي وقت تمام ٿورو هو. حيدرآباد ۾ جيڪو لشڪر موجود هو يا جيڪو لشڪر حيدرآباد ڪان اوڀر طرف ۽ ڏکڻ طرف وارن راڄن مان گڏ ٿي سگهيو، تن ڪي وڏي همت سان گڏ ڪيو ويو. پي رڻ اها ٻڌي ته حيدرآباد ۾ قلعي بند ٿي ويهڻ ڪمزوري ڏيکارڻ جي برابر ٿيندو، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته وڏي وڃي دشمن جو اڳ جهلجي. ٿيون ته قلعي کان ٻاهر اهو ضروري آهي ته اهڙي جاءِ جهلجي جو جنگ لاءِ آڙ ٿي سگهي. انهيءَ جنگي تدبير مطابق سڀڙ جي سڃاڻ سڀه سالارن، حيدرآباد جي قلعي کان ٨ ميل اتر طرف، پريان ايندڙ دشمن واري ڪس کي سامهون، ميائي لڳ قليلي جي ٻيٽ ۾ پسگردائي ۽ وڃي مورچا ۾ آڙون ڪري پنهنجي لشڪر کي ٻهاريو.

نيٺڙ چپ چاپ ۽ ڏوڪي سان حيدرآباد تي قبضو ڪرڻ جو جيڪو منصوبو رڌيو هو، سو رڳو ويو. سڀڙ جي لشڪر کي آڏو مقابلي لاءِ ٻيڙل ڏسي ويتر ٻڌڙ ٿيو. اڳتي وڌڻ

وارو خيال لاهي ڪيمپ هنيائين. اتي مخفي طور مير صوبدار جو خاص منشي آوتراھ ونس پھتو ۽ آن جي معرفت پوءِ حيدرآباد جي طرف جا سڀ احوال نيپئر تائين پھچڻ لڳا. نيپئر جي اها ڪوشش هئي تہ خيرپور جي مير علي مراد وانگر مير صوبدار ۽ سنئون سڌو اچي سندس ساڻ ڏئي ۽ پر سنڌ جي سورهين ۽ سرويچن جي برڻ ۽ مارڻ واري ماحول ۾ مير صوبدار اهڙي جرئت ڪري نٿي سگهيو. نيپئر جڏهن ڏٺو تہ ٻئي طرفان ڪو ساڻس اچي ملڻ لاءِ تيار ناهي تہ جنگ شروع ڪيائين، ۽ پھرئين حملي ۾ شڪست کائي هٽيو. ان بعد جاسوسن کان ڪم ورتائين، جن جنگ هلندي لشڪرکي برغلايو تہ انگريز ڀڄي ويو. انهيءَ لاءِ تہ هو پنهنجا مضبوط مورچا ڇڏين، جن کي ٽوڙڻ مشڪل هو ۽ آڙن مان اڻي ٻاهر نروار ٿين تہ انگريزن جي توپخاني جو شڪار ٿين. نيپئر جو اهو ڏوکو ڪامياب ٿيو. قليلي جي ٻيٽ وارن مورچن ۽ اڙن ڇڏڻ سان سنڌ جي لشڪر جا پير اکڙي ويا، ۽ ان هوندي ۾ سير جي ست ڏنائون ۽ ٻيهي مقابلو ڪيائون، ۽ جڏهن فتح جي باقي ذري جيتري ۾ اميد نہ رهي، تڏهن باقي بچيل لشڪر لاچار ٿي ميدان ڇڏيو.

"ميائي جي جنگ" جو احوال انگريزن لکيو، جن پنهنجي ساراھ ۽ سورهيائي بيان ڪئي تہ اسين تمام ٿورڙا هٿاسون ۽ ٻئي طرف ٻيٽو ٽيٽو لشڪر اسان تي حملي ڪرڻ لاءِ سنيري آيو هو. حقيقت ۾ سنڌ جو لشڪر نہ فقط ٿورو هو ۽ تڙ تڪڙ ۾ گڏ ڪيو ويو هو ۽ ان جو خاص مقصد بچاءُ هو. نيپئر شروع کان آخر تائين ــ جنگين کان اڳ، جنگين ۾، توڙي جنگين کان پوءِ ــ ڪوڙ ۽ فريب، جاسوسي ۽ فتني، دلبي ۽ ڏوکي سان صلح پسند سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪيو، جو پاڻ جيڪا خبر پوئتي موڪلياٿين، تنهن ۾ ڇپائين تہ: مون گناھ ذريعي سنڌ قبضي ڪئي آهي.

سنڌ جي طرفان "ميائي جي جنگ" جو صحيح احوال بروقت کوڻ لکيو ويو ۽ پوءِ جڪي لکيو ويو سو انگريزن جي بيانن مطابق هو. جيڪي سورهيه ميائي جي ميدان ۾ شهيد ٿيا هٿا (جن مان کي "شهيدن جي مقام" ۾ دفن ٿيل آهن، جيکو ميائي واري ماڳ تي آهي)، تن جي پوين مان کن وٽ زباني خبرون هيون، جن مان پوري تصديق ٿهي ٿيي ته انگريزن جي پيٽ ۾ سنڌ جو لشکر ٿورو هو، تڏ تڪڙ ۾ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس مان گڏ ٿيو ۽ جنگ ۾ وڏي همت سان وڙهيو ۽ جنگ هلندي کوڻ کوڻ ڀڳو. اهي ڪالهيون پوءِ انگريزن ۽ سندن خيرخواهن هلايون. ان جي تصديق انهيءَ مان ٿئي ٿي جو ميائي توڙي دوآبي وارين جنگين ۾، سنڌ جي سورهين جي بهادري تي کن سگهڙن بيت چيا هٿا، جيڪي کن ماڻهن کي ياد هٿا. ۽ پوءِ حيدرآباد جي کن عامل هندو آفيسرن (جن جا وڏا اڳ ميرن جا منشي هٿا ۽ پوءِ انگريزن جا خيرخواهه ٿيا) جي ذريعي جڏهن انگريزن جي ساراهه ۽ پنهنجن وڏن جي کوتاهين کي ڍڪ لاءِ "ميرن جي حڪومت" خلاف ننڍا وڏا ڪتاب لکجڻ ۽ ڇپجڻ شروع ٿيا(۱)، تڏهن اصلوکن بيتن ۾ انگريزن جي شان ۾ کن هندو سورمن جي واکاڻ ۽ ميرن ۽ سنڌ جي لشکر جي گلا جا بيت علي مگٽهار جي نالي سان شامل ڪري ڇپايا ويا. اهڙن وڌايل بيتن کي چڌي، باقي بيت جن مان کي هن پوئين دور ۾ سگهڙن سان کيل ڪچهرين ۾ ٻڌا ويا، سي هيٺ ڏجن ٿا:

فيلنگي وڏي فيڪل سان وڏو ڏيهن ۾ ڏهڪار
ٻر ميرن رستم کين قبوليو انگريزن جو اختيار
اتان ميرن رستم لڏيو چڏي محل ۽ منار
آيو ميرن نصيبن وٽ ٿي ٻائٽ بي اختيار

(۱) ڏسو "دوآبي واري جنگ" هيٺ حاشيه.

تنهن کي ديو دلاسو ڏنو تهڏيون ٻکرار
"سنڌ نہ ڏيسون جنگ کريسون" اهڙا قول قرار
فلنگي وڏي فڪل سان ڪيو جنگ سندو جنسار
هتان سورهيہ سامهان ٿيا "سيرگهور ڪرن سردار"
محڪم ميہ نصير هو مانجهي مرد مزار(۱)
هر رضا جا رحمٰن جي، اچي بند پيو سردار.

گهٽا ماريا جنگ ۾ ڪريان نالا چا نروار
ڦهڙ چڪي "مري" آيا مرد مستاني وار
ڪمال خان، خان محمد هٿا جنگ ۾ جانب يار
فتح خان ماريو ناسڪنيو نروار
گوهر خان سلهائيا مڙئي قول قرار
گمن چاکراڻي ماريو ڪنڈ ڪري ڪوکار
پير ته پٽن شهر جو هو مانجهي مرد مٽار.

فتح محمد سيّد تي هو تيز ترارين تاءِ
واکهه وڙهيو سر ويڑئين ڏس ورنہ سندي واه!
علي اڪبر سيّد ماريو، ڪوڏو ٻڏي ڪاهه،
نامياوڙهيا ننگ تي، مر صدقي ٿيڙو ياهه،

مينهن پاڻي پلٽا ڪري پيو آتر ڪاڻ اچي
آت گاجُون غلام شاهه جون ٿو نيزي سر نچي(۲)
پڙ گهڙي ڪيائون پدرو، من غلام شاهه اچي.

غلام شاهه شهواڻي جي ڪندو ڪونہ ڪچي
ويري ڏسي وهسي گهڻو، وڃي تا نہ هڪچي.

---

(۱) مزار = شينهن (۲) گاجُون = گجگوڙون

نظاماڻي ننگ ڏڻي ڏسڻا هڏرا هاڻاري
آت ڪوکر ڪتياڻ ڪيليا، ٻي لاتي لغاري.

—

جي ڪيهر شينهن ڪلام ڪيا، مي ميرجان محمد ملهايا
عملو ميرجان محمد سان وڪ وڏندي آيا.

—

جان محمد جوانن کي، ميرورنه کي واڳهر(۱)
ڏاڏا ٻندوقن جا، هوڏانهن توفن جا ڏڏڪر
لڳا مٽ مٽن سين، سيهي ڪيا سٽڪر
چانگ بروچ ماريا، ٻي ڳچي جهرکي جهر.

—

مراد علي آئيو مڳ ٻر شير مٿير
جٽلهه ويلي جنگ جي چانگن کوپن ڪٽي آليه.

—

آندو مٽلو مسيت جو، تنهن سورهيه ڪئي سٽ
"علي علي" ڪري آئيو لاتڙين ڏاڍي لٽ
اکين ڏاران آدمي، ناهي انڊي جوڙس.

—

سورهيه مرد ميدان ۾ ڏا سر جا سودا ڪن
اها جنگ اتي ڏريو ڏا ٻيءَ جو سعيو ڪن
اها جنگ اتي ڪريو ڏا ٻيءَ جا ٻول ٻڌن.

"مياڻي جي جنگ" بعد مرثين جي شاعر ثابت علي شاه جي پٽ احسان علي شاه هڪ مرثيو چيو، جنهن ۾ جنگ بابت احوال آهن، ۽ افسوس جو جنگ جي حقيقت ۽ نيپئر جي منافقت ۽ سنڌ جي لشکر جي همت ۽ مدافعت کي آشڪار

(۱) واڳهر = هڪل

ڪرڻ هدران، احسان علي شاهه محض "مرثيو" چيو ۽ "مرثيي" جي لوازمات کي پوري ڪرڻ لاءِ هن تاريخي واقعي جو غير حقيقي تصور پيش ڪيائين. ۽ ان کي مخصوص "مذهبي" رنگ ڏنائين؛ يعني ته "ميائي جي جنگ" کي "ڪربلا جي جنگ" تصور ڪيائين. مير محمد نصيرخان کي امام حسين واري ڪردار سان تشبيه ڏنائين، سندس عزيزن ۽ صلاحڪارن سورهيه سپاهين ۽ راڄدارن کي شامي ڪوفي ٻڌايائين، مير صاحب کي مظلوم جي حيثيت ڏيئي، سندس واسطي هاءِ واءِ ڪيائين ۽ سندن جي ٻين طرفدارن کي شامي ڪوفي قرار ڏنائين ته هنن مير صاحب سان دوهه ڪيو جو ڪيس جنگ لاءِ آماده ڪيائون ۽ جنگ جي ميدان ڏانهن نيائون ۽ انهيءَ ڪري انهن کي ڪوڙو ۽ يزيد ڪوٺيائين، متن مير صاحب کي ميدان ۾ اڪيلو ڇڏي ڏيڻ جي تهمت مڙهيائين ۽ لعنتون وسايائين:

هاءِ راڄن ۽ امير ن دوهه ڪيو ڏيئي دغا
جيئن امام حسين کان ڪوفي ۽ شامي هئا ڦريا
سندن جو لشڪر هو شامين جهڙو ڪوفي بي حيا.

سندس سڄو ڌيان انهيءَ طرف ويو ته "مير سومن مولائي، حسيني، حيدري، ماتمي هو، جنهن سان وڏو ظلم ٿي ويو، احسان علي شاهه ويچارو محدود نظر ۽ شعور وارو مرثيه گو شيعو شاعر هو، انهيءَ ڪري ڏاڙي انگريز دشمن ۽ پنهنجي وطن جي سپاهين ۽ سپه سالارن جي جنگ کي "شيعي سُنّي جنگ" جو غير حقيقي رنگ ڏنائين. سندس "مرثيي" جي انهن جُزن تي تشبيهن ۽ گيلا غيبت وارن بيانن کي چڏيندي، باقي نظم جا ٻاڳا، جن ۾ ڪجهه اعتدال ۽ نسبتاً صحيح صورتحال سمايل آهي، سي هن طرح آهن *.

---

* احسان علي شاهه جو هي "مرثيو"، رسالي مهراڻ (سال ١٩٥٧ع، نمبر ١ ۽ ٢) ۾ ڇپيو، جتان اهي اقتباس ورتل آهن.

نامور سلطان سرور سنڌ جو هو ٻي نظير
جنهن جو ٻاپو بادشاهه ۽ ٻاڻ عالم جو امير(۱)
ملڪ مالڪ راج سرور، صاحب صدر و سرير
نيڪ سيرت، نيڪ صورت، نامور محمد نصير(۲)
تنهن کي لشکر سنڌ جي چيو: "مير صاحب نامدار!
جنگ ڪر ٻيدين مشرڪ ساڻ، مومن ديندار!"

سوٽ تنهنجا سي توهان سان گڏجي سڀئي ٿا هلن
تنهنجا لشکر، راج پائر، سي مڙي ٿا ميڙ ڪن
سي سڀئي سنيڙي چڙهي آيا ۽ هيئن ٿا عرض ڪن:
"سي مجاهد في سبيل الله، بنام پنجتن
تنهنجو عباس علي همراه شهداڻي شاهه
چاڪراڻي، ماڻڪاڻي، هي سڀئي تنهنجي سپاهه

---

(۱) مير نصير خان جو والد مير مراد علي خان ۱۸۲۸ع ۾ مسند تي ويٺو، ۽ ۱۸۳۳ع ۾ وفات ڪيائين، سندس تخلص "علي" هو. مير لوڌ بجمد خان ولد مير مراد علي خان، مير نصير خان جو وڏو ٻاڻ هو، ۱۸۳۳ع ۾ مسند تي ويٺو، ۽ ۱۸۴۱ع ۾ گذاري ويو.

(۲) آخري حاڪم سنڌ سرڪار فيض آثار، هزهائينس مير محمد نصير خان تالپر، المتخلص "جعفري"، تاريخ ۱۴- محرم ۱۲۱۷ هجري، حيدرآباد جي قلعي ۾ جائو، ۱۸۴۰ع ۾ مسند تي ويٺو ۽ ميائي واري جنگ هارائڻ بعد ۱۷- فيبروري ۱۸۴۳ع تي هو پين امير سان گڏ انگريزن جو قيدي ٿيو. انهيءَ حالت ۾ سنڌ جڏي ۽ بالآخر انگريزن کيس "بدمدر" ڪلڪتي ۾ نظربند ڪيو، جتي تاريخ ۷- ربيع الثاني ۱۲۶۱ هـ ۾ وفات ڪيائين. سندس جنازو حيدرآباد آڻي ميرن جي قبن ۾ دفن ڪيو ويو. مير محمد نصير خان وڏو شاعر ۽ اديب هو. سندس تصنيفون هي آهن: "ديوان فارسي، ديوان اردو، "مختيارنامو" (فارسي، مصور)، "مثنوي مرزا صاحبان" (فارسي) ۽ "سفرنامه جعفري" (فارسي نظم ۾).

پرکڙي ۽ چانگ، مري، ٽالپر ڏوڻا هزار
۽ نظاماڻي، مري، کوسا ۽ کوکر نامدار
چانگري، گوپانگ، لاشاري، لغاري بيشمار
رند، کورائي، جتوئي، باگراڻي ٽيا تيار
خان خاناڻي ۽ شهواڻي ۽ شهداداڻي شير
چاکراڻي، ماڻکاڻي، نامور سورهيه دلير.

ميرِ مومن مُرتضائي، مصطفيٰ جو ديندار
حُرّ حُسين ابنِ علي جو دائما نَر نامدار
ها امير وزير جنهن جي در تي دائم بيشمار
خاص خدمتگار ۽ ديوان ڪٽين مختارڪار
تنهن روانا ڪيا وڪيل وزير عاقل بينظير
مرزا خسرو بيگ، خدمتگار يوسف ٻئي امير(۱).

---

(۱) ميرزا خسرو بيگ ابن القندر اصل گرجستان جو ويڙل هو. سن ۱۷۹۰ع ۾ طفلس شهر ۾ ڄائو. ۱۸۰۵ع ۾ ملا محمد اسماعيل ڪيس سنڌ ۾ آندو ۽ ميرِ ڪرم علي خان جي حضور ۾ پيش ڪيو. ميرصاحب ڪيس پنهنجي اولاد وانگر پاليو، جو ڪيس پنهنجو اولاد ڪوٺه هو. ميرزا صاحب شاعر ۽ طبيب هو. "طب خسروي" سندس تصنيف آهي، شاعري ۾ سندس تخلص "غلام" هو. سندس ديوان، ميرصاحبن جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جنهن تي سندس سڃ هن طرح لکيل آهي:

"سلطان ڪرم علي ست ڪه خسرو غلام اوست"

محمد يوسف ولد محمد صالح ذات منگواڻو، امير وقت وڏي عزت ۽ عهدي وارو هو. حيدرآباد ۾ "ٽنڈو يوسف" سندس ٽالي تي ٻڌل آهي. ميانيءَ جي جنگ ڪان پوءِ ميرصاحبن جا ديرا آڻي وڃي رهايا هئائين. شاعر هو ۽ 'يوسف' تخلص هوس. "ديوان يوسف" ۽ "مثنوي ماه و مشتري" (فارسي) سندس تصنيفون آهن.

تن وچي انگريز سان ڪيو عهدنامو برقرار
مير صاحب جي دوامي دوستي ڪائون يادگار
ڇپائون ٿو چارئي ملڪ تنهنجي آنڪيءَ ۾ پائدار
تنهنجا جائز عهدنامي تون اسان جو دوستدار
جون فرنگي دوستي ميرن جي ٿي سالن ڪنان
آئين اسان جا دوست آهيو ناهيو دشمن اصل ڪان.

مي رکي هڪٻئي جي مرضي ٿيا دلاور دوستدار
مير رستم کي ۽ ڇپائون ٿو هل اسان سان ٿي تيار(۱)
مصلحت ميرن سان تنهنجي ان ڪريون اچي ڪامگار
مي ٻ، تنهنجي مصلحت ۾ مونس آهن غمگسار
سائ رستم کي ولي آيا ۽ اچي ڪائون سلام
مير صاحب جي اکيئون احوال سارو ڪيئون تمام.

ڇيئون: خصومت خرخسا طرفين جا ناهن زوا
دوستيءَ سؤن دشمني هرگز نه ڪن صادق سچا
سنڌ جي لشڪر جا آئين سردار واقف اصل جا
بعد بابي ياءَ جي تون عقل عالم ڪيئين خدا
مير صاحب سنڌ سرور! توتي مڙني جو مدار
ننگ ارور مير مومن شاهه عالم شهريار.

ٻوءِ سڏيائين راج ۽ لشڪر جا ڪوپا نامور
جنگ جا جهونجهار جنگي، رڻ جا راوت شير نر
ڇپائين ٿو يارو! آئين ته آهيو منهنجا مؤنس معتبر

---

(۱) مير رستم خان ابن مير سهراب خان خيرپور جو آخرين والي سنه ۱۸۲۰ع ۾ مسند تي ويٺو ۽ ۱۸۴۳ع ۾ خيرپوز ڇڏي حيدرآباد آيو جتان ڪيس انگريز قيد ڪري پوني ولي وياڻ جتي سال ۱۸۶۴ع ۾ وفات ڪيائين.

ڇا صلاح آهي اوهان جي، مصلحت ڏيو ڇا خبر؟
جنگ جي هٿي مصلحت، يا صلح جي آهي صلاح
ڇا اوهان جي مصلحت، سا ٿي اسان کي پڻ مباح.

تڏ آتي شهواڻي سرڪش ٽيو، چيئين : هي فڪر خام (١)
عهد نامن کي ولي ڦاڙيائين يا خشر تمام
خان محمد ۽ غلام محمد لغاري کيو کلام (٢)
چيئون: فرنگيءَ جو اسان کي ناروا آهي سلام
آهيون محمد جا امتي صادق سچا
۽ اسان کي صلح هن کفار سان ناهي روا.

مير رستم سام تنهنجي آهي، تنوکان کاسياب.
تنهن سان پت ۽ پائيٽيا ۽ ٽالپر پا ذر رکاب
آن سوا پيا راج پائين خلق عالم بي حساب
تنهنجا پائيٽيا مير صاحب! نامور عالي جناب
سنڌ جي سردار جا ڏهنا ۽ پوٽا مير جا
پنهنجي لشکر سان گڏ همراه ٿي توسين هليا.

سنڌ جي شمشير جي ناموس عالم آشکار
ٿا ڪنين ڪوٽا دلاور، شير سرڪش هر ديار
آهي ناموس بزرگان نيت اسان کي يادگار
ڪيئن ڪريون ناموس ڪم، آي خسرو عالي تبار!
آج ڪنداسين جنگ هن ڪفار مشرک سان نيڙي
مير سين ويندا سين پر هرگز نه وڃندا سون وري.

---

(١) تنبي عالم خان جي ميرن جو وڏو مير غلام شاه شهواڻي ۽ مير خان محمد ساڻڪائي، تنبي غلام علي ۽ وارن جو وڏو.
(٢) غلام محمد لغاري، مير شهداد خان جو خاص مصاحب ويڙل ڪهنبڙي (تعلقو ميرپورخاص).

هٿن ڇيائون ۽ ڪيائون جنگ تي لشکر تيار
ميرِ ڪي ڏئي مصلحت ڪيئون شير غازي شهسوار
۽ ڪٽي فرقان رب جو ڪيائون وعدو برقرار
ٻڌ نغارو جنگ جو جنگي عَلَم ڪيئون آشڪار
اڳ ۽ ڪيئون نوبت نغارا، ٽُٽ ۽ جنگي پهلوان
ٿيا غضنفر شير غرّان، جنگ جا سورهيه سجان ۽

ٿيا هٿي لشکر مقابل ۽ وڇايائون نفير
صف بصف سڀئي دلاور جنگ تي ٿيا جائگير
نامور "نصرمن الله" چئي آيا غازي اسير
جنگ جو جهونجهار جنگي، جان محمد شيرگير(۱)
ٽنهن سين گڏ سيّد فتح محمد لکياري پهلوان
ٿيا بهادر هي مثل، جنگاه ۽ سورهيه سجان ۽

پهرين حملي ۽ هٽائي ڪيئون فرنگي خسته جان
تير باران چوطرف ميدان ۽ ڪيا پهلوان
صف شڪن صفدر صفون ڪيون صاف مردِ پهلوان
ڏڙ ڏڙن تي ڍير ڪيا هر سمّو سڻي سورهيه سجان
فتح هٿي اسلام جي لشکر جي بيشڪ بيدرنگ
هرگهڙي دشمن ڪري ٿي جنگ جو ويو ويڙهور نگ ۽

ديس جا دشمن ٿيا ديّوث دولابي ڪٽا
زَر جي لالچ تي فرنگي مان وڃي شامل ٿيا
۽ انهن جي ٿي اشاري تي قليلي ۽ پار ويا
تڏ بروچن سمجهو هاڻي آهن هي يولو ڀڳا
هوءِ قليلي ۽ پيٽ مان نڪري بٽي نروار ٿيا
هٿ ڪٽي شمشير، سورهيه دوبدو ٿي تڏ وڙهيا

(۱) ڏنبي جام جي ميرن جو وڏو، ميرجان محمد خان خانائي.

پر جڏهن ڪاري قضا جي امر ۾ هٿن هو لڳيو
جان محمد ميرڪي آت ڪونه ڪمڪ ۾ رسيو(١)
ٻوءِ سپاهين صادقن سان جوان جنّت ڏي هليو
شاهِ شهداء جي ڪچهريءَ ۾ شهيدن سان گڏيو
تنهن تي رضي الله عنهم جي سدائين خاص و عام
يرزقون فرحين ٿيو داور وڃي دارالسلام.

تنهن سين گڏ محراب جو پٽ ستوءِ جنّت ٿيو روان
نامور سورهيه غلامِ شاهِ خاناڻي جوان(٢)
ڏيئي هٿ هٿ ۾ هليو هو آن سين آن منزل مڪان
هڪڙي هنڌ ماريا هڪٻئي سان همدم تؤ آمان(٣)
تن ٻڌيءَ ماريا سپاهي چانگ، مٽي جان فدا
آن تي رحمت ربّ جي، جن حق نمڪ جو ڪيو ادا.

ٻوءِ غلامِ شاهُ شهواڻي، آميرِ نامدار
ڪاهي لشڪر سان آڙه ۾ آڃي ٿيو پائدار
۾ سندس همراه هو همت علي سيّد سچار(٤)

---

(١) مير غلام شاه خاناڻي ۽ ٽنڈي چاڙ جي ميرن مان هو.
(٢) ڪمڪ، ڪومڪ=مدد.
(٣) تواماں= گڏ، پٽ.
(٤) سيد همت علي شاه جا وڏا خراسان مان لڏي بکر ۾ اچي رهيا هٿا. سيد محمد يوسف شاهه مرزا جاني بيگ جي حڪومت واري زماني ۾ روهڙيءَ مان لڏي ٽٽي ۾ اچي رهيو، تنهن جو پائٽيو ۽ ٻاڻي سيد اسحاق شاهه جنهن کي پير پرڏيهي ڪري سڏيندا هٿا، تنهن جي ستين ٻڙهيءَ مان سيد ذوالفقار علي شاهه ميرن جي حڪومت ۾ وزير سلطنت هو ۽ سندس نڍو پاڻ سيد همت علي شاهه، مير غلام شاهه شهواڻيءَ جو خاص مصاحب هو.

تنهن کي هٿن هو مير صاحب چيو تہ : آي غمخوار يارا!
ڪ ۾ مار يو جان محمد جوان کي ويرين آدا
ڪر مدد آن جي وڃي، هرگز نہ ٿي آن کان جدا.

هٿ ٻڌي هاٽڪ هلي غازي وٽي رخصت رضا
چيائين هر تين رب کي حامي سندءِ ٿئي مصطفيٰ
مير ۽ همت علي ٻئي گڏجي مقتل ڏي هليا
ع "رضينا بالقضا" اقرار ڪيئون رب جي رضا
اڳ ۾ سائس ميرزادو سيد محمد شاه مير
تنهن ٻڌيان ايمان سان ڪنڊ ۾ ايماني فقير.

بعد تنهن جي ماريئون عبدالله نظاماڻي جوان
تالپر سائس غلام علي دلاور پهلوان (۱)
في سبيل الله غازي نامور ايمان سان
گڏجي ٻئي ماريا، مري ڪيئون هڪڙي هنڌ مقتل مڪان
پنهنجي پياري وطن خاطر سر ڏيئي سرها ٿيا
تن مٿي رحمت خدا جي شل هجي صبح و مسا.

هنن سورهين ميدان ۾ سر ڏنا هر جنگ جو نقشو بدلجي چڪو آهي. انگريزي فوج جو غلبو ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري باقي بچيل سنڌ جي لشڪر لاچار ٿي ميدان کي ڇڏيو. مير محمد نصير خان خيرپور جو، مير رستم خان ۽ سندس ساٿي ۽ مير شهداد خان جنگ جي مرڪز ۾ ڪين هٽا، ٻر هڪ ڪنڊ تي ويڙهه هٽا. وزير نواب احمد خان جو سپاه سنڌن بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ بيڻل هو. هنن تي دشمن جي جنهن چلنگي حملو ڪيو، انهيءَ کي مقابلي ۾ هٽايائون. شاعر جمالين چو نالو ڏيڻ ڪنيو آهي تہ اهي به ساٿن هٿا ۽ ڏهڻ چٽا هن مقابلي ۾ مٿا.

---

(۱) غلام علي ولد مير فيروز خان ولد مير لنڊو خان ولد مير بهرام خان.

شيردل غازي غضنفر شاهزادو نوجوان
انور از نور محمد نامور شهداد خان (۱)
پگ ڏني ڪارو، ناني ڏاڏي جي مسند مڪان
ڏاڏي ۽ پيءُ جهڙو نيٺ چاچي جو مشفق مهربان
جنگ جي ميدان مقتل جو بهادر نامدار
آڙ ڪان نڪري ٿيو نروار عالم آشڪار.

—

چيائين: چاچا مير صاحب! هاڻ لشڪر ڪان سوا
جنگ جي ميدان ۾ بيهي رهڻ ناهي روا
جي آسان جا راج لشڪر نامور آمراء هٿا
تن ماڻ ڪي ماريا ڏنيا، ٻيا سپ پڄي ويا بيحيا (۲)
مير صاحب! هاڻ غازي ڪر جڏهن ميدان ۾
هاڻ ٻڌي هوءَ ٻوڙ ناهي اسان جي شان ۾.

—

هٿن چئي ڪياڻون جڏهن حملو ڪري اڪٽي هليا
چاچو ۽ پائٽيو بهادر جنگ جا سورهيه سدا
چاڪراڻي مير سپ رستم سان گڏ همراه هٿا
خاص خدمتگار منصبدار سيڪنهن مير جا
سيڪو پنهنجي مير سان همراه ۽ غمخوار هو
شيردل شهداد غازي مڙني جو مهندار هو.

—

(۱) مير شهداد خان ولد مير نور محمد خان پنهنجي چاچي مير محمد نصير خان جو صلاحڪار هو.

(۲) شاعر هي ڪارو لفظ ڪم آندو آهي. جنگ هارائڻ ڪان پوءِ جيڪي هٿي ويندا آهن، تن کي "ڪارا" نه چئبو. "ڪارا" اهي جيڪي جنگ هلندي پڄن.

هڪڙي هٿ شمشير، پئي هٿ ۾ بهادر ڪئي سپر
چوطرف ميدان ۾ حملا ڪيا آن شير نر
آن جٿلهه ۾ ڏهه ڇٽا ماريا جمالي نامور
مير محمد علي، غلام محمد، مبارڪ ٽالپر(۱)
شيردل شهداد دولهه نامور جي روبرو
مني شهادت جي شرف، مومن مري ٿيا سرخرو.

تير باران رڻ ۾ ڪئي انگريز آت بي‌انتها
چوطرف ٿيا تير بي پايان چوياران بي خطا
۽ پليتن دشمنن جا تير زرهن ۾ لڳا
۽ لڳي سيني جوانن جي ڇٽي ڪمرن ۾ پيا
مير مومن نامور کي تير ڪنهن بي پير جو
۽ ڪٿهي ساڃي کان ڪٽرتي مؤن لنگهي سو پار ٿيو.

مير صوبدار جنگ جي ميدان ۾ ڪونه آيو هو ۽ گهر ويٺو هو. سندس وزير ڪوڙو جمعدار ناريجو هو ۽ مير جو وڏو اعتبار وارو منشي آوتراءَ هو. هي پئي نيٺ سان ڪالهين ۾ بدل هٿا. مير صوبدار جو سهرو محمود، جمعدار ڪوڙي ۽ منشي آوتراءَ سان هم صلاح هو ۽ انهيءَ وهم ۾ هو ته انگريز مير نصيرخان کي هٽائي مير صوبدار کي تخت تي وهارينداء انهيءَ ڪري مير صوبدار کي تاکيد پئي ڪيائين ته پنهنجي جمعدار ۽ منشي تي پروسو ڪري. هوش محمد شيدي مير صاحب جو خاص نوڪر هو، سو به ساڻن گڏ هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ ڪونه هو ۽ مير صوبدار کي سڃاڻ پئي ڪيائين ۽ سمجهايائين ته ڪوڙي ۽ آوت جي صلاح تي نه لڳي ۽ پنهنجي سؤٽ

---

(۱) مير محمد علي ولد مير مبارڪ خان، مير غلام محمد خان ولد مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان ولد مير مهراب خان، ٽئي خيرپور جا مير.

سيد محمد نصيرخان سان وفاداري ڪري. مير صوبدار جي سهري ڪيس چيو تہ :

مصاحت ڪوڙي جي ڪوڙي ناهه اي صادق سچا (١)
تنهنجو خدمتگار صاحب عقل جو آهي سدا
هن جو ثاني سپ آميزن ۾ ٻيو ڪونهي شها!
هڪڙو 'آوت' هن جو ثاني آهي منصدي بجا (٢)
هوش ۾ ڪوڙو ۽ آوت ٻيئي آهن بي نظير
رکن دولت جا سندءِ اي صاحب صدر و سريـر!

الهيءَ تي هوش محمد، مير صوبدار کي چيو تہ :

هوش محمد عرض ڪيو، اي مير صاحب نامدار (٣)
هوش کر، بيهوش هرگز کيم ڪي، اي ڪامگار!
مون سين ڏي فتح علي سو شاهزادو شهريار (٤)
پنهنجي لشکر راج سان ڪر شير غازي شهسوار
مير محمد ڪوٽ ۾، هي ڪوٽ پي قائم ڪريه (٥)
۽ اوهين لشکر اميرن سان نکري ڀڳ ٻڌو!

---

(١) جمعدار ڪوڙوخان ولد الهرڪيو ناريجو، مير صوبدار خان جو مالي وزير هو، ڪيس اولاد ڪونہ هو. سندس ڀاءُ ميان ٻيراڻي خان جو اولاد پهريائين پائي خان جي چاڑهيءَ تي رهندو هو، پوءِ انهن سان ميان الهورايو خان ٽنڊي يوسف ۾ رهندو هو.

(٢) منشي آونراء پٽ منشي صاحبراء ملڪاڻي، تخلص 'آزاد' مير صوبدار خان جو خاص منشي ۽ مالي وزير هو. هو انگريزن سان ملي ويو هو ۽ جاسوسي جو ڪندو ڪر سندس حوالي هو.

(٣) هوش محمد حبشي، مير صوبدار خان جو خاص خدمتگار هو ۽ وڏو بهادر هو. هن سورهيه سر تريءَ تي رکي، دين جي لڙائيءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ تي پنهنجي جان قربان ڪئي.

(٤) مير فتح علي خان ابن مير صوبدار خان، تاريخ ٢٤ شوال ١٢٦٤هـ تي ڪلڪتي ۾ نظربنديءَ جي زماني ۾ وفات ڪئي.

(٥) مير محمد خان ولد مير غلام علي خان.

مصلحت کوڙي جي ڪوڙي، مير ڀلا هوش ڪر!
ڏوڙ پٽي آوت جي سڃڻن ۽، ناهي آوت معتبر
هي مبارڪ توکي نا محمود آهي در نظر
جا ڏني محمود سهري تنهنجي بدخبري خبر؛
هي ته بچڙا ٽيا جهان ۽، معرڪي کان ٻوءِ ٻيا
مڙس ماراڻي، هٽائي، جنگ هاراڻي ڀڳا.

هي سندءِ سهرو ۽ سالو، هي سندءِ ڪوڙو اسير
سو اسيرن خاص خيان ۽ سندءِ خاصو وزير
مصلحت مقبول آج ڪوڙي جي آهي دلپذير
۽ اسان جي مصلحت ۽ عرض توکي ناپذير
ٿو ٻڌائي ٻاڪ توکي معرفت انگريز جي
هن جون فوجون ٿو سڏائي، پنهنجو لشکر ٿوکڏي.

مير صاحب! سوڀ پنهنجي جي مدد ڪر، نامدار!
فتح هن جي فتح تنهنجي آهي بيشڪ، شهريار!
بعد پاڻ جي جئن جڳ ۽، اجايو شرمسار
شير محمد کي ۽ موڪليو ز عزم ڪارزار(۱)
سپ ميڙي همراهه ٿيو، رڻ تيغ ماريو ٻيد زنگ
پاڻ سڻن سان وفاداري ڪرڻ ناموس ننگ.

هوش محمد جي انهيءَ صلاح مير صوبدار تي اثر ڪونہ ڪيو. ان بعد هوش محمد ڪيس چڏي وڃي ميرپور جي مير شير محمد خان جي لشکر ۾ شامل ٿيو.

جنگ هاراڻن بعد وزير نواب احمد خان، ميرا نصير خان ڪي سهڻي صلاح ڏني ته درياءِ ٽپي الهنديءِ طرف ٽڃي، جو

---

(۱) مير شيرمحمدخان ميرپور جو حڪمران جيڪو جنگ جي تياري ڪري آيو هو.

ان پاسي وڏو لشکرکڏ ٿي سگهيو ٿي. ملير مان چاڪر مهرعلي جو سپاهه، کوڙي ۽ کوهستان مان برفت ملڪن جو سپاهه، سن مان ميدن جو سپاهه، سيوهڻ سان نواب الهداد لغاري (تاجپوري) جو سپاهه ۽ مٽي نواب چانڊيي جو سپاهه موجود هو. افسوس جو ميرزا خسرو بيگ ۽ محمد يوسف خدمتگار ميرصاحب کي نواب احمد خان جي ڏنل انهيءَ صلاح تان موڙي چڏيو.

خان احمدخان چيو: لنگهه پار دريائون شها(۱)
سير مولائي، حسيني! تنهنجي واهر مصطفيٰ
سير سلامت شال هڻهي تنهنجو سدا پالهين
پلا ڪوٽ ۾ ناهي روا توکي هلڻ ۾ مدعا
ڪوٽ ۾ سپ تنهنجا دشمن، ڪوٽ تنهنجو خيرخواه
دوست ڪر همراهه، پنهنجا، پاڻ سان حافظ الله!

هٿ ٻڌي علي بخش خدمتگار چيو: اي شهريار(۲)
تنهنجا خدمتگار آهيون، سير صاحب نامدار
مصلحت سوچاري احمدخان ڪئي، اي ڪامگار
۽ خزانو خرچ جو منهنجو ڏسو، اي ذي وقار!
لک مرادون توسان اي لکپال غازي خسروا
ڪير ٿي حيران هرگز، تنهنجو حامي مصطفيٰ.

ميرزا خسرو چيو ڪ: اي سير صاحب ديندار
پار دريائون لنگهڻ ناهي روا، اي هوشيار
هل تہ گڏجي سپ هلون يڪبار عالم آشڪار

---

(۱) نواب احمدخان ولد نواب ولي محمدخان لغاري.
(۲) علي بخش خدمتگار، حيدرآباد شهر جو ڪوتوال هو. سندس پيءُ ميان فقيرو ميرغلام علي خان وٽ برڪ هو. حيدرآباد ۾ "فقير جو پڙ" سندس ٺاهيل آهي.

پنهنجا سونس سپ ڪريون معلوم دشمن دوستدار،
۽ خزانو خرچ زر اسباب شاهي سلسلا
۽ عيال اطفال ۽ ناموس سي تنهن کان سوا.

سڻ تنهنجا ميرصاحب! سي سندءِ جاني جگر
يار پائر هڪڙي پيءُ جا پٽ ۽ ٻوٽا نامور
سي ڪڏهن هرگز نه ٿيندا تنهنجا دشمن سربسر
تنهنجي غم کان بلڪ سپ غمگين ٿيندا نوحه گر
تون سندن بازو برادر، هو برادر تو سندا
تو ڪڏهن قيدي نه ڪيا، سي توکي ڪئن قيدي ڪندا؟

هاڻي تون هل ميرصاحب، ڪوٽ ڏي پالهين پلا
مصلحت سڻ سان ڪر يڪبار حسب الدعا
جي اڇي غمخوار ٿيا سونس ۽ جانب دلربا
ورنه حق حافظ سدا، خلق خدا ملک خدا
ميرصاحب کي وٽي هيءَ مصلحت غمخوار جي
پوءِ چڏي آڙهه، چڙهي آٽ تي هليو هسوار ٿي.

ميرصاحب سان رستم ۽ ٻيو هو شهداد خان
کاهي آيا ڪوٽ ۾ آو نامور سورهيه سجان
ڪونه ڪو سڻن سڻ آيو، نوحه گر ٿي رازدان
هاءِ ٿيا غمگين محزون، خاطر خستهٔ جان
هاءِ ميرن کانه ڪئي هرگز تلافي شاهه جي
برج عقرب ڪوٽ جو ٿيو، هاءِ منزل ماه جي!

۴. میر شیر محمد خان 'شیر سنڌ' جون انگریزن سان جنگیون

۱. 'دو-آبي' واري جنگ

میاڻي جي جنگ کان ڏيڍ مهينو پوءِ (۲۴ مارچ ۱۸۴۳ع، جمعي ڏينهن) میاڻي وارو ٽڪرياڻ پکڙيل لشکر، میر صوبدار جي ماڻهن سان هوش محمد شيدي ۽ ڪي ٻيا، میر شیر محمد خان جي جهنڊي هيٺ اچي گڏ ٿيا. میر شیر محمد خان میرپور کان لشکر وٺي چڙهيو ۽ حيدرآباد شهر کان اٺ ميل ڪن اوپر طرف ناريجن جي ڪوٽ وٽ اچي جنگ جا جهنڊا کوڙيائين. انگريزن جو لشکر حيدرآباد مان آيو ۽ اچي سامهون ڪئمپ هنئي. جيئن ئي ناريجن جو ڪوٽ 'ڪليلي جي دو-آبي' ۾ هو، انهي ڪري هي "دو-آبي واري جنگ" هئي. 'دو-آبي' کي انگريزي ۾ غلط نموڻي سان "دوبي واري جنگ" ڪري لکيو ويو. ٻي ناليءَ سان هي 'ناريجن جي ڪوٽ' واري جنگ هئي. هن جنگ کي "حيدرآباد جي جنگ" يا 'ناريجن واري جنگ' ۾ چون.

'میاڻي جي جنگ' وانگر هن جنگ ۾ به انگريزن جي فوج جي مقابلي ۾ میر شیر محمد خان جو لشکر ٿورو هو، پر هن 'شير سنڌ' ٻنهنجي لشکر ۾ سنڌ تان سير گهورڻ جو جذبو جاڳايو. میر شیر محمد خان جو توپخانو ۽ ان سان گڏ گولي انداز تيار هئا. بندوقن ۽ ترارين سان گڏ توپخاني دشمن تي گولا وسايا ۽ آخر ڪار سنڌ جي سورهين انگريزن جي فوج کي گهٽو پوٽي هٽائي ڇڏيو. پر حيدرآباد تي قبضي بعد ٽيپو سان کيڏي چغل ۽ جاسوس اچي ملیا هئا. هاڻي

ڏيڻ انهن کان ڪم ورتو ۽ مير شير محمد خان جي هارود خاني
کي ٻاهر ڏياري، جنهن تي گولهاندازن جو توپخاني وارو
عملو بيڪار ٿي ويو.

سيد شير محمد خان هاڻي ڪ وقت سڄي لشکر سان
حملي ڪرڻ جي رٽ رٽي، جو هاڻي يا ته مري ميدان ملهائڻو
هو يا ته هن آخري پربور حملي سان دشمن کي ماري مات
ڪرڻو هو. سندس سپهه سالارن دوراندیشي ڪري چيو ته؛
اها رٽ قبول آهي پر انهيءَ شرط سان ته مير شير محمد خان
پاڻ جنگ ۾ نه ٿيو ۽ سلامت رهي، جو دشمن سان اڪٻئي
لاءِ مقابلن جي اڳواڻي ڪري. اهو انهيءَ ڪري جو ٻيا
حڪمران قيد ٿي چڪا هئا ۽ باقي ٻيو ڪو به ڪونه آهي
جو جنگ جاري رکي. اهو سڃاڻي، مير غلام علي خان ماڻڪاڻي،
هوش محمد شيدي، احمد خان لغاري، مير غلام نبي خاناڻي،
گوهر خان مري ۽ ڪن ٻين، مير صاحب کي سلامتي واري
جاءِ تي پهچايو ۽ احمد خان لغاري کي، مير شير محمد خان
جي وزير ۽ صلاحڪار طور ساڻس گڏ رهڻ تي زور رکيائون.
ٻوءِ سلام ڪري موڪلائي اچي هن آخري ۽ پربور حملي
جي اڳواڻي لاءِ ٻڌايو. هنن سورهيه سپهه سالارن سڄي لشکر
سان وڏي وڏا حملا ڪيا پر انگريزن جو توپخانو سلامت
هو، جنهنڪري سڄي انگريزن جي فوج جي مرڪز تائين
پهچي ان کي چڙوچڙ ڪري نه سگهيا.

ڪيٽي عام سپاهه کان سواءِ جيڪي سورهيه ۽ سپهه سالار
هن جنگ ۾ آخر دم تائين وڙهندي شهيد ٿيا، سي هي هئا؛
مير غلام علي خان ماڻڪاڻي ۽ سندس فرزند، سيد علي خان
ماڻڪاڻي، مير عبدالله خان ماڻڪاڻي، گوهر خان مري ٻيرانني
وارو، داؤد خان ۽ ڪمال خان مري ٻنڊو آدم، نواب خان
۽ قربان علي خان عباڻي لغاري، هوش محمد شيدي، جعفر خان
ڏاهياڻي مري، فتح علي خان منڊيزاڻي مري، مرزو خان بڙاڻي

مري، شادمان خان کوري، مير بلوچ خان خانائي تالپور، بالاچ خان ۽ عنايت خان تُرک، علي بڏائي، غلام محمد خان ۽ مير صاحب جي ذاتي خدمتگارن مان قيصر قنبراڻي ۽ پيا (۱).

مير شير محمد خان جي هن جنگ کي ۽ سنڌ جي سورهين جي سورهائي کي ان وقت جي سگهڙن ۽ شاعرن گايو، جن مان کي بيت جي اڃان ويندي هن پوئين دور تائين کن سگهڙن کي ياد هئا، جيکي هيٺ ڏجن ٿا: *

---

(۱) "شير سنڌ"، چپايل مير محمد بخش خان تالپور (ميرپورخاص، سنہ ۱۹۶۹ع) ڄاڻ ورتل.

* اهي بيت سگهڙ الله بخش لاشاري (لڳ ڏڙو) ۽ فقير محمد هاشم مگٽهار (لڳ اونگر)، حاجي شير محمد نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) ۽ بچو کور (ٽنڊو قيصر) کان ٻڌا ۽ قلمبند کيا ويا. انهن کان توڙي ڪچهرين ۾ کن ٻين سگهڙن کان سنڌ وارن جي گلا ۽ انگريزن جي تعريف جا کي به بيت پڌجڻ ۾ نه آيا، جيکي کن هندو پڙهيلن طرفان چپايا ويا.

انگريزن جڏهن دغا ۽ ڏوکي سان سنڌ تي قبضو ڪيو تہ بيائن تي بيان ڪيو، ڪتابن جا ڪتاب لکي، ڪائنس اڳ واري مُلڪي حڪومت کي هر لحاظ سان خراب ۽ سندن پنهنجي غاصبانہ قبضي ۽ ڏاري حڪومت کي هرطرح سان بهتر ۽ رعيت لاءِ نعمت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. حيدرآباد جا عامل ۽ منشي، جن کي انگريزن نوڪريون ڏنيون، تن سڀ کان اڳ، انگريزن کان اڳئين دور جي احسانن کي وساريو ۽ ان دور خلاف نندا وڌا ڪتاب لکي انگريز آفيسرن کي خوش ڪيو. 'ميائي' ۽ 'دو-آبي' جي جنگين بابت انگريزن جي طرف جي ساراهہ ۽ سنڌ جي طرف جي گلا جا بيت نهرائي، لنڊڻ ڪتابڙن ذريعي چپايا ويا. گلا وارا اهڙا "انڊي مگٽهار جا چيل بيت" يا "علي مگٽهار جا چيل بيت"، انگريزن جي کن خيرخواه هندو آفيسرن جي اشاري تي حيدرآباد سان چپايا ويا. 'دو-آبي جي جنگ' بابت سنڌ جي سورهين جي تعريف ۽ انگريزن خلاف جيکي بيت

مرد چڑهيو ميرهور مان ڪوري ڪالهه، ڪٿهي(۱)
بانڪا باشا شير سان، چڑهيا قول ڪٿهي(۲)
اچي ڪڙهن ڪيڏارو ڪيو، ناريجن لهي.(۳)

—

شير محمد شير هو، ڏاڍو ڏونگر مهر(۴)
ايندي ئي انگريز جا ڊڪ ماري ڪيئين ڊير.

—

☞

هلندڙ هٿ، تن جي اهميت کي گهٽائڻ خاطر انهن سان پيا بيت ملايا ويا، جيڪي نه فقط انگريز جرنيل جي تعريف ۾ سنڌ جي لشڪر ۽ سپه سالارن جي گلا جا هٿ، پر انهن ۾ 'هندو سورمن' جي ساراهه جا بيت ڀڻ شامل ڪيا ويا. اهڙي قسم جا بيت "علي" جي جڙتو ٿالي سان هڪ لکيل پڙهيل حيدرآبادي منشي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا ميڙ" (سوتي پريس، حيدرآباد، ۱۹۳۸ع) ۾ شامل ڪري ڇپايا. انهن ۾ پهريون بيت انگريز جرنيل جي تعريف ۾ جوڙي شامل ڪيو ويو ته:

جرنيل جوڌو جوان هو ڪئي منزل وڌائين
سڻي شيرمحمد مير جو وڃي توڙون ڪنيائين
جنگ ناريجن شهر ۾ آڻي ڏنائين.

هن بيت جي بولي ۽ سڌاء مان ظاهر آهي ته ڪنهن سگهڙ جو چيل ناهي ۽ ڪنهن اڏ پڙهيي ڏاهيو آهي. نه فقط ايترو پر انهن بيتن ۾ ملتان جي ديوان مولراج جو ٿالو ڀڻ آلدو ويو ته:

مولراج مهتي ڪين گهٽايو، ٻيٽو مرد مچي
جنگ اڙايائين ملتان سان تنهن جي ڪندو ڪاڪ ڪچي.

(۱) جنگ واري وڏي ڪالهه من ۾ ڪري (۲) قول ڪيائون ۽ پول ٻڌائون ته ماريندا سون ۽ نه مڙندا سون (۳) ڪڙهن = بهادرن. ناريجن جي ڳوٺ وٽ اچي جنگ لاءِ ميدان ڪري ٻيٺا (۴) مهر = جبل.

جوڻي جنگ فلنگيءَ سان سورهيه شير سڃي
آيس بادل ٻڌر جا مٿان رڪ رڃي(۱)
جنگ ۾ سورهيه شير جي ڪندو ڪوڙ ڪچي.

آحدي پٽ علي مراد جو سدا سويارو(۲)
هٿي ٽو هڪلون ڪري "مارو ڙي مارو"
اٽلائي انگريز جو وڙئين پورو پاسارو(۳)
رڳي هليو رت سان ڦليليءَ ڪپ سارو
جاسين جيئرو جڳ ۾ تاسين ڪوڏو ڪاهه ڪندو ڪارو(۴).

ديوان مولراج (۱۸۴۴-۱۸۴۹ع) ملتان جو والي هو جو سندس ڏينهن ۾ پنجاب مان سکن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ۽ انگريز قابض ٿيا. انگريزن مولراج کي ملتان جو ناظم مقرر ڪيو، ليڪن انگريزن جو ساٿس ڀاهه نه ٿيو، تنهنڪري سردار ڪاهن سنگهه کي ملتان جو ناظم مقرر ڪيائون. ديوان مولراج انهيءَ فيصلي خلاف انگريزن سان جنگ ڪئي، پر آخرڪار پيش پيو. پوءِ ڪيس پن انگريز عملدارن جي قتل جي ڏوهه ۾ (جنوري ۱۸۴۹ع ۾) جنر ٽيپ ڏني وئي.

الهن جڙتو ٻيٽن ۾ اصلوڪن ٻيٽن تان نقل ڪندي ڀاهيو ويو. الهن ڪاڻ سواءِ سنڌ جي لشڪر جو ميدان ۾ وڏي سورهيائي سان وڙهڻ واري وصف کي ڦهٽائڻ خاطر آڳاٽو انگريزن جي اشاري تي ڪلا جا نهايت ڪندا بيت جوڙيا ويا ته سنڌ جي طرف وارا وڙهيائي ڪين. اهڙن بيتن جي اشاعت پڻ حيدرآباد جي سنشين طرفان ٿي.

(۱) رڪ جا بادل رچي آيا= ٽرارين جا جهڙ لڳي ويا (۲) احدي= اڪيلو هزارن جو مٽ، وڏو بهادر (۳) انگريزن جي لشڪر جي هڪڙي ڀاڱي جا ميدان مان ڀير اکوڙي ڇڏيائين (۴) جيستائين مير شيرمحمد جيئرو آهي ته انگريز سان جنگين جي ڳاهه ڳاهيندو.

هلي هوش محمد آئيو، ڪري قنبراڻي ڪاهه
ايندي آڏن ۾ تنهن گهوٽ وڃايا گهاءِ
قلوبان ڪڙو ڪيو شيدي پنهنجو ساهه
سڏو لشڪر سان شيدي ماريو، ميار مٿس ناهه
سويون هٿ صاحب جي جني ڏئي الله
مرد سڙيا ڪينڪي، واهه خانن جي واهه!

۲- ڪونڍيري يا شهداد پور واري جنگ

ميرشير محمد خان ٻيءَ جنگ لاءِ وري لشڪر ڪڍ ڪيو. وزير نواب احمد خان لغاري ۽ ٻيا، جن انگريزن کي ڏاريو ۽ دشمن ڪري ٿي سمجهيو، سي ۽ اڃي ميرشير محمد خان سان مليا. جنگ جي حڪمت عملي لاءِ اها صلاح ٻيٺي ته جيڪو لشڪر موجود آهي ۽ ميرپور وارو باقي توپخانو ساڻ ڪري درياهه جي الهندين پاسي ٿجي، جيڪو سڄو ساسو سلامت هو ۽ ٻڌي طاقتور قبيلا موجود هٿا، جن مان وڏو لشڪر تيار ڪري انگريزن تي زوردار حملو ڪجي. اها صلاح وزير نواب احمد خان ڏني، جنهن اڳ اها ساڳي صلاح ميرمحمد نصيرخان کي ڏني هئي. حيدرآباد طرف انگريزن جو قبضو هو ۽ اتر طرفان سندن طرفدار ميرعلي مراد ڪوچ ڪري آيو هو. انهن پنهين جي وچان سڪرنڊ وٽان درياه اڪرڻ جي رٽ ٻيٺي. ميرشيرمحمد جا قاصد سيوهڻ طرف ويا ۽ ٻين راڄن ڏي وياه. ڪن روايتن موجب سڪرنڊ طرف جي انڙ سردارن ۽ سن جي ساداتن طرفان اهڙا پيغام ميرشيرمحمد کي پهتا هٿا ته انهي رستي سان اچي ته سندن مدد ساڻس ٿئي. جيئن انگريزن کي انهيءَ ٽئين جنگي رٽا جو پتو نه پوي، سو ميرشيرمحمد خان ميرپور ڪان اوڀر طرف ڪوچ ڪيو جو ڇڻ سنڌ ڇڏي ٿو وڃي. ٻوءِ اريان ور ڪري سانگهڙ ۽ ايپور (لڳ جهول) ڪان شاهپور

(شاهپور چاکر) پهتو. انهيءَ عرصي ۾ شهداد پورکان سانگهڙ تائين لغارين جي راڄن مان گهٽا مڙس اچي مير شير محمد مان شامل ٿيا. هيڏانهن انگريزن پنهنجن جاسوسن ذريعي مير شير محمد خان جي گسن پنڌڻ ۽ رڻ ارادن تي چوڪسي رکي. جڏهن سنڌ جو لشکر شاهپور پهچڻ وارو هو تہ انگريزن کي ڄاڻ مليو ۽ نيٺ گهوڙي سوار فوج شهداد پور موڪلي ڏني تہ اها مخفي طرح اڳ جهلي رستو روکي حملو ڪري. سنڌ جو لشکر شاهپور کان ڪوچ ڪري "ڪونهيري" واري پٽ يا پوئي* مان لنگهي رهيو هو جو انگريزن جي گهوڙي سوار رسالي کي ميٽي ۽ رئيي نظر آئي ۽ هنن آڙ جهلي اوچتو حملو ڪيو(۱). ٿوري وقت لاءِ، مگر گهمسان جي جنگ لڳي، جنهن ۾ مير شير محمد جي پيدل سپاهه جا ڪجه ماڻهو شهيد ٿيا. بالاخر بهي لشکر پوئتي هٽيا.

۳- اپپور وارو مقابلو

انگريزن جي گهوڙي سوارن، مير شير محمد خان جي لشکر جو رخ معلوم ڪري پوئتي شهداد پور رخ ڪيو تہ وڏيڪ فوج سوڪلهه لاءِ حيدرآباد ڄاڻ ڏين. مير شير محمد خان ۽ سندس ساٿين جڏهن ڏٺو تہ انگريزن کي سندس گس ۽ رخ جو پتو پڄي ويو آهي، تڏهن پوئتي موٽي سانگهڙ ڪان هوءِ نارو ٽپي 'راولي بند' يا 'راورو' وٽي مير علي مراد

---

* ڪونهيري وارو پٽ يا پوئو=موجوده شهداد پور تعلقي جي ديهه موڙاچوراڻ ديهه يارو ڏاهري ۽ ديهه ڪچاڻي (جي پاڳي) واري ايراضي.

(۱) ڪن مقامي روايتن موجب انگريز جو اڳالو 'سمير واري ڊوري' ۾ لڪل هو ۽ ڪن جي چوڻ موجب هو 'ڏڪاڪ جي ڏڻ' پويان هٿا. خاطري سان فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ هنن کي جاسوسي اطلاع مليل هٿا ۽ هو اڳواٽ اڙ ڪري ٻيٺا هٿا.

جي قبضي ۾ اٿر واري علائقي کان مٿان ميرهور مائيلي وٽان وڃي درياه ٽپي، انهيءَ رٽ سان لشکر پوئتي موٽيو. هوڏانهن نيپئر کي حيدرآباد ۾ خبر پهتي، تنهن وڏي فوج موڪلڻ جو انتظام ڪيو ۽ ان سان گڏ شهداد پور واري گهوڙي سوار فوج کي ميرشير محمد خان ۽ سنڌ جي لشکر جي پٺيان پوڻ جو حڪم ڏنو. سنڌ جي لشکر موٽ تي اڀپور (موجوده شهر جهول کان چار ميل ڪن اولهه طرف) ۾ رات جو منزل ڪئي(۱). صبوح جو سنهري ڪوچ ڪرڻ تي هٿا جو انگريزن جي گهوڙي سوار فوج اچي پهتي. هن مقابلي ۾ انگريزن جا چار پنج گهوڙي سوار مارجي ويا ۽ ميرشير محمد خان جي طرفان فقط ٻه گهوڙي سوار (دريا خان لغاري ۽ غلام حسين لغاري) مٿا(۲). انگريزن جي فوج کي وڌيڪ همت نه ٿي جو سنڌ جي لشکر سان جنگ جاري رکن.

۴- ميرشير محمد خان جو گهوڙڪي جي قلعي تي حملو

ميان محمد خان ولد رستم خان احمداڻي لغاري (مولوي عبدالله جو ڏاڏو) ميرشير محمد خان جو گولهانداز هو. اڀپور وٽ انگريزن سان جنگ ۾ ٻيهر شڪست بعد ميرصاحب وارا جهول طرف روانا ٿيا، پر انگريزن سندن پيڇو نه ڇڏيو. آڏو ناري جي آٿل سبب همڪشه پاڻي هوندو هو. مقامي ماڻهن کي انتي جي زمين جي نشيب و فراز معلوم هئي،

(۱) 'اڀپور' سنجهوري تعلقي ۾ موجوده شهر جهول کان ٻه-چار ميل اوپر طرف (شهداد پور-جهول واري) پکي رستي تي آهي. ان وقت جو پراڻو ڳوٺ موجوده ڳوٺ کان ڪجهه پري هو، جنهن جي پٽين جا ڪي ڪنڊر اڃا تائين رستي لڳ اتر طرفان موجود آهن.

(۲) دريا خان لغاري ۽ غلام حسين لغاري، جيڪي لغارين جي انهيءَ دستي جا سوار هٿا، جيڪو جعفرخان لغاري طرفان ميرشيرمحمد خان جي لشکر ۾ شامل ٿيو هو.

تنهنکري گهوڑا پاڻي ۾ هنيائون ۽ انگريزن جو لشکر پويان ايهي رهيو. مير شير محمد وارا سانگهڙ آيا يعني "سانگڙو" اهو "ناري" جو سانگ هو، جنهن جا نيشان سانگهڙ جي اپرندي طرف موجود آهن. ساڻن چار پنج توپون هيون. بن بن خچرن تي هڪ توپ رکي کڻي آيا هئا. باروت ساڻن هو. پوءِ انهيءَ سانگ سان چوٽيارين ۽ ويا، اتان وري "راولو بند" ورتائون (يعني ناري جي پريان پٽن ۽ ريتي واري مٿين زمين، "راڻي وارو بند"). ملتان وارا فقير ۽ اڳي راولي واري بند سان ويندا هئا، جو سڏو مير پور ماٽيلي ويندو هو. مير شير محمد خان وارن داد لغاري جي ڪوٽ ۽ "چانڊڻ" (جيڪا داد لغاري ڪان هڪ ميل اوپر طرف آهي. اصل چانڊوَ جو چڻو جيڪو لغارين ٺاهيو هو ۽ سڀ بلوچ اتي اچي گڏ ٿيندا هئا. ان بعد اتي ڪوٽ ٿي ويو جو اڃا تائين موجود آهي) جي وچ تي اچي طنبو هنيا. سيني بلوچن کي سڏيائون؛ لغاري، خشڪ، پتافي، گذاڻي ويندي مسو واهر ۽ ڏهر واهر جا بلوچ ۽ آيا (اهي واهر ميرن انهيءَ لاءِ ڪوٽايا هئا تہ مارواڙي ڏورن جو رستو بند ٿئي ۽ ماڻهو ۽ واهين تہ آبادي ۾ ٿئي. ماڻهن کي چيائون تہ جيڪو جيترو واهر ڪوٽيندو اوتري زمين انهي جي. پوءِ بلوچن توڙي ٻين واهر جا حصا ڪوٽيا ۽ مارواڙي ڏورو بند ٿي ويا). بلوچن، گهڻا، ڪٽون، جانور ۽ آن" وغيره مير صاحب جي مهماني لاءِ آندا. انگريزن گهوٽڪي جي قلعي بندي ڪري ڇڏي هئي. مير علي مراد خيرپور واري جو انگريزن سان تعاون هو، جو اهو علاقو ڪيس ڏيڻو ڪيو هئائون (پر پوءِ کوٽ ڏنائون)، ۽ پٺاڻن جو لشکر انگريزن کيس حفاظت لاءِ ڏنو هو. ست سؤ لشکر گهوٽڪي ۾ هوَ. انگريزن جو خيال هو تہ مير شير محمد جيسلمير يا بهاولپور ڏانهن وڃي. مير شير محمد گهوٽڪي جي قلعي تي حملو ڪيو. صبح کان شام تائين مير

جون توہون هليون. آڏو هنن وٽ ۾ توہون هيون (اول ميرصاحب هنن کي چيو تہ قلعو چڏي وڃو ۽ هر هنن چيو تہ جنگ ڪنداسين). آخر ٻن پهرن بعد هنن آڻ مچي. فيصلو ٿيو تہ ٻيا هٿيار چڏي ۽ ۾ ماڻهو هڪ گهوڙي تي سوار ٿي فقط تيرڪمان ڪٽي نڪري وڃن. ٻئي ڏينهن صبح جو انهيءَ طرح لشڪر نڪري ويو ۽ خوشيون ٿيون. مائي صاحب چيو تہ: جهول ڪان ميرپور ماٽيلي تائين ويندي اسان تي هڪ اهڙو ۽ وقت آيو جو فقط هڪ لپ اٽي جي ورهاست ۽ ملي، آن سان لپ چيڪي منهن جي ملائي ٻچائي ڪاڌي سون. *

۵. سير شير محمد جو شڪارپور تي قبضي جو ارادو

هاڻي سير شير محمد شڪارپور تي حملي جي رٽ ڪئي. خيال هو تہ ٻيڙين ذريعي درياء اڪري فوج شڪارپور تي حملو ڪندي. ۽ انهيءَ رات سنڌ جي طرف جا ڪي ماڻهو آيا، جن سان رات جو ڪي ڳالهيون ٿيون. هنن سير شير محمد کي ٻڌايو تہ سير علي مراد کي انگريزن اطلاع ڏنو آهي ۽ هو لشڪر وٺي چڙهيو آهي. ٻئي طرف شڪارپور ۾ انگريزن جو بندوبست آهي ۽ شايد حملو ڪامياب نہ ٿئي. انهيءَ ڳالهہ جو اثر اهو ٿيو جو سير شيرمحمد کي شڪارپور تي

---

* هي بيان مرحوم مولوي عبدالله لغاري ولد نهال خان لغاري ولد محمد خان لغاري جي زباني سنہ ۱۹۵۶ع ڏاري قلمبند ڪيو ويو. هن هي سڄو احوال پنهنجي والده مائي بصري کان ٻڌو، جيڪا پنهنجي گهر واري نهال خان ۽ سهري محمد خان سميت سير شيرمحمد خان سان آيپور واري جنگ کان وٽي 'سماتري' تائين گڏ هئي. مائي صاحب سنہ ۱۹۴۲ع ڏاري (جڏهن حر تحريڪ ۾ سنڌ جو گورنر سر ڊي موڪل تي وڃي) ۱۲۴ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. مولوي عبدالله ڪان اها سربستي ڳالهہ گورنر ڊي ۽ لئمبرڪ عمرڪوٽ ۾ قلمبند ڪئي ۽ سندس آخري حياتي واري دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ اسان کي ٻڌائي.

قبضي ڪرڻ جو خيال ترڪ ڪرڻو پيو ۽ راتِ ئي رات درياءَ ٽپي مزاري علاقي ۾ هليو ويو. ساڻس فقط هڪ ٻيڙي جيترا ماڻهو هئا.

پويان جلد ئي مير علي مراد جو لشڪر اچي پهتو. مير علي مراد چيو ته جن ۽ بلوچن مير شير محمد سان مدد ڪئي آهي، تن کي قتل ڪيو وڃي. انهيءَ تي سڄي علاقي جا بلوچ لڏا ڪئي جيسلمير طرف روانا ٿيا. ساندارا ڀاڻي جا ڪين سان هئا. ستماتيري ديهه (جا نَوَ لک ايڪڙ مير پور ماٽيلي ۽ جيسلمير جي وچ تي) ۾ ئي هئا ته ڀاڻي ڪپي ويو. موت اکين سان ڏسڻ لڳا. اوچتو صبح جو ڏکڻ طرف جهڙ ٿيو، مينهن پيو ۽ تلاءَ پرجي وياءِ اڃا اتي ئي منزل هئي ته انگريزن طرفان ماڻهو اچي جهنڊو ڪئي 'خيرخير' ڪندا اچي پهتا ۽ چيائون ته سوڻي هلو، اوهان کي ڪوبه هٿ نه لائيندو. بلوچن چيو ته اهو علاقو انگريزن علي مراد کي ڏنو آهي، ڪهڙو اعتبار؟ شرط اهو ته مسو واهه ۽ ڏهر واهه وارو بلوچي علاقو انگريز پنهنجي هٿ هيٺ رکن ته سوڻي هلون. اهو شرط قبول ٿيو. ان بعد روهڙي ڏويزن وارو سڄو علاقو انگريزن مير علي مراد کان کسي ڇڏيو. جڏهن بلوچ سوڻي آيا ته خبر ملي ته مير شير محمد خان ديرو غازي خان فتح ڪيو آهي، جنهن تي ميان محمد خان لغاري سپ بلوچ وڏي ديري غازي خان ويو. مگر اها ڪالهه ڪوڙي هئي. هوءَ اتي ئي رهي پياءِ جو چارلس نيپئر جو خط آيو ته اوهين سوڻي اچو. اوهان جي جاگير قائم آهي. محمد خان پٽن کي ڏيڻ ڏيڻ ڪهڙي صلاح آهي؟ چيائون ته مصلحت انهيءَ ۾ آهي ته سوڻي هلجي. آخر هاڻي هو سنڌ جو حڪمران آهي. انهيءَ تي محمد خان خط ڪاڙي باهه ۾ وڌو ۽ چيائين ته: "سنڌ فتح ڪرڻي آهي".

۵. راڻپور جي سوڍن جون انگريزن سان جنگيون

انگريزن جي سنڌ تي قبضي کان پوءِ ٽروٽ (Captain Trywhitt) ٽرهاڪر جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. ٽرهاڪر مان اڃا راڻپور جي سوڍن راڻن ۽ ڪوسن بلوچن انگريزن جي آڻ کاڌ، مڃي هئي. ان وقت راڻپور جي پونجاڻي سوڍن مان ڪرڙجي ۽ اڏيسنگ انگريزن جي مقرر ڪيل ڪامورن جا حڪم رد ڪري پنهنجي علاقي ۾ پنهنجا حڪم جاري ڪيا ۽ ڀاڙ وصولڻ ٻڌي ڪيائون. ڪوسن ٻه ساڻيو ڪم ڪيو، جنهن تي ٻيا زميندار ٻه سٽيا ۽ انگريزن جي احڪامن کان انڪاري ٿي ويا.

تڏهن ٽروٽ، ڏيئومل کي هدايتون ۽ اختيار ڏيئي کاردار (مختيارڪار) ڪري موڪليو، جنهن اچڻ سان ٻاهر ٻاري ڏني. ڪرڙجي سوڍي پنهنجي يار ڀاراڻي ڪوسي(۱) کي خبر ڏني جيڪو کاردار جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو، جنهن کي ڏيئومل حرڪت سان پڪڙائي جيل ۾ وڌهي ڇڏيو. هڪڙي ڪولهي ڪرڙجي ٽڪر وٺ دانهون ڪندي آئي تہ تنهنجي راڄ تي ڏيئومل اچي ڌاڌائي ڪئي آهي ۽ تنهنجو لشڪر بہ قيد ڪري ڇڏيو آٿس. اتي ڪرڙجي اٿيو. ٻوءِ غريب ڪولهين، رٻارين ۽ سامين سميت سڀني قومن کي گڏ ڪري انگريزن جي ٽاڻن ۽ آفيسن تي حملو ڪيائين. اتي ڏيئومل، ٽروٽ کي لکي موڪليو تہ مون کان معاملو زور ٿي ويو آهي. ٻوءِ ٽروٽ گهٽا سيٺ زميندار

---

(۱) ڀاراڻي ڪوسن جو ڳوٺ ننگرپارکر کان ۱۵ ڪوهہ اتر اوپر طرف آهي.

سڏائي انهن کان مدد ورتي ۽ سرڪاري سپاه وٽي وڏي اڪالي سان ڀهتوءَ سوڍن جي لشڪر مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ٻندوق بازي ٿي، آخرڪار ڪرڻجي ۽ سندس ساٿي ڀاڄ ڪائي، ٻوڏيسر ۽ ڪارونجهر ڪان ٽپي ڪڇ طرف هليا ويا.

هي ٻه ريون مقابلو هو، جنهن کي شاعر تاجي دل ڳايو*.

ساراهيان سچو ڏڻي ۽ ساراهيان ستار
واگهن ويراواه تي ڪيو موڙائين مدار(۱)
اڙينگ آڏ يسنگ هو، ڪرڻجي ڪنڌار(۲)
ٻوٽ سنگ ٻڙ جوان هو، سائو تيغ سچار
سُرڙي تن ميواسين جو ٻئي مانجهين ڪاڏو مال(۳)
سڀائون ڪانءِ سانڀر چئي، ڪنهن حاڪم جي هلڪار
شَرا تورو ٻهنجو، ٽي نجيريائون نروار
پيٽ ٻريا پرڏانن جا، ٽيا زورون زميندار(۴)
تروَٽ مُڪو هو تاڻ منجهان ڪري مهتو مختيار ڪار(۵)
ڏيئومل ڏيهه ۾، اڇي ڏاڍو وڏو ڏهڪار
ڪَرڻجي ڪاردار سان، تَوَڏيو منجهه تڪرار
وچ پاراڻي پرم سان، هاڙهي هاسيڪار(۶)

---

* هي روايت ۱۹۶۴ع ڌاري ڪڇري پنگريو (تعلقو ٽنڊو باگو) ۾ صوبيدار ستيڏاڻ سوڍي جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

(۱) موڙائي = واگهن جو پاڙو. (۲) ڪرڻجي = ڪرڻ سنگهه (۳) ميواسين جو يعني واڻين ۽ ڪولهين جو مال ٻئي هنيائون (۴) پرڏان = راڻن جا وزير ۽ مڪ. (۵) مهتو = ڏينومل. (۶) ٺڪر ٻهنجي يار پاراڻي ڪوسي ڪي ڇيو.

کولھڑ آئي کوکندي، جنھن جي دانھن ڀڳي دربار(۱)
ٽ ڪنڪ تنھنجو ڪرڻجي، سوگھو ڪيو سرڪار.
ھاڻي وڃي ڏجان ڏيھ ۽، منھنجي ھڙي جي ٻڪار
ٻوءِ ڪوڙي، ناري، رانڪ رڀاري، سامي سڙڻا،
درزي دڙڻا، ڪاوڙيا(۲) ڪنيار
ھيڪا ڀيل پالوڙن سان، ٻيا لڻين ساڻ لوھار(۳)
ڪاھيو اڇن ڪمھن تي، ڪندا مارومار
ھروانو ٿي پڇيو، تاءِ منجھان تڪڙار(۴)
ڙھي ھروڙي ھروانو اڇي ڪاوڙيو ڦھار(۵)
ھڪدم آڻايائين امرائن ڪي، سڏ ايائين صوبيدار
فوجون آيون فلنگي جون، جن جو انت نہ ھار
ھن جون دم پريندي ديرنہ ڪن، ھنکي بلڪ لنگھيو وجن ٻھار(۶)
سيسيڪانين سٽ ڪٽ لاني، لسڙون لارولار(۷)
برج لوڙين ٿي باھيون ڪيون، سي ھٿون ڪارونجھر ڪنار(۸)
ٻوڏ يسر جي پر ۽ ھٿي، لاھورين جي للڪار(۹)
جامڪيون تن جوانن جون، ھيون چولي منجھ چوڏار(۱۰)
جوڏي وڏي جنگ جي، ڪلنگي منجھ ڪپار

---

(۱) ڪولھڙ اچي چيو ٽ تنھنجي راج تي ڏيئومل اچي ڏاڍائي ڪئي آھي (۲) ڪوڙي = ڪولھي، رانڪ = غريب (۳) پالوڙا = پالا (۴) پڇيو = سوڪليو، تڪڙار = تڪڙو (۵) ڏيئومل تروٽ ڪي ٻڌايو ته معاملو مون ڪان زور آھي. تروٽ اھو ڏيئومل وارو ڪيو پڙھي اچي ڪاوڙيو. (۶) انگريزن واريون بندوقون يڪدم تيار، پر ھنن جون منھان پرڻ واريون بندوقون دير ڪن. (۷) سيسيڪانيون (ششڪانيون)، لس ۽ لاري، سنڈ جي بندوقن جا قسم (۸) برج لوڙي = برج لوڊ بندوقون انگريزن جون (۹) لاھوري = بندوق جو قسم. (۱۰) جامڪي = بندوق جو قسم. چولي = بندوق جو پوش.

ميرپور ۾ مردن جي هئي پڙسن جي پچار(۱)
"تاجا" کو ترس ٿوئي تہ وري کر ويچار
اکيان چنڊ اکٽي، هاڻي ڏي ٻوين جا ٻار.

هي جنگ پوڏيسر جي پير ۾ لڳي. انگريزن جو لشکر ڪارونجهر جبل واري پاسي کان هو ۽ سوڍن جو لشکر هيٺ پوڏيسر واري طرف کان هو.

راڻپور جي راڻن جي تروٽ انگريز سان ٻي جنگ*

انگريزن جي سنڌ تي قبضي بعد، ننگرپارکر سان راڻپور جي راڻن (آڪاسوڌا، پُونجاڻي نسل سان) ڪلجي ۽ لاڙي انگريزن خلاف جنگ جوڙي. ان تي تروٽ جيکو ڏرپارکر جو ڊيپوٽي ڪمشنر هو، سو حيدرآباد سان چڙهيو. هن عمرڪوٽ سان راڻو ۽ ٻيا زميندار پاڻ سان کنيا ۽ اسلام ڪوٽ جي تر سان جان محمد خان نون، جاني لنجو (سخي)، مانجهي مهراڻ پوٽو، ملوڪ لنجو، پاڙي جو ٺڪر اکيراج، رحم علي وسائي پوٽو، عباس ٽيپو ۽ ٻيا پاڻ سان ڪري ننگرپارکر ويو. پوڏيسر وارا آڪا ٺڪر، جي راڻپور وارن جا سٽ هٿ، سي ۽ تروٽ سان شامل ٿيا، جن هلي راڻپور وارن جا گهٽ گهيڙ ڏيکاريا. ان وقت ننگرپارکر ۾ مختيارڪاري هئي.

ڪلجي ۽ لاڙو ٻئي پاڙ هٿا. ڪلجي تروٽ جو مقابلو ڪيو. لاڙي جو هٿ آڏيسنگ (ڪلجي جو پائٽيو) سو جوڌپور ۾ هو جتي سندس پيڻ پرٽيل هئي. ڪلجي وڏو بهادر هو،

---

(۱) ميرپور ۾ به هن جنگ جون ڳالهيون هليون.

* هيءَ روايت سگهڙ ساهڙ پٽ سارو ٽيبي جي زباني (۱۹سئي ۱۹۶۱ع) ۽ ان بعد ۱۹۶۳ع ۾ صوبيدار ستيڏاڻ سوڍي جي زباني پنگريي واري ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي وئي.

تنهن کارونجهر سان قول کیا هٹا تہ: توکي رت سان رگيندا سون: مرنداسون پر توکي نہ چڏيندا سون. انهيءَ کري پهاکو مشهور ٿيو تہ:

"کارونجهر ري کوڙ، مريئين تہ بہ سيلهڻهن نهيين"

[کارونجهر جي وٽ مرنداسون تہ ہ نہ چڏيندا سون]

جنگ ۾ کلجي زخمي ٿي پيو، تڏهن کارونجهر کي رت جا چنڊا هٽي قول پاريائين. نيٺ کلجي مارجي ويو ۽ سندس ڀاءُ لاڏو قيد ٿي پيو. آڏيسنگ ان وقت گجرات ۾ هو. سندس ٻيڻ اهو واقعو ٻڌي کيس ٻانهيءَ جي هٿان کڄهري ۾ وڃڻ چوائي موکليو تہ: "پٺهين جيل ۾ پيو آهي، تون ويڻو آفيم کاڻين." اهو سهڻو ٻڌي آڏيسنگ اتان چڙهيو.

هيڏانهن تروٽ جي فتح ٿي ۽ جيکي ساٿس گڏ آيا هٿا سي ۾ موکلائي ويا. گورا پلٽڻ رواني ٿي ۽ "موڪڻي" ڏاري اچي پهتي. تروٽ صبح جو چڙهڻو هو ۽ پنهنجي ذاتي اڻالي سان اچان ننگرپارکر ۾ هيو تہ آڏيسنگ مٿان اچي ڪڙڪيو. سپاهي ۽ پهريدار ماريائين ۽ آخر اچي تروٽ واري طنبو جون قناتون ڪپائين. تروٽ جان بچائڻ لاءِ وڻي ڀڳو. اتي کنهن صلاح ڏنس تہ: پاڻ بچائڻو اٿئي تہ وڃي ميگهواڙن جي اڏوڙن ۾ لڪ جو انهي ٻاسي کين ايندا. سو هڪڙي ميگهواڙ جي گهر ۾ وڃي لڪو (جنهن کي ٻوءِ ٻنجين رهڻين جي معافي ملي ۽ چوڙي جي قيمت کانئس ڪير بہ نہ وٺندو هو. ان جي هوين مان "واگهو" ميگهواڙ هو جيکو ۱۹۳۸ع ۾ جيئرو هو.) ان کان ٻوءِ آڏيسنگ جيسل وڃي ڀڳو جتان تيرهن چٽا ٻيا کڻيائين، جن جون هٿڙيون ڀڳائين. هڪ کولهي جي هٿڙي نہ ڀڳي، جنهن چيس تہ مون کي ماريو وڃ ۽ جيئرو چو ٿو چڏيو وڃين؟ آڏيسنگ ۽ سندس ساڻي فتح ڪري وڃي کنهن مندر ۾ ديويءَ جي پوڄا ۾ ويٺا.

هوڏانهن تروٽ جان بچائي ماڻهو پڇايا، جن وڃي پلٽن
کي "موڪلي" مان واريو. پوءِ جنگ لڳي جنهن ۾ آڏيسنگ
گرفتار ٿيو. تروٽ چيو تہ بندوق نہ هٿجوس، جيئرو جهلجوس.
جڏهن ڪيس هٿڪڙيون ٽي هنيائون، تڏهن چيائين تہ: آءٌ
راجپوت آهيان پڇندس ڪونہ. انهيءَ تي هٿڪڙي کان
هنيائونس ۽ اٽ تي چڙهيو آيو. پوءِ آڻي عمرڪوٽ جي
قلعي ۾ نظربند ڪيائونس، جتي گذاريائين. ڪرنل ۽ انگريزن
جي انهيءَ جنگ تي شاعر تاجي دَل، ويڙهل اسلامڪوٽ کان
ڪوهہ الهندي "بورڪي" جو، تنهن بيت چيو.

سارهہ ڪر ڪنهن سورهيہ جي رک مردن تي ميار
دل تي چڙهي ويا "دَل" کي، ڪيَ ڦونجائين جا پار (۱)
وانڪا ويرا واهہ تي هڻا سائو سلحدار (۲)
پوڏيسر جي ٻر ۾ هڻا مانجهي مل ستار
کارونجهر جي ڪور ۾ هڻا هندن لک هزار
"ڪلجي" جهڙو ڪنهن نہ ڪيو، تروٽ سان ٽڪرار
لاشڪ پٽ "لاڏي" جو، هو ڪهڙ ڪوند ڪندار (۳)
چوڪس "چوڙيو" "پهراڙو" ٿيو ننگر تي نروار (۴)
راوت "راڻي واڙي" مان، گهنڊ چڙهيو گينوار (۵)
پيل سڏي ٻڙا ڪري، ٻڌائين ڪولهين جي ۾ قطار
ڏيڻي ٽڪ ٽڪور ٻَن جي، تنڊ وڍيائين تار (۶)
وسايائين وڏڙو، سنجهان تيک ٽرار
هت سپ ستا هڻا ننڍ ۾ تن سٽن ڪهڙي سار (۷)

---

(۱) ڦونجائي=ڪرن جو پاڙو (۲) وانڪا=بانڪا سورهيہ (۳) لاڏو
تنهن جو پٽ آڏيسنگ (۴) چوڙيو ۽ پهراڙو پئي ڳوٺ (لوٽي جنڪشن
تان اوڏاهين ريل اوڀي ٽي) جتي سندس پير پرٽايل هئي.
چوڪس=سڏو (۵) پهريائين اڇي ننگر لڳ پنهنجي ڳوٺ راڻپور
۾ پهتو. اتان وري چڙهيو ۽ اڇي ننگر ۾ حملو ڪيائين. (۶) ننگر
کان ڏيسا تائين ٽيليفون جي تار ڪيائين. (۷) تروٽ جي فوج وارا
جن ڪلجي کي گرفتار ڪيو هو ۽ آرام ۾ هئا.

در پگھائين، دل چئي، ڏيئي لت لغار
تُرپ پگھائين، تاجو چئي، هٿن سان هيکار
باندين جو بند موک ٿيو، کڻيائين قيدين جي قطار
ٻيٺو باپ کڏي وڃو، ثابت سان سرکار
رکيائين تيک طنبو تي، ڏسو آرڏي جو اختيار
تڏ "تروٽ" سو گهر تکيو، جو موچين جو مهندار
آڏيسنگ آجاريا، پارکر چارئي هار
کٽيجيءَ کارونجهر تي، کٽيا رنگ خرار (۱)
سوڍي سيپ جمار، ستئي پَوَ سُرها کيا (۲)

لاڙڻ پٽ حاجي فقير (ويڻل کارڙي) ڏاڏي مگٺهار، آڏيسنگ جي جنگ تي هيٺيون چند چيو.*

تهين کيڏي نارائڻ تڻا، جوراور سين جنگ
اڏسل سوڍا آپ نهي راءِ شُوهڙا ڏي رنگ

يعني: اي نارائڻ جا پٽ! تو زوراور سان جنگ کئي، تنهنکري اي پيارا آڏيسنگ (لاڙ جو نالو)! توکي سيئي راءِ صوها رنگ ڏين ٿا، يعني آفرين چون ٿا.

---

(۱) کٽيا رنگ خرار= گهٽيون شاباسون کٽيائين.
(۲) سائن= بهادرن. پَوَ= جُڱ.
* هيءَ روايت سروهي مگٺهار جي زباني سنه ۱۹۶۰ع ۾ قلمبند کئي وئي.

۶. شادي خان کوسي جون انگريزن سان جنگيون

ٽالپور امير پنهنجي حڪومت واري دور ۾ سنڌ جي سرحد تي مختلف قومن ۽ قبيلن کي وهاريو ۽ وسايو، يا جيڪي اڳ ويڙهل هٿا تن جي ڇيهرائي ڪئي، ۽ جيڪن سرحدن کي سنڀالين. انهيءَ حڪمت عملي سان راڄ طاقتور ٿيا ۽ سنڌ جي حڪومت جو موجوده بدين ۽ ٽڙهارڪر ضلعن کان ڏکڻ طرف توڙي ٽڙهارڪر ضلعي کان اولهه طرف سنڌ جي طاقت وڌي. انگريزن پوءِ اهي سنڌ جون سرحدي اراضيون چني، پر وارين رياستن کي ڏيئي ڇڏيون. ننگرپارکر تعلقي جي ڏکڻ اوڀرندي ۽ چاچري تعلقي جي اوڀرندي طرف سنڌ جي سرحد اڪثي هئي. انهن سرحدن تي کوسا، چانڊيا، سوڍا ۽ سميجا راڄ سنڌ طرفان طاقتور هٿا. اوڀرندي ڏانهن جوڌپور واري سرحد تي خاص طرح لڙائي، گهمٽائي، ٻليلاٽي کوسا سنڌ جي فوجي طاقت جو اهم حصو هٿا. ڇهوٽن جبل ۽ ان جي پسگردائي وارو سڄو ملڪ (بعد ۾ تعلقو ٻاهڙ مير، رياست جيسلمير) سنڌن سنڀال هيٺ هو. ان جون حدون هي هيون: "سنڌ ي ٻاڙيءَ" کان وٽي ڏکڻ-اوڀر رامسر جي ڏونگري تائين، رامسر جي ڏونگري کان ڏکڻ-اوڀر طرف ڇهوٽن جبل تائين، ۽ ڇهوٽن جي جبل کان اوڀر طرف "ڏوري سنئو جبل" تائين. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تہ ننگرپارکر طرف راڻپور جي راڻن ۽ اوڀر طرف ڇهوٽن ڏانهن کوسن جي طاقت ختم ڪرڻ لاءِ کارروايون ڪيائون.

ڇهوٽن واري پاسي کوسو شادي خان سنڌ جو سڄڻ ۽ سورهيه مڙس هو. عزت خان جو پٽ ۽ کوسن جي گهمٽائي پاڙي مان هو. هن مڙس انگريزن جي پلٽڻ سان مقابلا ڪيا،

۽ انهن کي ماري ڦٽي پڄايو. ان وقت "سوپاري" (تعلقو مٹي ضلعو ٽنڀارکر) جي درويش سيد جهنڊولي شاهہ (پٽ فخرالدين شاهہ) جي زبان مان شادي خان لاءِ دعا جا هي لفظ نڪتا جيڪي مشهور ٿي ويا.

سنڌ ۾ شادي هند ۾ شادي ـ
ٽرين شادي برين شادي بحرين شادي
هن ڙي شادي هن

آخرڪار انگريزن جسلمير ۽ جوڌپور سان عهدنامو ڪيا تہ هو شادي خان جي ڪاہ مدد نہ ڪندا. خود شادي خان ڏانهن معتبر ماڻهو موڪليائون ۽ ڪيس لالچايئون تہ هو هٿيار ڇڏي تہ ڪيس ڇوٽن، ننگر يا چاچري ۾ جتي چئي اتي جاگير ڏني ويندي. جواب ۾ چيائين تہ منهنجي بٽ تي جيڪي تارڻ جا ڏڪ لڳل آهن، سي اوهان انگريزن جي برخلاف ٿي لڳل آهن. انگريزن وري ماڻهو موڪليس تہ ترار ڇڏ! شادي خان وري ۾ اهوئي جواب ڏنو تہ: ترار سر سان آهي ۽ سر سلامت آهي تہ ترار نہ ڇڏيندس. هوءِ فرنگي چوڌهن سؤ لشکر سان ڪري اچي مٹاڪ کي گهيرو ڪيو. شادي خان کي چيائون تہ! "هاڻي چوٽي چوڙي آهہ" (يعني سر اگهاڙو ڪري اچي آڻ ميچ ۽ پيش ڀڃو)، ۽ شادي خان نہ آيو ۽ چوائي موڪليائين تہ:

"لٽ پٽ لوهڻو سان، هوندين گڏ گڙهي ۾"

ٻڌايائونس تہ انگريزن وڏو لشکر چاڙهيو آهي. چيائين تہ: "ايڪ سون لڙڻهي، لاک سون لڙڻا هي". هوءِ لڙندي لڙندي شادي خان شهيد ٿيو.

ڪيتو فقير مڱٿهار ويڙل پاڪاسرجو، تنهن شادي خان جي سورهيائي تي "ڏوٿا" ۽ شعر چيا تہ: *

ڏ وڳا

جلو چلو چهڻ وڃان، ڏيڻي سر سادان
ڏونگر ڏهڪن چو لڳين، تو ڪوسو شادي خان.

گهمراٿي گهوڙي چڙهي، فوجن ٻاڙي ڦير
اڙنگ عزت خان رو، شادي ٻڌڪو شير.

شادي ڙي شمشير، عزت ڙي پانڌي آڏ ڪ
هٿيڙل ٻاهڙ سير، ڪلڪتي تعريفان ڪري.

شعر

اول نام علي شير محمد نبي اڏڪ سير
سيسهر آب ڏرتي سور مردون ڙڳا هڻي مذڪور
مردون ڙڳا هڻي ايمان جنگان ڪري ٻڌڪا جوان
ڪاڪان هڻي شادي خان.

پوڙا مار ڪافر گهير صاحب چڙهي آيا شير
آيا فضل ڪي ڦيري چلو انگريز ڪي ڏيري
حاڪم حڪم هلائيا ڏنڍندل ڪري ٽهڙايا (۱)
اوتاري خان دي آيا ڪوڙها آمل ڳلايا (۲)
پهلوان پيلايا (۳)

---

* هيءَ روايت سروهي مڱٿهار پٽ ڏيري جو پٽ آهي جو پٽ ڏورنگي جو پٽ ويري جو پٽ حسن جو، ياڊي فقير، اصل ويڙل ننگر پارڪر، عمر ۶۲ ورهيه جي زباني، ڪچهري مٿي (۱۹۶۰ع) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

(۱) ڏنهندل = ٽڪر. ٽهڙايا = گهرايا. (۲) ڪوڙها امل گلايا = جڏهن شادي خان اوتاري تي ٽڪر آيو، تڏهن گهاٽو امل ڪاوڙيائون. (۳) پهلوانن کي پياريائون.

"زاري" ٻوڇا جواب شادي مرڻ کا شباب (۱)
شادي حق مرڻا هئي کيسي کا ڊپ نه کرڻا هئي
ايڪ سون ئي لڙڻا هئي لاک سون يي لڙڻا هئي
جيسا آرابا پستول باوَل بلوچين را ٻول (۲)
اميد علي چانڊيا هئي ايير جائي لڙ يا شينهان جير (۳)
گٽن گيد گجرات ڏاڍي بلوچين ري ذات (۴)
شادي چوڙ ڏي تلوار "چوڙون لڄي سپ سنسار
ميرصاحب کي تلوار ڏرتي نهين جهلي هار" (۵)
گاوي کيتلا مگٽهار.

---

(۱) زاري = انگريز. (۲) آرابا = نغارا. (۳) اميد علي چانڊيو شينهن وانگر وڄي لڙيو. (۴) گٽن = گٽن. (۵) شادي خان چيو: ميرصاحب جي تلوار ڏنل آهي جنهن جو بار زمين به سهي کائه سگهندي؛ چڏيان ته سڄي سنسار ۾ لڄي ٿيان.

۷. حرن جون انگريزن خلاف بغاوتون ۽ جنگيون

سنڌ ۾ "پير صاحب پاڳارن" جي قادري سلسلي جي اسلامي تبليغ ۽ تحريڪ جو بنياد پير صاحب محمد راشد رح عرف "روضي ڏڻي" (۱۱۷۰-۱۲۳۳ھ) ارهين صدي هجري جي آخر ۽ تيرهين صدي جي پهرين ڏيهن سالن واري عرصي ۾ وڌو. توحيد، ذڪر الاهي، تقوي (پرهيزگاري)، نيت ۽ عمل جي سچائي ۽ صفائي، سعيي ۽ ڪوشش سان حق حلال جي ڪمائي ۽ همت ۽ مردانگي سان دنيا ۾ ڪاميابي سندن تبليغ ۽ تلقين جا مکيه اصول هئا: يعني تہ ذڪر الاهي، رياضت ۽ عبادت سان دين جي سربلندي ۽ آخرت جي نجات سان گڏوگڏ سعيي ۽ ڪوشش، همت ۽ مردانگي سان دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻي آهي. پير صاحب محمد راشد رحم ڪان پوءِ سندن سجاده نشين پير صاحب صبغت‌الله شاه اول، جماعت ۾ همت ۽ مردانگي واري جذبي کي جهاد واري منزل تائين پهچايو ۽ ڏارين جي غلبي ۽ قبضي خلاف جنگ جوئي آزادي برقرار رکڻ جو سبق سمجهايو. ان وقت سکن پنجاب تي قبضو ڪري اتر طرف سرحد جي پٺاڻن واري پرڪٽي تي غلبو حاصل ڪيو هو ۽ سندن آئيندہ رخ هيٺ ڏکڻ ڏانهن سنڌ طرف ٿيڻ وارو هو. هندوستان مان سيد احمد بريلوي سکن جي وڌندڙ طاقت ۽ مسلمانن تي سندن حڪومت خلاف جهاد جو جهنڊو بلند ڪري سنڌ ۾ پهتو تہ پير صاحب صبغت‌الله شاه سندس پوري پٺپرائي ڪئي ۽ سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي. مسلمانن کي جهاد جي ترغيب ڏني ۽ مجاهدن جو ڇڪو تعداد سندن سڏ تي اچي حاضر ٿيو. پنهنجن مريدن ۽ محبن مان هڪ مضبوط لشڪر تيار ڪري، ڪين حريت ۽ آزادي جو علمبردار بنائي جهاد لاءِ روانو ڪيو.

جماعت ۾ اهو حريت ۽ جرائي وارو جذبو، سندن پوئي پير صاحب حزب‌الله شاه (تخت ڏئي) جي دور ۾ وڏي وڻ ٿيو، جڏهن سورهيه سرويچن جي "فرق جماعت" جو بنياد پيو. پير صاحب حزب‌الله شاه سنه ۱۲۶۲هـ (۱۸۴۷ع) ۾ سجاده نشين ٿيو. ان وقت سندن عمر پنجن سالن کان ۾ گهٽ هئي. ان کان ٻي چار سال اڳ مهيني محرم سنه ۱۲۵۹هـ (فيبروري ۱۸۴۳ع) ۾ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪري سنڌ جي آزاد حڪومت جو خاتمو آندو هو ۽ سندن طرفدار ميرن علي مراد ٽئين رياست (خيرپور) جو والي ٿيو هو. سنڌ جي اڳين حڪمرانن ٽالپورن امير ن کي انگريزن قيدي بنائي باهر هندوستان موڪلي ڇڏيو، ۽ سنڌ ۾ ٻئي هر همت ۽ حوصلي واري سنڌ جي خيرخواه ۽ آزادي جي خواهان کي سازش ۽ مالي مشڪلاتن جو شڪار بنائي ڇڏيو هو. پير صاحب حزب‌الله شاه جئن ئي عاقل بالغ ٿيو درگاهه ۽ جماعت جي واڳ سنڀالي ته ڪيس سنڌ ۾ مسلمانن جي خستہ حالي ۽ انگريزن جي غاصبانه قبضي جو احساس ٿيو. جڏهن انگريزن جي خيرخواه ميرعلي مراد، پير صاحب پاڪاري درگاهه ۽ جماعت خلاف قدم کنيا، ته پير صاحب حزب‌الله شاه وڏي دوراندیشي سان جماعت کي وڌاپو ۽ ڦهڪ سنگت جي تڪن يا "چوڪين" ذريعي جماعت کي منظم ڪيو. ساڳئي وقت پير صاحب ۽ درگاهه جي مخالفن ۽ انگريزن ۽ سندن حاسين حمايتين خلاف مقابلن لاءِ خليفي غلام نبي لغاري "فرق" فرقي جو بنياد وڌو. هي شروع ۾ ٿورن سورهيه سرويچن فقيرن جو ٽولو هو، جيڪو پوءِ آهستي وڌندو ويو. مخالفن سان مقابلا ڪرڻ ۽ سر ڪهوري قربان ٿيڻ هنن جو هڪ بنيادي اصول هو.

پير صاحب حزب‌الله شاه سياسي بصيرت رکندڙ ۽ نهايت دانا ۽ دوراندیش هو. جماعت ۾ انگريزن ۽ سندن طرفدارن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو، ۽ هند ۽ سنڌ ۾ انگريزن

جي تسلط کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري هو تہ ٻين ٻاهرين طاقتن سان ڪو سلسلو قائم ڪجي ۽ کين انگريزن جي دور ۾ ملڪ جي اندروني حالت کان آگاهہ ڪجي. پير صاحب جن ترڪي جي سلطان عبدالحميد ڏانهن اهڙو هڪ خط موڪليو(۱) جنهن ۾ لکيائون ٿہ:

"هن وقت جڏهن هندوستان چوڌاري بي دين نصارن جي قبضي ۾ اچي ويو آهي: جڏهن دين ايمان متجي خلط ملط ٿي چڪا آهن تہ بگهڙ ڏڻ جا رکوال آهن، شريف ۽ رذيل پنهي کي هڪجهڙو سمجهيو وجي ٿو، هندو زوران زور تہ مسلمان ڪمزور آهن. مفلسي گهٽي ۽ بيحد تہ سرڪاري مطالبا وڌان وڌ ....

"اهي صليب جي نشان کي ايمان جي تعويذ کان وڌيڪ اثرائتو سمجهن ٿا ۽ ناقوس جي آواز کي اذان ڪري ڀائين ٿا..... نہ حڪمرانن کي رعيت جي تباهي تي فڪر ۽ غور، تہ نہ وري رعيت جي هٿ ڪرائي ۾ زور. هڪ طرف زراعت بي برڪت تہ ٻئي طرف ڏل وصول ڪندڙن جي ڪثرت. باوجود انهيءَ جي، قلم ۽ زبانون انگريزن ۽ سندن طرفدار تابعن ۽ نوابن جا بول پسولي ۽ ڳڻ ڳائي رهيا آهن". (۲)

---

(۱) هن خط جو مسودو سلامت رهيو آهي جنهن جي ڪتابت حضرت پيرصاحب جن جي فرزند ميان علي اصغر شاهہ ڪئي هئي. ان ۾ ڪيتراڻي خال آهن. آخري طور انهن ۾ ڪهڙا الفاظ لکيا ويا ۽ انهيءَ مسودي ۾ خود پير صاحب جن پيا ڪهڙا اضافا ڪيا سو معلوم ناهي، مگر مسودو ميان علي اصغرشاهہ نهايت سهڻو تيار ڪيو هو ايتري قدر جو پنهنجي والد کان خلعت جي تمنا ڪيائين. اهڙن موقعن تي پير صاحب بيحد خوش ٿيندا هئا تہ پنهنجن فرزندن کي خاص خلعتون پهرائيندا هئا.

(۲) خط جي متن ۽ مسودي لاءِ ڏسو مقدمو "ديوان مسڪين" (پير صاحب حزب‌الله شاهہ تخلص "مسڪين" جو فارسي ديوان، شايع ڪيل مفتي محمد رحيم، درگاهہ پير صاحب پاڳاره).

هي نهايت مخفي قسم جو خط هو ۽ اها ڪالهه راز ۾ رهي ته پير صاحب جن ڪيئن ۽ ڪڏهن اهو سلطان عبدالحميد ڏانهن موڪليو. سنه ۱۳۰۸هـ (۱۸۹۰ع) ۾ پير صاحب جن جي وفات بعد شايد هن خط جي باقي باهر نڪتي هجي ۽ انگريزن جي خيرخواه جاسوسن اهڙي خبر حڪومت کي پهچائي هجي ۽ جيئن ته ڪوبه ثبوت موجود ڪونه هو تنهنڪري هي ڪالهه زباني رهي ۽ لکيت ۾ ڪانه آئي. البت اڳتي لاءِ انگريزن پير صاحب جي اثر رسوخ کي گهٽائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ۽ جماعت جي همت ۽ حوصلي وارن ماڻهن خلاف عام طرح ۽ حرن خلاف خاص طرح ڪارروايون شروع ڪيون. انگريزن کان اهو ڪجهو ڪونه هو ته سندن تي سندن قبضي (۱۸۴۳ع) کان تيزهن سال اڳ سنه ۱۸۲۹-۱۸۳۰ع ۾ پير صاحب پاڳاره جن سيد احمد شهيد کي فوجي امداد ڏني هئي. انهيءَ ڪري جيئن ٻوءِ تيئن پير صاحب پاڳاره، درگاهه ۽ جماعت تي ڪڙي نظر رکيائون.

پهرين حر تحريڪ ۽ بغاوت

سنه ۱۸۹۶ع ۾ پهرين حر تحريڪ ۽ انگريزن خلاف بغاوت شروع ٿي، ۽ انگريزن جي پوليس ۽ ڪاسورن طرفان پير صاحب جي جماعت ۽ حرن خلاف سازشون ۽ ڪارروايون شروع ٿيون(۱). جواب ۾ حرن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو؛ انگريزن جا قاعدا قانون ٽوڙيائون ۽ سانگهڙ لڳ "مڪي جي ڊنڊي" کي پنهنجو جنگي مرڪز بنايائون، انگريزي حڪومت خلاف ڪارواين خاطر، پارهن چٽن جي "پنهنجي سنگت" قائم ڪيائون، جيڪا هڪ "جنگي ڪونسل" هئي. ساڳئي وقت اها انگريزن جي حڪومت جي بجاءِ هڪ

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب جي سلسلي جو نائون ڪتاب "واقعاتي بيت"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي-حيدرآباد، ۱۹۶۱ع، ص ص ۳۳-۴۲.

متبادل حڪومت هئي، جنهن ۾ "بادشاهه"، "وزير"، "ڪوتوال"، "منشي" (سڪريٽري) ۽ ٻيا ميمبر شامل هئا. اها پارهن-رڪني ڪونسل هيٺين سورهين تي مشتمل هئي، جن کي انگريزن ڏاڙيل، باغي ۽ قانون کان ٻاهر (Outlaws) قرار ڏنو ۽ انهيءَ کري هو "بهروٽيا" پڻ سڏيا ويا.

(۱) بچو پٽ وزير ذات خاصخيلي ويڙهل مڙائو تعلقو سانگهڙ. کيس "بادشاهه" بنايائون ۽ هو پوءِ بچو بادشاهه جي نالي سان مشهور ٿيو. پير صاحب جن جي نظر بنديءَ بعد، سندن اعلان تي سردار محمد يعقوب وٽ سنه ۱۸۹۸ع (؟) ۾ پيش ٿيو، جتان کيس گرفتار کري "عيسي ڏاهريءَ" سان گڏ ميرپور خاص ڏياري موڪليائون، جتي انگريز جج مقدمو هلائي کين ڦاسي جي سزا ڏني.

(۲) پيرو پٽ صالح فقير وساڻ ويڙهل ڪنڊو تعلقو سنجهورو، "جهوڙي لڙي" وٽ سنه ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس جي لشکر سان وڙهندي شهيد ٿيو.

(۳) تڳيو چانڪ پٽ دوسو چانڪ ويڙهل سماٽري تعلقو سانگهڙ، "جهوڙي لڙي" وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي سر ڏنائين.

(۴) گلو پٽ پريو موچي ويڙهل ڪوٽ نظاماڻي تعلقو سانگهڙ، "جهوڙي لڙي" وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي سر ڏنائين.

(۵) پٽلو پٽ گلو ڪاهو ويڙهل سوجن، تعلقو خيرپور. "مڪي" وٽ غلام محمد جي گهٽ جي ٻرياڻ ٽکنبي (ٽکنڊي) وٽ، پنهنجن پن سائين مصري ڪاهي ۽ عثمان هڪوري سان گڏ ميدان ۾ آيو. "بچو" جي سهري دينو کي ليوڪس وٽ موڪليائون تہ هاڻي اچي مقابلو ڪر. ليوڪس آيو ۽ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ٽيئي ڇڻا ليوڪس سان وڙهندي شهيد ٿيا.

(۶) مصري ڪاهو پٽ خانڻ ويڙل ڀجر واهر تعلقو شهداد پور، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي گهٽ جي پريان ٽڪنبي وٽ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(۷) عثمان هگورجو پٽ ملوڪ ويڙل چرائو تعلقو ٽنڊوالهيار، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي گهٽ جي پريان ٽڪنبي وٽ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(۸) عيسو ڏاهري هالن واري ٽاٽي تي پيش ٿيو، جتان گرفتار ڪري، ڀچو بادشاهر سان گڏ مٽس مقدمو هلائي ڪيس قاسي ڏني وئي.

(۹) خميسو وساڻ پٽ سچل ويڙل ڀاڪوڙو تعلقو سانگهڙ گم ٿي ويو: غالباً ڪنهن مقابلي ۾ مارجي ويو.

(۱۰) سومار ڪاهو، پير صاحب جي انهيءَ نوڪر ڪي مارڻ ويو، جنهن ڪي پير صاحب طرفان حرن ڪي انگريزن جي پيش پوڻ جو اعلان ڪيو هو، پر پاڻ مارجي ويو.

(۱۱) فتلو قاضي، سومار ڪاهي سان گڏ مارجي ويو.

(۱۲) راڻو وساڻ ويڙل ڀاڪوڙو، مرشد جي حڪر موجب پيش ٿيو، جنهن بعد ڪيس ست سال ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻي موڪليو ويو.

ڀچو بادشاهر ۽ پيرو وزير ۽ ان جي ساٿين جي ڏهڪاء سبب پوليس سرڪاري ٽاٽا چڏيا پڄي ويئي. سڀني پڄي وڃي وڏن شهرن ۾ پناهر ورتي. هڪ طرف حرن جو ڏهڪاءَ ٻي طرف پوليس ۽ فوجي سپاهين جيڏ مسڪينن تي مار، سو ملڪ ۾ هيڪاري هراس پکڙجي ويو. جوالاسنگهر نالي سانگهڙ جو ڏفعدار هو، جنهن حرن ڪي پڪڙڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر ڪيس ڪو، هر هٿ نه آيو. سانگهڙ ضلعي ۾ هر سال مانگهر مهيني ۾ "بهرم اري" جو ميلو لڳندو آهي. جوالا سنگهر ٻه حرن جي ڪولا سانگي اڇي ميڙي ۾ ٻڌو، جتي ڪٿي موڇي جي بندوق لڳس ۽ مارجيڏ ويو.

سندن ٻين سائين ۽ جدا جدا جاءِ تي مقابلا ڪيا ۽ ست سال ڪن سنڌ ۽ انگريزن جي حڪومت ڪي ٽرٽلي ۽ وڃهي ڇڏيائون. سنڌ جي عوامي شاعرن هنن سورهين جي سورهيائي کي ڳايو ۽ ڪين جسون ۽ شابسون ڏنيون. هيٺ شاعر محمود هڪلي عرف "مل" ۽ شاعر شادمان مري ۽ شاعر تاجي دل جا بيت ڏجن ٿا جي هنن بهادر حرن جي تعريف ۽ چيا.

شاعر محمود هڪلي عرف "مل" جا بيت.

شاعر "مل" حرن جي بغاوت ۽ حملن واري دور ۽ موجود هو. سندس جملي بيت تفصيل سان اسان لوڪ ادب سلسلي جي نائين ڪتاب "واقعاتي بيت" (صفحا ۴۲-۶۳) ۽ ڏنا آهن، جن مان ڪي ٿورا هت مثال خاطر ڏجن ٿا.

انگريزن جي صاحبيءَ ۽، چوڏهين صدي سير
پرڏر اچي پيدا ٿيا، بانڪا بي نظير
بارهن چٽا باهر وڻيا، مڪيءَ پاسي سير
"بچو" ان جو بادشاهه، "پيرو" اڪيان وزير
ڪري ڏاڪي سان دلگير، تن ڏيهه ڏڪائي ڇڏيا.

ڏيهه ڏڪائي ڏيا سان، ڪيائون زير زبر
اڪ نه هين انگريز تي، ٻيو ڪنهن نه مٿي ڪلٽر(۱)
ماريئي سنو سپاهين جا، ٿي لوڙهيائون لشڪر
ڏسي هيبت حرن جي، ٿي گهٽن ڇڏيا گهر
ٻوءِ اتي وڃي افسر، الهن جي ٽاڻن پٽي ٽڪون جهليون.

---

(۱) يعني ضلعي جا حاڪم "ڪليڪٽر".

مانجهي مرد "مَکي" جا، غازي کين گڏسن
عداوتي اونداهه جو، ٿا ڏئي تي ڏمن
جت تکيائون تت هنيائون، تر نه گڏو تن
رڳا چغل چٽيا، بات مٿي هانکن (۱)
اڄي کي انصاف جا، مٿجرا ٿا ملن
ڪالهيون پيون ڪائجن، تن مردن جون "مل" چئي.

—

ڏسو مٽيا مردن جي، ايڏا جن ايمان
هارهن سير سڄي ڏيهه کي، سامهان ٿيا سلطان
حاڪمن متن هلائون کيون، ٻيا طرحين طرحين طوفان
ٻڌين سوڌا ٻيڙجي ويا، آهي جند ڪاري جوان
تہ ہ اکر هڪڙي انگريز جي، کاڻ کڌيائون کان
هانکن پنهنجي بهادري سين، چڏيو توري آپ آسمان
آخر خاڪ مکان، هتان هرکو ويندو هليو.

هتان هرکو ويندو هليو، پنهنجو وارو وڃائي
هيکر دانهن دهليءَ سوڌي، چڏيائون نالو کڌائي
ميڙي "بهرم بري" جي تي آيا ڪڪ ساڻ ڪاهي
بندوق جولاسنگ کي، ٻڌيائون ٻولائي
سوڌي ڪٽلي سوڃيءَ جي، اها ڪٽي آهي
ڏهلي چڏيائون ڏر تي، ڪتو کيرائي
ڏيئي پڙهو سي ويا سيني سڏائي
متان کو ان حساب ۽، صبح غريب گهلائي
ڏڃي ان جي ڏائي، ٿي گهٽن رضائون گهريون.

—

هارهن جٽا ٻهروتيا، سورهيه هٿا ٻڌ سڏر
لڏين سوڌا لکجي ويا زور پڙيا زبر

(۱) چٽيا = هن نشانو ڪيا، ماريا.

راڻيءَ ڏاڍو روڄ ڪيو سڻي خوب خبر(۱)
وڏيو سنڊ ساري ٽا هاڻي وڃن حر
ڪري ڪونسلون ٻاڻ ٻه، ٻيا منجهه پچر
'دلي' ڏياچا ويا، 'ڪلڪتي' ڪاڪر
'پوني' دانهن وڃي پڳي، آڻي 'امبراسر'(۲)
لکنؤ لاهور کان، ڇڙهيا 'گڏگام' کان گورنر(۳)
ٻمبئي بندر 'بڙودي' جا، ڪٽين آيا ڪمشنر
اسپيشلون آئيون، ڪٽي فوج اهر
'اسٽيل' بيهي رهيو، ٻنهنجا وڙهائي ور(۴)
'ليوڪس' اچي لوڪ جا ڪاڻي ڪانيا گهر(۵)
بي قانوني ڪيترا، تنهن هلايا هٿر
ڏ ٻه آيا ڪين ڪپر، انگريزن جي آمر ٻه.(۶)

—

بازهن چٽا بهروٽيا، سورهيه هٽا سجان
ڏڻي هيبت حرن جي، دڙڪو ۽ دهمان
پوري پٿو نه جهليو، پيو هاڻو هندستان(۷)
مددون مگيائين راڻن کان، ڏيئي تارن جا طوفان
چٽوڏس چوڪيون بيهي ويون دنگن تي درٻان
ڏاڍا مڙس ڏيسي آيا جوڌپور ڪٽون جوان(۸)
ڪي جنگي جيسلمير کان، ڪي مانجهي کان ملتان
ڪي ڪوٽا ڪراچي کان، آيا پنگجي پهلوان(۹)

---

(۱) راڻي وڪتوريا (۲) امبراسر = امرتسر (۳) گڏگام = گڙگانون (۴) 'استيل' انگريز آفيسر جو نالو (۵) 'ليوڪس' انگريز جيڪو حرن خلاف ڪارروائين لاءِ مقرر ٿيو. هن ماڻهن جي گهرن ڪي باهيون ڏياريون ۽ بي قانوني ڪئي (۶) ڪپر = ڏاڍا مڙس (۷) پورو = انگريز (۸) ڏيسي = انگريزن جي ڏيهي رياستن جي فوج (۹) پنگجي = سنيري، تيار ٿي.

کاپون اچي کڻيون ٽيون، ميڙا منجهه ميدان (۱)
پر جهلي کو ايمان، مور نہ لڙي مکيءَ کي.

—

ماري منکر کيترا، ڏهليا تن ڏڦير
هوند کين وڻائن ها ڪنهن کان ڪنهين پت پير
پر مڃي امر مرشد جو آيا آني ويڙ
"ڀيرو" سندي هادر ٻ، ٻيو قدم وڃهي کير
ڪٽان لهين کوڏيا، "ڪلي" جهڙا شير
اڙ ٻنگ ڏيئي آلهڙ، آيا ملهه ميدان تي.

آيا ملهه ميدان تي، سانگو هلي ساهه
ماڻهو مڪائون سير کي، جو ڇڙو بادشاهه
ته: لڙائي اٽون لوڙ سين، تون سگهو اڄ صباح
تنهان اکي چغلي هنئي، "ڪيربي" کري ڪاهه
تنهن تي ڪامپ چڙهي ڪيتري، جنهن جي نہ سڌ سماءُ
ڏسي هيبت حسن جي، دهلي ويا داناه
منشين مٽ موڙها، سکي وڻن ساهه
ته: آهيون اجل سامهان، کڙو ورندو واءُ
آيا گوڙيون ۽ گوگاءِ، ڪن ٽيئي ٽلڻي وچ ٻ.

—

غازي گوءِ ڪڻي ويا، ٽيئي منجهان ٽيلي
"ڀيرو" توکي پيدا ڪيو يلي رب يلي
وهه واهه تنهن وساڻ جي، بلي ڙي بلي!
ٻروچ وڏي ٻهڪ سين، ٿو هاڏيون ڪيو هلي
ڪوڏئون وڃي ڪلهو هنيو، غازين ساڻ گلي

(۱) کاپون = ڪنپون.

موڏين هٿي سوڇي کي، ڪيو ڏار ڏلهي
ته ٻ ڪوڏيو منجهه قلعي، وڙهيو ٿي ويرين سان.

بارهن ٿي چڙا ٻهروٽيا، هوند هڪڙي مٽ هنجن
ته ڪٽا ڪامهن منجهه سي، اهڙا ويڙ وجهن
ته جيڙا هن جنگ جون ڪالهيون ڪيٿي ڪن
ٻر فوجون ڦري آئيون، ڏاروڏار سپن
اصل انهيءَ ٻت جو، مرڻ مٽيرن
ٻوءَ مڪيءَ جي مردن، ون ٻه وچائي چڏيا.

شادمان مري جا بيت.

شادمان پٽ حاجي امام بخش بڙائي مريٽ، ويڙل ڪنڊيرو، تعلقو ڪپرو. شادي ۽ شادمان ٻڌي پائر شاعر هٿا. ٻنهي وڏي بيماري (۱۹۱۸ع) ۾ ساڪٿي ڏينهن وفات ڪئي. شادي کي دفن ڪري وري اچي شادمان کي کنيائون.

۱. ساراهيان سچو ڏڻي، سهڻي جو سردار
'مري' چئي، محمد ميرکي آهي ڏات ڏني ڏاتار
شافع ٿيندو، شادمان چئي، اچي اُمت جو آڌار
آهي اميد امت کي اچي ٻير اڪار ٻندو پار
اچي سانگهڙ شهر ۾ ٿيو 'جولو' جمعدار
ڪٽين ڪُريزون ڪيتريون، هن جو ڏاڏو ٿيو ڏهڪار(۱)
هڪ حڪم حاڪم جو ٻيو آڻي نه اختيار(۲)
ڏيو قول قرار، ڪري ٻچائون 'ٻيرُو' جون(۳).

---

(۱) ڪريزون=ماڻهن سان جنيون (۲) پرواهه نه ڪيي، ڪنهن تي سندس اڪ ڪاڻ ٻڌي (۳) انعامن جا وعدا ڏيئي، پڇا ٻيو ڪري ته ٻيرو وساڻ ڪٽي آهي.

۲. ڪري ڇڙائون ويرو جون، مانا متنهن جڙهي
ماڙهيو سانگهڙ شهر جا ٿو ڪوئيو گڏ ڪري
ڪن صدائون سيد ڪي، اي‌ء مٿڪر مان مري
هڪ حڪم حاڪم جو، هرڪو ڏاڍي ڪوڻ ڏري
قادر ڪم ڪري، ڪوڙين ٽيهن ڪلاڪ ۽.

۳. ڪوڙين ڪم ڪلاڪ ۽ ٿو ياري بنائي
فقير ديڳون فقر جون ٿو چوڏهين چاڙهائي (۱)
ميڙو بهرم شير جو لال بيغو لائي
اچي گوهر گل ڪي ٿو سيکٽ ۾ ستائي (۲)
"سائين! آه بخيلي بچوءَ ڪي ٿو سورهيه سڏائي (۳)
هادي انهي حرن سان مون ڪي ملائي" (۴)
"ڪفر ڪي ڪاهي، ماريندا سون ميدان ۽." (۵)

۴. مارو ڪيو ميدان ۽ جنگ ڏيڻي جوانن
سڏي آثاريو سيک ڪي اچي ايمانن (۶)
ٽياڪڙ ڪٽل ٽهي وياجيت ڪڙ ڪيو ڪانن (۷)
هڪ لغاري لڙي ويو تنهن ڪي وڏيو وريامن
ڪٽهي جي خانن، ڏني جنگ جڙيد سان.

۵. ڏيڻي جنگ جزيد سان، هليا منڪر ڪي ماري
جولهي ٽي جولان ڪيا قول ڏنا ڪاري
سڏي آثاريو سيک ڪي آڻي بڇڙو بيهاري
هنيائين ڪان ڪاپار ۽ سيد سنيهاري
هڻن ٽي هٿوراڙيون ڏيون، ڏنس پيو نالين پاري
ويرڻ وهاري، ڏنس تائيرا طنبوءَ ۽ (۸)

---

(۱) فقير، يعني بهرم بري جي درگاهه جو گوهر فقير. فقر=ننگر.
(۲) گوهر فقير کي ڏپائي ۽ پڻ چوي تہ دعا ڪر تہ مون کي حر ملن.
(۳)-(۴) اهي الفاظ جڻ جولاسنگ جا آهن (۵) اهي الفاظ جڻ فقيرن جا آهن. (۶) ايمانن=بهادرن (۷) ٽياڪڙ=ڪٽيل ڏر وارا، يعني تہ عام ماڻهو جيڪي ڪنهن جا طرفدار ڪين هئا. (۸) تائيرا=ايذاء.

۶. ڈيئي تاثيرا طنبوء ۽ هليا بٽيون ٻچائي(۲)
فوجون جي فرنگ جون چڏيون ڪانن ڪٻائي
"پيرو" پنهنجي پلٽڻ کي ٿو سڏيو سمجهائي:
اسان تي ماڙ مرشد جي، آجهو سو آهي
ماريندا سون ميدان ۽ ڪفر کي ڪاهي
مڪي ملهائي، وئي جوان ويهي رهيا.
۷. وئي جوان ويهي رهيا ڪانه ڪيائون ڪاڻ
پوشاکون جي پٽ جون سونهريون ٽن ساڻ
اکي هٿا مشهر ملڪ ۽، وري ٽيٽن واکاڻ(۲)
گهٽو گهرن ڪينکي، جيڏن جو جيڏاڻ
سڀي صاحب هليو حال حقيقت هاڻ
انجنري اهجاڻ، اچي سهڙيا سانگهڙ شهر ۽.(۳)
۸. اچي سهڙيا سانگهڙ شهر ۽ ٽيو طنبن تي تاهٿوت
پاڪيا ڪل پچي ويا، ٽيو مڪيءَ ۽ ماهٿوت
حضرتي حرن جو ٽيو سندرو ثابوت(۴)
بازيون ڪيون بهٿوت، پرهنن کي پتو ٻيوئي ڪونڪو(۵)
۹. پتو ٻيو ئي ڪونڪو، ڪيائون هنر هزار
ڏاها پورا ڏيهه ۽ تڏ چلا ٽيون چوڏار(۶)
وزيرين وڪيلن" کي ٽي آچيائون پاڻ پگهار(۷)
ڏيون انعام انهن کي جيکي طور لهن طومار
کا تن جي خبر چار، آڻي سڏ سڻائيو.
۱۰. صاحب آن جي سڏ جون ٿو ڪرين ڇيو ڇارون(۸)
هستي غازين گهائي چڏيون ڪيئي قطارون

---

(۱) بٽيون ٻچائي=ڪان هٿي (۲) مشهر=مشهور (۳) انجنري=جرنيلي، انگريز جي ملٽري جي جرنيلن جا (۴) حضرتي=حضرت پير پاڪاري جا (۵) انگريزن جي فوج گهٽيون حرفتون هلايون (۶) ڏاها پورا=جاسوس (۷) پگهار ٽي آچيائون تہ حرن کي پيدا ڪريو (۸) آڏو ماٿهن جو جواب.

سپاهين کي سانگهڙ وات ۽ سوهيو ڏين ماڻون(۱)
اٽن جلسو جنگ جو، آڻي ڏڙا کياڻون دارون(۲)
تن جون تکارون، صاحب! اٽڻي سير تي.
۱۱. صاحب سير نہ ڪڙو ڪيو، انجنيري آڻليو(۳)
منهنجو سڪيءَ وارن سان حڪر ڪوڙ هليو
آءٌ نہ وڃان اوڏهين، وڃي پنهنجا پاڻ هليو
هُن کي هڪيڙ وارن مان هٿ آيو، تہ ڪر چڱيءِ
چور جهليو(۴)
ڪُوڙيو ڪُنڊَ ڏاڙهين جا، ڏا ني ني کن ڏلو(۵)
قيدي قيد ڀلو، انهن حڪّرن جي حڪمات کڻون.
۱۲. حڪّرن جي حڪمات جو ڏاڍو ٽيو ڏهکار
ٻارهن چڙا ٻيلي ۾ آهن نامَ ڪڻيا نروار
هک نيکي نالو تن جو، ٻيا سورهيہ هٿا سڄيار
ماري تن منکرن جا ڏڙ وڍي کياڻون ڏار
هڪل ٽي، هٽ-تاڙ ٽيا، ڪيڏا سپ ڪوليار
پيڙا چٽائن ٻرهہ جو، آڻي هڏن ٽوڻ هڏيار
سيڻي جا هن ساڏ جي وڍي ويا وَڍ ٻار
ڏيهي ڪُل ناس ڪري، کياڻون گڙوءِ جو
سڏهڻ گار(۶)
ٻوءِ چڏي ٻچا ٻار، ٻچي ويا هڻ ٻوءِ مان(۷).
۱۳. ٻچي ويا هن ٻوءِ مان واڻيا ويڇهيءِ جا
سڏائون سانگهڙ شهر ۽ ڪڙڪا ڪانن جا

---

(۱) سوهيو=چٽي ڪُتي (۲) ڏڙا کياڻون=گڏ ڪري ڏڳ کياڻون (۳) جرنيل هٿيو (۴) هن کي=حڪرن کي. هڪيڙ وارن مان=آڻيس وارن مان، انگريزن جي ڳهاردارن مان (۵) ڏن ڏن کي پڏيو ڏلو ڪريو آماڻين. (۶) هٿ وارن شاهوڪار سڀنين جي زباني تہ: "گروءِ جو سڏهن، روڪ ڏاڙو سپ ڪٽي ويا" (۷) پوءِ=ڏپ، سڀ ڀچي ويا.

پهڻي سڀڄڻ هاڻ ۽ ڪڙا خط ڪيا
"صاحب! ماڙهو ملڪ چڏي ويا، تو کي ڪل نه ڪا" (۱)
ٽپالون جي ٽهشنن تان واڇيندي ويا
پرزا پڄنچن جا، وڃي راڻي وٽ رجوع ٿيا (۲).

۱۴. پرزا پڄنچن جا ڪٽي ويهي وانچيائون
ڪري ڪاغذ اوڏهون لاءِ "ليوڪس" لکيائون (۳)
صاحب آيو سيڪهه، سان تنهن کي ائين چيائون
سائين! سواسيا گهمن سڪيءَ ۽ پارهن آهن پاڻهون (۴)
ماري ڪڍي ملڪ کي پنهنجو جڳ ڪڙو ڪيائون (۵)
هنن سان حاجت ناهي هڪ جي، آهن کي بينهي بلائون
تنهنجي رعيت رولائون، پلڻ وڻي وڃ پاڻ سان.

۱۵. پلڻ وڻي وڃ هاڻ سان، ڪر پنهنجي پختائي
هو رڪهي وڙهن تا رات جو، آڇي لائين لڙائي
هيڪاري حرن سين آهي راڄن رهائي (۶)
ميلت آهي ماراييو "جولهي" کي جائي (۷)
ڊپ گهٽو ڪڇ ڏوه جو، متان ڪوٽ وڃي ڪائي
سڪي سڀ سواسيا آهن صوبا صلاحي (۸)
ڪر پنهنجي پختائي، اتي قانون هلي ٿي ڪانڪا.

۱۶. قانون جي ڪيائين ڪانڪا، اختيار رکي آيو
آرانيو سڪيءَ ۽ ليوڪس اڇي لايو (۹)
حر اوهان تي ڏر ٿيا، مدد ڏيئي جهلايو (۱۰)

---

(۱) واڻين لکي فرياد ڪيا (۲) پرزا = درخواستون (۳) ليوڪس = Lucas نالي انگريز آفيسر (۴) سواسيا گهمن = ست ٽيا گهمن (۵) پنهنجو جڳ = پنهنجو جڳ ۽ جيڻ (۶) راڄ يعني عام رعيت ۽ راڄ حرن سان بدل آهن (۷) ملت = حرن ۽ راڄن جو ملي هڪ ٿيڻ. جولهي کي = جولاسنگ کي (۸) سڪي جي ڏنڊ (۹) آرانيو لايو = پارڻ اڇي پاريو (۱۰) در ٿيا = اوهان تي ثابت ٿيا (ته اوهان ئي کين لکايو آهي).

زاہر اوھان جي زور تي ٿا وڙھن ٻولايو
نيٺ نہ سير نايو، ويئي ويل گذر ٿي.

۱۷. ويئي ويل گذر ٿي، ان کي پٽو ڪونہ ٻيو
هن گهريا ڪہ ڪريہ ڪوڻ جنهن جڳت آ جوڙيو
مٽلڪ آ محمد مير جو جنهن تي ڪلمون راس ٿيو
آهي اميد اُست کي لال لهي ايندو
شافع ٿيندو، شادمان ڇئي، سُرسل اچي منهنجو
جمجما سلطان جنهن روءِ زمين جو چڑهي سير ڪيو
ڪونہ ٻڌوسون ڪڏهين نيٺ آ نيبهہ جو
آمرُ سين آيو، هي پارت ٿيو آ پير جو(۱).

۱۸. پارت پٽيان پير جي ڏنا سورهين سمن(۲)
ڦري چٽايو فلنگ کي وڙکي وڙين
چڑهي آيا چوڪان تي، اچي اسلهايو مردن
وانگاري ويهي رهيا، هو آڙ نہ اوڏو ڪن
هو 'ڪٽلو' ڪڏ منجهن، 'تڪيو' 'پيرو' ٿاڻ ہ.

۱۹. 'تڪيو' 'پيرو' ٿاڻ ہ، هو مٽ ڪوڻ ڪيئن مٽڙن
هوڏنهن آسي ڪوڻ اُست گهٽي، هيڏنهن ٽولي
ڪي آهي ٽين
ٽيڪَ ٻلي ٽاهٽو لڳا، ڪڑڪا ڪيا ڪانن
ٽي زاري زميندارن سين، سي اوڏا ڪين اچن
ڪري ڪاٽ ڪٽلهن تي ٿا پوءِ مان دور پڇن
جو سُورهيہ سيک منجهن، سو عقاب جيئن آڏيو(۳).

---

(۱) پير صاحب جو هي حڪم آيو آهي تہ اوهان اچي سير ڏيو (۲) سمن = پيغام (تہ فلاڻي ڏينهن فلاڻي جاءِ تي حاضر ٿيندا سون). پير جي پارت پٽيان = پنهنجي مرشد پير صاحب جي چوٽ پويان (۳) سورهيہ سک = جولاسنگ جو پٽ مياسنگ، جيڪو گهوڙو ڪڏائي اڳتي وڌيو تہ پنهنجي پيءُ جولاسنگ جو ويرُ ونيي.

۲۰. عقاب جيئن آئيو ڪُڙهو ڪڏائي
هڙهائي "پيرُو" چڏيا سنگتي سمجهائي:
افسر آيو ڪونڪو ڪماڻءَ جهڙو ڪاهي
هيءَ مهل هن ڪؤن مٽڙوئي ناهي
هو بہ مينهن مٽي تي آيو ويري وَسائي
ڪانڊن ڪيرائي، ليئي آئوڙي آبتو ڪيو.

۲۱. آئوڙي آبتو ڪيو، ڪيا ريفلن رڙهات
زور وڻي ظاهر ٿيا ڪڏي سپ ڪنوات
پلٽن تڏ هلڻي پئي، ماڙهن لڳي مات
ٽُٽي ويا سپاهين کي ڪلهن مٿي ڪاڪ
انجڻيون آڻلي هيون ڏينَ ڏنا ڏاڪ
ريفلن رڙيٽون ڪيون، ڪانڊن ڪيا ڪٺهاڪ
ڪارا ڏيئي ڪات، ٿيا شير شهيد، شادمان چئي.

۲۲. ٿيا شير شهيد، شادمان چئي، جوڻون ڏيئي جوان
هلي آيا جُٽ مان، ڪيائون ڪوڙن واري ڪانَ
بيشڪ بهادر هئا، گهٽو تڪيا تان نہ
هڪڙي جا حاضريءَ ۽ جاڙَ ڪري ڏيا جوان(۱)
ساراهجي سجان، حُرن هيڪڙائي ڪئي(۲).

۲۳. حُرن هيڪڙائي ڪئي، وڙهي انهيءَ ويڙ
نہ ته سر ڪٽي سامهون ٽئي ڪانڊن اڳيان ڪير
ڪاهي ويا ڪڪ ۽ هو دهليا کين دلير
فرنگ فريشان ٿيو، جنهن هاڻ سڏايو سير
ڪيي چڏيا ڪانڊن جا اخوانن آڏيڙ
ٻوءِ ڀڄي ورتائون پيڙ، تاڙا ڪٽل ٽُڏجي ويا.

---

(۱) بجو ٻوءِ ورتو حاضري ۽ اها ميار مٽن رهجي وئي (۲) هيڪڙائي ڪي ڪ اهڙي بهادري ڪري چڏي جيڪا بيان کان باهر آهي.

۲۴. ٽاٽا ڪُل ٽڏجي ويا، ويڻا نہ واپاري
آمالڪ آڻي ويا اهي ڪميي ۽ ڪاري
هندو هٽ تاڙيون ڪري لڏيا لاچاري
تڙيئون ڪنهن تحصيل سان سانگهڙ جي صوبيداري
ڪچ، پُڄ ۽ ناڙي، ويون اخبارون انگريز جون.

۲۵. اخبارون انگريز جون، چلي ويون چؤڏار
جن اصل ٽي انعام ڪنيو پيروُجن پگهار(۱)
ٽلوُن ٽلهي هاڻ ۽ ڪيا وڏاڪن ويچار
تہ اصلي سورهيہ سنڌ تي هٿا ٽالپور ٽيلدار
ستان ڪا سيرائي ٽُهي انهن جي آڌار
حيلا لکہ هزار، انهن ڏاڍيون ڏاهپون ڪيون.

۲۶. ڏاڍيون ڏاهپون ڪيون، وڏا ڪيائون وس
مارو سڪي ڪنڊين بنهہ نہ ٽڻي بس
هنيائون ٽي حڪم سان ڏيو دُنالين کي دس
پيا هٿا هڙ هٿن تي کارتوسن جا ڪس
اهي ڏيندا ڏيهن کي ڏس، جن کي گڏيا هٽ حرن جا.

هي بيت سگهڙ حاجي محمد علي ٻٽ رحيمداد خان ٻڌائي سري، ويڻل لڳ ڏلهڏيون ٻڌايا، جنهن سان اسان جي ۶ اپريل ۱۹۶۸ع تي ڪچهري ٿي. چيائين تہ جڏهن ٻچو ۽ هيرو ٽيا تڏهن شادمان ۽ سندس ياڻ شادي پڪا چوان مڙهن هٿا. حاجي محمد علي چيو تہ اها عام خبر آهي تہ جرمن ست ورهيہ حڪومت ڪئي.

تاجي دل جو جيل بيت

تاجو ذات جو دل، ويڻل ڪانٽيو تعلقو مٺي، ان وقت جو عوامي شاعر هو، جنهن جڏهن راڻپور جي راڻن ۽ تروٽ

(۱) پروجن = پروجهن، سياڻن سمجهہ وارن.

واري جنگ (۱) تي بيت چيا تہ شروعات ئي حرّن جي بهادري ۽ جولاسنگ جي مارجڻ سان ڪيائين تہ:

هارڻ تن هَروَئين جو ٽيو هندوءَ ڪي هرڪان
تہ: ڏاتر مون ڏيکارين تن ديمين جو دهمان
پوري ويهہ "هيرو" ڪئي جنهن سڪي ڪئي ميدان
ويهون رنگ وساڻ ڪي جنهن هوءَ نہ لڪايو پاڻ
"جولا سنگ" جبل هو جنهن سڪ وڌايو شان
پر پهلوان پهري جو ڏريون رکيو نہ ڏيان
بيٺ بيلا سي چٽيون باهہ هندوقون هان
"جولي" جي جسم مان لنگهيا ڪراهين ڪان.

هي حر تحريڪ ۽ انگريزن سان جنگ

پهرين حر تحريڪ (۱۸۹۶ع) بعد انگريزي حڪومت ڪي يقين ٿي چڪو هو تہ جيڪڏهن "حر جماعت" ۽ "پير پاڳاري" جي گاديءَ ڪي ختم نہ ڪيو ويو تہ هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ جي پٺيراڻي ٿيندي رهندي، تنهنڪري هنن حرّ جماعت توڙي پير صاحب پاڳاري ڪي ختم ڪرڻ لاءِ منظم طور تي ڪارروايون جاري رکيون. جماعت مان هر سگهي ۽ صحتمند نوجوان کي سنڌ اندر لوڙهن ۽ بند ڪيائون ۽ هر چڙندڙ ۽ طاقتور فرد کي هندستان ۽ جدا جدا جاين ڏانهن جلاوطن ڪيائون. "لوڙهن" جو اهو سلسلو هلندو پئي آيو، تان جو پير پاڳاري شمس العلماء شاهہ مردان عرف ڪوٺ ڏڻي، حرّن تان انهي عذاب لاهو لاءِ انگريزي حڪومت کي مطمئن ڪرڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي. ۱۹۱۴ع واري پهرين جنگ عظيم ۽ حڪومت آزمائش طور ڪائٹن ماٹهو گهريا. پير صاحب نہ فقط

---

(۱) مٿي ڏسو.

پنج سؤ ماڻهو فوج ۾ ڏيڻا ڪيا، ۽ بي مالي مدد ۾ ڪئي، تڏهن وڃي لوڙهن جو خاتمو ٿيو. انهيءَ هوندي ۽ انگريزن هن گاديءَ کي اک ۾ رکيو.

ٻئي طرف پير صاحب پاڳاري توڙي سندن جماعت، انگريزن کي نفرت جي نگاهه سان ٿي ڏٺو، انهيءَ ڪري جو هڪڙو ته انگريز ڏاريا حاڪم هئا، ٻيو ته انگريزن، ڪيترن ٿي بيگناهن کي سخت سزائون ڏنيون ۽ حرن تي بيجا سختيون ڪيون هيون. تنهن ڪري انگريزن سان وفادار ٿي رهڻ بدران، حرن هنن جي خلاف محاذ ڪڙي ڪرڻ لاءِ موقعا ٻئي تلاش ڪيا. آخرڪار پير صاحب پاڳاري سورهيه صبغت الله شاهه (ثاني) جي دؤر ۾ عملي طرح "ٻي جر تحريڪ" شروع ٿي.

پير صاحب صبغت الله شاهه ثاني ٻارهن ورهين جي ننڍيءَ عمر ۾ گادي نشين ٿيو. سندن ولادت ۱۳ - صفر سنه ۱۳۲۷ هه ۾ ٿي ۽ پنهنجي والد شمس العلماء شاهه مردان شاهه جي وفات (۷ - ربيع الاول ۱۳۳۹ هه) بعد "پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪيائون. سندن ننڍي عمر هڻ ڪري، هڪ طرف سندن ويجهن ۽ وڏن عزيزن کي اها اميد ٿي ته هيءَ ننڍو پير پاڳارو سندن صلاح تي اڻندو ويهندو، ٻئي طرف انگريز حڪومت جي هوشيار ۽ چالاڪ ڪامورن اهو ويچار ڪيو ته هن ننڍڙي پير تي اثر وجهجي ۽ ڪين سگيا اهڙي نموني ڏجي جيئن خاندااني روايتن ڪان منهن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي. پر پير پاڳاري صبغت الله شاهه پنهنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن جي اشارن تي هلڻ ڪان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

پير صاحب جي آزاد طبيعت انگريزن کي سخت ڪٿيءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ انهن اهو فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن

پير صاحب تي جلد ئي کو قدم نہ کنيو ويو تہ انگريزن جي خلاف هک وڏو سمھ سڃي ويندو. جلد ئي انگريزي حکومت کي پير صاحب جي پنهنجن عزيزن مان فريادي ۽ شاهد ملي ويا، جن پير صاحب تي هنيل الزامن جي سلسلي ۾ شاهديون ڏنيون ۽ انگريزن جي ججن کيس هلائي کيس ڏهن سال سزا ڏيئي سندن کان باهر وتناگري جيل ۾ نظربند کيو.

اتان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پير صاحب جن ٿين سر پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف ڌيان ڏنو. سانگهڙ جي پرسان "گڙنگ" ٻنگلي کي پير صاحب جن پنهنجي ٿين تحريڪ جو مرڪز بنايو. مريدن کي حڪم ڏنائون تہ کوپ ماٿهو انگلنڊ جو ٺهيل ولائتي ڪپڙو نہ پائي. هن حڪم انگريزن کي پڙڪائي ڇڏيو ۽ حڪومت طاقت پير صاحب جي خلاف حرڪت ۾ اڃي ويئي. انهيءَ دؤر ۾ پير صاحب جن جي طرفان جماعت کي حڪم ٻهتو تہ اهي مڙس جي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين سي پنهنجا نالا لکائين. هن حڪم کان پوءِ ڪيترائي مريد غازين جي صف ۾ شامل ٿي ويا ۽ روزبروز سندن تعداد ۾ اضافو ٿيڻ لڳو.

هن جماعت ۾ شامل ٿيل غازين ۾ سرفروشي جو زبردست جذبو پيدا ٿيڻ لڳو. پير صاحب جن انگريزن جي تسلط کان پوريءَ طرح واقف هئا. پاڻ اندروني طور جماعت جي اصلاح کندا رهيا ۽ کين قرباني ڏيڻ لاءِ تيار کندا رهيا. ولائتي ڪپڙي نہ پائڻ واري حڪم کان پوءِ غازين جي تحريڪ انگريز حڪمرانن کي سخت ڪٺيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو تہ هاڻي شايد سندن خلاف هک باقاعده تحريڪ ٿي شروع ڪئي وڃي. انگريزن "غازي تحريڪ" کي ناڪام بنائڻ جون عملي ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. هر هک ڏوهہ کي بنا جانچ جونچ جي حرن ڏاڻهن منسوب ڪري، خاص خاص

برجستن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ ٺاهيا. ننڍن وڏن جرن لاءِ پوليس ٽاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون، ۽ ڪن تي هفتي جي بدران هر ٽئين روز، ۽ ڪن لاءِ روزانيون حاضريون مقرر ڪيون ويون. پير صاحب جن جي گرڪ واري بنگلي تي چوڪي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو. پير صاحب انهن پابندين خلاف احتجاج ڪيو ۽ جرن جي حاضرين ڏانهن ڏيان ڇڪايو ته جيئن ماڻهن آڻن ڏهن ميلن جي مفاصلن تان پيدل، هلي اڇي ٽاڻن تي حاضريون ڏيندا، سي پنهنجن ڪارن ڪمن جي ڪذران لاءِ ڪهڙو پورهيو ڪري سگهندا. پر هن احتجاج تي انگريزي حڪومت ڪو ڏيان نه ڏنو، ويتر جرن تي ظلم ۽ سختيءَ کي وڌائي ڇڏيو. انهن حالتن کان متاثر ٿي پير صاحب حاضري ڏيندڙن مان ڏڻ ڪن برجستہ ماڻهن کي سڏي چيو ته "فقيرو! هاڻي اڪٿي لاءِ اوهين حاضري نه ڏيو".

جرن جي حاضرين نه ڏيڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو پير صاحب کي انگريزن نظربند ڪيو ۽ مٿن بغاوت جي الزام ۾ مقدمو هلايو. آخر ۲۰- مارچ ۱۹۴۳ع تي انهن ٻجي هيءَ آزاديءَ جو اڪوڙ سير ڏيئي سرهو ٿيو. هن صدمي جرن جي جماعت جي جذبي کي آپاريو. انهن سڀني آڏو اهوئي مقصد هو ته ڪنهن به طرح انگريزي اقتدار کي ختر ڪيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ هنن جو پهريون قدم ۱۹۴۲ع ۾ ٿنڍي آدم وٽ لاهور ميل کي ڪيرائڻ وارو هو، انهيءَ لاءِ ته حڪومت جي آمدرفت واري وسائل کي ڏڪ هڻجي. انهيءَ واقعي بعد جرن ۽ٻيان هيڪاري ٻاهر پري ويئي، بي انداز فوج ۽ پوليس سانگهڙ، ٽنڊو آدم، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو باگو، ٽنڊو ڪرمڻ، ٽنڊو غلام علي، ٽنڊو جام، ٽنڊو ڊنو، ٽنڊو ٽپو، ٽنڊو رڪن الدين، ٽنڊو ٽپو، ٽنڊو ڪرمڻ، نوابشاهه، ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ڪاهي پيئي، هزارين بيگناهه جهنگلي جيلن جي حوالي ٿيا. سوين جرن کي ڦاسي ڏني ويئي. سڄيءَ سنڌ ۾ "مارشل-لا" لاڳو ڪيو ويو، جو ٻه سال هليو. انگريزن

جي حڪومت جي دؤر ۾ دنيا جو اهو پهريون مثال هو جو ايڏي ڏکيي عرصي لاءِ هڪ علائقي سان "مارشل-لا" لاڳو ڪيو ويو.

جيئن جيئن حرن خلاف سرڪار طرفان سختيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو، تيئن تيئن حُرن ۾ پنهنجون ڪارروايون زور ڪيون. سرڪاري عملدارن کي مارڻ توڙي پوليس ۽ فوج سان مقابلن ۾ ڪوڙ ڪهنايائون. هزارين بيگناهه شخص عيال سميت لوڙهن ۾ بند ڪيا ويا. سوين ڪوٺ ساڙي ميدان ڪيا ويا. مڪيءَ جي ڍنڊي کي سُڪائي، ٻيلو وڍايو ويو. اهڙي طرح حرن جا ڪوٺ، ٻنيون ۽ ٽاڪ سڀ تباهه ڪيا ويا. ايتري مصيبت ۽ سختي سهندي به حرن آڻ نه مڃي ۽ مقابلو ڪندا رهيا. انهيءَ تحريڪ ۾ جن حر فقيرن اڳواڻ ٻنجي حڪومت جي طاقت جو مقابلو ڪيو سي هي هئا: وريام فقير خاصخيلي، غلام علي چانگ، علي شير خاصخيلي، مٺو خاصخيلي، شيخيو راڄڙ، محرم ڏاهري، عبدالله راڄڙ، سهراب راڄڙ، دودو ڪوري، مصري لغاري، امام بخش سنجراڻي، راڻو مري، عثمان هگورو، ڪلو وسان، جڙيو خاصخيلي، ابل ماڪاڻي، عمر وڙياهه، ڦوٽو چانگ، همير ماڇي، چاچڙ ٽانوري، ميرو نظاماڻي، رحير هگورو ۽ ٻيا، جن وڏيون همتون ڪيون. سرڪار طرفان انهن فقيرن جي گرفتاري يا مارڻ تي انعامن جو اعلان ڪيو ويو. ڪي فقير دوبدو مقابلا ڪندي شهيد ٿيا ۽ ڪي جهلجي وڃي جيلن جي حوالي ٿيا. مقابلن جو اهو سلسلو ۱۹۴۷ع تائين هليو. جڏهن انگريزن ملڪ ڇڏيو، ان بعد قومي آزادي واري دؤر ۾ پاڪستان اندر پنجن سالن تائين انگريزن جا پڙهايل ڪامورا حُرن خلاف ڪارروايون ڪندا رهيا، ۽ حُرن به ويندي ۱۹۵۲ع تائين اهڙن ڪرتوتن وارن ڪامورن جا مقابلا ڪيا.

ان بعد جڏهن پير صاحب پاڳاري جي گادي ورجي بحال ٿي، تڏهن موجوده پير صاحب پاڳاري جناب شاهه مردان شاهه ثاني سيني حرن اڳواڻ کي پاڪستان حڪومت جي پيش پوڻ جو اعلان ڪيو. هيءَ ئي حر تحريڪ (۱۹۴۲-۱۹۵۲ع) انگريزن خلاف آزادي جي جنگ هئي، جنهن جي اڳواڻي خود پير صاحب سورهيه صبغت‌الله شاهه ڪئي.

هن ئي تحريڪ ۾ حرن جيڪي جنگيون ڪيون، تن کي سنڌ جي عوامي شاعرن گايو. اهي بيت ۽ بيان لوڪ ادب سلسلي جي ناڻين ڪتاب "واقعاتي بيت" ۾ تفصيل سان ڏنل آهن (ص ص ۵۲۹-۲۷۷). هت مثال خاطر سڳهڙ قادر بخش جا ميري فقير نظاماڻي جي مقابلن ۾ شهيد ٿيڻ بابت چيل بيتن مان ڪي ڏجن ٿا.

مَردن کيا مقابلا، ڏسو مَردن جا ميدان
حڪومت هڪل ڪري، جا ڪايا جُوان
"بچو" منجهن بادشاهه، "پيرو" پهلوان
لڳي جنگ غوغاء، ٿيو گوڙ وڏو گهمسان
سوال سڏا ٻڌاسون ڪيترا آدم مان انسان
پوءِ "ميري" جو ميدان، مون آهي ڏٺو اکين سان.

آهي ڏٺو اکين سان، مون ميري جو ميدان
ڪيائين مقابلا ملٽري سين، جنگيون جوڙيون جوان
جنگيون هن جوان ڪيون، جت هٿ ملٽري مڪان
الله ڏنو هو ايڏو ان آدم کي ايمان
پهريون پهلوان، پيرو انهي ملڪ ۾.

پيرو انهي ملڪ ۾، ڪيو پهلوان پرور
پنج سو پنڌرهن چڙهيا، ملٽري ۾ مَشر
گهيرو ڪيئون تنهن گهوڙ کي، اچي واهن جهليا ٿون ور

کي ڪري پيا هٿا ڪڙيي ۽، ڪنين جهنگ جهليا ٽي جهر
حڪومت واري هڪل ڪئي، ٻئي خان خبر
گجي شينهن گڙي نڪتو، نعرو هڻي نر
هڪل سان حاضر، اچي مرد ٻيٽو ميدان ۽.

مرد ٻيٽو ميدان ۽، سنججي ٽيو هو سوار
"علن" اچ ڪٽي ويو، هائي سپ هٿيار
هڻي نعرو حيدري هن ڏاڍو وڏو ڏهڪار
ڪيا فقير فقير ٽي، ڏهڪايئين ٽي ڏار
هلي سو هڪ وار، اچي مرد ٻيٽو ميدان ۽.

مرد ٻيٽو ميدان ۽، ٻڏو پاڻ اچي
گولئين جو تنهن گهوٽ تي ٽو مٿان مينهن وسي
پارهين کان پوءِ بي بجي، ڪاڙهو قيام هجي
ٻئي ملڻري منجهي، ٻڏيو هڪل حاڪم جي.

ٻڏيو هڪل حاڪم جي، هٿا کوهن منجهه ڪڙکا
ٻن ميلن ۽ "بروچ" چئي، هٿا گولين جا گڙکا
ميل پنڌ ۽ ماڙهن سٽيا، ان دانهه جا دڙکا
ميري جٽن ڏٺکا، ڪيا هٿا بندوقن جا پر ۽.

بندوقن جا پر ۽، هٿا گولين جا گهمسان
گهوگهٽ هٿا گهن مشن جا، دونهن جا دوفان
جهنگ چڏيو ويا جانور، هائي سپ حيوان
پکي سپ پرڏيهه ويا، چرخ چڙهي چوغان
ات ٻيٽو آهي بر ۽، مرد جهليو ميدان
واڪا هٿا وٽن ۽، ڪڙکا ڪن پيا ڪان

زمين مثل ڏاندي جيئن، آپ گجي آسمان
اتي بہ، ٻڙ جهليو پهلوان، ٻيئو آهي بر ٨.

ٻيئو آهي بر ٨، ٻيو ڪيهر ڪيڏائي
وڏائين مارو ملڪ ي ٨، ٻيو ڪنڪ ٨ ڪاهي
"ڪي" "سانگهڙ" سپ ٻيئو مرد بہ ملهائي
ٻوءِ لاڪاپا لاهي، سر ڏيئي سرهو ٿيو.

باب ڏهون

انگريزن جي دور جا جهيڙا ۽ مقابلا

۱. نومڙين ۽ جوڪين جي جنگ*

نومڙين ۽ 'آري پوٽن' جوڪين جي هيءَ جنگ اندازاً ۱۸۷۰-۶۵ع ڌاري لڳي. نومڙين جو 'آري پوٽن' جوڪين تي ڪو ويڙ ٻڌل هو، سو ويڙ وڙڻ لاءِ حملو ڪيائون. جوڪين جو "پنڊ" پاڙو، آري پوٽن سان انهيءَ حملي ۾ نه ٻيٺو، "پنديچا" جوڪيا، آري پوٽن سان ٻيڙا ٿيا. مقابلي ۾ ترارون هليون تہ جوڪيا آڻين جي هيٺان ۽ پويان وڃي لڳا. پوءِ حمزائي جوڪيو جيڪو همت وارو مڙس هو سو هڪل ڪري ميدان ۾ آيو، تڏهن ٻيا جوڪيا ٻ اڇي وڙهيا. ٻنهورن جو ڏرار سڃيڏو زنگياڻي ٻروچ اتي آيو تہ ڪنهن پنديچي جوڪيي هن کي ناحق ماري وڌو. آن کي آتي ٿي ڏيکائون. جوڪين جو مرشد ڪڙيو شيخ، تنهن کي جنگ جي خبر پئي تہ اهو ٻنان سنجن گهوڙي تي سوار ٿي، سج ٿئي مدد لاءِ اڇي ٻهتو.

هن جنگ جو احوال براهم منڊي حمراڻي براهماڻي ڪرمتي بلوچ ٻنهنجي هيٺين بيت ۾ بيان ڪيو آهي.

اللهه جل جلاله، اللهه توهارو
جيڻ جنهين کي لکيو، صحيح پاڙيندا سو
پاڻاري "آري پوٽي" جي، هيٺين پنڊ پيڙو(۱)
ڪٽي ڪُر ڪيسيي وڻين، ٻيراڻا ٻيرو(۲)

---

(۱) آري پوٽا=جوڪين جو پاڙو.
(۲) ٻيراڻو جوڪيو.

بادل جو، براهم چئي، ڪڙوءِ مڙهن ميرو(۱)
اوهاهي پنهنجي آڻيين تان، جهليو ڏپ ڏيرو
هڪڙا ٻيهي ٽيا ٻڌين هيٺ، ٻڌين ڪي ٽيو وڪ ويرو
لاکو پنهنجي لڄ تان، ڏئي ٿو پانهون نہ پيرو(۲)
"آري" تو نہ آجاريو، ڪري دل ديرو(۳)
واڳهه واڌوڙي هليا، ڪري مٿي پيڙ پيڙو
هڪل ڪري حمزائي آٽيو، ڪو اڪيٺون اربيلو(۴)
هڪل ڪري حمزائي آٽيو، ڪو سورهيه سويلو
چئي: "ڪوڙ هڙان ڪاڌي وَيسي" جي آئيون اويلو(۵)
لڄون لوڙيون جن جون، تن ڪي سور جاڳي ويو سو
ڪاچائيءَ ڪبول سين، وڃي حاجي هڻين ٻيو
تنهن ڪي مٿي تان، منڊو چئي، ڪو ٻڌي هانڊو ويو
سرواهين شڌتم سين، ان ڪي چڙهي چوٽا ڪيو(۶)
سو ناحق ماريو ننگ تي، نيائين گنج شهيدي گو
ڪن جون ٻڌيون وڃن ٻڌود ٿي، ڪن جو پاڻي اگهيو ٻوءِ
بنديچا، براهم چئي، ڪنانءِ قضيو ٽيو(۷)
زنگياڻي جي زهر جو پيتوءِ پيالو
سچيڏ نو شڌتم سين، جيسين ويرورائي نہ ويو(۸)
تانسين آڏيءَ ڪيندين آڏڪا، صبوح سويلو
جڻ چاڪر رکي چت ۾، عارب ويرورائي ويو(۹)
تان ڪو آدُر (عذر) اني ڪي، تون کهڙو پلهه چکيندين ٻوءِ

---

(۱) بادل جوڪيو شايد پيراڻي جو ٻيءُ هو (۲) لاکو نومڙيو (۳) آري جوڪيو (۴) حمزائي جوڪيو، جو وڏي همت وارو هو (۵) "ڪوڙ هڙان ڪاڌي وَيسي" جوڪين جي ڪوهستاني بولي جا الفاظ (۶) سرواهين=ترارين. شتر=جلدي. (۷) اي بنديچا، توکان گناه ٽيو (بنديچو پاڙو جوڪين جو) (۸) سچيڏ نو زنگياڻي پنهنجي پٽ يا ٻاڻ جو ويرورنڊو. (۹) عارب برفت جو چاڪر کان ويرورنڊ ڏانهن اشارو.

'باگي' برحال ڪالهڙي، تہ مڙهہ نہ منزل ڪو(۱)
'سومهي' سرهي ڪالهڙي، تہ هي سر امانت هوءِ(۲)
جيڪي هوندس جيئرا، سي پاٽهي ڪيندس پوءِ
هڪ پاڌا پنهوارن جا، ٿين جهن جهلوءِ

'ڏنا' ڏوتي ڏيهہ ۸، چؤڪس ٻيڻي چوءِ:
تہ ٻت نہ رهندي هارپيا، ٿو احمد ائين چوءِ
ويرِ پاڻ تي پرائو آهي، لاڇو لٽبين جو(۳)
آجهو آس اوهان جو، مٿان تڏو تهي پوءِ
چووَٽ ۴ چاڪر جي، اڪي ڪانڌو گودڙ هو(۴)
ڏاڙهي جا ڏيوڙي تنهنجي، سڪيي سمجهہ پوءِ
هيڪڙا آهن سٽيءِ ٻيلا هاراٽين جا، ٻيو آهين قرضي ڪرمت جو
آکڙ رکَ ۴ ان سين، تون هل گذر غاريبو
تان کو تڳين ڏينهڙو، تون ڪيڙي وڃان کو
وجهين جوڪ چبل ۸، ڪاگين ڪاري کو
ڪيڙين ڪائي ڪارڙيون، تو تي آهي آهُر اڏوهي ڪيو
جيئن ماه پڇي سيئَہ، تيئن تنهنجو سيخين سڙي ساهہ پيو(۶)
اوءِ تان ولن ساريون، ڪيڏن ڪاريون، ان جون
ڀاليون پٽڪن پوءِ(۷)
سيران جي سٽهن سين، ڪرڪٽهي سو(۸)
اٽهي جو اولاڻيءِ تي، ڪڙيو ڪاهي ٻيو
ملاڻي مجليس سين، آهي دعاگي دنگن جو
ڪلمو جو چوندو، هوندو سو ايمان سين.

---

(۱) باگي پنهور چيو تہ هي مڙهہ مائٽين پيڙو ٻڌي ٿي سگهندو سو هتي تا ڏيکيونس (۲) سومسو پنهور (۳) لٽبين جو = ڏگهن زوراورن (نومڙين) جو (۴) مٿان اوهان جو تڏو پوءِ تہ ٻي (۵) اهي الفاظ ۽ ٻيا هيٺيان گفتا شاعر 'ڏنا' نالي وڏ-واڻي مائٽي جي زباني چوايا آهن، جيڪا چوي ٿي تہ: اوهان ۾ ٻ ڪي ائين آهن جئن چاڪر جو ڪيي جي مٽ ۾ 'گودڙ' هو جو ڪيس جنگ ۾ چڏي ويو (۶) سيئَہ = تانڊن جي جر (۷) پوءِ = واهہ واهہ (۸) ميرانُ ڪڙيو شيخ.

۲. گبولن ۽ پٹرن جو مقابلو*

انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئي. ملير جا خوجا ۽ ميمڻ، گبولن جي راڄ سان گڏجي، حب ندي جي پراڙ لاکيٽي لڪ تي وڃي ويٺا. آخر جڏهن منڊڪ ۾ آمن ٿيو تڏهن ميمڻن، گبولن کي چيو تہ هاڻي اسان کي پنهنجي ملڪ پهچايو. ٻوءِ انهن جو قافلو نڪتو ۽ گبول ساڻن ساڻي ٽي نڪتا، جن مان ٻڍو وڏو ۽ ٻچو نندو (پئي پاڙو نوتاڻي، پاڻ ۾ ماسات هٿا) وڏا پهلوان هٿا. وات تي پٹرا سات ڦرڻ لاءِ سامهان ٿيا، تڏهن ميمڻن مان ڪنهن چيو تہ اسين سيّد آهيون، انهي تي پٹرا مٽڙي ويا. پر پرن چيو تہ ٻڌيا آهيون ماڻي هجيوَ تہ ڏيو. هنن ماڻي ڏني جا پٹرا وڻي هٿ ٻڌيا. ان وقت ٻچو وڏو جو شڪار سانگي نڪري ويو هو سو ۾ اڃي سهڙيو. حقيقت معلوم ڪري چيائين تہ: مٹري ٻوءِ آڻ مڃيندا سون. جوندا تہ مڙس سڃي سات مان مانيون ڦري ويا، سو مانيون پٹرن کان ڪسي ڪٽي ٻڌائين. پٹرا روانا ٿيا پر اڪٿي هلي آٿلي پيا، جو چيائون تہ: مڙس کان آندل مانيون ڦري ورتائون. هڪ پٹرو جوان مڙس اڪٿي وڏي آيو، هتان ٻچي وڏي بندوق سڃي. پر هو مڙس ڪڏندو، ور ڪندو، وڏندو آيو. نيٺ ٻچي وڏي بندوق هنيس تہ وڃي ڪريو. اتي وري جو پٹرن بندوقون ڇوڙيون سو ٻچو ٻہ وڃي ڪريو. اتي نندي ٻچي جٹلهہ ڪئي پر ماين ورائي ڪٽي جهليس، تنهن جي

---

* هي روايت پريي خان گبول جي زباني تاريخ ۲۰ اپريل ۱۹۵۱ع تي چڪري (ڪراچي) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي.

هڪل ٻڌي پوي تہ "هڻ ڏي ٻچا هڻ". ننڍي ٻچي کي مايون جهليو ٻيٺيون هيون جو هڪ ٻڏي وڏي اچي ترار هنيس، جنهن چيلهه وڻان ڪٽي چڏيس. ٻڏا ٻوءِ پنهنجو مڙس ڪٽي هليا ويا.

گهٽي وقت بعد ٻڏا گڏجي سيڙ ڪري پيريءَ ۽ ملوڪ خان گبول وٽ خون بخشائڻ آيا. تنهن چين تہ: اوهين ڏاڙ آيا آهيو ۽ اوهان جو وڏو ڪونہ آيو آهي. ۽ اوهين وري ٻ وڃو ملڪ ابراهيم وٽ. هو آڻي ويا تہ ملڪ ٻ ساڪيو جواب ڏنو ۽ چيائين تہ: انگريزن جي وقت تائين اسين ڪونہ ٽا ڪڇون، باقي خون اوهان تي آهي، جنهن جو ڀاڻين حساب وٺنداسون.

شاعر جعفر گبول پاڙو نوتاڻي ويڙهل ليارين ۽ حب ندي جي وچ تي، هن مقابلي جو بيان پنهنجن بيتن ۾ ڪيو، جن مان ڪن جا ٽاڻا هن طرح آهن.

۱. ڪياسون پيڙا ڪراچي تي خوجا ميمڻ واپاري
تن کي ڏناسين لاکيٽا لانچائي، ٻڌي شير شڪاري (۱)
قضا ڪلتاري، جو اچي ماريا مڙس مياچ ۾ (۲).

۲. ماريا مڙس مياچ ۾ نرمل نوتاڻي
جڙي جنگ، جعفر چئي، ڪو سنگتي نہ هڻن ساڻي
نہ تہ ٻڙين ۾، بروچ چوءِ، هوند گهوڙين وڏي گهاڻي
اها هيڻن اڇجائي، 'هڻ هڻ' وائي وات ۾.

۳. لاکيٽي لڪ تان اچي ٻچي ٻريو ٻار
سو ميا مٺهاري هليو، تورڙا ڪري تيار

---

(۱) لانچائي=جانچي. ٻڌي=وڏو ۽ ننڍو ٻچو ٻڌي ڇڏ. (۲) مياچ=ڪراچي جي الهندي هڪ جوءِ.

سر ڏيڻ، سرٽيون جهاڻ، اهي پنجاهيين جا هار
ڏيڻي سر ڏاتار، تون ملڪ ۾ مشهور ٿين.

۴۰ ملڪ ۾ مشهور ٿيڻ، آڏ ٻنگ آنگهيرا
پٽرين جا بروچ چوڻ، تيو ٿي ڏهايا ديرا
هو جا واهر چون ويرا، سا نر توکي نصيب ٿي.

۳. گبولن ۽ گدرن جو مقابلو*

ملير طرف مباکائي (هاڻي) علياڻي گبول، جن جو وڏو حاجي نالي هو. انهن جو گدرو ’ملير‘ نالي سو ٻه ڏاڏو مڙس ساماڻو. سندس پٽ ٻيدو ٻه همت وارو هو. انهيءَ ڪري ملير گدري، گبولن جي غرض کان ٿي ڪيي. گبولن جي پاڏي گدرن جي مينهن ڦري، جنهن تي ’ملير‘ مينهن کي ونگ وجهائي مٺ سورائي چڏيو(۱). گبولن ڏٺو ته مڙس جي مٿي ۽ واءَ آهي، سو حاجي ۽ ٻيا جملي ست همت ڀريا مڙس نڪتا ۽ ملير جون مينهون ڪيي ڪاهي هليا.

صبح جو نيدي هيءَ کي چيو ته: زالن جي ٻيرن جهڙا ننڍڙا ٻير مڙسن جا، تن اڃي مينهيون ڪيون آهن. اتي ملير چيس ته: پٽل ۽! هنن جو هڪڙو ٻير رکيب ۽ ته ٻو ڪٽ تي آهي. اهي ملير جا سور آهن ۽ گڏيي خبرون پوندیون.

ٻوءِ ملير گدرو ۽ ٻيا ست مڙس چوند واهر لاءِ ٻوڀان نڪتا. وٽيچي ۽ ٻهري جي ڏوري جي وچ ڏاري شاهه حسن جي سامهون ڪاري جو ڏورو، آتي مڙسن کي وڃي گڏيا. ڏٺائون ته عيدو گدرو مينهن سان بيٺو هو ۽ گبول ستا پيا هٿا. عيدو ڪان پڇيائون، تڏهن چيائين ته: اول مون سين وڙهي ٻوءِ اڪٽي وڏو. ٻوءِ ان کي ماريائون. ٻوءِ ٻنهين طرفان ٻٽ ٽي مڙس، هڪ ٻئي کي مٺ مٺين کي سامهان ٽيا ۽ ٻولائي وڙهيا.

---

*راوي هاشم گدري جي زباني گوٺ محمد صديق ۽ علي بخش هديهه (تعلقو ميرپور ساڪرو) واري ڪچهري ۾ تاريخ ۲ جنوري سنه ۱۹۶۲ع تي قلمبند ڪيل.

(۱) مٺ سورائي چڏڻ = قر وارو ٻچ ڪيائي چڏڻ.

وڃيو سير ملير مان، حاجي سينهون کاهي
جن مينهن مان منگهيون ڏُڏيون، تن ساريون ٿي سعي
پيٺن پرهه جو پير تي چڙيا گدرا رَند رمائي(۱)
پٺ ٿيو هيءُ ملير، ملير کائوٽي ڪالهائي:
"ابا! ستان وڃن مينهيون ڪنديون ڪُرکي ڪچو لائي
سر ڏينداسين سوپ ٿيندي، جيئن جانَ کي آهي"
اڃي پهتا پنهنجين کي ڏيلا هٿ هلائي
اول گڏين اکيءَ عيدو شير اڻائي
عيدو اورانگهي هليا موٽي مردن ڏي
اکيان گهانڃ، سهتڪ، براهم، پُرتوس، ميرل، حاجي آهي
ڪيا ڪٺ ڪين مان تن چڱيرن چڪائي
سورهيه ٽئڙا سمهين پروچ مصريون مرڪائي
براهم ٿو گڏ ٿيا ٻئي تَراڙين تاڪي
ٻهرين ٻيل پَچندي اڃي ندي ناڏ ڪري
سا خان جهلي هئي ڪيڙي، خانبيري ڪهڻي
نهنگ ٿو ساريو سو ڪونئر وڏائون ڪيري
حسين گدرو هلي چڙيو ٿيو لنڊين جي ليکي(۲)
لکي جٽن کانگ ليٽن، ٿو ڪَليلَ ڪُوکائي(۳)
وڃهو پانهين پروچ کي هاڻي چؤرنگ چيرائي
گهگهو وڃهوس گوجرو پي چني چڙائي
"ملير" ميهي سانهه جٽن آيو هاڻينگ حاجيءَ ڏي
سانهن سگ اڙائيا، وڙهن واري تي
مانجهي "ملير" مهٽيو وڏين گدرو راهه ڪري.

---

(۱) راند رمائي=پيرا ڪٽي (۲) هلي چريو=پاگو (۳) ڪليل ڪپول سو به لين ۾ وڃي لڪو.

۴. سُکڻ نڻن ۽ ڪرڙ ٽڻين واري لڙائي*

انگريزن جو دور هو. وَسوَن ٽيون تہ پَوَا پروچ ويڙل گهگهر جا، سي سانگ سان لڏي اچي سکڻ لڻ (۱) تي ويٺا، جتي ٻُڌي نال سان گڏ سندن گهوڙيون بہ چيڪ پيون چرنديون هيون. جوڪين سان ڪي ڏنگا مڙس هٿ، سي گهوڙيون ڪاهي ويا. پَوَن جو چگو مڙس ڪرڙ پَوو هو، سو پارهن مڙس ساڻ ڪري گهوڙيون ورائڻ نڪتو. ساٿس قادو گبول، ملهوغ ۽ مولڏنو، حاجي درياهي، سکيو منداڻي، شيرخان، جلاب، حمر، پٽيو، عمر، عالي ۽ ڪرڙ جماڻي (ڪاڻو) گڏ هٿا. رَند (پيرو) ڪٽي ملير جي نڻن ڏانهن روانا ٿيا. هڪ هنڌ جبل جي ٻُڌي تي چڙهي ڏٺائون تہ گهوڙين تي وڃي نظر پين. ان وقت گهوڙين سان رکو بہ مڙس چاري هٿا. واهر ڪي ڏسي هڪڙو وٽن جي آڏ ڏيئي نڪري ويو، باقي ٻُڌي ڪي جهلي وڏائون. اتي جوڪين جي "مهمت" پاڙي مان عيسو وڏيرو لنگهي آيو ۽ پروچن کي چيائين تہ: اها ميار مون تي، باقي هي ننڍو آهي، هن کان ٿي، هن کي چڏيو. اتي ڪرڙ راڄداري ڪري عيسي کي مان ڏنو ۽ مڙس کي چڏيائون. ان ڏينهن چاماڻي جوڪين ۾ شادي هئي. راڇوٽي صلح بعد ڪرڙ ۽ سندس سڄي واهر کي دعوت ڏنائون تہ ماني کائي ٻوء وڃو. مڙس وڃي ويٺا ۽ جيستائين هنن ماني کاڌي تيسين پانڌي نالي ٽيرن جي

---

* سڳهڙ حاميدخان رند، هاشم گبوري ۽ حاجي پيرمحمد جي روايتن کي پيٽي ترتيب ڏنل.

(۱) سُکڻ جي نڻن، ملير جي نڻن کان اوپر طرف آهي.

پاڙي مان، تنهن کرڻ ۽ عيسي جيڪا راڇوٽي ڪئي، تنهن کي ڏنايو ۽ فتور وڌو، ۽ اها ڪالهه بيهاري ته هتن پارهن مڙسن کي ستي سولو ڪنداسون ۽ گهوڙيون به ته ڏينداسون. سو وڃي مقابلي لاءِ جهجها مڙس تيار ڪيائون. پروچن مان حاجي درياهي کي سڏس پڄجي وئي، تنهن همراهن کي هڪل ڪئي ته مڙس جهيڙي لاءِ گڏ پيا ٿين، اوهين به اڄ سنهرو. پوءِ هي مڙس به آڻي پيا. پڙ وارن وٽن جون لڏيون وڍيائون. جيستائين هو مڙس سنهري آيا تيسين کرڻ پنهنجي همراهن کي همٿايو ته، مڙس ٽي ٻيهو، اڄ مرڻ جو ڏينهن آهي. ڏيسر ۽ نورمحمد حملاڻي جوکيو گهوڙين تي چڙهي پاهران اچي پهتا، تن هينن مڙسن کي ڏسي چيو ته: هنن سان پڄڻ پيٽي ڪانهي. پانڊي جن کي جهيڙي لاءِ تيار ڪيو هو، تن کي سمجهايائون پر هو ميڙي منڇ ٽيا، نه مڙيا ۽ جڙهه ڪيائون.

پنهين طرفن سيني مڙسن وٽ لڏيون هيون ۽ هن مقابلي ۾ رکي لڏبازي ٿي. جوکين جو تڏو هو ۽ جيڪي چگا هٿا سي جهيڙي ۾ نه ٻيا، باقي چاليهن مڙسن، هنن پارهن تيرهن مهمانن تي حملو ڪيو. ملهوڻ ۽ کرڻ پائڙ هٿا. ملهوڻ سامهون هڪڙي مڙس کي پڪ وجهي ٿوري وقت لاءِ ڊال ڪري جهليو، ائين جو جيڪا لڻ اچي سا ان کي پٽي لڳي. ٻين سيني مڙسن لڏيون هنيون ۽ ميدان ڪري ٻيٺا، باقي به ڇڻا کرڻ ڪاڙو ۽ عالي جڏماڻي لڏين جو تاڻ نه جهلي سگهيا ۽ ڀڳا. پانڊي جي چوريل طرف به پيرا جڙهون کيون، ۽ هنن چوويهه مڙس کيرائي انهن کي هٿايو ۽ سو پارا ٿي، گهوڙيون ڪاهي آيا. قائم سڀاڙ هيڏين ويتن ۾ هن مقابلي کي بيان کيو آهي. ڏهن مڙسن جي همت کي ساراهيو آهي ۽ به جيڪي ڀڳا تن کي نندیو آهي.

آلله جل جلاله، الله ٹي توهار
مينهن وٺا، مند ٿي، آيا سانسڪ لڳي سنگهار
ٻڌ سڃاٽيو پانهنجا، هوچارين ٽا چوڏار
چوڙي آني چڏيون، گهوڙيون مٿي ڌار
ڪن چنڊن ڪي چوريءَ جي هٿي لب لغار
اچي هريائون هوتين جون، گهوڙيون منجهان ڌار(۱)
صبح جو سونچو ٿيو، ڪي پونگين ايءَ پچار(۲)
سينهن سائينداداڻي سنپوڙا، ڪري گهوڙين جي گفتار(۳)
ماٺهو ٿني موڪليو، آءٌ تون ڪراڙل قلعيدار(۴)
تن سين گڏجي گبول آئيو، قادو ڪنگٺهار(۵)
گبولين جي گهٽ جي، هٿي پاڻارين پچار(۶)
اڳي مٺو چڙهندو هو 'مل' تي، ڪٽيو چيل چگار(۷)
هي پڻ ڪيرائيندا ڪوٽن ڪي، وڃهي ڏوڪين ڏار
هن نيٺي رند، روانو ڪيو، ملير سامهين مهاڙ(۸)
سي خان چڙهيا 'ڪرڪٽري' تان جان درس ڪيائون ديدار(۹)
تان گهوٽين جو گهوڙين تي، وڃي نظر نميو نروار

---

(۱) هريائون = پڌاڻون ۽ (ڪاهيائون). ڌار = جهنگ (۲) پونگين = ملوڪ مڙس. (۳) سائينداداڻي = پٺون جو پاڙو جنهن مان ڪي اڃا هٿ. (۴) ڪراڙل جيڪو ڏاڍو مڙس هو. ان سان ٻيو ڪراڙل جماڻي (ڪاڻو) به واهر سان گڏ آيو پر پوءِ اهو پڳو. (۵) ڪنگٺهار = ڪورو ۽ سهڙو. قادو گبول همت وارو ۽ ملوڪ مڙس هو. (۶) گهٽ جي = حملي ۽ همت جي. (۷) منو گبول اڳ ٿي. گذريو، جنهن جي گهوڙي جو نالو 'مل' هو. ("ڏسو مٿي پنيو روارو مقابلو") (۸) گهوڙين جي پيرن وارو رند، ملير جي ڏڻ طرف لڳو جيڪو هو وڃي هليا. (۹) ڪرڪرو = پيري جي اسٽيشن کان اڀر طرف ڇهن پنجن ميل تي مڪان.

آڏو آني چڪاسيو ته آهي ڪنڪ ڪاروٽيار،
تڏهڪ لسو ٽيو لئين ڏي، وجهي وڻ وچار
هڪڙو مڙس هٿين جهلي، وريا تيڏيءَ وار
اڇي پهتا هانهنجين ڪي، وڻي ڏرس ڏٽار(۱)

عيسو مهمت آئيو، تنهن گويا ڪي گفتار؛
ته هي ريت آهي واڇوٽن جي، ناهه صلاح سرڪار(۲)
چڏيو اوهين چوڪر ڪي، رکو مون تي ميار
تڏ مانُ ڏنائون مهمت کي، چڏيائون پرس پچار(۳)
تنهن مانيون ڪارايون مردن کي، ڪل ڪري ڪينڪار(۴)
پاروٽڙو "پانڊي" هو، "ٽيپر" ات ٽونٽيار(۵)
تنهن جوري مڙس چڙهايا، جملي لاهه هيڪار
هڪڙا ويڙا هٿين وٽ، ٻين ٽي جنگ جوڙي جنسار
سي سينهن چڙهي سيڇاڻين تي، نڪري ٽيا نروار(۶)
"سٽڪن" آڪري سنوان ٽيا، ڪي "ٻيگائي" بچڪار(۷)
ڏسندي تنهن ڏيسر کي، ٻيو دل منجهه ڏڏڪار(۸)

---

(۱) هانهنجين کي= پنهنجين گهوڙين کي. (۲) ريت آهي واڇوٽين= راڄداري رسم موجب واڇوٽي ڪنڌاسون، باقي (انگريز) سرڪار وٽ فرياد جي ضرورت ناهي. (۳) جنهن مڙس کي جهليو، تنهن جي پچر چڏيائون. (۴) عيسي مهمت پوءِ هنن جي ماني ڪئي. (۵) پاروٽڙو= پ ويڙهائو، فتني باز، پانڊي نالي ٽيپرن جي پاڙي مان. ٽونٽيار= جهيڙو سڃائيندڙ. (۶) سيڇاڻين تي= گهوڙين تي. (۷) سٽڪن جي نئن. ٻيگائي= چوڪن جي ٻگ پاڙي جو. ان آت ويندل پروچن مهمانن تي بچ ڪئي. (۸) جملي ڪندڙن ۾ ڏيسر نالي هوت، جنهن جڏهن پروچن کي سامهون ڏيندي ڏٺو ته دهلچي ٻيو، جو جو هوءِ وڏي نالي ۽ همت وارا هئا.

"حملاڻي! هوتن ڏانهن تون "نورمحمد" نيهار(۱)
واڳهه وڏوڙا، سينهن سنپوڙا، اچن ڪرمتي ڪر آجار" (۲)
ٽيپرَ ندي ٽڪاءَ ٽيو، ڪي وانجهيٽن وارو وارَ (۳)
ڪرڻل ڪسوٽيو، ڪڍيو، ٽي ٻالين پچار
ڪون تن پيتيون، هڻي ڏڻي جن مدار
سونو ٽڪ سيني منجهه، هو ڪرڻل ڪٽر آجار
ڪرڻل تنهن ڪٽڙهي جي هڻي اڙدن منجهه، آهڪار
شيرو جلاب ساريان، هڻا جنگ جا جهونجار
هنيو ٽوڙو، لايو جهيڙو، جلاب اوڏي وار
مرڪن مڃاڻي، سدا ساڻي، آيو آيڊ وڏي آهڪار
سڪيي سانگو ڏ ڪيو شاهه، جوءِ مر ڪوڙا ٽيئي ڪپار
ڏينهن ڏاڏي جو آهيسين اچوڪو، مرڻ گهاڻ سزار
قائم چڻي، ڪرمتين جا، آءٌ ڪهڙا ڏيان ٻار
ملوڻ ماريون، خوب ڪاريون، جنهن جو جيءُ ڏ آيو جار
حمر هنيون چٽيون چيون جوڪيا جاد ڪندا جهونجهار
درياهي هنيون ديميسن ۽ جيئن هڻي دودو دعويدار
عمر وڏيون آچلون ڪيون، جيئن ڪرڪي لوڏي لار
مولڊنا، تو جي چنا، تن جو جيءُ ٻيو منجهه چار
ڪجي ڪبول آئيو، ڪري، گوڙ گرنار
قادو ٽيو واڏو، جنهن ڏنا ور وينجهار
ٻيءُ ڏاڏي ٻڏرا، اڪين جا اوچار

---

(۱) ڏيسن، تنهن پنهنجن همراهن سان نورمحمد حملاڻي جوڪيي ڪي چيو تہ: مڙسن ڏي ڏس تہ ڪرمتي شينهن واري ڏک پيا ڏين. (۲) وڏوڙا=وڏوٽا، غصي ۽ ڪاوڙ واري حالت ۾. اچن=سامهون هو ۽ مقابلي لاءِ پيا اچن. (۳) ٽيپرندي=گڏجندي، پنهنجي طرفن جي مڙسن جو مقابلي ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪرندي.

تن چوويهه مڑس چکي ڪيا، هاڻ متن ناهه ميار
عالي ويو خالي، جنهن هٿ نه سڄيو هيڪار
جس جٽائي وڃائي، ٽيو ڪانڊرين جي قطار
ڪرڻ ڪاڻو ٽٽڻ هاڻو، ناهي ٻوڻ سندو يار،

۵. رندن ۽ هڏيه قبيلي وارن جي ٽنين سان لڙائي*

انگريزن واري وقت ۾ رند ۽ هڏيه قبيلن جو ڪڪراند جي ڏوري جي آپرندي ۽ ماکي جي الهندي تعلقي ميرهور ساکري ۾ زمين تان تڪرار ٿيو. تڏهن تراڙ کان هڪي رکي لٽ هئي. رندن زوري زمين تي نار چاڙهيا، جيڪي هڏيهن ٻڌي ٻڌي وڙتايا (آڇلايا). الهڏنو ۽ عيسب هڏيه ٻڌي همت پريا مڙس هٿا. راڄواڻين جي پاڙي مان حسن، سڌند، سومار ۽ مبارڪ ساڻن ڪڏ آيا. جاڙو ڪبرو هڏيهن جو طرف وڙهيو. رندن مان همت پريو "سمڌهن" هو، جنهن زوري نار چاڙهيا. پيو ساڻس قادر بخش هو.

الله جل جلاله ڪري الله ٻي توهار
سڌهن سنبهي نڪتو، هو منجهن قادربخش قرار
همت وجهي هڏين وچي ڪڍيا نانيو ڪوڙي نار
جهڙي هئي روح ۾ رندن ڪي، تهڙي ڪيائون خاشيءَ ۾ ڪينڪار
۾ ڪڙهو ليکيان ڪرمتي، تنهن ٻي ماريا بهادر ٻي ميار
الله ڏنو احدي هو، منجهن عيسب اجهي دار
راڄواڻي راج مان آيا پورا چار(۱)
تن ۾ حسن رکا هوڪارا ڪيا، اچي درياڻي ڏڪار

---

* هي بيان سکهڙ هاشر گبري جي زباني، هڏيهن جي ڳوٺ واري ڪچهري ۾ تاريخ ۲- جنوري ۱۹۶۳ع تي قلمبند ڪيو ويو.
(۱) راڄواڻي، ڪرمتين جو پاڙو.

مڙهند مڙيوئي ڪينڪي، سڀيون ئي سومار
مڙدن ۾ مُباوڪ چمڪيو ئي چوڌار
ڪِدري جي ڪهڻر ۾ هئي "جاڙي" جي جيڪار.

واڪهه ٻٽ وليداد جو سُڻهن ساماڻو
ڪاهي ٻيو ڪنڪ ۾، جڻ ڪهمي ٿو ڪهاڻو
لنڪيس لٽ ڪپار ۾، چڏيائين پولهو پٽراڻو.

---

۶. علي بخش نظاماڻي جا ميمر علي مراد جي پهلوانن سان مقابلا*

ميمر علي مراد خان جي وقت ۾ علي بخش نداساڻي (نظاماڻي) خيرپور رياست جي شوراه، تعلقي ۾ هڪ وڏو سورهيه مڙس هو. ميمر جي گاهين جي ڪاڻ نه ڪيندو هو ۽ گاهه. توڙي آن جي اڌ ٻڌي ڪان وڌيڪ هڪ تيلي يا هڪ ڪٽو به ڪٽڻ نه ڏيندو هو. گاهين ٻڌي اهڙو ڪو وڃهه ڪوليو جئن علي بخش جو گاهه ٻڌي مٽا ڪٽن.

هڪ سال ميمر علي مراد ناري جي شڪار تي وڃهيو ۽ اتان موٽيو ته اچي "ڏاڏر" ۾ منزل ڪيائين. وهڻن لاءِ گاهه ٻڌي جي ضرورت هئي. علي بخش جا جوءَ پوکيل هٿا ۽ اهڙا ٻني ويڃهي هئي. گاهي سڄ لڏي جو اهڙا ٻني جانچي آيا ۽ ٻوءِ وڏي اسر اچي ان ۾ ڏانڊا وڏائون. علي بخش کي خبر پئجي وئي، تنهن گاهين کي ماري ڪڍي هوڏي روانو ڪيو. هنن مٽا اکاڙا ڪري اچي ميمر آڏو فرياد ڪيو ته: سائين! علي بخش نه ڪڍهن گاهه جي ٻڌي جو اڌ ڏئي ته نه وري ان جي ٻڌي ڏئي. اڄ اسان کي ڪٽيو اٿس، سپاڻي سرڪار جي ٻڌي ڪنهن نوڪر کي ڪٽيندو.

---

* هن ڳالهه جو بيان اسان ناري، چونڊڪي ۽ سوراهه ۾ ڪيل ڪچهرين ۾ ٻڌو. سوراهه لڳ ويڙل نظاماڻين ڪان پڇيو جن چيو ته ان وقت جو هڪ بيت آهي پر اهو ماڻهو موجود ناهي. اتفاق سان اهو بيت جيڪو هيٺ ڏنل آهي سو اسان کي مرحوم محمد عالم خان شاهل زئي جمالي (تعلقو اوستو محمد، بلوچستان) جي ڳوٺ سندس اوطاق تي ۲۹ ڊسمبر ۱۹۷۲ع تي ڪيل ڪچهري ۾ اتي اچي ڪنهن سڳهڙ ڪان مليو.

ان دانهن تي ميسر صاحب پنهنجي خاص ماڻهو پياري مگسي کي حڪم ڏنو ته وڃي علي بخش جي پيدايش تي ٿهو رکي ۽ علي بخش کي ٻه وڻي آڻي حاضر ڪري. سرڪاري ٽپيدار شيخو ميمڻ ٻه سائس گڏ چڙهيو. مگسي سگهو مڙس هو، سو جڏهن علي بخش جي ڪوٽ آيا ۽ علي بخش کي مڏيائون ته مگسي دڙڪي داب سان ڪالهايو ته سرڪاري حڪم آهي ۽ تنهنجي پيدايش ضبط آهي. علي بخش چيو ته: اڃ بٽي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، باقي پيدايش(۱) نڪو ٿيڻ ڏيندس ته نڪو ڪٽڻ ڏيندس. اتي پياري مگسي زور ڏيکاريو ۽ اڪٽي وڏي علي بخش تي جلهه ڪيائين، پر علي بخش جي پهرئين ڏڪ سندس بٽي پانهون وڍي چڏيون. اتي شيخو ميمڻ ۽ ٻيا ڪيا ۽ اڇي مير کي ٻڌايائون ته علي بخش حملو ڪري پياري جون بٽي پانهون وڍي وڏيون ۽ پيارو مري ويو هوندو.

تڏهن مير صاحب، بکرخان لاشاري کي سپاهه سان ڪري حڪم ڏنو ته علي بخش کنهن به طرح آڻي حاضر ڪري. ان وقت دستور هوندو هو ته جڏهن ٻه ڪو اڇي حاضر ٿيندو هو ته فيصلو ٿيندو هو ۽ فيصلي کان اڳ کنهن کي ٻه ڪا تڪليف کاڻ پهچندي هئي. پر ان کان اڳ بکرخان مير جي حڪم تي کنهن کلهوڙي کي حاضر ڪيو هو جيڪو فيصلي کان اڳ مير جي نوڪرن جي هٿان قتل ٿي ويو هو، سو بکرخان مير صاحب کي چيو ته مون کي اهڙو لڪيل حڪم ملي ته فيصلي کان اڳ علي بخش کي ڪا تڪليف کاڻ پهچندي. مير اهڙي "لکيي" ڏيڻ جو حڪم ڪيو. مير صاحب ان وقت ڊپ ۽ شڪار لاءِ لڏل هو.

---

(۱) پيدايشي نبي، يعني آن ۽ گاهه تي سرڪاري ٿپو هڻي جو ڪوبه ڪٽي نه سگهي جيستائين فيصلو ٿئي.

بکر خان اهو لکيو ۽ قرآن شريف ۾ کنيو. علي بخش اهو ڏسي بکر خان جي پليکار ڪئي. بکر خان چيو ته، مير صاحب تو کي گهرايو آهي، پر هو تومان ناراض ڪونهي، تهصلو ٿيندو. علي بخش چيو ته: مير مون سان ڪئن نه ناراض هوندو جو کالهه کالهوٽي سندس گاهي ماريا اٿم ۽ تازو تازو پياري مڱسي کي ماريو اٿم. تڏهن بکر خان کيس لکيو ڏيکاريو ۽ قرآن شريف جو قسم ڏنو. تڏهن علي بخش بوچ ڪي کمربند ڪري ان ۾ شکليو هنيو ۽ هلڻ لاءِ تيار ٿيو. سندس ساٿ مائي سونڻ جهليس ته: اها! تو تي خون جو ماڻرو آهي، سو سمجهي قدم کڻ. علي بخش چيو ته: امان، آءٌ سر تو ڏيان قرآن شريف تي، جي مران ته منهنجو ٻالو ڪٽي پوئي تي رکجان (۱).

جڏهن بکر خان کيس وٺي آيو ۽ علي بخش اچي کڇهري ۾ مير صاحب جو سلام ڪيو ته مير سلام ڏ جهليو ۽ حڪم ڪيائين ته: هٿيار ڇوڙي کڇهري ۾ آءٌ. علي بخش چيو ته: هٿيار، سر ۽ ڏاڙهي سنوان آهن. تڏهن سيد صالح شاهه کي مير حڪم ڪيو ته: هروچ کان هٿيار کس. علي بخش چيس ته: سيد تون نه اچ، پر هن حملو ڪيو ۽ علي بخش جي پهرئين ڏڪ کيس ڪئي چڏيو. اتي ڪو ٻلهه هو جو مير جو پهلوان هو. مير ان کي بچ ڪئي، جنهن علي بخش کي وارو ئي نه ڏنو ۽ يڪا ست وار لاڪيتا ڪيا، جيڪي هن سور ڏيئي چنڊيا، ۽ پوءِ جو ٻلهه کي علي بخش پاسيرو ڏڪ هنيو سو چيلهه وٽان ٻه ٽڪر ڪري چڏيائينس.

پوءِ علي بخش سڏو مير علي مراد جي طنبو تي جلهه ڪئي ۽ هڪ رسي ڪپائين جو مڙس جي ڪانچ طنبو جي اڳ واري ڀُجهڙ ڪِلي ۾ وڇڙي وئي. اڃان انهيءَ وڇڙ ۾

(۱) هن مان ظاهر آهي ته علي بخش ان وقت ڄاڻيون ٻڌيتاليون سائن جو هوندو جو سندس پٽن کي ٻه ٻار ٿي ڄاوا.

هو جو گهرام مري اچي ويان ڏي هنيس. علي بخش ڏسي چيس ته، تون منهنجو مٽ هٿين، توکي ته سامهون ٿي وڙهڻ ڪپي ها. ائين چئي ڏي جهلي گهرام کي ڏي هنيائين جو ڪجهه سپر ۾ ۽ ڪجهه ٻڪي ۾ لڳو ۽ گهرام باهڙجي وڃي ڪيريو ۽ ذرا دير کان پوءِ سامت ۾ آيو. پوءِ وڃي مير کي چيائين ته، علي بخش کي ڏي لڳو آهي سو چاڻ ته مٿو، پير هت شڪارگاهه ۾ رکجو شڪار وارا آهن ۽ سپاهه ٽورو آهي. انهيءَ ڪري سرڪار کي هتان منزل ڪوچ ڪرڻ گهرجي جو نظاماڻي چاڻ ته علي بخش جي واهر ۾ پهتا. پوءِ مير حڪم ڪيو ته مڏي ڪٽو، تڏهن قائم شر مير کي دلداري ڏني ۽ عرض ڪيو ته، منهنجي دعوت قبول ڪريو ۽ مون وٽ هلي منزل ڪريو. آڳ شرن کي ڇڏڪي تي بيهاريندس ۽ ڪنهن جو به وار ونگو نه ٽيندو. پر مير صاحب جيڻ چڙهيو ته مهراڻ واري واٽ سان سڌو اچي ڪوٽ ڏي پهتو.

علي بخش جي هن سورهيائي کي ان وقت جي سگهڙ خيرمحمد نالي پنهنجي هيڻين "تڪ-بندي" ۾ بيان ڪيو،

ناري جي به شڪار تي مير صاحب چڙهيو آ
ڪيڏي شڪار ناري جو، مير "ڏاڏر" لڏو آ.
هت سڄ لٽي جو گاهين، جوڙ جانچي چڏيو آ
سڄ آيريوئي ڪينڪي گاهين ڏانڊو ڪوڙيو آ
خبر پئي علي بخش کي، ڪيائين گاهين ڪٽ چتاڻ
گاهي سڌو مٽي اکهاڙو، مير ڏي ٻڌو آ
چئي: اڄ مارياسي گاهي سائين، سڀنهين پئي جي مٿي آ
مير سڏيو ڏي پيارا مڱسي تنهنجي مهل اچو ڪي آ
شيخو ميمڻ ڪوهڙ هو سو ٻيل چاڙهيو آ
هڪلي اچي نداماڻي کي ڪيئون سڌ وراڻ
نڪري آ ڏي نداماڻي، توتي حڪم مير جو آ.

(علي بخش چيو:)

چار گهڙيون گهوڙي خاطر مون ۾ هركيون آ(۱)
آڇي ڪم سرڪار جي مان ڪڏن وڃي اڏ وراهه
پنهين ڏرين ميرن کي ڏيئ جوڙ ۾ ناه.

ڪجهه ڳالهايو پياري مڪسي، ڪجهه علي بخش آ
چڏ چڪيلو نداماڻي، وڏئين مڪسيءَ جون ٻيئي ٻانهون لاه(۲)
هڻ تڪا، ڦاڙها تڪا، تن ڪڏن شيخو تڪو آ
ٽين ٽپين سان ميرن سان وڃي معلوم ٿيو ڳالهاءِ
ته، نداماڻي مڪسي سنديون وڏيون ٻيئي ٻانهون لاهه.
ته ميرن سڏيو، ڏي بڪو تنهنجي مهل اچوڪي آ(۳)
چئي: ڪڙين کار ڪلهوڙي واري ته بڪو کين ۾
چڙهيو آ(۴)
۾ اکر ”يلي تي“ مان کي لکي ڏج وراءِ(۵)
بڪو لاشاري، سنگت ساري، جوڏڻ تياري ڪيڙي آ
اڳ ۾ ”ڪلام رب جو“ پڙهون بڪو آ(۶)

هڪلي اڇي نداماڻي کي ڪائين سڏ وراءِ
نڪري آءٌ اي علي بخش، توکي حڪم ميرن جو آ
”ماموٗ“ ”ماموٗ“ ڪري اڇي علي بخش ملیو آ
چئي: ماما بڪو خير جي ٿون ورندي ڏي ۾ وراءِ
بڪو چئي: مير علي مراد توتي ڏاڍو راضي آ
چئي: ماما بڪو، مير اسان تي ڪاڏهون راضي آ.

---

(۱) گهوڙيون = ڦاٽيون (بج جون) (۲) ”چڏ چڪيلو“ = هڻ شڪيلو، (يعني نداماڻي هٽي جو تراز). (۳) بڪو = بڪر خان لاشاري. (۴) ڪلهوڙي واري کار = اڳ ڪلهوڙي کي بڪر خان وڃي آيو هو جنهن کي قيصلي کان اڳ ماريو ويو هو. (۵) ”يلي تي“ = قرآن شريف تي (۶) ڪلام رب جو = ڪلام الله.

چئي: ابا، تنهنجي منهنجي وچ تي، هي ڪلام رب جو آ (۱)

تڏ جوڙي سندو بروچ ٻوچن ڪمر ويڙهيو آ (۲)
سوڻن ٽالي مائي ماڻس، ڪمر چڪي جهلي آ

چئي: ابا علي بخش! ماسرو اٽئي خون جو، تون ارجهي پير ۽ پاءِ

چئي: امان گهٽا اٽئي ٻٽ، ٽيندءِ گهٽا ٿوتا
"علي بخش" ٿوتي تي ڪٽي رکجانءِ نانءِ وڃاءِ
سو ٽو ڏيان قرآن تي، جئن ڏوکڙ ڪهوريو آ

—

ٻوءِ چڪيلو بروچ ڪنڌ ۾ وڌو آ
گالهين ڪندي سي اچي ميرن سلامي ٿيا (۳)
تہ نڪو مير سلام سوٽايو، نڪا توجهہ وڌي آ
تہ چپ وات ۾ ڏيئي، بروچ بيهي رهيو آ

چئي: سلام ٿيي اي سير سونهارا، علي بخش ٿيو اوطاقي آ (۴)

چئي: هٿيار چوڙي ڦٽا ڪري ٻوءِ ٿي اوطاقي آ

چئي: سائين هٿيار ٻنهوار ڦٽا ڪري، سر ڏاڙهي ڏيئ جوڙ ۽ ناه

تہ مير صاحب سيد صالح شاهہ ڪي حڪم ڏنو آ
تہ حڪمي هٿيار بروچ ڪوڻ ڪسي تون وڃاءِ
علي بخش چئي: سيد سونهارا تون مان تي ڪين بهآ

---

(۱) تنهنجي منهنجي وچ ۾ = پنهي جي وچ ۾ شاهد ۽ امين (۲) جوڙي = جوڙي جو ٽلهو هٽ جو اٽيل ڪپڙو. (۳) گالهين (ڪ جي زير سان مقامي بولي جو محاورو) = گالهيون ڪندي (۴) ٿي = اٽئي. اوطاقي ٿيو آ = تنهنجي هن اوطاق تي آيو آ.

تنهنجي ڏاڏي منهنجي ڏاڏي کلمون پڙهيو آ
ڪنهين ڳالهين سيد سونهارو کين ۽ مڙيو آ
ڏکو ڏنائين پروچ کي، قهري کو چٽاءِ(۱)
چڏ چکيلو نداماڻي! ڳاٽ ـ هڏي واري تلوار ابتاڻي مڙن
نکري پئي آ(۲)

—

تڏ ست تراريون پلهه ۾ اتي کوڙيون آ(۳)
سي ستئي تراريون پروچ سڀ مٿي جهليون آ
چڏ چکيلو نداماڻي! پلهه کي وڏائين لکئون لاهه

—

هوءَ جلهه ڪيائين طنبوءَ ٿي ات سير ۽ مٿي آ(۴)
ڏور ڪيائين طنبوءَ جي، هي عالم شاهد آ(۵)
تڏ سڀڻ جهڪڙ ڪيلي پروچ جي وڇڙي وئي آ(۶)
اتي پٽيري تلوار اڇي گهرام سري هٿي آ
ڪنڌ ڪٽي گهرام سري ڏي، مالم ڪيائين ڳالهاءِ(۷)
"تون تہ منهنجو مٽ هئين، تون اڪيئون اڇي هام
وراءِ"(۸)
چوريءَ وڙهن پريئون، اهو ڪ چور جو آ
چڏ چکيلو نداماڻي! ڪجهه جهليو هوس پگ ٻيو سڀ
لاهيون آ(۹)

—

(۱) چٽاءِ = چٽائي (۲) ڳاٽ هڏي = ڳاٽ واري هڏي کان تلوار لڳي
تہ جسم چيري اڇي چيلهه (ابتاڻي) تائين ٻيئي (۳) پلهه ذات جو
جيکو مير صاحب جو پهلوان هو (۴) طنبو وارو ٿلهو ٻي زمين
کان مٿي هوندو هو (۵) عالم شاهد آ = جهان شاهد آ (۶) جهڪڙ ڪيلو
= طنبوءَ جو اڳ وارو ڪلو (۷) مالم ڪيائين ڳالهاءِ = (گهرام
سري کي) پنهنجو گفتو معلوم ڪرايائين، ڪيس چيائين (۸) هام وراءِ
= پولائي ڏک هڻ (۹) سڀ کي لاهي (ويڙي) چڏپائين ۽

ٽئين گهڙي ڪان ٻوءِ مري سامت آيو آ (۱)
چئي: ڀڄ ڀڄان اي مير سونهارا، ڊپ ڊپان تي ويڙهي
ويندءِ، اڃهي نداماڻي آيا.
'آڻيو ٻلو مهري'، جوڻ مير جو ٿيو آ
ديگڙا ٻوڙ ٻلاون جا اتي دميا چڏيون آ،
تڏ قائم شر مير ڪي ڏاڍي دلداري ڏني آ،
هتون منزل مان وٺ ڪر تون بالم بي پرواه
ريڍو ڪير، جواري مالي، جهجهو ڪندس، ڪر دلجاءِ
شرن سندي چوڪي توتي ٽيٽ ٻيهاريندس ٽاءِ (۲)
ڀر ڪنهين ڪالهين مير سونهارو ڪين ٻڌيو آ
وڃي يڪ مهراڻن جي، اچي 'دجي' لڏو آ. (۳)

---

(۱) سامت آڻيو = هوش مٿ آيو (۲) ٽٽ = پڪي پورڻي. ٽاءِ = جاءِ، ان جاءِ تي مقرر (۳) مهراڻن جي يڪ وٺ = مهراڻن جي پر ٻوڙي.

ضميمو

[هيٺ "اوڏاپر جي جنگ" جو احوال ڏجي ٿو، جيڪو هن ڪتاب ۾ نه آيو آهي. شايد هيءَ جنگ مغلن جي دور جي آخر ۾ لڳي ۽ اُن کي "باب چوٽين" هيٺ شمار ڪرڻ گهرجي. ان ڪتاب ۾ "جنگو خان جمالي ۽ بلي بداڻي جي جنگ" بابت به وڌيڪ روايتون ڏجن ٿيون، جيڪي اڳ متن ۾ نه آيون. انهن کي "باب پنجين" هيٺ ٦٦-٧٤ صفحن تي ڇپيل روايتن سان گڏي پڙهڻ گهرجي.]

اوڏاپُر جي جنگ*

گجرات طرف ڪرمتي بلوچ ويا. بگهياڙن جي پاڙي مان جمعدار گياندار ۽ پيروز ٻئي پائر ڪنهن راجا وٽ هئا. پيا به ساٺن پنهنجا ماڻهو هئا، جنهنڪري اُتي سندن زور هو. انهيءَ تي راجا کي سندس ماڻهن چيو ته هنن کي رياست مان ڪڍ. تنهن تي راجا کين رياست مان نڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪرمتين انهي تي جنگ نه ڪئي، پر پگهارن جي عيوض راجا جو چوڪرو جهليائون. پوءِ راجا وارا پڇي نه سگهيا. نيٺ عهدنامو ٿيو، جنهن ۾ راجا وري کين نوڪريءَ ۾ رکيو. اُنهي صلح ۾ اهو شرط به هو ته اسين اوهان جي ڪوٽ لڳ پنهنجو ڪوٽ وجهائينداسون ۽ بانگ صلواة به ڪنداسون. انهي شرط موجب پوءِ دين گڙهه ٻڌائون. پلٽڻ هڙ پيروز جي پٺ ۾ هئي. راڻي پوءِ راجا کي مجبور ڪيو ته پروچن سان رهاءِ.

---

* روايت حاجي سرماڻ خان مرحوم ۽ سندس لائق فرزند حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (تعلقو ميرپورساڪرو). حاجي محمد سوڍي چيو ته اوڏاپور، گجرات طرف آهي.

"راڻي سُمهي تہ ڊوليءَ پيروز ٿي پڙاءِ(۱)"

پيروز ۽ گيانڊار، بگهياڙن جي "رود ڙاڻي" پاڙي مان هئا. پيروز پوءِ راجا کي چيو تہ: جهڙو ٿون راجا آهين، ائين اسان جو ٻہ مُلڪ آهي، جو هتي رياست ۾ آيل آهي، تنهن سان جيڪر تون ملين تہ سُکو ٿيندو. راجا چيو تہ: چگو، آن کي دعوت ڏيئي آڻ. | پوءِ پيروز، مُلڪ کي راجا طرفان دعوت ڏني. راجا انهيَ موقعي تي وڏا انتظام ڪرايا ۽ مُلڪ جي وڏي عزت ٿي.

هتان (سنڌ مان) نندو خان رجيرو بگهياڙ، پين پروچن (خود جمعدار گيانڊار ۽ پيروز کي اوڏاپور ۾، يا پين پروچن کي جهونا گڙهه طرف) سان ملڻ ويو. چون تا تہ جيئو نوتياڻي هڪ ديه، نيندي جو ماموٺ هو يا وري نيندو ۽ جيئو ٻئي هتان گڏجي ٻيءَ رياست ۾ آتي جي پروچن کي ملڻ ويا. آتي پهتا تہ هنن بلوچن سان اڳئي کا جنگ هئي، هي ٻہ وڄي ساڻن پيڙا ٿيا. آتي بلوچ نوڪريءَ ۾ هئا، پر جنهن راجا وٽ نوڪريءَ ۾ هئا، ان سان جنگ هئي. پوءِ جنگ ۾ پروچن واري طرف جي هار ٿي. بندوق لڳي تہ گهوڙي جي ٽنگ مان مٿي نيندي کي ڏڏ ۾ لڳي ۽ پرهن ميدان ۾ ڪري ٻيو. مير عالي پاڙو (مُلڪاڻين مان) محمداڻي وٽانئس اچي لنگهيو. نيندي کي ٽ ڪنيائين، پر وڏي جيئي کي ٻڌايائين تہ نيندو ڪري ٻيو آهي. پوءِ جيئو آيو. آٺ هٿ ٻايائين. آٺ اڃان پهريان گوڏا مس کوڙيا تہ پويان دشمن اچي ڪڙڪيا. هي لٽوئي ڪونہ ۽ آٺان ئي آٺ آڙي هليو ويو. نيندو آتي ٻئي رهيو، جنهن کي پوءِ دشمن ماريو.

---

(۱) پڙاءِ=ڊپ.

نندي عالي تواريو، ايءَ اول اهجاڻي
تہ متان مون کي چڏين سَيا محمداڻي
سا سير نہ لائي من سين، گوشو ڪيائين
نوتياڻي کي نيڪهَہ ۾ وڃي سگهو سڏيائين
تہ جيا! "نندو" جنگ ۾ ڏس اڪين اگيائين
سو مَرڪي ماسو آئيو، ٻڙ پيڄ تائين
پر نڪي نيائينس پاڻ سين، نڪي نباهيائين
ساه ڏيڻ نہ سڳرو، جيڪس ڏاڍي ڏنائين.

پوءِ نندي جي لوت ڪڍ لاءِ همراهن کي چيائين، پر سيني عذر ڏنو تہ اسان جا وهت ٽڪل آهن، پيلهہ ڪٽي ڪين سگهنداسين. انهيءَ تي "هارڻ" گدي چيو تہ: منهنجي گهوڙي نڪا اپري نڪا بيمار، پيلهہ به ڪٽندي، سو آءٌ ٿو مڙس کي ڪٽان.

سَميجو سکر ٿيو، جنهن "هارڻ" هاڪ هنئي
تہ هلو نندو آٽيون، پاڻ رڻ مان خاڪ ڪٽي.

پوءِ نندي کي ڪٽي اچي راجا واري طرف جي پروچن جي ڳوٺ ۾ ڪيس دفن ڪيائين.

چون ٿا تہ (۱) ٽڪر (۲) سرماڻ (۳) نندو، ٽيئي پٽ وڏي خليفي عيسب جا هئا. خليفي نندي کي جهليو هو تہ پاڻ پير آدم جي پاڙي جا ويڙل آهيون. پاڻ وٽ سينڪڇهہ آهي، تون اوڏاهين نہ. ويچ. پر نندو اوڏاهين (اوڏاپور) ويو جو آتي ماريو. هتان پوءِ نندي جي ماڻهن پٽ جي قبر ڏسڻ ۽ سائڻن کي ملڻ لاءِ آتي ويئي. موڪلائڻ وقت جيئهي پيٽ کي چيو تہ: ادي! هت ڏي تہ توکي آٽ تي چاڙهيان (جو آٽ تي بار وڏو لڏيل هو). سائي جواب ڏنو تہ: ادا! تو نندي کي هٿ ڏيئي کونہ چاڙهيو، سو تنهنجو هٿ مون کي کهڙي ڪم جو؟ سائيءَ هٿ کونہ ورتو. جيئو به پوءِ موتي هٿ آيو ۽ هتي ئي سڙيو.

نيندي جي ساڻ جو نالو "سلي" هو، نيندو آتي آساڻ ڪري دفنايل هو، تنهنڪري سائي سلي اوڏانهن وئي. سائي ۽ سندس ٻانهي گڏي آتي ڏنگرڏار ڪري ويئا، تان جو نيندي جو لاش ڪڍائي، ڪٽائي اچي هت 'قدمن واري مقام' (گوٺ راج ملک لڳ گهارو) ۾ دفنايائين.

جنگو خان جمالي ۽ بُلي بداڻي جي جنگ

خليفي محمود نوحاڻي جي روايت

بُلو ڪوسو، پاڙو بداڻي، "بُلي جُون بُڌيون" جو ويڙل هو. اِها جُوءِ تغلقي سيوهڻ ۾ جهانگارن کان اڳ ميل اولهه طرف "ڪوٽ پاروچي" ۽ "ڪائيي" جي وچ تي آهي. بُلي جا ست پائر هئا (۱. ڪوڏو ۲. جهنبو ۳. علي خان ۴. بُلو ۽ پيا)، جن ۾ بُلو وڏو هاڻو ۽ ڏاڏو مڙس هو. ٽنبي رحيم خان ڏانهن جمالين جو سال هنيائين، جنهن ۾ راڏو جمالي مارجي ويو. پوءِ راڏي جي زال جَنگو جمالي وٺ آئي تہ منهنجي مڙس جو ويڙ وٺي ڏي. پوءِ جمالين جي فوج چڙهي.

سائينداد نوحاڻي، ويڙل ڪائي جو وڏو پهلوان هو (نوحاڻي اصل گاج تي ويڙل هئا). بُلي ۽ سائينداد پرپٽ هڪٻئي جون خبرون ٻڌيون هيون. هڪ ڏنعي گس تي گڏيا، هڪٻئي کان خبرون پڇيائون. نالي ٻڌڻ سان ٻنهي هڪٻئي کي چيو تہ: سون توکي آسمان تي ٻئي ڳوليو، اڄ گس تي گڏيو آهين! پوءِ ٻئي تراريون کڻي وڙهيا، پر ڪوبہ مڙس ڪونہ گهايو ۽ ٽڪجي پيا. ساهي کڻي اڻيا تہ ٻنهي مان ڪنهن هڪ، ٻئي کي چيو تہ: "آئي يار!". اتي ٻئي کڻي ترار ڦٽي ڪئي ۽ چيائين تہ: يار تي ڪا ترار هلندي! پوءِ ٻئي يار ٻنيا (۱).

---

* هيءَ روايت خليفي محمود نوحاڻي جي زباني تاريخ ۴ مارچ ۱۹۶۵ع تي حيدرآباد ۾ قلمبند ڪئي وئي.

(۱) راوي سليمان جهانجهڻ جي ويڙل لڳ هوڙي تعلقي حيدرآباد (ڪچهري تاريخ ۲۴- آڪٽوبر ۱۹۶۴ع) چيو تہ: مير بجارخان وٽ تلوار بُلي بداڻي جي هئي. هن طرح جو جمالين ۽ ڪوسن جي جنگ لڳي، جنهن ۾ بُلو مارجي ويو. سندس تلوار جمالين کي هٿ آئي، جيڪا آئي مير بجارخان کي ڏنائون. بُلي جي ٻيڙ جو نالو "ڪُونج" هو.

جڏهن جمالين جي فوج چڑهي، سائينداد، بلي جي مدد لاءِ ميدان ۾ آيو. ميدان ۾ ويڻي جوش سان حقي جون تکڑيون تکڑيون ڦوڪون ڏيڻ لڳيون. بلي پڇيو تہ چيائين تہ: اهي فراق جون ڦوڪون آهن، جنگ ۾ الائجي کهڙا مرن کهڙا بچن.

ان کان اڳ راڄ، بلي وٽ آيو تہ: جمالين جو توسان ويڑ آهي، هتان لڏي هل. انکار ڪيائين. بالاخر چيائين تہ: چڱو، منهنجون مينهون ڪاهيو. پوءِ چيائين تہ: منهنجي مينهن جيڪي هتي چيڙا لاڻا آهن، اهي چونڊيو. آخر چيائين تہ: بلي ڪٽو تہ آءٌ هلان. اتي راڄ بيوس ٿي ڪٽي بس ڪئي.

جهنڊي کي ڪنهن ٽڪريءَ تي بيهاريائون. تہ جمالين جي فوج جي جانچ رک. پر فوج بلي‌ءَ جي پُر ڏيئي اچي بلي جي لشکر ۾ پئي. جهنڊي کي پوءِ خبر پئي، تڏهن ٽپ ڏيندو اچي ميدان ۾ پيو(۱). پهرئين ڏاڪ سان جهنڊي جا آنڊا نکري پيا، پر تڏهن به ترار هٿ ۾ ڪيو. دشمن تي کاهي آيو. ڪنهن چيس تہ: جهنڊا! آنڊا پيا لڙکئي. چيائين تہ: "اهي ترار جا عالي بند آهن". پوءِ هڪ دشمن کي ماري مٽ ڪري، پاڻ به مئو.

انهيءَ جنگ ۾ جمالين جي فوج جو اگواڻ جنگو هو. ڪنهن شاعر انهيءَ جنگ بابت بلي ۽ جنگو جي سوالن جوابن جا بيت چيا تہ:

بلو: آءٌ ڏي جنگو آءٌ
سرڪيءَ سڪيلي جو توکي رٽ ڇکايان ساءِ
انهيءَ ترڻ متاءِ سات نہ نيندين سڏرو.

---

(۱) جهنڊي جي ٽپن واري جاءِ تي اڄا تائين پيرن جا نشان رکيل آهن.

جنگو: ساڻ ۾ نيندوسانءِ سنڌرو، تار منجهان تاري
سير صدقو لڄ تان جا آئي اوتاري
مٺهائين مارين، وٺندوسانءِ رت راڏي جو.

بلو: جي وٺندين رت راڏي جو تہ هيت نہ لهندين هٿ
ڪلهن نہ هوندءِ ڪنڌ گهٽو سارينديں سنڌ ڪي.

رحيمداد فقير چانڊيي جي روايت

"چيني" تعلقو جوهي، ڪوسن جو مرڪز هو. چيني ڪان ڏکڻ طرف ٽڪر تي گولي جي پٽ شهداد ڪوسي جو قبو. گولو مٽي جبل ۾ "لوهيي" ۾ رهندو هو، جنهن کي پنهورن ماريو. حيدر پنهور چيني کان اتر-اوپر جي ڪنڌ تي ديهہ "اراڙو" جو ويڙل هو. سندس مسجد اڃان تائين بيٺي آهي. قيصر پنهور "سامتائي" ۾ ("پانن" کان پنج ميل اتر طرف) رهندو هو. سندس مسجد به اتي بيٺي آهي.

گولي ڪوسيءَ وارا مال هٽي سنڌ ڏانهن ويندا هئا. هڪ پيري بونگن ۾ پاڻن جي وچ تي پنهورن جو مال هٿيائون. منزل اچي ڪيائون عليمراد خان شاهائي جي ڳوٺ جي ڏکڻ طرف ديهہ بشام ۾ (بشام ڪوسي جي نالي سان ديهہ). پوپان پنهور به لشڪر وڌي آڇي ويڙل مٽان پيا ۽ گولي کي ماريائون (سندس قبر به اتي آهي). پوءِ ميان نصير محمد وٽ فيصلو ٿيو، جنهن موجب اولهہ طرف جبل کان وڌي "ناڑي" تائين، يعني اوپر ڏانهن سيوهڻ تعلقي جي ڏنگ تائين، اهو ملڪ خون جي عيوض ڪوسن کي ڏنو ويو. اڳ اهو ملڪ پنهورن جو هو.

---

(۱) هي روايت انهن کي سنہ ۱۹۵۸ع ۾ جوهي طرف ڪيل ڪچهري ۾ رحيمداد فقير چانڊيي ٻڌائي. ان وقت سندس عمر ۸۵ سال ڪن هئي.

پوءِ ڪوسن زور ورتو ۽ راڄن کي تائسي ڪنيائون، تنهنڪري خود ميان (غالباً ميان نورمحمد) هنن جي مارائڻ پويان پيو. پڳ وارا روحالاڻي ڪوسا (جيڪي هن وقت "ڪاڙي" تعلقو ڪڪڙ ۾ ويڻل آهن) هئا جن کي ميان خدا آباد ۾ گهرايو. جڏهن ڪوسا اندر آيا تہ دروازا بند ڪري ويا ۽ ماڻهو هنن تي اڇي پيا. جعفر ڪوسو ترار لڪايو ڪنيو آيو هو، تنهن سير بهرام ويڻل تي حملو ڪيو، پر سير ڪيڙي آڏو ڏني. پوءِ ترار ڪٽي وار ڪيائين تہ ڪيڙي ٽوڙي جعفر منجهان وڃي باهر پئي. انهيءَ تي شاعر چيو تہ:

"بَڇي ويُون" بهرام، نہ تہ دست چڙهيو هُئون ديوَ جي"

پوءِ بلوچن جي ستر راڄن گڏجي ڪوسن کي لڏائي ڪڍيو.

بُلو وڏو بهادر هو. ۽ شاهاڻي راڏو ۽ راوت خان ماريائين. انهن جون مايون ويون جنگوخان جمالي وٽ تہ ويڙ وڃي ڏي. جنگوخان ماين سان "هائو" ڪئي. بُلي جڏهن اها خبر پڏي تہ جنگوخان، شاهاڻين لاءِ چيلهہ ٻڌي آهي، تڏهن بيت چوائي موڪليائين تہ:

آ جَنگُو جنگ تي، سان پهرو ڏيان پيراڙو
تُرڪن ۽ تيرارين جا توکي چڪايان ساءُ
انهيءَ تڙ مٿاءِ سات نہ نيندين سَنڌرو

جنگو جواب ڏنو تہ:

بُلا، سات ۾ نيندوسانءِ سَنڌرو، انهيءِ تڙ مٿان تاري
منهنجو سير صدقو لڇن ٿون، آيُون پيهي اوتاري
هاڻي مَهاڻون ماري، ونڊوسانءِ رت راڏي راوت خان جو.

جنگو لشڪر وڙي چڙهيو، جن ۾ هڪڙا جمالي ٻيا بروهي ناناڻا، ۽ ڪَنڀيرو ليڊر ۾ ساڻس هئا. سَجيُون پڇايائون. جنگو چيو تہ هڪڙو پاڳو وڏيڪ ٿاهجو، جو جيڪو بُلي سان انگ

۾ مَٽَ ٽئي، آهو پنهنجي پَٽِي توڙي وڌيڪ پاڳو ڪائي.
اهو پاڳو جمالي ۽ بروهي نہ ڪاڏو، پر لُنڊ ڪائي ويو.
جنگو چڙهيو، پر بُلي کي جاڻ ڪونہ ڪيائين ۽ اوچتو
وڃي بُلي تي ڪڙڪيا. بُلي کي سندس ماڻهن چيو تہ لشکر
ٽو آڇي، وڙهڻ جي واه ڪانهي، هِتان هَل. چيائين تہ "بُٽي
چُري تہ بُلو چُري". هوڏانهن جنگو پنهنجي لشکر کي چيو
تہ: بندوقون نہ هڻجوُ، جو بُلي وٽ لشکر ڪونهي، باقي
تراڙين جي جنگ ڪجوُ. پوءِ لُنڊ اڳ ۾ سامهون ٽيو:

آيو لُنڊ لوڙيون ڪندو جنهن کِنوڻ کِنوائي
بيهڻ بُلي نہ ڏنس، ويس ڪني سان ڪائي
سَرسي سائيندادَ ڪئي جنهن ڪُنڊي ڪڙڪائي.

سائيندادَ نوحاڻي، بُلي جو دوست هو. لُنڊ کي اول بُلي
ڏڪ هنيو، مڻان سائيندادَ هنيس تہ لُنڊ چار ٽُڪر ٿي ويو.
اتي جنگو کي سندس لشکر چيو تہ: جنهن ۾ پاڳا ڪاڏا سو
چار ٽُڪر ٿي ويو، هاڻي تراڙ ۾ پڃڻ پيٽي ڪانهي، سو ڪل
ڏي تہ بندوقون هڻون. جنگو چيو تہ: ناموس ڪانہ ٽيندیو
جو هُو مڙس آهن ٽي. آهي ٽي هئا: بُلو، سندس پاڻ علي خان
۽ ٽيون هو سائيندادَ نوحاڻي. بُلو ۽ علي خان پٽ عرضي جا هئا.

آهدي پُٽ عرضي جا سپ ساماڻا شينهن
هڪڙو اٽن شوق شڪار جو، ٻيو گهمن راتا ڏينهن
بُلي خان بُٽيءَ تي مَهند وسايا مينهن
پوءِ ڪُنڊيون نيندا ڪيئن، جنهن جون وٽون وڻاٽن ۾.

جمالين ٻُڌي ڪوشش ڪئي تہ بُلي جون مينهون هڻون،
جيڪي سڄيون چرنديون هيون.

جمالين سندي راڄ ۾ ڪا جا چورپچور
آيا ڄاڃي جام بُلي جا سڄا مَ ڇڏ ڏور
مينهون چرن مور، مانجهي مير بُلي جون.

—

بُلي جي پائرن جي ڪندو، ڪونہ ڪَچي
نوحائي ننگ تي اچي ٻيٺو مرد سچي
لوهُو ۾ رَچي لال ٿيا، جئن ڪُهنبي لاڪ رَچي
پوءِ جن جي ساڪ سچي، سي مري سور شهيد ٿيا.

بُلي واري بُٽي تي پنج قبرون آهن: ٽن ٽن پائرن جون، بلي، علي خان ۽ جهنڊي جون، چوٽين سائينداد جي ۽ پنجين عرضي جي.

ا۔ ماڻهن ، قومن ۽ قبيلن جي ڏالن جي فهرست

الف

آدم ٻير ۸۰
آدم ڪي حماتي ۲۵۳–۲۵۴
آدم خان ۳۲۷
آدو آرا دين ۳۴۶–۳۴۷، ۳۴۹
آرادين (راج) ۳۴۶
آري (برفت گهر) ۲۶۲
آري ٻوٽا (جوڪيا) ۴۳۸
آري جاڪرو ۱۲۱–۱۲۲
آري جوڪيو ۴۳۹
آريسر ۳۴–ن
آريسر (قبيلو) ۳۴–ر
آسُوجي ۱۳۹
آسُو رام ۴۴، ۴۶
آسُو لنگهو ۱۲۲
آسيو ڊايي ۴۱۰
آغا اسمٰعيل شاه ۲۲۷
آلادين (= عالادين) ۱۷۰
آوت (= آوتراء)
آوتراء منشي ۳۷۲، ۳۸۵–۳۸۷
ابراهيم ساڪاڻي (جوڪيو) ۱۳۵
ابڙا ۵۷
ابڙا (سما) ۲
ابڙو سردار ۷
ابڙو سمو ۱، ۴، ۲۷۵
آبل ماڪاڻي (حر) ۴۳۴
آبن لنجو ۲۸۲–۲۸۳
آترم (= "اوترم")
آتمي ، اتوسي ۲۱۸–۲۲۰، ۲۲۲–۲۲۴–۲۲۵
آتوال ۵۷
اجمالي (نگامرا سردار) ۱۲۹
احسان علي شاه شاعر ۳۷۵–۳۷۶
احمد ۴۴۰
احمد چانڊيو ۲۰۱
احمد خان ۱۷۷، ۱۹۵
احمد خان ٽالپر ۳۲۱
احمد خان مگسي ۱۶۱، ۱۶۴–۱۶۵، ۱۶۸، ۱۷۳–۱۷۴، ۱۸۲–۱۸۳
احمد زئي (قلات جا خان) ۱۵
احمد شاه قلندر ۲۹۷–۲۹۸
اڊيسنگهولنجاڻي سوڍو ۴۰۱–۴۰۲، ۴۰۴–۴۰۷، ۴۰۹
ارباب سائينداد پرڙو ۲۱۴
ارجن راء چنو ۳۴–ه، ۳۴–د، ۳۴–ڪ

ارشون ۱–۲، ۶، ۲۵، ۲۰۶
اسٽيل (انگريز آفيسر) ۴۲۰
اسحاق محمد لاشاري ۳۰۹
اسمعيل ۲۲۶
اسمعيل پنهور ۲۷۸–۲۷۹
اسمعيل خان بروهي ۴۷
اسير ۵۷
اعظم ۷
افغان ۲۱۶، ۲۲۶–۲۲۸، ۳۵۲
اقبال شيدي ۲۴۹، ۲۵۱، ۲۵۵
اکبر بادشاه ۲۵، ۲۹–۳۰
آکا سوڍا ۴۰۴
اکيراڄ ٺڪر ۴۰۴
الپيٽ (آتمين جو اڳواڻ) ۲۲۱
التاز ۴۹
الله بخش بالاڑي سگهڙ ۸۴، ۹۶، ۱۲۲، ۲۴۴، ۲۵۱–۲۵۲، ۲۷۷
الله بخش پيروزاڻي (لغاري) ۳۴۵
الله بخش خان چانڊيو ۱۶۳، ۱۸۳، ۱۸۶
الله بخش لاشاري سگهڙ ۳۹۲
الله ڈنو (احدي پهلوان) ۸۰
الله ڏکيو ۸۶
الله داد ۶۳، ۹۶–۹۷
الهداد برڙو ۲۱۳، ۲۱۵
الهداد پنهل ۲۴۹–۲۵۱، ۲۵۳–۲۵۵
الهداد ڪرمتي شاعر ۲۲۰–۲۲۲، ۲۸۷، ۲۲۴، ۲۷۲، ۲۸۸
الهداد مهمت جوڪيو ۲۶۳–۲۶۴
الهڈنو هديه ۴۵۲
الهرڪيو ليوهار (ميرن طرفان ڪراچي جو محافظ) ۲۲۰، ۲۲۲
الهرڪيو ناريجو (جمعدار ڪوڙي ناريجي جو پيءُ) ۳۸۶
الهورايو ناريجو ۳۸۶
الهيار ۲–۳، ۹–۱۰
الهيار بگهياڙ ۲۷۰–۲۷۱
الهيار خان شر ۳۵۰
الياس ڏيپو ۱۴۷، ۱۵۴، ۱۵۶
الياس لنجو ۲۸۲–۲۸۳
امام بخش سنجراڻي (حر) ۴۳۴
اميد علي ۳۲۶
اميد علي خان پوتاڻي ۲۴۴
اميد علي چانڊيو ۴۱۱
اميري (پادر جو زميندار) ۴۷
انڈو ڳڻهار شاعر ۳۹۲
آنڙ ۵۷
آنڙ سردار ۳۹۵
آنڙاڻي ۹۸
آنس پلي ۱۵۴

انگريز ۳۵۲، ۳۵۴-۳۵۷، ۳۶۵-
۳۷۹، ۳۸۵-۳۸۷، ۳۹۰-
۴۰۱، ۴۰۳-۴۰۴، ۴۰۶،
۴۰۸-۴۰۹، ۴۱۰-۴۱۲، ۴۲۵-
۴۲۹-۴۳۵، ۴۳۸، ۴۴۱-
۴۴۲، ۴۴۶، ۴۴۹، ۴۵۲
آنو راء جوکيو ۱۰۶، ۱۰۸، ۲۴۸
اوان (= اعوان) ۵۷
اوباهيو برفت ۲۴۷، ۲۵۰
اوتا جاکرا ۸۶
اوتم (ميجر) ۳۶۵-۳۶۷، ۳۷۰
اوداتا ۵۷
اورڈو ۱۰۷
اورلگزيب ۲، ۹، ۸۹
اوشو ۱۵۸

ب

بابّو حملاڻي ۸۴-۸۶
بادل جوکيو ۴۳۹
باد محمد شاه سنگتراش ۲۷۶
بادپن ۹۷
باراڻي (بارڻ جا) ۴۴۰
بارڻ جوکيو ۱۲۱
بارڻ دستي ۳۵۰-۳۵۱
بازوئي ۴۴۷
باگراڻي ۲۲۷، ۳۲۰، ۳۷۸
باگو ۳۲۸
باگو پنهور ۴۴۰
بالاڇ خان ترک ۳۹۲
بنوراڻي چانگ ۲۹۷-۲۹۸
بجار جوکيو (= جار بجار)
بجار (گبول) ۱۰۷
بجاراڻي (= چاکر جوکيو)
بجير ۱۵۸
بچل شاه (؟) ۳۳۰
بچل ساکاڻي (جوکيو) ۱۳۵
بچو خاصخيلي، حر (بچو بادشاه)
۱۶-۱۸، ۴۲۱، ۴۲۳، ۴۲۹، ۴۳۵
بچو کور ۳۹۲
بچو لنڈو لوتاڻي ۴۴۱-۴۴۲
بچو وڈو لوتاڻي ۴۴۱-۴۴۲
بخش دستي ۳۵۰-۳۵۱
بخشو ۵۴۰
بدوا (قبيلو) ۳۴۰-الف، ۳۴۰-ب
بدار (پٽڻي جو پيءُ) ۳۴۰-ل،
۳۴۰-ک، ۷۰
بدار (پاڙو) ۳۴۰ الف-۳۴۰-ب
بدار (پنرو) ۳۴۰-ح
بداماڻي (بٽلو کوسو) ۷۰
بداماڻي پنرو ۳۴۰-ج، ۳۴۰-ه،
۳۴۰-و، ۳۴۰-ز، ۳۴۰-ح،
۳۴۰-ط، ۳۴۰-ک
بداڻي (بٽلو کوسو) ۵۷، ۷۲
بداڻي (کوسن جو پاڙو) ۶۶
براد بنديچو ۶۸-۶۹

براهمر گهنبارو (سگهڑ، لنگهو) ۹۵۰–۹۹، ۱۲۱، ۲۵۹، ۲۶۸، ۲۷۰
براهي (= بروهي) ۹۸، ۱۰۱
برفت ۱۴، ۱۴۱، ۷۹، ۸۲–۸۳، ۹۱–۹۵، ۹۸، ۱۰۰، ۱۰۲، ۱۱۹–۱۲۱، ۱۳۴، ۲۴۷، ۲۵۲، ۲۵۵، ۲۵۷–۲۵۸، ۲۶۲، ۲۶۷–۲۶۸، ۲۷۴–۲۷۵، ۲۷۷
برفت ملک ۹۶، ۲۴۷، ۳۸۸
براهمر (گبول) ۴۵۴
براهمر منڈو (گرمتي شاعر) ۴۳۸–۴۳۹
بروهي ۴۸، ۵۰، ۵۸–۵۹، ۶۱–۶۲، ۶۷، ۹۳، ۹۸، ۱۶۲–۱۶۴، ۳۵۵، ۳۶۰
بروهي (میرعبدالله خان) ۶۴۵
بزدي ۱۶۰، ۱۶۲، ۱۷۶–۱۷۷، ۱۷۹–۱۸۰، ۱۸۲، ۱۸۸، ۱۹۷، ۲۰۱
بشک دستي (= بخش دستي)
بکر شاعر ۲۴۲
بکر بروهي ۶۹
بکراڻي گبا ۱۳۲
بکرخان لاشاري ۴۵۵–۴۵۶، ۴۵۸
بکرگدو (شاعر) ۲۴۱–۲۴۲، ۲۶۵
بکسُو (بکرخان لاشاري) ۴۵۸
بگهياڑ (گرمتي) ۱۳۰، ۲۶۹، ۲۷۰
بلدي ۵۷
بلُوکوسو (بداڻي) ۶۶–۷۴۵
بلوچ ۲، ۲۵، ۵۷، ۱۰۴، ۱۱۴، ۱۷۳، ۲۰۴، ۲۰۶، ۳۱۶، ۳۱۸، ۳۲۰، ۳۳۱، ۳۷۰، ۳۹۸، ۴۰۰، ۴۱۱
بلوچ خان خانڻي ڏالهور ۳۹۲
بليلاڻي (کوسا) ۴۰۸
بنبا بگهياڑ ۱۳۱–۱۳۲، ۱۳۷
بندیچا (جُوکيا) ۲۷۳، ۴۳۸–۴۳۹
بنگل جوکيو ۱۲۸، ۱۳۳، ۱۳۵
بنگو خان ۴۵۰
بوداڻي ۳۴۶
بودلو شيه ۳۱۱، ۳۱۴
بوزدار ۳۲۱
بُولو (بُلو بداڻي) ۷۰
بُولو (دودو) ۱۲۱–۱۲۳
بُولو (کيهر) ۱۴۳
بُوهڙ ۳۲۱، ۳۲۵
بهادر ۳۲۶–۳۲۷
بهادر خان کوکر ۲۲۷
بهادرخان پرگڑي ۳۴۲
بهار خان امراڻي ۴۵۷
بهارو (شاه بهارو سپهسالار) ۹۳
بهاول خان، نواب ۳۵۰
بهر (بهڙ؟ قبيلو) ۵۷
بهرام (میر بهرام خان) ۷۶
بهرام ۱۹۷

بهرام خان جمالي ۲۰۳-۲۰۴
بيبان لور (ولايي ڏجاڻي) ۲۹۵
بيگ ۵۷، ۱۲۳
بيگاڻي (جوڪيا) ۴۰۹
بيگ (جوڪيو) ۸۰، ۱۲۸، ۱۳۳، ۱۳۵
بيگ گڏو شاعر ۱۳۲، ۱۳۶
بيمت (ذات) ۵۷

پ

پاڙڙا (برفتن جو راڄ) ۱۰۱
پاڙڙو ۱۲۴
پاگهي (چامر هالي جي ڏيءَ) ۱۷-۲۱، ۲۳
پير (پاگهي جو پانهو) ۲۰-۲۱
پيراڻي ملڪ ۱۱۲، ۲۷۵
پٺ (قوم) ۲۱۰-۲۱۳، ۲۱۵
پڏو برفت ۴۰۱
پرا ۱۱، ۱۲، ۳۶، ۹۳، ۱۰۱-۱۰۳
پرڙا ۲۱۲-۲۱۵
پروچ ۷۹، ۱۱۶، ۱۱۹، ۱۶۵، ۱۷۸، ۱۸۱، ۱۸۸، ۲۰۱، ۲۰۸، ۲۷۴، ۳۱۲، ۳۳۳، ۳۸۱، ۴۰۵-۴۰۷، ۴۰۹
پگهو دستي ۳۵۰
پوتو جاموت ۲۱۸
پهروٽيا (حر) ۲۱۶، ۲۱۸-۲۲۰، ۳۰۲، ۴۰۳
پيڙو چارڻ (شاعر) ۱۵۷، ۱۵۹، ۲۷۸، ۲۸۰
پيڙو خان (ڪوڪر) ۳۲۴
پيڙو چالڏيو ۳۳۱، ۳۳۳

ٽ

ٽيڻجڻ (لنجو) ۲۸۲-۲۸۳

پ

پاٽنجر (ڪرنل) ۳۶۵-۳۶۶
پار پيو شاعر ۲۱۸
پارپيو ۴۰۰
پارو ۱۹۶، ۱۹۸-۱۹۹
پارو نوحاڻي ۷۰
پالاري ۸۴-۸۶، ۹۷، ۱۲۵
پانڊي ڪبير شاعر ۲۳۸-۳۳۹
پانڊي ڪبير ۴۰۶-۴۰۷، ۴۰۹
پاهڙ خان (لس پيلي جو حاڪر) ۱۱۴-۱۱۵
پيي پوٽا رونجها ۱۱، ۱۳
پٽاڻي ۵۷، ۳۹۸
پٺاڻ ۳۲، ۳۱۷، ۳۵۳، ۳۵۶، ۳۵۸، ۳۶۲، ۳۹۸، ۴۱۲
پٺاڻ (شاه شجاع) ۲۳۱، ۲۳۳
پٺاڻ پشنگي ۵۵، ۵۸
پٺاڻي ۱۲۴
پٺاياڻي لاشاري ۱۰۴
پير گبول ۱۱۵-۱۱۶، ۱۱۸
پراڙ (ذات جو) ۱۲۳

پُرتوس ۱۱۷، ۱۳۶، ۲۲۱، ۳۵۴
پرٿوي راج سمو ۱۴۲
پريو موچي ۱۰۶
پٽاهڙ (ذات جو) ۵۶، ۶۰۰
پلي (چامڙهالي جو پٽ) ۱۸-۲۰، ۲۳، ۶۰
پليو خان ۳۰۶
پنجوڙا ۵۷۰
پنهرو بداماني ۳۰۳-الف، ۳۰۳-ج، ۳۰۳-د، ۳۰۳-و، ۳۰۳-ك، ۳۰۳-ل
پنڻ (ملڪ، ڇلاڻي) ۸۳-۸۶
پنڻ (جو ڪچ) ۱۲۸، ۱۳۳، ۱۳۵
پنهوار ۷۵، ۲۷۸، ۳۸۴، ۵۰۰
پوپٽ لنگهو شاعر ۱۰۸، ۱۱۰
پولچاڻي سوڍا ۱۰۱-۱۰۳، ۶۰۰
پهڙ (= پاهڙخان ملڪ) ۱۲۲
پهلاج واڻيو ۲۹۶
پهوڙ خان (= پاهڙ خان) ۱۱، ۱۳
پيارو مڱسي ۵۵۵-۵۵۸
پير (واڻيچو وارو) ۱۶۳، ۱۸۵
پيراڻو ڪرمتي ۳۸
پيراڻو خان (جمعداو ڪوڙي تاريجي جو پاڻ) ۳۸۶
پير پرڏيهي (سيد اسحاق شاه) ۳۸۲
پير صاحب پاڳارا ۱۲۳
پير صاحب پاڳارو، حزب الله شاه (تخت ڏڻي) ۱۳-۱۷، ۲۷۴
پير صاحب پاڳارو شاه مردان شاه (ڪوٽ ڏڻي) ۳۰-۳۱۰
پير صاحب پاڳارو شاه مردان شاه ثاني ۳۳۵
پير صاحب پاڳارو صبغت الله شاه (اول) ۱۲۳
پير صاحب پاڳارو صبغت الله شاه ثاني ۳۳۱-۳۳۳، ۳۳۵
پير صاحب محمد راشد (روضي ڏڻي) ۱۲۳
پير عبدالله شاه راشدي ۱۶۰
پير ملوڪ شاه ۲۹۴
پير محمد ڪورئين (راوي) ۱۲۰
پيرو وزير حر ۱۶۴-۱۸۳، ۲۱۳-۲۲۵، ۲۲۷-۳۰۳، ۳۳۵
پيروز ڪرمتي ۲۴۱-۲۴۲، ۲۶۸
پيروز لغاري ۳۰۵-۳۰۷، ۳۰۹-۳۱۴
پيروزاڻي (لغاري) ۳۰۶
پيروز شاه (مزاراڻي چانگ) ۲۸۶، ۲۹۷-۲۹۹
پينگهر ۱۰۷

ت

تاراڻي ڪوسو ۱۰۱-۱۰۲
تاڪت ۵۵

پتڑ ۵۷
پٹا ۵۷
پٹي ۵۷، ۳۲۱
پرگڙي ۳۲۱، ۳۳۶، ۳۳۹–۳۴۱، ۳۷۸
پرٿو خان گبول ۲۱۹، ۲۲۲، ۲۴۴، ۲۴۱، ۲۴۵–۲۵۳
پڙج ۳۸–۳۹
پلائي (جت) ۳۰۲، ۳۰۶
پلاھ گاھو (حر) ۴۱۶
پنيو (پوو) ۴۶۶
پنڊ (جوکيا) ۱۱۸، ۲۴۱–۲۴۲، ۲۴۳۸
پنڊ جوکيو (مجاور) ۲۴۲
پواڻ پٹوٹا (کرمتي) ۲۱۹، ۲۵۱، ۲۴۶، ۲۴۸، ۲۴۹
پويت سنگ ۴۰۲
پٹوت (سردار، قوم) ۲۵۵
پوت (جعفر خان پوتائي) ۲۰۸
پوتائي (سردار) ۱۸۵، ۲۰۱، ۲۴۵۷–۲۴۵۸
پوت مگسي ۲۰۳–۲۰۵
پوچراج، کيھر ۱۴۳
پيڈا ۵۷
پيل ۴۰۶
پيمجي (ساڙيجو) ۱۳۹–۱۴۰

ٹ

ٹاجو نوحاڻي ۳۴۰
تاجو دل شاعر ۴۰۲، ۴۰۴، ۴۰۶–۴۰۷، ۴۱۸، ۴۲۹
ٹالي جت ۳۰۹
تراب (عبدالکريم) ۳۴
ترخان ۱–۲، ۶، ۲۵، ۳۱
ترک ۳۲
ٹروٹ (ٹرپارکر جو ڊپٹي کمشنر) ۴۰۱–۴۰۷، ۴۲۹
ٹڪو (ٹيھر پاڙي جو وڏو) ۱۱۱
ٹڪو (ٻجار جو کيي جو پاڻ) ۱۳۳–۱۳۴
ٹڪيو چانگ (حر) ۴۱۶، ۴۲۷
ٹنگڻي گبول ۱۰۶
ٹيجو مٹاڻي (جت) ۳۰۳
تيمور شاھ ۲۱۶–۲۱۷
ٹيموري ترک (شاھ شجاع جو لشکر) ۲۳۶

ث

ڻانھر (کرمتي) ۱۱۵–۱۱۷
ڻوھر ۷۰
ڻوھر گبو شاعر ۱۱۴–۱۱۵، ۱۱۷
ڻھر ۸۶
ڻيبا ۱۴۷، ۱۵۴

ڦ

ڦالپر (ڦالپور) ۵۹

ٹالپور ۱۵۱–۱۵۳، ۲۱۶–۲۲۱، ۲۲۶–۲۲۷، ۲۳۷، ۲۴۶، ۲۸۲، ۳۰۹–۳۱۰، ۳۶۹، ۳۷۸، ۳۸۰، ۴۰۸، ۴۱۳، ۴۲۹

ٹلو چانڊيو ۲۰۱

ٹلو خان ۱۸۲

ٹونڈا (گبول) ۷۷

ٹيپر (جوکيا) ۱۰۱، ۱۰۶–۱۰۷، ۱۱۱–۱۱۲، ۱۱۸، ۲۷۴

ڈ

ڈارو (ميڑ) ۳۲۲–۳۲۸، ۳۲۹

ڈارو چانڊيو ۳۳۳–۳۳۴، ۳۳۸

ڈٻيار جت ۳۰۲، ۳۰۴

ڈکر ۲۱، ۱۰۶، ۴۰۶

ڈکر هندو ۲۸۲

ڈکراڻي (سوڍو کلاڻي) ۲۶۵

ڈکراڻي (ڈکر خان جو پوٽو) ۲۶۹

ڈکر خان بگهياڙ (ڪرمتي) ۲۶۴، ۲۶۹–۲۷۰

ڻ

ڻابت-علي شاه شاعر ۳۷۵

ج

جاداڻا ۳۲۰

جاڙو ٻڙو ۳۶

جاڙو گبرو ۴۵۲–۴۵۳

جاڙيجا ۷۹

جاڙيجا (دودا) ۸۳، ۸۵

جاڙيجا سما ۱۳۹

جاڪرا ۸۳–۸۴، ۸۶، ۹۹، ۱۰۶، ۱۰۹–۱۱۰، ۱۱۷، ۱۲۱–۱۲۳، ۱۲۶

جان محمد خان لون ۴۰۴

جاڻو ۹۸

جانوري ۵۷

جاني بيگ ترخان ۳۰–۳۱

جاني غلاماڻي (نوحاڻي) ۳۳۴

جاني لنجو (سخي) ۴۰۴

جٽ ۷، ۵۷، ۹۹، ۱۲۱–۱۲۲، ۱۳۹، ۲۸۵–۲۸۷، ۲۹۴–۲۹۶، ۳۰۲، ۳۰۴، ۳۰۹–۳۱۱، ۳۱۴، ۳۲۱

جتوئي ۵۷، ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸، ۲۰۹–۲۱۰، ۳۷۸

جج ۵۷

جروار ۵۹، ۲۹۳

جڙ جولڙ (ڀوٽو) ۲۱۹

جڙيو خاصخيلي (حر) ۴۳۴

جسوت ۳۲۳

جعفر ڪليري ۳۲۰، ۳۲۴

جعفر خان لوحاڻي ۳۳۵–۳۳۶، ۳۵۰

جعفر خان پوتاڻي ۲۰۸، ۲۱۷

جعفر خان مري ۳۹۱

جعفر خان ڪلوئي ۳۲۸

جعفر خان لغاري ۳۵۹–۳۶۴، ۳۹۷

جعفر کوسو ۷۶
جعفر گبول شاعر ۴۵۲
جکرا ۵۹،۲۱
جکرو ۲۰-۲۱،۲۳
جلالاڻي ۳۲۰
جلال کٹي ۶۱-۶۳
جلال خان مري ۲۲۷
جلاب ۴۵۰،۴۵۶
جلب (ذات) ۱۶۳،۱۸۸،۱۹۸
جلباڻي ۱۶۰،۲۲۷
جمال خان لاشاري ۲۲۵-۲۲۴
جمالي ۵۷،۶۶-۶۷،۷۱-۷۲،۱۱۴،
۱۱۶۰،۱۶۰-۱۶۱،۱۶۳،۱۶۵
-۱۶۶،۱۶۹،۱۷۲،۱۷۴،
۱۸۸،۲۰۳-۲۰۶،۲۱۲،
۲۸۷-۲۸۸،۲۹۲-۲۹۳،
۲۹۷،۳۰۴-۳۰۶،۳۲۰،
۳۲۶،۳۳۲،۳۸۳
جمالي (مسمّو) ۳۰۵
جمچما سلطان ۴۲۷
جمع خان (معمار) ۳۴۱
جمعو پرڙو ۲۱۲-۲۱۴
جمعو جتوئي ۲۰۹-۲۱۱
جن چارڻ (شاعر) ۴۵۸-۴۵۹،۵۲-
۵۳،۶۱-۶۳
جنگو خان جمالي ۶۶-۶۷،۷۱-۷۲
جنگي خان بزدار ۹۴-۹۵
جنگي خان ڈيوڙاڻي پُرو ۸۲
جوکيا ۸۲،۸۷-۹۰،۹۲-۹۸-
۱۰۱،۱۰۴،۱۱۱،۱۱۹،
۱۲۲،۱۲۸-۱۲۹،۱۳۱-
۱۳۳-۱۳۵،۱۳۷،۲۳۹،
۲۴۱-۲۴۳،۲۴۶،۲۴۸،
۲۵۱،۲۵۳،۲۵۵-۲۵۶،
۲۵۸-۲۶۰،۲۶۴-۲۶۷،
۲۷۲-۲۷۵،۴۳۸،۴۵۷،
۴۵۰
جولاسنگ ۳۹۴،۴۱۲،۴۱۷،۴۱۹،
۴۲۲-۴۲۳،۴۲۶-۴۲۷،۴۳۰
جولڻ چاکرو ۲۱۰
جولو (=جولاسنگ)
جوڙو ۲۰-۲۱،۲۳-۲۴
جوڻيجا ۲۰۱
جويا ۵۷،۳۲۱
جهان خان پرگڙي ۳۳۱-۳۴۱
جهان خان لغاري ۳۲۵
جهان خان مري ۲۲۷،۲۲۹
جهوٹ جيهو (نالو) ۲۰-۲۱،۲۳
جهيجا ۲۱
جيجڙي (هميرجي ڏيءَ) ۱۷،۲۰
جيسر راو ماچي ۱،۶
جيشمي (آتومي) ۲۲۳
چپلاڻي ۱۸۶
چيکب صاحب ۳۵۶،۳۶۲

جيوڻ خان پتافي ۲۲۰
جيوو لاکاڻي ۳۱۰-۳۱۱
جيئند ۱۲۳
جيئند خان (منڌير لاشاري) ۱۰۴-۱۰۵، ۲۴۳
جيئو نوتياڻي (کرستي) ۲۳۸-۲۴۰
جيئو ۳۲۶

ج

چامر ۸۷
چامر (چامن جي اوڙک) ۲۷۳
چاماڻي جوکيا ۶۴۰
چامر بجار (جوکيو) ۸۸-۹۳، ۹۵-۱۰۲، ۱۰۴، ۱۰۶، ۱۱۱، ۱۱۹-۱۲۲، ۱۲۸-۱۳۷، ۱۳۴، ۱۳۵-۱۴۱، ۲۲۰، ۲۳۷-۲۳۸، ۲۴۴-۲۴۸، ۲۵۶-۲۶۸، ۲۷۲-۲۷۶
چامر جت ۲۸۷
چامر جکرو ۲۰
چامر دينار ۱۳
چامر ڈيسر ۱۴۱-۱۴۲
چامر صديق لياڻي ۱۴
چامر عالي ۱۰۲، ۱۴-۱۵، ۹۱، ۹۶
چامر عالي وڏو ۹۲-۹۳، ۱۱
چامر عالي کتوريو ۸۲، ۱۰۰
چامر کريرداد جوکيو ۱۲۸-۱۳۰
چامر لاسي ۱۲۰
چامر مريد (جوکيو) ۸۹، ۱۳۸
چامر مهر علي جوکيو ۲۲۰-۲۲۲، ۳۸۸
چامر ميرخان (پهريون) ۱۲، ۲۱۸
چامر نندو (چامر نظام الدين) ۲، ۲۵، ۵۹، ۲۰۶
چامر نندو ٽالپور ۴۵۹
چامر هالو ۱۷-۱۸، ۲۲-۲۴۵

چ

چهنجهنڀ ۵۷
چهنجهنڀ ڪوسو ۷۰، ۷۳-۷۴۵
چهنڊو خان ڪوسو ۲۱۳-۲۱۴
چهراڻي پرڙا ۲۱۴-۲۱۳

ج

چاچڙ ٽانوري (حر) ۴۳۴
چارلس نيپئر ۳۶۵-۳۶۸، ۳۷۰-۳۷۲، ۳۷۵، ۴۰۰
چارڻ ۳، ۵، ۵۲، ۲۱۶، ۳۲۲
چاڪراڻي ۳۷۷-۳۷۸
چاڪراڻي مير ۳۸۴
چاڪر پيءَ (= چامر بجار جوکيو) ۹۹
چاڪر جوکيو ۵۵، ۱۰۰، ۱۰۴-۱۰۶، ۱۲۰، ۲۳۸، ۲۴۱-۲۴۲، ۲۴۴-۲۵۹، ۲۶۷، ۳۲۶، ۴۳۹-۴۴۰

چاکر (کچراڻي بروهي) ۶۸
چاڏيا ۲۰، ۵۹، ۱۵۸، ۱۶۰، ۱۶۲-۱۶۳، ۱۷۵-۱۷۷، ۱۷۹، ۱۸۲، ۱۸۷، ۱۹۰، ۱۹۳-۱۹۸، ۲۰۰-۲۰۱، ۲۰۶-۲۰۷، ۳۲۱، ۳۳۴، ۳۳۸، ۴۰۸
چانڊيو (سردار) ۱۸۶، ۲۰۰، ۳۸۸
چانگ ۲۸۵، ۲۸۷-۲۹۰، ۲۹۶، ۳۰۱-۳۰۶، ۳۶۰، ۳۷۵، ۳۷۸، ۳۸۲
چاليها ۱۵۶، ۱۵۶
چڱو برفت ۲۵۳-۲۵۴، ۲۵۶
چڱو جت شاعر ۲۸۵، ۲۹۰، ۲۹۹-۳۰۳، ۳۰۷، ۳۰۹، ۳۱۱
چمار ۳۱۴
چمل لهراڻي ۲۵۲
چنا، چناڻي ۱-۲، ۵-۶، ۳۴ (الف، بي، هـ، ي)، ۵۲
چنجي ۵۹
چنڙ ۵۹
چنيسر سورو ۸۶
چنيسر سومرو ۱۷۰، ۱۷۰

ج

جتو ۳۱۹، ۳۲۴
جٽا (مهر) ۲۸۱
جٽو بگهياڙ ۱۳۷
جٽو غلاميڻي ۱۳۲
جٽو منداڻي ۱۳۱-۱۳۲
جڏر ۱۵۱
جلگري ۳۷۸
جورا (برفت) ۲۵۰، ۲۵۲

ح

حاجي ۴۳۹
حاجي (رونجهو) ۱۳
حاجي گبول ۴۰۵-۴۰۵
حاجي امام بخش بداڻي مري ۴۲۲
حاجي اسمعيل بنديجو ڪرمتي ۶۱، ۲۰۵
حاجي بگهياڙ ۱۳۰
حاجي پير محمد (راوي) ۴۰۶
حاجي جاڪرو ۱۲۵
حاجي خان ۵۵
حاجي درياهي ۴۰۶-۴۰۷
حاجي سرماڻ خان بگهياڙ ۱۰۶، ۱۳۷، ۱۵۱، ۲۵۹، ۲۸۵
حاجي سنگر ۱۱
حاجي شير محمد نظاماڻي ۳۹۲
حاجي صوبو پرو ۲۱۸
حاجي عبدالرحيم شاه ۲۷۶
حاجي فقير داديي ۲۰۷
حاجي ڪرميي پٽوٽو ۲۱۹، ۲۹۰
حاجي محمد سوڍو بگهياڙ ۷۸، ۱۰۶، ۱۳۵، ۱۵۱، ۲۱۸، ۲۰۵
حاجي محمد علي بداڻي ۴۲۹

حاجي ميران چانگ ۲۹۴
حاجي ناهڑ چانگ ۲۸۵، ۲۹۴
حاصل ساکاڻي (جوکيو) ۱۳۵
حاميد خان ولد ۶۶، ۷۰، ۷۷، ۲۵۹، ۲۷۱، ۲۸۸، ۲۹۳، ۴۰۶
حُر ۱۲، ۱۵، ۱۷، ۱۸–۲۰، ۲۱، ۲۳–۲۶، ۲۸، ۳۲، ۳۳۱، ۳۳۵–۳۳۸
حر جماعت ۳۳۰
حسن ۱، ۳۰۴
حسن خان پر گڑي ۲، ۳۰۴
حسن چانگ ۲۹۷
حسن علي شاه ۳۰۵
حسڻ جاکرو ۱۰۶–۱۰۷، ۱۱۰
حسڻ بگهياڑ ۲۶۹
حسڻ جت ۵، ۳۰۵
حسڻ راجواڻي (کرمتي) ۳۰۵۲
حسين بخش ٻڌ ۲۱۳، ۲۱۵
حسين چاڻ، شاعر ۱، ۳، ۵
حسين شودو ۸۶
حسين گبرو ۳۰۵۵
حماتي ۱۲۵، ۲۷۴
حمر ڀوو ۶، ۴۰۵، ۳۰۵۰
حمر (مروڻو کرمتي) ۲۷۲
حمر (ملکاڻي سردار) ۳۰۵
حمراڻي ملک ۳۰۲، ۳۰۶
حمر حماتي ۲۵۳
حمرک (حملاڻي) ۱۰۲
حمر لنگهو ۶۹
حمزائي (کرمتي) ۲۷۵–۲۷۶
حمزائي جوکيو ۳۰۳۸–۳۰۳۹
حمزو ۱، ۳۰۴
حمزو جوکيو سگهڑ ۲۱۹، ۲۵۹، ۲۷۱
حملاڻي (برفت) ۷۰۴–۷۵، ۹۰۴، ۱۰۱–۱۰۲، ۲۰۴، ۲۰۷، ۲۰۹–۲۵۰، ۲۷۷
حمل جت ۳۰۲
حملک (حملاڻي برفت) ۹۰۴
حيات خان ۳۲۶
حيدر ۳۲۶
حيدر (ڀنهور) ۳۰۴ ب، ۷۵
حيدر (ملک کرمتي) ۱۱۶
حيدر سحاقاڻي (نوحاڻي) ۳۳۴–۳۳۵

خ

خاصخيلي ۳۰۴۶
خان (قلات جا) ۹۲، ۳۵۲
خاناڻي ۳۷۸
خان خانان ۲۹–۳۰، ۳۲–۳۳
خالقڈنو ڀاڙو ۱۲۵
خالقڈنو حماتي ۱۲۴
خان محمد (ڀنهور) ۲۷۸–۲۸۰
خان محمد (مري) ۳۷۴
خان محمد (مير) ۳۸۰

خان محمود خان
(قلات جو والي) ۲۰۳-۲۰۴
خانڻ گاهو ۱۵۷
خدا بخش(لغاري) ۳۵۶-۳۵۷، ۳۵۹
خدا يار خان (=ميان نور محمد) ۵۹
خسرو بيگ ۳۶۷
خشڪ ۳۹۸
خضر ۳۲۶
خليفو صابر ۲۸۲
خليفو غلام نبي
(حر جماعت جو باني) ۱۳۵
خليفو گل محمد ۲۸۲
خليفو نبي بخش ۲۳۰
خميسو وساڻ (حر) ۱۵۷
خواجا ۱۵۷، ۱۵۹-۲۵۲
خواجه گل محمد (لنواري وارو) ۱۵۶
خيرمحمد خان چانڊيو ۲۰۶، ۲۸۷
خيرمحمد سُگهڙ ۵۵۷
خيرو (ڪلهوڙن جو سالار) ۵۹
خيرو خان لغاري ۳۲۵
خيرو خان جمالي ۳۲۶

د

دادو ۶۱، ۶۳
داد و (ڪلهوڙن جو سالار) ۵۹
دائودپوٽو، ڈاڪٽر شمس العلماء ۱۵۵
دائود خان (چانڊيو) ۲۰۱
دائود خان مري ۳۹۱
دائيد (برفت سردار) ۱۵۱
د تگر (سامي) ۱۴۹-۱۵۰
درگاهي فقير ۲۲
دره نوحاڻي ۳۳۱-۳۳۳، ۳۳۹
دوهه خان (=دريا خان) ۷
دريا خان ۲، ۷، ۲۵، ۳۹
دريا خان (برفت اگواڻ) ۹۲-۹۵،
۹۹-۱۰۲
دريا خان (جت) ۲۹۱
دريا خان (سپه سالار) ۲۰۶
دريا خان جوڪيو ۲۲۰-۲۲۳
دريا خان حملاڻي ۲۵۶
دريا خان لغاري ۳۹۷
دريا خان نظاماڻي ۲۲۹
درياهي (پوو) ۱۳۲، ۱۳۶، ۵۵۰
دريس پُرو ۱۲، ۱۵-۱۶
دستي ۱۸۲، ۳۵۰
دعواڻي چانڊيا ۲۰۴
دل ۶۰، ۲۸۲، ۳۲۱
دلدار جت ۲۸۶-۲۸۷، ۲۹۵،
۳۰۵-۳۰۵
دلدار هالاڻي (ميناڻي جت) ۳۰۱
دلڙو ۳۲۹
دودا ۱۲۰-۱۲۳، ۱۲۵
دوداڻي ۱۲۳
دودو ۲۲۵، ۳۲۶، ۵۵۰
دودو (=مير نصير خان
بروهي) ۳۶۱-۳۶۳

دودو خان (پنهور) ۲۷۸
دودو زنگيجو سگهڙ ۲۸۹
دودوسومرو ۴-۵، ۱۷۰، ۱۷۵
دودو کوري (حر) ۳۴۴
دورو ۱۰۷
دورو (کرمتي) ۱۳۰، ۲۷۲
دوست محمد خان (کابلي) ۳۵۲-۳۵۳، ۳۵۵-۳۵۶، ۳۵۸-۳۵۹، ۳۶۲
دوسو چانگ ۴۱۶
دولت نوحاڻي ۳۳۱-۳۳۳، ۳۳۶، ۳۳۹
ڏيگي (برفت) ۹۲-۹۵، ۹۷، ۱۰۱
دينار گونگو ۱۱
دينار جمالي ۲۸۷، ۲۹۶-۲۹۷، ۳۰۱، ۳۰۳
ديناري ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸
دين محمد شر ۳۵۰-۳۵۱
دين محمد چارڻ ۲، ۵، ۷، ۱۰، ۱۵۷، ۲۱۶، ۳۱۵
ڏينو خاصخيلي ۳۱۶

ڏ

ڏگاڻو خان مري ۲۲۷
ڏڻي ڏنو (جوکيو) ۱۳۵
ڏيڻا (قبيلو) ۲۳۸

ڏ

ڏپرو ڏاڏي ۴۱۰
ڏاتو چانگ ۲۹۹، ۳۲۷
ڏاتو ڏڏي ۱۷۹
ڏتو پتي ۳۲۷
ڏتو جمالي ۳۲۳
ڏورنگيو ڏاڏي ۴۱۰
ڏونگر (قبيلو) ۵۷
ڏهر ۵۷
ڏهوٽ ۵۷
ڏياچ ۱۰۸، ۲۳۰
ڏيڻو ۵۲
ڏيرا ۵۷
ڏيرو ۲۰-۲۱، ۲۳
ڏيسر ۴۸۹-۴۹۰
ڏيسر (کرمتي) ۲۴۲
ڏيسر حملاڻي ۴۴۷
ڏيوڙو ٻرو ۴۴۰
ڏيوڙو (نوتاڻي) ۱۱۴
ڏيڻا سورا ۸۳، ۸۶
ڏيڻو مل (ڪاردار) ۴۰۱-۴۰۳

ب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۴۹، ۶۱، ۳۵۰

ي

ڊارا (جوکيا) ۱۰۴-۱۰۵، ۲۴۳
ڊاڳڙا (جوکيا) ۲۷۳
ڊيلا (جوکيا) ۲۷۳

ڏ

ذوالفقار علي شاه سيد ۳۸۲

ر

راجپوت ۴۰۶

راڄڙ ۳۴-م، ۱۵۲

راجسين پوٽا (دَل) ۲۸۲-۲۸۳

راجسين سومراڻي ۲۸۲

راڄ ملک ۱۰۸

راڄواڻي (ڪرمتي) ۴۵۲

راڏا (جت) ۲۸۶-۲۸۷

راڏا ملک ۱۱۲، ۲۰۴، ۲۶۲، ۳۰۲

راڏو (جت سردار) ۲۸۶

راڏو (شيرخان جت) ۲۸۹، ۳۰۴، ۳۰۶

راڏو (شاهاڻي) ۶۶، ۷۱

راڏو مليراڻي ۲۶۹

راڏو ملڪاڻي (جتن جو وڏو) ۲۹۰

راشدي خاندان ۱۶۰

رامڙ ٽالپور ۱۵۱-۲۵۲

رامڙ، رامڙ (نوحاڻي) ۳۳۲-۳۳۴، ۳۳۸-۳۳۹، ۳۴۱

راڻا (راڻيپورجا) ۴۰۴، ۴۰۸، ۴۰۹م

راڻا (ڳڙامڙا) ۱۲۹

راڻو (جاکرو) ۱۲۴

راڻو ارجن (ڏاراجا جو) ۸۹، ۱۲۸-۱۳۱، ۱۳۳-۱۳۸، ۱۴۱، ۲۲۰، ۲۳۷، ۲۳۹، ۲۵۹

راڻو عبيد (ڏاراجا جو) ۱۲۹

راڻو مري (حر) ۴۳۴

راڻو وساڻ (حر) ۴۱۷

راڻي وڪتوريا ۴۲۰، ۴۲۶م

راوت پٽ رحيمداد ۲۲۲

راوت خان (شاهاڻي) ۶۶

راوت راءِ ۲۸۳

راوت رڏ ۳۱۹

راوسر (قبيلو) ۵۷

راهوجاڻي ۵۱

راءِ ارجڻ (چنو) ۳۴-الف

راءِ ڪنوج (چنو) ۳۴-الف، ۳۴-ب

راءِ گوڙجي (ڪچ جو) ۱۳۹

ربو پرڙو ۲۱۳-۲۱۴

رپاري ۱۱، ۱۲، ۴۰۱، ۴۰۳م

رتو ۳۲۴

رجيرا (ڪرمتي) ۲۶، ۲۷۲

رحمت الله مُلين پوٽو ۱۲۹، ۱۳۱، ۱۳۶، ۲۳۹

رحم علي وسائي پوٽو ۴۰۴

رحيمداد جوڪيو ۲۲۲، ۲۷۵

رحيمداد بروهي ۱۹۶

رحيمداد خان مري ۴۲۹

رحيم هڪورو (حر) ۴۳۴

رڏ ۳۲۳، ۳۲۵، ۳۲۸-۳۲۹

رستم خان (مير) ۲۶۳، ۳۸۹

رستم خان لغاري ۳۹۷

رستم‌خان پرڳڙي ۳۳۶-۳۳۷، ۳۴۱

رکن ٹیپو ۱۵۴
رکیو (الهه رکیو لوهار، لواب) ۲۲۳
رکیو پرگڑي ۲۳۱-۳۳۲
رند ۵۱، ۱۱۲، ۱۴۰، ۱۵۷-۱۵۸، ۱۶۰، ۱۶۳-۱۶۵، ۱۷۱، ۱۷۴، ۱۸۲، ۱۸۸، ۲۰۱، ۲۰۳، ۳۰۶، ۳۲۱، ۳۴۳، ۳۴۵-۳۴۶، ۳۷۸، ۴۵۲
روحا (جوکیو) ۲۷۵
روحلاڻي کوسا ۷۵
رودڑائي (بگهياڑ) ۲۶۹-۲۷۰
روهيلا ۱۶۳، ۱۸۹، ۲۲۹، ۳۵۰
روئيس (جاکرو) ۱۲۴
رهيو گبول ۱۰۷

ز

زنگياڻي بروچ ۱۲۰، ۲۰۹
زنگياڻي (چگو جت) ۳۰۷
زنگي خان (جت) ۲۹۲
زهر پوتو ۱۱۸
زئونر ۳۴۱

س

ساتلاڻي (جوکيا) ۱۱۲
سادات ۳۹۵
ساڏور مهر ۲۸۱
سالار ۴، ۱۰۳
سالار (جوکيا) ۲۷۳
سالار (دودو) ۱۲۱-۱۲۳
سالار ۲۹۰
سالار (سومرو) ۲۷۵
سامتو ۱۲۶
سامتيا ۵۷
سامي (دتگر) ۱۴۸-۱۵۳، ۱۵۵-۱۵۶، ۴۰۱، ۴۰۳
ساند (چام هالي جو پيءُ) ۱۷
سانيون گبول ۲۲۰، ۲۲۴
ساهان ۸
ساهڙ ٹيپو سگهڙ ۴۰۴
سائينداڻائي (پوا) ۴۰۸
سائينداد پرڙو ۲۱۲-۲۱۳
سائينداد لنڊ ۷، ۷۴
سائينداد نوحاڻي ۶۶-۷۰
سپر (سومرو) ۴، ۵، ۲۷۵
سپڙ چام رونجهو ۱۱
ستابو چانهيو ۱۵۲، ۱۵۶
ستار ڈنو ۱۷۷، ۲۰۴
ست پاڻي گبي ۳۶
ستيڈاڻ سوديو ۱۳۹، ۴۰۲، ۴۰۴
سجاول مري ۳۲۲
سچل سائين ۱۶۳
سچل وساڻ ۴۱۷
سچيڈنو (ملک) ۱۲۴-۱۲۵
سچيڈنو زلگياڻي ۴۳۸-۴۳۹
سحاقاڻي (اسحاقاڻي، نوحاڻي) ۳۳۴

سزاج (کاتير) ۱۶۳، ۲۰۲
سزائي ۷-۹، ۵۱، ۵۴، ۵۶، ۵۸، ۶۰، ۶۴، ۱۱۷، ۲۹۱، ۲۹۳، ۳۰۲
سزائي (جعفر خان لغاري) ۳۴۵
سزائي (چانگ ۽ جمالي) ۳۰۴، ۳۰۶
سزائي (خدابخش لغاري) ۳۴۹
سزائي (کلهوڑا) ۲، ۱۰۰
سَر ڊَو (گورنر) ۳۹۹
سرکاٹي ۵۷
سرماڻ لنجو ۲۸۲-۲۸۳
سروپيو ڊاڊي (راوي) ۱۳۹، ۴۰۷، ۴۱۰
سرياٹي (نوجاٹي) ۳۳۰، ۳۳۹
سعد خان پرگڙي ۳۲۲
سعد خان سحاناٹي (نوحاٹي) ۳۳۷، ۳۴۰
سکيرو (پاگهي جو خدمتگار) ۱۷
سکان (ماٹي) ۳۱۳
سکيو ۴۴۰، ۴۵۰
سکيو منداٹي ۴۴۶
سلطان (کلهوڑن جو سالار) ۴۹
سلطاناٹي (لاشاري) ۱۰۴
سلطان عبدالحميد (ترکي جو) ۴۱۴-۴۱۵
سما ۱-۲، ۵-۶، ۱۷، ۲۰-۲۲، ۲۵، ۳۴-مرن، ۱۰۴، ۱۴۱
سما (پچم جا) ۱۴۲
سماراٹي چانڊيا ۲۰۱
سُمڑي گبول ۲۲۰-۲۲۱، ۲۴۲
سمندو خان (افغان) ۲۲۷-۲۲۹، ۲۸۶-۲۸۸
سمو غلاماٹي (نوحاٹي) ۳۳۴
سمون ۴
سمون (ابڙيجو) ۹۳
سمهڻ رند ۴۵۲-۴۵۳
سميجا ۴۰۸
سنجراٹي (نوحاٹي) ۲۳۳
سنجراٹي چانگ ۲۹۷، ۲۹۹
سنجر چانگ ۲۹۷-۲۹۹، ۳۰۲، ۳۱۸
سنديلا ۵۷
سندي ۳۱۰
سنگر (رونجهو) ۱۳
سنگراسي ۶۰
سنگراسي سلطان ۵۵، ۵۹
سنگر شاعر ۹۹، ۲۵۵-۲۵۶
سنگهاريا ۱۰۶
سنگهار فقير (راوي) ۱۴۸
سوامي دتگر ۱۴۵-۱۴۶
سوائي ۱۰۳
سوائي (حملاٹي) ۸۵
سوڃو پٹوڏو ۲۱۹

سوڍا ۳۴-۴۰، ۱۳۹، ۳۵۵، ۳۵۹، ۴۰۱-۴۰۲، ۴۰۴، ۴۰۸
سوڍاراڻا ۴۰۱
سوڍو ڪلاڻي (ڪرمتي) ۲۶۴، ۲۷۱، ۲۷۳
سوڍو (پٽ موڻيي جو) ۳۷
سوڍو راڻو ۱۴۰
سورا ۸۳-۸۵، ۲۳۸
سورينگ ۱۲۸
سومار ۱۳۱-۱۳۲، ۱۳۶-۱۳۷
سومار راجواڻي (ڪرمتي) ۴۵۲-۴۵۳
سومار ڳاهو ۴۱۷
سومار منداڻي ۱۳۷
سومرا ۱۴-۵، ۱۷-۱۸، ۲۰-۲۱۴
سومراڻي (اولياء) ۴۸۳
سومو پنهور ۴۱۰
سوندرو ۲۸۳
سونڙو ۳۲۶
سونڙو خان چانڊيو ۱۶۲
سهتڪ ڪبول ۴۱۵
سهڙاب چارڻ شاعر ۳۱۵-۳۱۶، ۳۴۲، ۳۲۸
سهڙاب راڄڙ (حر) ۴۳۴
سهراب سوڍاڻي ۳۲۵
سهراب گولو ۲۱۲، ۲۱۴
سهراب (منداڻي جت) ۳۱۰
سهراب لغاري ۱۸۴
سهڻي ۱۰۸
سئوتڪ (منداڻي جت) ۳۱۰
سيال ۵۷
سيد ۱۴۷-۱۴۸، ۱۵۵، ۲۴۵، ۲۶۷، ۲۷۵، ۳۸۸، ۴۴۱
سيد (راڙ جا) ۲۴۷
سيد (راڻي پور وارا) ۱۸۶
سيد احمد بُريلوي ۴۱۲، ۴۱۵
سيد اسحاق شاه (پير پرڏيهي) ۳۸۲
سيد جمال شاه (مصنف ترخان نامه) ۲۶
سيد جهنڊولو شاه درويش ۴۰۹
سيد شيرازي نتوي ۲۶۶
سيد صالح شاه ۴۵۶، ۴۵۹
سيد عالي ۲۶۴
سيد علي شيرازي ۹۰، ۲۶۰
سيد ڪاظم شاه ۲۲۸-۲۲۹
سيد محمد شاه ۳۸۳
سيد محمد ڪاظم شاه (آغا اسمعيل شاه جو پٽ) ۲۲۷، ۲۲۹
سيدي برفت (چورا پاڙي جو اڳواڻ) ۲۵۲
سيندل (ٺڪر) ۲۸۲-۲۸۳
سيندل شهداداڻي (جوڪيو) ۱۳۵
سيهر (قبيلو) ۵۷

ش

شاد مان چانگ ۲۹۷-۲۹۸
شاد مان خان کپري ۳۹۲
شاد مان مري، شاعر ۴۱۸، ۴۲۲ م
۴۲۷ م - ۴۲۹ م
شادي مري، شاعر ۴۲۲ م، ۴۲۹ م
شادي خان کوسو ۴۰۸ م - ۴۱۱ م
شائو پئوئو ۲۱۹
شاهاڻي ۶۶، ۷۱ - ۷۲
شاه بدين ۳۱۳
شاه بهادر ۵۹، ۶۲-۶۳
شاه حسين ارغون ۶
شاه شجاع ۲۲۶، ۲۳۰، ۲۳۲،
۳۵۲ م - ۳۵۶، ۳۵۸ -
۳۶۰، ۳۶۳
شاه علي (کلهوڑن جو سالار) ۵۹ م
شاه علي، شهلي لغاري ۳۴۵ م - ۳۵۸ م
شاه عنايت الله صوفي ۴۲ م - ۴۵ م
شاه غاصي (سپه سالار) ۳۶
شاه مردان شاه (= پير صاحب
پاڳارو)
شاهل (پرڙو) ۳۱۳
شاهلي ۵۸ - ۵۹
شاه محمد ڊوڊئي ۵۸ م
شاه مراد فقير ۵۶-۵۷، ۶۰
شاهو ۲۲۵
شاهو لاشاري ۱۰۳ م - ۱۰۵
شاهو خان (مير) ۵۸، ۳۱۳
شاهوڪ (قبيلو) ۱۱
شاهو مندير (لاشاري) ۱۰۵، ۳۱۳
شر ۳۵۰ - ۳۵۱، ۴۵۷ م، ۴۶۱ م
شريف خان ۶
شڪرالله (= شيخ شڪرالله)
شنبائي (لاشاري) ۱۰۴ م
شودا (برفت) ۲۷۷
شودو (برفت) ۲۷۷
شهبيگ ۹۷
شهبيگ جت (پاڙو) ۲۸۹
شهداد (مير چاڪر رند جوپٽ) ۱۱۲
شهدادائي (ٽالپور) ۳۷۷ - ۳۷۸
شهداد کوسو ۷۵
شهز (ڪومتي) ۲۷۰ - ۲۷۱
شهزاد (جوڪيو) ۲۶۱ - ۲۶۲
شهواڻي ۳۷۸
شهولي ۱۸۳، ۱۸۶، ۱۹۲
شهولي خان (چانڊيو) ۱۶۲
شيخ جهان ۳، ۹
شيخ شڪرالله (ننڍي جو نواب)
۱۲۸، ۱۳۳
شيخ صاحب (ميون عبدالرحيم
گرهوڙي) ۱۴۶ م
شيخ صغير (ميان صغير محمد
ڪاهوڙو) ۲، ۸
شيخو ميمڻ ۴۵۵ م، ۴۵۷ م - ۴۵۸ م

شیخیو راجڑ (حر) ۴۵۳
شیر جت ۳۱۰-۳۱۱
شیرا (برفتن جو پاڑو) ۲۵۰
شیر خان ۳۲۶
شیر خان پوو ۴۵۶
شیر خان جت سردار ۲۸۵-۲۸۸، ۲۹۰-۲۹۵، ۲۹۸، ۳۰۰-۳۰۲، ۳۰۷-۳۰۸
شیر خان چانگ سردار ۲۸۷، ۲۸۹، ۲۹۴-۲۹۷، ۲۹۹-۳۰۱، ۳۰۵
شیر خان نوحاڻي ۳۳۸
شیر عالیاڻي ۳۱۱
شیر مڻاڻي جت ۳۱۳
شیر محمد خان (رند) ۱۶۱-۱۶۵، ۱۶۷، ۱۶۹-۱۷۰، ۱۷۲، ۱۷۶، ۱۸۰-۱۸۱، ۱۸۵، ۱۸۹-۱۹۰، ۱۹۳، ۱۹۷، ۲۰۲، ۲۰۶-۲۰۷
شیر (میر شیر محمد خان) ۳۹۴
شیرو (پوو) ۴۵۰

ص

صابر شر سگھڑ ۱۸، ۳۵، ۲۸۱
صاحبراء ملکاڻي ۳۸۶
صالح شاه (پیر) ۱۸۳، ۱۸۹
صالح فقیر وساڻ ۴۱۶
صحبت رند ۲۰۱
صدیق کوریجو ۱۴۵
صفر لنگهو شاعر ۲۵۳، ۲۵۵
صوبدار خان شر ۳۵۰-۳۵۱
صوبدار لغاري ۳۲۲
صوپو چانڊیو ۲۰۳-۲۰۵، ۲۰۷-۲۰۸
صوفي شاه عنایت الله ۴۵۵

ط

طالب فقیر پان ۲۲
طاهر بُڈ ۲۱۳
طاهر (سپه سالار) ۳۲۲-۳۲۳
طاهر محمد موریاڻي ۳۸، ۲۲۴، ۲۵۹
طُوطا (ملک کرمتي) ۱۱۲
طَهیرَ سورو ۸۳، ۸۵

ع

عارب خان لاشاري ۲۲۵
عارب شیرو (برفت) ۲۴۷، ۲۴۹-۲۵۰، ۲۵۳-۲۵۵، ۴۳۹
عارب منداڻي ۳۱۰-۳۱۱، ۳۱۳
عارف ۳۲۴
عاقیل ۱۲۴-۱۲۵
عالادین ۱، ۴
عالم خان جت ۲۹۲
عالم خان جمالي ۱۱۴، ۱۱۶
عالم شاه سید ۳۲۵
عالي پوو ۴۵۱
عالي جماڻي ۴۴۶-۴۵۷

عالي جام ۹۴، ۹۷، ۱۰۰
عالي (جام کٹوريو) ۱۰۱
عالياڻي ۱۱، ۱۴-۱۵
عالياڻي (لاشاري) ۱۰۴
عالياڻي (جت) ۳۱۱
عالي سا کاڻي جوکيو ۱۱۹-۱۲۰
عباس ٽيپو ۵۰۴
عباسي ۵۳، ۵۸
عبدالله جت ۳۰۲-۳۰۶
عبدالله جوکيو راوي ۱۱۹، ۱۳۵، ۲۴۵
عبدالله خان (کابلي) ۳۵۶، ۳۶۲
عبدالله خان (قلات جو خان) ۷۰-۷۹، ۵۱، ۵۴، ۵۸، ۶۲، ۲۷۵
عبدالله خان پرگڙي ۳۴۱
عبدالله خان ٽالپر ۳۲۱
عبدالله واڃڙ (حر) ۳۴۴
عبدالله شاه ۴۵
عبدالله لغاري، مولوي ۳۹۷، ۳۹۹
عبدالله نظاماڻي ۳۸۳
عبدالرحمان رونجهو ۱۲۰، ۲۴۵، ۲۵۸
عبدالرحيم ميون گرهوڙي ۱۴۵-۱۵۶
عبدالڪريم تراب ۲۹-۳۰
عثمان هگورجو ۱۶-۱۷، ۴۳۴
عرضي ۳۲۶
عرضي کوسو ۶۶، ۶۸، ۷۴
عرضي خان جمالي ۷۱
عزت خان (برفت) ۱۱، ۱۴، ۹۲، ۹۴، ۱۰۱، ۱۲۱-۱۲۲، ۳۲۷
عزت خان کوسو ۱۰۸، ۱۱۰
علڻ ۳۶
علي شاعر ۳۹۳
علي (جام هالي جو پٽ) ۱۸-۲۰، ۲۳-۲۴
علي اصغر شاه ۴۱
علي اڪبر سيد ۳۷
علي شيرازي ميون ۸۹، ۱۰۱
علياڻي ڪبول
علي بخش خدمتگار ۳۸۸
علي بخش لغاري ۳۴۶-۳۴۹
علي بخش نظاماڻي ۴۵۴-۴۵۹
علي بخش هديه
علي بڏاڻي مري ۳۹۲
علي خان کوسو ۶۶-۶۷، ۷۰، ۷۳-۷۴
علي شير خاصخيلي (حر) ۴۳۴
علي مراد برو وڏيرو (راوي) ۱۲۰، ۲۴۵، ۴۵۸
علي مراد خان شاهاڻي ۷۵
علي مراد ۳۹۴
عليو فقير مگريو ۱۵۴
علي مگٹهار شاعر ۳۶۶، ۳۷۳، ۳۹۲

علي نواز پرڙو ۲۱۳
عمر پوو ۴۵۰
عمراڻي ۵۷، ۱۶۰، ۱۸۸، ۲۰۳، ۲۰۵، ۲۱۲، ۲۸۸
عمر پنهور ۱۵۷-۱۵۹
عمر جاکرو ۱۲۶
عمر خان لاشاري ۳۹-۴۰
عمر ساکاڻي گبول ۲۶۷-۲۶۸، ۲۷۲
عمر وڙياه (حر) ۴۳۴
عنايت الله شاه صوفي ۴۴
عنايت خان ترڪ ۳۹۲
عيدو گبول ۴۵۵
عيدو گدرو ۴۴۴
عيسيٰ خان ۳۶۱
عيسب ڳڳهياڙ (ڪرمتي) ۱۳۰-۱۳۱، ۲۶۹-۲۷۰
عيسباڻي (گبول) ۱۱۰
عيسب جاکرو ۱۲۴
عيسب مٺاڻي (جت) ۳۰۳
عيسب هديه ۴۵۲
عيسو مهمت (جوکيو) ۴۵۶-۴۵۷، ۴۴۹
عيسو ڏاهري (حر) ۴۱۶-۴۱۷

غ

غازي خان لغاري ۳۱۸
غازي خان مري ۳۲۳-۳۲۴
غلاماڻي (لوحاڻي) ۳۳۳
غلام الله لغاري ۳۲۵
غلام الله مڱو ۳۲۵
غلام حسين خان پرگڙي ۳۵۱-۳۵۲
غلام حسين لغاري ۳۹۷
غلام شاه (ڪوريجو) ۱۴
غلام شاه جام ۹۲
غلام شاه خاناڻي ۳۸۲
غلام شاه شهواڻي ۳۷۴، ۳۸۰
غلام شاه ڪلهوڙو ۸۹، ۹۲، ۹۷، ۱۰۲، ۱۱۴، ۱۲۹، ۱۳۳-۱۳۴، ۱۳۹، ۱۵۱-۱۵۲، ۲۵۱، ۳۰۹-۳۱۰
غلام مصطفيٰ قاسمي مولوي ۱۶۰
غلام علي ۲۲۲، ۳۲۶
غلام علي بروهي ۶۸-۶۹
غلام علي بڙدي ۱۷۹
غلام علي تالپر (ولد مير فيروز) ۳۸۳
غلام علي چانگ (حر) ۴۳۴
غلام محمد ۳۰۴
غلام محمد (جمالي) ۱۶۱-۱۶۳، ۱۶۷، ۱۶۹، ۱۸۱
غلام محمد خان ۳۹۲
غلام محمد لغاري ۳۸۰
غلام مرتضيٰ شاه (مير سالار) ۲۲۷-۲۲۹، ۲۳۱-۲۳۲

غلام مرتضي شاه (جي. ايم سيد) ۲۴۵
غيبي خان چانڊيو ۲، ۷، ۱۹۸

ف

فاضل ٻالاري ۱۲۲
فتح (شيرو پرفت) ۲۵۵
فتح (ڪرمتي سردار) ۱۳۰
فتح خان ۷، ۳۲۴، ۳۲۶، ۳۵۳
فتح خان مري ۳۲۲، ۳۷۴
فتح خان ابڙو ۳، ۹
فتح خان ٻڌاڻ ۳۵۲، ۳۵۸
فتح علي چانگ ۳۰۰، ۳۰۳
فتح خان ڪبول ۲۶۰-۲۶۱
فتح علي خان مري ۳۹۱
فتح خان پرڙو ۲۱۳
فتح محمد سيد ۳۷۴، ۳۸۱
فتلو قاضي (حر) ۴۱۷
فخرالدين شاه ۴۰۹
فرنگ، فرلگي ۳۵۴، ۳۵۸-۳۶۰، ۳۶۲-۳۶۴، ۳۶۷، ۳۷۳-۳۷۴، ۳۷۹-۳۸۲، ۳۹۴، ۴۰۳، ۴۰۹، ۴۱۸، ۴۲۷
فريد زڙار ۳۴۰
فضل محمد خان مري ۲۲۷
فقير عبدالرحيم مگريو (= عبدالرحيم)
فقيرو پرڙو ۲۱۳-۲۱۵
فقيرو (سپه سالار) ۳۱۹، ۳۲۷، ۳۲۸
فلنگ (= فرنگ)
فلنگي (= فرنگي)
فيروزائي ۲۰۹-۲۱۰
فيروزشاه (= پيروزشاه) ۲۸۷

ق

قُل لاشاري ۱۰۴-۱۰۵، ۲۴۲
قوٽو چانگ (حر) ۴۳۴

ق

قابل ۳۲۷
قادربخش جويو شاعر ۱۶۰، ۱۶۴، ۱۷۶، ۱۸۰، ۱۹۳، ۲۰۶
قادربخش ولد ۴۵۲
قادر بخش بلوچ شاعر ۴۳۵، ۴۳۶
قادرلو ۲۵۵
قادو ڪبول ۴۴۶، ۴۴۸، ۴۵۰
قاسم پرڙو ۲۱۳
قاسم (ڪمدار) ۲، ۹
قاضي ۲۲۹
قائم سڱاڻ شاعر ۴۴۷، ۴۵۰
قائم شر ۴۵۷، ۴۶۱
قربان علي خان لغاري ۳۹۱
قريشي ۵۶
قنبر ۳، ۱۰
قنبر خان ٻنهور ۱۵۷-۱۵۹
قنبراڻي ۷۰

قنبر گبو ۳۶، ۱۰۷-۱۰۸
قیصر پنهور ۷۵
قیصر خان پنڈ جوکیو ۹۱
قیصر خان حماتي ۲۰۲، ۲۷۴
قیصر قنبراڻي ۳۹۲
قیصر مگسي ۴۰۷

ک

کاپڑي جوکیو ۱۰۶-۱۰۸
کاچي (کاچي جا) ۳۱۲
کاکر بروهي ۴۰۷
کاکر پٹاڻ ۲۰۹، ۲۱۱
کالا خان بازوئي ۴۰۵
کالا خان جوکیو ۱۳۳-۱۳۴
کامل، شاعر ۳۵۸ ۳۵۹، ۳۶۳
کامل کوري ۱۴۷-۱۴۸، ۱۵۵
کانیٹاڻي (برفت) ۹۳، ۹۷
کانیو پوتو (پھوڑ خان) ۱۴
کاهن سنگھ ۳۹۴
کانھیون (کیھر) ۱۴۳
کپتان ایوانس ۳۶۸
کرپیو ماڑیچو ۲۸۱
کرڦل (پوو) ۱۴۶-۱۴۸، ۴۵۰-۴۵۱
کرمت (=کرمتي) ۱۱۳، ۱۲۲، ۲۶۹، ۲۷۱، ۴۴۰
کرمتي ۲۵-۲۶، ۳۸-۳۹، ۴۰۱، ۷۹، ۸۷-۹۰، ۹۹، ۱۱۴-۱۱۵، ۱۲۰-۱۲۱، ۱۲۹-۱۳۰، ۱۳۴-۱۳۶، ۴۰۱، ۲۲۰، ۲۲۳، ۲۲۵، ۲۳۷-۲۳۹، ۲۴۱-۲۴۳، ۲۴۷-۲۵۹، ۲۶۳-۲۶۵، ۲۶۸، ۲۷۲-۲۷۵، ۴۵۰، ۴۵۲
کرمتي ملک سردار ۴۰۱، ۲۳۷
کرم خان پرگڑي ۳۴۱
کرم علي رند ۳۲۵
کرم خان ۲۰۹، ۲۱۱
کرم علي خان ٹالپور ۳۱۶
کرڻجي سوڍو ۴۰۱، ۴۰۳
کریمداد (چانر جوکیو) ۸۹، ۱۲۸
کریر ڈنو گبو ۴۵۴
کڑیاڻي شیخ ۲۶۰، ۲۶۸
کڑیو شیخ ۴۳۸
کلجي، راڻو ۴۰۴-۴۰۷
کلفر (قبیلو) ۱۸۸
کلکلي (لغاري) ۳۴۶
کلمتي (=کرمتي)
کلو پالاري ۱۲۴، ۱۲۶
کلوئي ۳۴۰
کلھوڑا ۴۰۲، ۴۰۷-۴۰۹، ۶۱-۶۲، ۸۹، ۱۱۴-۱۱۷، ۱۳۳، ۱۳۵، ۱۴۲، ۲۳۷، ۲۴۹، ۲۶۷، ۳۰۹-۳۱۰، ۳۶۹

کڙو، میان نورمحمد ۵۰
کلهوڑو، میان یارمحمد ۴۵-۴۵
کلیا ۵۷
کلیري ۵۷، ۳۲۰-۳۲۱، ۳۲۴
کلیل گبول ۴۴۵
کمال خان کلیري ۳۲۵
کمال خان مري ۴۷۴، ۳۹۱
کنبیرو لنڊ ۶۷، ۶۹-۷۰
کنیار ۴۰۳
کنڈو پتوٹو ۲۰۹
کنڈو خان چانڊیو ۱۶۱، ۱۷۵، ۱۷۸
کنڈو ۱۹۲
کنوج (راءِ چنو) ۳۴-ح
کورائي ۲، ۶، ۳۸۷
کوري ۱۴۷
کوریجا ۱-۲، ۵-۶، ۱۴
کوڙو جمعدار ناریجو ۳۸۵-۳۸۷
کوشک ۵۷
کوکل خان مگسي ۲۰۳-۲۰۴
کولاچي ۵۷
کولهي ۴۰۱-۴۰۳، ۴۰۶
کوڻر پائي (جت مائي) ۳۰۰، ۳۰۳
کوڻریجو (چاڙ عالي) ۹۳
کهر (= کیهر)
کیریو ۴۲۱
کیکو مدیهم ڏتیاڻي ۱۳۰-۱۳۲، ۱۳۶، ۱۳۸، ۲۶۶
کیهر سما چاڙ ۱۴۱-۱۴۴

ک

کٹوریا (چانڊیا) ۱۹۵
کٹوریو (چانڊیو سردار) ۲۰۰
کٹیاڻ ۳۲۰، ۳۲۶، ۳۶۸، ۳۷۵
کٹیاڻ (سپه سالار) ۳۱۰-۳۱۴
کجراٹي (بروهي) ۶۸
کچرا ۵۷
کچچي ۵۷
کٹاٹي ۳۲۱
کمڻ چارڻ ۳، ۵-۶، ۲۰۰، ۲۷۸، ۳۱۵
کورکاٹي ۳۲۰
کور ۵۷
کوسا ۵۷، ۶۶-۶۹، ۷۱، ۷۳، ۷۵-۷۶، ۲۰۳-۲۰۴، ۲۹۲-۲۹۳، ۳۱۰-۳۱۱، ۳۱۳، ۳۱۷، ۳۲۱، ۳۲۳، ۳۵۰-۳۵۱، ۳۷۸، ۴۰۱، ۴۰۸
کوکر ۵۷، ۲۱۲، ۳۲۲، ۳۲۴، ۳۶۸، ۳۷۵، ۳۷۸
کٹهاوڙ ۵۷، ۳۲۰، ۳۲۷
کیتو کیتلو شاعر ۴۱۰-۴۱۱
کیڙي (قبیلو) ۱۸۸

کیمتیا ۵۷
کینٹرو ۱۲۴
کیٹا خان سگھڑ ۶۶، ۷۱، ۹۶، ۲۰۹، ۲۹۰

گ

گاجي خان ۸۵
گاڏهي ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸، ۳۲۱
گاگن (جت) ۳۰۳
گائيچا ۴۱
گبر نوهاڻي ۶۸، ۷۳، ۳۳۴، ۳۳۸
گبول ۷۷، ۱۱۰، ۱۱۴-۱۱۵، ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸، ۲۲۰-۲۲۱، ۲۷۷، ۳۹۴، ۴۰۱، ۴۰۴، ۴۰۵، ۴۰۸
گجر ۵۷
گجو (قبيلو) ۱۰۶، ۱۵۶
گڏاڻي ۳۹۸
گڏرا ۴۰۴-۴۰۵
گرت گر (سامي دتگر -و پاڻ) ۱۰۵، ۱۴۸، ۱۵۰
گرماڻي ۵۷
گرهوڙي صاحب (=عبدالرحيم)
گڙد ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸
گلاب ۲۴۰
گلاب (گبرو) ۲۵۱، ۲۵۴
گلاب (شاعر) ۲۳۹-۲۵۰
گلاب لنگهو ۴۹، ۲۷۵
گلشان (مائي جٹ) ۲۹۱
گل محمد ۳۲۶
گل محمد چانگ ۲۹۵
گل محمد وند ۳۰۳، ۳۰۵-۳۰۹
گل محمد سومرو ۲۱۳
گل محمد مگسي ۳۲۷
گلو موچي (حر) ۱۰۶
گلو گاهو ۱۰۶
گلو موچي (حر) ۱۰۷، ۱۰۹، ۱۲۱، ۱۲۷
گلو وسان (حر) ۱۳۰
گمن چاڪراڻي (مري) ۳۷۴
گنهپو منداڻي (گرمتي) ۷۷-۸۱، ۱۳۸، ۲۷۴
گنڈو ۸
گنگاڻي ۳۷
گنوهر (سپه سالار) ۳۰۹، ۳۲۳
گوپانگ ۵۷، ۳۲۱، ۳۷۸
گودڙجو کيو ۲۴۹-۲۵۱، ۲۵۰، ۲۵۶
گورو، گوري (عالادين) ۴
گولا ۲۱۴
گولو کوسو ۷۵
گولو شاه قهيري ۲۲۷، ۲۳۲
گنهور خان مري ۳۷۴، ۳۹۱

گوهر فقير ۴۲۳
گهرام خان مگسي ۱۶۱، ۱۷۴، ۱۹۵
گهرام لاشاري ۴۰۷
گهرام مري ۴۵۷، ۴۶۰

گ

گٻائي چانگ ۲۹۵
گوڏل جتوئي ۲۰۹-۲۱۰
گهالچ (گبول) ۴۴۵
گهالبارو (براهم لنگهو) ۱۲۲
گهلو ۵۷
گهمراڻي، گهمڻاڻي (شادي خان) ۴۰۸، ۴۱۰

ل

لاڏو (راڻو) ۴۰۴-۴۰۶
لاڏڻ ڏاڏي ۴۰۷
لاشاري ۲۵، ۳۸-۳۹، ۵۷، ۱۰۴-۱۰۵، ۱۴۰، ۱۶۰، ۱۶۳، ۱۸۸، ۱۹۸، ۲۰۶، ۲۲۴، ۲۴۳، ۳۷۸
لاشڙ (قبيلو) ۱۸۸
لاکا ۵۷
لاکاڻي جت ۲۸۷، ۲۹۳، ۲۹۸، ۳۰۹-۳۱۲
لاکو ۹۷، ۱۲۴
لاکو (جت) ۲۸۵
لاکو لوهڙي ۴۳۹
لال بکر پنڌ ۱۱۹
لال خان (مري) ۳۲۲
لائق ڏنو جوکيو ۱۳۵
لانگاه ۵۷
لڏو پرو ۳۶-۳۷
لڏاڻي (کوسا) ۴۰۸
لشاري ۳۲۱
لعل بخش حملاڻي ۹۹، ۲۷۷
لغاري ۵۹، ۱۴۰، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۰، ۳۴۳-۳۴۶، ۳۶۸، ۳۷۵، ۳۷۸-۳۹۶، ۳۹۸
لکاڻو گجو ۱۵۲، ۱۵۶
لکهير ۹۸
لکو لکي لنجو ۲۸۲-۲۸۳
للو گبول ۱۰۶
لنجا (دل قبيلي جو پاڙو) ۲۸۲، ۲۸۴
لنڊ ۷۲، ۳۱۰-۳۱۱، ۳۱۳، ۳۲۱، ۳۵۰-۳۵۱
لنگها ۱۹۳، ۲۵۰-۲۵۱
لوکس (= ليوکس)
لوهار ۴۰۳
لوهار ٻوتو (موچيو) ۲۵۶
لهاراڻي برفت ۲۴۴
لهيا ماڇي ۴۵۷
لنبرک (انگريز) ۳۹۹
ليپا (چنا) ۳۴-الف، ب

ليڪي ۵۷
ليوڪس (الگريز) ۱۶ ۴۱۷، ۴۲۰، ۴۲۶

م

ماچي ۱-۲، ۶، ۸، ۵۲، ۵۵، ۵۷
ماروڙي ڦورو ۳۹۸
مارو ٽيپو ۱۴۶ ۱۴۷، ۱۵۲، ۱۵۴، ۱۵۶
ڙيجا ۳۵
مالڪ ڏلو جت ۲۹۹-۳۰۰، ۳۰۹، ۳۱۱
مالجهي لنجو ۲۸۲-۲۸۳
مانجهي مهرڻ پوٽو ۴۰۴
مانڊڙا ۹۳
مائڪاڻي ۳۷۷-۳۷۸
ماهيند گبول ۲۷۱
مائي بيگم (مائي جوڪياڻي) ۲۷۱
مائي بصري (لغاري) ۳۹۹
مائي چاڪلي (برفت) ۷۷، ۷۹، ۹۲
مائي ڏنا ۴۵۰
مائي سولڻ (نظاماڻي) ۴۵۶، ۴۵۹
مائي سوني سلطاني (ميرمرزا جي ماءُ) ۲۶۷
مائي عزت (ڪرمتي) ۸۹
مبارڪباڻي (گبول) ۴۱۴
مبارڪ خان ۲۵۲
مبارڪ (ڪرمتي) ۱۵۱، ۴۵۲-۴۵۳
مٽوئا ۳۱۰-۳۱۱
مٺا خان مهر ۲۸۱
مٺاڻي (جت) ۳۰۱-۳۰۴، ۳۰۶، ۳۰۹، ۳۱۱، ۴۵۰
مٺو جت (مٺاڻين جو ڏاڏو) ۳۰۲-۳۰۳
مٺو (جوڪيو) ۱۲۸، ۱۳۳، ۱۳۵
مٺو خاصخيلي (حر) ۴۳۴
مٺو رند ۱۹۸
مٺو شاهوڪ ۱۱-۱۲، ۱۵
مٺو گبول ۱۰۶-۱۱۰، ۱۱۲-۱۱۳، ۱۳۸، ۲۴۸، ۴۴۸
مٺو نوحاڻي ۳۳۹-۳۴۰
مجنو ميراڻاڻي ۱۱۸
مڇر (لاشاري پاڙو) ۱۰۴
محبتاڻي (چانگن جو پاڙو) ۲۹۵
محبت خان (خان قلات) ۴۹
محبت خان مري ۲۲۷
محراب جو پٽ ۳۸۲
محراب خان بروهي (خان قلات) ۳۵۵-۳۵۶، ۳۶۰-۳۶۱
محراب لنگهو (شاعر) ۲۵۵، ۲۵۷
محراب گولو ۲۱۲، ۲۱۴
محراب مري ۳۳۷
محرم (چانڊيو) ۱۶۳، ۱۸۱

محرر ڏاهري (حر) ۴۳۴
محمد اسماعيل خان نون ۱۳۹
محمد امين پوتائي ۶۱، ۶۶، ۶۸، ۱۳۴، ۲۴۴، ۲۵۲، ۲۵۹
محمد اويس ۱۴۲
محمد بخش سومرو (راوي) ۲۱۳
محمد لغاري ۳۶۸
محمد پوٽو مير ۲۲۳-۲۲۴
محمد تقي شاه ۲۲۷-۲۲۸
محمد جان ۳، ۱۰
محمد خان ۸۵، ۳۲۶
محمد خان پرگڙي ۳۴۲
محمد خان لغاري ۳۹۷، ۳۹۹-۴۰۰
محمد رحيم مفتي (درگاه پاڳارو) ۴۱۴
محمد (رودڙائي بگهياڙ) ۲۶۹-۲۷۱
محمد شاه ۳۲
محمد صالح آخوند ۴۰۹
محمد صالح منشي ۲۹۲
محمد صديق ڏهوت ۲۹
محمد صديق هديه ۴۴۴
محمد عالم خان ۴۵۴
محمد فقير مڱٽهار ۲۰
محمد نصير (مير محمد نصير خان) ۳۷۷
محمدو پٽيار ۲، ۸
محمد هاشم مڱٽهار، سگهڙ ۳۹۲
محمد يعقوب پرڙو، سگهڙ ۲۰۹
محمد يعقوب سردار ۴۱۶
محمد يوسف چانڊيو ۲۸۷
محمد يوسف خدمتگار منگواڻو ۳۶۷، ۳۷۸، ۳۸۸
محمد يوسف شاه ۳۸۲
محمود پالاري ۱۲۷
محمود خان (مير) ۳۸۵، ۳۸۷
محمودائي مجنو ۱۱۱
مدغار (ڪرمتي سردار) ۱۳۰
مراد (جوڪيو) ۱۲۸، ۱۳۳، ۱۳۵
مراد سنجراڻي (نوحاڻي) ۳۳۹
مراد سنديلو ۵۸
مراد علي چانگ ۳۷۵
مراد ڪليري ۴۷، ۵۰، ۵۳-۵۴
مرتضيٰ (غلام مرتضيٰ شاه) ۲۳۰-۲۳۲
مرجوڪ ۵
مرجوڪ جمالي ۸۲
مرجوڪ (حملاڻي، برفتن جو ڪماني) ۸۴
مرزا ۲۷۰
مرزا جان بابا ۲۵
مرزا جاني بيگ ۲۹-۳۳، ۳۸۲
مرزا خان ۳، ۹-۱۰
مرزا خسرو بيگ ۳۷۸، ۳۸۸
مرزا شاه حسن ارغون ۲۵
مرزا عيسيٰ ترخان ۲۵

مرزا غازي بيگ ۳۰، ۳۳
مرزا غالب ۲۵
مرزا محمد باقي ۲۵
مرزا محمه صالح ترخان ۲۵-۲۸
مرزا مظفر ۲۷
مرزان (برفت) ۹۴-۹۵، ۹۷
مرزان خان ۲۰۳-۲۰۴
مرزو خان بداثي مري ۳۹۱
مرزو رند ۳۲۶
مركند (قبيلو) ۵۷
مَروئا (كرستي) ۲۷۲
مري ۲۰۹-۲۱۰، ۲۳۵، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۰، ۳۷۴، ۳۷۸، ۳۸۲
مريد ۲۷۰، ۲۷۵، ۳۲۷
مريداثي (جوكيا) ۸۹، ۱۲۹
مريد ملك (پيراثي كرمتي) ۱۱۲، ۱۳۰، ۲۷۵
مريد پُرو ۱۴
مريد خان بلوچ (كرمتي) ۲۵-۲۷
مريد خان لاشاري ۱۰۴، ۲۴۳
مريد (لاشاري) ۱۰۵
مريد (نوتاثي) ۱۴
مزار ۵
مزار (برفت اڳواڻ) ۹۲
مزار (عزت خان جو پٽ) ۱۰۱
مزارخان ۲۳۹
مَسّو جمالي ۳۰۴-۳۰۵
مصري خان ۱۷۹
مصري خان گبول لاكاثي (مرزا خان جو وزير) ۲۶۱، ۲۶۸-۲۶۹
مصري گاهو (حر) ۱۶-۱۷۴
مصري لغاري (حر) ۴۳۴
مظفر لنجو ۲۸۳
مغل ۳، ۹، ۲۹، ۳۲، ۳۴-الف، ۳۴-ھ، ۳۴-و، ۳۴-ل، ۸۹، ۱۲۹
مغيري ۱۵۸، ۱۶۰-۱۶۱، ۱۶۵، ۲۷۸
مكڻ فقير چاڻ ۱۵۷
مگر پين (اولياء) ۲۹۴-۲۹۶، ۳۰۱
مگر جوكيو ۱۰۷-۱۰۸، ۱۱۱-۱۱۳
مگسي ۱۵۷-۱۵۸، ۱۶۰-۱۷۰، ۱۷۲-۱۷۳، ۱۷۵-۱۷۹، ۱۸۱، ۱۸۷، ۱۸۹-۱۹۰، ۱۹۵-۱۹۸، ۲۰۳-۲۰۴، ۲۰۶-۲۰۸، ۲۱۲، ۳۲۱
مگسي (سردار) ۱۸۶، ۲۰۱
مگڻ (شاعر) ۹۹
مگڻهار ۱۱، ۲۳
ملا محمد اسماعيل ۳۷۸
مَلك ۸۷، ۸۹، ۹۶
ملك احمد خان گبول ۲۷۷

ملک ابراهيم ڪرمتي ١٤١، ٧٩، ٢٢١، ٢٤٥٢، ٢٤٥٨، ٢٤٥٢
ملڪاڻي جت ٣٩٠
ملک پير ڪرمتي ١١٢
ملک پاهڙ خان برفت ١١، ٧٧-٧٨، ٩١
ملک پنڻ حملاڻي ٨٣-٨٤
ملک جڙو (پٺوٺو) ٢١٩
ملک جيئند خان (برفت) ٢٧٧
ملک حيدر خاڻ (ڪرمتي) ١١٤
ملک زادي حمزي پوٽي (ڪوڙپاڻي) ٣٠٣
ملک شير خان جت ٣٠٢، ٣٠٦، ٣٠٩، ٣١٢
ملک طوطا (ڪرمتي) ٨٧-٨٨، ١٢٩، ١٣٥-١٣٦
ملک ڪرمتي ٣٨٠-٣٩، ٢٧٤
ملک محمد پيتو (ڪرمتي) ٨٧
ملک مريد (پيراڻي ڪرمتي) ١١٢-١١٣، ١٣٠، ٢٣٨، ٢٤٥٨، ٢٦٦
ملک مير عالي لاشاري ٣٨-٣٩
ملک ننگر (برفت) ٢٦٢، ٢٧٣
مل محمود پلي شاعر ٤١٨
ملوحاڻي ٣٢١
ملوک خان ڪبول ٤١٤٢
ملوک خان ڪبول (وڏو) ٢٥٤
ملوک لنجو ٤٠٤
ملوک هڪورجو ٤١٧
ملهڻ ڪرمتي ١٠٩، ٢٥٩
ملهڻ (نوحاڻي) ٣٣٤-٣٣٥، ٣٤٠
ملهو (ملهڻ) احمداڻي ١٠٧
ملهوڻ پوو ٤٠٤٦، ٤٠٤٥
مليڙ گبرو ٤٠٤٥-٤٠٤٤
منداڻي جت ٣١٠، ٣١٣
منداڻي (منڊو جو راڄ) ٧٩، ١٣١
منڊو (ڪبول) ٧٧
منڊو ١٢١
منڊو منڌير لاشاري ١٠٤-١٠٥، ٢٤٥٣
مندي پوٽا ١١٨
مندي پوٽو (منو ڪبول) ١١٠
منڌير (لاشاري قبيلو) ٣٨-٣٩، ١٠٤-١٠٥، ٤٢٤٥
منڊو (براهم شاعر) ٤٣٩
منشي عطا محمد (مصنف) ٢٢٦
منگر (ڪيهر) ١٤٥٣
منگو زوڙر ٣٤٠
منگي ٥٧
موٽاڻي ٣٦
موٽيو (پٽ علي جو) ٣٧
موٽيو چورو (برفت) ٢٥٠
موٽيو حملاڻي ٢٤٥٩
موٽيو لهراڻي برفت ٢٥٢-٢٥٣

مورياٹي (لأشاري پاڑو) ۱۰۴، ۲۲۴
موڑا (پاڑو) ۳۴ـ الف، ب
موڑاٹي (واگهن جو پاڑو) ۵۰۲
موسو ۳۲۶
موسو منڈير ۲۴۳
موسيٰ (چاڑ) پاڑو ۲۷۳
موسيٰ خان ۵۵
موساٹي گونگا ۱۱، ۱۳
موسو لياٹي ۱۱، ۱۳
موکي ۱۱۱
مولراج (ديوان ملتان جو) ۳۹۳–۳۹۴
موليڈنو (پوو) ۵۰۶، ۵۰۴
ومل ۱۷۵
موهل (قبيلو) ۵۷
مهر (قوم) ۲۸۱
مهراڻ خان ولد ۱۵۷–۱۵۸
مهڙ (قبيلو) ۵۷
مهند (واچواٹي ڪرمتي) ۵۵۲–۵۵۳
مهيان (پاڳناڑي جو زميندار) ۵۰۷
ميا سنگهه ۴۲۷
ميانداد ڪوسو ۷۰، ۷۳
ميان سرفراز ڪلهوڙو ۱۰۲
ميان غلام شاه (=غلام شاه)
ميان فقيرو ۳۱۸
ميان نصير محمد ۲
ميان نصير محمد (ڪلهوڙو) ۲، ۷۵
ميان نور محمد ڪلهوڙو ۵۰–۵۷، ۵۳، ۶۲–۶۳، ۷۵، ۸۹، ۱۲۹
ميان يار محمد ۵۲، ۵۸
ميانا (قوم) ۵۱
مير ۲، ۱۴۸، ۱۶۰–۱۶۱، ۱۶۵، ۱۶۹–۱۷۰، ۲۱۶، ۲۴۰، ۲۴۷–۲۴۸، ۲۶۷، ۲۷۷، ۲۸۵، ۲۹۰–۲۹۱، ۲۹۳–۲۹۴، ۳۰۰–۳۰۱، ۳۰۵، ۳۱۶، ۳۱۸–۳۱۹، ۳۳۰، ۳۳۲–۳۳۳، ۳۳۷، ۳۴۴، ۳۵۲، ۳۵۷، ۳۶۴–۳۶۷، ۳۶۸، ۳۷۳، ۳۷۹–۳۸۰، ۳۸۲، ۳۸۹، ۳۹۸
مير ابراهيم (ڪرمتي ملڪ) ۲۷۶
مير احمد خان مگسي ۱۶۳
ميران ۴۰
ميران ڪڙيو (درويش) ۲۶۸، ۴۰۰
ميران جاڪرو ۱۰۶–۱۰۸
مير بجر، بجار خان ۱۴۶–۱۴۷، ۱۵۱، ۳۶۹
مير براهم ۱۴
مير برهام (ملڪ ابراهيم) ۲۶۴
مير بهرام خان ۲۶، ۵۹
مير پير ۲۶۲–۲۶۳
مير پٺهوار ۲، ۸
مير ٽارو خان ۳۰۱، ۳۰۷، ۳۱۵، ۳۱۷–۳۱۸، ۳۲۱
مير جان محمد خان خاناٹي ۳۷۵، ۳۸۱–۳۸۳

میر چاکر رند سردار ۱۱۲
میر چاکر خان ٹالپور ۱۵۹
میر حاجي علي احمد خان ۳۴۳
میر خان ۱۵
میر خان چانڊ (ہیو) ۱۵
میر خان محمد ماٹکاڻي ۳۸۰
میر خیرو (کرمتي) ۲۷۶
میر رستم خان ۲۲۷، ۳۵۶، ۳۷۰، ۳۷۳، ۳۸۵
میر رستم خان جو پٹ (میر سهراب خان) ۳۷۹-۳۸۰، ۳۸۳-۳۸۴
میر رسول بخش خان ۳۵۳
میر سهراب خان (میر رستم خان جو پیءُ) ۳۷۹، ۳۸۵
میر شاهنواز خان شاهلیاڻي جمالي ۲۱۳
میر شهداد خان ۳۵۳، ۳۶۵، ۳۶۷-۳۶۸، ۳۸۰، ۳۸۳-۳۸۵، ۳۸۹
میر شیر محمد خان شیر سنڌ ۳۹۰-۵۰۰
میر صوبدار ۳۵۷، ۳۶۳-۳۶۴، ۳۷۰، ۳۷۲، ۳۸۵-۳۸۷، ۳۹۰
میر طاهر محمد نسیاني ۲۶-۲۷
میر عالي (ملک لاشاري) ۳۹
میر عبدالله خان (خان قلات) ۵۷، ۵۳-۵۴، ۶۱، ۶۴-۶۵
میر عبدالله خان ماٹکاڻي ۳۹۱
میر علي خان ماٹکاڻي ۳۹۱
میر علي شیر قانع ۵۳
میر علي مراد خان ۲۲۷، ۲۵۶، ۲۶۳، ۳۰۰، ۳۷۲، ۳۹۵-۳۹۶، ۳۹۸-۵۰۰، ۵۱۳، ۵۵۷-۵۵۸
میر غلام شاه شهواڻي ۳۸۰، ۳۸۲
میر غلام علي خان ۲۲۰، ۳۱۶، ۳۸۶، ۳۸۸
میر غلام علي خان ماٹکاڻي ۳۹۱
میر غلام محمد خان (ولد میر رستم خان) ۳۸۵
میر غلام نبي خاناڻي ۳۹۱
میر فتح علي خان ٹالپور ۱۰۰، ۲۱۶، ۲۳۷-۲۳۸، ۲۵۶، ۲۶۷، ۲۹۲، ۳۰۰، ۳۱۰
میر فتح علي (ولد میر صوبدار خان) ۳۸۶
میر فیروز خان ۳۸۳
میر کرم علي خان ۳۷۸
میرل (گبول) ۱۹۵
میرل (مصري خان گبول) ۲۶۹
میر لطف علي خان ۵۲
میر مبارک خان ۳۸۵
میر محمد بخش ٹالپور ۳۹۲
میر محمد خان ۳۸۶
میر محمد خان (لغاري) ۳۵۶

ميرو گواري ولد ٥٧
ميرو لڏاماڻي (حر) ٥٣٦-٥٣٥
ميري (جوڪين جو راڄ) ١٠٥-١٠٣، ٢٥٣
ميمڻ ١٥٥٢-١٥٥١
ميندرو ٢٣٩
مينگهواڙ ٢٥٣، ٣١٠-٣١١، ٣١٤، ٥٠٥
ميهان خان مگسي ١٦١، ١٧٤، ٢٠١
مينهن پنهور ٢٧٨
مينهون لڏاڻي پنهور ٢٧٨-٢٧٩
ميون علي شيرازي ٨٩، ١٠١
ميوو ١٩٦، ١٩٨
ميهار ٧١
ميهر شاه ٣٢٥
ميهر شاه (ٻٽوراڻي) ١٤١

ن

نڏو بنديچو جوڪيو ٣-٣٩
نارو (پٽ ننگر جو) ٩٥
ناريجا ١، ٣، ٣٩٠، ٣٩٣
نانگاڻي ٢٠٠
نانگرا (جوڪيا) ١٠٥-١٠٥، ٢٥٣
نانگو ٨٥
نبهندو عالياڻي (جت) ٣٠٩-٣١٠، ٣١٥
نبي بخش خان لنڊ (سگهڙ) ٦٦، ٥٣
نٽالو جوڪيو ٢٦٦

ميرو محمد علي ٣٨٥
مير محمد نصير خان ٣٦٥-٣٦٨، ٣٧٠-٣٧١، ٣٧٣-٣٧٥، ٣٧٦، ٣٨٣-٣٨٥، ٣٨٩، ٣٩٥
مير محمود خان ٣١٥، ٣١٨، ٣٢١-٣٢٢، ٣٢٣-٣٢٥، ٣٤٨
مير مراد علي خان ٣١٦، ٣٧٧
مير مريد خان رجيرو ٢٦
مير مزار ڪرمتي ٩٠، ٢٣٧-٢٣٨، ٢٥٧، ٢٥٩-٢٦٣، ٢٦٥-٢٧٦
مير معصوم ٢٦
ميرُ نصير خان (خان قلات) ٣٥٧، ٣٦١، ٣٦٣
مير نصير خان ٣٧٧، ٣٨٥، ٣٨٧
مير نڏو خان ٣٨٣
مير نوتڪ ٢٢٠
مير نورمحمد خان ٣٧٧، ٣٨٥
ميرڻ ١١٠
ميرڻ ٽيپر ١١١
ميرڻ پوٽو (چاڪر جوڪيو) ٢٥٥
ميرڻ خان جت ٢٩١، ٢٩٣
ميرڻ خان چانگ ٢٩٢
ميرو ٣٠٥
ميرو بلدي ٥٧

نثالو گبول (شاعر) ٢٥٨
نداماڻي (نظاماڻي علي بخش) ٧ ،٥٥-
٥٨ ،٥٩ ،٦٠-٦١ ،٤٥
لدو (جام نظام الدين) ٧
لدو گدرو ٤٥-٤٥ ،٤٥
نصير خان (پٽ عبد الله خان،
خان قلات) ٥٩ ،١٠٠-١٠١
نصير خان (پٽ سحراب خان،
خان قلات) ٣٥٦
نظاماڻي ٢٢٧ ،٣٢٠ ،٣٥٥ ،٣٥٧،
٣٦٨ ،٣٧٥ ،٣٧٨
نظر لغاري ٣٥٦
نظر ١١٨
نگامرا واڻا ١٢٩ ،١٥١
نر مگٹهار (شاعر) ١١ ،٨٢
نندو (جام نندو ٹالپور) ٥٩
نندو حمال (ايلچي) ٣٦٦-٣٦٧
ننگر ٩٥
نواب احمد خان لغاري ٣٦٥،
٣٦٧-٣٦٨ ،٣٨٣ ،٣٨٧-
٣٨٨ ،٣٩١ ،٣٩٥
نواب اعظم خان ٤٣-٤٥
نواب الهداد لغاري ٣٨٨
نواب خان لغاري ٣٩١
نواب عالم خان مري ٢٢٧ ،٢٢٩
نواب ولي محمد خان لغاري ٣٨٨
نوت (نوتاڻي) ١٥
نوتاڻي (گبول) ١٥٥١-١٥٥٢
نوتک ٢٢١-٢٢٥
نوتک خان سنجراڻي (نوحاڻي)
٣٣٣
نوتک (کرمتي) ١٣٠ ،١٣٦
نوتک ملکاڻي (کرمتي) ١٣٦
نوتيار ١٣٩
نوتياڻي (جيٹو) ٢٥٠
نوحاڻي ٣٢٠ ،٣٣١-٣٥٠
نور محمد پليجو ٥٢
نور محمد حملاڻي جوکيو ٧٥٥٠ ،٥٥٠
نور محمد (=ميان نور محمد)
نورنگ جتوئي ٢٠٩-٢١٠
نوروديا گرو (جوکيو) ١٣٥
نوزک خان احمداڻي کرمتي
٧٩ ،١٣٨ ،٢٥٣-٢٥٥ ،٣٥٥
نوزک (نوتک کرمتي) ١٣٨
نوک بند جاکرو ١٢٦
نومڑيا ٧٧ ،٧٩ ،١٢١-١٢٣ ،٥٣٨
نون ٣٢١
نهال خان ٹالپور ٣٢١
نهال خان رند ٣٤٣-٣٥٥ ،٣٥٧-
٣٥٩
نهال خان لغاري ٣٩٩
نيپئر (انگريز) ٣٨٥ ،٣٩٠-٣٩١،
٣٩٧-٣٩٦
نيگهڻ (کيهر) ١٥٣

و

واڌا ۳۱۰-۳۱۱، ۳۱۵
واگها ۵۰۲
واگهر (قوم) ۲۱۹
واگهو (نڪر) ۲۸۲-۲۸۵
واگهو ميگهواڙ ۵۵
واليڏنو لوهار ۲۸۸
وريام فقير خاصخيلي (حر) ۱۶، ۵۱۵، ۴۳۵
وزيرو خان ۱۸۷
وسائو سائيندادائي ۲۵۹
وسايو مهر ۲۸۱
وليداد ۶۰
وليداد ولد ۴۵۷
ولي محمد ۱۹۲، ۱۹۵-۱۹۶، ۲۰۰
ولي محمد جت ۳۲۵
ولي محمد خان (چالڊين جو سردار) ۱۶۱-۱۶۳، ۱۷۵-۱۷۵، ۱۷۹، ۱۸۱-۱۸۳، ۲۰۶-۲۰۷
ولهيون فقير جت ۲۹۰
وٽس (انگريز) ۵۸
ويرو ڏاڏي ۵۱۰
ويسو جوڪيو ۲۵۲
ويسوجي ۱۳۹

هـ

هاتڪ پٽ همير ۲۸۱
هاڙهو احمداڻي ڪرمتي ۱۰۶-۱۰۸، ۲۵۸
هاشم ٻڌ ۲۱۲-۲۱۵
هاشم گبرو (راوي) ۹۸، ۱۰۶، ۲۱۹، ۵۱۵، ۵۱۶، ۵۵۲
هالاڻي (دلدار جت) ۳۰۵-۳۰۵
هالو ۹۶، ۲۸۳
هالو پالاري ۸۵
هالو (نڪر) ۲۸۲-۲۸۳
هالو (جام) ۱۹-۲۳
هالو مبارڪاڻي گبول ۱۱۵-۱۱۶
هدايت الله (افغان) ۲۲۷
هرير جاڪرو ۱۲۷
هڏيه (ڪرمتي) ۱۳۰، ۲۱۹، ۲۵۱، ۵۵۲
هڏائي چانگ ۲۹۹
هسو گبرو ۲۵۱، ۲۰۵
هسو لنگهو ۲۵۹
هسو لاشاري ۱۰۵-۱۰۵، ۲۵۱-۲۵۲
هڪورا ۱۵۵، ۱۵۶
هڪورجا ۲۱
هڪورلو ۱۵۲
هڪورو (جام هالي جو پٽ) ۲۰-۲۱، ۲۳-۲۵
همايون بادشاه ۱۱۲
همت علي شاه ۳۸۲-۳۸۳

همير سومرو ١٧-١٨، ٢٠-٢١٥
همير لنجو ٢٨٢-٢٨٣
همير ماچي (حر) ٣٣٥
هوت خان (لوحاڻي) ٢٣٥، ٣٣٣، ٣٥٠
هوت صوبداراڻي جمالي ٢١٣، ٣١٥
هوت گاهو سمو، سگهڙ ٣٥-ر
هوتي ١٢٥
هوتي هالاري ١٢٥، ١٢٦
هوتي آڻڙ ٣٥
هوتي (٣٤ جام هالو) ١٧-٢١٥
هوش محمد شيدي ٣٨٥-٣٨٧، ٣٩٠-٣٩١، ٣٩٥
هيسباڻي (لوحاڻين جو پاڙو) ٣٣٣
هيسب خان لوحاڻي ٣٣٣، ٣٣٥، ٣٥٠

ي

يارمحمد کلهوڙو ٤٠٥-٤٠٥
يوسف خدمتگار ٣٧٨

۲ـ ماڳڻ مڪانن جي نالن جي فهرست

الف

آباد (شهر) ۲۱۲
آباد (= ڳڙهه آباد) ۱۴۲
آڇي (مڪان) ۸۲-۸۳، ۸۶
آمري ۱، ۳
آمريڪا ۲۸۵
اڀڙاسيو (علائقو ڪڇ م) ۱۴۱، ۲۹۹
ابن جو تڙ ۲۸۲
اباوڙو ۳۵، ۲۸۱
اپور ۳۹۵-۳۹۷، ۳۹۹
آٽل ۱۱، ۹۲، ۱۲۰، ۲۹۴
آٽل ڪوٽ ۱۴
آٽ پلاڻ مڪان ۲۵۰، ۲۵۴
آڇ ۳۰۵
احمد پور لما ۳۵۰-۳۵۱
اراڙو ديهه ۷۵
اسلام ڪوٽ ۴۰۴، ۴۰۶
اصفهان ۵۱
افغانستان ۲۱۶، ۳۵۵، ۳۵۸
اڪرو مڪان ۸۳، ۸۶
الله ٻنو ۹۱، ۱۱۹-۱۲۰
امبرسر (امرتسر) ۴۲۰
انڙ پور ۲۹-۳۱
الگلنڊ ۴۳۲
اوستو محمد ۲۱۳، ۴۵۴
اوڪا بندر ۱۳۰
اوڏنگر ۹۱، ۹۳، ۹۵-۹۶، ۹۹، ۱۰۲، ۳۹۲
اهب جو ڳوٺ ۲۴۱

ب

بارڻ ۴۱، ۸۲، ۹۵-۹۹، ۱۰۱-۱۰۲، ۱۲۲، ۲۵۰، ۲۵۸
بارڻ ٽڪر ۷۰
بارڻ جي سيري (جاگير) ۹۸
باڪوڙو ۴۱۷
بٿورو ۱۴۱
بڌي ۱۱۹
بجو واه ۴۱۷
بدين ۱۳۹، ۲۸۹، ۲۹۴، ۲۹۷، ۳۱۳، ۴۰۸
بڏوڏو ۴۲۰
بستا ٻڌر ۱۴۲
بشام ديهه ۷۵
بڪار ۲۴
بڪر ۸، ۳۰
بڪر ڪوٽ ۲-۳، ۸-۹
بگهياڙ درياء ۲۲۵

بلڑي ۴۴۲
بلوچستان ۱۵۷، ۲۰۳، ۲۰۹، ۲۱۲، ۲۱۶، ۳۵۲، ۴۵۴
بمبئي بندر ۴۲۰
بنگاهه ۱۶۴، ۱۷۲، ۱۷۹، ۱۹۱، ۲۰۰
بوبک ۷۵
بولان (لڻن) ۲۱۰
بهاولپور ۳۹۸
بهرم بري (درگاه) ۱۷۴، ۱۹۴، ۲۳۴
بيرون ۲۱۳

پ

پاکاسز ۴۱۰
پاهڑ مير ۴۰۸، ۴۱۰
پاڙرو ۴۰۴
پڇاڻي مکان ۲۷۷
پڏو- پاڻو گهٽ ۳۶
پڏي پاڙي ۴۰۸
پرڙا گوٺ ۳۴۳
پرکر جو تڙ ۳۱۱
پن گوٺ ۴۲۴
پنگار ۵
پني (کچ م) ۱۳۹، ۲۸۲، ۳۰۹
پورکي ۴۰۶
پهارا ۱۷۳
پهڏمي ۲۹۵
پهراڻو گوٺ ۴۰۶
پيروڻو ۳۵۰
پيلو (لس پيلو) ۱۳-۱۴، ۷۹-۸۰، ۹۶، ۱۰۰، ۱۰۲، ۲۶۰، ۳۰۶
پيلو (شهر) ۱۲۰، ۲۱۴
پيلو (گهوڑا پاري م) ۲۲۴

ٻ

ٻاڇهه شهر (ديهه ديناري) ۱۸۷
ٻارکر ۳۰۵، ۴۰۷
ٻاکستان ۴۳۴-۴۳۵
ٻڍڻ شهر ۳۷۴
ٻٽ مڙهو (مکان) ۲۵۴
ٻڻڻ ۲۱، ۳۰۴
ٻيري ۲۴۴، ۴۰۸
ٻيري جو ڏورو ۴۴۴
ٻڇڙ ۱۴۲، ۲۸۲، ۳۰۵
ٻڏي، ٻڏيا (ديهه) ۲۳۷-۲۳۸
ٻراڻ ۲۳۸
ٻنجاب ۳۹۴، ۴۱۲
ٻنجڪ ۱۸۷
ٻنگريو ۴۰۲، ۴۰۴
ٻورالي (ندي) ۹۲
ٻوٽبري مکان ۲۸۵
ٻوڻو ۴۲۰
ٻير ٻڻو ۳۹، ۲۳۸
ٻير محموداڻي ۱۳۰

ت

تان ۵۵

پاٽوت ٥٨
پائي پالي جو مندر (سکر) ٢٢٦
پائي خان جي چاڙي (حيدرآباد) ٣٨٦
پتارو ٣٠٩-٣١٠، ٣١٣
پڄ ٣١٦، ٥٢٩
پرلڊيارو ٢٨٢
پنيور ١٠٦، ١٠٨-١٠٩، ١١٣، ٥٢٥٨، ٥٢٥٨
پوڊيسر ٥٠٢-٥٠٤، ٥٠٦
پيٺن (مغليون) ٣٠٣

ت

ترکي ٥١٤
تڳڻي وارو تلاءُ ١١١
تلهار ٢٩٧
تٺوت ٣٥

ٽ

ٽاٽو ١٢٥
ٽاٽو بولا خان ٢٧٧
ٽاٽو قلعو ٦١
ٽڏي جي ٽڻن ٨١، ٨٧
ٽر ٢١، ١٥٥، ٣٠٥، ٣٥٥، ٣٦٠
ٽرپارکر ٥٠١، ٥٠٤، ٥٠٨-٥٠٩، ٥٣٣
ٽ

ٽڻيان (ديورو) ٩٢
ٽکنڊي ٥١٦-٥١٧

ٽنڊو آدم ٥٣٣
ٽنڊو الهيار ٥١٧
ٽنڊو باگو ٣٣٨، ٣٥٠، ٥٠٢
ٽنڊو جهان خان ٣٥١
ٽنڊو جام ٣٨١-٣٨٢
ٽنڊو حيدر ٣٥١
ٽنڊو رحيم خان ٨٢
ٽنڊو عالم خان ٣٨٠
ٽنڊو غلام علي ٣٨٠
ٽنڊو قيصر ٣٥١، ٣٩٢
ٽنڊو لقمان خان ٢٢٧
ٽنڊو ميرمحمود ٣٥٣
ٽنڊو يوسف ٣٧٨، ٣٨٦

ث

ٺٽو ١٧، ٢٥-٢٧، ٢٩-٣٠، ٣٩، ٥٢-٥٣، ٧٧-٧٨، ١٢٨-١٢٩، ١٣٣، ٢٦٣، ٢٨٥، ٣٠٥، ٣٨٢
ٺٽو سرکار ٨٩
ٺکراڻي جي جهل (ٽڻ) ٢٨٢
ٺل ٢٠٩
ٺوٽ جبل ٧٢

ج

جاتي ٨٩، ١٣٩، ٢٨٥، ٢٨٧، ٢٨٩، ٢٩٢-٢٩٥، ٢٩٦، ٢٩٩-٣٠١، ٣٠٣
جبل ٧٥

جتن چانگن جا ڈير ۲۸۵
جعفر آباد ۲۲۸
جمڑاڻو واه ۳۴۳
جندیهر ۱۰۸-۱۰۹
جوڌپور ۳۱۶، ۱۰۰۴، ۱۰۰۸-۱۰۰۹، ۱۰۲۰
جوهي ۶۶، ۷۱، ۷۳، ۷۵، ۸۲
جويا ڪوٽ ۱۶۰
جيسر مير (=جيسلمير)
جيسرو تڙ ۳۴-ر
جيسلمير ۱۷۵، ۲۲۳، ۲۸۱، ۳۰۸، ۳۱۶، ۳۵۴-۳۵۵، ۳۵۹، ۳۹۸، ۱۰۰۰، ۱۰۰۹، ۱۰۲۰
جيڪب آباد ۷۶، ۲۰۹
جيون شاه جو تکيو ۳۳۱

ڇ

ڇاڙ ڇجار جو ماڙو ۱۲۰، ۲۵۸

ڇهه

ڇهارو جبل (ڪچ ر) ۱۳۹-۱۴۰
ڇهانگارا ۷۱، ۱۷۱
ڇهرڪ ۹۱-۹۲
ڇهل ۱۶۲-۱۶۴، ۱۶۹، ۱۷۲، ۱۷۵-۱۷۶، ۱۷۸، ۱۸۱-۱۸۲، ۱۸۵، ۱۸۸-۱۸۹، ۱۹۲-۱۹۴، ۲۰۷، ۲۱۲
ڇهپير ۸۳
ڇهڻ موري ۲۹
ڇهوڙو ڏڻو ۱۴۱۶
ڇهوڪ ۱۴۰۲-۱۴۱۵
ڇهول شهر ۳۴۳، ۳۹۵، ۳۹۷، ۳۹۹

ڇ

ڇڪرو (ڪراچي) ۲۰۹، ۲۱۸، ۲۱۹، ۲۴۴، ۱۰۱۴
ڇڪري جوءِ ۱۱۸
ڇنن ڪوٽ ۳۴-پ
ڇوڻيارون ۳۹۸
ڇورڙو مڪان ۲۷۷
ڇوڙيو ڪوٽ ۱۰۰۶
ڇوڪنڊي مقابر ۲۷۶
ڇوڻڪو ۱۰۵۴
ڇوهڙ مڪان ۱۰۲
ڇوهڙ ڇمالي (شهر) ۲۸۹

ڇ

ڇاچرو ۱۰۰۹
ڇاچرو تعلقو ۱۰۰۸
ڇاندڻ (ڪوٽ) ۳۹۸
ڇاڻي ۲۸۷، ۲۹۰، ۳۰۰-۳۰۱، ۳۰۹-۳۱۰، ۳۱۴
ڇاڻي ڏنڊ ۲۸۵
ڇاڻي (ڪاري ڪهاري) ۲۸۵
ڇاڻي ڏورو ۲۹۸
ڇتو پير (مقابر) ۱۰۸-۱۰۹

چپر ۱۵
چچ درس ۲۸۹
چچ عاقيل ۲۲۵
چراڏو ۱۵۱۷
چني وارو مقام ۷۲
چني ۷۵
چھٽن (چھوٽن) ۵۰۹-۱۰۱۵
چھوٽن جبل ۱۰۸۵

ح

حب ۳۹-۱۵۰، ۷۹، ۸۱، ۸۸-۸۹، ۹۱، ۱۰۱۵، ۲۳۷، ۲۶۶
حب ڏور ۳۸
حب لدي ۱۵۱-۱۵۲۵
حب لٹن ۱۱۹
حب وات ۹۱
حيدرآباد ۲۹، ۹۱، ۱۳۹، ۱۶۱، ۱۶۵، ۱۶۷-۱۶۸، ۱۷۰، ۱۷۵، ۱۷۹، ۲۲۷-۲۲۹، ۲۳۸، ۲۵۷-۲۵۰، ۲۷۷، ۳۰۰، ۳۰۸، ۳۱۵، ۳۱۸، ۳۳۲-۳۳۳، ۳۳۷، ۳۵۲-۳۵۳، ۳۵۶، ۳۵۲-۳۵۶، ۳۵۷، ۳۶۵، ۳۶۸-۳۷۳، ۳۷۷-۳۷۹، ۳۸۸، ۳۹۰، ۳۹۲-۳۹۷، ۱۰۱۵
حيدرآباد تعلقو ۲۹، ۳۱۵۱
حيدرآباد ضلعو ۳۳۳۵
حيدرآباد جو ڪوٽ ۲۹۲

خ

خدا آباد ۴۸-۵۹، ۷۵، ۸۹، ۱۱۱۵-۱۱۵، ۱۲۹، ۱۳۳
خراسان ۶۹، ۳۸۲
خراسان ۱۹
خريسان (خراسان) ۲۱
خيرپور ۲۲۷-۲۲۸، ۳۷۰، ۳۷۲، ۳۷۹، ۳۸۳، ۳۹۵، ۳۹۸
خيرپور تعلقو ۱۶۱۵
خيرپور (ضلعو) ۱۱۵۵، ۲۱۲
خيرپور (رياست) ۱۳۱۵، ۱۵۱۵

د

داپيجي ۲۱۹
داد لغاري جو ڳوٺ ۳۹۸
دادو ۱۵۷، ۳۱۵
دادو شهر ۲۱۶، ۲۷۸
دادو ضلعو ۱۵۷۰
دپو (دواپو) ۳۸۶
دپو (دوآبو) ۳۹۰
دڙ شهر ۲۱۲
درساڻو چنو ۲۶۶، ۲۷۳
درگاه سيد علي شيرازي ۲۶۰-۲۶۱، ۲۶۵-۲۶۸
درياء (سنڌو) ۱۷۱، ۲۲۶، ۳۵۵، ۳۶۶، ۳۹۵، ۳۹۷، ۳۹۹-۱۰۰۵
دريجي ۶۹، ۱۳۱۵، ۲۱۴۵، ۲۱۵۷

دڙپو ۱۲۱، ۱۲۳، ۲۲۰
دڙو ۳۹۲
دکاک جا دڙا ۳۹۶
دکن ۲، ۹
دلي (دهلي) ۳۴ (ب،ج،د)، ۶۳، ۳۰۵-۳۰۶، ۴۲۰
دو-آبو ۳۷۳، ۳۹۰، ۳۹۲
دهلي (=دلي) ۹، ۳۴ الف، ۴۲-۴۳، ۴۵، ۳۱۶، ۴۱۹
ديرو ۵۱، ۴۳-۴۴، ۱۶۳، ۱۷۴، ۱۷۸-۱۷۹، ۱۸۱، ۱۹۱، ۲۰۴-۲۰۵
ديرو غازي خان ۴۰۰
ديسا (گوٹ) ۴۰۶
دينارې ديهه ۱۸۷
دينپور ۱۵۳

ڈ

ڈاراجا ۱۳۳، ۱۴۱، ۲۵۹
ڈوري سَنّو جبل ۴۰۸

ڈ

ڈاڈر (جمّوء) ۴۵۱، ۴۵۷
ڈجي کوٹ ۴۶۱
ڈوجهو ٹبو ۲۸۵
ڈهر واهه ۳۹۸، ۴۰۰
ڈيهلو ۲۰
ڈيڈرو ٹڈ ۱۵۵

ب

ڊب (جوء) ۴۵۵
ڊڈڑو ۳۴۵-۳۴۶
ڊگاري ماڳ ۱۲۳
ڊمبر (کلکتو) ۳۷۷

ي

ڊاڊر ۴۱، ۴۳، ۴۷
ڊٹ ۳۴د، ۱۰۳، ۱۷۵، ۲۷۴
ڊيڊاڑي ۱۵۵

ر

راج ملک گوٹ ۲۴۱
راڙ ۱۴۷-۱۴۸
راسل چشمه (مسقط م) ۲۱۸
راڑ پارهو (مقام) ۲۹۶
رامسر جي ڈونگري ۴۰۸
راڻپور ۴۰۱، ۴۰۱، ۴۰۶، ۴۰۸، ۴۲۹
راڻيپور ۱۶۳، ۱۸۳
راڻي واڙو (راڻپور) ۴۰۶
راورو (راولو بند) ۳۹۶
راولو بند ۳۹۶، ۳۹۸
راهيجي (مکان) ۲۴۴، ۲۴۶، ۲۴۹-۲۵۰، ۲۵۵-۲۵۷، ۲۶۷
رتنا گري ۴۳۲
رتو کوٹ ۱۳۴

رحيم خان جو ٽنڊو ۷۲
رکن ڊليار، رکن ڊليار
۱۵۵-۱۵۴
رندستان ۱۶۵، ۱۷۲
رڻ ۳۱۰
روپاهه ۵۰
روجهاڻ ۱۷۷-۱۷۸
روهڙي ۲۲۷، ۲۲۹، ۱۸۲
روهڙي ڊويزن ۴۰۰
رهمکي بازار ۳۱۰
رهو (ٽڙ) ۱۵۵

س

ساڪرو ۳۹، ۶۶، ۸۹، ۹۶،
۱۰۰، ۱۰۳، ۱۳۰، ۱۳۵،
۲۳۷، ۲۵۸، ۳۰۵
ساڪرو تعلقو ۱۰۶
ساڪرو (علائقو) ۱۴۱
سال (جوه) ۹۲
سامتاڻي ۵۷
ساموئي ۲۱
ساميجي ۲۰۵
سانگهڙ ۳۹۵-۳۹۶، ۳۹۸، ۴۱۵،
۴۱۷، ۴۲۵، ۴۲۹، ۴۳۲،
۴۳۷
سانگهڙ شهر ۴۲۲-۴۲۴
سانگهڙ تعلقو ۳۵۳، ۴۱۶-۴۱۷
سانگهڙ ضلعو ۳۵۳، ۴۱۷، ۴۳۳
ساهان ۲
سبي ۳۵۳، ۴۵۸-۴۵۹، ۲۰۶
ستهه (جوه) ۱۸۸، ۱۹۱
سرارو (= سرو) ۳۰۵
سرحد (صوبو) ۴۱۳
سرو ۵۱، ۷۹، ۳۱۷
سکٽ (ڳوٺ) ۱۲۲
سکرانڊ ۳۹۵
سکندر- پنڊ ۱۴۳
سکڻ ٽڻن ۴۵۶، ۴۵۹
سکر ۲۲۶-۲۲۸، ۳۵۵-۳۵۶،
۳۶۰، ۳۶۳، ۳۶۵
سکر پراڻو شهر ۲۲۶
سکر ٽڻون شهر ۲۲۶
سماڻري (ديهه) ۳۹۹-۴۰۰
سماڻري ۴۱۶
سمير وارو ڊورو ۳۹۶
سن ۲۴۵، ۳۸۸، ۳۹۵
سنجهورو (شهر) ۳۱۴،
سنجهورو تعلقو ۳۱۳، ۳۹۷، ۴۱۶
سنهڙي راهيجي (ڊورو) ۲۵۱
سنڌ ۱-۸، ۱۴، ۲۵-۲۶، ۲۹-
۳۰، ۳۱ب-ج، ۴۲، ۴۸،
۵۱، ۶۱-۶۲، ۶۹، ۷۵،
۷۸-۷۹، ۸۳-۸۴، ۸۹،
۹۱-۹۲، ۹۶، ۱۰۰، ۱۰۳،
۱۰۶، ۱۳۹، ۱۴۸، ۱۵۷،

١٧١، ١٨٤، ٢٠٣-٢٠٥،
٢٠٦، ٢١٢، ٢١٦، ٢١٨-
٢٢٠، ٢٢٦-٢٣٠، ٢٣٧،
٢٥٦، ٢٦٥، ٢٦٧، ٢٨١-
٢٨٢، ٢٨٥، ٣٠٠-٣٠٢،
٣٠٥-٣٠٥، ٣٠٩-٣١٢،
٣١٦-٣١٧، ٣٣٩، ٣٥٢،
٣٥٥-٣٥٧، ٣٥٩-٣٦٠،
٣٦٣-٣٨٠، ٣٨٣، ٣٨٦،
٣٩٠، ٣٩٢-٣٩٧، ٣٩٩-
٤٠١، ٤٠٣-٤٠٥، ٤٠٨-
٤٠٩، ٤١٢-٤١٧، ٤١٥-
٤١٨، ٤٢٠، ٤٢٩-٤٣٠،
٤٣٢-٤٣٣، ٤٣٥، ٤٥١
سنڌو درياء ٤١، ٢٤١
سنڌيارا تلاءُ (ڪچ م) ٢٩٩
سنڌ يونيورسٽي ٢٩٩، ٣٩٩
سنگرار ٢٥
سوپارو ٥٠٩
سوڙاهه ٤٥٥
سورٺ ٣٦٨
سونڌا ٣٩
سونگل ٣٩-٥٠
سونڪياڻي ١٢٠، ٢١٨
سيراڻيون ٢٩٧
سيري ٤١
سيري جاگير ← ٩١، ٩٦
سيري (ديهه) ٢٣٧
سيوهڻ، سيوهاڻ ٢، ٨، ٣٨٨،
٣٩٥
سيوهڻ (تعلقو) ١٧، ٧٥
سيوي ٤٧

ش

شادڻ ١٨٧
شادي پلي ١٥٥
شاديهڙ ١٦١، ١٦٥، ١٩١-١٩٢
شاه بلاول ١٣٣
شاه جو اوتارو (سکر) ٢٢٦
شاه بندر تعلقو ١٤١
شاهپور چاڪر ٣٩٥-٣٩٦
شاه حسن ٤٥٥
شاهو واهه ٣٤٣-٣٤٥
شڪارپور ٢٢٧-٢٢٨، ٣٥٥،
٣٦٠، ٣٩٩
شور (رندن جو ڪوٽ) ١٦١
شورڻ شهر ١٦٥، ١٦٨، ١٨٧،
١٩٠، ٢٠٥
شيو لو ڪوٽ ٣٤٥-م
شهداد پور تعلقو ٣٤٣، ٣٩٦، ٤١٧
شهداد واهه ٣٤٣
شهيدن جو ٽڪ ٧١
شهيدن جو مقام ٣١١، ٣٧٣

ط

طفلس ٣٧٨
طنبو (عمراڻين جو شهر لاڙي م)

ع

عمرکوٹ ۱۷، ۳۹۹، ۴۰۴-۴۰۶م

غ

غزني ۳۵۲ - ۳۵۳

غلام محمد جوگهٹ ۴۱۶-۴۱۷م

ف

فتح باغ ۳۳۱ - ۳۳۲

فريد آباد ۴۸

فقير جو اڙ ۳۸۸

ق

قتي جا کنب ۳۳۸

قتو ۲۵۱، ۲۶۶

قلجي ۱۵۷، ۲۱۶

قلهڏيون ۴۲۹م

قليلي ۲۹۲، ۳۵۷، ۳۶۴م، ۳۶۹، ۳۶۱ - ۳۷۲، ۳۸۱، ۳۹۴م

قليلي جو دو- آبو ۳۹۰

ق

قدمن وارو مقابر ۱۱۳، ۱۳۸، ۲۴۱ - ۲۴۲، ۲۵۹

قلات ۱۵، ۴۷-۵۰، ۵۲، ۵۴م، ۵۶، ۶۱، ۶۳ - ۶۴م، ۹۲-۹۴م، ۹۶، ۹۸، ۱۰۰، ۱۲۱، ۱۷۵، ۲۰۳ - ۲۰۴م، ۳۵۵-۳۵۶، ۳۶۰-۳۶۱

قنبر علي خان ۱۶۰

قندار ۳، ۵۱، ۵۶، ۲۷۱، ۳۱۲، ۳۱۶، ۳۵۲، ۴۵۴م - ۴۵۶م، ۳۵۸ - ۳۵۹، ۳۶۲ - ۳۶۳

ک

کابل ۲۱۶، ۲۲۷، ۳۵۲-۳۵۶، ۳۵۸، ۳۶۳

کابُولْ (= کابل) ۲۱۷

کاٹياواڙ ۲۱۹

کاچڑو ۳۴م - و

کاچو ۱، ۵، ۷، ۱۴، ۳۴الف، ۳۴م ب، ۳۴د، ۳۴ه، ۳۴ج، ۳۴م ط، ۳۴ک، ۴۸، ۵۰-۵۲، ۶۶، ۷۱، ۱۷۱، ۱۷۴م، ۱۸۸، ۲۰۳-۲۰۴م، ۳۰۵، ۳۶۳

کاچو کوٹ ۳۴م ک

کاڇيل ۲۵۰

کارنگي جي جهل (تڙ) ۲۸۲

کارو جبل ۲۳۷، ۲۴۴م

کارونجهڙ ۳۰۵، ۴۰۲-۴۰۷م

کاسوٹو ۶۹

کاک ديهه ۲۸۵

کاک (لڳ ڏنڈو يا ڳوٹ) ۳۳۸

کاسپ (انگريزن جي) ۳۶۵-۳۶۸

کاٹيو ۴۲۹م

کانڈوري ماڳ ۱۸۷، ۱۸۹

کانهرو کوٹ ۱

كتكو (تپومغلپين) ٢٨٩، ٢٩٠، ٢٩٥

كچ ٢٢، ٧٨-٧٩، ١٠٦، ١٣٠، ١٣٩، ١٥١-١٥٢، ١٥٥، ٢١٩، ٢٨٢، ٢٨٩، ٢٩٩-٣٠٠، ٣٠٧، ٣٠٩، ٣١٦، ٣٦٩، ٥٠٢، ٥٢٩

كچو ٦٢

كچي ٥٨، ٦١، ١٨٥، ٢٠٣

كچي ضلعو (بلوچستان) ٢١٢

كيڻ ٢٩٥

كراچي ٣٩-٥٠، ٩١، ١١٩، ١٢٣، ١٥٥، ٢١٨-٢٢٠، ٢٥٥، ٢٦٠، ٥٠١-٥٠٢

كراچي جو كوٽ ٢٢١

كربلا ٣٧٦

كرتہ قلعو ٤٧-٤٨

كڙتي ٥٠

كرتي ٦٣

ككرالو ككراڙو ١٥١-١٥٢، ١٥٥

ككرالہ جو ڏورو ٥٥٢

ككڙ تعلقو ٧٥

ككڙائي ٹڻ ٧١

كلكتو ٣٥٥، ٣٥٨، ٣٦٨-٣٩٨، ٤١٠، ٥٢٠

كلو ٨٣

كلو (شهر) ٢١٢

كنب (ڏورو) ٣٣٨

كنڊ كوٽ ١٦٢، ١٧٦

كنڊو ٥١٦

كنڊير ٥٢٢

كنكالي ٥٧

كنگرو ٢٠٥

كنگور (علائقو شاهبلاول جي پرسان) ١٣٣

كنگور ٨٨، ٣٣٣

كوٽ ڏجي ٥٥٧

كوڙي ٩١-٩٢، ١٨٧، ٢٧٣، ٣٦٦، ٣٨٨

كولهيرو ٣٩٥-٣٩٦

كوهستان ١٥، ٥٧، ٦٦، ٨٧، ١٦٥، ٢٥٩، ٣٥٥، ٣٨٨

كيٽي بندر ١٥١

كيتيون ٣١٥

كيچ ٥١، ٣١٢

ک

كاڙي ٧٥

كارڙي ٥٠٧

كارو ١٥٥

كارو در ٢٢١

كاري جو ڏورو ٥٥٤

كانڙو (ٹڻ) ٩٢

كپرو ٣٥-٥٠، ١٥٧-١٥٨، ١٥٥، ٥٢٢

كنڀڙي (مكان) ١١١

كڏڙو ٣٥٦

کرڑي ٢٢٦، ٢٢٩ - ٢٣٠
کرڑي جو ميدان ٢٢٦
کرڑي وارو ٹاٹو ٢٢٦
کرڑو مکان ٨٥ب
کريڑ ٢٨٢
کڻ مکان ١١١
کنيات ١٤٢ - ١٥٥ب
کهڙي ٣٨٠
کيراڻي (ديهه) ٧٧ - ٧٨، ٢٦٦
کيرٿر جو لک ٢٧٧

گ

گاج (ٽڻن) ١٨٧
گاجڻ (جبل) ١٨٧
گپچاڻي ديهه ٣٩٦
گجرات ٢٦، ١١٩، ١٩٠، ٥٠٥ب
گڏاپ ٣٩
گڏگام (گڙ گاڻون) ٢٠٥ب
گڏ گجرات ١١٥ب
گرجستان ٣٧٨
گرنار ١٩٩، ٢٦٥
گرهوڙ ١٥٦ - ١٥٨ب، ١٥٣ - ١٥٥ب، ١٥٦
گڙنگ بنگلو ٣٣٢ب - ٣٣٥ب
گنجاوه، گنداوا ٥٧ب - ٥٨ب، ٣١٦
گندهو جبل ٨١
گندهي وارو لک ٨١
گنگا ١٠٣ب، ١٠٥ب
گنگا، جمنا (نديون) ٦٥ب - ٦٦ب
گوسڙجي ٢٢٧
گولي ٣٢٢

گھ

گڙهه آباد ١٤٢ - ١٥٥ب
گڙهه وارو لک ٨٢
گڙهي (جمالين جي) ١٦١، ١٦٧
گڙهي خيرو ٢١٢ - ٢١٣
گنيڙاڻ (ماڳ) ٧١ - ٧٢
گوٹ الله بچايو خان جلباڻي ٣٢٥ب
گوٹ پيران - ڏتو جمالي ٢١٣
گوٹ پاراڻي کوسن جو ٥٠١ب
گوٹ امام بخش گاهو ١٢٠
گوٹ شاهه محمد لوحاڻي ٣٣٨
گوٹ شاهن رند ٣٤٣
گوٹ محمد صديق ۽ علي بخش هديه ٥٠٥ب

گھ

گهارو ٧٩، ١٠٩، ٢٣٨، ٢٤١ - ٢٥٢
گهارو (شهر پرڻن جو) ٢١٢
گهگهر ٥٠٦ب
گهگهي ٢٣٨ - ٢٤٠
گهگي جاگير ٩٢، ٢٥٧
گهگهي ديهه ٢٣٧ - ٢٣٨، ٢٥١
گهگهي (سيري واري جاگير) ٩٢
گهونگي ٣٩٧ - ٣٩٨
گهوڙا ٻاري ٢٢٥ب، ٣٥٥، ٣٦٠

ل

لاڏيون ۲۸۷
لاڙ ۵، ۸۹، ۱۴۱، ۱۷۰، ۳۸۵، ۳۶۳
لاڙڪاڻو ۴۸، ۲۲۷
لاڙڪاڻو ضلعو ۱۶۰، ۲۱۲
لاکڙو ۱۲۰، ۲۵۸
لاکيٹو لک ۴۱۴-۴۱۵
لال واهه ۲۲۸
لاهري بندر ۱۳۴
لاهور ۴۲۰
لس (ٻيلو) ۱۵، ۷۷-۷۹، ۸۱، ۹۲-۹۳، ۹۵-۹۸، ۱۰۰-۱۰۲، ۱۰۷، ۱۲۰، ۲۵۸
لس ٻيلو ۱۰، ۱۲، ۳۶، ۶۱، ۶۶، ۷۷-۷۸، ۸۲، ۹۱-۹۲، ۱۱۴، ۲۶۶
لکنو ۴۲۰
لندن ۴۱۹
لنواري ۱۴۶
لوڻو ۳۱۰-۳۱۲
لوٽي جنڪشن ۴۰۶
لوٽي جو ٽڙ ۳۱۱
لونگ پير ۲۶۰
لياري ۹۲، ۱۲۰، ۲۵۸، ۴۱۲

م

ماڻيل جبل ۶۸
ماجڻي (جوڻ) ۹۸
مارڙ ملير ديهه ۲۹۵، ۲۹۷
مارڪ واه ۳۴۳
ماريپور ۸۱، ۲۱۸-۲۱۹
ماڪي (جوڻ) ۴۵۲
مانسنگ جي ڪڙهه ۳۵۰
متهلو ۳۴۳، ۳۴۹
متوڙجي ڏنڊ ۳۴۰ م
مٺ (شهر) ۲۱۲
مٺڙائو واهه ۴۱۶
مڻي ۴۱۰
مڻي تعلقو ۲۸۲، ۴۰۹، ۴۲۹
مڻال پاڳ ناڙي ۴۰۷
مڻال ڪچي ۴۰۷
مڻال مڻي ۴۰۷
مڻال شورا ۴۰۷
محمودڻي پير (ماڳ) ۱۰۶
مڙهو بولاخان (ٽپو) ۲۸۹
مزارخان چانگ (ڳوٺ) ۲۹۴
مزاري (علائقو) ۴۰۰
مستونگ ۵۰
مسقط ۲۱۸، ۳۵۵، ۳۶۰
مسو واه ۳۹۸، ۴۰۰
مغليين (جاتي) ۲۹۱، ۳۰۳
مغليين (ٽپو) ۲۸۹
مڪران ۲۱۹
مڪلي ۲۶، ۱۵۱، ۸۹-۹۰، ۱۲۸،

۱۳۰، ۱۳۳، ۲۵۷-۲۹۸،
۲۵۹-۲۶۰، ۲۶۳-۲۶۷،
۲۶۸، ۲۷۲-۲۷۵، ۲۷۶
مکي ۱۵-۱۹، ۲۲-۲۴، ۲۶-۲۹-۳۰، ۳۱۴-۳۳۷
مگر پين (مغلپين) ۲۸۷
ملتان ۲۹-۳۰، ۳۸-۳۹۳-۳۹۹، ۴۲۰
ملڪ طوطا جو مقام ۸۱
ملير ۳۹، ۸۷-۸۹، ۹۱-۹۳،
۹۷-۹۸، ۱۰۱-۱۰۲، ۱۰۴،
۱۱۴، ۱۱۶-۱۱۷، ۱۲۹-
۱۳۰، ۱۳۳-۱۳۵، ۱۹۱،
۲۳۷، ۲۷۳، ۳۸۳، ۴۱۰-۴۱۵-۴۱۸
ملير ڪٽن ۸۷، ۴۱۶-۴۱۸
مڪمل جوھ ۱۷۷
منگھو پير ۱۰۱۹
موجن گوٹ ۴۱۶
موڪڻي (جوھ) ۴۰۵-۴۰۶
مول ۲۴۷، ۲۵۰
مولوي شھر ۲۱۳
موڻا چورا (ديھ) ۳۹۶
مھاڏيو جي مڑهي ۱۴۵، ۱۴۸، ۱۵۳
مھراڻ (دريا) ۱۸۶
مھراڻ جي پڪ ۴۶۱
مھراڻن واري واٽ ۴۵۷
ميسر جو ڳٺيرو ۲۰۹-۲۱۰
ميانج ۴۰۲
ميائي ۱۲، ۳۹۰، ۳۹۲
ميائي (قليلي واري) ۳۶۸-۳۶۹،
۳۷۲-۳۷۳، ۳۷۵-۳۷۸
ميائي (سونميائي) ۲۰۱۸
ميائي جو ٻيلو ۱۲۲، ۳۵۷
ميران جو مقام ۲۴۱-۲۴۲
ميرپور خاص ۳۰۷، ۳۱۵، ۳۸۷،
۳۹۰، ۳۹۲-۳۹۳، ۳۹۵،
۴۰۴، ۴۱۶
ميرپورخاص تعلقو ۳۸۰
ميرپور ساڪرو تعلقو ۷۷، ۹۸،
۱۳۷، ۴۰۴، ۴۵۲
ميرپور ماٿيلو ۲۲، ۷۹۷-۴۰۰
مير محمود خان جي پٽي ۳۴۳
ميرن جو ڳوٺ ۱۵۵
ميرو خان تعلقو ۱۶۰
ميري ڪوٽ ۵۰-۵۱، ۶۳-۶۴
ميري (قلات) ۳۵۵، ۳۶۰-۳۶۱،
۳۶۳

ن

نارو (الهندو) ۱۷۲، ۳۹۶-۳۹۸،
۴۵۱، ۴۵۷
ناريجا ڳوٺ ۳۹۰-۳۹۳
ناڑا ڙ ۱۲۱

ناڑي ۷۵، ۱۶۵، ۱۸۴، ۲۱۲-۲۱۴، ۲۱۶-۲۱۷، ۴۲۹
ناڑي (ٹڻ) ۲۱۰
نالي جو ڪوٽ ۲۶۶
نظاماڻي ڳوٺ ۴۱۶
للي ۳۳۸، ۳۴۰
ننگر پارڪر ۵۱، ۱۳۹، ۴۰۱، ۴۰۴-۴۰۶، ۴۰۹-۴۱۰
ننگر پارڪر تعلقو ۳۴۳، ۴۰۸
ننگر شهر ۲۷۵
نواب شاه ضلعو ۴۳۳
نٹن ٻولان ۲۰۹

و

وارهه ۲۱۲
واگهري ۲۲۰
وٽيجي ۲۱۸-۲۱۹، ۲۹۰، ۴۴۳
ويڻي جو ڪوٽ ۲۶۶
ويرا واهه ۶۸، ۴۰۲، ۴۰۶

هه

هاڙهو ۱۰۹، ۱۱۳
هاشم پٽڻ (شهر) ۲۱۲
هالا ۳۵۷، ۳۶۳-۳۶۴، ۳۶۹، ۴۱۷
هالا پراڻا ۴۴۵
هالار ۳۱۶
هالاڻي ۲۳۷
هاليجي ۲۷۵
همير اڻو ڪوٽ (عمر ڪوٽ) ۱۸، ۲۰
هند ۵، ۵۱، ۳۵۶، ۴۰۹، ۴۱۳
هندستان ۳۰، ۳۶۵، ۳۶۹، ۴۱۲-۴۱۴، ۴۲۰، ۴۳۰
هنگلاج ۲۰۱
هوسڙي ۳۳۱
هيتمان (ديهه) ۲۸۵
هيڪ-ٻريو جبل ۴۱
هيلجي ماڳ ۱۲۳

ي

يارو ڏاهري (ديهه) ۳۹۶

صحت نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٣	٦	اپرم	اپرئون
٥	١٢	پنهي	پنهي
٦	٣	ڪرهوهار	ڪرهم وهار
٨	٢٠	ماڇي ملغذار	مانجهي ملغذار
٨	٢٢	ڪئي واهار(٧)	ڪئي واهار
٨		حاشيم ۾ نمبر	نمبر(١) وارو حاشيو ڪاڍيو. نمبر(٢) کي نمبر(١) ڪريو، ۽ اڳتي نمبر وارا انگ بدلايو
١١	١٢	موسي	موسيٰ
١٨	١٤	صابر شر جي روايت	صابر شر جي روايت (١) هيٺ حاشيي ۾ اضافو ڪريو: (١) هيءَ روايت صابر قاسماڻي شر (ويڙهل ٻيروٽو تعلقو اباوڙو) جي زباني قلمبند ڪئي وئي.
٢٤	٤	هئي	هڻي
٣٤-ب	٤	ڪنوارئين	ڪونڊرين
٣٤-هم	٧	ڏها (٥)	ڏها (١)
٣٤-و	٢	گهوڙي	گهوري
٤٧	١٢	لهيه ماڇي	لهيا ماڇي
٤٧	١٤	امراڻي	عمراڻي
٤٩	٢٦	واپرايو	واپريو
٥١	٧	جت آهي،	جت، آهي
٥٢	٥	اعواني ڪيئي،	اعوانا، ڪيئي

صفحو/ست		غلط	صحيح
۵۲	۷	تن کي آ هردم اتي هيو، ديسن هوندا هان هنا	تن کي هردم رين دن هوندا هان هنا
۵۳	۱۹	کانو ٿو ڪٽي	ڪنو ٿو ڪٽي
۵۴	۸	ڪوتي	ڪوٽي،
۵۴	۲۵	واسون	واسو
۵۶	۲	هٽي ڪري	هٽي
۵۶	۱۶	ڪوريڪ	ڪوري ڪ
۵۶	۲۴	ڪرنائڪ چينو	ڪرناٽڪ چينون
۵۶	۲۶	اڻ-ڪاتيون	اڻڪاٽيون
۵۷	۱۴	ڊرن	ڊرن کي
۵۷	۱۶	اتوال	آڏوال
۵۷	۱۷	بداڻي	بداڻي
۵۸	۲۱	ماچن	مانجهن
۵۹	۵	تالپرن جو	تالپورن جون
۵۹	۱۷	رڻ سهائن	رڻ ملهائن
۵۹	۱۸	واريون	ورايون
۵۹	۲۱	ڪر ويلايون	گهر ويلايون
۶۰	۶	احد	احدي
۶۱	۱-۱۰	سچو بيت	هيٺ ڪاٽيو، صفحي ۶۳ تي صحيح صورت ۾ ڏنل
۶۲	۱	شاهه پهارو نالي هڪ سيد جي ڪمان	شاهه پهاري جهنجڻ جي ڪمان هيٺ
۶۳	۶	ميرِ ويڻي	ميرِ ويڻو
۶۳	۱۱	ميرِ ۾ ميرِ	ميرِ ميرِ
۶۳	۱۳	يا ويو	ڪيئن ويو
۶۳	۱۶	ڊريو	ڊريا

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۶۳	۱۸	اهدي	احدي
۶۴	۱۰	لهڙو	لهرو
۶۴	۱۴	مير عبد الله خان	عبد الله خان
۶۴	۱۶	زحمن سين	زهمن سين
۶۴	۲۴	گنگا جمنا	گنگا
۶۵	۱	دانُ	ڏانُ
۶۶	۲۰	آ جنگو جنگ تي،	جنگو جنگ تي آهي،
۶۶	۲۱	ترکن ۽ ترارين جا	ترکن ترارين جا
۷۷	۹	هو گبولن جي	هو بگهياڙن جي
۷۸	۱۳–۱۶	اصل پنهنجي ... پٽڻ اکاريو	اهي لفظ ڪاٿيو صحيح ناهن.
۷۹	۱۹	کهڙو آهين	ڪائو آهين ؟
۸۰	۱۷،۲۱،۲۶	عهدي	احدي (هيٺ سڄي ڪتاب ۾ ائين درست ڪريو).
۸۲	۱۰–۱۵	ٻه بيت	هي ٻئي بيت آڏو "آڇٽي" واري جنگ جا آهن.
۸۳	۱۸–۱۹	(دودن جي جنگ)	اهي لفظ ڪاٿيو
۹۴	۲	سندس پٽ	سندس ٻڌيان
۹۵	۱۴	آڇهه مَ	آ ڇَهه مَهه
۹۶	۱۳	پوءِ سوڙهو...لس تڏ ليٽي چٽيين لس تي.	پوءِ ساهه جو سوڙهو ڪيوءِ،
۹۹	۲۴	هوءِ جنگ ۾ جو	هوءِ جنگ جو
۱۰۰	۴	ڪري گور	ڪري گهور
۱۰۰	۱۱	جانتو ڪين جام	جانتوءِ ڪين جام
۱۰۲	۲۰	سمن صفون جوڙيون	سَمُهن صفون جوڙيون
۱۰۲	حاشيه	يا ميان سرفراز ڏانهن	اهي لفظ ڪاٿيو

صفحو/ست		غلط	صحيح
١٠٣	١	سردار حي	سردار جي
١٠٣	٢	ابڙا ڏڙ پتار	آيا ڏڙ ڏيتار
١٠٤	١٦	هسو مڏير	هسو سچر
١٠٦	٣	پاڙي مان	پاڙي مان هو
١١٧	٢١	ٿوهر چيوءِ	ٿوهر چوءِ
١٢١	٦–٨	جنهن تي... تيار ڪيو	جنهن تي چام بجار برفتن خلاف جاڪرن ڪي همتايو.
١٢٧	٦	وڏي ڪان تلڪار	وڏي تلڪار
١٢٩	١٠–١٣	انهيءَ ڪري... زور ڏيڻي	اهي لفظ ڪاڏيو
١٢٩	١٤–١٥	ملير تي...چڪوهو	اهي لفظ ڪاڏيو
١٣٣	٣	ڪنگور علائقي	ڪنگوري واري علائقي
١٣٣	٢٢–٢٤	اها ميار... وڏي گهوڙن"	اهي لفظ ڪاڏيو
١٣٣	٢٥	ڏڻي ويا	ڏڻي ويا
١٤٢	١١	بستان بندر	بستا بندر
١٥٢	١٨	لڪاني ڇانهين	لڪاني گجو
١٥٢	٢٠	ستابي گجوءِ	ستابي ڇانيهي
١٨١	٩	گوڏي	گوڏي
٢٠٣	عنوان	رتڙن، مگسين...	مگسين...
٢٢١	٢٠	تن جي تاب تڙيين (ست)	هن ست بعد هي لفظ وڏايو: "ملڪن واري ڏيڙي جا اڳواڻ نوتڪ تيسب ۽ ڪيڪوهڙا"
٢٢٤	١٤	سائينو مصري ڪري وات ۽	سؤ خو مصري ڪري وات ۽
٢٤٠	١	ڪا ماڙي	ڪا مائي

صفحو/سٽ		غلط	صحيح
۲۴۲	۲۴	قل سچر لاشاري	هن جملي کان وڏي صفحي
۲۴۳	سچو	پهلوان هو...	۲۴۳ جي آخر تائين کاڻيو. اهو سچو ذکر ۱۰۴-۱۰۵ صفحن تي آيو آهي ۽ جتي صحيح آهي.
۲۴۵	۱۹	پيو. چون ٿا تہ(۱):	پيو (۱). چون ٿا تہ :
۲۵۲	۱۸	ميان امين محمد	ميان محمد امين
۲۵۵	۱۸	مقهرو	سهرو
۲۵۹	۷-۱۱	ان بعد ميان... طاقتور ٿيا	اهي ٻئي جملا کاڻيو
۲۵۹	حاشيہ	مشهور شاعرن	مشهور شاعر
۲۶۰	۱۲	سيد علي شيرازي وٽ	سيد علي شيرازي جي گادي واري وٽ
۲۶۷	۱۶	گبول	هديه نوٽياڻي
۲۶۹	۱۱	پتنگب ٿا پچن	پتنگ ٿا پچن
۲۷۰	۱۶	جڙواڙ	جڙوار
۲۷۱	۱۹	تہ کاريء قندار	تہ کاريء رات قندار
۲۷۲	۷ حاشيہ	گبول	هديد نوٽياڻي
۲۹۱	۲۵	پاڳو تن کي	پاڳوتن کي
۳۰۵	۱	ملوک سان	ملوک سا
۳۱۵	۴	ميرمحمد خان	ميرمحمود خان
۳۱۷	۵	ارتل	اٽل
۳۱۷	۸	حتي	ڇڻي
۳۱۷	۱۱	دانبين‌ء دانهن	دانهيي دانهن
۳۱۷	۱۳	اولا ... انکي	اولا پيا اتي سي اتکي
۳۱۹	۶	راوت رڌ	راوت رند
۳۲۱	حاشيہ	ميرمحمد خان	ميرمحمود خان

صفحو/ست		غلط	صحيح
٣٢٢	٦	جهڪاڇهڪ	چهڪاچهڪ،
٣٢٥	٩	سر سهيون	سر ساهيون
٣٢٩	١-٣	پهريون ٽي سٽون	ڪاٽيو. اهي بيهر اڇي ويون آهن
٣٢٩	٨	لال ليڪن لهرا	لال ليڪن لڪ لهرا
٣٣١	١٠	او تائيندو هو	او نائيندو هو
٣٣١	١١	پرائي جهيڙي	پرائي جهيڙي
٣٣٥	٧	وڏيرو	وڏو
٣٣٩	حاشيه	سرائي	سرياڻي
٣٥١	٩	پڇايون	پُڇايون
٣٨١		(١) ۽ (٢)	متن توڙي حاشيه ۾ (١) بدران (٢)، ۽ (٢) بدران (١) ڪريو
٤٠١	٣	ڊپٽي ڪمشنر	پوليٽيڪل ايجنٽ
٤٠٤	١٢	ڊپٽي ڪمشنر	پوليٽيڪل ايجنٽ

Besides its literary value, the material which has been collected and compiled in the present book is of historical importance. It is an entirely new source of information which throws light on a number of events not recorded in historical works.

Hyderabad, Sindh
18th March 1984

N. A. Baloch

PREFACE

This is the eighth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature project, approved in 1956, for the collection, compilation and publication of Sindhian folklore.

The work on this Project was started in January 1956, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far 36 volumes have been published and this is 37th volume published under this project.

JANGNAMA (plu) or War Ballads is the subject matter of this book. These ballads (mainly the *bait* compositions) pertain to the fights and Forays between various opposing parties, the more orgnized battles between groups and tribes, or the wars between the ruling chiefs. The texts of have been recorded from oral tradition current in different parts of Sind and some of the adjoining areas. The earliest brief composition that has come to light pertains to the year 970 A. H. (1562 A.D.) when Murid Khan Baloch killed Mirza Muhammad Saleh, the Tarkhan ruler of Thatta. The latest composition are those pertaining to the period of British rule on Sindh, mainly the 19th century.

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board.

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

Ist Edition 1984 2,000 Copies

[Price: Rs. 50.00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL
Sind University, Station Road, Jamshoro,
(G.P.O. Box No: 12, Hyderabad, Sind.)

Printed by Mian Allah Bachayo Yusufzai,
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press,
Tilak Incline, Hyderabad Sind.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE

BOOK—VIII

THE WAR BALLADS

Compiled & Edited

N.A. BALOCH

M.A., L.L.B. (Alig.), M.A., Ed. D. (Columbia)

Director,

Sindhi Folklore and Literature Project.

SINDHI ADABI BOARD

JAMSHORO/HDYERABAD SIND

PAKISTAN

1984

